س.ا.س ستِي سکرڊاٽ ڪام

# دهليءَ جو درشن

سفرنامو

(الطاف شيخ)

ڊجيٽل پبلشر


سنڌي ادبي سنگت

شاخ سکر سٽي

(ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پهَ لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ستيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو ابن بطوط چئجي ته نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما ۽ ٻيا ليک پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نہ ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، چا ڪاڻ تہ اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

عبداللطيف انصاري

شمس آباد سکر سنڌ

فون : 0333.7146119

اي ميل ؛ abdullateefansari@yahoo.com

# انتساب

## آسودو رام اوڏ

دهليءَ ۾ رهندڙ سڪرنڊ جي هڪ غريب ۽ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي ۽ ان جهڙن ٻين انيڪ انسانن نالي جيڪي هٿين خالي وطن ڇڏي ڌارئين ديس پهتا ۽ اتي به لڳاتار پورهئي ، محنت، ايمانداريءَ ۽ سادگيءَ سان وقت گذاري، هنن پاڻ کي به زنده رکيو ۽ پنهنجي اولاد کي به پاليو پر تعليم جهڙي زيور سان به آراسته ڪيو. اڄ انهن جا ٻار ملڪ جا وڏا ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، ۽ بزنيس مين آهن. اڄ به محنت، ايمانداري ۽ نهٺائي هنن جي علامت آهي.

**الطاف شيخ**

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فهرست

1. انڊيا وڃڻ جو پروگرام
2. انڊيا وڃڻ لاءِ بس جو ڀاڙو ۽ ڪرنسي
3. هندستان ڏي روانگي
4. گهوٽ چڙهي گهر گهوڙي ايندو
5. ڪارول باغ جي هوٽل ۾
6. ملاڪا شروات جي ملڪ ۾
7. انڊيا ۾ مسلمان وڏيڪ سلامتي سان رهن ٿا
8. سرڪاري ٺيڪيدارن لاءِ سستا مزور
9. هردوار – هندن جو حج
10. هردوار کان واپس نيو دهلي
11. دهليءَ ۾ سنڌي ڇوڪرين جو اسڪول
12. انڊيا ۾ رهندڙ اسان جا اوڏ
13. دهليءَ ۾ ماڻهو سڄي رات پيا گهمن
14. انڊيا جو Corrupt پير
15. هڪ مسافر لاءِ ضروري ڳالهيون
16. دهلي جي عمارتن جو سير
17. منهنجي گروپ جا ماڻهو ۽ خريداري
18. دهليءَ جي گهٽين ۾
19. دهليءَ کان بڙودا
20. گجرات جي شهر بڙودا ۽ آسپاس ۾
21. دهلي جو قطب مينار
22. برلا مندر
23. دهليءَ جون حويليون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

24. دهليءَ جي جهوني ۾ جهوني لئبرري
25. انڊيا ۾ سنڌي
26. ٻه اکر دادا جشن لاءِ
27. انڊيا جي رستن تي هلندڙ ڪارون...
28. رهائش جو مسئلو
29. ڇا دهلي ٺڳن کان مشهور آهي ...
30. ڪيترا عرب انڊيا ۾ شاديءَ لاءِ اچن ٿا
31. جيڪي ڳالهيون رهجي ويون
32. انڊيا جي ماڻهن لاءِ نوڪريون جام ڇو؟
33. بالي ووڊ جا ڪجهه سنڌي
34. ڇا ڪائجي پيئجي ۽ بيمار ٿيڻ کان بچجي
35. ٻه لفظ دهليءَ بابت ...
36. انڊيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين
37. Eat Here and Get Gas
38. ڪامياب راستي
39. انڊيا بابت ڪتاب ۽ انڊيا جا رائيٽر ...
40. انڊيا ۽ دهليءَ سان واسطو رکندڙ ڪجهه اهم سن


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# انڊيا وڃڻ جو پروگرام

اسان جي پاڙيسيري ملڪ انڊيا جو هي منهنجو سفر پهريون به ڇئي سگهجي ٿو ته ٻيو به. ان ڪري جو هن ڪان اڳ به منهنجو انڊيا وڃڻ ٿي چڪو آهي جڏهن اسان مئٽرڪ ڪلاس ۾ هئاسين. تڏهن مون سفر ناما لکڻ شروع نه ڪيا هئا. ۽ دهلي جو لال قلعو امرتسر جو گولڊن ٽيمپل يا آگري ۾ تاج محل ڪي چڱي طرح ڏسڻ بدران, اسين ڪلاس ميٽ هر هنڌ ڊوڙڻ ڊڪڻ ۽ ڪلفيون ۽ دهي ٻڙا کائڻ ۾ مشغول ٿي رهياسين. اهو سال 1960ع هو جڏهن اسين ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جا سي (Sea) اسڪائوٽ پنهنجن ٻن پروفيسرن; ڪمانڊر اسرارالله ۽ فيروز خان سان گڏ چٽاگانگ ۾ اسڪائوٽ جهموري اٽينڊ ڪرڻ لاءِ نڪتا هئاسين. بس ذريعي پيٽارو ڪان ڪراچي پهتاسين, تڏهن نوري آباد وارو سپر هاءِ وي اڃا نه ٺهيو هو سو ٺٽي پاسي ڪان نيشنل هاءِ وي آياسين. ڪراچي مان ڪراچيءَ جا به ڪجهه Sea_ Scouts شامل ٿيا ۽ ريل ذريعي لاهور پهتاسين جتان پوءِ بارڊر ٽپي امرتسر آياسين. امرتسر شايد ڏينهن به رهي پوءِ ريل ذريعي ڪلڪتي آياسين. رستي تي ٻن ٽن شهرن ۾ ترسياسين جن مان آگرو, لکنؤ ۽ دهلي هن وقت ياد اٿم جو انهن شهرن جي تاريخي جاين اڳيان نڪتل منهنجا ۽ منهنجي ڳوٺائي نجم انصاريءَ جا فوٽو اڃا تائين اٿم. لاڙڪاڻي جي مشهور وڪيل ۽ سفير عبدالفتاح ميمڻ جو پٽ مرحوم علي رضا ۽ ميرپور خاص جو خالد لطيف پڻ ان گروپ ۾ شامل هئا ۽ منهنجا ڪلاس ميٽ هئا.

ڪلڪتي ۾ ڏينهن به رهڻ بعد وري ريل ذريعي ڍاڪا آياسين جتان پوءِ نارائڻ گنج, نارائڻ گنج مان اسٽيمر ذريعي سڄي ڏينهن جي سفر بعد چٽاگانگ آياسين ۽ واپسيءَ تي انڊيا جي هڪ ٻن شهرن مان ٿيندا ڪراچي موٽياسين.

جهازي نوڪري ذريعي اسان جي ڪمپني جا جهاز بمبئي, مدراس, ٽراونڊرم ۽ ڪلڪتي جهڙا انڊيا جا وڏا بندرگاهه توڙي رتناگيري, ڪروار ۽ گوا جهڙا ننڍا بندرگاهه ڇهندا رهيا ۽ منهنجا ٻيا ڪلاس ميٽ ۽ دوست جهازي انڊيا جي مٿين بندرگاهن جا ڪيترائي چڪر هڻندا رهيا پر اتفاق اهڙو ٿيندو هو جو جنهن جهاز تي منهنجي بدلي ٿيندي

هئي ان جو انڊيا وچڙ جو پروگرام نہ ٺهندو هو. 1971ع واري جنگ کان ڪجهہ هفتا اڳ اسان جي جهاز جو پروگرام بمبئي ۽ مدراس ڏي ٿيو. پر اڃا اسين بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ مشرقي پاڪستان) جي بندرگاهن چٽاگانگ ۽ چالنا وغيره ۾ هئاسين تہ لڙائي شروع ٿي وئي ۽ نہ فقط شروع ٿي وئي پر اها ڪٽي چئجي تہ اسلامي تاريخ جي بري طرح هارايل جنگ ثابت ٿي. پاڪستان ريڊيو ڪوڙ ستي پنهنجن کي ٺئي منجهائيندو رهيو. آخر ۾ اسان جا جيڪي انڊيا جي بندرگاهن ۾ جهاز هئا اهي تہ ڦاسي پيا پر چٽگانگ ۽ چالنا جهڙن پنهنجي ملڪ جي بندرگاهن ۾ پيچ ٻڪ ۽ وٺ پڪڙ ۾ ڪجهہ جهاز نڪري ويا، ڪجهہ تباهہ ٿي ويا ۽ ڪجهہ تي انڊيا قبضو ڪري ان تي سوار جهاز هلائيندڙن ۽ مسافرن کي ٻن سالن لاءِ قيدي ڪري رکيو. منهنجا ڪيترائي ڪلاس ميٽ ڪئپٽن افتخار KPT وارو، ڪئپٽن عرفان ڊار (DGPSوارو)، ڪئپٽن رياض چوڌري سانگهڙ وارو انهن هزارين قيدين مان چند هئا جيڪي هندستان جي جيلن جي ٻہ سال هوا کائيندا رهيا.

جنگ، جهيڙا، امن خوشيون زندگيءَ جو ڪاروبار هلندو رهي ٿو. هڪ ئي گهر ۾ رهندڙ ٻن ڀائرن جي وچ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن ٽڪراءُ ٿيندو رهي ٿو. تڏهن تہ پهاڪو ٺهيو آهي تہ جتي ٻہ ٿانو هوندا اتي ضرور ٽڪراءُ ٿيندو. هيڏين جنگين لڙائين هوندي بہ هڪ ڳالهہ مون نوٽ ڪئي تہ ٻاهر جي دنيا ۾ ڦرين بہ، ۽ هاڻي بہ هڪ عام انڊين ۽ هڪ عام پاڪستاني پوءِ چاهي اهي هندو هجن، مسلمان يا سک عيسائي پاڻ کي هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ پنهنجو ٿا سمجهن. شايد ان ڪري جو اسان جو مذهب ڪٽي ٻيو هجي پر ڌرتي، ڪلچر، ثقافت، غميون خوشيون، کاڌا خوراڪون، پوشاڪ، ريتون، رسمون، راڳ مرثيا ۽ پڄنون ساڳيون آهن. اسان ساڳي تاريخ جو حصو آهيون. تاج محل ۽ جامع مسجد ڪٽي انڊيا جي شهر آگري ۽ دهلي ۾ هجي پر اسان بہ تہ ان کي پنهنجو سمجهون ٿا ۽ اسان هلي ملي اجمير حضرت معين الدين چشتي ۽ دهلي خواجہ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي وڃون ٿا. انڊيا جا سک حسن ابدال اچن ٿا، احمد آباد، ٻڙودا جا سنڌي پنهنجي پراڻي پومي سنڌ ۾ اچي آسيس محسوس ڪن ٿا.

بهرحال منهنجو هندستان جو ڦيريون ۽ مختصر سفر اڄ کان پنجيتاليهہ سال اڳ جو هو. ان بعد ڪجهہ سالن بعد جڏهن مئرين انجنيئر جي حيثيت سان پاڻيءَ جي جهازن تي نوڪري شروع ڪيم تہ جتي يورپ، آمريڪا ۽ بيين ڏورانهن ڏيهن ڏي وڃڻ جو شوق ۽

Adventure جو مزو هو اتي پنهنجي پاڙي جي ملڪ هندستان جي بندرگاهن ۾ وڃڻ پنهنجو Charm هو. ڪٿي مهيني کن جي ساموندي لوڏن ۽ طوفانن، بعد لنڊن، ڪوپن هيگن، اسٽاڪهوم جهڙن مهانگن ملڪن ۾ پهچي سرد هوائن ۾ سٽجڻ ۽ ڪٿي فقط ٻن ڏينهن جي سفر بعد بمبئي پهچڻ چئن ڏينهن ۾ ڪلڪتي پهچڻ جتي پنهنجي ملڪ جهڙي سستائي ۽ ڪچلر هو. جتي انهن ڏينهن جي دلپسند وندر انڊين فلمون هيون، تواريخي جايون هيون، تاريخ جهڙا ڪتاب جن کي اسڪول جي ڏينهن ۾ ڪڏهن به پڙهڻ ۾ مزو نه آيو سي ڊگهن ساموندي سفرن ۾ پڙهڻ بعد تاريخي جاين ۾ دلچسپي پيدا ٿي ۽ جن لاءِ هندستان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو ملڪ ناهي. ۽ پوءِ هندستان سان تعلقات سڌرڻ بدرا ويا خراب ٿيندا ۽ اسان اوڏا هوندي به ڏور ٿيندا وياسين. چاليهه سال کن ساموندي نوڪريءَ سان واسطو هوندي به انڊيا وڃڻ نه ٿيو ۽ هاڻ سٺ سالن جي عمر تي پهچي جهاز ۾ سفر ڇڏي اچي گهر ويٺو ٿيس ته پاڙي ۾ رهندڙ منهنجي پيٽارو جي دوست نولراءِ اوڏ اچي ٻڌايو ته سندس پٽ مڪيش جيڪو انگلينڊ ۾ رهي ٿو اهو اتي جي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري رهيو آهي. ”پر ان شاديءَ جي مڱڻيءَ جي رسم هتي ڪراچيءَ ۾ ٿيندي ۽ شادي هندستان جي گجرات صوبي جي شهر ٻڙودا، ۾ هتان ڄڄ ۾ منهنجا مائٽ مٽ هلي رهيا آهن توهان به هلو.“

”نيڪي اور پوچهه پوچهه. ٻيو ڪو هلي يا نه آئون ضرور هلندس.“ مون ٻڌايومانس.

نولراءِ اوڏ اڄڪلهه ملتان ۾ انڪم ٽئڪس ڪمشنر آهي سو انڊيا جي ويزا لڳرائڻ لاءِ مون کي پاسپورٽ ملتان موڪلڻ لاءِ چيائين.

”مڙيئي مهينو ڏيڍ کن رهنداسين جو رامچند جي پٽ جي شادي به انڊيا جي شهر دهليءَ ۾ ٿي رهي آهي. اسان گهڻي ئي ڪوشش ڪئي آهي ته هفتي اندر ٻئي شاديون ٿي وڃن پر اسان جي پنڊت جيڪي شاديءَ جون تاريخون چونڊيون آهن انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ مهيني جي وٿي آهي.“ نولراءِ ٻڌايو.

”توهان جا نه فقط ڇوڪرا پر ٻائو به پلو ٿو لڳي جو هنن نه فقط هنن شادين جو پروگرام انڊيا ۾ رٿيو آهي پر گهمڻ لاءِ مهينو کن اسان کي ڏياريو آهي.“ مون وراڻيومانس.

نولراءِ اوڏ ۽ رامچند اوڏ ٻئي ڀائر منهنجا 1959ع کان سڃاڻا آهن جڏهن هو ڪنڊيارو کان ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ آيا هئا. بلڪ هنن کان به هڪ سال اڳ سندن هڪ ٻيو وڏو

پاڻ ارجن داس اوڏ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ اسان سان گڏ آيو هو. ارجن پيٽارو مان نڪرڻ بعد MBA ڪئي ۽ مرحوم نثيي هوندي ئي هڪ روڊ حادثي ۾ گذاري ويو. پيٽارو ۾ هوندا هئاسين ته هر سال اونهاري جي موڪلن ۾ اسين ڪجهه دوست پيٽارو کان پهرين هالا اسان وٽ هڪ ڏينهن کن رهي پوءِ سڌو در ٻيلي احمد حسين مخدوم ۽ خادم حسين ميمڻ جي گهر ايندا هئاسين. ان بعد پر واري ڳوٺ مچر ۾ بشير وسطڙو وٽ ۽ پوءِ ارجن داس اوڏ جن وٽ ڪنڊياري ۾ رهي پوءِ خيرپور. باقي ٻن ساٿين: شوڪت جماڻي ۽ مرحوم نجم قاضيءَ جي گهر رهندا هئاسين ۽ آخر ۾ لاڙڪاڻي اختر عباسيءَ وٽ ڳوٺ وليد ۾ رهندا هئاسين. سندس ننڍو ڀاءُ صفدر جيڪو پيپلز پارٽي سان تعلق رکي ٿو ۽ سينٽر به آهي انهن ڏينهن ۾ ٻن ٽن سالن جو هو جو اسين هن کي ڪڇ تي کڻي هلندا هئاسين. ارجن داس اوڏ جي گهر صفدر وانگر هڪ ٻار نه پر ڪيترائي ٻار هئا. مون سمجهيو پاڙي جا آهن پر ارجن داس ٻڌيو ته اهي سڀ هن جا ڀائر ۽ ڀينرون آهن جو هن کي ٽي مائرون آهن. ارجن داس ۽ رامچند ٻي ماءُ سونهري جا پٽ آهن ۽ نولراءِ ٽي ماءُ نانڪي جو پٽ آهي. هنن جي والد صاحب نارائڻ داس اوڏ ٽي شاديون ڪيون ۽ ڪيس اوڍهيڻ کن پٽ ۽ ڏيئرون ٿيون. نارائڻ داس کي ننڍي هوندي کان پڙهڻ جو شوق هو پر ان سان گڏ انهن جي والد ڦندڻ مل کي به Credit ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي جو هن پنهنجي پٽ جي شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري پڙهايو. تن ڏينهن ۾ مئٽرڪ امتحان ڏيڻ لاءِ به بمبئي وڃڻو پوندو هو. نارائڻ داس 1930ع ڌاري مئٽرڪ ڪئي ان بعد اتان Law ڪيائين ۽ پوءِ هائر جا امتحان ڏئي روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ لا چونڊجي ويو ۽ آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي پوسٽ تي رٽائرڊ ٿيو.

ڪئڊٽ ڪاليج ڇڏڻ بعد به اسان جا هن اوڏ فئمليءَ سان ويجها تعلقات رهيا. شادين غمين ۾ هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ. ارجن داس ته گذاري ويو پر نولراءِ ۽ رامچند سان ۽ ٻين ڀائرن سان به دوستي وڌندي رهي. سندس والد نارائڻ داس اوڏ جون ڪجهه ڳالهيون قابل داد ۽ سبق آموز آهن. ڪيترا ماڻهو وڏي رتبي يا عهدي تي پهچڻ بعد پنهنجي ذات به بدلائي ڇڏيندا آهن. ويندي پاڪستان کان جيڪي اڌو لڏي انڊيا ويا اهي هاڻ اوڏ سڏائڻ بدران راجپوت سڏرائين ٿا پر نارائڻ داس صاحب ننڍي هوندي کان ٻارن کي چوندو هو ته پنهنجي اصل ذات اوڏ ئي لکندا ڪريو. سندس ٻي ڳالهه ڊسيپلين جي آهي. هن ٻارن تي هميشه

ڪڙي نظر رکي، جيتوڻيڪ هو مشغول ماڻهو هوندو هو. ڪيس وڏو عيال هو پر هر هڪ ٻار جي تعليم ۽ تربيت تي ذاتي ڌيان ڏيندو هو ته هن جا ٻار سنيون ڳالهيون سکن. سوير سمهن سوير اٿن. پڙهائيءَ ۾ گهٽي ڪان گهٽ ڌيان ڏين.

نول ۽ رامچند وارن نه فقط مئٽرڪ ۽ انٽر ۾ مٿاهين پوزيشن کنئي پر ٻنهي ڄڻن NED مان BE جي ڊگري حاصل ڪرڻ ۾ پڻ. نولراءِ ان بعد Law ڪيو ۽ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو ۽ ان سان گڏ سول سروس جو امتحان پاس ڪيو ۽ پنهنجي انجنيئرنگ جي نوڪري ڇڏي انڪم ٽئڪس ۾ آيو جتي اڄا تائين نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ اڄڪلهه ڪمشنر آهي.

رامچند اوڏ ڪي BE ۾ سني پوزيشن ڪڍڻ ڪري ٿائليند جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جي اسڪالر ملي، ان بعد آمريڪا مان پي ايچ ڊي ڪرڻ بعد ڪيس يونائيٽڊ نئشن ۾ نوڪريءَ جي آڇ ٿي ۽ اڄا تائين انهن سان واسبته آهي. پاڻ UNO طرفان انڊونيشيا، انڊيا ۽ نيپال جهڙن ملڪن ۾ نوڪري ڪرڻ بعد ڪافي عرصي کان آمريڪا جي رياست ڪالروڊو ۾ رهي ٿو.

نولراءِ ۽ رامچند وارن جا ٻيا ڀائر به (۽ هاڻ ته سندن ۽ سندن پيڻن جو اولاد به) محنت ڪري نه فقط ڊاڪٽري ۽ انجنيئرنگ جون ڊگريون حاصل ڪيائون پر صحيح طرح تعليم به حاصل ڪيائون جو هو جنهن فيلڊ ۾ آهن ڪامياب آهن. ان جو مثال ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته رامچند جي هڪ ڀيڻ ميران جو هڪ پٽ پرديپ جڏهن ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ انٽريو لاءِ ويو ته هنن ڪيس اهو چئي انٽرويو وٺڻ کان انڪار ڪيو ته هو مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو گريجوئيٽ آهي جن کي ڪجهه نٿو اچي ۽ اجايو انٽرويو وٺڻ ۾ به اسان جو ٽائيم خراب ٿو ٿئي.

”توهان پلي مون کي نوڪري نه ڏيو پر آئون هيڏو ڪهي ڪنڊيارو کان ڪراچي پهتو آهيان منهنجو انٽريو ته وٺو.“ پرديپ کين چيو ۽ هو ڪنهن طرح سان راضي ٿي ويا ۽ پوءِ جڏهن انٽرويو ورتائونس ته اهڙو ڪو سوال نه رهيو جنهن جو پرديپ جواب نه ڏنو. انٽرويو وٺڻ وارو باس منهنجو سڄاڻو هو ۽ ان ئي مون کي اهو واقعو ٻڌايو. هن چيو ته اميدوار جي ذهانت ۽ ناليج ڏسي هو نوڪري ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي ويو. هو سڀ ۾ ٽاپ جو نڪتو ۽ ڪم ۾ به ايڏو

محنتي، خوش مزاج، چاڻوڻ ايماندار جو سال کن بعد جڏهن پرديپ کي سرڪاري نوڪريءَ جي آڇ ٿي تہ پرائيويٽ ڪمپنيءَ وارا مون وٽ هلي آيا تہ آئون هن کي پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ ئي رهڻ لاءِ راضي ڪريان جنهن لاءِ هو هن کي سندس مرضيءَ مطابق وڌو پگهار ۽ هر سهولت ڏيڻ لاءِ تيار آهن. Ironically هي اهوئي مهينو هو جنهن ۾ گذريل سال پرديپ ڪمپنيءَ وارن کي منٿون پئي ڪيون تہ نوڪري پلي نہ ڏيو پر انٽرويو وٺي منهنجو پاڙو تہ سجايو ڪريو.

هيءَ تہ ٿي بلڪل ماضي قريب جي ڳالهہ پر آئون گذريل چاليهہ سالن کان پنهنجن مائٽن ۽ دوستن ۽ بعد ۾ انهن جي اولاد ۽ مختلف ملڪن ۾ پڙهائڻ دوران پنهنجن شاگردن کي نولراءِ ۽ رامچند جي محنت ۽ جدوجهد جا مثال ڏيندو آيو آهيان. ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهڻ دوران اسان راندين ۾ پي ٽي پريڊ کان پيا پڇندا هئاسين پر هي هميشہ ڀرپور حصو وٺندا هئا. ويندي باڪسنگ ۾ بہ. هنن جو والد صاحب نارائڻ داس اوڏ کين هميشہ اها نصيحت ڪندو هو تہ هڪ صحتمند مائينڊ لاءِ صحت مند جسم بہ ضروري آهي ۽ جسم کي صحيح رکڻ لاءِ راندين روندين ۽ جسماني چرپر بيحد ضروري آهي.

NED يا BE ڪرڻ دوران هي ٻئي ڀائر ميناراِم هاسٽل ۾ رهندا هئا جتي سال کن انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو بہ رهڻ ٿيو. پيٽارو جا پيا بہ دوست ۽ ڪلاس ميٽ BE ڪري رهيا هئا ۽ ان هاسٽل ۾ رهيا ٿي. پيٽارو جي سختيءَ مان نڪرڻ بعد شهر جي زندگيءَ ۾ هر ڪو ڇڙواڳ ٿي ويو هو. ويندي اهي ڇوڪرا پڻ جيڪي سنڌ جي ٻين ڪاليجن مان انٽر ڪري هتي پهتا هئا. پر مون ڏٺو تہ هي اوڏ ڀائر ئي سخت ڊسيپلين ۾ رهيا ٿي. سندن پيءُ ڊپٽي ڪمشنر هو جيڪا پوسٽ 65_1964ع وارن سالن ۾ وڏي ڳالهہ سمجهي وئي ٿي، هنن وٽ پئسو بہ جام هو جو کين نہ فقط پيءُ وٽان پر سندن ٻن وڏن ڀائرن، گلاب راءِ ۽ حشمت راءِ طرفان بہ مليو ٿي جيڪي ان وقت اڳين ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿي چڪا هئا پر نولراءِ ۽ رامچند وارن نہ فضول خرچي ڪئي ٿي ۽ نہ اجايو گهمي ڦري وقت برباد ڪيو ٿي. هنن هر وقت کاڌي پيتي تي ڪنٽرول رکيو ۽ Over eating بدران ٿورو بک تي رهڻ کي ترجيح ڏني ٿي. "طوطو بہ تڏهن ٿو ياد ڪري جڏهن هن کي بک تي رکيو وڃي ٿو ۽ فجر مهل ياد ڪرايو ٿو وڃيس." هو پنهنجي والد يا وڏن ڀائرن طرفان ٻڌايل نصيحتون اسان کي بہ ٻڌائيندا هئا. پڙهڻ وقت هو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪٽ يا ڪرسيءَ تي ويهي پڙهڻ بدران ڪٽ اُڀي ڪري پٽ تي تڏو وڇائي پڙهندا هئا جيئن ننڊ يا گِڏاٽي نه ٿئي. امتحانن ۾ سٺا نمبر ڪڍڻ لاءِ سندن اهو اصول اڳتي لاءِ به رهيو. رامچند جڏهن ٿائيلنڊ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري رهيو هو ته انهن ڏينهن ۾ منهنجي نوڪري جنهن جهاز تي هئي اهو جهاز جاپان ڏي ويندي يا واپسيءَ تي موٽڻ وقت هفتو به بئنڪاڪ ۾ ضرور ترسندو هو ۽ رامچند وٽ پهچڻ وقت هو اتي به جڻ مينارام هاسٽل ۾ رهيو ٿي. عمارت ڪٽي اهڙي نه هئي پر ماحول ضرور هو. چوڌاري ٽڙيل پکڙيل ڪتاب ۽ انهن جي وچ ۾ هر وقت موجود پاڻ. ٻاهر بئنڪاڪ جي دنيا ۾ ڪهڙيون رونقون لڳيون پيون آهن انهن سان هن جو جڻ ته ڪو واسطو ئي نه هو. ننڍپڻ ۾ تعليم دوران سخت. زندگي گذارڻ بعد هن ڪي جڏهن پنهنجي خاص سبجيڪٽ (شايد Soil Engineering) مطابق نيپال، انڊيا ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن جي بيابانن، رڻ، پٽن ۽ جابلو علائقن ۾ پريڪٽيڪل ڪم ڪرڻ جي نوڪري ڪرڻي پيئي ته به هن خوش گذاريو ٿي ۽ بهترين Results مهيا ڪيون ٿي.

منهنجي شادي تي انڊيا هلڻ جون خبرون ٻڌي رامچند کي به خوشي ٿي ۽ ساڻس گڏ سندس پٽ به email ذريعي منهنجي همٿ افزائي ڪئي ته انڪل ضرور هلجو. دراصل سندن اوڏو فئمليءَ جي چاليهارو کن ماڻهن کان علاوه ڪيترائي سندن دوست فئملين سان هلڻ لاءِ تيار ٿيا پر آهستي آهستي ڪم ڪارين ڪري هر ڪو پنهنجو پروگرام ڪينسل ڪندو ويو. ويندي منهنجي زال به ماءُ جي بيماريءَ ڪري آخري وقت تي هلڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو ۽ جڏهن نولراءِ اوڏ انڊيا جي ويزا لاءِ اسلام آباد پنهنجي هڪ دوست کي پاسپورٽ موڪليا ته اوڏن جي پاسپورٽن ۾ Outsider فقط آئون هوس. ايتري قدر جو نول جي دوست منهنجو پاسپورٽ ڪيس ملتان واپس ڪيو ته هي شايد توهان ڪنهن ڏارئين جو غلطيءَ ۾ موڪليو آهي.

”ڀائي ائين ته نه ڪر. ان کي اسان جو ماٺٽ ئي سمجهه ۽ ڀرين ان تي ويزا لڳڻ ڪتي ٿي.“ نول هن کي منهنجو پاسپورٽ اسلام آباد واپس موڪليندي لکيو.

”نول اهو ته مسئلو ٿي پيو“ مون کي جڏهن خبر پئي ته مون نول کي ملتان فون ڪيو. ”ٻين کي ته گروپ جي صورت ۾ ملي وئي هاڻ منهنجي اڪيلي جي حالت ۾ انڊيا جو سفارتخانو انڪار نه ڪري.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”توهان فڪر ئي نہ ڪريو. توهان جي پاسپورٽ تي پنجن سالن جي آمريڪا، ڪئناڊا ۽ جاپان جي Multiple ويزا ڏسي انڊيا جي ويزا جو يڪدم ٺپو هڻي ڇڏيندا.“ نول دلداري ڏني جو آئون هاڻ ذهني طرح انڊيا هلڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي ويو هوس ۽ انڊيا گهمڻ ۽ سفر نامو لکڻ لاءِ هي سٺو موقعو هو. انڊيا جهڙي ملڪ ۾ اڪيلو وڃڻ ڪان مون بہ ڪترايو ٿي ۽ هينئر گروپ ۾ هلڻ تي رهيو هو جيڪو گروپ هڪ ڏارين جو نہ پر پنهنجن جو ئي هو. جنهن جو هڪ هڪ ڀاتي مون اڳيان ننڍو ٿي وڏو ٿيو هو. انهن جون شاديون ٿيون ۽ انهن جا ٻار وڏا ٿيا، پڙهيا ۽ هاڻ اهي بہ پيا شاديون ڪن. ۽ ٻي ڳالهہ تہ هنن جو هندو مذهب سان واسطو هجڻ ڪري مون کي ڪيترين ئي هنڌن جي ريتن رسمن، عقيدن ۽ عبادت گاهن جي ويجهڙائيءَ ڪان خبر پئجي سگهندي ۽ لکڻ وقت ناانصافيءَ جي Chance گهٽ رهندي، ۽ هن عمر ۾ جڏهن ريل گاڏين، بسين وغيره ۾ سامان چاڙهڻ ۽ لاهڻ ۾ اها ڦڙتي نہ رهي آهي اتي نول وارن جا ننڍا ٻائر ۽ انهن جو نوجوان اولاد منهنجي مدد ڪندو ۽ واقعي هنن سڀني منهنجو هر وقت خيال ڪيو ٿي. سامان کڻائڻ ۾ تہ ڇا هوٽلن ۾ رهائش دوران يا پڪنڪ ۽ شادين جي دعوتن ۾ مون کي اٿڻو نٿي پيو، هر هڪ مون ڪان اچي پڇيو ٿي تہ ڪجهہ کپي تہ هو ڪٽي اچن. يا مون کي اڪيلو ڪمري ۾ وينل ڏسي اچيو ڪچهري ڪن ۽ پڇن تہ انڪل بور تہ نہ پيا ٿيو. ايتري قدر جو مون کي ٻہ ٽي دفعا نول کي دانهن ڏيڻي پئي تہ يار هي تنهنجا مائٽ مون پاران اجايو ٿا پريشان ٿين. تون کين ٻڌاءِ تہ آئون گهر ۾ بہ هڪ هنڌ اڪيلو ويٺو لکندو پڙهندو آهيان ۽ مون کي نہ ڪاڏي پيٽي جو شوق آهي ۽ نہ ڪچهريءَ جو.

بهرحال اهي تہ ٿيون پوءِ جون ڳالهيون باقي ويزا دوران مون کي تہ ائين ٿي لڳو تہ انڊيا جي سرزمين تي خبر ناهي پير رکڻ نصيب بہ ٿيندو يا نہ. ويزا لڳي آئي تہ خبر پئي تہ منهنجي ئي فارم تي سفر ڪرڻ جي طريقي جو ٺپو لڳڻ وسري ويو آهي تہ آيا ٻاءِ بس ويندس يا ٻاءِ ايئر. سو هڪ دفعو وري منهنجو پاسپورٽ ۽ فارم نولراءِ کي انڊين سفارتخاني ۾ جمع ڪرائڻو پيو جيئن By Bus جو ٺپو هڻي ڏين. مون بس ۾ گهٽ سان وڃڻ چاهيو ٿي جيئن آئون ڪٽي ٻين سان ڪچهري نہ ڪريان پر ٻين جو ڳالهيون ۽ چرچا ٻوڳ ٻڌندو هلان ۽ ٻي ڳالهہ تہ لاهور ڪان امرتسر ۽ اڳتي دهليءَ تائين دنيا جي مشهور ۽ پراڻي روڊ Grand Trunk Road تان بس ۾ هلڻو هو. هن تاريخي روڊ بابت ڪجهہ سٽون اڳيان هلي ڪٿي لکان ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انڊيا جي ڌرتي تي پير رکڻ جي اميد ويتر گهٽ ان وقت ٿي وئي جڏهن پاڪستان جو بارڊر ٽپڻ کان اڳ اسان جو اميگريشن ۽ ڪسٽم وارن سان واسطو پيو. ايئرپورٽ تي ته ڪلاڪ اندر به ٿي اڏامون اچيو وڃن ۽ هر اڏام مان ٻه ٽي سؤ ماڻهو لهن ٿا. روزانو ايترن ماڻهن کي اتي بيٺل اميگريشن ۽ ڪسٽم وارا آرام سان منهن ڏيو وڃن ۽ هيڏانهن لاهور ڏي سڄي ڏينهن ۾ هڪ بس ٿي لنگهي جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ پنجاهه ماڻهو ڪي مس ٿا ٿين پر اسان کي ڇا ته ڪسٽم ۽ اميگريشن وارن تنگ ڪيو. سڄو ڏينهن ۽ رات ٽرين ۾ سفر ڪري ڪراچيءَ کان لاهور رات جو هڪ بجي پهتا هئاسين ۽ پورن ٽن ڪلاڪن بعد (يعني صبح جو چئين بجي) پاڪستان ٽورزم ڊپارٽمينٽ جي آفيس ۾ بس لاءِ آيا هئاسين جتان پوري ڇهين بجي بس رواني ٿئي ٿي. پورا ٻه ڪلاڪ اتي جو منجهيل عملو خبر ناهي پوليس کاتي طرفان هو يا ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ طرفان. ڪڏهن بئگون توريندا رهيا ته ڪڏهن بئگون کولرائيندا رهيا.

”بئگن ۾ يا هٿن ۾ جيڪي ڪئميرائون اٿانوَ انهن مان بيٽري سيل ڪڍي جمع ڪرايو... سامان جي هر بيگ تي Tag لڳائي ائڊريس لکو... سامان هن ڪنڊ ۾ ڪري رکو هاڻ هن ڪنڊ ۾ رکو. سامان مان ڪوبه ننگ هٿ ۾ نه کڻو... ڪين ئي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا چاهين ٿا... بهرحال اهو ته صاف ظاهر هو ته هنن کي ڪجهه خرچي کپي جيڪا اسان نٿي ڏيڻ چاهي. آخر اسان مان ڪن همراهن هنن کي چيو ته ”هي سڀ ججَ جا ماڻهو آهن ۽ توهان جي پنجاب جي انڪم ٽئڪس ڪمشنر جا پائر پيٽو ۽ انهن جا ٻار آهن.“ ان بعد خبر ناهي ان ڊڄڪي ڪري يا شايد ان ڪري به ته ڇهه ٿي ويا هئا ۽ بس کي هر صورت ۾ لاهور ڇڏڻو هو. سو اسان جو سامان جلدي جلدي بس ۾ رکايو ويو. باقي هنن به ڪلاڪ اسان کي جيڪو اجايو ڊوڙايو ۽ اڳيان واگها بارڊر وٽ جيڪو اسان جو تيل ڪڍيو ان اسان کي پويان پير کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

واگها ڪسٽم وارن کي چيوسين ته بيگن جي چيڪنگ ته ويهه منٽ کن اڳ لاهور ۾ ٿي وئي وري ڇو ٿا کوليو؟

”اها سيڪورٽي خاطر پوليس ڪئي.“ هنن وراڻيو ”۽ هاڻ اسان ڪسٽم جي خيال کان چيڪ ڪنداسين.“

انهيءَ دوران هنن جو ننڍو عملو (سپاهي) اسان کي في پاسپورٽ هزار روپيه سندن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آفيسرن کي خرچي طور ڏيڻ جي ”سهٽي صلاح“ ڏيندو رهيو. جنهن تان هنن هڪ روپيو به لهڻ نٿي چاهيو.

”آخر ڇاجي لاءِ چاليهن ماڻهن جا چاليهه هزار ڏيون.“ نولراءِ جي نائي شمن لال رڙيون ڪري چيو. نول ۾ ٻيا ڪجهه گهوٽ سان گڏ ڪجهه ڏينهن اڳ انڊيا ٻاءِ ايئر هليا ويا هئا. شمن اسان جو ليڊر ٿي پئي هليو ۽ في الحال خرچ پکو هلائڻ لاءِ هن کي نولراءِ انچارج ڪيو هو. شمن کين چيو ته ”پلي بئگون کوليو اسان کي اعتراض ڪونهي.“ جيتوڻيڪ اسان نٿي چاهيو ته اجايو بئگون کولين جو کولڻ بعد انهن کي بند ڪرڻ جي تڪليف ٿئي ٿي باقي ٻي ڪا به اهڙي شيءِ ڪسٽم ڊيوٽي ڏيڻ جهڙي نه هئي. اها ڳالهه هنن به سمجهي ٿي ۽ اسان به. ۽ هي ڪسٽم جو عملو ايڏو سست هو جو ڪائنن به اهو نٿي پڇو ته ڪٽي بئگون کولين. بهرحال في الحال ان ڳالهه کي پاسيرو رکي هاڻ اسان کان فارين ڪرنسي پسئن جو پڇڻ لڳا.

”توهان کي معلوم هجڻ کپي ته هڪ هزار روپين کان مٿي نٿا کٽي سگهو.“ ڪسٽم جي هينين عملي بئگن اڳيان بيٺل مردن، عورتن ۽ ڇوڪرين کي چيو. کين اهو معلوم ٿي چڪو هو ته هي هندو ڌرم جا پاڪستاني (شايد دڪاندار) انڊيا پيا وڃن پر هنن کي اها خبر نه هئي ته هن ۾ پروفيسر بسنت جهڙا 19 هين گريڊ جا آفيسر، ادا گلاب راءِ جهڙا رٽائرڊ سرجن/ ڊاڪٽر ۽ سندس پائيٽو اريگيشن جو انجنيئر رانا اوڏ ۽ ٻيا ڪيترا مرد، عورتون ۽ ويندي ڇوڪريون ليڪچرر، ٽيچر، ڊاڪٽر ۽ سرڪاري آفيسر آهن. بهرحال ان پئسي جي ڳالهه تي مردن کان وڌيڪ اڳيان بيٺل عورتن ڪسٽم جي سپاهين کي چيو ته ”ڇو؟ پائيٽي جي شاديءَ تي مهيني لاءِ پيا وڃون ۽ پاڻ سان فقط هزار روپيا کٽي هلون؟ ڪٿي آهي اهڙو سخت قانون. اسان کي ڏيکار؟“

اهو ٻڌي سپاهين ۽ سامهون ڪنڌ ۾ ڇيڙي ڪري ڪرسين تي ويٺل آفيسرن کي في الحال ماٺ لڳي وئي پر وري به رينگٽ جاري رکيائون. هو ڪو پکو پهه ڪري آيا هوندا ته ڪنهن طريقي سان ويندڙ مسافرن مان خرچ پاڻي ڪيڏو آهي ۽ پڪ پنهنجين جوين سان به وعدو ڪري آيا هوندا ته اج شاپنگ تي هلجو انڊيا ويندڙ مسافرن کي ڦري ايندا سين. پاسي کان بيٺل پيٽارو جي پڙهيل دودي اوڏ مون کي چيو: پائيجان! موت ته موتون ههڙي ڪا ٻي ذلالت.“ ۽ سچ ته اهو هو ته آئون به هاڻ پکو پهه ڪري رهيو هوس جو سڄي عمر سفر ڪرڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دوران اهڙي بيچڙائي مون نہ ڏٺي. مڃان ٿو تہ اسان جي ملڪ جي پوليس ۽ ڪسٽم ٻين ملڪن جي پوليس ۽ ڪسٽم کان وڌيڪ ڪريل آهي پر ڪڏهن بہ ڪراچي ايئرپورٽ يا بندرگاهہ ۾ اهڙا آفيسر يا سپاهي نہ ڏٺم جهڙا هن بس جي مسافرن کي تنگ ڪرڻ وارا هتي لاهور ۽ واگها بارڊر تي ڏٺم. ۽ هاڻ ڦڏو تہ ڦڏو ئي سهي. دودي ۾ مون تماشو ڏسندڙ ڪسٽم آفيسرن کي پنهنجو تعارف ڪرائي ٻڌايوسين تہ هيءَ هڪ ڄڃ آهي جنهن ۾ سڀ هڪ فئمليءَ جا ماڻهو آهن ۽ قانوني طرح اجازت سان وڃون پيا، هر هڪ ماڻهو هزار هزار روپيا ڪهڙي قانون هيٺ توهان کي ڏئي. اتي هنن پنهنجو رويو ئي بدلائي ڇڏيو. ”ڪمشنر صاحب جا پاءُ اسان جا پاءُ آهن ۽ ڪمشنر صاحب تہ ڇا اسان لاءِ توهان مان هر هڪ باعث عزت آهي ڪير ٿا پئسا گهرن؟ اهي وڏا ڪميڻا آهن سپاهي. متان ڏنا اٿانو...“ هو چوڻ لڳا.

واهہ سائين واهہ ۽ هنن ڪسٽم جي سپاهين هي جيڪو ڪلاڪ ڏيڍ سندن اکين اڳيان ۽ سندن آشيروادن سان اسان کي بيزار پئي ڪيو اهي جڻ سندن سپاهي نہ پر ڀي ڪا غيبات هئي. بهرحال اسان جي جان ڇٽي سامان ٻئي پاسي انڊيا ڏي ٽپايو ويو ۽ ان سان گڏ اسان کي پڻ. پئسي ڏيڻ بنا جان ڇڏائڻ ۾ اسان خوشي محسوس ڪئي، پر فقط چند منٽ. خبر پئي تہ آخر ۾ ايندڙ همراهن کان مڙيئي منٽ ميڙڪ ڪري سؤ روپيا في ماڻهو ورتائون جيڪي پوءِ اسان ڦوڙي ڪري پئسا ڏيندڙ کي ڏنا ۽ خوشي ٿي تہ پنهنجي ملڪ جي جرن مان جان ڇٽي ۽ هاڻ انڊيا گهمڻ جو آسرو ٿيو.

انڊيا پاسي واري عمارت ۾ انڊيا حڪومت جي پوليس ۽ ڪسٽم جو عملو هو. ڪيترا تہ ڏاڙهين مان لڳو پئي تہ سک هئا. جيڪي مون وانگر هن Route ذريعي انڊيا ويندا هوندا اهي چڱي طرح محسوس ڪري سگهندا هوندا تہ اسان جي ۽ انڊيا جي ڪن ادارن ۽ ماڻهن ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي. انڊيا پاسي واري عمارت ۾ باٿ روم بہ صاف سٿرا هئا تہ پيئڻ لاءِ ڪولرن ۾ بہ ٿڌو پاڻي هو. جنهن هال ۾ اسان کي انتظار ڪرڻو پيو ان جي ايئرڪنڊيشنرن بہ ڪم ڪيو پئي. اميگريشن وارو آفيسر سيني کان پاسپورٽ وٺي هڪ هڪ تي ٺپا هڻي ان همراهہ کي سڏ ڪري واپس ڪري رهيو هو ۽ پوءِ اهو مسافر ڪسٽم لاءِ پرواري ڪمري ۾ ويو ٿي، جتي بہ ڇٽا ڪسٽم آفيسر سامان چيڪ ڪري رهيا هئا. انهن جا سپاهي اسان کي Harass ڪرڻ بدران پنهنجن آفيسرن سان گڏ بيٺا هئا، سک ۽ پنجابي هندو مزدورن اسان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي ٻڌائڻ تي اسان جون پيٽيون ڪسٽم وارن اڳيان رکيون تي ۽ هنن چاڪ سان Okay ڪيو ٿي. ڪنهن ۾ شڪ ٿي ٿين ته اهو دور ڪرڻ لاءِ هنن پيٽي کولڻ لاءِ چيو ٿي. مڃان ٿو ته انڊيا جي پوليس ۽ ڪسٽم ڪي فرشتا نه آهن هو به ڪٿي ڪٿي چار پئسا رشوت ضرور وٺندا هوندا پر ائين سڪڻ ۽ جڪڻ اسان جي ماڻهن وانگر نه جن جي افعالن مان لڳو ٿي ته ڄڻ اڄ آخري ڏينهن آهي سڀاڻا پيو ڏينهن ٿيڻو ئي نه آهي. ائين ٿي لڳو ڄڻ هنن ڪي اڄ ٿيلهي پئسن جي ڪٺي پنهنجي زال وٽ پهچڻو آهي، نه ته ٻي صورت ۾ هوءَ پنهنجي يار سان ڀڄي ويندي. اسان جي پوليس ۽ ڪسٽمس جو هڪ ٽڪل ۽ پريشان مسافر سان ڪيل خراب برتاءُ هن جي ڪيڏي دل آزاري ڪري ٿو. اهي ئي ڳالهيون آهن جيڪي ڌارين ماڻهن کي اسان جي ملڪ ۾ گهمڻ لاءِ دل شڪتو ڪن ٿيون. اسان جي حڪومت ٽوئرزم جي ڪٺي ڪيتري به پرچار ڪري ٿي پر ڌاريان ايندي گهبرائين ٿا. اهي ڳالهيون سوچي دل چوندي آهي ته انڊيا پاڪستان جا بارڊر کلن ته سٺو ۽ اسان جا ماڻهو ڪجهه پاڙي وارن ملڪن کان به سکن نه ته جيئن انڊين چئنلن کان اڳ اسان جي ماڻهن اهوئي سمجهيو ٿي ته دنيا ۾ سونهن ۽ سوڀيا جي نشاني فقط اسان جون ڊڳين مينهن جهڙيون فلمي اداڪارائون انجمن آرائون ۽ سنگيتائون آهن يا جيئن بين الاقوامي چئنلن تان ڪشتي جا پروگرام نه اچڻ کان اڳ اسان جي ماڻهن کي اهوئي دماغ ۾ هو ته سڄي دنيا ۾ پهلوان ۽ طاقتور ٻڪرو گوشت جو ۽ ڇهه گلاس لسيءَ جا پيئڻ وارا فقط پولو ۽ اڪرم آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# انڊيا وڃڻ لاءِ بس جو ڀاڙو ۽ ڪرنسي

بس ذريعي انڊيا وڃڻ جي شوقينن لاءِ ضروري آهي ته هو انڊيا جي ويزا ملڻ سان يڪدم لاهور کان دهلي وڃڻ واري بس ۾ سفر ڪرڻ جي سيٽ اڳواٽ Reserve ڪرائي ٽڪيٽ وٺي ۽ واپسيءَ جي ٽڪيٽ به هتان نه ته دهلي پهچي يڪدم وٺي ڇڏين. ڇو جو لاهور کان دهلي ڪا هر ڪلاڪ بعد بس نٿي رواني ٿي جو هڪ مس ٿي وڃي ٿي ته ٻيءَ ۾ وڃجي. ٿي سگهي ٿو اڳتي هلي بسين جو تعداد وڌي پر في الحال اهي هفستي ۾ فقط چار ڏينهن هلن ٿيون ۽ لاهور توڙي دهلي صبح جو پوري ڇهين بجي ڇڏين ٿيون ۽ شام جو نائين بجي يعني 15 ڪلاڪن بعد منزل تي اچيو پڄائين جنهن ۾ بارڊر ٽپڻ مهل واگها ۾ اتاري تي به ٽي ڪلاڪ لڳيو وڃن ۽ رستي تي پڻ ٽن شهرن پيپلي، سرهند ۽ جلندر ضلعي جي شهر ڪرتارپور ۾ اڌ اڌ ڪلاڪ کن بس بيهي ٿي جتي ٻن هنڌن تي چانهه بسڪيٽ ۽ هڪ هنڌ تي مسافرن کي لنچ ڪرائي وڃي ٿي.

لاهور کان دهلي 800 کن ڪلوميٽر مفاصلو آهي پر گرانڊ ٽرنڪ روڊ جنهن تان بس هلي ٿي تمام گهڻو بزي رهي ٿو هونءَ ته سفر ۾ اجا به گهڻو وقت لڳي وڃي پر ايندي ويندي بس جي اڳيان پويان پوليس موبائل گاڏي هلي ٿي. پاڪستان جي ٽيهن ميلن ۾ پاڪستان جي پوليس ۽ انڊيا پاسي انڊيا جي. جيڪا مسافرن کي تحفظ مهيا ڪرڻ لاءِ آهي ۽ سڄي واٽ سائرن وڄائيندي ماڻهن ۽ گاڏين کي رستي تان پاسو ڪرائيندي هلي ٿي جيئن اسان جي بس بنا ڪٿي بيهڻ جي فل اسپيڊ هلندي رهي. بس جيتوڻيڪ پوري ڇهين بجي هلي پر مسافرن کي اتي به ڪلاڪ اڳ يعني صبح جو پنجين بجي گهرايو وڃي ٿو جيئن پنهنجو سامان جمع ڪرائي رسيد وٺن ۽ ٽڪيٽ ڏيکاري بس ۾ ويهڻ لاءِ سيٽ نمبر ۽ بورڊنگ ڪارڊ وٺن جيئن هوائي اڏي تي ٿئي ٿو. بسون ڪافي وڏيون ۽ آرامده آهن. ايئرڪنڊيشنڊ هجڻ کان علاوه انهن ۾ ٽي وي جو به بندوبست آهي جيئن مسافر فلمون ڏسندا هلن.

اسان ڪراچيءَ کان شاليمار ۾ صبح جو ساڍي ڇهين نڪتاسين جنهن رات جو هڪ بجي ڌاري لاهور ڇڏيو رستي تان حيدرآباد، نوابشاهه ۽ روهڙيءَ مان نولراءِ اوڏ جا پائر پيٽون

۽ انهن جا ٻار چڙهندا رهيا. لاهور ۾ ريلوي اسٽيشن پرسان نول هڪ هوٽل ۾ ڪمرا بڪ ڪري ڇڏيا هئا. جتي رات جا ٽي چار ڪلاڪ آرام ڪري پوءِ ڇئين بجي دهلي ڏي روانو ٿيندڙ بس لاءِ پهتاسين. شاليمار گاڏي جي ڪراچيءَ کان لاهور لوور ACC جي ٽڪيٽ 1260 روپيا آهي ۽ لاهور کان دهلي تائين بس جي ٽڪيٽ 1500 روپيا آهي، جنهن ۾ واگها بارڊر تي نيرن ۽ رستي تي ٻن هنڌن تي چانهه ۽ هڪ هنڌ تي لنچ شامل آهي. يعني ڪراچيءَ کان دهليءَ تائين ۽ واپس ڪراچي پهچڻ جو ڀاڙو ساڍا پنج هزار روپيا ٿو ٿئي ۽ ڪوڪرو پار وارو رستو شروع ٿيو ته حيدرآباد کان بمبئي يا حيدرآباد کان احمد آباد، بڙودا يا اجمير جا ڀاڙا اجا به گهٽ ٿيندا. انڊيا جي شهرن ۾ رهائش جو به ايڏو وڏو مسئلو ناهي. انڊيا جي ننڍي وڏي شهر ۾ ڪيٽيريون ئي هوٽلون آهن، ڇهه ست هزار روپئي وارين فائيو اسٽار هوٽلن کان وٺي گهٽين گهوٽين ۾ بنا ايئرڪنڊيشن جي به سؤ روپيين واريون پڻ آهن. ماني ٽڪيءَ جو به اهڙو مسئلو ناهي جهڙوڪ يورپ، آمريڪا يا ويندي فار ايسٽ جي ملڪن ۾ ٿئي ٿو. انڊيا ۾ جتي ڪٿي بهترين رڌل چانور، اڦڙاٽا، مانيون، دال ڀاڄي کان پڪوڙون بجين تائين ملي ٿو. اجا به پاڪستان جي شهرن ۾ مانيءَ جي ايڏي ورائٽي يا سستائي نه آهي جيتري هتي انڊيا ۾ آهي. پندرهن ويهن روپيين ۾ ڀاڄي يا دال سان چانورن جي پليٽ مليو وڃي يا ڏهن روپيين ۾ "آلو پراٺا" دال ۽ چٽني سان گڏ. اهي سڀ اگهه گاڏي تي ماني رکي وڪڻڻ وارن جا آهن جن کان لنچ ٽائيم تي آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ، آفيسر توڙي ڪاليجن ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون ۽ ڏارين ملڪن جا ٽوئرسٽ وٺي کائين ٿا. هونءَ به دال، چانور، پٽاٽا، ماني کائڻ ۾ ايترو Risk ناهي جيترو گوشت يا مڇي کائڻ ۾ آهي پوءِ چاهي اهي شيون ڪو فائيو اسٽار هوٽل ۾ کائي جو گوشت ۽ مڇيءَ جهڙيون شيون پاروٿيون به ٿي سگهن ٿيون ۽ صحت خراب ڪري سگهن ٿيون. هونءَ به ٽوئرسٽ جي حق ۾ اهو بهتر آهي ته ڏرائين ملڪن ۾ ڀاڄي ۽ دال جهڙيون شيون کائي گذارو ڪري. اها ٻي ڳالهه آهي ته جاپان ۽ يورپ جي ملڪن ۾، خاص ڪري سئيڊن ناروي پاسي دال ۽ ڀاڄي، خاص ڪري واڱڻ ۽ گوبي ته گوشت کان به مهانگي آهي. پر انهن ملڪن جو پاڻي صحيح آهي باقي هتي انڊيا جي ننڍي توڙي وڏي شهر ۾ پاڻي صاف ناهي. بلڪ آئون ته اهو چوندس ته پاڪستان کان به خراب آهي، پيئڻ لاءِ منرل واٽر وٺجي يا ڪنهن خالي بوتل ۾ هوٽل مان صاف ۽ فلٽرڊ پاڻي ڪٽي پوءِ

گهمڻ لاءِ نڪرجي. هتي انڊيا ايندي يا ڪنهن به ڏاڙئين ملڪ ۾ ويندي وقت اهي دوائون پاڻ سان گهران کڻي نڪرجن جيڪي ضروري آهن جيئن ته بلڊپريشر، ڊائبٽيز ۽ دل جي بيماري وغيره جون. ان آسري تي نه رهجي ته انڊيا مان به ملي وينديون. ان کان علاوه عام بيمارين جهڙوڪ بخار، مٿي جو سور، دستن وغيره جون گوريون به کڻجن. بهرحال انڊيا جهڙي ملڪ ۾ بين دوائن سان گڏ مڇرن کي پچائڻ جي بندوبست لاءِ ميٽ يا Coil ضرور کڻجي جنهن جي گرم ٿيڻ يا ٻرڻ سان مڇر پڇيو وڃن ۽ Mospel جهڙي دوا پڻ کڻجي جيڪا جسم کي مکڻ سان مڇر پري ڀڄن ٿا. مڇر ته اسان جي ملڪ ۾ به آهن ته ملائشيا، سنگاپور ۽ ويندي جاپان ۾ به پر جيترا مڇر هتي انڊيا ۾ نظر اچن ٿا اوترا شايد ئي ٻئي هنڌ هجن. مليريا ڪري انڊيا ۾ موت جو تعداد به تمام گهڻو آهي.

هونءَ ملڪ اندر عام طرح بس ۾ چڙهڻ وارا پاڻ سان ٻه ٻه بيگون به کڻي سفر ڪن ٿا. اهو ان ڪري جو انهن بسين ۾ ڪيترا هٿين خالي به ٿين ٿا پر هتي هن بس ۾ هر هڪ لاءِ پرديس ۾ رهڻ لاءِ روزمره جي استعمال جو سامان کڻڻ ضروري ٿئي ٿو ۽ بس جي پاسي ۾ ۽ ڇت تي سامان رکڻ جي جاءِ محدود آهي سو هنن لاهور دهلي وارين بسين ۾ هر مسافر کي فقط ويهه ڪلو سامان کڻڻ جي اجازت آهي جنهن ۾ هٿ جو ٿيلهو به اچي وڃي ٿو. هوائي جهاز جي سفر وانگر ناهي جو هٿ جي سامان کي تور کان ٻاهر رکيو وڃي. ويهه ڪلو کان مٿي هر ڪلو وزن لاءِ سٺ روپيا وڌيڪ ڀاڙو ڏيڻو پوي ٿو.

لاهور دهلي هلندڙ بس جي اڳيان ۽ پويان پوليس جي موبائيل گاڏي هلڻ کان علاوه ٽي يا چار ڪن پوليس وارا به بس ۾ ويهن ٿا. ڪنهن به مسافر کي پنهنجي مرضيءَ سان رستي تي لهي هليو وڃڻو ناهي. پنهنجي منزل دهلي تائين پهچي پوءِ هو آزاد آهي ته جن شهر جي ويزا اٿس انهن ڏي هليو وڃي، جيڪي جيڪي شهر گهمڻا آهن انهن ۾ وڃڻ جي ويزا پاڪستان مان ئي وٺي نڪرجي. هونءَ ته هتي پهچڻ بعد به اجازت وٺي سگهجي ٿي. ان لاءِ پوليس اسٽيشن تي وڃي اطلاع ڪرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ نئين شهر پهچي ان شهر جي پوليس اسٽيشن تي پنهنجي آمد جو اطلاع ڪجي ۽ اهو شهر ڇڏڻ وقت وري پوليس اسٽيشن وارن کي پنهنجي موٽڻ کان آگاهه ڪجي. اها ڳالهه اسان لاءِ به بهتر آهي جيئن پرديس ۾ ڪجهه ٿي پوي، بيماري، حادثو وغيره ته پوليس کي ان ڳالهه جي آگاهي هجڻ بهتر آهي جيئن ان ماڻهوءَ جي ڳولا تي پوليس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻڌائي سگهي تہ آيا ان شهر ۾ موجود آهي يا روانو ٿي ويو.

ڪو مسافر جيڪڏهن هڪ ئي شهر ۾ آهي تہ بہ هن کي هفتي ۾ هڪ دفعو يا ٻہ دفعا پوليس اسٽيشن ۾ حاضر ٿي ٻڌائڻو پوي ٿو. ان پوليس رپورٽ کان فقط اهي آجا آهن جيڪي سٺ سالن کان وڏا آهن ۽ پوليس اسٽيشن تي هر رهر رپورٽ نہ ڪرڻ جي اجازت پنهنجي ملڪ ۾ موجود انڊيا جي سفارتخاني مان اڳواٽ وٺي آيا آهن. اسان جي دوست نولراءِ آخري ڏينهن ۾ مون کان ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ ڀاڄائي کان پاسپورٽ وٺي اسان جي پوليس رپورٽنگ معاف هجڻ جو ٺپو پرڻ هٽائي ڏنو جو اسين سٺ سالن کان وڏا ٿياسين.

انڊيا ۾ رهڻ دوران خرچ پکي لاءِ اتي جي ڪرسي انڊين روپيا استعمال ڪرڻو پوي ٿو. اڄڪلهہ انڊين روپيو پاڪستاني روپئي کان گهٽي Value رکي ٿو ۽ پاڪستاني هڪ سؤ روپيا انڊيا جي ستر روپين برابر آهن يا ڪٽي چئجي تہ انڊين هڪ سؤ روپيا پاڪستان جي 143 روپين برابر آهن يا ٿلهي ليکي توهان اهو چئي سگهو ٿا تہ انڊيا جو هڪ روپيو اسان جي ڏيڍ روپئي برابر آهي.

انڊيا ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ انڊين ڪرنسي (روپيہ) توهان ڪراچي، حيدرآباد يا لاهورمان بہ وٺي سگهو ٿا تہ پاڪستان ۽ انڊيا جي بارڊر وارن شهرن مان بہ جتي اميگريشن ۽ ڪسٽم چيڪ لاءِ ترسڻو پوي ٿو. انڊيا پهچي بئنڪن ۽ ڪرسني مٽائڻ وارن دڪانن (Money Changers) کان بہ بدلائي سگهو ٿا. بهتر اهو آهي تہ ڪجهہ پئسا گهران ئي بدلائي نڪرو يا پنهنجي ملڪ جي ڪنهن شهر مان ئي جيئن بارڊر وارن شهرن ۾ پئسا مٽي ڏيڻ وارو نہ هجي تہ توهان وٽ اڳواٽ ڪجهہ تہ پئسا هجن جيڪي رستي تي يا دهليءَ پهچڻ سان خرچ ڪري سگهو. ڪنهن بہ ملڪ جا پئسا خريد ڪرڻ وقت خبرداريءَ سا وٺڻ کپن يا ڪنهن اهڙي دوست يا مائٽ جي معرفت وٺجن جيڪو نوٽ پرکڻ جو ڄاڻو هجي. نوٽ خريد اهڙي دڪان تان ڪرڻ کپن جيڪو ناليرو هجي، بولٽن مارڪيٽ جهڙن هنڌن تي ڪيترائي هلندڙ چلندڙ مني چئنجر نظر اچن ٿا ۽ ٿي سگهي ٿو هو توهان کي متاستا جو اگهہ بہ سٺو ٻڌائين پر هڪ نوٽ بہ جعلي ڏيڻ سان اهو فائدو تہ ويو ماڳهين توهان لاءِ پرديس ۾ مصيبت ٿي پوندي جو جعلي نوٽ هلائڻ وڏو ڏوهہ آهي توڙي ڪٽي توهان اهو ڪم بي خياليءَ ۾ ڪريو ۽ معصوم هجو. خاص ڪري اسان جي ملڪ جي ماڻهن ان سلسلي ۾ ايڏا ڏوهہ ڪيا آهن جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

توهان ڪٿي اُٺ قسمن جا ڪٽو تہ بہ توهان تي ڪو اعتبار نہ ڪندو پوءِ چاهي ڪٿي اهو سعودي عرب يا ملائشيا جهڙو مسلمان ملڪ هجي. انڊيا لاءِ پئسو مٽائڻ لاءِ تہ وڌيڪ خبردار رهڻ کپي جو ٻنهي ملڪن ۾ ڪجهہ اهڙا غلط عناصر آهن جي نٿا چاهين تہ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ دوستي رهي ۽ هڪ ٻئي جي ملڪ جي Economy خراب ڪرڻ لاءِ اهڙويون بہ انڊر گرائونڊ ڏوهارين جون Gangs آهن جيڪي نقلي نوٽ ڇپي هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ هلائڻ چاهين ٿيون. ان ڪري پئسن جي مٽاسٽا ۾ خبردار رهڻ کپي. بهتر تہ اهو ٿيندو تہ ڪجهہ پئسو پنهنجي ملڪ مان بدلائي باقي انڊيا مان ڪنهن بئنڪ يا اعتماد جوڳي دڪاندار (Money Changer) کان بدلائجي ۽ وڏن نوٽن بدران ننڍا ونجن جو نقلي نوٽ گهٽ ڪري وڏي انگ (هڪ هزار يا پنج سؤ) وارن نوٽن مان ئي نڪرن ٿا.

هونءَ بهتر تہ اهو آهي تہ پنهنجي ملڪ مان ڪجهہ انڊين روپيا باقي آمريڪي ڊالر مٽائي کڻجن جو آمريڪن ڊالر دنيا ۾ جتي ڪٿي سولائيءَ سان ۽ سٺي اگهہ تي مٽجيون ملن ٿا. هونءَ بہ انڊيا جي قانون مطابق انڊيا جي سرزمين تي قدم رکڻ وقت توهان وٽ آمريڪي ڊالر يلي ڪٿي ڪيترا بہ هن پر انڊيا جا روپيا ٽن هزارن کان مٿي نہ هجڻ کپن. هاڻ شايد چار هزار روپيا ڪن ڪيا اٿن ۽ توهان جيڪي پئسا (انڊين، آمريڪن يا پاڪستاني) انڊيا کڻي وڃو ٿا اهي انهن جي بارڊر واري شهر اٽاري (Atari) تي انهن جو ڪسٽم آفيسر توهان جي فارم تي نوٽ ٿو ڪري. مون کي بہ اها خبر نہ هئي. ڪسٽم آفيسر جي پڇڻ تي جڏهن ٻڌايومانس تہ هن نهايت سٺي اخلاق سان چيو:

”سر ٽن هزار انڊين روپين کان مٿي کڻڻ جي اجازت ناهي سو فارم تي آئون ٽي هزار ئي لکان ٿو.“

”پر مهينو کن انڊيا ۾ رهڻ لاءِ ٽن هزار روپين مان تہ پورت نہ ٿي سگهندي؟“ مون پڇيو.

”توهان آمريڪين ڊالر يا پائونڊ، مارڪ وغيره کڻي وڃي سگهو ٿا.“ هن ٻڌايو.

لڳي ٿو تہ نقلي نوٽن جي ايڏي پٽ آهي جو ٻنهي ملڪن جي بارڊر وارن شهرن ۾ مسافرن جي چتاءَ لاءِ پوسٽر لڳل آهن تہ ڪوڙا (Fake) نوٽ هلائڻ سخت ڏوهہ آهي ۽ اميگريشن ۽ ڪسٽم وارين عمارتن جي ٽئاليٽ ۾ پيٽيون رکيل آهن تہ ”سزا کان بچڻ لاءِ بهتر آهي تہ ڪوڙا نوٽ هن پيٽيءَ ۾ اڇلائي وڃو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ ڏوهاريءَ کي تہ خبر آهي تہ هن وٽ نقلي نوٽ آهن پر هڪ غريب ۽ اڻ پڙهيل کي ڪهڙي خبر تہ هن وٽ جيڪي پئسا آهن انهن ۾ ڪو نقلي نوٽ بہ آهي. هو ڪيئن خبردار رهي؟ ان لاءِ اهوئي بهتر آهي جيڪو مٿي لکي چڪو آهيان تہ اهڙي ماڻهوءَ کان پئسا مٽائجن جيڪو اعتماد جوڳو هجي يا ڪنهن نوٽن جي ڄاڻوءَ ذريعي مٽرائجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هندستان ڏي روانگي

لاهور کان دهلي جيڪا بس هلي رهي هئي ان ۾ مون کي اتفاق سان نہ فقط اڳيان قطار ۾ سيٽ ملي پر دريءَ واري پاسي پڻ. مون بہ اهوئي چاهيو ٿي تہ اهڙي هنڌ جاءِ ملي جتان ٻاهر جو نظارو چٽيءَ طرح ٿي سگهي. مون بارڊر جي ٻن پاسن ۾ فرق ٿي ڏسڻ چاهيو ڪي ملڪ اهڙا هوندا آهن جن جي بارڊر جي ٻنهي پاسي ميلن ۾ رڻ پٽ يا بيابان هوندو آهي يا ملائشيا ۽ ٿائليند جي وچ ۾ جنگل آهي، پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ جبل ئي جبل آهن ۽ پوءِ آهستي آهستي ٿي ماڻهن جي آدمشماري وڌي ٿي. ويندي ڪوڪرو پار ۾ مونا باٿو پاسي بہ ائين هوندو پر پنجاب جا ٻئي حصا سرسبز آهن ٻنهي طرف بارڊر جي ويجهو وڏا، ماڊرن ۽ تاريخي شهر لاهور ۽ امرتسر آهن. اهڙي صورت ۾ هڪ ملڪ جي سرزمين کان ٻئي ۾ گهڙڻ وقت تبديلي ڏسڻ وٽان ٿئي ٿي. زبان ڪٿي ساڳي آهي پر مذهب، ڪلچر، حڪومت ويندي ان ساڳي ڳالهائڻ واري زبان (پنجابي) جي لکٽي مختلف آهي. اسان وٽ پنجابي اردو ۾ لکي وجي ٿي انڊيا واري پنجاب ۾ گرمکي ۾ لکي وڃي ٿي.... وغيره وغيره.

پاڻي واري جهاز ۾ بہ ان قسم جي تبديلي دلچسپ ٿئي ٿي. ڪٿي تہ جڪارتا کان پينانگ اچ تہ ساڳيا ماڻهو ساڳي ملندڙ جلندڙ زبان، ساڳيو ڪچلر، ساڳيا مذهب، ساڳي موسم، ساڳيا فصل ۽ پوکون، ساڳيا ويس وڳا ۽ ساڳيا گهرن جا نمونا ۽ ڪٿي وري سڏ پنڌ جي فاصلي تي بہ تمام گهڻو فرق. پورچو گال يا اسپين جي ڪنهن بندرگاهہ مان رڳو ٿورو هيٺ ڏکڻ ۾ ڪنهن آفريقا جي پورٽ ۾ گهڙ تہ زبان، مذهب، ڪلچر سان گڏ ماڻهن جو رنگ بہ ٻيو نظر اچي ٿو.

هونءَ تہ ننڍي کنڊ جي ماڻهن، شهرن ۽ ريتن رسمن ۽ افعالن ۾ ڪو خاص فرق تہ ناهي چاهي پاڪستان هجي يا هندستان ۽ بنگلاديش پر ساڳي وقت ننڍي کنڊ لاءِ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هتي هر سؤ ميلن بعد زبان بدلجي ٿي. بهرحال ٿوري يا گهڻي تبديلي جيڪا ڪو يورپين يا آمريڪن تہ ڪٿي نہ محسوس ڪري سگهي پر اسان ڪري سگهون ٿا. هو هڪ سک ۽ مسلمان مولويءَ ۾ شايد فرق نہ ڪري سگهي پر اسان مڪاني ماڻهو سندن ڏاڙهين مڇين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پٽڪي جي ٻڌڻ اسٽائيل مان سجاڳي سگهون ٿا تہ مسلمان ڪير آهي تہ سک ڪير. اهڙي طرح جڳ جهوني روڊ تي جيڪو گرانڊ ٽرنڪ روڊ سڏجي ٿو ۽ جنهن تان صدين کان ماڻهو پيرين پنڌ ۽ گڏهن، گهوڙن ۽ هاٿين تي سفر ڪندا رهيا. ان بعد ڏڀگي گاڏين، سائيڪلن ۽ هاڻ بسين، موٽرن تي سفر ڪندا رهن ٿا، ان تي مون سفر ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ ان شوق ڪري مون پنهنجي دوست نولراءِ سان گڏ باءِ ايئر دهلي وڃڻ بدران سندس ٻين مائٽن سان گڏ سفر ڪرڻ چاهيم. جيڪي باءِ روڊ بس ذريعي دهلي وڃي رهيا هئا.

اميگريشن ۽ ڪسٽم جون Formalities پوريون ٿيڻ بعد اسان جي بس رواني ٿي. پاڪستان جي گيٽ مان ٻاهر نڪري اتي ئي ٿهيل هندستان جي دروازي ۾ داخل ٿياسين. ڪو خاص فرق نہ هو ڪا خاص تبديلي نہ. ڪٽڪ جو فصل جيڪو پاڪستان پاسي هوا ۾ لڏي رهيو هو اهوئي هندستان پاسي Continuity ۾ هو. ساڳي جهڙالي موسم ۽ ساڳي ٿڌي هير لڳي رهي هئي. بس ان هنڌ تي پنج منٽ کن ترسي جتي لوهي ميخدار تارن ذريعي بارڊر ٺهيل هو يعني انهن ڪنڊن وارين تارن جي هڪ پاسي جيڪي ڪٽڪ جا سنگ نظر اچي رهيا هئا اهي پاڪستان جي رهاڪن جا هئا ۽ ٻي طرف هندستان جي ماڻهن جا. ٻنهي پاسن جي يونيفارم ۾ ٻينل پوليس ۽ فوج چست چوبند ٿي نگهباني ڪري رهي هئي تہ هڪ پاسي جو ماڻهو ٻئي پاسي ٽپڻ جي تہ نٿو ڪري پر ٻنهي پاسي نظر ايندڙ پنجابي مسلمان ۽ سک هاري پنهنجين زالن، ٻارن ۽ وهٽن سان مطمئن نظر اچي رهيا هئا، شايد ان ڪري جو ٻنهي پاسن جي ماڻهن کي خبر آهي تہ بارڊر جي ٻئي پاسي ڪا سون جي ديگ لٽل ناهي. هندستان ۽ پاڪستان جو ڪامن بارڊر تمام ڊگهو آهي ۽ سڄي بارڊر تي روڪ ٿام لاءِ ڪي ڪوڪن واريون تارون نہ لڳل آهن جتي اهڙي آڏ ناهي اتي هڪ پاسي جا ماڻهو ٻئي پاسي ٽپي بہ ويندا هوندا. سون جو ٿالهہ ونڻ لاءِ نہ پر پنهنجا وهٽ ورائڻ جانورن کي ڪهڙي خبر تہ مولا جي ملڪ تي انسانن ويهي سرحدون ناهيون آهن، سو اهي چرندي چرندي ٻئي طرف وڃي سگهن ٿا جن کي مالڪ ورائڻ لاءِ قانون جي پيچڪڙي بہ ڪن ٿا. ٻنهي پاسي جي سپاهين سنترين کي بہ خبر آهي تہ هي ڪو پولينڊ ۽ جرمنيءَ جو بارڊر ڪونهي، البانيہ ۽ اٽليءَ جو بارڊر ناهي، ڪيوبا ۽ يونائيٽڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جو بارڊر ناهي، جنهن جي هڪ پاسي غربت، بک ۽ بيروزگاري آهي تہ ٻئي پاسي مال ملڪيت ۽ مستقبل آهي ۽ پوءِ ڏکوئيل زندگيءَ مان جان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چڏائڻ لاءِ غريبن ملڪن جا ماڻهو سر تان آهو ڪٽي پاڙي واري ملڪ ۾ گهڙڻ جو Risk ڪٽن ٿا. هتي تہ ڪو اوڻهين ويهن جو فرق مس آهي. ٻنهي پاسي ساڳيو حال آهي... پري پري تائين نظر ڪيان ٿو تہ ٻنهي پاسي پورهيت هاري ڪم ۾ رڌل آهن. ڪي ڪوڏرون هڻي رهيا آهن، ڪي وهٽن جي پٺي نپري رهيا آهن، ڪي پگهر اگهي رهيا آهن، ٻنهي طرف لسيءَ جا لوٽا ۽ ڍڪين ۾ مانيون نظر اچي رهيون آهن. پاڪستان واري پاسي، پٽ تي ويٺل ڪٻرون ۽ جهرڪيون پڙڪو ڏيئي اڏامن ٿيون ۽ انڊيا طرف جي فصلن ڏي ٿورو وجهي هوا ۾ ٻہ گول ڦيرا ڪري جڏهن زمين تي اچي ويهن ٿيون تہ هاڻ سڀ پاڪستان واري پاسي ويهڻ بدران ڪجهہ بارڊر جي ٻئي پاسي وڃيو ويهن ويهن. هنن کي ڪهڙي خبر تہ هو ڪهڙي شهر جون رهاڪو آهن. پاسپورٽ تہ هنن وٽ آهي ئي ڪونہ جو ان بابت ڏيان ڏرين. اسان وٽ بہ جيستائين پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ نہ هئا تہ اسان بہ انهن پکين وانگر آزاد هئاسين. ڪجهہ ڪانگ وچ تي ويٺا هئا يعني بارڊر طور لڳل تارن تي ويٺا هئا ۽ هڪ ڪانگ کي پٽي رهيا هئا جيڪو خبر ناهي پاڪستان پاسي يا هندستان پاسي بيٺل هارين جي ٻارن مان ڪنهن هڪ ٻار کان ٻاجهر يا ڪڻڪ جي مانيءَ پور کسي کائڻ لاءِ اچي ويٺو هو. ٽيهارو کن ميل هن پاسي لاهور ڏي يا هن پاسي امرتسر ۾ پلي تہ اميرن جا ٻار اتي جي KFC يا مئڪنڊولنڊ ۾ برگر سان گڏ ڪوڪ پي رهيا هجن پر اسان وٽ اهڙن امير ماڻهن جو ڪيترو سيڪڙو آهي؟ تقريباً نہ برابر باقي غريب عوام ۽ ڳوٺن جي ماڻهن جي تہ زندگي چاڪيءَ جي ڍڳي وانگر ان ڦنگي لسي ۽ جوئر يا ٻاجهر جي ڊوڊي جي چوڌاري ڦري ٿي. رستي جي ويجهو وارين ٻنين ۾ بيٺل ٻار ۽ مرد اسان جي هٿ لوڏڻ تي هٿ لوڏي جواب ڏين ٿا. هنن لاءِ ڇا مختلف ملڪ ڇا مذهب! ڇا پاڪ انڊيا دوستيءَ جا نعرا! هنن لاءِ فقط هڪ ڳالهہ حقيقت آهي تہ صبح جو سوير اٿي پورهيو ڪرڻو آهي جيئن هو ان لسي ۽ اٽيي ماني سان پيٽ پري سگهن.

اسان جي بس آهستي آهستي ٿي اڳيان هلندڙ پوليس جي موبائيل کي فالو ڪري ٿي. رستو ڪو خاص ويڪرو ناهي پر پوليس جي گاڏي سامهون ايندڙ ٽرئفڪ کي لڪڻ جي اشاري سان پاسي تي بلڪ ڪچي ڏي لهڻ جو اشارو ڪري ٿي جيئن اسان جي بس لاءِ رستو ڪليل ۽ ڪشادو هجي ۽ بريڪن جي استعمال بنا سٺي رفتار ۾ مفاصلو طئي ڪندي وڃي.

جيئن پاڪستان پاسي بارڊر وارو شهر بلڪ ڳوٺڙو واڳها آهي تيئن بارڊر جي ٻئي پاسي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

واگها جي پر ۾ ئي پر انڊيا واري پاسي ڳوٺ جو نالو اٽاري آهي. واگها ۽ اٽاري ائين آهن جيئن حيدرآباد جي سٽيزن سوسائٽي ۽ گلشن سجاد يا ڪٽي ائين چئجي ته ڪراچيءَ جي زينب مارڪيٽ ۽ صدر پوسٽ آفيس واري عمارت. ۽ پوءِ اٽاري ڳوٺ کان امرتسر پنجويهه ٽيهه ميل کن مس آهي ۽ اسان ويهن منٽن اندر امرتسر پهچي وياسين. يعني بارڊر تي اميگريشن ۽ ڪسٽم جي گهٽي گهوٻي نه هجي ۽ ملائيشيا سنگاپور وانگر يا يورپ جي ملڪن وانگر بارڊر تي گاڏيءَ ۾ ويٺي ويٺي فقط پاسپورٽ ڊيڪارٽو پوي ته ڪار ذريعي ماڻهو لاهورکان امرتسر اڌ ڪلاڪ ۾پهچي سگهي جيئن هالا کان حيدرآباد. ايڏو ويجهو لاهور ۽ امرتسر هڪ ٻئي کي آهن! تڏهن ته اڄ کان ويهارو سال اڳ جڏهن اڃا ڪيبل يا ڊش سسٽم شروع نه ٿيو هو ۽ اسان جي ٽي وي خاص ڪري لاهور ٽي وي اسٽيشن جا ڊراما "جهوڪ سيال" "وارث" "بڪرا قسطون پر" "آنگن ٽيڙها" تمام گهڻو پسند ڪيا ويا ٿي ته انڊيا جا شوقين اهي ڊراما ڏسڻ لاءِ امرتسر ايندا هئا ۽ انڊين فلمون ڏسڻ جا پاڪستاني شوقين لاهور ايندا هئا جو لاهور مان انڊيا جي ٽي وي ۽ امرتسر مان پي ٽي وي صاف نظر ايندي هئي. اڄڪلهه ته انڊيا جا ڪيترائي ٽي وي چئنل ٿي پيا آهن جن مان ٻه ڪيترن تي سڄو ڏينهن فلمون پيون هلن پر تن ڏينهن ۾ انڊيا جو ٻه اڪيلو چئنل هو جنهن تان هفتي ۾ ٻه دفعا انڊين فلم ڊيڪاري ويندي هئي ساڳي وقت جڏهن ٻه انڊيا ۽ پاڪستان جي جنگ لڳي آهي يا ٺلهي ڳالهه تي ٺئي ته سڀ کان اڳ ۾ سڀ کان گهڻو الرٽ لاهور ۽ امرتسر جا ماڻهو ٿا ٿين جو اهي شهر هڪ ٻئي جي ايترو ته ويجهو آهن جو ڪنهن هڪ ملڪ جي ٿوري ٻه پيش قدمي ٻئي ملڪ جو هي شهر هڙپ ڪري سگهي ٿو.

اسان جي بس ان صديون پراڻي شاهراهه Grand Trunk روڊ تان اڳتي وڃي رهي هئي جيڪو صدين کان ڪلڪتي کان پشاور بلڪ ڪابل تائين بادشاهن ۽ فقيرن لاءِ، عوام ۽ فوجين لاءِ، ساڌو ۽ صوفين لاءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ گهمڻ لاءِ" لڏپلاڻ لاءِ" حملي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي.

لاهور ڇڏڻ وقت صبح جو وقت هو. بسون ۽ ڪارون مالڪ ۾ پنل رستن تان هلي رهيون هيون. رستن جي ڪنارن تي ٺهيل فٽ پاٿن ۽ انهن جي پر ۾ ٺهيل ساوڪ ۽ گلڪارين سان پريل پٽين تي لاهوري واڪ ۽ جاگنگ ڪري رهيا هئا دڪانن اڳيان انگريزي ۽ اردو ۾ لڳل

بورڊن جون بتيون ۽ Neon Signs اچا ٻري رهيون هيون. آئون ڏهاڪو سال اڳ لاهور آيو هوس، مون کي تڏهن به لاهور وڏيو هو ۽ هاڻ ته اڃا به وڌيڪ خوبصورت ۽ صاف سترو ٿي پيو آهي. پنجابي ليڊرن چا ته پنهنجن شهرن کي ناهيو آهي، چڱو ٿا ڪن. اسان جي ليڊرن کي به ائين ڪرڻ کپي يا انهن کي ائين ڪرڻ سان نانگ ٿو چڪ هڻي؟ ڪراچيءَ جي ناظم نعمت الله خان وانگر ٻين شهرن جا ناظم به پنهنجن شهرن جا گهٽ ۾ گهٽ روڊ رستا ۽ Sewarage system بهتر بنائي سگهن ٿا.

اتاري کان پوءِ اسان جي بس انڊيا جي رستي تي هلي رهي هئي، سچ ڪافي مٽي چڙهي آيو هو ماڻهو مزدور، دڪاندار سڀ پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ مشغول نظر اچي رهيا هئا. چوڌاري ساوڪ واري ڀهراڙي هئي جيئن اسان واري پاسي جي پنجاب جي جيڪا پنيان چڙي آيا هئاسين. امرتسر سکن جو گڙهه هجڻ ڪري رڳو سک ئي سک نظر اچي رهيا هئا. رستي تي توڙي پاسي تي ۽ ٻنين ٻارن ۾ ٽريڪٽر، ٽرڪن، ويٽ ٿريشر ۽ بلڊوزرن جهڙوين وڏيون مشينون ڏسي لڳو ٿي ته ايگريڪلچر ۾ انڊيا جو پنجاب نه فقط اسان جي سنڌ صوبي کان پر اسان جي پنجاب کان به اڳتي آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پنجاب انڊيا جو سڀيو ستابو صوبو آهي. انڊيا جي وڏي آدمشماري هوندي به انڊيا چانورن جو دنيا ۾ ٿائيلينڊ بعد ٻئي نمبر وڏو ايڪسپورٽر آهي ۽ ڪٽڪ پنهنجي ماڻهن جي کائڻ لاءِ ڪافي پيدا ڪري ٿو.

امرتسر اچڻ تي روڊ جي ٻنهي پاسي دڪانن جا بورڊ پڙهان ٿو جيڪي گهڻو ڪري گرمکيءَ ۾ لکيل آهن ۽ انهن مان ڪيترن تي انگريزيءَ ۾ به لکيل آهي، ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ بورڊ تي اردو لکائي پڻ آهي. انڊيا جي پنجاب ۾ هندي ۽ گرمکي پڙهائي وڃي ٿي، گرمکي پڻ هندي ۽ بنگاليءَ وانگر لکي وڃي ٿي. انڊيا جون 18 خاص زبانون آهن، جهڙوڪ، هندي آسامي (آسام صوبي جي) بنگالي، گجراتي، ڪاناڊا (انڊيا جي ڏاکڻي صوبي ڪارناما ٽاڪا ۾ ڳالهائي ويندڙ) ڪشميري، مليالم، مانيپوري، مرهٽي (ماراشٽر صوبي جي زبان جنهن ۾ بمبئي به اچي وڃي ٿو) اوريا (اوڙيسا صوبي جي زبان) پنجابي، تامل، تيلگو (ڏاکڻن صوبن، تامل نادو ۽ انڌراپرديش جون زبانون) اردو، سنڌي ۽ سنسڪرت وغيره. اردو ڄمون ڪشمير کان علاوه دهليءَ جي زبان آهي.

لاهور جا رستا هتي جي رستن کان ويڪرا ۽ سهڻا لڳن ٿا باقي لاهور کان ٽپي انڊيا ۾

گهڻن سان رستن ۾ اوسي پاسي نهار ڪرڻ سان يڪدم محسوس ٿيو وڃي ته انڊيا ۾ ٽرئفڪ توڙي عوام تمام گهڻو آهي. رستن تي پرائيويٽ ڪارن کان وڌيڪ اسڪول بسون، ٽريڪٽر ۽ انهن جي پويان گاهه، ڳني يا سرن سان ڀريل ٽرالر، ڏڳي گاڏيون، آٽو رڪشائون، موٽر رڪشائون ۽ سائڪلون نظر ٿي آيون. موٽر سائيڪل سوار سکن جو منهن ڪپڙي سان ائين ڍڪيل هو جيئن عورتون حجاب ڪن ۽ فقط اکيون نظر اچن. سکن لاءِ هنن ڏڏڙ سان ڀريل رستن تي موٽر سائيڪل هلائڻ وقت ڏاڙهيءَ کي ڪپڙي سان ڍڪڻ ضروري ٿيو پوي نه ته هنڙي متي، چارو ۽ دونهاٽيل ماحول ۾ ڪين ايئرڪنڊيشن جي فلٽر وانگر هر وقت ڏاڙهي ڏونٽي پوي، رکي رکي رستي جي ڪپر تي يا ڀري گهرن جي وچ ۾ سکن جو گوردوارو (ٽڪاٽو) نظر آيو ٿي.

انڊيا ۾ اٽڪل ٻه ڪروڙ سک رهن ٿا جن جو وڏو تعداد پنجاب ۾ آهي. اسان واري پنجاب ۾ به ڪافي رهيا ٿي جيڪي هندستان جي ورهاڱي بعد انڊيا واري پنجاب ۾ لڏي ويا، سندن پاڪ جايون ۽ پوڄا مندر اڄ به پاڪستان واري پنجاب ۾ موجود آهن، جن جي زيارت لاءِ هو لاهور ۽ خاص ڪري حسن ابدال ايندا رهن ٿا. سک پنهنجي ڏاڙهي، پٽڪي ۽ ٻانهن ۾ پاتال ڪڙي (ڪنگڻ) ڪري پري کان سڃاتا وڃن ٿا. گروگوبند سنگهه پنهنجن چيلن لاءِ پنج شيون رکڻ ضروري ڪيون جيڪي پنج ڪاڪر (ڪاف) سڏجن ٿيون: ڪيش (جسم جو ڪوبه وار نه ڪٽڻ) هو ان کي بزرگيءَ ۽ درويشيائي جي نشاني سڏين ٿا، ڪنگهو (ڪاٺ يا عاج جي ڦڻي، صفائيءَ جي نشاني)، ڪڇو چست ۽ چوبند رهڻ جي نشاني، ڪڙو (اسٽيل جو ڪنگڻ) پڪي عزم جي نشاني ۽ ڪرپان (خنجر) ڪمزور جي بچاءَ لاءِ. متي جي ڏگهن وارن کي بچائڻ لاءِ هنن کي پٽڪو پاتڻو پوي ٿو. بلڪ سکن جا هي پٽڪا اڳهين سيٽ ٿيل ۽ سبيل آهن. ور ڏيئي ٻڌڻ بدران ٽوپيءَ وانگر پاتڻو پوي ٿو.

سکن جو ڌرم گرونانڪ ايجاد ڪيو جيڪو سن 1464ع ۾ ڄائو جڏهن هندستان تي لوڌي گهراڻي جي حڪومت جي شروعات هئي (گرونانڪ سن 1545ع ۾ وفات ڪئي جڏهن شير شاهه سوري دهليءَ جي تخت تي ويٺل هو) يعني سک ڌرم همايون جي ڏينهن کان هندستان ۾ شروع ٿيو ۽ پنج سؤ کن سال پراڻو چئبو.

سک ڌرم ۾ ڪي ڳالهيون اسلام جون آهن ته ڪي هندو ڌرم جون، سکن ۾ هندن واري

ذات نيات جو چڪر ناهي ۽ نہ ئي هو هندن وانگر مورتيون پوڄين ٿا. سکن جي عبادتگاهہ گوردواري ۾ فقط هنن جو مذهبي ڪتاب ”گرنٿ صاحب“ دکيل ٿئي جنهن ۾ هنن جي ڏهن گروئن جون لکڻيون شامل آهن. سندن آخري گروءَ جي وفات سن 1708ع ۾ ٿي (مغل بادشاهہ اورنگزيب جي وفات وارن ڏينهن ۾) سک هڪ خدا کي مڃين ۽ مري ويل جي لاش کي دفن ڪرڻ بدران ساڙين.

امر تسر، جنهن شهر ۾ هاڻ اسان جي بس پهتي هئي، سکن جي سڀ کان وڏي گوردواري ”هري مندر“ کان مشهور آهي، جنهن مندر کي انگريزيءَ ۾ ”گولڊن ٽيمپل“ سڏين ٿا. مندر جي عمارت سازيءَ جو ڪم هندن جي مندرن ۽ مسلمانن جي مسجدن سان ملي ٿو. مندر جي چوڌاري پاڻيءَ جو وڏو تالاب آهي ۽ هن تالاب تان هن شهر جو نالو امرتسر پيو آهي. هندستان ۾ توڙي ٻاهر جي ملڪن ۾ سکن جي دڪانن، آفيسن ۽ هوٽلن ۾ جنهن مندر جي تصوير نظر اچي ٿي اها هن مندر جي آهي، اسان جي بس ۾ ويٺلن مان ڪيترن چاهيو تہ جيڪر بس اڌ ڪلاڪ کن بيهي تہ مندر ڏسندو هلجي پر بس ۾ ويٺل پوليس اهوئي چيو تہ هو اسان کي فقط مقرر شهرن جي مقرر هوٽلن وٽ چانهہ پاڻي ۽ مانيءَ لاءِ ترسائيندا. ”توهان کي دهليءَ تائين سلامتيءَ سان پهچائڻ اسان جي ذميواري آهي، دهلي پهچي پوءِ ڀلي توهان هيڏانهن پنجاب موٽي اچو يا بمبئي مدراس هليا وڃو.“ هنن اسان کي سمجهايو هنن جو مطلب هو تہ هن وقت اسان ”انڊيا پاڪستان دوستي“ جي بنياد تي هلندڙ سرڪاري بس ۾ وڃي رهيا آهيون ۽ خدانخواستہ ڪجهہ ٿي پيو تہ حڪومت جي بدنامي ٿيندي جو ٻنهي ملڪن جا ڪجهہ ماڻهو حڪومت جي هن دوستي وڌائڻ جي پاليسيءَ جي خلاف آهن.

بهرحال اسان مان ڪيترن ئي اهو پهہ ڪيو تہ جيئن ئي دهليءَ ۾ واندڪائي جا ڏينهن ملندا تہ آگري ۽ اجمير سان گڏ هن پاسي جا هي شهر امرتسر بہ ڏسڻ ايندا سين ۽ تاج محل جي اڳيان تصوير ڪيرائڻ سان گڏ هتي اچي امرتسر جي هن گولڊن مندر وٽ پڻ تصوير ڪيرائينداسين. هي شهر امرتسر جنهن جي لفظي معنيٰ امرت جو حوض آهي سکن جو چوٿين گروءَ رام داس سن 1577ع ۾ ٻڌرايو. امرتسر نہ فقط پنجاب صوبي جي وڏن شهرن مان هڪ آهي پر سک ڌرم جو مرڪز پڻ آهي. هن شهر لاءِ زمين مغل شهنشاهہ اڪبر منظور ڪئي. 1761ع ۾ احمد شاهہ درانيءَ نہ فقط هن شهر جي ڦرلٽ ڪئي پر مندر پڻ تباهہ ڪري

ڇڏيو جيڪو ٽن سالن بعد 1764ع ۾ وري ٺاهيو ويو. 1802ع ۾ رنجيت سنگهه هن مندر جي ڇت ٽامي جي تهه سان ٺهرائي ۽ ان جي ڳاڙهي رنگ ڪري گولڊن ٽيمپل سڏجڻ لڳو.

دهلي ڏي ويندي هن رستي جي ڪابي پاسي رام باغ نظر اچي ٿو ۽ ساڄي پاسي گول باغ. سئيڊن ۾ مون سان رهندڙ امرتسر جو سک ستنام (جنهن جو ذڪر ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن ۾ ڪيو اٿم) ٻڌائيندو هو ته رام باغ جي پرسان ”سنڌي ڪافي هائوس“ نالي هڪ مشهور هوٽل آهي جيڪا تمام پراڻي آهي. بهرحال امرتسر ۾ سکن جو گولڊن ٽيمپل بعد اگر ڪا مشهور تاريخي شيءِ آهي ته گوبند گره جو قلعو آهي جيڪو رنجيت سنگهه 1805ع ۾ ٺهرايو (امرتسر شهر جون پٽيون به هن راجا ٺهرايون) ۽ ٻيو جاليانوالا باغ جيڪو گولڊن ٽيمپل جي بلڪل ويجهو آهي جتي انگريزن ٻه هزار کن انڊين کي گوليءَ جو نشانو بنايو. اهو هڪ اهڙو اهم واقعو هو جنهن نندي ڪنڊ جي ماڻهن جي دلين ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو جذبو پيدا ڪيو. انگريزي فلم گانڌي Gandhi ۾ اهي سڀ نظارا Recreate ڪيا ويا آهن.

اسان جي بس هاڻ اڳتي جالنڌر ڏي وڌي رهي هئي، جنهن جي هڪ شهر ڪرتار پور ۾ اسان کي ترسي ٿوري فرحت وٺڻي هئي ۽ بس وارن طرفان هوٽل ۾ چانهه ملڻي هئي. جالنڌر ضلعو به آهي ته ان ضلعي جو وڏو شهر به. پاڪستان جو اڳوڻو حاڪم جنرل ضياءَ هن شهر کان لڏي پاڪستان آيو هو. مون هن جي بايوگرافي نه پڙهي آهي پر بينظير صاحبه هن جي رمارڪس جي ورنديءَ ۾ اڪثر اهو چوندي هئي ته آئون ڄائي نپني سنڌ ۾ آهيان ۽ هتي ئي رهنديس جالنڌر کان نه آئي آهيان. بهرحال پنجاب جا لڌيانا ۽ امبالا جهڙا تاريخي شهر هن پراڻي رستي گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي ئي اچن ٿا ۽ هي روڊ ايڏو پراڻو آهي جو هن جي ٻنهي پاسن کان ايڏي ته وسندي ۽ ڳوٺ آهن جو خبر نٿي پوي ته ٻهراڙي ڪڏهن شروع ٿيندي جيئن ٽرئفڪ گهٽجي. ڪو فرلانگ کن مس بنا گهرن ۽ دڪانن جي آيو ٿي ته وري گهرن، دڪانن، اوطاقن ۽ ڪارخانن جو سلسلو شروع ٿي ويو ٿي ۽ ساڄي ۽ ڪابي پاسي کان ڪچا پڪا رستا اچي هن روڊ سان مليا ٿي جن تان ڍڳي ۽ سان گاڏين کان وٺي ٽريڪٽر ۽ ٽرڪون پئي آيا ويا. ان کان علاوه آٽو رڪشائون، اسڪول بسون، موٽرسائيڪلن تي ڏاڙهي ڍڪيل سک ۽ ويسپا موٽر سائيڪلون هلائيندڙ سکڻيون ٽرئفڪ ۾ وڏيڪ اضافو آڻي رهيون هيون. اسان جي اڳيان پوليس جي موبائيل گاڏي رستو صفا ڪرائڻ لاءِ نه اچي ها ته اسان جي بس به ٻين

وانگر ڦاسندي ڦاسندي هلي ها. هي اهو رستو آهي جيڪو انگريزن جي حڪومت کان اڳ تائين جرنيلي سڙڪ سڏبي هئي پر هاڻ گرانڊ ٽرنڪ روڊ يا ٿلهو "جي ٽي روڊ" سڏجي ٿو ۽ ڪلڪتي کان شروع ٿئي ٿو ته دهلي ۽ پوءِ امرتسر وٽان ٿيندو واگها ۽ لاهور پهچي ٿو ۽ اڳتي ڪابل افغانستان وڃيو دنگ ڪري. پاڪستان ۾ اڄڪلهه هن روڊ کي N_5 (پاڪستان نيشنل هاءِ وري نمبر 5) پڻ سڏين ٿا. ڪلڪتي کان ڪابل تائين هن 2600 ڪلوميٽري (1600 ميل) ڊگهي جي ٽي روڊ لاءِ هڪ صدي کن اڳ مشهور انگريزي ليکڪ رڊيارڊ ڪپلنگ چيو هو ته:

Such a river of life nowhere else axists in the world. It is the beack bone of all Hind on which one can see all castes and kinds of men..... all the world going and coming.

رڊيارڊ ڪپلنگ جي مشهور ناول Kim جا ڪيترائي واقعا هن روڊ (Grand Trunk) تي درپيش اچن ٿا. ڪيترن تاريخدانن جو ته اهو چوڻ آهي ته هن روڊ جو وجود اڄ کان 3500 سال اڳ جو آهي جڏهن اتر کان آرين ننڍي کنڊ تي چڙهائي ڪئي. هن روڊ اتر کان انهن آرين کي مارچ ڪندي ڏٺو. ايراني ۽ يونانين جي فوجن کي انڊيا تي ڪامياب حملا ڪندي ڏٺو. هن رستي تان Scythians سفيد هن (Huns) سلجوق، تاتاري، منگول، ساساني، ترڪ، مغل ۽ دراني آيا ۽ خيبر پاس لتاڙي هن سنڌ ۾ ڌوڪي ويا. هي اهوئي رستو آهي جنهن ذريعي تيمور، بابر، نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جهڙا فاتح ۽ ڌاڙو ننڍي کنڊ ۾ آيا ۽ ڄمائي ويٺا يا ڦرون ڪري واپس هليا ويا. دنيا ۾ هن روڊ جي عجيب جاگرافيائي بيهڪ آهي ۽ ان بيهڪ ڪري ئي اتر کان حملا ڪندڙ ايندا رهيا ۽ تاريخ ۾ نوان باب ڳنڍيا رهيا. ڪنهن صحيح چيو آهي ته:

Geography rather than history has fated the GT Road to play a role in every age.

هن گرانڊ ٽرنڪ روڊ ذريعي ننڍي کنڊ ۾ نه فقط حڪمران ۽ ڌاڙو آيا پر دنيا جا سياح، مسافر، عالم، ڏاها، سوداگر، ثقافت (Culture) ۽ Ideas هن ننڍي کنڊ ۾ پهتيون. سوين سالن تائين هن روڊ تان انن جا قافلا گذريا. هنن جهونن واپارين ۽ هنرمندن هن ڌرتيءَ تي عاليشان

قسم جي سلڪ ۽ چينيءَ (Porcelain) جو بهترين سامان چين ۽ وچ مشرق کان آندو. گرانڊ ٽرنڪ روڊ پاڪستان واري پاسي به تاريخي جاين تان لنگهي ٿو خيبر پاس کان وٺي ڏنو وڃي ته پشاور گنڌارا جي ڪنول ماٿري, اٽڪ جتي جو قلعو 1581ع ۾ مغل شهنشاهه اڪبر ٺهرايو حسن ابدال جتي نانڪانا صاحب جو سکن جو گوردوارو آهي, ٽئڪسلا (گنڌارا ۽ راجا امبي کان مشهور) پوٺوهار, روهتاس جو قلعو (جيڪو شيرشاهه سوريءَ ٺهرايو) گجرات (انگريزن جو جنگي ميدان) گجرانوالا (رنجيت سنگهه جي جم جي جاءِ) لاهور, شاليمار باغ, بادشاهي مسجد ۽ مشهور لاهوري قلعي جو شهر. جتي انگريزن جو دلپسند ۽ ايشيا جو پراڻو تعليمي ادارو پنجاب يونيورسٽي آهي, رڊيارڊ ڪپلنگ جي مشهور Kim,s Gun آهي ۽ انگريزن طرفان متاهين (Elite) ڪلاس جي ٻارن جو ايچيسين ڪاليج آهي ۽ واگها.

هونءَ ڏنو وڃي ته جرنيلي سڙڪ يعني هن گرانڊ ٽرنڪ روڊ کي ٺاهڻ ۾ شير شاهه سوريءَ جو وڏو هٿ هو. شيرشاهه سوري به هڪ عجيب بادشاهه ٿي گذريو آهي, جنهن هندستان تي فقط پنج سال بادشاهي ڪئي پر پاڻ ان زماني جي حاڪمن ۾ تمام سنو ائڊمنسٽريٽر هو. شيرشاهه سوري (سندس اصل نالو فريد هو پر پاڻ کي ”شينهن بادشاهه“ (شيرشاهه) ٿي سڏرايائين) هڪ ننڍڙي افغاني جاگيردار جو پٽ هو جيڪو پنجاب ۾ 1472ع ۾ ڄائو. پنهنجي ماٽيلي ماءُ جي بدسلوڪيءَ ڪري هن ننڍي هوندي ئي گهر ڇڏي جانپور ۾ وڃي سخت پڙهائي ڪئي ۽ عربي ۽ فارسي ٻولين تي هن جي سٺي ڪمانڊ ٿي وئي. انهن ڏينهن ۾ ته اهو Trend هو ته فارسي گهوڙي چاڙهسي. فارسي جا ڄاڻوءَ کي سٺي نوڪري ملي وئي ٿي. هن کي به تن ڏينهن جي مغل بادشاهه بابر وٽ نوڪري ملي وئي, بابر جي وفات بعد همايون تخت تي ويٺو. مغل بادشاهت ۾ ڪيترائي فوجي ۽ حڪومت مونجهارا ٿي پيا جن کي همايون منهن ڏئي نه پئي سگهيو ۽ همايونءَ جي ڪمزورين مان فائدو وٺي شيرشاهه هن جو تختو اونڌو ڪيو ۽ پاڻ بادشاهه ٿي ويٺو. شيرشاهه ملٽري ۽ سول ائڊمنسٽريشن ۾ وڏو قابل ماڻهو هو. هن پنهنجي مختصر حڪومت ۾ عوام جي ڀلي ۽ پنهنجي حڪومت مضبوط بنائڻ لاءِ ڪيترائي ڪم ۽ سڌارا به آندا ۽ ڪيترا تاريخدان کيس مڃين ٿا ته:

He was in truth the greatest ruler that sat upon the throne of Delhi.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن ڍلون وغيره اوڳاڙڻ جو بنياد زمين جي ماپ تي قائم ڪيو. عوام کي انصاف مهيا ڪيو. دهليءَ کان ڪابل تائين گرانڊ ٽرنڪ روڊ ٺهرايو. رستن تي وڻ پوکرائين. مسافرن جي آرام ۽ سهولت لاءِ گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي سرائيون (مسافر خانا) ٺهرائين ۽ کوهه کوٽرائين. ڪوس مينار (ميلن جي سڃاڻپ لاءِ منارا) ٺهرايائين جيئن اڄڪلهه پٿر جا ننڍڙا Mile Stone ٿين ٿا. ٽپال کڻي ڊوڙندڙ گهوڙن لاءِ Horse_ changing posts ٺهرايائين جتي گهوڙا ساهه پٽي سگهن ۽ مسافرن لاءِ ٻيون به ڪيتيون بنيادي شيون مهيا ڪيائين.

شيرشاهه سوريءَ 1540ع ۾ همايون کي شڪست ڏئي دهليءَ جو تخت حاصلم ڪيو. پنجن سالن بعد 1545ع ۾ پاڻ گذاري ويو. گن پائوڊر جي ڌماڪي ۾ پاڻ مري ويو. کيس به پٽ هئا پر بيحد نڪما ۽ حڪومت هلائي نه سگهيا ۽ همايون وچايل حڪومت کي هڪ دفعو وري حاصل ڪري ويو. گرانڊ ٽرنڪ روڊ کي ٺاهڻ واري شيرشاهه جي ”سوري گهراڻي“ جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو...

آئون تاريخ جي ورقن ۾ گم هوس ته بس هلائيندڙ سک ڊرائيور ٻڌايو ته سامهون بياس نالي شهر اچڻ وارو آهي. مون امرتسر ۾ هن ڊرائيور کي Request ڪيو هو ته ڪو اهڙو شهر، ندي، جبل وغيره گذري ته مون کي ٻڌائجان. آئون تنهنجي بلڪل پنيان ويٺو آهيان.

”بياس ندي آهي يا شهر؟“ مون پڪ ڪئي.

”ٻئي“ ڊرائيور وراڻيو. ”پهرين شهر ايندو پوءِ ندي به ٽپنداسين.“

پنجاب جن پنج ندين تان هن علائقي تي نالو پيو اهي آهن: جهلم، چناب، ستلج، راوي، ۽ بياس. هيءَ ندي بياس سڀ ۾ ننڍي آهي ۽ انڊيا جي اتراهين صوبي هماچل پرديش مان ڪري پنجاب جي گرداسپور ضلعي ۾ اچي گووند وال کان ٿورو اڳيان ستلج ۾ وڃيو ملي ۽ پوءِ اها ستلج هندستان ۽ پاڪستان جي پنجاب صوبي جو بارڊر ڏيئي راجستان جي شروع ٿيڻ کان اڳ پاڪستان جي پنجاب اندر هليو وڃي اڳتي وڃيو سنڌو درياهه سان ملي. اسان جي بس بياس جو شهر ۽ ان بعد بياس درياهه ٽپي اڌ ڪلاڪ وڌيڪ اڳتي هلي ضلعي جلنڌر جي شهر ڪرتاپور ۾ مين روڊ تي ٺهيل هڪ وڏي هوٽل ”منگوليا ٽورسٽ ڪامپليڪس“ اڳيان اچي بيٺي. هتي اسان کي چانهه پاڻي پيئڻو هو ۽ ڪجهه ٽنگ به ڊگهي ڪرڻي هئي. بس ۾ ويٺي به اڍائي ڪلاڪ ٿي ويا هئا. سگريٽ پيئڻ وارن لهڻ سان پهرين سگريٽ دکايو

باٿ روم جو بہ پوءِ پڇيائون. چانھ پيئڻ بعد ڪي بس ۾ اچي ويٺا ڪي بس جي ٻاهران بيھي رستي تان لنگھندڙ ٽرئفڪ کي ڏسڻ لڳا. هوٽل جي ٻر ۾ پان جون مانڊڻيون هيون جتي پان تہ نہ هئا پر سوپارين جون پڙيون، ٽڪيون، ٽافيون، چيغم وغيره هئا. ٻنهي مانڊيڻ تي پبلڪ فون هو جتان اسان جي ڪيترن ساٿين پاڪستان پنهنجن گھرن ۾ دوست ڏي فون ڪيو. بس جي ڊرائيور هاڻ هارن مٿان هارن وڄائڻ شروع ڪيو يعني ڏاڍي دير ٿي وئي آهي جلدي ورو تہ بس اڳتي جي سفر تي هلي. بس ۾ سوار ۾ اڳيان موبائيل ۾ ويٺل سپاهين هش هش ڪري مسافرن کي هتان هتان ورائي بس پيڙو ڪيو. مسافرن جو تعداد ڳڻيو ويو. هڪ بہ اجا ڪتل هئا بہ پوليس وارا بس مان لھي ڪين ڳولڻ لاءِ هوٽل ۾ ويا. هڪ باٿ روم ۾ هو ۽ ٻئي اجا هاڻ چانھ پيئڻ شروع ڪئي هئي. بهرحال ماٺهو پورا ٿيڻ تي بس جي ڊرائيور موبائيل ۾ ويٺل پوليس کي اشارو ڪيو يعني هاڻ اڳيان ٿيو تہ پنيان اسان اچون.

”هاڻ ڪٿي ترسنداسين؟“ مون بس ڊرائيور کان پڇيو.

”هاڻ سائين ٻلي سمھي رهو. ڪهٽ ۾ ڪهٽ ٽن ڪلاڪن بعد سرهند شهر ۾ مانيءَ لاءِ ترسنداسين. آئون اڌ ڪلاڪ کن دريءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيس جلنڌر Jalandhar جو شهر گذرڻ بعد سگھو ئي اک لڳي ويم. دريءَ جو پردو ڇڪي ڇڏيو هوم ۽ وڏيڪ اوندھ ڪرڻ لاءِ منهن تي ننيڙو ٽوال وجھي ڇڏيو هوم جلنڌر امرتسر کان پورن 80 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي يعني حيدرآباد کان نوابشاهہ جيتري پنڌ تي. پنجاب جا مهاراجا رنجيت سنگھ هن شهر ۾ سن 1839ع ۾ گذاري ويو هو. جلنڌر لاءِ چون ٿا تہ ڪنهن قديمي هندو سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ پڻ هو. اسان جي سک بس ڊرائيور ٻڌايو تہ هن شهر جلنڌر جي معنيٰ ”پاڻي اندر“ آهي يعني جل اندر. هن ٻڌايو تہ هن شهر ۾ هڪ تمام پراڻي سراءِ (مسافر خانو) 1857ع جو ٺهيل آهي.

لاهور کان دهلي هلندڙ هيءَ بس تمام گھڻي آرام ده آهي. هر سيٽ جي وچ ۾ ٽنگون ڊگھيون ڪرڻ جي ڪافي جاءِ آهي. نئين ۽ وڏي بس آهي. ٻاهر ڏوڙ ۽ گرمي هجڻ جي باوجود اندر ايئرڪنڊيشنڊ هجڻ ڪري ٿڌڪار آهي. هر هڪ ڪالھ کان سفر ۾ هو. ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهہ ۽ روهڙيءَ کان چڙهيل اسان جا مسافر 18 ڪلاڪ کن ٽرين ۾ سفر ڪري رات جو ٻارهين هڪ بجي لاهور پهتا هئا. ان بعد باقي رات جو حصو بہ اوجاگو ڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

صبح جو هن بس ۾ اچي سوار ٿيا هئاسين. ٽڪ ۾ اوجاڳي ڪري هاڻ هر هڪ ننڊون ڪري رهيو هو. آئون بہ دريءَ مان وڏيڪ ڏسي نہ سگهيس جو رکي رکي جهوٽا پئي آيا ۽ نيٺ اک لڳي وئي. ڪلاڪ ڏيڍ بعد اک کلي تہ بس لڌيانا جي شهر جي هدن ۾ گهڙي چڪي هئي. اهو سچي عيجب لڳو تہ اسان هندستان جي رستن تي سفر ڪري رهيا هئاسين. چوويهہ ڪلاڪ اڳ يعني هن وقت اسان جي ٽرين روهڙي کان ڏهرڪي پهچي رهي هئي ۽ ريل جي دريءَ مان اينگرو ياڻ جي ڪا فيڪٽري نظر اچي رهي هئي ۽ هاڻ دريءَ مان لڌيانا شهر جا دڪان، هوٽلون، گرمکي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل اشتهار، سکن جا ٽڪاٽا، مختلف يونيفارمن ۾ اسڪولن جا ٻار جن جي مٿي جي وارن جو جهڳٽو رومال ۾ ويڙهيل، ڏاڙهين ۽ پٽڪن سان سک مرد، پاجامن ۽ ڌوتين ۾ پنجابي هندو، دڪانن ۽ هوٽلن اڳيان چرندڙ سست ڍڳيون ۽ رول ڪتاب نظر اچي رهيا هئا.

لڌيانا، گرداسپور، امرتسر، هوشياپور، چنديگڙهہ، فيروز پور، پٽيالا، روپ نگر وغيره هندستان جي پنجاب صوبي جا مشهور ۽ وڏا شهر آهن. لڌيانا جي نالي سان ٻي ڪا شيءِ ياد اچي يا نہ پر مون جهڙي پرديس ۾ رهندڙ کي لڌيانا ۾ ٺهندڙ مشهور سائڪيلون "هيرو" ياد ٿيون اچن. جيئن ٽاٽا ڪمپنيءَ جون بسون ۽ ٽرڪون انڊيا ۽ دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مشهور آهن تيئن هن شهر جون هيرو سائيڪلون آهن جيڪي ٽاٽا وانگر مون کي ملائيشيا، ٿائليند، سريلنڪا ۽ آفريقا جي ڪيترن ملڪن ۾ نظر آيون. لڌيانا لاءِ مشهور آهي تہ اتان هر سال 35 لک سائيڪلون ٺهي وڪري لاءِ انڊيا ۽ ٻاهر وڃن ٿيون يعني روزانو 10 هزار سائيڪلون ٺهن ٿيون.

لڌيانا جا گريجوئيٽ ميڊيڪل ڊاڪٽر بہ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا خاص ڪري ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾. لڌيانا جو هي ڪرسچن ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال 1895ع ۾ ٺهيو ۽ چيو وڃي ٿو تہ هي ميڊيسن جو اسڪول سڄي ايشيا کنڊ ۾ پراڻي ۾ پراڻو آهي. رستي تان لنگهڻ مهل ڪيترن ئي هنڌن تي هتي جي ڪنهن هوٽل "ستي هارٽ" جا سائن بورڊ نظر اچن ٿا جيڪا لڳي ٿو تہ هتي جي ڪا وڏي هوٽل آهي.

هن شهر جو لڌيانا (لوڌيانا) نالو لوڌي گهراڻي جي حاڪمن تان پيو جن دهليءَ تي 1451ع کان 1526ع تائين (بابر جي فتحيابي تائين) حڪومت ڪئي. 1489ع تائين هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شهر جو نالو مير هوتا هو. هن شهر ۾ قاعدي Law & Order جي حالت صحيح رکڻ لاءِ دهليءَ طرفان سڪندر لوڌيءَ کي هتي مقرر ڪيو ويو هو جيڪو 1489ع کان 1517ع تائين هتي رهيو۽ هن شهر مير هوتا جو نالو بدلائي لوڌيانا (Ludhiana) رکيو.

لڌيانا ڪافي وڏو شهر تي لڳو جو اسان جي بس ڪا دير شهر جي پيهه پيهان مان وڏا وڏا هارن ڏيندي هلندي رهي. ان کان علاوه اسان جي اڳيان هلندڙ پوليس جي گاڏي رون رون (سائرن) ۽ هارن ڏيندي ٽريفڪ کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. انهن زوردار هارنن تي بس ۾ ستل سڀ همراهه سجاڳ ٿي پيا هئا ۽ سڀ پڙدا ريڙهي ٻاهر جي دنيا جو ديدار ڪرڻ لڳا. هن شهر وٽ رستي جي ٻنهي پاسن کان ڪيترائي روڊ ڦٽا ٿي جن تان ٽريفڪ هن مين روڊ تي اچي وڏيڪ رستو جٽمر ڪري رهي هئي. ڊرائيور ٻڌايو ته هي مختلف رستا هن صوبي جي ٻين ڪيترن شهرن: موگا، مختصر (Muktsar)، ڀاٽندا سانگرور، نوانشهر وغيره ڏي وڃن ٿا، اسان پانت پانت جا ماڻهو نموني نموني جي سوارين ۾ توڙي پيرين پنڌ ايندي ويندي ڏسندا هلياسين. رستي جي ڪپرن تي وڏا دڪان، ننڍا دڪان، ڪئبنون ۽ مانڊڻيون، انهن جي اڳيان پٽ تي وينل موچي، ديڳڙن تي ڪلعي چاڙهڻ وارو، لوهه کي گرم ڪري ڪهاڙيون، ڪرپيون ۽ ڏانتا ناهڻ وارو لوهار، ڪن مان مر ڪڍڻ وارو، جڙتون ٻوٽيون ۽ طاقت، شباب ۽ جوانيءَ جا نسخا وڪڻڻ وارو ۽ هر پٽ تي چن سان لکيل اشتهار، اسڪولن ۾ داخلائن جا، ٽيوشن سينٽرن جا، ڪمپيوٽر سکڻ جا ۽ وڃايل طاقت ۽ جوانيءَ کي ماڻڻ جي نسخن ۽ دوائن جا... سچ چيو آهي رڊيارڊ ڪپلنگ ته هي گرانڊ ٽرنڪ روڊ River of life آهي. اها زندگيءَ جي ندي جيڪا گنگا، جمنا ۽ ويندي سنڌوءَ کان به ڊگهي آهي جيڪا ڪلڪتي کان شروع ٿئي ٿي ته امرتسر وٽان ٽپندي پاڪستان هليو وڃي ۽ خيبر پاس ٽپيو ڪابل (افغانستان) ۾ وڃيو دنگ ڪري. هي اهو جهونو رستو ۽ تهذيب آهي جنهن تي دنيا جي چئن جهونن ۽ مشهور مذهبن، هندو ڌرم ٻڌ ڌرم، جين ڌرم ۽ سک ڌرم جنم ورتو ۽ دنيا ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ مذهب اسلام هن رستي ذريعي ننڍي کنڊ ۾ پکڙيو. هن رستي تي لاهور امرتسر، امبالا، ڪرڪ شاترا، پاڻيپت، دهلي، علي ڳڙهه، مترا، آگرو ڪانپور، الهه آباد، بنارس جنهن کي هاڻ وارا انساني سڏين ٿا، ساسا رام، گيام (ٻڌگيا) درگاپور، ڌنباد، ٽيٽاگره ۽ ٻيا ڪيترائي تاريخي شهر آهن جيڪي هندن، سکن، مسلمانن، ٻڌن ۽ ٻين مذهبن، حڪومتن ۽ قومن جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماڻهن جي عبادت گهرن، تاريخي جاين ۽ تعليمي ادارن ۽ مقبرن خانقاهن کان مشهور آهن. اڄ اسان هن روڊ تان بس ذريعي گذرون پيا اسان کان اڳ ڪئين صديون خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو حاڪم، ساڌو سنت، ڦورو لٽيرا، عالم ڏاها، واپاري سوداگر هن رستي تان پيرين پنڌ يا اٺن، هاٿين، گهوڙن، گڏهن يا بيل گاڏين، سائيڪلن ۽ ٻين سوارين تي گذرندا رهيا. اسين برطانيه جي فوجين کي 1880ع وارن سالن ۾ هن رستي تان مارچ ڪندو Imagine ڪري سگهون ٿا جن لاءِ ڪپلنگ اڄ کان سوا صدي اڳ Marchin _Route جي عنوان سان نظم لکيو هو:

We`re marchin, of relief
Over India`s Sunny Plains
A little O` Christmas time
An` just be`ind the Rains,
Ho! get away` you bullock_ man.
Yon` ve` eard the bugle blowed,
There,s a regiment a_ comin
Down the Grand Trunk Road.

مون گهڻو جاڳڻ بدران ننڊ ڪرڻ ٿي چاهي جيئن شام جو يا رات جو دهلي پهچي ته ٿي ڪلاڪ هن سفر بابت لکي سگهان ۽ اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن آئون تازگي محسوس ڪري رهيو هوندس. اڌ ڪلاڪ کن اڳ لڌيانا ۾ کاڌل ليڪسوٽنل جي گوري هاڻ پنهنجو اثر ڏيکاري رهي هئي ۽ آئون ننڊا ڪڙو محسوس ڪري رهيو هوس. مون ننڊ ڪرڻ ٿي چاهي ٿي جو گذرين ٽيهارو کن ڪلاڪن ۾ ڪي ٿي چار ڪلاڪ مس ستو هوندس سو به قسطن ۾. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انڊيا جي هيءَ Made in Sweden جي Vlovo ڪمپنيءَ جي نه فقط بس آرامداه هئي پر ان ۾ ٿهيل سيٽون پڻ جيڪي پنيان لاڙي ماڻهو اڌ گابرو سمهي سگهيو ٿي. چوڌاري نظر ڪيم، ڪيترائي مسافر ڪونگهرا هڻي رهيا هئا. ڪي ڊرائيور جي سيٽ مٿان لڳل ٽي وي تان فلم ڏسي رهيا هئا.

پنهنجي پاسي واري دريءَ تي پردو ڏئي يعني دنيا جي اهم، پراڻي، ڏکهي ۽ تاريخي روڊ

تان هلندڙ جيئرن جاڳندڙن ڪردارن کي ڏسڻ بدران ٽي وي جي اسڪرين تي فلمي اداڪار ڏسڻ لڳس. ٽي سال کن اڳ انڊيا جي صوبي گجرات ۾ (جيڪو صوبو هونءَ ته تمام پرامن ليکيو ويندو هو) هندو مسلمانن جا فساد ٿي پيا هئا. اهي فساد ٻڙودا (جتي اسان کي ٻه هفتا کن دهليءَ ۾ رهي اسان جي دوست نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش جي شاديءَ تي وڃڻو هو) کان هڪ اسٽيشن اڳ گوڌرا کان شروع ٿي سڄي گجرات ۾ باهه وانگر پکڙجي ويا هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي انڊيا جي حڪومت انهن فسادن تي يڪدم ڪنٽرول ڪري ورتو ۽ شرپسند ماڻهن جي سختيءَ سان وٺ پڪڙ ڪري انهن کي چڱي طرح سزا ڏني ۽ ٻين لاءِ سبق مهيا ڪيو. ان بعد وري سڄي گجرات ۾ ڪنهن اڳ اڳرائي نه ڪئي، گوڌرا ۾ درپيش آيل هندو مسلمانن فساد جي هن افسوسناڪ واقعي تي مبني فلم ديو (Dev) ٽي وي تان هلي رهي هئي جنهن ۾ پراڻا ايڪٽر اميتاڀ بچن ۽ امريش پوري ٻه هئا. فلم جو هيرو ۽ هيروئن فيروز خان جو پٽ فردين خان ۽ رنڌير ڪپور جي ڌيءَ ڪرينا ڪپور آهن. فلم ڏسندي ڏسندي مون کي ٻه اک لڳي وئي.

پنجاب ٻن فارسي لفظن پنج ۽ آب مان ٺهيل آهي، يعني پنج درياهه اسڪول جي ڏينهن ۾ پاڪستان جو نقشو ڪڍي پنهنجي (پاڪستان پاسي واري) پنجاب ۾ درياهه ڳوليندا هئاسين ته فقط چار درياهه نظر ايندا هئا. جهلم، چناب، ستلج ۽ راوي ۽ انهن جي ٿي نالن تي اسان جي جهاز ان ڪمپنيءَ جا پاڻيءَ جا جهاز هلايا. تن ڏينهن ۾ انڊيا جو نقشو ڏسڻ بنا آئون اهوئي سوچيندو هوس ته پنجون درياهه ڪهڙو ٿيو جنهنجي ڪري ننڍي کنڊ جي هن صوبي جو نالو پنجاب ٿيو. ڪو چوندو هو ته پنجون درياهه سنڌو درياهه، مهراڻ آهي جنهن کي اسان جي ڪمپنيءَ جو جهاز اباسين Represent ٿو ڪري. پر پوءِ سگهوئي خبر پئجي وئي ته پنجون درياهه بياس آهي جيڪو سڄي پنجاب مان گذرڻ بدران فقط اتر واري ان حصي مان گذري ٿو جيڪو پنجاب جو حصو انڊيا حوالي آهي.

انڊيا جو پنجاب صوبو هن مان وهندڙ مٿين ندين ذريعي ٽن وڏن حصن ۾ ورهايل آهي. بياس نديءَ جي اتر وارو علائقو مجها (Majha) سڏجي ٿو. ستلج ۽ بياس ندين جي وچ وارو حصو دوآبا (Doaba) ۽ ستاج نديءَ جي ڏکڻ وارو باقي حصو مالو (Malwa) سڏجي ٿو. پنجاب جي پير ۾ هريانا صوبو آهي جيڪو پنجاب صوبي سان اوپر کان ڏکڻ تائين مليو پيو

آهي. ٻنهي صوبن جي گاديءَ جو ساڳيو شهر چاندي ڳڙهه آهي. چاندي ڳڙهه انڊيا جو پهريون Planned ۾ ماڊرن شهر آهي جيئن اسان وٽ اسلام آباد آهي. هن شهر جو نقشو سن 1966ع ۾ فرانس جي مشهور آرڪيٽيڪٽ Le Corbusier ناهيو. هن شهر جي ڏکڻ ۾ فتح ڳڙهه صاحب ضلعي جو هڪ شهر سرهند (Sirhind) گراند ٽرنڪ روڊ جي بلڪل ڪپر تي آهي. شيرشاهه سوريءَ جي مرڻ بعد سندس وارثن سوري گهراڻي جو تخت ۽ گاديءَ جو هنڌ پنجاب صوبي جي هن شهر سرهند کي بنايو. منجهن ڪو حال نه هو. 1555ع ۾ همايو سوري گهراڻي جي حاڪم سڪندڙ شاهه سوريءَ کي هتي شڪست ڏني ۽ سال کن بعد همايون جي پٽ اڪبر سوري خاندان جي مڪمل تباهي پاڻيپٽ ۾ ڪئي. پاڻيپٽ جو شهر به هن گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي آهي. جتي شام ڌاري پهچي ويندا سين. هي اهوئي پاڻيپٽ آهي جتي 1526ع ۾ همايون جي پيءُ بابر ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي دهليءَ جي تخت تاج وجو مالڪ ٿيو ۽ هن گهراڻي (مغل خاندان) کي به سؤ سالن کان مٿي هندستان تي حڪومت ڪرڻ جو موقعو مليو ويو. همايون جي فتح (1555ع) کان وٺي 1709ع تائين هي شهر سرهند مغلن جو بلي بلي شهر هو پر پوءِ طاقتور سکن ۽ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندڙ مغلن جي وچ ۾ هن شهر جي تباهي ٿيندي رهي ۽ 1763ع ۾ هي شهر مڪمل طور تباهه ٿي ويو.

سرهند جو شهر جتي هاڻ اسان جو وڏو اسٽاپ هو جتي انڊيا پاڪستان سرڪار طرفان هلندڙ هن بس وارن اسان جي مانيءَ جو بندوبست ڪيو آهي، اڄ سرهند هڪ دفعو وري ماڊرن ۽ سهڻو شهر ٿي پيو آهي ۽ چون ٿا ته هتي مير ميران ۽ پير بندي نقش والا مقبرو ڏسڻ وٽان آهي جن ۾ بلو رنگ جي ٽائيلن تي خوبصورت چٽساليءَ جو ڪم ٿيل آهي. ان کان علاوه هن شهر ۾ ڪيترين ئي پراڻين مسجدون موجود آهن. سڀ کان افسوس ناڪ ڳالهه اها آهي ته هن شهر ۾ فيروز تغلق جو اهو جهونو سرهند قلعو آهي جنهن جي ڀتين ۾ گرو گوبند سنگهه جي ننڍين پٽن کي، مسلمان ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ تي جيئرو دفن ڪيو ويو هو. هيءَ اها Turning point هئي جنهن کان پوءِ سکن جي امن پسند قوم ويڙهاڪ ٿي پئي ۽ هنن جا مسلمانن سان تعلقات خراب ٿي پيا. منهنجي خيال ۾ اهو اورنگزيب مغل شهنشاهه هو جنهن جي حڪم سان هي بدقسمت واقعو درپيش آيو. ان واقعي جي ياد ۾ ان هنڌ تي فتح

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڳڙهه صاحب نالي گردوارو آهي. پرسان حضرت مجدد دين الطاف جو روضو مبارڪ آهي.

اسان جي دهلي ويندڙ بس هن شهر سرهند ۾ جنهن وقت هوٽل اڳيان اچي بيٺي ان وقت دهليءَ کان لاهور ايندڙ اسان جي پاڪستاني بس اتان رواني ٿي رهي هئي ۽ لاهور ويندڙ مسافر ان هوٽل مان ماني کائي نڪري رهيا هئا. انهن مان هڪ همراهه ٽيهارو کن ورهين جي ڇمار جو مون سان اچي مليو.

"سائين الطاف شيخ آهيو نه؟" هن سنڌيءَ ۾ پڇيو.

"ها ادا، ۽ توهان؟" مون پڇيو.

"آئون درشن آهيان" هن ٻڌايو. "آئون به اخبارن رسالن ۾ لکندو رهان ٿو پر "وفا سنڌي" جي نالي سان جيڪو منهنجو ادبي نالو آهي."

هنن جي بس هارن مٿان هارن وڄائي ڪين بس ۾ ويهڻ لاءِ جلدي ڪري رهي هئي جو اڃا وڏو سفر طئي ڪرڻو هون. بهرحال جلدي جلدي ۾ درشن ٻڌايو ته هو سکر پاسي ڪنهن ڳوٺ جو آهي ڪراچيءَ ۾ اسٽيٽ بئنڪ ۾ نوڪري ڪري ٿو ۽ ڪئش ڊپارٽمينٽ ۾ ATO آهي هو ڪراچيءَ ۾ گلشن اقبال ۾ نومان ٽيريس فيز 2 ۾ رهي ٿو. پاڻ ٽي مهينا کن انڊيا ۾ رهي هاڻ پاڪستان موٽي رهيو هو.

"آئون مهيني کن لاءِ هتي آيو هوس." هن ٻڌايو. "پر پوءِ هتي رهندڙ هڪ مائٽ جي چنائي ۾ آپريشن ڪرائڻي هئي، سو اوڏانهن هليو ويس."

مدراس کي اڄڪلهه پراڻي نالي چنائي سان سڏين ٿا جيئن بنارس کي واراناسي Varanasi ۽ بڙودا کي وادودارا (VADODARA)

"ڪيئن لڳو ڏکڻ هندستان؟ مون پڇيومانس.

"سائين ماٺ اٿانو پلي توهان سوچي نٿا سگهو ته اتي زبان جو ڪيڏو مسئلو آهي، اردو ته ڇا پر ڪو هندي به نٿو سمجهي." هن ٻڌايو.

"بلڪل صحيح ٿو چئين، مون کي ملائشيا ۽ سنگاپور جو تجربو آهي جتي هندستان جي ڏاکڻ صوبن ڪرناٽڪا، ڪيرالا ۽ تامل ناڊوجا ماڻهو رهن ٿا، هو فقط تامل، تيلگو، مليالم، ڪانڊا جهڙين زبانن کان واقف آهن." مون وراڻيومانس.

هندستان هڪ عجيب ملڪ آهي، هي اهو ملڪ آهي جنهن ملڪ منجهه انيڪ ملڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهن، جنهن جا ڏاڪڻا صوبا تہ مختلف نرالا آهن پر اوير وارا صوبا بہ. انڊيا جي اوير وارا صوبا مني پور، ميزورام، ناگالئنڊ، آسام ۽ آرونچل پرديش جيڪي بنگلاديش ۽ ڀوٽان جي بہ ڀئي پاسي برما ۽ چين سان مليل آهن ۽ انهن جو ئي حصو لڳن ٿا اتي جو ڪلچر، لباس، رسم ورواج ۽ زبان دهلي، لکنؤ يا امرتسر ۾ رهندڙن لاءِ بلڪل نرالو آهي. آگري، ديره دون، اجمير ۽ سرينگر جو رهاڪو ولايت ۾ پشاور، لاهور، حيدرآباد ۽ ڪوئيٽا جي رهاڪوءَ سان گڏ تہ رهي سگهندو پر پنهنجي ملڪ جي ناگر ڪئال، ٽيروانن، ڪوتايم جهڙن ڏکڻ هندستان جي شهرين سان نٿو رهي سگهي. هو پراڻا پوري ڪائڻ وارا ۽ هي اڊلي ڍوسا ڪائڻ وارا، هو اردو پنجابي سمجهڻ وارا ۽ هي هندي بہ نہ سمجهن.

درشن (وفا سنڌي) ڪڏهو ڪو موڪلائي وڃي بس ۾ ويٺو هو هندستان جون يادون کڻي پنهنجي وطن وڃي رهو هو. پوليس موبائيل پويان هنن جي بس رواني ٿي. بس جي پويان ڪنهن هتي جي رهاڪوءَ مارڪر سان رومن انگريزيءَ ۾ لکي ڇڏيو هو:

Dil ka Darwaja khol ker Aana

Prr Wapas Ja kar Bhool na jana

(دل کا دروازه کهول کر آنا_ پار واپس جاکر بهول نہ جانا)

پاڪستان موٽندڙ هي اسان جا پاڪستاني هڪ ڏينهن وري ضرور ايندا. انڊيا اهو ملڪ آهي جتي اسان جا پنهنجا ماڻهو آهن جن جا ڏک، درد، ريتون ۽ رسمون ۽ عقيدا ساڳيا آهن. انڊيا اهو ملڪ آهي جتي اسان جي تاريخ آهي اسان جو ڪلچر آهي جتي اسان جو مسجدون ۽ اسان جي بزرگن جا مقبرا آهن جتي اسان جي بادشاهن جون يادگار عمارتون آهن. هندستان ڪو اهڙو ملڪ ناهي جو هڪ مهيني يا ٽن مهينن ۾ ڏسي سگهجي. هن ملڪ کي ڏسڻ لاءِ، هن ملڪ کي پسڻ لاءِ، هن ملڪ کي سمجهڻ لاءِ مهينن جا مهينا کپن.

بس ۾ سفر ڪندڙ منهنجا ساٿي پليٽن ۾ پٽ، دال ڀاڄيون رکي ٽيبل تي کائي رهيا هئا ۽ آئون اڃا هوٽل جي ٻاهر بيٺو هوس. لاهور ويندڙ بس کي خدا حافظ ڪرڻ پنيان، ادا گلاب راءِ جو پٽ وڃي پليٽ کڻي منهنجي اڳيان آيو.

"انڪل توهان هلي امان بابا واري ٽيبل تي ويهو تہ آئون توهان لاءِ ماني کڻي ٿو اچان."

"ڪهڙا ڪهڙا ٻوڙ آهن؟" مون وڃي ڪائنس پڇيو جيڪو پنهنجي لاءِ پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ماني ڪڍي ٽيبل تي رکي آيو هو.

”انڪل اهو نہ پڇو Vegetranian هوٽل آهي. رڳو دال جا قسم ۽ ڀاڄيون آهن.“ وجي کلندي چيو ۽ آئون اچي ادا گلاب راءِ ۽ ادي راڻيءَ سان گڏ ويٺس. مون جڏهن پهريون دفعو ڪنڊياري ۾ 1959ع ۾ ادا گلاب راءِ کي ڏٺو هو تہ هن جي ويجهڙائيءَ ۾ شادي ٿي هئي. پاڻ ڀاويهہ ٽيويهہ سال جو ٺاهوڪو جوان هو. ان کان چار سالن کان اڳ 1955ع ۾ بهاولپور مان LSMF ڊاڪٽري جو امتحان ڏئي هاڻ لاڙڪاڻي (يا شايد ٺٽي) ۾ نوڪري ڪري رهيو هو. هينئر ان پهرين ملاقات کي بہ اٽڪل 46 سال ٿي ويا. ادي راڻي سفر دوران ڪافي ڪڙي تڙي لڳي رهي هئي، ۽ هوءَ عمر ۾ ادا گلاب راءِ کان ڪافي ننڍي بہ آهي پر پاڻ ڪمزور لڳي رهيو هو. مون کان 10 سالن کان وڏو اٽڪل 70 سالن جو ٿيندو. کين ٽي ڏيئرون، ڪوشلا، پدما، ۽ رتنا آهن ۽ ڇهہ پٽ، چندر، رميش، راجڪمار، انوج، وجي (جيڪو ساڻن گڏ آيو هو) ۽ سڀ ۾ ننڍو اجيت آهي. جنهن گذريل سال BE انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي.

گلاب راءِ جي والد صاحب ڊپٽي ڪمشنر نارائڻ داس کي پنهنجي وڏي زال پيپيءَ مان فقط بہ ٻار ٿيا. وڏو گلاب راءِ ۽ ٻيو حشمت راءِ. حشمت راءِ صاحب سنڌ جو مشهور انجنيئر ٿي گذريو آهي سندس ڪجهہ سال اڳ وفات ٿي. حشمت راءِ کي ٻارهن ٻار آهن جن مان بہ ٻار انجنيئر رانا ۽ ان جي زال آشا ۽ رانا جي ڀيڻ سروج جيڪا پيٽارو اسڪول ۾ ٽيچر آهي هن ڇيچ سان گڏ دهلي ۽ ٻڙودا پنهنجي سؤٽن جي شادي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ هلي رهيا آهن. ان کان علاوه انهن سان گڏ حشمت راءِ جي گهر واري (رانا ۽ سروج جي والده) مسز ماروي بہ آهي.

مانيءَ جو ڪم لاهي ٻيني پير چانهہ پي اڳتي جي سفر لاءِ بس ڏي چرڻ لڳاسين. سچ پچ تہ هاڻ سڀ هن ڊگهي سفر مان اهڙو ٿڪجي پيا هئاسين جو دل پئي چيو تہ جيڪر هڪ ڏينهن ڪٽي هتي هن شهر سرهند ۾ ئي ترسائين تہ ٿڪ ڀڃي پوءِ باقي سفر سڀان کان ڪجي، پر اها ڳالهہ ناممڪن هئي. اسان جي ڪري پوليس بہ سيڙتي پئي هئي ۽ بس کي هر حالت ۾ دهلي پهچڻو هو جيئن ٻئي ڏينهن صبح ساڻ لاهور جا مسافر دهليءَ کان ڪٽي نڪري ۽ اسان کي بہ هر صورت ۾ دهلي پهچڻو هو جو ڊاڪٽر رامچند جي پٽ راجيش جي اڄ رات مينِدي هئي ۽ هو سڀ ڇيچ جو انتظار ڪري رهيا هوندا تہ اجهو ٿا اچي ڳائين وڄائين ۽ ماني کائين. اسان جا ساٿي ۽ گهوٽن جا پيءُ ۽ نولراءِ اوڏ ۽ ڊاڪٽر رامچند اوڏ ۽ انهن جا ٻار ٻچا جيڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوائي جهاز ذريعي ٻہ ڏينهن اڳ دهلي پهچي چڪا آهن اهي پروگرام موجب اسان کي دهليءَ جي بس اسٽاپ تان وٺڻ لاءِ شام جوئي پهچي ويا هوندا.

بهرحال اڳتي جي باقي ٻچيل سفر لاءِ وري اچي بس ۾ چڙهياسين. هڪ دفعو وري بس هلي، ڊرائيور کي تہ شاباس هجي، صبح کان پئي هليو. ڪراچيءَ کان حيدرآباد يا هاڻ رستو ٺهڻ بعد موري خيرپور تائين ڊرائيو ڪرڻ سولو ڪم آهي پر دنيا جي هن جهوني آباد ۾ رنگارنگ گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي گاڏي هلائڻ ڏکيو ڪم آهي. ڊبل هاءِ وي ٺهڻ کان اڳ هالا، سعيد آباد، سڪرنڊ، قاضي احمد جهڙن بس اسٽاپن وٽ جيڪا لارين موٽرن، ٽانگن، گڏهہ گاڏين، سائيڪلن ۽ موٽر سائيڪلن جي رش هوندي هئي اهو حال هن سڄي گرانڊ ٽرنڪ روڊ جو آهي جتي انهن سڀني سوارين کان وڌي خواري رول ۾ نڌڻڪيون ڍڳيون آهن جن کي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪو موچڙو بہ نٿو هٽيو سگهي. سرهند شهر کان نڪرڻ بعد پوءِ ڪلاڪ اندر اسان جي بس پنجاب جو صوبو لتاڙي پر واري صوبي هريانا جي پهرين شهر امبالا کان اچي نڪتي. هي صوبو هريانہ بہ پنجاب وانگر سائو ۽ سرسبز نظر اچي رهيو آهي، بلڪ سندس نالو هريالي (ساوڪ وارو) تان پيو هجيس. هي صوبو ڪو جهونو ناهي، 1966ع ۾ ڪجهہ حصو پنجاب جو ۽ ڪجهہ اتر پرديش جو ڪٽي هي نئون صوبو هريانا ٺاهيو ويو. دهلي هن صوبي جي هيٺين چيڙي تي آهي. هريانا صوبي کي پر واري صوبي اتر پرديش کان يمنا ندي الگ ڪري ٿي. يمنا ندي مٿان اتراهين صوبي هماچل پرديش کان اچي دهليءَ وتان ٿيندي پوءِ هيٺ اتر پرديش جي شهرن متھرا ۽ آگرا مان ٿيندي الهہ آباد ۾ گنگانديءَ سان وڃيو ملي.

امبالا ۽ بدايون شهرن جا نالا اسان ڪراچيءَ ۾ ٻڌا. برنس روڊ وٽ بدايوني نالي ڪير پڙن جو دڪان هوندو هو جيڪو هاڻ شايد ناهي ۽ امبالا نالي ڪيماڙيءَ تي مٺائي جو دڪان هوندو هو. جهاز تان ايندي ويندي يا ٻاهرن ملڪن ڏي Sail ڪرڻ وقت هن دڪان تان مٺائي گهرائيندا هئاسين. بعد ۾ خبر پئي تہ بدايون ۽ امبالا انڊيا جي شهرن جا نالا آهن جتان جي لڏي آيل مهاجرن هتي پنهنجي اباڻي شهرن جي نالي تي دڪان کوليا هئا اڄ ان ”امبالا شهر“ جي وچ مان وهندڙ هن گرانڊ ٽرنڪ روڊ تان وڃي رهيا هئاسين. امبالا شهر 1965ع واري انڊو پاڪ واري جنگ ۾ پڻ زير موضوع رهيو جڏهن پاڪستان ايئرفورس جي هوائي جهاز

جي امبالا تي ڪيل بمباريءَ ۾ هتي جو سنيٽ پال نالي عسائين جو پراڻو گرجا گهر تباهہ ٿي ويو. سينٽ پال چرچ هن علائقي جو جهونو ترين عبادت گهر آهي جيڪو انگريزن پنهنجي حڪومت جي دور ۾ 1857ع ۾ نهرايو هو. امبالا انگريزن جي ڏينهن کان وٺي سائنسي ۽ سرجيڪل اوزارن ٺاهڻ جي ڪارخانن کان مشهور آهي، ان ڪري 1857ع جي آزاديءَ جي تحريڪ توڙي انڊوپاڪ جنگ ۾ هي شهر حملن جو نشانو رهيو.

گهمڻ جي نوجوانن جي معلومات لاءِ هي اهو لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ امبالا ۾ يوٿ هاسٽل بہ آهي جتي ڌارين شهرن توڙي ملڪن جا نوجوان معمولي مسواڙ تي رهي هوٽل جي ڳرن اگهن کان پاڻ بچائي سگهن ٿا. پر ان لاءِ ضروري آهي تہ اڳواٽ پلان ڪري ڪمرا بڪ ڪرڻ کپن. ٻي ڳالهہ تہ هيءَ هاسٽل امبالا ضلعي جي پنج ڪولا Panchkula شهر ۾ آهي جيڪو امبالا ڪالڪا نيشنل هاءِ وي تي نئون اڏايل شهر آهي. هونءَ بہ انڊيا گهمڻ لاءِ ويندڙن کي معلوم هجڻ کپي تہ انڊيا ۾ رهائش لاءِ ڪيتريون ئي شيون آهن. وڏين نندين هوٽلن کان علاوه مسافر خانا، پيئنگ گيسٽ هائوس، يوٿ هاسٽلون، YMCA ۽ YWCA جون هاسٽلون، ڊرم شالائون، مندر وغيره جن ۾ هر مسافر پنهنجي سهوليت ۽ کيسي ۾ موجود پئسي مطابق رهي سگهي ٿو. اسان بہ ڪجهہ ڏينهن دهلي ۽ ٻڙودا شهرن ۾ (جتي اسان جي دوستن نولراءِ اوڌ ۽ رامچند اوڌ جي پٽن جون شاديون ٿي رهيون آهن) ڪٽي فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهنداسين جو شاديءَ جون ريتون رواج ۽ فنڪشن بہ اتي ٿي رهيا آهن. شاديءَ بعد اسان پنجاهہ کن ماڻهن جي ڄڃ دهليءَ جي هڪ ڊرم شالا ۾ رهنداسين جتي باٿ روم سان گڏيل ڪمرا، ڊائيننگ روم ۽ بورچي خانو ٻن هفتن لاءِ رزور ڪرايو اٿئون جتي پنهنجا بورچي رکي رڌ پچاءَ ڪرائينداسين. اهڙي ريت اها رهائش اسان کي هوٽل کان تمام سستي بہ پوندي ۽ سڀ هڪ ئي هنڌ تي گڏ هونداسين.

امرتسر جهڙن شهرن ۾ تہ اجا بہ گهڻا رهائش جا بندوبست آهن ۽ جيڪڏهن ڪو مندر طرفان ٺهيل Aceomodation ۾ رهڻ چاهي (۽ جيڪڏهن ڪو هندو يا سک ڊرم سان تعلق رکي ٿو تہ هن کي تہ اهڙي رهائش لاءِ ڪو بہ اعتراض نہ هئڻ کپي) تہ تقريبا مفت ۾ آهي. جيئن سري گرو رام داس نيواس ۽ سري گرو نانڪ نيواس گردوارن طرفان ٺهرايل رهائش گاهہ جي ڪا مسواڙ ناهي جتي توهان ٽن ڏينهن تائين رهي سگهو ٿا. رهڻ لاءِ اچڻ وقت

سيڪورٽي طور فقط پنجاهه روپيا Deposit رکڻو پوي ٿو جيڪو ڪمرو ڇڏڻ وقت واپس ملي ٿو. ان کان علاوه، امرتسر ۾ سري هوگوبند نيواس نالي، ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئون گيسٽ هائوس نهيو آهي جنهن ۾ ڊاريو ماڻهو ڪيترا به ڏينهن رهي سگهي ٿو پر ان جي پنجاه روپيا روز جي مسواڙ رکي وئي آهي.

مون دريءَ جي اندران هٿ لوڏي باءِ باءِ ڪيو. پاسي واري سيٽ تي وينل سري چند (رامچند اوڏ جي ننڍي ڀاءُ) جي پٽ سنجي حيرت مان هٿ جي اشاري سان پڇيو ته ڪنهن کي خدا حافظ ڪري رهيا آهيو.

”هن شهر امبالا کي، امبالا به هليو. هڪ هڪ شهر ڪري ڪٽائڻو ٿو پوي.“ مون شڪل ڏاهي زور سان ٻڌايومانس. اوسي پاسي ۾ وينلن مان جن ٻڌو اهي کلڻ لڳا ته سفر جون وڏيون هامون پرڻ وارو مون جهڙو همراهه به هاڻ ٿڪجي پيو آهي ۽ جنهن جي چهري مان هاڻ بيزار صاف ظاهر آهي.

”ادا پوءِ سمنڊ تي هفتن جا هفتا ڪيئن ٿا جهاز هلايو؟“ سنجي سان گڏ وينل هن جي پڦي ۽ نولراءِ جن جي سڀ کان ننڍي ڀيڻ شيلا پڇيو.

”پاڻي اورو جهاز هفتن جا هفتا ڇا مهينن جا مهينا به لڳاتار هلائڻو پوي ٿو خاص ڪري اهي ٽئنڪر جهاز جيڪي ايران يا عراق مان تيل کڻي آفريقا جي ڪيپ آف گڊ هوپ کان ڦري ڏکڻ آمريڪا يا ڪئناڊا جي بندرگاهن ۾ وڃن ٿا. جن ۾ 25 ڏينهن سفر جا ٿيو وڃن ۽ پوءِ فقط هڪ ڏينهن ۾ جهاز کي تيل کان خالي ڪري وري واپسيءَ جو 25 ڏينهن سفر ڪرڻو پوي ٿو پر ڪنهن به پاڻي واري جهاز تي هينئن ڪلفي جي سانچي ۾ بند ته نٿو ٿيڻو پوي.“ مون ڪيس فرق سمجهايو. ڇو جو انهن جهازن تي ته والي بال راند ڪيڏيون ٿا ته جهاز جي سئمنگ پول ۾ سئمنگ نه ڪريون ٿا. هڪ عمر کان پوءِ انسان ڪلاڪ ڪن چرپر بنا هڪ ئي پوزيشن ۾ ويهڻ سان ڇپو ٿيو پوي ۽ هاڻ آئون ان عمر جي پيٽي ۾ هوس. به ٽي ڪلاڪ بس ۾ ويهڻ بعد جڏهن هوٽل ۾ چانهه پاڻي يا مانيءَ لاءِ لٿاسين ٿي ته ڪي قدم گڪو ٿي هلڻ بعد منهنجي بٺڪ بون جون Vertabrates سنوت ۾ ٿي آيون. دل ٿي دل ۾ پڪو پهه ڪندو رهيس ته آئنده نڪ کي ائين ابتو نه جهليندس. هي نڪ کي اڳيان جهلڻ بدران ڪنڌ جي چوڏاري هٿ ورائي ته جهلڻو ٿيو. ڪراچيءَ کان نڪتا آهيون ته چرين وانگر پيا اتر ۾ وڃون

۽ پوءِ لاهور وٽان بارڊر ٽپي انڊيا ۾ اچڻ بعد هاڻ وري واپسيءَ واري طرف ڏکڻ ڏي پيا وڃون. اڃا تہ دهلي بہ نہ آئي آهي. اسان کي تہ بڙودا وڃڻو آهي. مئي ڊيپلو يا ڇاڇري کان جي سڌي بس سروس هجي ها تہ احمد آباد بڙودا ٽن ڪلاڪن جو سفر مس آهي ۽ هاڻ اسان کي ان منزل تائين پهچڻ لاءِ ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جو سفر ڪرڻو ٿو پوي جو دهليءَ کان پشچم ايڪسپريس جهڙي تيز رفتار بہ بڙودا (گجرات) تائين 16 ڪلاڪ ٿي وٺي! بهرحال باءِ باءِ انبالا جنهن جو نالو چون ٿا تہ چوڏهين صدي جي امب راجپوت سردار جي نالي تان امبالا پيو. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هن شهر جو نالو امبالا پون نالو امبا ديوتا تان پيو جنهن جي نالي جو مندر اڄ بہ هن شهر ۾ موجود آهي. هڪ ٻيو Belief اهو بہ آهي تہ هي شهر اصل ۾ امب والا يا امب ڳوٺ جو حصو هو جنهن جي معنيٰ آهي انبن جو ڳوٺ Village of Mangoes.

امبالا شهر ڇڏڻ بعد مون کي يڪدم اک لڳي وئي. نہ فقط اک لڳي وئي پر گهري ننڊ اچي وئي. گهٽ ۾ گهٽ ڪلا ڪ ڏيڍ ستو هوندس. اک تڏهن کلي جڏهن بس اچي هڪ هوٽل اڳيان بيٺي ۽ اسان کي هيٺ لهي چانهہ پيئڻ لاءِ چيو ويو. ننڊ بہ ڇا تہ قدرت جو تحفو آهي. فقط ڪلاڪ بہ اڳ جيڪو آئون ٿڪل ۽ پنهنجو پاڻ مان بيزاري محسوس ڪري رهيو هوس سو SOUND SLEEP بعد هاڻ تازگي ۽ نئين زندگي محسوس ڪري رهيو هوس. هڪ دفعو وري حيرت ۽ خوشي محسوس ڪري رهيو هوس تہ جنهن ملڪ کي ڏسڻ لاءِ گذريل 35 سالن کان واجهائي رهيو هوس ان جي ڌرتيءَ تا اڄ منهنجا پير آهن ۽ جيڪي شهرن جا نالا تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهندو رهيس اهي جڻ ڪتابن جي ورقن مان ٻاهر نڪري آيا آهن. چڱو جو راجيش ۽ مڪيش جن پنهنجين شادين جو فنڪشن انڊيا جي شهر دهلي ۽ بڙودا ۾ ڪري رهيا آهن ۽ اسان کي انڊيا گهمن جو موقعو ملي ويو آهي نہ تہ وري ڪنڊياري هلڻو پوي ها يا وڏو ڇيهہ تہ رتوديرو گهوٽڪي يا ڏهرڪي پاسي. مڪيش جي پيءُ نولراءِ اوڏ جي شادي 1967ع ۾ ڪنڊياري ٿي هئي ۽ اسين سندس پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج جا ساٿي ڪئپٽن بشير وسطڙو سکر جو عاشق شاهہ جهانگارا باجارا جو اقبال ترڪ ۽ ٻيا سندس شادي جو پٽ ڪائڻ لاءِ ڪنڊياري هليا هئاسين. اسين ان وقت سڀ ڇڙا هئاين. نول ننڍي ڄمار ۾ ئي شادي ڪئي هئي. منهنجي خيال ۾ 21 يا 22 سالن جو مس ٿيندو. سندن پاءُ ۽ اسان جي

پيٽارو جي ٻئي ساٿي رامچند پنجن ڇهن سالن بعد 1973ع ڌاري شادي ڪئي. پر ان به ڪنڍيارو مان ڪئي جيتوڻيڪ هو تن ڏينهن ۾ آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪري اتي ئي ڪلوروڊو رياست ۾ نوڪري ڪري رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ پيٽارو جا ڪجهه دوست ٽنڊو قيصر جو نور احمد نظاماڻي، ڪاهي روڊ حيدرآباد جو انور ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي اتي USA ۾ هئا. منهنجو جهاز به اتي ئي نيويارڪ، هوسٽن بالٽيمور، نيو اورلينس واري روٽ تي هلي رهيو هو. اسان رامچند کي چيو ته هيءَ پلا کهڙي مسخري آهي. ”ڪنڍيارو“ ڇو؟ هتي ”ڪولوروڊ“ ۾ نٿو شادي ڪري سگهين ڇا؟

”نه يار اسان ARRANGED مئريج ڪندا آهيون. بابا منهنجي شاديءَ جو بندوبت اتي ڳوٺ (ڪنڍيارو) ۾ ڪيو آهي.“ هن معصومت مان وراڻيو.

”ته پوءِ پڪ صحيح ڪم هوندو.“ اسان کلندي چيو هوس، ”چو جو چاچي نارائڻ داس اوڏ جو هر ڪم صحيح ٿئي ٿو.“

”مجو ٿا نه؟“ رامچند مرڪندي چيو.

”مجون ٿا پر توهان اوڏن جي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته هڪ ته ڳوٺن مان شادي ڪرڻي آهي ۽ ٻيو ته هرويرو ڪنهن اوڏياڻيءَ سان ئي شادي ڪرڻي آهي پوءِ پلي اها ڪٺي پڙهيل ڳڙهيل هجي يا نه، ڏنل وائنل هجي يا نه...“

جواب ڏيڻ بدران رامچند پنهنجي خاص انداز ۾ مرڪندو رهيو. رامچند ڪنڍياري مان شادي ڪري اچي آمريڪا ۾ رهيو ته اهي ڏينهن ۽ هي ڏينهن اچي ٿيا آهن. وچ وچ ۾ هو سروي جابس (JOBS) لاءِ يو اين او طرفان مختلف ملڪن ۾ ويندو رهيو آهي پر ٻار آمريڪا ۾ ئي رهيس ۽ پڙهي ڳڙهي وڏا ٿيا. ڪيس ٽي پٽ آهن: راجيش، رابي ۽ روي. وڏو پٽ 25_26 ڪن سالن جو ٿيندو ۽ هوڏانهن نولراءِ پاڪستان ۾ انڪم ٽئڪس جي کاتي ۾ ئي نوڪري ڪندو رهيو ۽ اڄڪلهه ملتان ۾ انڪم ٽئڪس ڪمشنر آهي. گذريل سال هنن ئي ڏينهن ۾ هو پنهنجي زال گيتا سان گڏ هولي يا شايد ڏياري جي منائي ڪٽي اسان جي گهر آيو ۽ ٻڌايائين ته سندس پٽ مڪيش جي شادي ٿو ڪريان پر شايد ڪراچيءَ ۾ نه ٿئي.

”يار اوڏن ۾ تون ئي هڪ آهين جيڪو پنهنجن ٻارن جي شادي ڪراچيءَ ۾ ڪندو رهين ٿو هاڻ مڪيش جي شاديءَ لاءِ ڪنڍيارو هلون ڇا؟“ مون پڇيو.

نول جي چئن وڏن ڀارن جي شادي ٿي چڪي آهي جن مان وڏي جواهر جي گهوٽڪي پاسي ٿي باقي پشپا، پرڪاش ۽ ساوتريءَ جي ڪراچيءَ ۾ ٿي ۽ هاڻ مڪيش جو وارو هو جنهن جي مون سمجهيو ڳوٺان يعني ڪنڌيارو مان شادي ڪرائي ٿو. مڪيش لنڊن مان وڪالت پڙهڻ بعد هاڻ ڪئناڊا ۾ نوڪري ڪري ٿو.

”مڪيش لنڊن ۾ پڙهائيءَ دوران پاڻ پنهنجي لاءِ ڪنوار ڳولي آهي، هوءَ هندو ڌرم جي ڇوڪري آهي ساڻس گڏ ئي GRADUATION ڪئي اٿس.“ نولراءِ پنهنجي پٽ مڪيش بابت ٻڌايو.

”ڏاڍو سٺو پوءِ شادي ڪيئن ڪندائو؟“مون پڇيو:

”ان بابت ڇوڪريءَ جي پيءُ اهو طئي ڪيو آهي ته مڱڻو پلي ڪراچيءَ ۾ ڪريو پر شادي هنن جي اباڻي ڳوٺ ٻڙودا ۾ ٿيڻ ڪپي جو ڇوڪريءَ جو ڏاڏ اجا اتي ئي رهي ٿو.“

”واهه سائين واهه، ٻيو ڪو هلي يا نه آئون ضرور هلندس.“ مون چيو.

”في الحال آئون ڇوڪري ڏسڻ ۽ هن جي پيءُ سان پروگرام طئي ڪرڻ لاءِ لنڊن ٿو وڃان ان بعد رامچند وٽ USA وڃڻو اٿم جو هن جي پٽ راجيش جي شادي به انڊيا ٿي رهي آهي. سو پروگرام ڪجهه اهڙو ناهجي جو ٻنهي جي شادي هڪ ئي وقت ٿي وڃي.“ نولراءِ ٻڌايو.

ڏينهن گذرندي دير نٿي لڳي. اڄ ان ڪي پورو سال به ٿي ويو. نول لنڊن ۽ آمريڪا مان چڪر ڏئي پنهنجي پٽ مڪيش جي شاديءَ جو پروگرام سندس ڪلاس ميٽ گجراتي ڇوڪري شرمي ۽ هن جي پيءُ سان طئي ڪري آيو ۽ رامچند جي پٽ راجيش جو ٻڌائين ته ان جي شادي ايڪتا سان دهليءَ ۾ ٿيندي. ايڪتا به هندو ڌرم جي ڇوڪري آهي جيڪا پاڻ ۽ سندس والدين ڊينمارڪ جا شهري آهن. ايڪتا آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪئي جتي هن جي راجيش سان ڏيٽ ويٽ ٿي.

ٻن ٽن مهينن بعد شرمي جا ماءُ پيءُ ۽ ڀيا مائٽ لنڊن کان ڪراچيءَ آيا ۽ وڏي ڌوم ڌام سان مڪيش ۽ شرمي جي مڱڻي جي رسم ٿي. نولراءِ جي اوڙ برادري کان علاوه ڪئپٽن بشير وسطڙو، نولراءِ جو پاڙيسري ۽ ائگريڪلچر ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري ممتاز شيخ، MCB جو مئنجير دين محمد سنڌ سيڪريٽريٽ جو شريف بلوچ ۽ ٻيا به ڪيترائي آيا هئا. مڱڻي بعد شاديءَ جا ڏينهن ٻڌڻ جو پروگرام هيلو ۽ مهينو به ان تي پئي بحث مباحثا هليا ته ٻئي

شاديون هڪ ئي هفتي ٽي وجن ته سنو پر ان ڳالهه ته نه دهليءَ جو پنڊت راضي نه ٿيو. ۽ اسان چاهيون ته شروع کان اهو چاهيو پئي ته اسان کي انڊيا ۾ رهڻ لاءِ گهڻا ڏينهن ملي وڃن. آخرڪار تاريخون طئي ٿيون ته پهرين رامچند جي پٽ جي دهليءَ ۾ شادي ٿيندي ان بعد مهينو کن رکي نولراءِ جي پٽ مڪيش جي شادي بڙودا ۾ ٿيندي. ان فيصلي بعد ويزا ۽ ٽڪيٽون وٺڻ لاءِ فارم ڀريندا ۽ پاسپورٽ جمع ڪرائيندا رهياسين. اهو سلسلو به مهينو ڏيڍ هلندو رهيو ۽ اڄ اسان بارڊر تي ويزا لڳل پاسپورٽ ڏيکاري بس ۾ سفر ڪرڻ جي ٽڪيٽ ڏئي دهليءَ ڏي روانا ٿي رهيا آهيون ۽ هاڻ هڪ هوٽل ۾ چانهه پيئڻ لاءِ بس ترسي آهي.

مون هوٽل ۾ گهڙڻ کان اڳ چوڌاري نظر ڦيرائي. انڊيا جي وڏن شهرن جي مقابلي ۾ هي هڪ ڳوٺڙو هو. رستو سو ٽريفڪ سان ڪنن تائين ڀريل هو پر عمارتن ۽ عوام جي خيال کان ماٺ منوڙي وارو ماحول هو.

”ڪهڙو شهر آهي؟“ مون موبائيل مان لهندڙ پوليس وارن کان پڇيو.

”هريانا صوبي جو ننڍڙو شهر پپلي (Pipli) آهي. “هڪ پوليس واري ٻڌايو.“

”چوپلا ڪوا وسي پاسي ۾ وڏو شهر ناهي ڇا؟ ۾“ مون پڇيو.

”بلڪل آهي ڏهه ٻارهن ڪلوميٽر اڳيان ڪوروڪ شيترا نالي وڏو شهر آهي.“ پوليس واري ٻڌايو.

”پوءِ هي توهان جو نياڳو ڊرائيور ڪنهن وڏي شهر ۾ بيهارڻ بدران هر دفعي ڪنڊياري ۽ رتي ديرو جهڙي ڳوٺ ۾ اچيو بيهاري.“ مون شڪايت ڪندي پڇيو.

”سر! سيڪورٽي جو مسئلو آهي. وڏن شهر ۾ رش هجڻ ڪري اسان لاءِ ڌيان ڏرڻ مشڪل ٿي پوندو ۽ هي جايون ڊرائيور پنهنجي مرضيءَ سان Select نه ڪيون آهن پر حڪومت طرفان اڳهين مقرر ٿيل آهن. توهان جي هتي پهچڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ هوٽل وارن ۽ مڪاني پوليس کي وائرليس ذريعي اطلاع ڪري هوٽل خالي ڪرائي وڃي ٿي ۽ چوڌاري ڪنهن به ماڻهوءَ کي توهان جي ويجهو هلڻ نٿا ڏيون.“

ٺهيو! چئبو ته اها ڳالهه آهي جو امرتسر، امبالا، چانديگڙهه ۽ لڌيانا جهڙن شهرن ۾ چانهه يا ماني کارائڻ بدران هر دفعي مياںداد چنجڻي، نٿ ڳوراهو، گيچاٽي ۽ ڳالهيجا جهڙن ڳوٺن جي بس اسٽاپن تي وٺيو اچن. بهرحال دهلي پهچي مٿين ٻن ٽن وڏن شهرن جو چڪر ته ضرور

هٽبو خاص ڪري ڪروڪ شيترا جهڙي آڳاٽي ۽ تاريخي شهر جو. هن شهر جي تهذيب بابل (Babylon) ۽ Assyria کان به جهوني چئي وڃي ٿي. مٿيان شهر ته تباهه ٿي ويا پر هي شهر تاريخي ڏارا ۾ جيئرو جاڳندو اچي. هڪ هنڌ پڙهيو هوم ته ڪروڪ شيترا اهو ڌرتيءَ جو ٽڪرو آهي جتي ساڌو سنتن ويد پڙهيا. جتي ڪورون ۽ پانڊون جي خونريز ويڙهه هلي ۽ جتي هندو ڌرم مطابق لارڊ ڪرشنا گيتا جو پيغام ارجن کي پهچايو. هي اهو زمين جو حصو آهي جتي هندن پنهنجا تاج Surrender ڪيا. مسلمانن پنهنجا وڄايا ۽ مرهٽن ۽ سکن جون حڪومتون ۽ دٻدٻا چيتيون چيتيون ٿي ويون.

هندو مت مطابق، جيئن روايت آهي ته ڪرو بادشاهه سوني رٿ (Chariot) ۾ هن شهر ڪروڪ شيترا تي لٿو ۽ جادوءَ جي زور تي سندس رٿ هَرَ جي صورت اختيار ڪئي جنهن ۾ لارڊ شيوا جو ڍڳو ۽ لارڊ ياما جو سان ٻڌي بادشاهه سلامت هن ڌرتيءَ کي کيڙيو هو. لارڊ وشنو ان ٻنيءَ تي لٿو ۽ ڪرو بادشاهه کي چيو ته هن کيڙيل ڌرتيءَ ۾ انسانيت جي نيڪيءَ جو ٻج ڇٽ. ڪروءَ لارڊ وشنو جي چڪري سان پنهنجي ساڄي ٻانهن جا هڪ هزار ٽڪرا ڪري ان ڌرتيءَ ۾ پوکيا. وشنوءَ ڪروءَ تي ٻه ٻال ڪري ويو. هڪ ته هيءَ ڌرتي سندس نالي سڏي ويندي ۽ ٻيو ته جيڪو به هتي مرندو اهو سڌو سرڳ ۾ ويندو. ان جو ڪو پڇاڙو نه ٿيندو.

اسان پيپلي ۾ چانهه پي هاڻ ڪروڪ شيترا جي وچ مان لنگهي رهيا هئاسين. هڪ موٽر سائيڪل سوار اسان جي اڳيان هلندڙ پوليس موبائيل جو اشارو نه سمجهي بيهڻ بدران ماڳهين اسان جي تيز رفتار بس ۾ لڳي پاڻ به مئو ٿي ۽ اسان جو به وڏو حادثو ٿي ڪيائي. بس هن کي بچائڻ جي چڪر ۾ ذري گهٽ فٽ پاٿ تي چڙهي وئي. موبائيل ۾ ڀنيان بيٺل پوليس واري ڪاوڙ مان هن غريب موٽر سائيڪل واري کي ڏنڊو وهائي ڪڍيو ماڳهين هو ۽ اسين سڀ ڏوسرڳ ۾ ٿي وياسين!

”هيءَ مهاڀارت جي ڌرتي آهي. هن شهر ڪروڪ شيترا ۾ اٽڪل ارڙهن ڪروڙ سولجرن ڪروڪ شيترا جي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو. هتي جون سڀ ٻنيون ٻارا رت سان ڳاڙها ٿي ويا هئا....“ منهنجي اڳيان ويٺل ڊرائيور مون کي ٻڌائيندو هليو. رکي رکي هن آرسيءَ مان مون ڏي ڏٺو ٿي ته آئون ٻڌان پيو يا نه. ”ٻڌو پيا نه....؟“

”ها ٻڌان پيو. ارڙهن ڪروڙ ماڻهو ڪجهه گهٽا نه آهن هن شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ ته

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڦاسي پيدا ھونداڪ؟“ مون شڪ جو اظھار ڪيو پر ھن وٽ ريڊي ميڊ جواب ھو ۽ يڪدم ٻڌائين:

”اھو نہ سمجھو تہ انھن ڏينھن ۾ ڪروڪ شيترا اڄ جيڏو ننڍو ھو ان وقت جو ڪروڪ شترا جھونن پوتر ندين ساوتري ۽ درپشا دوتي جي وچ واري سڄي ميدان تي پکڙيل ھو. ويندي پاڻيپٽ شھر تائين ھليو ويو تي.“

چن ٿا تہ ڪروڪ شيترا ماڻھو جي ڪيترائي پراڻا نالا رھي چڪا آھن جيئن تہ ڌرمڪ شيترا ۽ ان کان اڳ برھما ديوي وغيره.... آئون رستي تان لنگھندڙ انڊيا جون ٺھيل ڪارون، مورتي، لانسر، ھونڊائي، انڊيڪا ۽ ٽاٽا جون بسون، ٽرڪون ۽ مزدا جھڙيون سامان کڻي لنگھندڙ ٽيمپو ڏسندو رھيس.

ڊرائيور ٻڌايو تہ ھن شھر ۾ ھندستان جا ۽ ٻين ملڪن جا ھندو زيارت لاءِ اچن ٿا ۽ پوءِ وري پاڻ ئي چيائين پوڄا پاٺ کان وڌيڪ موج مزو ڪرڻ اچن ٿا.

”ويدن ۾ آھي تہ سفر ٽن قسمن جو ٿئي ٿو.... تيرٿ (پوتر جاين جو درشن) سير (گھمڻ ڦرڻ) ..... ۽ ٽيون عيش (موج مزو)..... ڪل يگ آھي نہ؟ ڪير بہ تيرٿ لاءِ نٿو اچي. ھر ھڪ عيش جو سوچي گھران ٿو نڪري.“

ڪروڪ شيترا بعد ھن گرانڊ ٽرنڪ روڊ تي ڪرنال Karnal نالي وڏي شھر مان اسان جي بس جو لنگھ ٿيو. ڪرنال شھر جو نالو ارجنا جي مخالف ”ڪرنا“ تان پيو آھي. رستي تي لڳل مختلف ھوٽلن، گاڏين ۽ ڪمپنين جي اشتھاري بورڊن سان گڏ ھڪ بورڊ تي وڏن اکرن ۾ پڙھان ٿو: The National Dairy Research Inst. ھن شھر لاءِ“ اسان جي بس ۾ وينل پوليس وارن مان ھڪ ٻڌايو تہ ھتي ويجيٽيبل آئل، عطر ۽ شراب ٺاھڻ جا ڪارخانا آھن. ھن شھر تي انگريزن 1805ع ۾ قبضو ڪيو ھو.

بس ۾ سامھون رکيل ٽي ويءَ تي ھلندڙ خوبصورت گانن واري فلم منھنجو ڌيان ڇڪايو ۽ آئون ھيڏانھن ھوڏانھن ڊريءَ مان ليئا پائڻ بدران فلم ڏسڻ لڳس. انڊيا ۾ Copy Rights جي سختي ھجڻ ڪري ڪنھن بہ فلم جي سي ڊي Pirated نٿي ملي. ھر CD اوريجنل ھجڻ ڪري ھن بس ۾ بہ شروع کان جيڪي فلمون ھلائي رھيا ھئا. بيحد صاف ۽ چٽيون ھيون ۽ ھيءَ فلم وير زارا (Veer Zara) بہ انھن مان ھئي جيڪا پيپلي شھر ڇڏڻ کان پوءِ

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هلڻ شروع ٿي هئي ۽ هاڻ اچي ختم ٿيڻ تي پهتي هئي.

فلم جي مالڪ ۽ ڊائريڪٽر يش چوپڙا هن فلم تي چون ٿا تہ وڏو خرچ ڪيو آهي. (22 ڪروڙ روپيہ ڪن) ضرور ڪيو هوندائين. فلم جي ڪهاڻي سندس پٽ آدتيا چوپڙا لکي آهي جنهن جي مرڪزي آئيڊيا اهائي آهي تہ Love and not Politics جيئن فلمن ۾ ڪورٽن، اسپتالن، جهازن ۽ جنگين جي ڪهاڻين ۾ ڪيترين ئي خيالي ڳالهين رکيون ويندين آهن جيڪي چڪون ان پروفيشن سان واسطو رکندڙ وڏيڪ محسوس ڪري سگهن ٿا تيئن هيءَ ڪهاڻي بہ ڪيترين حقيقتن جي ابتڙ ڪمزورين سان پريل آهي.... پاڪستاني هيروئين وڏي آرام سان دشمن پاڙيسيري ملڪ جا بارڊر ٽپندي وتي ۽ اسان آهيون جو پيار خوار ٿيون. اسان جي پاسپورٽ تي انڊيا جي ويزا ڪان علاوه آمريڪا، ڪئناڊا ۽ جاپان جي پنج پنج سالن جي Multiple ويزا لڳي پئي آهي تہ بہ رڙويون ڪرائي ڪرائي پنهنجي ئي بارڊر تي هڪ هزار روپين مان گهٽائي گهٽائي نيٺ هڪ سؤ روپيا بہ رشوت وٺي پوءِ بارڊر ڪراس ڪرڻ ڏنو اٿن. اچ جا ليڊر مشرف پرويز ۽ من موهن سنگهہ ڀاڪر پائي دوستي ڀيا Revive ڪن تڏهن بہ انڊيا جا سپاهي اسان ڪي فوٽو ڪيڻ ڪان جهلين ٿا. ڪنهن وڏي شهر ۾ چانهہ پيئڻ نٿا ڏين ۽ وتن عوام ڪان اسان مهمان مسافرن ڪي پري لڪائيندا ۽ هيڏانهن هن فلم ۾ هيءَ چوري وتي اوپري فوجي آفيسر سان سندس ڳوٺ جون Conducted tours ملهائيندي ۽ اسان جا ملڪ پاڪستان ۽ انڊيا ڪٺي ڪيئن بہ آهن پر انگريزن جي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڇڏيل Judiciary، وڪالت ۽ انصاف آهي ۽ هتي ان انڊين هيرو ڪي ائين ئي Raw جو ايجنٽ چئي ڪيس آرام سان جيل ۾ وڌو وڃي ٿو جيڪو عام ماڻهو نہ پر انڊين ايئرفورس جو هڪ آفيسر آهي. 22 سال گذري ويا انڊيا جي حڪومت ۽ ان جي ڪنهن سفير ۽ قونصلر احتجاج يا پڇا بہ نہ ڪئي. مسلمان ڇوڪري (هيروئين) جي ڏاڏي سک آهي، پاڻ مسلمان مڱيندي سان شادي نٿي ڪرڻ چاهي، هوءَ هندو ڇوڪر (هيرو) سان پيار ٿي ڪري. اسان جي فلمن ۾ عجيب ڳالهيون ٿين ٿيون..... بهرحال يش چوپڙا هن فلم ذريعي اهو پيغام ڏيڻ جي ضرور ڪوشش ڪئي آهي تہ انڊيا ۽ پاڪستان جا ماڻهو هڪ ئي ڌرتيءَ ڄاوا آهن ٻنهي ملڪن جا ماڻهو ساڳيا آهن. سندن ڪلچر ساڳيو آهي سندن تاريخ ساڳي آهي. فلم جي Theme امن، اميد ۽ پيار آهي. انگلينڊ ۾رهندڙ هڪ پاڪستانيءَ هن فلم بابت چيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هو:

Look at the message, not just the dialogues. We are in the 21st sentury and need to come together.

يش چوپڙا جي پهرين فلم ”اتفاق“ مون 1973ع ۾ ڪينيا جي بندرگاهه ممباسا ۾ ڏٺي هئي جيڪا سسپينس فلم هئي ۽ بنا گانن جي. يش چوپرا جي هن کان اڳ جي فلمن، وقت، آدمي اور انسان، دهول کان پهول وغيره جا فقط گانا ٻڌا هئم. يش چوپڙا 1932ع ۾ لاهور ۾ ڄائو هو ۽ شري ولايتي راج چوپڙا جي اٺن ٻارن ۾ سڀ کان ننڍو هو. يش چوپڙا جالنڌر مان گريجوئيشن ڪئي، سندس فلمي دنيا سان واسطو رکندڙ ڀاءُ بي. آر چوپڙا چاهيو ٿي تہ يش انجنيئر ٿئي پر هو بہ فلمي دنيا ۾ اچي ويو ۽ گذريل اڌ صديءَ کان ڪامياب ڊاريڪٽر آهي.

ڪبهي ڪبهي، ديوار ۽ ترشول جهڙين ڪامياب فلمن جي ڊائريڪٽر يش چوپڙا جي هيءَ نئين فلم وير زارا ستن سالن جي وٿي بعد آئي آهي. هن کان اڳ 1997ع ۾ سندس فلم ”دل تو پاگل هي“ آئي هئي ۽ ان کان اڳ 1993ع ۾ ”دل والي دلهنيا لي جائينگي“ نہ فقط پسند ڪيون ويون پر انهن جا گانا اڄ بہ ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا ۽ ٿائيلينڊ جهڙن ملڪن ۾ انهن هوٽلن ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۾ وڄندي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا جتي جا ماڻهو هندي يا اردو کان غير واقف آهن.

يش چوپڙا جي هيءَ فلم وير زار هڪ عام ڪهاڻين وانگر لو اسٽوري آهي جنهن جو چوپڙا ان قسم جو نالو رکي هن ڪهاڻيءَ کي ليلا مجنون، هير رانجها، سهڻي ميهار يا سسئي پنهون جي لافاني عشق جو اثر ڏيڻ چاهيو آهي. فلم هيرو وير (سچو نالو وير پرتاب سنگهه) شاهہ رخ خان آهي جيڪو انڊين آهي ۽ انڊين ايئرفورس ۾ اسڪاڊرن ليڊر آهي. هن جي اوچتي ملاقات زارا سان ٿي ٿئي جنهن جو سچو نالو زارا حيات خان آهي ۽ فلم ۾ اها پريٽي زنٽا ٿي آهي جنهن کي وير حادثي مان بچائي ٿو. زارا پاڪستان جي مسلمان ڏيکاري وئي آهي. زارا جي ڏاڏي جيڪا سک آهي اها پاڪستان ۾ مري ٿي وڃي. هن جي ڪيل وصيت پوري ڪرڻ لاءِ زارا هن جي استي (خاڪ) سندس وڏن جي ڳوٺ انڊيا کڻي وڃي ٿي. جتي هن جو حادثو ٿئي ٿو ۽ وير سندس زندگي بچائي ٿو ان بعد وير هن کي سچو ڏينهن پنهنجي گهر ۾ ماڻٽن سان ملائي. فلم ۾ اميتاڀ ۽ هماماليني وير جا مائٽ ٿيا آهن.وير زارا سان موڪلائڻ

وقت ريلوي اسٽيشن تي اچي ٿو جتي سندس ملاقات زارا جي مڱيندي رزاق سان ٿي ٿئي، جنهن جو پارٽ منوج باجپائي ادا ڪيو آهي. زارا جي مڱيندي کي ڏسي وير کي ڪا خوشي نٿي ٿئي بهرحال هو زارا جي يادين ۾ ٽوڙهي (پايل) سان ٿي دل وندرائي ٿو جيڪو حادثي دوران پل وٽ ڪري پيو هو.

لاهور ۾ سڀ صحيح پيو وڃي. زارا جي رزاق سان شاديءَ تي سڀ خوش آهن سواءِ زارا جي جنهن جو پيار وير آهي. هوءَ وير کي يڪدم لاهور ۾ ٿي گهرائي، هو لاهور پهچي ٿو ۽ سيني اڳيان زارا سان مسجد وٽ ملي ٿو ۽ پوءِ زارا جي ڏکويل ماءُ جا روايتي ڊائلاگ.... هوءَ وير کي ٿي چوي:

”ميري بيٽي اب ميري نهين رهي، وه تمهاري هو چڪي هي، ميري بيٽي مجهي لوٽادو....“

هاڻ ڇا ٿيڻ کپي. وير زارا کي سمجهاڻيون ٿي ڏئي سگهي ٿو ۽ پنهنجو پيار اندر ۾ دٻائي انڊيا روانو ٿئي ٿو. نيڪ ان وقت لاهور پوليس فلم جي ولين رزاق سان ملي وير کي جهلي ڪوڙي ڪيس ۾ هن کي جيل موڪلي ٿي. وير کان ڪاغذن تي صحيح ڪرائي وڃي ٿي ته هو Raw (انڊيا جي جاسوسي فوج) جو مشهور ايجنٽ راجيش رانوڙ آهي.

22 سال وير کي جيل ۾ گذريو وڃن. هو هاڻ 46_47 ورهين جو آهي. پاڪستان جي هڪ وڪيل ساميا صديقي (راني مکرجي) وير سان پاڪستان جي جيل ۾ ملي ٿي... هوءَ هن کي ۽ هن جي پيار کي بچائڻ لاءِ انڊيا وير جي مائٽن سان به ملڻ وڃي ٿي پر ان عرصي دوران وير جا مائٽ مري چڪا آهن.... وغيره وغيره. بهرحال يش چوپڙا جي پٽ سٺا ڊائلاگ لکيا آهن..... گانا به ماڻهن کي پسند آيا هوندا.

يهان بهي وهي شام هي وهي سويرا

ايسا هي ديس هي ميرا، جيسا ديس هي تيرا.

هيءَ فلم مهينو به مس ٿيو آهي ته رليز ٿي آهي، يش هن فلم تي خرچ به وڏو ڪيو آهي، اخباري نمائندن ۽ اخبار جي مالڪن کي به خوب کارايو ۽ پيارو هونداين جيڪي پڪ ههڙي فلم لاءِ اهي جملا استعمال ڪري رهيا هوندا جيڪي هر فلم لاءِ ننڍي هوندي کان ٻڌي ٻڌي رٽجي ويا آهن:

This is not an ordinary story... It is a love Legend. This is a saga of

love, separation, courage and sacrifice. A love that is divine, a love that is whole hearted, a love that is completely consuming, a love that grows with separation, deepens with sacrifice.

فلم ختم ٿي ٿئي، سک ڊرائيور جو اسسٽنٽ وي سي آر مان ڪيسٽ ڪڍي پاسي کان لڳل ريڪ ۾ رکي ٿو. سج لهي چڪو آهي ۽ چوڏاري ڇانيل اونداهہ ۾ سامهون جون روشنيون وڌڻ لڳڻ ٿيون. رستي جي ڪپرن تي ڪجهہ هوٽلن جا وڏا بورڊ نظر اچن ٿا هوٽل اسڪاءِ لارڪ، هوٽل مهاراجا، هوٽل بلوسامالخا، هوٽل....

ڊرائوير انائونس ڪري ٿو تہ ”پاڻيپٽ“ اچي ويو. ڪنهن بہ پنهنجي زره درست نہ ڪئي، ڪنهن بہ پنهنجي مياڻ مان ترار نہ ڪڍي. هن بس مفاسرن ۾ ڪوبہ ابراهيم لوڌي جي لشڪر جو سپاهي نہ هو. هن بس ۾ ڪو ظهيرالدين بابر جو ماڻهو موجود نہ هو جيڪي اڄ کان پورا 480 سال اڳ هي رستا وٺي هن شهر پاڻيپٽ ۾ اچي دوبدو ٿيا هئا ۽ فيصلي واري ويڙهہ ٿي جنهن ۾ هندستان جو حاڪم ابراهيم لوڌي قتل ٿي ويو. دهلي سلطانن جو خاتمو ٿيو ۽ مغل گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو جنهن جو پهريون بادشاهہ بابر تخت تي ويٺو.

هي عجيب شهر پاڻيپٽ آهي جنهن کان سنڌ هن جو هر ٻار واقف هوندو ۽ هن ان جو نالو انڊو پاڪ جي تاريخي ۾ ضرور پڙهيو هوندو. 1526ع ۾ لوڌي ۽ بابر جي ويڙهاند بعد 1556ع ۾ هڪ دفعو وري هت جنگ لڳي. هاڻي بابر جو پوٽو اڪبر هو ۽ پوءِ وري ٻن صدين بعد هن شهر ۾ سن 1761ع ۾ افغانن جي مرهٽن سان ويڙهہ ٿي.

اسان جي بس پاڻيپٽ شهر جي وچ مان گذرندي رهي، ٽريفڪ جي پيهہ پيهان ۾ ڪڏهن آهستي ٿي هلي تہ ڪڏهن تکي. هاڻ هتان دهلي فقط 90 ڪلوميٽر پري آهي يعني ڪراچي ساڃي پاسي واري دريءَمان ڏسي کاٻي پاسي ڏسان ٿو. هتي ڪٿي اوس پاس ۾ ابراهيم لوڌيءَ جو مقبرو آهي. ابراهيم لوڌي وٽ وڏو لشڪر هو. هاٿين گهوڙن تي سوار وڏو سپاهہ. سڀ اچي هتي گڏ ٿيا هئا. بابر ڏورانهين ڏيهہ کان آيو هو هن سان گڏ هڪ تمام ننڍڙو ٽولو ماڻهن جو هو. هو ٻہ ٽي دفعا اڳهين ناڪامياب ٿي چڪو هو پر هن دفعي هو شايد اهڙو Organised ٿي آيو هو ۽ سندس ماڻهن جو حوصلو ايڏو بلند هو جو هو ابراهيم لوڌيءَ جي لشڪر آڏو وڏا پهلوان ٿي بيٺا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن شهر پاڻيپت ۾ اردو جي مشهور شاعر الطاف حسين حاليءَ جو پڻ مقبرو آهي. حڪيم مقرر خان ۽ بوعلي شاهه قلندر (علاؤ دين خلجي جي پٽ) جا مقبرا پڻ هن شهر پاڻيپت ۾ آهن.

پاڻيپت شهر کان اسان جي منزل دهليءَ تائين نوي کن جي فاصلي تي ننڍا ننڍا شهر ۽ ڳوٺ ته ڪيترائي اچن ٿا پر وڏو شهر اڌ پنڌ تي سوني پٽ آهي جيڪو ضلعو پڻ آهي. هونءَ ته هي رستو گرانڊ روڊ ڪابل (افغانستان) کان ڪلڪتي تائين ايڏو جهونو آهي جو جتي به ڪٽي بيهه ته ڪو گهر، ڳوٺ وسندي آهي ئي آهي ۽ ڏينهن رات مختلف قسمن جا ماڻهو پيرين اگهاڙن ساڏوئن ۽ بيل گاڏين ۾ غريب هارين ۽ پورهيتن کان وٺي وڏين ۽ اوچين ڪارن ۽ بسين ۾ سوار مسافر پيا هلن. هن روڊ جي جهوني هجڻ کان علاوه سندس آباد ۽ سدا بهار هجڻ جو اهو به سبب آهي جو جتي ڪٿي ڪانه ڪا ندي ۽ ستلج بعد يمنا (جمنا) ۽ دهليءَ کان پوءِ گنگا هن رستي جي ويجهڙائيءَ ۾ وهي ٿي. دنيا جا جهونا رستا يا اهي رستا جن ويجهو ڪو درياهه وهي ٿو اهي خوشحال ۽ بارونق رهن ٿا. بدقسمتيءَ سان اسان جي سنڌ مان وهندڙ ڍڳهو ۽ جهونو وهندڙ رستو. ڪراچيءَ کان جيڪب آباد وايا حيدرآباد، مورو، خيرپور يا وايا ڄامشورو، سيوهڻ ۽ دادو ائين ٿي نه سگهيو آهي جيتوڻيڪ هن روڊن جي بلڪل ويجهو انسانن ۽ جانورن جي اڃ مٽائيندڙ ۽ تهذيبن کي جنم ڏيندڙ انهن کي وڌائيندڙ، ويجهائيندڙ سنڌو درياهه بلڪل گڏوگڏ وهي ٿو. ان جو سبب افسوس جو امن امان جي اڻهوند آهي ۽ نه فقط هي رستو پر پاسي اوسي ۾ ڄڻ ته سڄ پٿي واڪا ڪري، رستي جا ڪنارا آباد ٿيڻ بدران وڃن ويران ٿيندا. اڄ اسان جي ڪچي ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو راڄ آهي.

سوني پٽ دهليءَ جي ويجهو هئڻ ڪري ائين خوشحال ۽ تجارتي شهر آهي جيئن سکر ڪري خيرپور، روهڙي ۽ شڪارپور يا شڪارپور ڪري سکر خيرپور وغيره چئي سگهو ٿا جو ماضيءَ ۾ ان پاسي جي سيني شهرن ۾ شڪارپور بلي بلي شهر هو... وڻج واپار ۾ به ته تعليم ۽ خوشحاليءَ ۾ به. ڊرائيور جو اتي بس بيهارڻ جو ڪو ارادو نه هو نه اسان هاڻ ڪٿي بيهڻ چاهيو ٿي بس هاڻ رڳو دهلي جلدي پهچي ۽ وقت اندر رامچند اوڏ جي پٽ راجيش جي مينديءَ جي فنڪشن ۾ پهچي وڃجي.

اسان پنهنجو ٽڙيل پکڙيل سامان هٿيڪو ڪيو. ٽوال، ڪتاب، ڪاپي، پاڻي جي بوتل، ڪئميرا وغيره ٿيلهي اندر ڪئي، بوٽ جا پادر هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا هئا سي چڪي پيرن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي ويجهو ڪيم ۽ بس وارن طرفان مليل اخبار واپس ڪرڻ کان اڳ هاڻ پڙهڻ چاهيم. سوني پٽ شهر گذري چڪو هو ۽ هاڻ جاڻ تہ دهلي آئي پر روزي جي آخري وقت وانگر هڪ هڪ منٽ انگهي پيو هو ۽ هاڻي جيترو وينو سوچبو اوترو لمحا ڊگها ٿيندا ويندا. اخبار پڙهڻ ۾ وقت تڪڙو گذري ويندو. آئون اڳهين سيٽ جي پٺ ۾ ڦاٿل انڊيا جي ڊان ۽ جنگ وانگر مشهور انگريزي اخبار "هندستان ٽائيمس" چڪي ڪيدان ٿو. سياست ۽ سائنس جي خبرن سان گڏ هڪ خبر اسان جي ملڪ جي فلمي اداڪاره جو منهنجو ڌيان ڇڪائي ٿي. خبر جو عنوان آهي:

Meera, the Ieading lady of Nazar says fatwa won`t stop me from movies.

ميرا لاهور جي مشهور فلم ايڪٽريس آهي. هوءَ اڄڪلهہ بالي ووڊ جي ڊائريڪٽر مهيش ڀٽ جي فلم "نظر" ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جنهن جي هڪ سين ۾ هوءَ فلم جي هيرو اشمت پٽيل سان چوما چٽ ٿي ڪري فلم اڃا مڪمل نہ ٿي آهي پر ڪنهن ريت ان فلم جون اهي Kissing واريون Scene پاڪستان ۾ پهچي ويون آهن جنهن تان ماڻهن کي سخت اعتراض آهي. ماڻهن جي گوڙ گمسان ڪرڻ تي پاڪستان جي حڪومت پاڪستاني فلم اداڪارائن کي انڊيا جي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ تي Ban وجهي رهي آهي پاڪستان ولارت انفارميشن چيو آهي تہ " Mera's aitinos are against Islmaic ethies and Moral Values" اسلام آباد طرفان بيان جاري ڪيو ويو آهي تہ پاڪستاني ادارڪار جيڪي ولايت ۾ وڃن ٿا اهي پنهنجي ملڪ جا سفير آهن ڪين Vatgavity پکيڙڻ جي اجازت نہ ڏني آهي.

انڊيا ۾ فلم نظر جي سيٽ تي ڪم ڪندڙ ميرا کي پاڪستان مان ماڻهن Threat موڪليا آهن تہ "پاڪستان اچ تہ توکي ڏسي رهنداسين بي غيرت عورت تو کي هڪ هندو کي چميون ڏيندي شرم اچڻ کپي" (يعني جي فلمي هيرو مسلمان آهي تہ مڙئي خير آهي.)

ميرا کا پهرين فلم ايڪٽريس ناهي جيڪا انڊيا جي فلمن ۾ ڪري رهي آهي. هن کان اڳ بہ بيون ڪنديون رهيون آهن. جن مان سلميٰ آغا ۽ زيبا بختيار بہ ڪجهہ انڊين فلمن ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪافي ناز نخرا ڪيا اٿن پر هي ٻئي انگلينڊ جو پاسپورٽ رکندڙ آهن. ان حساب سان ميرا پهرين عورت آهي جيڪا پاڪستاني آهي. ۽ پهرين آهي جنهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

Kissing جا سين وڏي جوش خروش سان ڪيا آهن. هن هندستان ٽائيمس ۾ سندس وڏو شاهي انٽرويو ڇپيو آهي. جنهن جا ڪجهه ٽڪرا هن ريت آهن.

سوال: اڃا تنهنجي فلم رليز ٿي نه ٿي آهي ته تنهنجو نالو ماڻهن جي وات تي آهي؟

ميران: ڪجهه پاڪستان فلمي اداڪارائون ۽ ٿي سگهي ٿو هڪ به انڊين اداڪارائون پڻ، مون تي سڙن ٿيون ان ڪري منهنجي خلاف پروپئگنڊا ڪري رهيون آهن. جيئن آئون ذهني طرح پريشان رهان پر آئون ڪنهن کان ڊڄڻ واري نه آهيان. آئون ٻن ملڪن جي وچ ۾ دوستي جا تعلقات وڌائي رهي آهيان. هڪ آرٽسٽ لاءِ بائونڊريون ڪابه اهميت نٿيون رکن. آئون هر ملڪ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ويندي آمريڪا هجي يا چين ڪٿي يا انڊيا.

سوال: پاڪستان جي ماڻهن کي ڪهڙي ڳالهه جو اعتراض آهي؟

ميران: هنن اڃا سڄي فلم ئي نه ڏٺي آهي ته منهنجي خلاف فتوائون پيا ڏين. فلم جو هڪ تمام خوبصورت گانو آهي "دل مين رهو" جيڪو مون تي ۽ آشمت پٽيل (هيرو) تي فلمايل آهي. اهو تمام رومانٽڪ ۽ گرم (Hot) گانو آهي. اسان هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ جڪڙي ڇڏيون ٿا ۽ پوءِ چميون ڏيون ٿا. پر اهو تمام Tastefully ڪيو ويو آهي جيئن انگريزي فلمن ۾ هوندو آهي. اهو ائين ناهي جيئن ماليڪا شيراوت Murder فلم ۾ ڪيو آهي. بهرحال فلمن ۾ هر ڪو Kissing ڪندو رهي ٿو مون جي چمي ڏياري ته ڇا ٿي پيو؟ منهنجو جسم منهنجو آهي، مون کي جيڪي وڻندو اهو ڪندس، مون کي ڪنهن جي به پرواهه ناهي.

سوال: پوءِ آخر ان بابت ڇا ڪندينءَ؟

ميران: في الحال تي اڃا پاڪستان وڃڻ نٿي چاهيان. پوءِ جي ويس ته پنهنجي صدر مشرف صاحب سان ڳالهه ڪندس ته آخر مون ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي. آئون هڪ پروفيشنل آهيان ۽ هتي انڊيا ۾ روزگار ڪمائي رهي آهيان.

سوال: پاڪستان ۽ انڊيا جي فلم انڊسٽريءَ ۾ ڪو فرق؟

جواب: هتي (انڊيا) جي فلم انڊسٽريءَ ۾ جان آهي، رونق آهي. اسان وٽ Narrow mentality آهي پر هتي جي فلمي انڊسٽري دلير آهي.

سوال: انڊين فلمي دنيا (بالي ووڊ) جا تنهنجا دلپسند اداڪار ڪير آهن؟

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ميران: مون کي شاهہ رخ سان محبت آهي، آئون هن سان ۽ هرتڪ روشن سان فلمن ۾ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي. هيئنر سونامي طوفان جي سلسلي ۾ شو ٿيو هو ان ۾ هن مون کي پاڪر پاتو هو ۽ مون هن کي چمي ڏني هئي. اها مون لاءِ هڪ خوشيءَ جي گهڙي هئي.....

سائين منهنجا دهلي اچي ويو هاڻ ڇا ٿيندو؟ بہ سيٽون پويان ڪاپي پاسي ويٺل مهرچند اوڏ عجيب اداس شڪل ٺاهيندي چيو.

”ڇا مطلب؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”منهنجو مطلب آهي نول وارا ونڻ بہ ايندا يا نہ؟“

”ضرور ايندا، هو بہ ڏينهن اڳ دهلي ان ڪري پهتا آهن. ٿي سگهي ٿو رامچند بہ اچي. ٻئي گهوٽن جا پيئر آهن جن جي شاديءَ جي سڏ تي پاڻ آيا آهيون.“

مهرچند رتي ديري جو واپاري آهي ۽ نولراءِ اوڏ جي وڏي پيءُ پٽلي جو مڙس آهي. جيئن تہ اوڏن ۾ بدي جي شادي جو رواج عام آهي سو نولراءِ جي زال گيتا وري مهرچند جي ڀيڻ آهي. مهرچند سان گڏ سندس والده (نول جي سس) ۽ ڌيءَ مانيڪا بہ اسان سان گڏ هن بس ۾ سفر ڪري رهيون آهن. هو روهڙيءَ کان ريل ۾ چڙهيا هئا. مهرچند کي اهو اچاتو خوف هو تہ نول وارن کي خبر نہ آهي تہ اها چاڻ آهي يا نہ تہ اسان کي هيءَ بس ڪٿي لاهيندي جيڪا مقرر وقت کان بہ ڪلاڪ کن دير سان دهلي پهتي آهي. پر مون کي پڪ هئي تہ هو ڪمانڊر اسرارالله ۽ انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس جو پڪو شاگرد آهي جيڪي هر ڳالهہ ۾ Perfection کي اهميت ڏيندا هئا ۽ اسان کي بہ اهو سبق پڙهائيندا رهيا. انڊيا لاءِ نڪرڻ کان اڳ نولراءِ جا هر هڪ ڇاچيءَ وٽ سرڪيولرا ايندا رهيا. هي ماڻهو باءِ روڊ هلندا هي باءِ ايئر. باءِ روڊ وارن جي شاليمار ريل گاڏي ڪراچي کان هن وقت نڪرندي ۽ ڪراچيءَ مان هي ماڻهو حيدرآباد مان هي، نوابشاهہ مان هي.... وغيره وغيره چڙهندا جن جا سيٽ نمبر هي آهن. لاهور ۾ فلاڻو همراهہ اسان کي Receive ڪري فلاڻي هوٽل ۾ وٺي هلندو جتي فلاڻي ڪمري ۾ هي رهندا فلاڻي ۾ هي... نولراءِ جي هڪ هڪ شيءِ ايڏو Detailed جو فون تي نيٺ چيو هئومانس تہ ماڻهو آهين يا ڪرنل ڪومبس.

۽ هاڻ اسان دهلي پهچي رهيا هئاسين. بلڪ دهلي تہ اڌ ڪلاڪ کن اڳ پهچي ويا هئاسين هاڻ دهلي ٽوئرزم جي آفيس کي ويجهو پهچڻ وارا هئاسين جتي بس کي لاهڻو هو ۽

گيٽ اندر گهڙڻ مهل گيٽ ٻاهران اسان جو پيٽارو جو دوست نولراءِ بيٺو هو.

"ابا مهر چند مبارڪون هجني. نول بيٺو آهي؟" مون مهرچند کي چيو.

"واقعي؟ مون تہ نہ ڏٺو." مهرچند جي چهري تي اهائي اداسي هئي.

"يار مهرچند! ڪجهہ تہ خيال ڪر. ههڙي ويڪري ماڻهوءَ کي ڪو نابين ئي نہ ڏسي سگهندو."

بس بيٺي تہ اسان جو سامان دهليءَ جي ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ آفيس جي هيلپرن لاهي هيٺ رکيو ۽ هر هڪ کي کڻڻ لاءِ چيو ويو جيڪو اسين ٽرالين ۾ کڻي گيٽ جي ٻاهران آياسين. نولراءِ ۽ رامچند ۽ انهن جا پٽ اسان کي وٺڻ لاءِ بس جو بہ بندوبست ڪري آيا هئا جنهن اچي هوٽل "سنگهہ ڪانٽيننٽل" ۾ لاٿو ريسپشن تي ويٺل عورت لسٽ مطابق ڪنهن کي سنگل، ڪنهن کي ڊبل ڪمرن جون چاٻيون ڏينديون وئي. هوٽل جا بيرا هر هڪ جو سامان سندن ڪمرن ۾ پهچائيندا ويا. نول جي هدايت موجب هر هڪ اڌ ڪلاڪ اندر وهنجي سهنجي تيار ٿي هيٺ پهتو. بس اسان کي سڏو ڪنوار جي گهر وٺي آئي جيڪو پڻ ان ساڳي علائقي ڪارول باغ ۾ هو جتي هيءَ ڪانٽيننٽل هوٽل هئي. ڪنوار جي گهر ميندي ۽ مانيءَ جو بندوبست هو. ڪنوار جي گهر گهڙڻ سان عورتن خوشيءَ جا گيچ ڳائڻ شروع ڪيا.

ميندي لاهہ هٿن کي
ميندي لاهہ پيرن کي
منهنجا ڪچهريءَ جا مور راجيش
ميندي لاهہ هٿن کي.....

"امان ڪجهہ تہ سر ڪٽايو گهوٽ جون پينرون...." گهوٽ جي ڪنهن ڦڦيءَ رڙ ڪئي.

"راجيش کي پيٽون ڪٿي آهن." ڪنهن جواب ڏنو.

"پيٽون نہ تہ سوٽون تہ آهن. پٽ سروج، ڪرڻ، مانيڪا، گدان، هيڏانهن ويجهو اچي ڳايو."

هار چاجو هار گلن جو
سيني جو سينگار آ
ادا سيني جو سينگار آ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ادا راجيش هار تہ منهنجي هٿ ۾

پائر مان پايان تنهنجي ٻچيءَ ۾.

۽ پوءِ رسمون هليون جن جي وچ وچ ۾ ڪنواريتن طرفان راڳ ۽ ڊانس جا پروگرام هلندا رهيا جيڪي ڪنوار جي ساهيڙين Areange ڪيا هئا. گڏوگڏ ماني بہ هلندي رهي، چوڏاي انڊين فلمن ۾ ڏٺل شاهي شاديءَ جو ماحول هو. چوڏاري ٺهڪ هئا. چوڏاري خوشيون هيون جڏهن بہ چار ڪلاڪ اڳ جيڪو بس ۾ ٿڪ محسوس ڪري رهيا هئاسين يا ڪالهہ کان سفر ۾ خوار ٿي رهيا هئاسين اهو هڪ خواب هو يا ان ۾ موجود اسان نہ پر ٻيا ڪردار هئا...

# گهوٽ چڙهي گهر گهوڙي ايندو

دهليءَ ۾ پهچڻ سان هوٽل مان تيار ٿي ڪنوار جي گهر مينديءَ لاءِ پهتاسين. ڪنواريتا بہ اسان گهوٽيتن جي اچڻ جي انتظار ۾ هئا. هڪ طرف مانيءَ جو بندوبست هو تہ ٻي طرف ڳائڻ وڄائڻ. پاڪستان کان آيل اوڏن ۾ ڏاريو آئون هوس (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هر هڪ ياتيءَ منهنجو پنهنجن کان بہ وڌيڪ خيال ٿي رکيو) ۽ هوڏانهن آمريڪا ۽ ڪئناڊا کان آيل اوڏن ۾ گهوٽ راجيش جا چار پنج آمريڪن دوست هئا. اسان سيني لاءِ هي نوان ساٿ سوڻ ۽ ريتون رسمون هيون جيڪي هندستان جي اتراهين صوبن سان واسطو رکن ٿيون. ملائيشيا ۾ اٺ سال رهڻ دوران اتي ڪيتريون هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ شاديون اٽينڊ ڪرڻ جو موقعو مليو پر اهي سڀ تامل ۽ مليالم ڳالهائڻ وارن سائوٿ انڊين جو هيون. انهن ۾ ۽ اتر هندستان جي زبان توڙي ريتن رسمن ۾ ڪيڏو تہ فرق آهي. بهرحال ڳائڻ وڄائڻ توري ويس وڳن ۾ اسان جا سنڌ کان توڙي USA کان گهوٽيتا اوڏ ڪنهن بہ صورت ۾ هتي جي دهليءَ وارن کان گهٽ نہ هئا. بالي ووڊ جون فلمون ڪٽي انڊيا ۾ ٺهن ٿيون پر انهن جا وڊيو ڪيسٽ توڙي سيڊيون تہ اسان جي ملڪ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ وڪامن ٿيون ۽ ڏسڻ وارا تہ اسين آهيون توڙي ڪٽي ٺاهڻ وارا اهي انڊين هجن. ان ڪري اسان جي پارٽي جي ميمبرن (گهوٽيتن)ڪنواريتن ڪي هر راڳ جو جواب سندن ئي فلمي گانن ۾ اهڙو ٿي ڏنو جو ڪنواريتا چپ ٿي ٿي ويا. بهرحال هن کل خوشي ۽ ٽهڪن جي ماحول ۾ هر هڪ Enjoy ڪري رهيو هو. رات جا ٻہ اچي ٿيا هئا پر لڳو ٿي تہ محفل اختتام تي اجا نہ پهچندي. آمريڪا کان آيل گورا پهرين تہ واٽڙن وانگر هتي جي ماڻهن خاص ڪري عورتن جا ويس وڳا ۽ ريتون رسمون ڏسندا رهيا آخر اوٻاسيون ڏيڻ لڳا ۽ جڏهن ڏٺائون تہ اجا موٽڻ جو نالو ڪوبہ نہ پيو وٺي تہ منهنجو اچي پاسو ڏنائون تہ منهنجو اجا ترسڻ جو ارادو آهي يا هلڻ جو.

”آئون سوير سمهڻ وارو ۽ سوير اٿڻ وارو آهيان.“ مون چيو مان.

”دئٽ ازنائيس. اسان ڪي هوٽل تائين وٺي هل.“ هنن چيو.

”هلو تہ هلون. هي ساڳيون ريتون رسمون بلڪ ان کان بہ گهڻيون سياڻي پنهنجي هوٽل ۾

گهوٽيتا ڪندا. وڏيڪ فوٽو اتي ڪيدناسين.“ مون چيومان ۽ گهوٽ جي پيءُ ۽ پنهنجي پراڻي پيٽارو جي دوست ڊاڪٽر رامچند اوڏ کي چيم ته گاڏيءَ جو بندوبست ڪري ڏي ته اسان هلون.

رامچند ڪنهن ڪنواريتي کي چيو جنهن پنهنجي وئگز گاڏيءَ ۾ اسان کي اچي هوٽل تي ڪڍيو.

صبح جو نيرن تي آئون اڪيلو هوس، ڪجهه دير لاءِ ٻين جو انتظار ڪري هوٽل وارن کان پڇيم ته هي پاڪستان ۽ آمريڪا کان شادي تي آيل مهمانن جو ڇا پروگرام آهي.

”انهن يارهين بجي تائين ناشتي لاءِ چيو آهي جو هو رات پنجين بجي موٽيا آهن. اڄ 12 بجي هوٽل جي مين هال ۾ گهوٽيتن جي مينديءَ جو فنڪشن آهي. هوٽل جي ريسپشن تي ونيل ڪلاڪ ٻڌايو. مون تائيم ڏٺو اجا نو ٿيا هئا. فنڪشن شروع ٿيڻ ۾ اجا ٽي ڪلاڪ هئا. آئون نيرن ڪري چڪو هوس سو ٻاهر جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ نڪري پيس. هوٽل جو ڪارڊ پنهنجي کيسي ۾ وڌم جيئن ڪڏانهن پري کان وڃي نڪران ته رڪشا يا ٽيڪسي واري کي هن ڪارڊ ذريعي هن هوٽل جي ائڊريس ٻڌائي سگهان. وري به هوٽل جي گيٽ تي بيٺل سنتريءَ کان هن علائقي جو نالو پڇي ڪاپيءَ تي نوٽ ڪيم.

”دهليءَ جو هي علائقو ڪارول باغ سڏجي ٿو ۽ هي خاص ٽڪرو چينا مارڪيٽ آهي.“ هن ٻڌايو ۽ سامهون روڊ جي ڇيڙي وٽ ٺهيل رائونڊ اباڻوٽ لاءِ ٻڌايو ته اهو مشهور ”چينامارڪيٽ گول چڪر“ آهي جنهن جي چوڌاري ڪيترائي دڪان آهن. هن ڳالهه ٻڌائي بس ڪئي ته هڪ نوجوان فقرياڻيءَ هٿ اڳيان وڌائي خيرات گهري. هوءَ منهنجو رستو روڪي بيهي رهي. کيسي ۾ هٿ وجهي ڏٺم ته ڪن سڪا هئا. خبر ناهي هتي جا يا پاڪستان جا پر مون پنهنجي راهه کولڻ لاءِ جلدي جلدي هن جي هٿ تي رکيا. منهنجي اڳيان رڪاوٽ هٽي وئي پر اتي به ٻيون ڇوڪريون اچي ويون ۽ منهنجي پريشانيءَ جو اندازو لڳائي گيٽ تي بيٺل ڏنڊي سميت اڳيان آيو ۽ ڇوڪرين کي دڙڪو ڏيندي چيو:

”جاتي هو يا جمنا جي ڪا پرساد دون؟“

ٻئي ڇوڪريون پٺجي ويون. پهرين مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته اهو هن ڇا چيو ۽ خيرات (پرساد) جنهن جي هن ڳالهه پئي ڪئي اهو ونڻ کان هنن ڇو ڪيٻايو. پر پوءِ سنتري کي هنن

ڏي گهوريندي ۽ پنهنجي ڪابي هٿ تي ڏنبي جا آهستي آهستي ڏڪ هڻندو ڏسي سمجهي ويس تہ هتي "جمنا جي ڪا پرساد" معنيٰ ڏنبا ڪائڻ آهي. جيئن پاڻ وٽ ڏنبي کي "مولا بخش" سڏين ۽ خاص ڪري اسڪولن ۾ ڏنگن ٻارن جو علاج مولا بخش ئي ڪري سگهي ٿو. مون اڳتي وڏي چوراهي (چينا مارڪيٽ گول چڪر) تائين گهٽيءَ جو جائزو ورتو. ڪراچيءَ جي پاڪستان چوڪ يا حيدرآباد جي صدر علائقي جي گهٽين جهڙي گهٽي چئي سگهجي ٿي پر فقط ان گهٽي ۽ پاسي کان اچي ملندڙ هڪ ٻي گهٽيءَ ۾ نہ نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهاڪو کن ننڍيون وڏيون هوٽلون ٺهنديون. ڪرائون هوٽل، هيريٽيج هوٽل، سن ڪورٽ، Aamn palace، ڪارٽيل پئلس، Tribhaven palace, western, Queen، هل پئلسن آئوري پئلس ۽ ٻيون هوٽلون. ڪيترائي فارينر خاص ڪري يورپ پاسي جا گهٽيءَ ۾ ڦري رهيا هئا يعني اهي فقط هڪ گهٽيءَ ۾ سو بہ صبح پهر تہ معنيٰ سڄي دهليءَ ۾ ۽ انڊيا جي ٻين شهرن ۾ تہ خبر ناهي ڪيترا فارينر ٽوئرسٽ هوندا ۽ ان ڳالهہ کان ڪنهن کي بہ انڪار ناهي تہ اڄ جي دور ۾ ٽوئرزم وڏي انڊسٽري آهي جنهن مان ڪمائي ۽ ڪمائي آهي. تڏهن تہ هتي جي گهٽي گهٽي ۾ هوٽلون آهن ۽ ٻيون نهن پيون ۽ هر هوٽل سال جو وڏو حصو فل رهي ٿي. هن وقت بہ پاڪستان کان اسان سان گڏ آيل ڪجهہ ڄاڃي اسان واري هوٽل ۾ جاءِ نہ ملڻ ڪري پرواريءَ گهٽيءَ جي ٻي هوٽل ۾ ترسايا ويا آهن.

چوراهي تائين واڪ ڪرڻ دوران هڪ ٻن هوٽلن ۾ گهڙي در وٽ رسيپشن تان هوٽلن جي مسواڙ پڇيم. ڪنهن جي هزا ڪنهن جي سوا هزار ۽ هڪ ٻن جي پنج سؤ روپيا هئا ۽ هوٽلن جي معيار جي حساب سان اها گهٽي نہ هئي، ان کان وڌيڪ گهٽي وڌيڪ اسان وٽ آهي. دراصل انڊيا جون اهي ڳالهيون آهن جنهنڪري ٽوئرسٽ اچن ٿا. اسان وٽ امن امان جي ليول صحيح ناهي ۽ هوٽل وارا توڙي دڪاندار ڪنهن فارينر کي ڏسي هن مان پئسا ٺڳائڻ جي ڪندا. ۽ سرڪاري عملدار دڪان ۽ هوٽل وارن کي ڦرڻ جي ڪندا. هتي انڊيا ۾ لڳي ٿو سرڪار هوٽل وارن کي تنگ ڪرڻ بدران مدد ڪري ٿي تڏهن تہ هر ڪو پنهنجو گهر ڍاهي اتي هوٽل پيو ٺهرائي.

مون کي هن وقت بہ ڪم ڪرڻا هئا. هڪ پاڪستان پهچ جو ٽيليفون ڪرڻو هو ۽ ٻيو انٽرنيٽ تي پنهنجي ٽپال وغيره ڏسڻي هئي. ڪراچي ڇڏي اڄ ٽيو ڏينهن هو جو ڪمپيوٽر نہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪوليو هو ۽ هاڻ هوٽل ڪان ٻاهر ڪنهن Cybre Café جي ڳولا ۾ نڪتو هوس. مون ڪي ٻنهي ڪمن لاءِ ڪا دقت نہ ٿي جو هوٽل ڪان وٺي چوراهي تائين ٻہ يا ٽي اهڙا دڪان مليا جتي ڪلاڪ جا ڏهہ روپيا ڏيئي ڪمپيوٽر استعمال ڪري سگهيس ٿي ۽ ٽيليفون لاءِ پي سي او تہ جتي ڪٿي نظر اچي رهيو هو. چوراهي وٽان فون ڪري واپس هوٽل ڏي آيس ۽ هوٽل سان بلڪل لڳولڳ هڪ Cyber Café ۾ اچي ڪمپيوٽر تي ويٺس. هڪ گورڪو ڇوڪرو ۽ ٽي ڪن عورتون مختلف ڪمپيوٽرن تي ويٺا هئا. گورڪو ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري شام جي ڪاليجن جا شاگرد هئا ۽ هينئر صبح جو ڪمپيوٽر سکڻ لاءِ هتي آيا هئا ۽ باقي ٻہ عورتون House wives ٿي لڳيون جن ڪان بعد ۾ پڇڻ تي هنن ٻڌايو تہ هنن جي مڙسن کي آمريڪا ۾ نوڪري ملي آهي ۽ هاڻ ڪجهہ مهينن بعد هو هنن وٽ وڃي رهيون آهن. هتان ڪمپيوٽر جا ڪجهہ پروگرام سکي پيون وڃن خاص ڪري Adobe فوٽ شاپ جيئن اتي ڪنهن آفيس ۾ ياد دڪان تي ڪو جاب حاصل ڪري سگهن ۽ سندن مڙسن جي ڪمائي ۾ واڌارو ٿي سگهي. ڪين ڪمپيوٽر سيکارڻ واري ڇوڪري عمر ۾ هلڪي ڦلڪي جسم مان ڪنهن ڪاليج جي شاگردياڻي ٿي لڳي پر ڪمپيوٽر ۾ ڇا تہ سندس معلومات هئي. ٿنهي چٽني چٽن درپيش آيل مسئلن جو حل پئي پڇيس ۽ هوءَ سيني کي اهڙو جلدي جلدي سمجهائي رهي هئي جو لڳو پئي تہ واقعي ايڪسپرٽ آهي. اسان وٽ بہ پاڪستان جي وڏن توڙي ننڍن شهرن ۾ سائبر ڪيفي جهڙا دڪان آهن پر توهان انهن ۾ اندر وڃي ڏسو تہ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪو پروگرام يا ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جو علم سکڻ بدران (جنهن ۾ محنت ٿي گهرجي) رڳو خط لکڻ, چيٽ ڪرڻ ۽ واهيات قسم جون سائيٽون کولي ذهني عياشيءَ ۾ مبتلا نظر ايندا. هتي هڪ ٻي ڳالهہ نوٽ ڪيم تہ انٽرنيٽ سروس تمام Fast آهي ۽ ڪلاڪ جي مسواڙ ڏهہ روپين ۾ ايترو ڪم ٿيو وڃي جو اسان وٽ چئن ڪلاڪن ۾ بہ نہ ٿئي, رڳو پٽڻ کي ڪلڪ ڪر تہ گهربل Site يا Mail کليو وڃي.

جيئن ئي بہ ڪلاڪ پورا ٿيا تہ ٻن ڪلاڪن جي في ويهہ روپيا انچارج ڇوڪريءَ کي ڏيئي آئون ٻاهر نڪتس. ادا گلاب راءِ اوڏ جو پٽ وڃي ڪمار ۽ سريچند اوڏ جو پٽ سنجي هوٽل جي در وٽ بيٺا هئا.

”ڪريو خبر اچي ويا ماڻهو؟“ مون پڇيو مان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ها انڪل! تقريبا اچي ويا آهن توهان نيرن ڪئي؟“

”ڪڏهوڪو.“ مون وراڻيو مان. ”هلو ته هلو.“

سنجي مون سان گڏ هلڻ لڳو ۽ وچي پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪمري مان سڏڻ لاءِ لفٽ ڏي روانو ٿيو.

”تون مون سان گڏ هججانءِ جيئن فوٽو ڪيڻ ۾ منهنجي مدد ڪري سگهين.“

مون سنجي کي چيو سنجي تازو NED يونيورسٽيءَ مان BE ڪئي آهي ۽ سندس پيءُ سريچند اوڙ ڊاڪٽر رامچند اوڙ جو سڳو ڀاءُ آهي يعني سوناري سندن ماءُ آهي. چاچي نارائڻ داس اوڙ کي پنهنجي ٻي زال سوناريءَ مان چار پٽ ٿيا. سڀ ۾ وڏو ارجن داس اوڙ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ اسان سان گڏ هو جتان انٽر ڪرڻ بعد هن مرچنٽ نيوي Join ڪرڻ چاهي ٿي پر سندس والد کيس ڪراچي يونيورسٽيءَ مان MBA ڪرڻ لاءِ چيو جيتوڻيڪ پوءِ ڏهاڪو کن سالن بعد شري نارائڻ داس جي ٽي ۽ ننڍي زال نانڪي جي پنجين نمبر پٽ امرچند انٽر ڪئي ته هن کي چاچي نارائڻ داس مئرين اڪيڊمي موڪليو اڄ هو هڪ ڪامياب ڪئپٽن آهي ۽ ايران جا جهاز يورپ جي مختلف بندرگاهن ۾ هلائي ٿو.

ارجن داس کان پوءِ سال کن رکي سندس ٻيو نمبر ڀاءُ رامچند ۽ ٽي ماءُ نانڪي جو ٻيو نمبر پٽ نولراءِ ڪيڊٽ ڪاليج آيا هئا ۽ هينئر اسان انهن ٻنهي جي پٽن جي شادي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ انڊيا آيا آهيون. ڊاڪٽر رامچند کان پوءِ ٽيون ڀاءُ سريچند آهي جيڪو سنجي جو پيءُ ٿئي ۽ ان بعد چوٿون ڀاءُ . يعني ڊاڪٽر لڇمڻ اوڙ (سنجي جو ننڍو چاچو) آهي. سنجي جي پيءُ سري چند ۽ لڇمڻ ٻنهي جي شادي دودي جي ٻن ڌيئن جهمي (شبانا) ۽ ريکا سي ٿي ۽ ان جي بدلي ۾ سنجي جي پڦين شانتا ۽ ڪملا جي شادي سندس مامن دوددي ۽ مور سان ٿي. ان ريت ڏٺو وڃي ته سنجي يا ٻين ٻارن جا هر هڪ سان هڪ ٻدران ٻه ٻه رشتا ٿيا. سنجي جي ريکا ماسي به ٿي جو اها سندس ماءُ شبانا جي ڀيڻ ٿي. ۽ ساڳي وقت اها چاچي به ٿي جو ريکا سندس چاچي لڇمڻ جي زال به ٿي. اهڙي طرح سندس دودو مامو به ٿيو ته پڦڙ به. هتي آيل شري نارائڻ داس جي ڏهتاڻ پوٽان ڪڏهن ڪنهن کي ماسي پيا سڏين ته ڪڏهن چاچي. بعد ۾ آئون به سمجهي ويس ته ڪير ڪنهن کي ڪهڙي رشتي سان سڏي ٿو پر شروع جي ڏينهن ۾ آئون سمجهي نه سگهيس سو پهرين ڏينهن ئي چيو مان ته جنهن جي ڳالهه ڪريو ان

جو مهرباني ڪري نالو وٺي ٻڌائي ڪريو ۽ آئون بہ نالو وٺي چوندس جو توهان جي نندي ٿهي تہ مون کان نندي آهي ئي آهي پر توهان جا پيءُ ماءُ بہ سڀ مون کان ننڍا آهن سوا ادا گلاب راءِ جي جنهن کي سن 1959ع کان جڏهن سندن گهر پهريون دفعو اچي رهيو هوس، ”ادا“ چوندا اچون.

سنجي اسان سان اڪيلو آيو آهي، سندس ماءُ پيءُ ۽ ڀائر ڀيڻون (مينا، نينا، ۽ رشي) جيڪي آمريڪا ۾ رهن ٿا موڪل نہ ملڻ ڪري اچي نہ سگهيا. ان ڪري سنجي پنهنجي مامي دودي سان گڏ هليو ٿي يا مون سان.

مينديءَ واري هال ۾ گهڙياسين تہ وچ ۾ غاليچو وڇائي ڇوڪريون لونگ ڦوٽا ڳائي رهيون هيون. يعني،

لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾
آئون ڪٽيو پٽي اچان،
راجيش منهنجي اڱ ۾
آئون نچندي اچان.

اسان مردن لاءِ پٺين جي چوڌاري ڪرسيون رکيون ويون هيون. مختلف ساٿ سوڻ ڪرڻ لاءِ گهوٽ جون ڀڦيون مينديءَ، لوٹو وچٽو اکڙي مهري جهڙيون شيون ڪٺي آيون هيون. هي گهڻو ڪري اهي ئي ريتون رسمون ۽ ساٿ سوڻ هئا جيڪي اسان مسلمانن ۾ بہ ٻڪي، ونواه، نکيٽي جي ڪاڄن تي ٿين ٿا جن جو مذهب سان ايترو تعلق ناهي جيترو هتي جي پراڻي هندو ڪلچر سان آهي ۽ هي ساٿ سوڻ جيئن پهرين ٻڌائي آيو آهيان تہ هندستان جي مٿين اڌ، پاڪستان ۽ ڪشمير طرف هڪ جهڙا آهن هيٺ ڏکڻ ۾ توڙي انڊونيشيا جي ٻيٽ بالي تي جتي جو سرڪاري مذهب هندو ڌرم آهي يا ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ جتي جي رهاڪو انڊين ۾ 80 ڪن سيڪڙو ڏکڻ هندستانين جو آهي اتي جي هندن جا بلڪل مختلف رسمون رواج آهن. ٿائي پوسام ۽ ڪاواڊي جهڙا ڏينهن ۽ رسمون بہ ڏکڻ هندستان جي تامل، ڪيرالا ۽ ڪرناٽڪا وارن جي خاص سجاٽپ آهن.

ڳائڻ وارين هڪ راڳ ختم ٿي ڪيو تہ ٻيو شروع ٿي ڪيو.

تون هلين ٿو پانهن لوڏي لوڏي

ماڻهو ڏسن ٿا توڏي توڏي
هلندڙن کي نہ بيهار منهنجا جاني
رک پلنگ تي پير منهنجا جاني

بهرحال هوٽل جي هال ۾ کو پلنگ تہ نہ هو پٽ تي ئي گلم غاليچا ۽ چادرون وڇائي وينا هئاسين جتي جاني يعني گهوٽ راجيش کي ميندي ۽ رسمن لاءِ ويهاريو ويو هو ۽ جتي هن کي نوان ڪپڙا بہ پارايا ويا. آمريڪا کان آيل راجيش ۽ سندس پيءُ رامچند جا آمريڪن مهمان عوروتون ۽ مرد جتي حيرت مان هي سات سوڻ ڏسي رهيا هئا اتي گهٽ پريشان راجيش بہ نہ هو جيڪو جيڪا پهرين هندو ڌرم جي شادي ڏسي رهيو هو اها اتفاق سان سندس ئي هئي. کيس هر شيءِ سمجهائڻي ٿي پئي تہ هاڻ هيئن ڪر هاڻ هونءَ ڪر. مزي جي ڳالهہ اها تہ اوڏ ڪٽي هند سنڌ ۾ رهن پر پاڻ ۾ اوڏڪي ڳالهائين. ڪيترن کي سنڌي ڪٽي نہ ايندي، اردو يا هندي نہ ايندي پر اوڏڪي ضرور ايندي. پر رامچندهڪ واحد ماڻهو آهي جنهن جي ٿنهي ٻارن کي اوڏڪي ٽپ نٿي اچي. رامچند شاديءَ بعد يڪو آمريڪا ۾ رهيو ۽ گهٽي گهوٽي تہ ڇا سڄي رياست ۾ ساڻن ڪو سنڌي يا اوڏڪي ڳالهائڻ وارو نہ هو جنهن کان ٻار ڪٽي ٻڌن. پاڻ سال جا يارهن مهينا دنيا جي ٽوئر تي يا ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ريسرچ ورڪ پنيان. نتيجي ۾ ٻارن کي فلپينو آيائن سان رهڻو پيو ٿي يا هاسٽل ۾ جتي هنن کي ڏينهن رات انگريزي ٻڌڻي ۽ ڳالهائڻي پئي ٿي. سو هاڻ راجيش کي رسمن لاءِ پڪيون ۽ چاچيون سنڌي يا اوڏڪي ۾ سمجهائين تہ کيس ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي. گهوٽ صاحب بہ پريشان تہ مائٽ بہ. سندس وڏي پڪي، مهرچند جي زال پتلي جيڪا پڻ پنهنجن هنن ڀائيٽن سان پهريون دفعو هتي انڊيا ۾ ملي رهي هئي سا ڪافي دير گهوٽ سان مٿو کپائي ڪنڌ ۾ وڃي ويٺي. ”امان ڏاڍي ڳالهہ ٿي هاڻ هن عمر ۾ اسان کي انگريزي سکڻي پوندي“ هوءَ چئي رهي هئي، پر منهنجي خيال ۾ هن کي يا سندس ڪنهن ڀيڻ کي ان قسم جو فڪر نہ ڪرڻ کپي جو شري نارائڻ داس جي هر هڪ پٽ تہ پنهنجن ٻارن کي اعليٰ انگريزي تعليم ڏني پر ڌيئرن بہ پنهنجن ٻارن کي ڊاڪٽري ۽ انجنيئري سان گڏ سٺي انگريزي سيکاري. مانيڪا، برکا، ارم، ڪرن، سروج جهڙيون ڇوڪريون جيڪي ڪانوينٽ اسڪولن مان ڪٽي نہ پڙهيون پر عام اسڪولن مان پڙهي بہ پنهنجي انگريزي سڌاري ويون ۽ پنهنجن انهن ڪزنن سان جيڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انگلينڊ، ڪئناڊا ۽ USA کان هتي اچي نڪتا هئا انهن سان بلڪل روان انگريزي ڳالهائي رهيون هيون. سنڌي يا اردو هندي اچڻ پنهنجي جاءِ تي پر اها زميني حقيقت آهي ته اڄ به جتي ڪٿي، ويندي اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ ڪامياب اهو وڃي ٿو جيڪو سٺي انگريزي ڄاڻي ۽ ڳالهائي سگهي ٿو.

رامچند جي ٽنهي پٽن سان منهنجو به رات ئي ڳالهائڻ ٿيو جيتوڻيڪ هيستائين Email ذريعي فقط وڏي پٽ راجيش (گهوٽ) سان واسطو ضرور هو. مون سنڌي ۾ ٻئي نمبر پٽ سان ڳالهايو ته هو "هاءِ" ڪري Typical آمريڪن لهجي ۾ ڳالهائڻ لڳو: "اڙي رامچند! هي ڇا؟ پلا اوڏڪي اچين ٿي يا اها به نه؟" مون پر ۾ بيٺل رامچند کان پڇيو.

"بس يار. هاڻ هڪ هنڌ منهنجي پوسٽنگ ٿي آهي سو سيڪاري ونڊوسان. في الحال رڳو "گٽ مٽ" ٿا ڄاڻن. هن گٽ مٽ تي زور ڏيندي چيو ۽ مون کان ٺهڪ نڪري ويو.

اڄ کان 45 سال کن اڳ جڏهن اسين ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ هئاسين ته ڪراچي ۽ لاهور جي ڪانوينٽ اسڪولن کان آيل اسان جا ڪلاس ميٽ اسان تي خوب حاوي هئا. اسين هالا، ڪنڊيارو، جهانگارا باجارا، دربيلي، شاهه پنجو سلطان جهڙن ڳوٺن کان سنڌي ميڊيم اسڪولن جا ٻار هر وقت جهڙا هيسيل. انگريزي نه اچڻ ڪري نه ميس ۾ پنهنجي ٽيچرن سان ڳالهائي سگهن نه ڪلاس روم ۾. ۽ پوءِ جڏهن منٿلي ٽيسٽ ٿيندا هئا ته خبر پوندي هئي مٿين ڳوٺن جا اقبال ترڪ، غلام محمد سومرو، نولراءِ ۽ رامچند جهڙا پهريون نمبر کٽي ويا جو اهي ڳالهائڻ ۾ ڪٽي ڪمزور هئا پر انگريزي گرامر، مضمون نويسي، مئٿس وغيره ۾ ته هوشيار هئا. هڪ دفعي رامچند نائين ڪلاس جي منٿلي ٽيسٽ ۾ پهريون نمبر آيو ته مون چيومانس "يار ڪمال ڪري وڌو اٿئي."

"پيو نه ته وري" هن مون کي پاسي تي ڇڪي راز واري انداز ۾ چيو هو "هنن کي اچي ڇا ٿو رڳو اها گٽ مٽ ڳالهائڻ تي اچين." ۽ پوءِ رامچند غلط سلط انگريزيءَ ڊائلاگ انگريزن جي Aceent ۾ ڳالهائڻ جو نقل ڪري ڏاڍو کلايو ۽ اڄ سندس ٻارن کي بلڪل ائين آمريڪن اسٽائيل ۾ ڳالهائيندو ٻڌي رامچند جي اها ائڪٽنگ ياد اچي وئي.

مينديءَ دوران گهوٽيتاڻيون جيڪي راڳ ڳائي رهيون هيون. هتي اسان جي هوٽل ۾ توڙي رات ڪنوار جي گهر: "مور ٿو ٽلي" کان وٺي "اڪيون لاڏل جون ٻرن مشعالا" .... يا "سڌ

ڏئي ٻڪيءَ جو راڄ گهرايان...“ سڀ سنڌيءَ ۾ هئا. هڪ هڪ ڪان پڇندو هوس ته ڪو راڳ يا سهرو اوڏڪي زبان ۾ نه آهي ته سيني اهوئي ٻڌايو ته هو پنهنجين شادين مرادين تي اهي سنڌي ئي راڳ ڳائين. مون گهڻو ئي پروفيسر بنست ۽ مهرچند اوڏ جهڙن کان پڇيو جيڪي ٻهراڙين ۾ به رهيا آهن. ته ڪو اهڙو راڳ، ڳانو يا ڪو شعر ئي ٻڌائين ته نوٽ ڪري وٺان پر في الحال اجا حاصل نه ڪري سگهيو آهيان.

ميندي جو ڪم لاهي هر ڪو پنهنجي ڪمري وڃي آرامي ٿيو. شام جو دهليءَ جي الفا پارڪ ۾ شاديءَ جو بندوبست هو جيڪا جاءِ هن هوٽل کان اڌ ڪلوميٽر کن جي پنڌ تي آهي اتي سرگس جي روپ ۾ گهوٽ کي وٺي پهچڻو هو. شام جو اک کلي ته بئنڊ جو آواز ڪن تي پيو. ننڍا هئاسين ته ڳوٺ ۾ ڪنهن جي شادي ٿيندي هئي گهوٽ کي گهوڙي تي ويهاري مڱڻهارن جي توتارين شرنائين تي سرگس (شهر جي گشت) تي نڪرندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي شاديءَ تي حيدرآباد کان بئنڊ ايندي هئي. ڏهه ٻارهن ڄڻا هڪ ئي يونيفارم پائي مختلف ميوزيڪل Instrument وڄائيندا هئا. ڇا ته Stereo نموني جا آواز نڪرندا هئا. آهستي آهستي اهي سڀ ڳالهيون ماضيءَ جون شيون ٿي ويون پر اڄ هتي دهليءَ ۾ اهي بئنڊ باجا ٻڌي ڏاڍو مزو اچي ويو. هونءَ منهنجو شاديءَ جي دعوت لاءِ ٿورو دير سان نڪرڻ جو ارادو هو پر هاڻ بئنڊ جو آواز ٻڌي يڪدم تيار ٿي سڀ کان اڳ اچي رسيپشن تي نڪتس. خبر پئي ته آمريڪا کان آيل گورا مهمان مون کا به اڳ پهچي ويا آهن ۽ ٻاهر بئنڊ جا فوٽو پيا ڪڍن. آئون به هوٽل کان ٻاهر اچي بيهي رهيس. سڄي بئنڊ ۾ ويهارو کن ميوزيشن هئا ۽ سازن جي آواز سان ڪنن جا پڙدا ٿي ڦاٽا پر ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. بئنڊ جي ڳالهه ئي پنهنجي آهي تڏهن ته گورا به اتي بينا هئا ته بينا ئي رهيا.

پيا آيا پيار آيا دهج دهج کر ميرا يار آيا

آنکهون مين سرور هي باتون مين غرور هي

ڇهلڪي ڇهلڪي

بئنڊ وارن هڪڙو ڳانو پورو ڪري ٻيو تي شروع ڪيو.

تمهين ديکها تو يه جانا صنم

پيار هوتا هي ديوانه صنم

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اب يهان سي کهان جائين هم
تيري باهون مين مرجائين هم
هنن ڪڏهن نئون گانو ٿي ڳايو تہ ڪڏهن ڏور ماضيءَ جو.
تنڪا تنڪا ذرا ذرا
هي روشني سي جيسي بهرا_ هر دل مين ارمان هوتي تو هين
بس کوئي سمجهي ذرا

سڀ خوشين، ميلاپ پيار محبت جا گانا هئا. هڪ جهاز تي هڪ اهڙوخلاصي آيو جنهن لاءِ مون سان ڪم ڪندڙ ريفريجريشن انجنيئر محمود ٻڌايو تہ سائين هي بئنڊ ماسٽر هوندو هو.

”پوءِ اهڙو سٺو ڪم ڇڏيائين ڇو؟“ مون پڇيومانس.

”هڪ دفعي گهوٽيتن ڏاڍي مار ڏنس.“ هن ٻڌايو.

”ڇو؟“

”شاديءَ جي موقعي تي سندس بئنڊ وارن وٺي گانو ڳايو:

”دو گز کفن کا ٽکرا تيرا لباس هوگا.“

جهاز تي جڏهن ڏکيون Calculations بيزار ڪنديون هيون، جهاز جون مشينيون ساٿ ڇڏي ڏينديون هيون، طوفان ۽ سامونڊي ويرون جهاز سان ويڙهاند ڪنديون هيون ۽ اسان التيون ڪري ڪري بيحال ٿي ويندا هئاسين تہ مٿيون فرج انجنيئر محمود مسخرو ڏاڍي معصوميت سان چوندو هو تہ جهاز هلائڻ کان تہ بهتر هو تہ ڪنهن بئنڊ ۾ ٿالهيون وڄائڻ جو ڪم ڪجي ها. ڪيڏو آسان ۽ دلچسپ آهي. نہ ذهني پريشاني ۽ فزيڪل فٽيگ. ۽ پوءِ ٿالهيون وڄائڻ جي ائڪٽنگ ڪندو هو تہ في الحال جهاز ۽ موسم جا پريشر ۽ ٽينشن وساري کلي ڏيندا هئاسين ۽ هاڻ هن بئنڊ ۾ بہ اهڙا ٿالهين وڄائڻ وارا بہ نظر اچي رهيا هئا جيڪي پنهنجي پر ۾ سمجهن پيا تہ وڏو ڪو ڪارنامو سرانجام پيا ڏيون. سندن هٿن جا ائڪشن ۽ اکين جون ادائون ڏسڻ وٽان هيون. ههڙين بئنڊن ۾ ميوزڪ جي مزي سان گڏ هر هڪ ساز وڄائڻ واري جا ائڪشن ڏسڻ وٽان ٿين ٿا.

گهوٽ لاءِ ٻن اڇن گهوڙن جي خوبصورت بگي آندي وئي هئي جنهن ۾ گهوٽ جو ماءُ پيءُ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ وڏو چاچو وينا. سڄي ڇڄ هوٽل کان ٻاهر آئي ۽ سرڪس جي روپ ۾ شادي هال ڏي وڌڻ لڳي. هر ڏهه پندرهن وڪن بعد دارون (Fire Works) ٻاريو ٿي ويو. جنهن جنهن رستي تان لنگهياسين ٿي اتي جي گهرن ۽ هوٽلن جا ماڻهو بالڪونين ۽ درين مان گهوٽ جو سرڪس، بئنڊ ۽ Fire Works ڏسڻ لاءِ نڪتا ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اها شادي هڪ Royal قسم جي لڳي رهي هئي، پاڙي اوڙي جا ماڻهو به فخر محسوس ڪري رهيا هوندا ته هڪ ڇوڪرو جنهن جي آمريڪن Citizenship آهي ۽ هڪ ڇوڪري جنهن کي ڊئنمارڪ جو پاسپورٽ آهي انهن هتي اچي دهليءَ ۾ شادي رچائي آهي.

هن دعوت ۾ دهلي شهر جا ڪيترائي مختلف قسم جا ماڻهو آيل هئا. بزنس مين، بيورو ڪريٽس، ميڊيا سان تعلق رکندڙ وغيره جن مان ڪجهه سان ماني دوران ملندو رهيس. دهليءَ ۾ رهندڙ اوڏن مان به ڪيترين ئي فئمليون آيون هيون جن مان ڪيترين عورتن کي سنڌي پرت جون پوتيون پهريل ڏسي پري کان سڃاڻپ پئي ٿي. مانيءَ بعد ڳائڻ ۽ ريتون رسمون ۽ ڦيرا ٿيندا رهيا جيڪي اڪثر انڊين فلمن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جتيون لڪائڻ جي رسم ۾ غلطيءَ ۾ گهوٽ جي پيءُ ۽ چاچن جون جتيون لڪائڻ بدران آمريڪا کان آيل مهمانن جون ڪڇي ويون پوءِ ته گورن جي حالت ڏسڻ وٽان هئي جيسين هنن کي سمجهه ۾ ڳالهه اچي ته اها هتي جي رسم آهي ان جي End Result اهائي آهي ته توهان کي جتيون واپس ملي وينديون پر في الحال هنن سمجهيو ته شايد هنن کي آمريڪا جي ڪولروڊو رياست تائين پيرين پنڌ موٽڻو پوندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪارول باغ جي هوٽل ۾

دهلي پهچڻ سان پهرين اسين نيو دهليءَ جي علائقي ڪارول باغ جي هوٽل سنگهه ڪانٽينٽل ۾ رهياسين جو شادي هال به اتي ويجهو هو جتي آمريڪا کان اسان جي ڪاليجي دوست رامچند جي پٽ راجيش جي شادي ٿي رهي هئي. شاديءَ بعد سنڌ کان آيل اسين چاليهه کن ڄاڄي جن ۾ سواءِ منهنجي ٻيا سڀ نولراءِ اوڏ جا پائر پيٽون ۽ انهن جو اولاد هئا نيو دهليءَ جي هڪ ٻئي علائقي " ڪالڪا جي" ۾ اچي رهياسين "ڪالڪاجي" جو علائقو ڪالڪا ديوي ۽ ڪنول (Lotus) جي مندرن کان مشهور آهي. دراصل جتي اسان جي هاڻ رهائش آهي جتان هي لکي رهيو آهيان هڪ ڌرم شالا آهي جيڪا اگروال ڌرم شالا سڏجي ٿي. هتي نول جي هڪ دوست اوڏ رهائش جو بندوبست ڪيو آهي جيڪو 30 سالن کان انڊيا ۾ رهي ٿو. ڌرم شالا ۾ ڪيترائي هوٽل جيان Attach Bath سان ڪمرا آهن ۽ وڏو بورچي خانو پڻ آهي. اڄ صبح جو سوير اٺين واڳ ڪري گيٽ وٽ پهتس ته دودو به ڪو واڪ ڪري آيو هو. اسان ٻئي اتي ٻيهي چانهه واري کان چانهه وٺي پيئڻ لڳاسين.

پيٽارو جي تعليم يافته دودي اوڏ تعليم حاصل ڪرڻ جي Struggle بابت ٻڌايو ته هن جو والد چتون مل امير گهر ته نهيو پر مڊل ڪلاس جو امير به نه هو. "سچ ته اهو هو ته هو اسان جي اباڻي اوڏڪي ڌنڌي سان وابسته هو. بابا ويچار ڪيو ته چونه منهنجا ٻار به تعليم حاصل ڪن. ان جي لاءِ Motivation جو مثال نولراءِ جو پيءُ نارائڻ داس صاحب هو. جڏهن هو اوڏ ٿي پڙهي سگهي ٿو ته چونه منهنجا ٻار به! ۽ تعليم حاصل ڪرڻ سان ماڻهوءَ جو مان مرتبو ئي بدلجيو وڃي."

دودي وڏيڪ ٻڌايو ته پوءِ ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ منهنجي پيءُ کي ڪجهه ڪرڻو ئي پيو. "اهم ڳالهه پئسو هو. هن ڏهاڙي جيڪو محنت مزوري مان ڪمايو ٿي ان مان ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول جي جهڙي تهڙي في ۽ ڪتاب به مشڪل سان ٿيا ٿي. وڏيڪ سٺي پڙهائيءَ لاءِ ته ڪوبه پئسو نه ڏيندو. بابا مون کي ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهائڻ چاهيو ٿي، جتان نارائڻ داس صاحب جا پٽ ارجن داس، نولراءِ، رامچند وغيره توهان سان گڏ پڙهي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نڪتا هئا. هن امان کان سپ ڳهه ڳنا ورتا ۽ ٻيو ڪجهه سامان جيڪو گهر ۾ هو ۽ وڪامي سگهيو ٿي اهو وڪڻي وٺي ٺيڪيداري شروع ڪئي. پوءِ ان ۾ قدرت فائدو وجهي ڏنو جيتوڻيڪ هڪ ٻه اهڙو جهٽڪو به آيو جنهن ۾ اسان زيرو جي ويجهو وڃي پهتاسين پر هو هر صورت ۾ منهنجي پڙهائي جو بندوبست ڪندو رهيو توڙي سڄي گهر کي ويلا ڪاٽڻا پيا ٿي.“

”مون کي تعليم ڏيارڻ ۾ هڪ ٻيو به اهم پهلو هو. اسان اوڏن جون شاديون اوڏن ۾ ئي ٿين ٿيون ۽ اهي به پنهنجن ۾ نه پر ڏارين ۾. ان ڪري ڇوڪرين جي رشتي لاءِ ڪافي پرابلم رهي ٿو ته سنا ۽ پڙهيل ڇوڪرا ڪٿان آڻجن. جيئن اڄ منهنجي ڌيءَ ڪرن پڙهي ڊاڪٽر ته ٿي وئي آهي پر ظاهر آهي هڪ Suitable ۽ Compatable رشتو ڪيئن ۽ ڪٿي ڳولجي جو اسان اوڏن ۾ ايترا تعليم يافته ۽ نوڪرين وارا نه آهن.“

”پروفيسر بسنت يا ادا گلاب راءِ ۽ حشمت راءِ جا جوپٽ آهن.“ مون چيو.

”نه، اهي منهنجي ٻارن جا سؤٽ ماسات يا ٻڦات ماروت ئي ته ٿيا. پروفيسر بسنت جي زال ميران ۽ منهنجي زال شانتا ڀيڻون ٿيون. حشمت ۽ گلاب راءِ وارا ان جا ڀائر ٿيا ۽ سري چند ۽ لڇمڻ جون زالون. جهمي ۽ ريکا منهنجون ڀيڻو ٿيون ۽ اسان پنهنجن  ۾ شادي نه ڪندا آهيون. سو اهو ساڳيو مسئلو اسان جي سهري نارائڻ داس کي درپيش هو. هن پنهنجون ڌيئرون اوڏن کي ئي ڏيڻ چاهيون ٿي پر سندس گهر کان سواءِ اوڏن ۾ ڪوبه پڙهيل نه هو. اسين ننڍا هئاسين ته هو هڪ ڏينهن منهنجي پيءُ وٽ آيو. انهن ڏينهن ۾ نارائڻ داس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو ۽ اسان جو پيءُ ڇتون مل هڪ عام اوڏ مزور. هن بابا کي چيو ته تنهنجا ٻار مون کي فضيلت وارا لڳن ٿا، آئون تنهنجن ٻن پٽن دودي ۽ مور کي پنهنجون ڌيئرون ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ پنهنجن ٻن پٽن لاءِ تنهنجيون ڌيئرون وٺڻ به چاهيان ٿو.

ان ڳالهه کان پوءِ ته منهنجي پيءُ کي ويتر هورا ڪورا ٿي پئي ته ٻارن کي ضرور پڙهائڻ کپي.

”توهان ڀيٽارو ڪڏهن آيائو؟“ مون دودي کان پڇيو.

”منهنجو ڪٽ نمبر 7035 هو يعني مون ڪيڊٽ ڪاليج 1970ع ۾ Join ڪيو ۽ 1975ع ۾ نڪتس. اڄڪلهه جو چيف منسٽر ڊاڪٽر ارباب رحيم اسان جو ڪلاس ميٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هو سندس ڪٽ نمبر 7199 هو.“

”پيٽارو ڪان پوءِ ڇا پڙهايئو؟“ مون دودي اوڏ ڪان پڇيو.

”پائيجان پيٽارو ڪان پوءِ مون کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي وئي پر منهنجي پيءُ وٽ ايڏو پئسو نہ هو جو مون کي بہ پڙهائي ۽ منهنجي ڀائرن کي بہ جيڪي پڻ هاڻ اسڪولن جي پڙهائي ختم ڪري ڪاليج ليول تائين پهچي چڪا هئا ۽ اسڪولن جون فيون ۽ ڪتابن وغيره تي گهڻو خرچ ٿي آيو. نتيجي ۾ مون ميڊيڪل تان هٿ ڪڍي ڳوٺ ۾ رهي آرٽس ۾ گريجوئيشن ڪئي، ان بعد نوڪريءَ لاءِ ڏاڍو واجهايم پر نہ ملي. جتي وڃان اتان جواب ملي. هڪ ڏينهن تہ بيزار ٿي تن ڏينهن جي ملڪ جي حاڪم ۽ والي وارث ضياءُالحق کي بہ خط لکيم تہ ”آخر اسان اقليت وارا وڃون سو وڃون ڪڏانهن.“ ۽ نہ فقط خط لکيو پر جنرل ضياء کي پوسٽ بہ ڪري ڇڏيم. اهو خط هن تائين نہ فقط پهچي ويو پر هن پڙهي مون کي جواب بہ لکيو جنهن جي ڪاپي مون وٽ اڄ بہ موجود آهي. هن مون کي پوليس جي IG سان ملڻ لاءِ چيو. ڪجهہ ڏينهن سوچڻ بعد هن سان ملڻ ويس جنهن انٽريو ورتو ۽ آئون موٽي ڳوٺ اچي پنجهنجي پيءُ سان ٺيڪيداري جي ڪمن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيس. پوءِ ڪجهہ مهين بعد مون کي پوليس ۾ ASI جي پوسٽ جي نوڪري جو خط مليو پر ان ڪان اڳ آئون ڳوٺ جي بئنڪ ۾ ڪلارڪ ٿي چڪو هوس ۽ مون پوليس ۾ وڃڻ بدران ان پهرين مليل نوڪريءَ سان ٺي نڀائڻ بهتر سمجهيو. پوءِ پائيجان وڌيڪ پڙهندو رهيس تہ وقت سان گڏ پروموشن بہ ملنديون رهيون تان جو وچي مئنيجر ٿيس.“

”بيحد خوشيءَ جي ڳالهہ ڇئبي.“ مون دودي کي داد ڏيندي چيو. ”ها پر مون لاءِ صحيح خوشي تڏهن ٿيندي جڏهن منهنجو اولاد مون کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪندو. آئون تہ ڊاڪٽر ٿي نہ سگهيس پر منهنجا ٻار تہ گهٽ ۾ گهٽ MBBS ڪن. مون پنهنجو وقت ۽ پئسو ٻارن جي تعليم ۾ استعمال ڪيو اڄ منهنجي وڏي ڌيءَ ڪرن MBBS ڊگري حاصل ڪرڻ سان گڏ سٺي ڊاڪٽر پڻ آهي. هوءَ ڪراچيءَ جي ضياءُالدين اسپتال ۾ جاب ٿي ڪري. ٻي ڌيءَ پونم سول انجنيئر آهي ۽ باقي ٽن ٻارن، سريندر، سنتوش ۽ ونود پڻ BE ڪئي آهي ۽ انجنيئر آهن.

ايتري ۾ هتي جي هڪ آٽو رڪشا اچي لنگهي جنهن جو دودو انتظار ڪري رهيو هو جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن کي پنهنجي ڀيڻوئي ڊاڪٽر لڇمڻ جي آڌرياءُ لاءِ ايئرپورٽ وڃڻو. ڊاڪٽر لڇمڻ اوڏ ڪئناڊا جو شهري آهي. هو ڪئناڊا کان سڌو دهلي اچڻ بدران ڪراچي ۾ مائٽن سان ملندو هاڻ دهلي اچي رهيو هو. آٽو رڪشا هندستان جي عام توڙي خاص ماڻهن جي دلپسند سواري آهي جيڪا اسان جي رڪشا کان ڪجهه وڏي آهي ۽ منجهس چار سنها ماڻهو آرام سان وهيو وڃن. آٽو رڪشا واري ٻڌايو ته اڄ آٽو رڪشا وارن جي اسٽرائيڪ آهي، ان ڪري ڪابه نظر نه پئي اچي، آئون به واپس گهر پيو وڃان.

آٽو رڪشائن جي اسٽرائيڪ جو ٻڌي افسوس ٿيو جو مون به اڄ تاج محل ڏسڻ لاءِ آگري وڃڻ جو پروگرام ڪينسل ڪري هتي دهليءَ ۾ ئي قطب مينار ۽ انڊيا گيٽ ڏسڻ جو سوچيو هو. دودي کي چيم ته يار ڏاڍي ٿي. نياڳي مگّٽهار کي گهور مهل ٿورو لڳي... سو هتي انڊيا ۾ هونءَ ته هڙتالون عام نه آهن پر هنن به اڄ آهي ڪئي، هاڻ ٽيڪسي جو پاڙو پرٽو پئجي ويو يا ٻي بس آهي جنهن ۾ زالون ۽ ڇوڪريون به پيون سفر ڪن اسان ته وري به مرد آهيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# عملاً ڪٿا شروات جي ملڪ ۾

دهلي ۾ بيمار، ڏٻرن، نٻر، سست ۽ ڪجھ خوفناڪ شڪلين جي ڪتن جي هر گهٽيءَ ۾ لوڏ نظر اچي ٿي جيڪي جتي ڪٿي هنگندا وتن. پڇ اوور فلو ٿيندڙ گٽرن مان ٻوڙي لوڏيندا وتن يا بڇڙي شڪل ناهي لنگهندڙن جي موڊ آف ڪندا رهن ٿا. آئون چوندو هوس ته مسلمان ملڪن ۾ اسان جو ئي ملڪ آهي جتي جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڇڙواڳ ۽ نڌڻڪا ڪتا ماڻهن کي ڏاڙيندا ۽ پاسي کان لنگهندڙن جا ڪپڙا پليت ڪندا وتن پر هاڻ سال پويان سال گذرڻ تي اسان وٽ ڪتن جو تعداد گهٽايو پيو وڃي. ڪراچيءَ جي ڊفينس سوسائٽي جهڙن علائقن ۾ ته ميلن تائين هڪ به رول ڪتو نظر نه ايندو. پر هاڻ ڳوٺن جا ماڻهو به اهڙن ٿوٽي، بيمار ۽ پاڳل رول ڪتن کي اسان جو دوست نه پر دشمن سمجهن ٿا. پر هتي انڊيا ۾ جنهن گهٽيءَ مان لنگهه ته همراهه وينا آهن. خاص ڪري مندرن وٽ جتي ايندر ماڻهو رحم کائي هنن ڪتن کي کاڌو مهيا ڪن ٿا. ۽ ايتري ئي انگ ۾ رول ۽ نڌڻڪيون (پوڙهيون ۽ بيمار ڍڳيون) پڻ آهن. جن جي جوانيءَ ۾ ته مالڪن کين ماتا ماتا ڪري کير ڏڌو پيتو وڪيو ۽ پئسو ڪمايو ۽ هاڻ جڏهن هو ان تي پهتيون آهن ته کين Disown ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي ته هي پوڙهيون ۽ بکايل ڍڳيون گند ڪچري ۾ منهنجو وجهي پيٽ گذر سفر ڪن. ان کان علاوه هي پوڙهيون، ڏٻريون، ٿوٽي ڍڳيون ٽرئفڪ لاءِ به عذاب آهن جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ ئي وقت وچ رستي تي ايتريون ته ڍڳيون ويهي رهن جو ٽرئفڪ جئم ٿيو وڃي ۽ هاڻ هنن ڳئون ماتائين کي ڏنڊو هٽي به ڪير هڪلي؟ ڪيترين ته اهڙين پوڙهين ڍڳين مان (جيڪي نه ڏهڻ جون نه ڪهڻ جون) جان ڇڏائڻ لاءِ بارڊر جي هن پار. يعني اسان جي ملڪ ڏي ٽپايون وڃن ٿيون. جيڪي اسان جا ڪاسائي ڳابي جي گوشت ۾ سنڌ جي مارڪيٽن ۾ کپائيندا رهن ٿا ۽ انهن. سڪل ۽ پوڙهين ڍڳين جي گوشت نه سولائيءَ سان ديڳڙي ۾ ڳري ٿو ۽ نه پيٽ ۾ هضم ٿئي ٿو. بهرحال انڊيا جي رستن تي لاوارث هنن ڳئون ماتائن جو تعداد گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ٿيندي رهي ٿي.

مٿين ٻن ڳالهين کان علاوه دهليءَ جي رستن تي جتي ڪٿي متندڙ ماڻهن جو وڏو تعداد

نظر اچي ٿو. اسان جي ايشيا ملڪن ۾ ڪٿي آهي Toiletes جو بندوبست ۽ انڊيا جهڙو ملڪ جنهن جي آدمشاري هيڏي ڳتيل آهي، پنهنجا مثانا خالي ڪرڻ لاءِ عوام ڪيڏانهن وڃي. پوءِ جتي ڪٿي آڏ اڳيان بيٺا مٽن، ڪن ڪن سوڙهن رستن تي پيشاب جي ايڏي بدبوءِ آهي جو هڪ نئين ماڻهوءَ کي منجهايو رکي جيسين وڃي نڪ جون ناسون هن اوپري ماحول سان سمجهوتو ڪن. سو اهي مٿيون ٿي Points مڙيئي اڄ جي ماڊرن امير ٽيندڙ ۽ شلپا شيٽي، ششميتاسين، ايشوري راءِ، امرتا اروڙا، پريانڪا چوپڙا..... جهڙين حسين فلمي هيروئنن جي ملڪ انڊيا جي حساب ۾ Negative تاثر ڏين ٿيون نہ تہ هونءَ انڊيا ڪيترين ڳالهين ۾ اسان جهڙن ملڪن کان مٿي ٿيندو وڃي. خاص ڪري Lsw & Order ۾، سستائيءَ ۽ تعليم ۽ ٽيڪنالاجي ۾، مهذب پڻي ۾ ۽ ڪيترين ڳالهين اسان کي انڊيا کان سکڻ بہ کپن جيئن پهرين اسان اهوئي سمجهندا هئاسين تہ سونهن جي نشاني ۽ ماڊل فقط اسان جي فلمي انڊسٽري جون بهار، نغمہ، انجمن، ماهہ پارا.... جهڙيون صحمتند ۽ جاهل عورتون آهن پر هاڻ انڊين چئنل کلڻ بعد ماڻهن کي سونهن جي ڄاڻ پئي آهي تہ بپاشا باسو، ڪرينا ڪپور، اميشا پاٽيل، مليڪا شراوت، نيها دوپيا، لارا دتا، جهڙيون فلمي هيروئنون وڏيڪ سهڻيون آهن، جن جي پيٽ ۾ ڪاڏو گهٽ ۽ دماغ ۾ تعليم زياده آهي.

اهڙي طرح انڊيا جا بارڊر کلڻ تي جڏهن اسان جي ماڻهن جو هن پاسي اچڻ وڃڻ عام ٿيندو تہ پوءِ کين احساس ٿيندو تہ قاعدي قانون توڙي امن امان، واپار وڙي تعليم، ميڊيڪل، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ انڊيا اسان کان گهٽو اڳتي نڪتل آهي جنهن کان اسان کي ڪجهہ پرائڻ کپي. پوءِ ئي ڏاريان ماڻهو خرچ ڪري اسان جو موهن جو دڙو ڏسڻ ايندا، ڪوٽ ڏيجي ۽ ٺٽو ڏسڻ ايندا ۽ دنيا جي سڀ کان اعليٰ انڊسٽري، ٽوئرزم مان اسين لاڀ حاصل ڪري سگهنداسين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# انڊيا ۾ مسلمان وڏيڪ سلامتي سان رهن ٿا

دهليءَ ۾ مسلمان ڪافي رهن ٿا پر هو مختلف علائقن ۾ pockets ۾ رهن ٿا. يعني هنن جون ننڍيون ننڍيون ڪالونيون آهن جي جي وچ ۾ ڪا مسجد پڻ نظر اچي ٿي. هونءَ گهٽائي (ميجارٽي) غير مسلم خاص ڪري هندن جي نظر اچي ٿي جيڪي هونءَ بہ اج جي انڊيا ۾ اڪثريت ۾ آهن بزنس توڙي نوڪري ۾ هندو نالا نمايان نظر اچن ٿا. مسلمانن جا نالا ننڍين ننڍين ۽ پرائيويٽ نوڪرين ۾ نظر اچن ٿا، هنن جو بزنس بہ ننڍي پيماني تي آهي، فٽ پاٿن تي ٺڪر جون ڪونڊيون يا جانمازون وڪڻندي يا ٽوپين ۽ ڏاڙهين مان لڳندو تہ هي مسلمان آهن. جمع جي ڏينهن قطب مينار وٽ مسجد حاجي علي خان نالي مسجد ۾ جمعي نماز تي ڪافي مسلمانن سان ملاقات ٿي. اهڙي طرح دهلي گولف ڪلب جي ويجهو عبدالله شاهہ پوري شاهہ جي مزار تي جيڪا بدر پور روڊ تي آهي ۽ قطب مينار کان آل انڊيا ميڊيا ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ويندي رستي تي هڪ مسجد ۽ مدرسي ۾ پڻ مسلمانن سان عليڪ سليڪ ٿي. هن جو سڄو نالو ”الجامعہ سليمانيہ مدرسہ زينت القرآن رحمتيہ مسجد رياض الجنت سعديہ“ آهي جيڪو اردو ۾ لکيل آهي.

ڪالڪا جي مندر واري علائقي ۾ جتي آئون رهان ٿو اتي ماءُ آنند مائي مارگ (روڊ) تي گووندا پوري واري علائقي ۾ جامع مسجد آهي جنهن مان لائوڊ اسپيڪر تي آيل بانگ پهرين ڏينهن ئي ٻڌم ۽ پوءِ شام جو سانجهي نماز تي ويس. هيءَ هڪ تمام وڏي مسجد ۽ مدرسو آهي جنهن ۾ پاسي واري ڪالوني ۾ رهندڙ مسلمان ۽ ٻيا آس پاس جا نماز پڙهڻ لاءِ اچن ٿا ۽ هتي ننڍا ٻار قرآن جو ناظره ۽ حفظ پڻ ڪن ٿا. مسجد جي معلم استاد محمد روحيل جيڪو ٻارن کي قرآن پڙهائي ٿو تنهن ٻڌايو تہ هيءَ مسجد ٽيهارو کن سال پراڻي آهي ۽ هتي هن شهر دهليءَ جا توڙي اوس پاس جي رياستن جا بہ ٻار اچن ٿا. خاص ڪري بهار صوبي جا.

”ڇو ڀلا؟ اتي بهار ۾ ڪنهن مسجد مدرسي ۾ قرآن پڙهائڻ جو بندوبست نہ آهي ڇا؟“ مون پڇيو.

”آهي پر اتي غربت وڏيڪ آهي هتي سندن رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست سولائيءَ

سان ٿيو وڃي.“

مسجد جو مٿين ماڙ جي اڏاوت جو ڪم ڪافي عرصي کان هلي رهيو آهي ۽ هاڻ مڪمل ٿيڻ جي ويجهو نظر اچي ٿو.

”هن مسجد جي Maintnance ۽ مدرسي جي ٻارن جو خرچ پکو ڪير ڏئي؟“

مون مولوي محمد روحيل کان پڇيو.

”اسان هر جمعي نماز تي نمازين کا مسجد لاءِ الڳ ۽ مدرسي لاءِ الڳ چندو جمع ڪندا آهيون، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهرن ملڪن، خاص ڪري عرب ملڪن کان آيل ٽوئرسٽ به مدد ڪن ٿا.“

مسجد سان لڳولڳ گهٽو پري پري تائين ڪچا پڪا، سادا ۽ ڪجهه بهتر گهر ۽ فليٽ هئا. مولوي صاحب ٻڌايو ته هيءَ سڄي مسلمانن جي ڪالون آهي.

اسان ته جيئن ئي هوش سنڀاليو ته انڊيا جي ورهاڱي ۾ ٿيندڙ خونريزين جون ڳالهيون ٻڌيونسين جن ۾ اهوئي هاءِ لائيٽ ڪيو ويو ته هندن مسلمانن سان ڇا ڇا نه ظلم ڪيا. اسان جا مسلمان جان ۽ مال جون قربانيون ڏئي نئين ملڪ پاڪستان ۾ آيا جيڪو اسلام جي نالي تي ٺهيو جتي مسلمان سڪون سان رهي مسجدن ۾ نمازون پڙهي سگهن ٿا. هندستان ۾ ته هڪ مسلمان کي آزاديءَ سان پنهنجي مذهب جي پريڪٽس ڪرڻ ۾ به دقت هئي، اڄ به اخبارن ريڊين ۽ ٽي وي چئنلن ذريعي يعني اسان جي پياري پاڪستان جي ميڊيا ذريعي (خاص ڪري جنهن تي سرڪار سڳوريءَ جو هٿ آهي) اهوئي ٻڌندا رهون ٿا ته هندو وڏي ظالم قوم آهي هو ڪشمير ۽ هندستان ۾ رهندڙ مسلمانن سان ڇا ڇا ته ظلم ڪندا رهن ٿا وغيره وغيره.

ظاهر آهي صبح شام ان قسم جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ وارو ته اهوئي سمجهندو ته اسان مسلمانن لاءِ خاص ڪري پاڪستانين لاءِ انڊيا جا هندو ڪات ڪهاڙا کڻيو ويٺا آهن ۽ اتي رهندڙ اسان جا مسلمان ٻائر ته وڏي ظلم ۾ آهن. هنن پاڪستان ۾ نه اچي ۽ انڊيا ۾ رهي هڪ عظيم غلطي ڪئي. سو ظاهر آهي ان قسم جي معلومات منهنجي ذهن ۾ به جيڪو نقشو ٺاهيو هو ان موجب مون هتي دهلي ۾ رهندڙ هن مولوي صاحب کان پڇيو ته هندن جي چوڌاري رهندي توهان کي ڊپ نٿو لڳي. اڪثر هندن جا توهان مسلمانن خلاف هنگاما ته ضرور ٿيندا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوندا؟

مولوي صاحب کا گهڙي مون کي ائين حيرت مان ڏٺو جيئن آني مان تازي نڪرندڙ ڪچون يا واڳونءَ جي ٻچي کي ڏسبو آهي ۽ پوءِ جواب بدران ويتر سوال ڪيائين:

”ڇو ڀلا؟ ڊپ ڇو لڳندو؟ هتي ته اج ڏينهن تائين ڪو اسان مسلمانن خلاف هنگامو نه ڏٺوسين. هندو توڙي اسين پنهنجا خوشيءَ جا ڏينهن ۽ تهوار سڪون سان گذاريو ٿا ۽ سڪون سان رهون ٿا. هينئر به عيدون ٿيون ۽ هاڻ عاشورو ٿيندي هفتو به ٿيو آهي. اسين سڀ هن ملڪ جا شهري آهيون ڪنهن کي به هتي جو قانون اجازت نٿو ڏئي ته ٻئي جي جان يا مال کي نقصان پهچايو.“

آئون چپ ٿي ويس منهنجي ذهن ۾ اڳهين کان هڪ سوالن جي جيڪا لسٽ هئي سا هن پهرين جواب بعد Negate ۽ Null ٿي وئي پر تنهن هوندي به چئي وينس:

”توهان جي دل انڊيا ڇڏي پاڪستان اچڻ تي نٿي چوي جيڪو اسلام جي نالي تي ٺهيو آهي.“

مولوي صاحب هڪ دفعو وري مون کي گهورڻ لڳو ۽ هو پڪ آني مان واڳونءَ جو تازو نڪتل ٻچو نه ته شتر مرغ جي تازي ڦٽل ٻچي کي ڏسڻ واري تعجب جي ليول تي مون کي تعجب مان نهارڻ لڳو ۽ پوءِ وري سواليه جواب ڪيو:

”هتي جو وهندڙ مسلمان ڇو پاڪستان اچڻ چاهيندو؟ سڪون لاءِ! حيرت آهي توهان کهڙي سڪون جي ڳالهه پيا ڪيو. توهان پاڪستاني هندن عيسائين کي ته پيا اغوا ڪريو ۽ اسلام جي نالي تي ڦاهين تي چاڙهيو پر پنهنجا مسلمان پاڻ ۾ به نٿا ٺهو. شيعا سني ته هڪ ٻئي کي مارين پر سني به ڏهه فرقا ٺاهيو هڪ ٻئي کي پيا کهن. ٻاهر ته ٺهيو پر مسجدن ۾ به نمازي پنهنجو پاڻ کي سلامت نٿا سمجهن. مرد ته ٺهيو پر زالون ۽ ٻار پيون ڊيگهن ڊورن وانگر اغوا ٿين ۽ پنگ تي وڪامن.“

آئون چپ ٿي ويس پر تپندڙ ٻاهه تي ڇنڊو هڻڻ لاءِ هڪ سوال مون وٽ ضرور هو جيڪو روزگار جو هو. انڊيا ۾ مسلمانن بک پيا مرن. هندن جي حڪومت هنن کي نوڪريون نٿي ڏئي. پاڪستان خوشحال ملڪ آهي. اج به هندستان جا مسلمان نوڪرين ۽ پئسو ڪمائڻ لاءِ پاڪستان لڪيو لڪيو پيا اچن... پنهنجي ملڪ جي اخبارن ۽ ماڻهن کان ٻڌل ڳالهين

جو اظهار مون مولوي صاحب سان ڪيو جنهن کي هن رد ڪندي چيو:

”نہ اها ڳالهہ ناهي. ڏسو نہ نوڪريون ملڻ ۽ نہ ملڻ جو مدار تعيلم ۽ تجربي يا هنر جي چاڻ سان آهي. اسان مسلمان هونءَ بہ ماضيءَ جي خوبصورت ڪارنامن ۾ مدهوش رهون ٿا. محنت ۽ پورهيو اسان کي گهٽ ٿو پچي، پوءِ ظاهر آهي نوڪريون بہ ان حساب سان ملنديون. پر ان هوندي بہ اسان کي هتي ڪا نہ ڪا نوڪري يا ڪرت مليو وڃي جو انڊيا جي ايڪانامي تيز رفتا سان مٿاهين ٿي رهي آهي. ولايتن ۾ رهندڙ انڊين توڙي غير ملڪي هتي پئسو لڳائي رهيا آهن. توهان کي تعجب لڳندو تہ ويندي توهان جي ملڪ جا ڪيترائي بوري، ميمڻ، اسماعيلي ۽ هندو، گجراتي ۽ پنجابي هتي انڊيا ۾ Invest ڪري رهيا آهن جو هتي قانون ۽ قاعدي جي سختي آهي، سيفٽي ۽ سيڪورٽي آهي. ان کان علاوه اسان جي ملڪ انڊيا کي دنيا ۾ پاڪستان کان وڌيڪ عزت سان ڏٺو وڃي ٿو. هڪ پاڪستاني جي حيثيت سان سنگاپور ملائيشيا توڙي يورپ آمريڪا ۾ گهمڻ لاءِ وڃڻ بہ آسان ناهي. پر هڪ انڊين پاسپورٽ رکندڙ کي دنيا جي هر ملڪ ۾ نوڪري مليو وڃي، چاهي هو هندو هجي يا مسلمان. دنيا کي خبر آهي تہ انڊيا ۾ تعليم جو معيار بلند آهي. انڊيا جو رهاڪو هنگامو نٿو ڪري، انڊيا جو ماڻهو دل وجان سان نوڪري ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو توهان جي ملڪ جا بزنس مين جن جون فيڪٽريون توڙي جهاز ولايت ۾ آهن پنهنجن پاڪستانين کي رکڻ بدران انڊيا جي ماڻهن کي رکن ٿا. اڄڪلهہ جي دور ۾ انڊيا جو پاسپورٽ هجڻ هڪ سگهاري ڳالهہ آهي ۽ پاڪستان جي پاسپورٽ هجڻ بدنامي ۽خواريءَ جي علامت ٿي پيو آهي. سو انڊيا جو هڪ مسلمان ڪيئن پنهنجو وطن ۽ پاسپورٽ ڇڏي پاڪستان ايندو. هتي جي امن جو توهان ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ هن مسجد کي چار گيٽ آهن. جڏهن کان هي ٺهي آهي اڄ ڏينهن تائين ان جو هڪ در بہ بند نہ ڪيو ويو آهي. ڏينهن رات کلي پئي آهي جيتوڻيڪ چوڌاري هندن جون آباديون آهن.

هڪ دفعو ان ساڳي مسجد ۾ سومهڻي نماز تي محمد عارف نالي هڪ نمازيءَ سان ملاقات ٿي. مون ڪانئس پئسا مٽائڻ جي جاءِ پڇي جتان آئون سٺي سگهہ تي ڊالر مٽائي سگهان.

”بهتر آهي ان لاءِ پراڻي دهلي هليا وڃو. جامع مسجد جي گيٽ نمبر ون وٽ ماتيا محل

آهي اتي ڪيترائي ”مني چينجر“ ملندا جيڪي سٺي اگهه تي پئسا مٽي ڏين ٿا.“

عارف ٻڌايو ته هو ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۾ انٽرنيٽ جو گريجوئيٽ ۽ ڄاڻو آهي. ڪجهه وقت هڪ فرم ۾ ڪم ڪرڻ بعد هاڻ هن Peach Techniologies Pvt LTd نالي پنهنجي ڪمپني کولي آهي جيڪا نيو دهلي جي لڪشمي نگر جي جواهر پارڪ ۾ آهي.

نماز بعد عارف مون کان پڇيو ته جي هلڻ چاهيان ته هو مون کي جامع مسجد ڏي وٺي هلي جو هو هن وقت پراڻي دهلي وچي رهيو آهي.

”هن وقت؟“ مون تعجب مان پڇيو. ”هن وقت ته رات جا نو ٿي رهيا آهن.“

”ته گهمڻ ڦرڻ جو مزو ئي ته رات جو آهي. هتي جا ڪيترائي وڏا ۽ اهم ماڻهو ته رات جو ٻارهين کان پوءِ نڪرن ٿا.“

دل ۾ سوچيو ته هي چوي ته سچ ٿو. اسان وٽ به ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪنهن زماني ۾ رات جو ٻي بجي تائين هوٽلون دڪان کليا پيا هوندا هئا ۽ اسان رات جو دير دير تائين پيا گهمندا هئاسين نه هو ڊپ ڊاءُ نه چوري چڪاري. هاڻ اسان وٽ اهي سڪون وارا ڏينهن موهن جي دڙي وانگر فقط ماضيءَ جون ڳالهيون ۽ سدا بهار يادون بڻجي ويون آهن. هتي انڊيا ۾ ان سڪون ۽ امن امان ڪري فارينر به ايندا رهن ٿا ۽ رات جو دير تائين ڇوڪريون اسڪرٽن ۽ ولولہ انگيز ٽائيٽ جينز ۾ پيون هلن پر مجال آهي جو ڪو انهن جو نالو وٺي. رستن تي ڪو پوليس وارو يا فوجي نظر نٿو اچي، ته به ماڻهو ڊپ ۾ آهن ۽ قانون جو احترام ڪن ٿا ڇو جو هنن کي خبر آهي ته ڏوهه ڪرڻ بعد هنن کي ڇوٽڪارو ملڻ آسان ناهي چاهي ڪٽي هو فلم ائڪٽر سلمان خان هجي يا سنجي دت يا ڪو ٻاٿو ٻانيڻ.

هڪ ڏينهن مون سان گڏ دهلي جي خان بازار جو سير ڪندي گهوٽڪي جي مهرچند هتي جي امن امان جي مٿاهين ليول جو ڏيان ان مان ڇڪايو ته سون جي دڪانن ٻاهران بيٺل هنن جا سيڪورٽي گارڊ به فقط يونيفارم ۾ آهن بنا ڪنهن پستول، بندوق يا ٻئي هٿيار جي. بلڪل هٿين خالي ۽ اڄ اسان کي هتي پندرهون ڏينهن ٿي ويو آهي دهلي جيڪا ڪراچيءَ کان ٻيڻي آهي، جي ڪنهن بازار مارڪيٽ دڪان ۾ ڦر جو واقعو نه پڙهيو اٿئون جيڪا ڳالهه اسان جي ملڪ ۾ عام آهي. دڪاندار ۽ عوام ڏينهن ڏٺي جو به سلامت نه آهي. منهنجو ڪو مطلب اهو نه آهي ته انڊيا جا شهر دهلي، ڪلڪتو يا بمبئي، لکنؤ ڪي سعودي عرب جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مڪو مدينو آهن. هتي بہ چوريون چڪاريون، ڌاڙا ۽ اغوا جا ڪيس ٿيندا رهن ٿا، پر انهن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گھٽبو رهي ٿو ۽ مجرم کي ڏوهہ ڪرڻ بعد Tough Time ڏسڻو پوي ٿو. هتي جي ڌاڙيل يا Kidnapper وٽ ڪا پوليس يا تر جو وڏيرو شاباس ڏيڻ ۽ چوري جي مال جو حصو وٺڻ لاءِ نٿو پهچي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سرڪاري ٺيڪيدارن لاءِ سستا مزور

دهلي ۾ جتي هاڻ اسان جو نام نهاد آهي ان علائقي جو نالو ڪالڪاجي آهي جيڪو ڪالڪا ديويءَ جي مندر ڪان مشهور آهي. سڀ کان ويجهي مارڪيٽ فرلانگ ڏيڍ کن پري "بالا اسٽيٽ" مارڪيٽ سڏجي ٿي، جتي جي پي سي او (پرائيوٽ ڪال آفيس) تان پاڪستان يا ٻين ملڪن ڏي فون ڪرڻ ويندو آهيان يا ٻي ڪا هلڪي ڦلڪي شيءِ وٺڻ لاءِ هن مارڪيٽ جا دڪان صحيح آهن. ڪنڊ تي هڪ پارڪ وٽ ڪٻاڙيءَ جو دڪان پڻ آهي جنهن کان پراڻيون اخبارون، انڊيا ٽڊي، فيمين ۽ ٻيا رسالا اڌين روپئي ڪلو جي حساب سان وٺي فرصت ۾ پاڻ به پڙهان ٿو ته ٻين تي به "اڇا ٻاجهه" ڪريان ٿو. هي لفظ "اڇا ٻاجهه" گهوٽڪي جي اوڏ مهرچند کان ٻڌو اٿم معنيٰ ٽڪي پئسي جي مهرباني ڪرڻ. مارڪيٽ جي ڪنڊ تي هتي به هڪ ڌوٻي ۽ سندس زال فٽ پاٿ تي ٽيبل رکي اڱارن واري استري سان ڪپڙا استري ڪندا رهن ٿا. دهليءَ جي علائقي ڪارول باغ ۾، جتي جي هڪ هوٽل ۾ پهريان ٽي چار ڏينهن رهياسين اتي پڻ ير واري گهٽيءَ ۾ فٽ پاٿ تي هڪ همراهه صبح پهر استري ڪندو رهيو ٿي. لڳي ٿو دهليءَ ۾ هي ڪم عام آهي جيڪا اسان جهڙن ٽوئرسٽن ۽ مڪاني ماڻهن لاءِ وڏي سک جي ڳالهه آهي جو پاڻ سان استري ڪڻڻ کان بچيو وڃون ۽ مڪاني ماڻهن لاءِ پڻ جن جي لائيٽ جي بچت ٿيو وڃي جو گهر ۾ استري ڪرڻ سان محنت هڪ طرف ۽ اليڪٽرڪ جو بل ٻي طرف ٿئي ٿو ان کان هي بهتر طريقو آهي جو ٽرون پئسن ۾ سٺي استري ٿيو وڃي، جو وڏي ۽ ڳري ٽانڊن واري استري استعمال ڪن ٿا جيڪا ڪاٽن جي ڪردري پتلون جا به گهنج لاهيو ڇڏي. ساڳي وقت استري ڪرڻ وارن پورهيتن کي نه دڪان جي مسواڙ ڏيڻي ٿي پوي نه دڪان ۾ هلندڙ پکي ۽ لائيٽ جو بل. گهٽيءَ ۾ صبح پهر ٿڌي هير پئي لڳي ۽ هي ڏهين ٻجي تائين ڍير ڪپڙن جا استري ڪري هڪ مستري ۽ مزور کان وڌيڪ ڪمايو وٺن جنهن جي هتي انڊيا ۾ ڏهاڙي سؤ کان سٺ روپين تائين آهي. بس رڳو هڪ سادن سودن تختن جو ٽيبل ۽ هڪ عدد استري هٿ ڪن. ڌوئڻ لاءِ ڪپڙا به آئون کين ڏيندو آهيان ۽ پنج روپين ۾ وڳو ڌوئي ۽ استري ڪري ٻئي ڏينهن ڏين. اسان وٽ پنج روپين ۾

استري بہ نٿا ڪن. يعني ڪراچي جهڙي شهر ۾. ٿي سگهي ٿو ڳوٺن ۾ گهٽ اگهہ وٺندا هجن، پر اسان هتي پيٽ بہ نئين دهليءَ شهر جي پيا ڪريون جيڪو اسلام آباد وانگر نہ فقط گاديءَ جو هنڌ آهي پر ڪراچيءَ وانگر ڪمرشل شهر پڻ آهي.

بالاجي نالي هڪ ننڍڙي مارڪيٽ کان علاوه اڌ ڪلوميٽر کن اڳتي رائونڊ اباﺋوٽ وٽ گوبند پوري نالي هڪ وڏي بازار آهي جنهن ۾ ڪيترائي مناﺋي. سيڌي ۽ جنرل اسٽورن کان علاوه اليڪٽرانڪ، واچن، عينڪن، بوٽن جا دڪان آهنءَ سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ جي باقي عام ڪاڏي پيتي جون شيون توڙي واچون، بوٽ هر شيءِ پاڪستان جي مقابلي ۾ مهانگيون آهن ويندي چانهہ جي پتي، کير، نمڪو واري مڱن جي دال وغيره جيڪي شيون وٺي چڪو آهيان. هوائي چمپل Sale ۾ بہ 60 روپين ۾ مليو جيڪي اسان جا 85 کن روپيہ ٿيا جو اڄڪلهہ پاڪستاني هڪ سؤ روپيہ انڊيا جي سٽر روپين برابر آهن. اسان وٽ اهو چمپل وڏ ۾ وڏ 55 روپيہ آهي ۽ ڪراچي جي آچر بازارن ۾ يورپ ۽ جاپان پاسي جا چمپل ۽ بوٽ هتي جي چمپلن ۽ بوٽن کان سستا ٿا ملن جيڪي بنا ڪنهن شڪ جي سهڻا ۽ مضبوط آهن ۽ دوائن جو اگهہ تہ هيڪاندو گهٽو آهي. اسان جي دوائن کان ڏهہ ويهہ روپيہ مٿي نہ پر ٻيڻ ٽيڻ اگهہ آهي. اها ڳالهہ مون کي نہ فقط سمجهہ ۾ نہ آئي پر حيرت پڻ ٿي، هونءَ تہ انڊيا ۾ اسان جي ملڪ وانگر دوائون سستيون هجڻ کپن پر ٿي سگهي ٿو هتي جون دوائون ولايت ۾ ٺهندڙ دوائن وانگر اعليٰ معيار جون هجن. جيئن ولايت ۾ ٺهندڙ لڪس صابڻ يا ڪوڪا ڪولا جهڙيون شيون اسان جي ملڪ جي انهن برانڊ شين کان سٺيون آهن. ولايت ۾ ڪڏهن بہ ڪوڪا ڪولا جي بوتلن مان مکيون نہ نڪتيون پر ڪراچيءَ جي سائيٽ علائقي ۾ اهڙن مشروبات جي فيڪٽرين ۾ جتي ماريپور، مچر ڪالوني، لياري ۽ چاڪيواڙي جي مجبور غريب ماڻهن کي گهٽ پگهار تي ڪم ڪرايو وڃي ٿو اتي اهڙائي ڪارناما ٿي سگهن ٿا. جتي جي Unhygenic حالتن ۽ گندي پاڻيءَ ۾ پراڻين بوتلن کي ڌوئڻ سان اهي ويتر هاجيڪار ثابت ٿين ٿيون، تڏهن تہ هڪڙي گائيڊ بڪ ۾ لکيل هو تہ پاڪستان ۾ پاڻي ايترو تہ گندو آهي جو ڪڏهن بہ پيئڻ نہ کپي. ننڊ مان اٿڻ مهل گررڙي ڪرڻ پوي تہ اها بہ نل جي پاڻيءَ مان ڪرڻ بدران بيئر يا وسڪيءَ سان ڪري ڇڏجي.

بهرحال پاڪستان ۾ دوائن جو سستو هجڻ جو راز اهو هجي جو ان ۾ اهي ضروري ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

طاقت وارا جزا جيڪي مريضن جي بيماري دور ڪرڻ جي قوت رکن ٿا گهٽ استعمال ڪري اگهه گهٽ ڪيو ويو هجي ۽ اهي سستيون ضرور ملن ٿيون پر مريض کي شفا ڏيڻ ۾ ڪارآمد نٿيون ثابت ٿين ۽ هتي انڊيا ميڊيڪل سائنس ۾ ۽ قانون قاعدي ۾ يورپ وانگر مٿيرو هجڻ ڪري دوائن جي ٺهڻ تي ڪڙي نظر رکي ٿو جيئن صحيح معيار جون ٺهن ۽ صحيح معيار جون تيار ڪرڻ ۾ ظاهر آهي خرچ گهٽ اچي ٿو.

دهليءَ ۾ پنهنجي رهائش کان پير واري مارڪيٽ، بالاجي مارڪيٽ ويندي رستي تي UDGAM نالي ننڍين ٻارن جو اسڪول هڪ طرف اچي ٿو ته ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو مڊل اسڪول ٻئي طرف اچي ٿو جنهن جي ڀتين تي AIDS بيماري جي روڪٿام جا چِتاءُ لکيل آهن:

Give Awareness not Aids.

اسڪولن کان اڳ روڊ جي هڪ پاسي وارو فٽ پاٿ ننڍين ننڍين جهوپڙين سان ڀريل آهي جنهن ۾ دهلي ڊيولپمينٽ اٿارٽي طرفان ٺهندڙ رستن ۽ عمارتن تي ڪم ڪندڙ مزور رهن ٿا. شام جي وقت اهي مزور عورتون رستي جي ڪناري تي اٿو پيون ڳوهينديون آهن يا هر هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ ڏهه ٻارن کي هنگائينديون مٿائينديون پيون آهن يا پاڻ به اڌ اگهاڙيون ٿيو پاٽيءَ سان ڀريل اڌ ڍبي مان وهنجندي نظر اينديون آهن. سندن هٿ ۾ صابڻ بدران ٺڪر يا پٿر پور هوندو آهي جنهن سان پنهنجي جسم تي لڳل گر، سيمنٽ يا ڏامر پيون کرڙي لاهينديون آهن. سندن مرد پتي راند وينا ڪندا آهن يا قميص جي آڳر مان هٿ وجهي ڪچون پيا ڪنهندا آهن. سپ هيسيل ۽ ڏٻرا نظر ايندا آهن ۽ ڏسڻ سان محسوس ٿيندو آهي ته هو عجيب غربت جي زندگي گذارين ٿا ۽ هو هھڙي گرمي يا مينهوڳيءَ ۽ مڇرن ۾ ٿي فوٽ کن مٿاهين ڪکن، پنن، پلاسٽڪ ۽ گتي مان ٺهيل جهوپڙيءَ ۾ ڪيئن رهن ٿا جتي چوڌاري گندگي ۽ بدبوءِ آهي. هي سڀ جوان آهن، ظاهر آهي ٺيڪيدار ڳولي ڳولي جوان پورهيت رکي ٿو جيئن مقرر ڏهاڙيءَ مان کان گهٽو Output وٺي سگهجي.

هڪ ڏينهن اتان لنگهندي هڪ جهوپڙي وٽ بيهي رهيس. زال اٿو ڳوهي مٽيءَ جي چلهه تي اٽيي ماني پچائي رهي هئي، مڙس ڦاٽل پجامي ۽ گنجيءَ ۾ مانيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”توهان ڪٿي ٿا ڪم ڪريو؟“ مون ڪائنن پڇيو.

”هتي رستن تي يا سرڪاري عمارتن تي، جتي ٺيڪيدار لڳائي.“

”ڪهڙو ڪم ڪريو؟.“

آئون مستري آهيان ۽ منهنجي زال مزور آهي.“

”ڪٿي جا آهيو؟.“

”اسين جهانسي جا آهيون. هتي رهندڙن مان ٻيا به ڪجهه اسان وانگر جهانسي جا آهن ته ڪي ٻين شهر جا.“

”هتي رهندي ڪيترو وقت ٿي ويو اٿو؟“

”ٻن سالن کان مٿي ٿي ويو آهي.“

”پگهار ڪيترو مِليُوَ؟“

”آئون مستري آهيان ان ڪري ڏهاڙي سؤ روپيا اٿم ۽ منهنجي زال جا سٺ روپيه آهن.“ مرد ٻڌايو.

”تنهنجي معنيٰ مهيني ۾ ٽي هزار روپيا توکي ٿا ملن ۽ 1800 سٺ روپيا تنهنجي زال کي.“ مون چيو.

”نه ڪٿي ٿا ايترا ملن، مهيني ۾ چار پنج آچر اچيو وڃن، به چار ڏينهن بيمار ٿيو پئو...“ زال ٻڌايو.

”دهلي جهڙي مهانگي شهر ۾ اهو ته تمام گهٽ آهي.“ مون چيو.

”بس تڏهن ته پورت نٿي ٿئي، روزانو اها رکي ۽ اٽيي ماني ٿا کائون. ٺيڪيدار فقط اٽو وٺي ڏيندو آهي جنهن جا پئسا پهرين تاريخ پگهار مان ڪٽي ٿو. اسان وٽ ته ڀاڄي وٺڻ لاءِ به پئسو نه آهي. ڪجهه ڀاڄي وٺي ڏي ته مانيءَ سان کائون.“

”سپاٽي آئون پنهنجي گهران توهان لاءِ کٽي ايندس.“

”سپاٽي اسان هتي نه هونداسين. ڪم تي وينداسين.“

”شام جو ته ايندؤ نه؟“

”ها شام جو هونداسين.“

”آئون به شام جو ئي اچي سگهندس، پلا پگهار جا باقي بچيل پئسن جو ڇا وٺو؟“

”اهي ائين چٽ ٿيو وڃن.“ زال چيو

”ماءُ پيءُ ڪي موڪليو؟“ مون پڇيو.

”نہ ماءُ پيءُ جيئرا نہ آهن. هو چار پنج سال اڳ گجرات ۾ آيل زلزلي ۾ مري ويا.“ مرد ٻڌايو.

”پوءِ باقي پئسا ڪڏانهن ڪريو؟“

”هي دارون پيئڻ ۾ چٽ ڪري ٿو.“ زال مڙس ڏي اشارو ڪري چيو.

”ٻيو پلا ڇا ڪريون. غريب ماڻهو آهيون نٿيڻي هوندي ڪان نشي جي عادت آهي. ان نشي خاطر ئي تہ پورهيو ٿا ڪريون.“

”پلا هن جهوپڙيءَ ۾ گرمي يا مڇر تنگ نٿا ڪن؟“

”سڄو ڏينهن پورهيو ڪرڻ ۽ بوتل چڙهائڻ ڪان پوءِ هوش ڪٿي ٿو رهي.“ مرد ٻڌايو.

هڪ ٻي جهوپڙي ۾ رهندڙ مرد سان خبرچار دوران جيڪو نشي ۾ ٽن ٿي لڳو جڏهن پڇيم تہ توهان پاڻ ڪان وڏيڪ زالن ڪان سخت پورهيو ڇو ٿا وٺو تہ هن Frankl ٻڌايو تہ هنن ڪان پورهيو نہ ڪرايون تہ ڪين ننڊ ڪيئن ايندي. اسان تہ دارون پي سمهيو رهون. هي Scx لاءِ ٻين وٽ پڇي وڃن. ٽڪل هجڻ جي صورت ۾ هو اسان ڪان اڳ سمهيو رهن.

هڪ ٻئي ڪان پڇيم تہ توهان ٻارن کي ڇو نٿا پڙهايو؟.

”اسان کي ڪمائي ۽ پورهئي ۾ هنن جي مدد جي ضرورت آهي. پڙهائي ماڻهوءَ کي ناڪاره ڪريو ڇڏي. هونءَ بہ اسان ۾ تعليم ناهي.“

”توهان ڪير آهيو؟“ مون پڇيو.

”اسان چوڙا آهيون.“ هن ٻڌايو ۽ منهنجي پڇڻ تي مون کي سمجهائڻ لڳو تہ انڊيا جي ذات پات جي چڪر ۾ هنن جو هيناهون درجو آهي جن جو ڪم مزوري ۽ مٿاهين درجي جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي.

اها عجيب ڳالهہ آهي تہ انڊيا جهڙي جمهوري، طاقتور ملڪ، تعليم ۽ ٽيڪنالاجي ۾ يورپ جي ملڪن سان مقابلو ڪرڻ واري ديس ۾ اندروني طرح ذات پات جو ايڏو چڪر اڃا تائين جاري آهي جتي ڪجهہ انسان جانور ڪان بہ بدتر زندگي گذارين ٿا جتي Sex ٻارن جي لوڏ پيدا ڪرڻ خاطر آهي جيئن اهي وڏا ٿي سرڪاري ٺيڪيدار لاءِ Cheap work force

ثابت ٿين.

# هردوار_هندن جو حج

ٻين جاين تي هلڻ سان گڏ سيني جو ارادو هردوار هلڻ جو بہ هو ۽ هاڻ اسان جي دوست نولراءِ اوڏ جنهن جي پٽ مڪيش جي شاديءَ لاءِ هو پنهنجن پائرن ڀينرن ۽ انهن جي اولاد کي هتي انڊيا وٺي آيو هو تنهن بس جو بندوبست ڪيو جيئن ان ۾ هتان گڏ روانا ٿيون ۽ گڏ موٽون. نول بورچيءَ کي صبح جو ڇئين بجي اٺين نيرن تيار ڪرڻ لاءِ چيو جيئن اسان صبح ساڻ نيرن ڪري بس ۾ چڙهي ڇهين بجي ڌاري هتان دهليءَ مان نڪري پئون.

”جنهن کي وٽي اهو نيرن کائي هلي ۽ جيڪو پوءِ کائڻ چاهي ان کي بورچي پيڪ ڪري ڏيندو.“ نول رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجي آرگنائيز ۽ ڊسيپلينڊ طبيعت مطابق اسان کي هر هر انسٽرڪشن ڏيندو رهيو. ”مهرباني ڪري وقت اندر تيار ٿي وڃجو جيئن وقت تي نڪرون ۽ سج لٿي کان اڳ دهليءَ واپس اچي وڃون جو سج لٿي کان پوءِ دهلي ميونسپل وارا ڊرائيور کان پنج هزار ڏنڊ وٺندا جيڪي ظاهر آهي هو مون کان وٺندو ۽ ٻارهن هزار مقرر ڀاڙو تہ هونءَ ئي ڏيڻو آهي.“

نول بورچيءَ کي رات جي ماني پڻ سوير تيار ڪرڻ لاءِ چيو جيئن پنجين بجي ڌاري موٽون تہ ماني تيار هجي. ”ادا رستي تي ماني کائڻ بدران هتي موٽي اچي کائينداسين اجايو هوٽل جو خرچ ڇو ڪريان.“ هن مون کي ٻڌايو جيڪا هن جي ڳالھ صحيح هئي جو هتي وٺي اچڻ، رهائش ۽ کاڌي پيتي جا نہ فقط خرچ پر انهن جا بندوبست پڻ هو ڪري رهيو آهي. ظاهر آهي جيڄ ۾ جيڪي پنجاھ کن ماڻهو شامل آهيون انهن ۾ سواءِ ادا گلاب راءِ ڊاڪٽر جي جيڪو سندس وڏو ڀاءُ آهي باقي ٻيا جيڪي آهن سڀ نانديا پائر، انهن جون زالون، نياڻيون پيٽون ۽ انهن جا مڙس (يعني پيٽويا) ۽ انهن جو اولاد آهن جيڪي ڪراچي، حيدرآباد، ڪنڊياري، گهوٽڪي، لنڊن، آمريڪا جي مختلف شهرن ۽ ٽورنٽو (ڪئناڊا) کان هتي انڊيا ۾ پنهنجن وڏن پائرن ڊاڪٽر رامچند اوڏ ۽ نولراءِ اوڏ جي پٽن جي شاديءَ تي اچي گڏ ٿيا آهن. منجهن فقط آئون هڪ ڌاريو آهيان. پر اسان جي دوستي اڄ جي نہ پر اڌ صدي کان اڳ جي آهي جڏهن 1959ع ۾ هي بہ پائر ۽ هڪ ٻيو وڏو ڀاءُ ارجن داس اوڏ مون سان گڏ ڪيڊٽ

ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندا هئا. پيٽارو مان پڙهن بعدڻ نول ۽ رامچند NED مان B.E ڪئي (جنهن ۾ هنن پهرين ۽ ٻي پوزيشن حاصل ڪئي). ان تعليم دوران مينارام هاسٽل ۾ آئون ساڻن گڏ رهندو هوس. ان بعد نولراءِ سول سروس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس کاتي ۾ آيو ۽ رامچند ۽ سندس هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ جهانگار باجارا جي اقبال ترڪ) کي ٿائيلينڊ جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ جي اسڪالر ملي تہ هن سان ٿائيلينڊ ۾ بہ ملاقات ٿيندي رهي ٿي جو انهن ڏينهن ۾ جيڪو پاٽيءَ جو جهاز مون هلايو ٿي ان جي روٽ ڪولمبو, بئنڪاڪ, پينانگ, هانگ ڪانگ ۽ جاپان جا بندرگاهہ هئا. نول سان وري ڪراچي موٽڻ تي هر دفعي ملاقات ٿي, جو اسان ٻنهي جٽن ڪراچيءَ جي هڪ سستي علائقي ڊفينس سوسائٽيءَ جي فيس فرو ۾ پلاٽ وٺي گهر ٺهرايو هو. (هيءَ 1972ع ڌاري جي ڳالهہ آهي جڏهن اهو علائقو سواءِ هڪ ٻن گهرن جي جهنگ هو. هر سال ملير نديءَ ۾ اٿل اچڻ ڪري سال جي ٿي مهينا ڪن گهٽين ۾ پاڻي بيٺو هوندو هو. هن علائقي ۾ رهڻ لاءِ ڪو تيار نہ هو پر ڪراچيءَ جو اهوئي علائقو هو جتي اسان کي ڏهہ هزار روپين ۾ پلاٽ ملي سگهيو ٿي ۽ بندرگاهہ ۽ صدر جو علائقو بہ ويجهو پيو ٿي). نول جي پيئيتو پاءُ ۽ رامچند جو سڳو ڀاءُ ارجن داس ستر جي شروع وارن سالن ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ اسان کان جدا ٿي ويو. پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان MBA ڪيائين. بلڪ هو ان پهرين بئچ مان هو جڏهن 1966ع يا 1967ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي ايم بي اي جا ڪورش روع ڪيا هئا. سندس اتي هڪ ڪلاس ميٽ اسان جي ڳوٺ هالا جو منور علي ارباب بہ هو جيڪو پوءِ UBL بئنڪ جو صدر بہ ٿيو. ارجن داس اوڏ جي پيٽارو مان نڪرڻ بعد يڪدم شادي ٿي هئي ۽ وفات وقت کيس چار ٻار هئا بہ پٽ, رانا هريش ۽ گنيش ۽ بہ ڌيئرون مايا ديوي (گوري) ۽ روبي اوشا ديو. سندس ٻارن ٻن ۽ NED مان ڊاڪٽري ۽ انجنيئري ڪئي ۽ مختلف هنڌن تي نوڪري ڪن ٿا ۽ هنن جون مختلف هنڌن تان شاديون ٿيون ۽ اڄ انهن جو اولاد بہ شاديءَ لائق ٿي ويو آهي ۽ ڪئناڊا, USA ۾ انگلينڊ ۾ رهي ٿو.

صبح جو ڇهين بجي بس کي دهلي ڇڏڻو هو سو آئون پنجن تي الارم ڪلاڪ ٺاهي ستس تہ تيار ٿيڻ ۽ نماز پڙهڻ لاءِ ڪلاڪ ڪافي آهي. گهڙيال گهنٽي وڄائي ان کان اڳ ڊاڪٽر گلاب راءِ جي پٽ وڄي دورازا کڙڪائي سيني کي اٿاريو تہ پنج ٿي ويا آهن. سخت

بارش وسي رهي هئي. لائيٽ بہ خبر ناهي ڪڏهن ڪان هلي وئي هئي. ڪنوڻ جي هڪ چمڪاٽ ۾ وقت ڏنم تہ اجا چار ٿيا آهن. سمجهي ويس تہ ..... وجي ڪان وقت ڏسڻ ۾ پل ٿي وئي آهي بهرحال اوندهہ ۾ بہ اٿي تيار ٿجي. ڪنهن بہ طرح دير نہ ٿيڻ کپي جو متان نول کي دهلي ميونسپل وارن کي پنج هزار روپيا دير سان موٽڻ جو ڏنڊ ڀري ڏيڻو پوي. ٻاهر نڪتس تہ سري چند جو انجنيئر پٽ سنجي وراندي ۾ ٽهلي رهيو هو. سري چند ان ساڳي ماءُ "سوناري" مان آهي جنهن مان ارجن داس ۽ رامچند آهن. ياد رهي تہ ارجن جو پيءُ ڊپٽي ڪمشنر نارائڻ داس جون ٽي زالون هيون. نولراءِ جيڪو اسان جي پاڙي ۾ رهي ٿو ۽ اڄڪلهہ ملتان ۾ انڪم ٽيڪس ڪمشنر آهي سڀ ۾ ننڍي ماءُ نانڪي جو پٽ آهي.

"انڪل ڏاڍو مينهن وسي رهيو آهي. بس هلندي يا پروگرام ڪئنسل ۽ وچي ننڊ ڪريون؟" سنجي پڇيو.

"چو ڀلا؟" مون واٽڙو ٿي پڇيومانس.

"انڪل ڏسو ڪونہ ٿا تہ دهليءَ جي بسين ۽ رستن جو حال چا آهي." هن حقيقت ڏي ڌيان ڇڪايو ۽ آئون سوچڻ لڳس تہ ڳالهہ تہ صحيح ٿو ڪري. توڙي ڪٽي اسان فارين (ڏارئين) ملڪ ۾ آهيون پر هن ملڪ جا حال بہ تہ اسان جي ملڪ جهڙا آهن. آئون چوندو هوس تہ ڪراچيءَ جي رستن ۽ ٽريفڪ جو خانو خراب ٿيل آهي هر وقت کوٽائي پئي هلي پر هاڻ دهلي شهر جي بيڪار، پڳل ۽ ڇپي ڇپي تي کوٽائي ٿيل رستا، اٿلندڙ (Over flow ٿيندڙ) گٽر، واپارين جي پيڊين ۽ ريڙهن (گاڏن) جي انڪروچ مينٽ ڪري سوڙها ٿيل فٽ پاٿ ۽ ڪتن جي ٽورن ۽ ماڻهن جي مٽڻ جي ڏيڻ سان واسيل گهٽيون ڏسي پنهنجي ملڪ جي ڪراچيءَ سان پيار ٿيڻ لڳو آهي. جتي هر هنڌ ائين تہ زپ کولي ماڻهو ڪونہ پيا مٽن ۽ نہ ايترا رول ڪتا پيا هنگن. ڇيٽن ۾ ٿڦيل، ڪل گهنجيل ۽ بيمار پوڙهين ڊگين جي دهليءَ ۾ جتي ڪٿي رستا روڪ الڳ آهي. بهرحال اسان پنهنجي طرفان هردوار شهر ڏي هلڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳاسين.

بورچي پنجين بجي ڪان نيرن ڪرڻ لاءِ ڦاٿندو رهيو. ڪن ڪئي ڪن فقط چانهہ پيتي پر نولراءِ سيني ماڻهن لاءِ نيرن پيڪ بہ ڪرائي جيئن رستي ۾ بک لڳي تہ ڪائي سگهجي ۽ هوٽل ۾ کائڻ جو اجايو خرچ نہ ٿئي پر اسان نہ فقط هلڻ ۾ دير ڪري ڇڏي پر اتان موٽڻ ۾ بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دير ڪئي ۽ واپسيءَ تي مانيءَ لاءِ پڻ سيني رڙيون ڪيون ۽ نول کي هوٽل ۾ ماني کارائڻ جو خرچ هڪ طرف پرڻو پيو تہ بورچي طرفان تيار ٿيل ماني نہ کائڻ ڪري اها الڳ ضايع ٿي وئي ۽ دهليءَ ۾ سج لٿي کان پوءِ بس جي موٽڻ ڪري نولراءِ کي بس جو ڀاڙو ٻارهن بدران سترهن هزار روپيہ ڏيڻو پيو. هتي رستا ڪٽي خراب آهن. عوام ڪٽي گهڻو آهي پر ملڪ جو قاعدو قانون سخت آهي، نہ فقط سخت آهي پر ان جي پوئواري هر ڪوشش سان ڪئي وڃي ٿي. رستي تي پوليس ڪٽي ايڪڙ ٻيڪڙ نظر تي اچي پر ضرورت جي حالت ۾ ايمرجنسي نمبر ڊائل ڪرڻ بعد هتي جي پوليس جو رڪارڊ آهي تہ پنجن منٽن ۾ پهچيو وڃي چاهي ڏينهن هجي يا رات. ان ڪري ڌوهاري بہ دل شڪستا رهن ٿا. ملڪ ۾ امن امان آهي جيتوڻيڪ هيڏي وڏي آدمشماري ۽ پکيڙ وارو ملڪ آهي (سرينگر کان ڪيرالا صوبي جي شهر ٽيرووانان_ ٽپورام_ هي هڪ ئي نالو Thriuvananthapuram آهي. تائين جو مفاصلو 3671 ڪلوميٽر ۽ اروناچل جي شهر Tiruchchirappalli تائين 4069 ڪلوميٽر مفاصلو آهي) پر سڄي رات توهان پيا گهمو مجال آهي ڪو توهان جو نالو وٺي، ٿورو بہ ڪو مسئلو ٿئي تہ توهان پوليس کان مدد وٺي سگهو ٿا ۽ جي توهان ٻئي ملڪ کان آيا آهيو تہ پوءِ هو اڃا بہ توهان تي مهربان ٿيندي نظر ايندي جو هتي جي پوليس، سرڪار، دڪاندار ۽ عوام سمجهي ٿي تہ ٽوئرزم سڀ کان وڏي انڊسٽري آهي. گهمڻ لاءِ ايندڙ ڌارين مان نہ فقط هتي جي ملڪ جي ايڪانامي بهتر ٿئي ٿي پر انهن سان سٺي نموني سان پيش اچڻ سان هو انڊيا جي پنهنجن ملڪن ۾ تعريف بہ ڪن ٿا. منهنجي خيال ۾ اهوئي سبب آهي جو انڊيا ۾ هر سال ٽوئرسٽن جو تعداد وڌندو ئي رهي ٿو. انڊيا جي شهرن ۾ هر ملڪ جا ماڻهو نظر اچن ٿا. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اڪيلا يا ٽولن ۾ رات جو دير تائين مختلف ڪلب، سئنيما هالن ۽ شاپنگ سينٽرن جي اڳيان نظر اچن ٿا. انڊيا جي ننڍن شهرن ۾ بہ ننڍيون وڏيون هوٽلون آهن ۽ وڏن شهرن ۾ تہ گهٽي گهٽيءَ ۾ آهن. تنهن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هتي ملڪي توڙي غير ملڪي ٽوئرسٽ ايندا رهن ٿا ۽ جتي بين الاقوامي معيار جون پنج هزار روپيہ هڪ ڏينهن جي مسواڙ واريون فائيو اسٽار هوٽلون آهن اتي بہ سؤ روپيا ڪمري واريون ساديون هوٽلون بہ آهن. جتي ٻن روپين جي ”مڇر مار ويڙهي“ سازي سڪون جي ننڊ ڪري سگهجي ٿي. سڀ کان وڏو سڪون امن امان جي ڪري آهي تڏهن تہ هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملڪ ۾ (جيڪو ٻاهرين Look ۾ اسان ئي جهڙو لڳي ٿو) ويندي جاپاني همراهه گهمندا ڦرندا رهن ٿا. جاپانين جو ائين آزاد گهمڻ هن ملڪ (انڊيا) لاءِ Law & Order برقرار رکڻ جو سرٽيفڪيٽ آهي جو جاپاني ان ملڪ ۾ توهان کي ائين پسار ڪندي هرگز نظر نه ايندا جنهن ۾ امن امان جو درجو مٿانهون نه هجي. ڪالهه دهليءَ جي هڪ اهڙي رستي تان گذر ٿيو جتي ايراني سفارتخانو آهي. آٽو رڪشا ۾ رستي لنگهندي نالو پڙهي لهي پيس. گيٽ وٽ رڳو تڪلف خاطر يونيفارم ۾ سپاهي بيٺو هو.

”اندر وڃي سگهان ٿو؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”ڀلي وڃ“ هن ڪنهن به جهل پل جو اظهار نه ڪيو.

اندران وڃي ڪائنٽ ڪجهه ايران جا بروشر (ڪتابچا) وٺي آيس. هڪ اسان جو ملڪ آهي جنهن ۾ هاڻ (گهٽ وڌ نه هوندو هو) هڪ سفارتخاني ۾ پهچڻ ته وڏي پلصراط پار ڪرڻ آهي پر ڪراچيءَ ۾ ڪنهن ملڪ جي قونصل خاني ۾ پهچڻ به محال ٿو لڳي. ٻن ٽن دعوتن ۾ ايران جو قونصلر جنرل مليو ۽ منهنجو ايران گهمڻ جي شوق جو ٻڌي هن مون کي پنهنجي آفيس ۾ چانهه لاءِ به گهرايو ۽ چيو ته پاسپورٽ ڪٽي اچ ته ان ئي ڏينهن ويزا لڳرائي ڏين. مون ٻه ڏينهن قونصليٽ جا چڪر هنيا پر اندر وڃڻ ۾ ڪامياب نه ٿيس. فون تي هن سان Contact ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. آپريٽر يا جيڪو قونصلر سان فون ملائڻ جو انچارج هو اهو جيتوڻيڪ سنڌي هو ۽ مون کي ليکڪ جي حيثيت سان سڃاتائين ٿي پر اهڙا ڏنپ ڏنائين جو مون پڇر ئي ڇڏي ڏني. هينئر صاحب ڪونهي، هاڻ صاحب آيو آهي پر ڪهڙو ڪم آهي.... وغيره وغيره. هن کي منهنجي ڪم کان وڌيڪ فڪر پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ جو ٿي لڳو. هن مون کي ولايت ۾ رهندڙ سمجهي الائي ڇا پئي Expect ڪيو ۽ مون نيٺ پڇر ئي ڇڏي ڏني. اسان جي ڳوٺ جي يعوقب پاٽوليءَ (جيڪو اڪثر ايران ويندو رهي ٿو) چيو ”سائين جڏهن وڃڻ جو ارادو ٿئي ته هفتو کن اڳ ۾ ٻڌائجو فلاڻو منهنجو سڃاڻو آهي. توهان کي گهر ويٺي ايران جي ويزا وٺرائي ڏيندو.“

بهرحال اهي ڳالهيون آهن جيڪي اسان جي ملڪ ۽ انڊيا کي ڏسڻ سان فرق صاف ظاهر ٿئي ٿو. اسان وٽ دنيا جو هيڏو وڏو عجوبو موهن جو دڙو آهي پر ڌارين جي رهائش لاءِ ڪا هوٽل ناهي. سرڪار طرفان نهيل واحد هوٽل ۾ ملڪي ماڻهوءَ کي ئي رهندي خوف ٿو

طاري ٿئي.

بهرحال پاڻ هردوار شهر جي سفر تي اچون جيڪو دهليءَ کان ايترو پري آهي جيترو ڪراچيءَ کان ڪٽي سمجهو ته نوابشاهه آهي. اسان منجهند کان اڳ اتي پهچي ڪلاڪ به ترسي يڪدم موٽڻ تي چاهيو پر بس ۾ چڙهندي چڙهندي ساڍا ڇهه ٿي ويا ۽ ايتري ۾ خبر پئي ته نول جو هڪ ياءُ ڊاڪٽر لڇمڻ جيڪو ڪئناڊا کان ڪراچي آيو هو ۽ هن کي اسلام آباد مان انڊيا جي ويزا ملڻ ۾ دقت ٿي رهي هئي سو دهليءَ جي ايئرپورٽ تي پهچي ويو آهي ۽ هو پنهنجي زال ريکا ۽ ڌيءَ نوريءَ سان گڏ اسان جي بس ۾ هردوار هلڻ ٿو چاهي ۽ هو هن وقت ايئرپورٽ کان نڪري چڪو آهي. اسان بس ۾ ويهي هنن جو انتظار ڪرڻ سان گڏ رکي رکي وسندڙ مينهن ۾ راتوڪي وسيل مينهن ڪري ٿيل گپ ۾ پاڻيءَ سان ڀريل کڏن کي ڏسندا رهياسين. آخر ستين بجي ڌاري ڊاڪٽر لڇمڻ جي ٽيڪسي ڇهچي وئي. هڪ دفعو وري کيڪار شروع ٿي وئي. نول رڙيون ڪندو رهيو ته سيٽن تي ويهي رهو ته بس هلي پر ڊاڪٽر لڇمڻ به سالن کان پوءِ ڪئناڊا کان آيو هو. پنهنجن هيترن سارن ياٺرن پينرن کي هڪ هنڌ ڏسي خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو. ساڳي وقت سندس زال ريکا جو ياءُ ياءُ دودو هتي موجود هو جيڪو نول جو پيٽويو به ٿئي. مرد هٿ ڏئي يا ياڪر پائي مليا عورتون جهڪي مليون ۽ لڇمڻ سندن مٿي تي هٿ رکي آسيس ڏني. هر ڪو اڏوڪي زبان ۾ ڪائنس سندس حال ۽ خبر پڇندو رهيو.

”خوش ڇوا..... ڪا حال هتي؟“

”ڪڏهن آلي ڇوا ڪئناڊا مئون؟“ وغيره وغيره آئون هاڻ سولو ٿي وينس ۽ دريءَ سان سڄو پردو ريڙهي پنيان ڪيم جيئن اڳيان جو نظارو چٽي طرح ڏسندو هلان. هردوار پهچڻ لاءِ اسان جي بس کي ڪيترائي ڳوٺ، شهر، صوبا ۽ ٻهراڙيون لتاڙڻيون هيون ۽ هو ڇا چوندا آهن ته ملڪ جي آسودي هجڻ جي خبر ٻهراڙيءَ مان پوي ٿي. ڊرائيور بس جي انجڻ اسٽارٽ ڪري اڳيان وڌيو. ان ئي وقت ڪنهن جي موبائيل جي گهنٽي وڳي ۽ بس کي ورڪڻ لاءِ چيو ويو. ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ سڀ پڇڻ لڳا، دير پئي ٿئي هلو ڇو نٿا؟.... ڇي پروفيسر بسنت رهجي ويو آهي پنجن منٽن ۾ پهچڻ وارو آهي.

”ادا هاڻ هلو. پنجن منٽن ۾ ڪڏهن به نه پهچي.“ نول هلڻ جي ڪئي پر سندس وڏي پٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جواهر لعل جنهن فون اٽيند ڪيو هو تنهن ٻڌايو تہ هتي سامهون ڪالڪا مندر وٽ پهچي چڪو آهي ۽ هن اتان ئي فون ڪيو آهي.

”چڱو پنجن منٽن لاءِ بس بيهاريون ٿا اندر نہ پهتو تہ هليا هلنداسين.“

نولراءِ پڪي فيصلي جو اعلان ڪيو.

بهرحال پنج منٽ يعني ايشيائي اڻ ترقي يافتہ ملڪن ۾ معنيٰ گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ ٿيو. پروفيسر بسنت اوڏ جي ٽيڪسي ڏهن منٽن ۾ پهچي وئي ۽ هو پاڻ, سندس زال ميران ۽ سندن ننڍي ڌيءَ لاجونتي بيگ سميت جلدي جلدي بس ۾ چڙهيا. نہ فقط بسنت کي سئيٽر هو پر سندس زال ۽ ڌيءَ بہ لوئيءَ ۾ ويڪيل هئي. بسنت منهنجي پرواري سيٽ تي اچي ويٺو تہ مون يڪدم چيومانس تہ ابا توهان سان خير تہ آهي. هن اونهاري جي موسم ۾ جڏهن اسان پڪا هلايو وينا آهيون توهان گرم ڪپڙن ۾؟

”دراصل اسان سرينگر (هندستان جي قبضي هيٺ آيل جمون ۽ ڪشمير واري رياست) هليا ويا هئاسين. هتان گهٽ ۾ گهٽ ست اٺ سؤ ڪن ڪلوميٽر پري آهي اتي پهچي ڏهہ ڪلوميٽر جبل جي رستي ڪان مٿي هڪ ديويءَ جي مندر ۾ پوڄا ڪرڻ ويا هئاسين. آئون تہ پنڌ ڪري نہ سگهيس ۽ ياڙو ڏيئي خچر تي چڙهي ويس باقي منهنجي زال ۽ ڌيءَ اوٽ موٽ پند ڪيو.“ ڪنڊياري ڪاليج ۾ فزڪس پڙهائيندڙ ۽ نول جي پيٽوئي پروفيسر بسنت ٻڌايو.

”شاباس هجئي يڪ ساهيءَ ايڏو سفر ڪرڻ جي ۽ هينئر هتي دهليءَ ۾ پهچڻ سان وري هن سفر تي پيو هلين. پلا ڪئين لڳو ڪشمير؟“ مون پڇيومانس.

”ڏاڍو سهڻو آهي واقعي! ڏاڍي پوليس ملي. اسان بہ ڏڪندا رهياسين. زيارت جو ڪم لاهي يڪدم پويان پير ڪياسين.“

”چو پلا؟“ مون تعجب ۾ پڇيو.

”ان ڪري جو پاڻ کي. جمون ڪشمير جي ڪٿي آهي ويزا؟ هر وقت اهو پئي ڊپ لڳو تہ ڪو پڇي نہ وٺي تہ ڪير آهيو ان ڪري آئون سٿڻ قميص پائڻ وارو بہ اتي پينٽ پائي ويس تہ ڪو Identify نہ ڪري سگهي تہ آئون غير انڊين آهيان.“

بسنت ٻڌايو.

هتي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اهو بہ لکندو هلان تہ انڊيا ۾ مردن جي ڊريس قميص

پينٽ آهي. انڊيا اچڻ کان اڳ ڪيترا شايد اهو سوچيندا هجن ته هتي هندو مذهب هجڻ ڪري هر مرد ڌوتيءَ ۾ هجي يا شلوار قميص جو اڄڪلهه انڊين فلمن جا هيرو به شلوار قميص پائين ٿا، پر ائين نه آهي. انڊيا ۾ عام پبلڪ جي ڊريس پينٽ آهي. چوڏاري نظر ڪبي ته سڀ پتلونن ۾ نظر ايندا. آفيس وارا، دڪاندار، مزور.... ورلي ڪو سياستدان يا مندر سان واسطو رکندڙ ڌرمي ماڻهو ڌوتيءَ ۾ نظر ايندو ۽ سندس نرڙ تي ڳاڙهي يا هئڊي رنگ جو تلڪ به هوندو. ڪن ڪن هنڌن تان گذرندي، خاص ڪري مسلمانن ڪالونين مان. توهان کي شلوار قميص يا ڪڙتي پاجامي ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ايندو نه ته ويندي جامعيه ملي يونيورسٽي ۾ ۽ درگاهه حضرت نظام الدين اولياء جي آسپاس رهندڙ ۽ دڪاندار به گهڻي ڀاڱي پتلونن ۾ ئي نظر ايندا. بلڪ شلوار قميص ۾ ملبوس ڪجهه ماڻهن کان جڏهن مون پڇيو ته دهليءَ جا آهيو ته جواب ۾ هنن ڪراچي، لاهور يا افغانستان جو ٻڌايو. عورتون البته مختلف ڊريسن ۾ آهن. خاص ڪري پجامي، گهٽ ورن واري هلڪي شلوار ۾، پتلون، اسڪرٽن ۾ ۽ ڪجهه ساڙهين ۾ پڻ. ساڙهين ۾ گهڻي ڀاڱي عورتون فقط تڏهن ٿيون نظر اچن جڏهن ڪا شادي جهڙي Ceremonial Function آهي. جيئن جپاني عورتن جي ڊريس اسان چئون ٿا ته ڪمونو آهي پر جپان جي شهرن ۾ توهان کي جپاني عورت ورلي ڪا ڪمونو ۾ نظر ايندي نه ته مغربي ڊريس اسڪرٽن ۽ پتلونن ۾ ڏسڻ ۾ ايندييون.

سو انڊيا ۾ توهان جي نمايان ٿيڻ نٿا چاهيو. ۽ ٿيڻ به نه کپي ته هتي جي عوام جي ڊريس قميص پتلون ۾ گهمڻ نڪرو نه ته شلوار قميص ۾ هر ڪو سمجهي ويندو ته توهان مڪاني نه پر ڌاريا آهيو ۽ پوءِ ٽيڪسيءَ وارا توڙي دڪاندار توهان کي هر شيءِ جو اگهه به ان حساب سان ٻڌائيندا.

تاج محل ڏسڻ لاءِ اڄڪلهه ٽڪيٽ وٺڻي پوي ٿي. ”گهڻي جي آهي ڪٽان ونجي؟“ اسان آگري پهچي هتي جي ماڻهن کان پڇيو ۽ جن درين ڏي هتي جا ماڻهو پئي ويا اسان به ٽولن ۾ اتي جي قطارن ۾ وڃي بيٺاسين. ويهه روپيا في ماڻهو پئي ورتائون، اسان جي ٽولي وارن ان تي به گوڙ پئي ڪيو ته هڪ ته هيڏو پاڙو پري دهليءَ کان آگري آيا آهيون ۽ هاڻ تاج محل ڏسڻ لاءِ اجا به ويهه روپيا ڏيون يعني اسان جا پاڪستاني ٽيهه روپيا ڪن ٿيا. هاڻ اندر گهڙياسين ته خبر پئي ته اسان جو هڪ ٽولو جنهن ۾ ڊاڪٽر لڇمڻ ۽ ان جي فيملي هئي، دودو هو ۽ رامچند

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي ننڍي ڀاءُ سريچند جو پٽ سنجي هو اهي نظر ئي نہ اچن. ڪنهن چيو تہ تاج محل جي ”ٽڪيٽ گهر“ وارن هنن کي اتان ٽڪيٽ وٺڻ نہ ڏني ۽ تاج محل ڏسڻ کان منع ڪئي. اسان جو مزو ئي خراب ٿي پيو تہ آخر هنن کي ڇو نہ اچڻ ڏنائون جيتوڻيڪ هتي تہ دنيا جي ڀانت ڀانت جي ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو. عورتون توڙي مرد پيا هلن. ٿوري دير تاج محل جي سونهن ڏسڻ بعد پنيان ڏسون تہ هاڻ اسان جا ٻچيل ساٿي پيا اچن.

”ڀائي خير تہ آهي ڇا ٿي ويو؟ توهان کي ڇو نٿي اچڻ ڏنائون؟“ اسان سڀني هڪ ئي وقت ڪانئن سوال ڪيا.

”دراصل تاج محل ڏسڻ جي ٽڪيٽ ساڍا ست سؤ روپيا آهي.“ هنن ٻڌايو.

”پوءِ اسان کان ۽ ٻين کان تہ ويهہ ويهہ روپيا ورتائون.“ اسان ڪين پنهنجيون ويهين ويهين روپين واريون ٽڪيٽون ڏيکاريندي چيو.

”ها. پوليس ٻڌايو تہ ويهہ روپيا آهي پر مڪاني ماڻهن لاءِ يعني انڊين لاءِ باقي سڀني فارينرس لاءِ ساڍا ست سؤ روپيا آهن. توهان کي ان ڪري نہ جهليائون جو هنن سمجهيو تہ توهان انڊين آهيو.“ سنجي ٻڌايو.

”پر توهان بہ تہ ساڳيا لڳو پيا ۽ ٻين انڊين جي وچ ۾ بيٺا هئائو؟“ اسان چيو.

”هنن اسان کي ڊريس مان سڃاتو. سنجي جي شلوار قميص مان هو سمجهي ويا تہ هي پاڪستاني آهن.“ ڊاڪٽر لڇمڻ کلندي ٻڌايو ”سنجي جي سٿڻ قميص پائڻ ڪري اسان جي ٽولي جي هر هڪ ماڻهوءَ ساڍا ست سؤ روپيا ڏنا. سواءِ دودي جي.“

”اهو وري ڪيئن.“

”بس دودي ڦڏي باز جي تہ خبر اٿانو. هن ٽڪيٽ وارن کي اسان لاءِ ڪنفرم ڪندي چيو تہ صحيح ٿا چئو هي پاڪستان جا آهن مون وٽ دهلي گهمڻ آيا آهن.“

”توهان جي ڪا شناخت؟“ هنن دودي کان پڇيو تہ دودي رعب مان چين تہ شناخت وري ڇاجي آئون دهليءَ جي ڪالڪا جي واري علائقي ۾ رهان ٿو. جي اعتبار نہ اچنو تہ هلو پوليس وٽ. ان تي هو ٿڌا ٿي ويا دودو ساڍا ست سؤ روپيا بچائي ويو.

سنجي کي پنهنجي منهن هڪ دفعو وري صبح واري نصيحت ڪيم تہ ڌارئي ملڪ ۾ ڪڏهن بہ سٿڻ قميص نہ پائجي. اها پنهنجي ڊريس لاءِ سڪ ڳوٺ ئي ڇڏي هلجي. ڪيپٽن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بشير وسطڙو تہ چوندو آهي تہ سعودي عرب ۾ بہ انگريزن واري پتلون پائي هلجي توڙي ڪٽي سفر جو مقصد حج ڪرڻ هجي چو جو پتلون ۾ ٺهرايل ايڪسترا کيسن ۾ هڪ تہ پاسپورٽ، پئسا ۽ ٽڪيٽون سلامت ۽ سوگهيون رسن ٿيون ۽ ٻيو عربن تي بہ رعب پوي ٿو. سٿڻ قميص وارو هر وقت عربن جي دڙڪي ۾ رهي ٿو. پتلون واري کي هو ايراني، ترڪ يا برٽش سٽيزن انڊين سمجهي ان کي ڇڙٻ ڏيندي بہ ڪترائين ٿا.

اسان جي پنجاهہ کن ماڻهن سان ٽڀيل بس جيڪا دهليءَ مان ساڍي ستين نڪتي هئي سا فريدآباد ۽ غازي آباد کان ٿيندي هاڻ ڏهين بجي ڌاري اتر پرديش جي شهر ميروٽ پهتي. اتي رستي تي ٺهيل هوٽلن مان هڪ وٽ بس بيهاري سڀ چانهہ پاڻيءَ لاءِ لٿاسين. اتر پرديش هندستان جو هڪ اهم صوبو آهي جنهن جي آدمشماري سڀ کان گهڻي آهي، اتر ۾ نيپال سان ٿو ملي ۽ منجهس علي ڳڙهہ لکنؤ الهہ آباد جهڙا اهم تواريخي ۽ مشهور شهر آهن. هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ جو ڪم لاهڻ بعد هيڏانهن هوڏانهن ٿهلڻ لڳس. هوٽل جي آڳنڌ وٽ ٽي چار ڪاٺ جون پيڍيون هيون جن مان هڪ تي تہ اهي ئي شيون هيون جيڪي اسان وٽ مشهور آهن يعني بيڙي ماچيس، تماڪ، گهٽڪا، مٺي ۽ پيٽ جي سور جون گوريون، سوپاريون ۽ ٽڪيون چاڪليٽ. هڪ پيڍيءَ تي همراهہ پراڻا رسالا ۽ ڪتاب وڪٽي رهيو هو جن جي Scanning ڪري بہ ٿي اهڙا ڪتاب ڳولي ڪڍيم جيڪي انڊين ليکڪن جا انگريزيءَ ۾ هئا يا انگريزن جا هندستان راڄ جي بئڪ گرائونڊ ۾ هسٽري جا ناول هئا. مون سمجهيو بيوقوف نظر ايندڙ ڳوناٺو مالڪ اهي ڪتاب مون کي ڦلن مٺ ۾ ڏيندو پر دڪاندار بہ انهن جو Worth ڄاتو ٿي ۽ جيڪا وڏي قيمت Quote سڪيائين ان تان روپيو بہ هيٺ نہ لٿو. مون بہ ور ور ڏيئي وري ٿي اچي انهن ڪتابن ۾ هٿ وڌو ۽ سوچيو تہ من ڪجهہ گهٽ ڪري پر هو پنهنجي ضد تان هيٺ نہ لٿو ۽ مون آخرڪار انهن ڪتابن وٺڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو. هڪ پيڍيءَ تي مختلف ٻاڄين ۽ ميون جا آچار وڪامي رهيا هئا. اسان مان هڪ ٻن همراهن انهن مان هڪ بہ برني ورتي ۽ پوءِ اچي بس ۾ ويناسين. هردوار جتي اسان کي وڃڻو هو اتي پهچڻ ۾ اسان کي اڃا اڌ کان وڌيڪ فاصلو طئي ڪرڻو هو. رستو ڀڳل ۽ خراب هو. بس بہ پراڻي ۽ اپري ملي هئيسين ۽ مٿان اهڙو ئي اپرو ۽ مرزيل ڊرائيور هو. آخر هڪ ٻن ٻين منزلن تي بيهندا پنهنجي منزل هردوار پهتاسين جتي ماڻهن جو عجيب ميلو متل هو. گنگا ندي زور سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وهي رهي هئي اسان جي بس پل ٽپي بئي پاسي وئي ۽ اڌ ڪلاڪ کن اسان کي پارڪنگ ڳولڻ ۾ لڳي ويو پر پرائيويٽ ڪارين، ٽيڪسين، پبلڪ بسين ۽ ٽوئرسٽ لارين سان هر ميدان هر ڪنڊ پيري پئي هئي. آخر بس واري کي چيوسين تہ اسان کي اتي نديءَ وٽ لاهي تون ڪٿي پري وڃي بس کي پارڪ ڪر. اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڪلاڪ کن لڳندا ان بعد اسان لاءِ بس هتي ڪاهي اچجانءِ. يا اسان توکي اچي ڳولينداسين.

هي شهر هردوار اهو هنڌ آهي جتان کان گنگاندي Plain (ميدانن) ۾ داخل ٿئي ٿي. نئدي هوندي جاگرافيءَ ۾ پڙهيو هو تہ جبلن تي جميل برف گرميءَ جا ڏينهن شروع ٿيڻ تي وٽڙي پاڻي ٿي جبلن تان هيٺ لهي ٿي يا برف جي اڌ گابري صورت ۾ جبلن تان برفاني درياهہ هيٺ لهن ٿا. جن کي گليشير سڏجي ٿو. جبلن تان لهڻ وقت ان پاڻي يا اڌ گابري وهندڙ برف ۾ پريشر ٿئي ٿو جو اها مٿان کان هيٺ لهي ٿي پوءِ ميدان اچن ٿا. ميدانن مان لنگهندي نديءَ جي رفتار گهٽجڻ لڳي ٿي ۽ هو پاڻ سان گڏ مٽي ۽ Slit روڙيندي هلي ٿي جيڪا فصل لاءِ ڪارائتي هوندي آهي ۽ پوءِ نديءَ جو آخري پاڱو ڊيلٽا سڏجي ٿو جنهن ۾ ندي ٽڪنڊي جي صورت ۾ ننڍيون ننڍيون شاخون ٺاهي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿي.

سو هي شهر هردوار جتان گنگا ندي وهي ٿي نديءَ جو اهو هنڌ آهي جتان اها سڏو ميدانن جو سفر شروع ڪري ٿي. دراصل هن شهر (هردوار) ۾ گنگا جي ڪناري تي بهي جتان ندي اچي پئي اوڏانهن ڏسبو تہ جبلن جون قطارون نظر اينديون جتان هيءَ ندي وهندي هاڻ هيٺ پهتي آهي. سندس رفتار ۾ وهڪ تکي ۾ گجگوڙ واري آهي جو ميدانن جو سفر اجا هاڻ ٿي شروع ڪري ۽ ان ڪري منجهس اجا مٽي ۾ رڱ بہ شامل نہ ٿيو آهي. پاڻي گهٽو ۽ تکي رفتار ۾ آهي ان ڪري اهو پاڻي صاف ۽ شفاف آهي جيڪو پوءِ ميلن جي سفر ۾ مٽي، دز ۽ ڪارخانن مان نڪرندڙ گندگيءَ مان ملي خراب ٿئي ٿو. هن هنڌ تي هندو وهنجڻ اچن ٿا. هنن جو عقيدو آهي تہ گنگا نديءَ جي هن هنڌ تي وهنجڻ سان گناهہ ڌوپيو وڃن ۽ جيڪو ماڻهو هن هنڌ تي گنگا ۾ ست ٽبيون هڻندو اهو ضرور سرڳ ۾ ويندو. هندن جي چوڻ مطابق هن هنڌ تي رام وهنجي گنگا نديءَ کي پوتر ڪيو هو. هتان کان ست اٺ ميل اڳتي هڪ ٻي جاءِ لڇمڻ گوڏا مشهور آهي ۽ چار پنج ميل وڌيڪ هلڻ تي گنگوتري آهي.

اسان بس چڙهي گنگانديءَ جو ڪنارو ڏيندا ان هنڌ ڏي وڌڻ لڳاسين جتي لاءِ چيو وڃي ٿو

ته اتي رام شنان ڪيو هو. چوڏاري سوين ماڻهو (يورپي ۽ آمريڪن گورن سميت) اسان سان گڏ هلي رهيا هئا ۽ اوترائي اتان وهنجي موٽي رهيا هئا. رستي تي پرساد وڪڻڻ وارا فٽ پاٿ تي ويٺا هئا. جن گل، ميون ناريلن کان علاوه پلاسٽڪ جون خالي بوتلوون، برنيون ۽ گهگيون ٽي وڪيون. اسان جي ٽولي مان به ڪيترين اهي تبرڪ طور واپسيءَ تي گنگا جو پاڻي کڻي هلڻ لاءِ ورتيون. پري کان گهٽ ۾ گهٽ سؤ کن ٽن جو تامي ۽ پتل جو سؤ فوٽ کن ڊگهو Statue هو. نديءَ جي ساڄي ڪناري پاسي جبل جي اتاهين چوٽي تي هڪ قديمي مندر نظر اچي ٿو جنهن لاءِ اتي موجود ساڌن ٻڌايو ته اهو منشا ديويءَ جو مندر آهي. ٽاور تي پهچڻ لاءِ ڪيبل ڪارون هلن ٿيون.

اسان پنڌ هلندا هلندا اچي ان هنڌ تي پهتاسين جتي سوين مرد عورتون ڪڇن ۾ يا پهريل ڪپڙن ۾ ان هنڌ تي نديءَ ۾ گهڙي شنان ڪري رهيا هئا يا ڪناري تي لڳل زنجيرن کي جهلي هيٺ پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻي رهيا هئا. اسان برلا ٽاور وٽ اچي گڏ ٿياسين ۽ جن جن کي گناهه بخشائڻا هئا سي نديءَ ۾ لهي پيا ۽ انهن سوين ماڻهن سان گڏ وڃي مليا جيڪي پهرين نديءَ ۾ موجود هئا. سامهون دڪانن جي وچ ۾ ڪيترين هوٽلن ۽ ريسٽورنٽ جا بورڊ نظر اچي رهيا هئا. هوٽل تيرٿ، الڪا هوٽل، هوٽل گنگا ڌام، هوٽل گنگا درشن، هوٽل گيان، چوٽي والا ريسٽورنٽ، شرما لاج، هوٽل راج، هوٽل آرتي درشن..... وغيره وغيره. رڪي رڪي گهوريئڙا مختلف رنگن ۽ سائيزن جون مالهائون ۽ سندور وڪڻي رهيا هئا. ڪي چندي جون چوپڙيون هٿ ۾ کڻي ڪنهن مندر يا ڪنهن خيراتي ڪم لاءِ چندو وٺي رهيا هئا جيڪو عمل سندن Request واري نموني ۾ نه پر بيحد Aggressive طريقي جو هو. ڪي عورتون پئسا وٺي ميندي لڳائي رهيون هيون. ڪيترائي فوٽا گرافر ڪئميرائون ڳچيءَ ۾ لڙڪائي Instant فوٽو ڪڍي رهيا هئا. منهنجي ڪئميرا جي بيٽري ختم ٿيڻ ڪري هڪ فوٽو گرافر منهنجي مٿي لڳي ويو يا شايد آئون هن جي مٿي لڳي ويس. هن ڏهه فوٽو ڪڍائڻ تي گهٽ پئسا ٿي ورتا. چار پنج فوٽو ته درياهه اڳيان يا شو جي مورتيءَ اڳيان ڪيرائي ورتم باقي بچيل فوٽو هڪ سک فئمليءَ سان، هڪ يا ٻن ساڌو ۽ فقيرن سان گڏ بيهي پورا ڪيم. فوٽو گرافر پئسا اڳ ۾ ئي وٺي ويو ته اجهو ٿو صاف ڪري ڏيان. رسيد جي ڳالهه ڪيائين پر ڏنائين ڪونه. سيني چيو ته اڳواٽ پئسا نه ڏينس ها..... رسيد ته وٺينس ها.... اڌ ڪلاڪ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فوٽو صاف ڪري هتي ڪڍي اچڻ ناممڪن آهي..... وغيره وغيره. هر ڪو پنهنجي پنهنجي راءِ ۾ نصيحت ڏيڻ لڳو. جڏهن پورو ڪلاڪ ٿي ويو پر فوٽو گرافر نہ موٽيو تہ من کي بہ پڪ ٿي وئي تہ اهي پئسا بہ ويا تہ فوٽون بہ ويا ۽ هاڻ بس موٽڻ ۾ بہ ڪو اڌ ڪلاڪ کن وڃي بچيو هو. وهنجڻ وارن پاڻ کي اگهي ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا ۽ هاڻ بس ڏي ٿي وڏياسين تہ اسان وارو فوٽو گرافر فوٽو ڪڍي اچي نڪتو پورو ڏيڍ ڪلاڪ بعد موٽيو هو.

”ايڏي دير؟“ مون شڪايت واري لهجي ۾ هن کي چيو.

”جناب اڌ ڪلاڪ کن تہ لڳندو جنهن لاءِ مون توهان کي پهرين ئي چيو هو.

دل ۾ چيم تہ فوٽا ملي ويا هاڻ ڪهڙو ويهي بحث ڪيانس جنهن جو ”سهي جون ٽنگون ٽي“ وارو ضد تہ هو وعدي مطابق اڌ ڪلاڪ اندر پهچي ويو آهي.

# هردوار کان واپس نيو دهلي

اسان جي بس هندن جو پلارو شهر هردوار ڇڏيو تہ بس اندر ويٺل دهليءَ جي رهاڪو اڌو عورتن نول جي پٽ مڪيش جي شاديءَ جا ڳيچ ڳائڻ شروع ڪيا ۽ جن سان گڏ پيتارو ڪيڊٽ ڪاليج جي دودو ۽ ڪنڊياري جي پروفيسر بسنت جي زالن شانتا ديوي ۽ ميران ۽ انهن جي ڀين پيٽن ۽ ٻارن ڊاڪٽر ڪرن، ڊاڪٽر ارم وغيره ڪين سر ڪٽايو.

مڪيش جي منهن تي ڪارو ڪارو تر آهي
مور جو نہ ملهہ آهي گلاب جو گل آهي
چوڏهينءَ جو چنڊ آهي

*

الا، چوڏهينءَ جو چنڊ آهي
پري کان مڪيش پنهنجي ماڙي ڏيکار
ڳاڙهي ماڙهي چمڪي واري ڏاڍي مزيدار
مڪيش پنهنجي ماڙي ڏيکار....

ڪا دير ڳائڻ هلندو رهيو. ڪراچي ڇڏڻ مهل منهنجي پيڻ نسيم جيڪا وسطڙن ۾ پرڻيل آهي ۽ سندن ڳوٺ مچر هنن اوڏن جي ڳوٺ ڪنڊيارو جي ويجهو آهي تنهن مون تي تعجب ڪائيندي ۽ ايندڙ ڏينهن جي حال تي همدردي ڪندي چيو هو تہ وسطڙن وانگر اوڏ بہ ڪچهري ۽ ڳائڻ جا شوقين آهن. سڄي سڄي رات ڳائيندي گذاريو ڇڏين. تون جلدي سمهڻ وارو ۽ خاموشي پسند ڪرڻ وارو هيترا هفتا هنن سان ڪيئن گذاري سگهندين. پر سچ تہ گذريل سڄي رات دهلي، هريانا، اتر انچل ۽ اتر پرديش ۾ وسيل طوفاني بارش جي ڪري هن ٿڌڪار ۽ جهڙالي ڏيهہ ۾، سنڌ کان ڏور هي سنڌي راڳ دلي کي ڏاڍو ڀلا لڳي رهيا هئا. چوڌاري ڇهچ سائي ڪٽڪ ۽ رستي جي ڪنارن تي ٻي انتها پوکيل پنگ جا فصل سائي رنگ جي وال ٿ وال ڪارپيٽ جو ڏيک ڏيئي رهيا هئا جنهن جي ڊگهي بج (Fur) هوا ۾ جهومي رهي هئي. هريانا ۽ اتر پرديش جهڙن ڏوڙاٽيل صوبن ۾ مينهن ڪري اڄ ڏوڙ ۽ دز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بدران اسڪينڊينوين ملڪن وانگر Atmosphere صاف ۽ شفاف لڳي رهيو هو جڻ ايئر ڪنڊيشنر مان هوا فلٽر ۽ ٿڌي ٿي اچي رهي هجي. فضا ۾ عجيب سڳنڌ سرهاڻ هئي جڻ ڪنهن اعليٰ قسم جي خوشبوءِ چوڌاري اسپري ڪري ڇڏي هجي ۽ ان پر سحر ماحول کي رکي رکي ڇيڙن، سوئرن ۽ مختلف فئڪٽرين مان ٿيندڙ Chemicals جي ڌپ قتل عام ٿي ڪيو.

هڪ هنڌ لکي آيو آهيان ته انڊيا جي شهرن جي سونهن جي اها نيگٽيو پوائنٽ آهي ته هر گهٽي ۽ روڊ تي مٽ جي ڌپ آهي. بخا اوڊڙي ٻاهر نڪرندڙ انڊيا جي آدمشماري لاءِ دهليءَ جهڙا راڄڌانيءَ ۾ به Toilets جي بندوبست نه آهي. هونءَ هتي جا ماڻهو هندو توڙي مسلمان ۽ سک عيسائي ادب آداب قائم رکڻ جا وڏا شوقين آهن پر مٽ لڳڻ تي جتي ڪٿي پتليون جي زپ کي هيٺ ڪريو بيهيو رهن. بس مان لنگهبو ته رستي تي بيٺل پهنجا مثانا خالي ڪندڙن جي اوگهڙ پئي نظر ايندي پر تر جيترو به نه هنن کي ۽ نه ڏسندڙن کي ان ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو ته رستي تان لنگهندڙن ۾ جيترا مرد آهن اوترئيون عوتون به آهن جيڪي پڻ هي لقاءُ ڏسي رهيون آهن. پر لڳي ٿو ته هن ماحول ۾ جنم وٺندڙ ننڍي هوندي کان هن نظاري ۽ ڌپ جا عادي ٿي چڪا آهن جيئن اسان وٽ رستن تي پيشاب بعد اڳٽ کي وات ۾ جهلي هٿ سٿڻ اندر داخل ڪري وٽ سارڻ جو اجر ڪٽيندڙ فقط ڌارين (يورپين وغيره) لاءِ تعجب جو سبب بڻجي ٿو ان سان گڏ عرب ملڪن ملائيشيا، انڊونيشيا جهڙن ملڪن جي مسمانن لاءِ پڻ ته اسان جي ملڪ جا ماڻهو هي ڪهڙي ثواب خير جي ڪم ۾ رڌل آهن جن کي رستي تان لنگهندڙ عورتن جو به خيال ناهي. بهرحال دهلي جهڙي وڏي شهر جي گهٽين ۽ رستن جو ڪو ڪنڊ پاسو اهڙو نظر نه ايندو جيڪو يورڪ ائسڊ سان ڇٽڪاريل نه هجي.

انڊيا ۾ مينهن جام پون ٿا پر ڏکڻ ۾. مهاراشٽرا ۽ انڌرا پرديش ۾ ۽ ان کان هيٺين صوبن ڪرناٽاڪا، ڪيرالا ۽ تامل ناڊو ۾. باقي مٿي وچ وارن صوبن ۾ اسان وارو حال آهي ۽ ڪراچي جي شهر وانگر دهلي جي هر گهٽي ۽ رستي تي ٿيندڙ ڪوٿائي سڄي شهر کي ڌووڙاٽي ڇڏيو آهي بلڪ ان کان بهتر ڪراچيءَ جي فضا ۽ رستا آهن. لاهور جا ته تمام تمام سٺا آهن.

هتي جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جتي Industrial Revolution آيو آهي ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جتي فيڪٽريون ۽ ڪارخانن ڪري عوام لاءِ روزگار جا ذريعا ۽ خوشحالي پيدا ٿي آهي اتي انهن ڪارخانن مان نڪرندڙ ڪيميڪلن ۽ زهريات بيماريون به پکيڙيون آهن.

اسان جي سنڌ ۽ پنجاب جي ڳوٺن ۾ به ڇيڻا ٿڦڻ هڪ عام ڳالهه هوندي هئي جيڪي سڪائڻ لاءِ ڇتين تي هنيا ويندا هئا. ننڍي هوندي هڪ چرچو (يا ٿي سگهي ٿو ته سچ به هجي) ٻڌو هوسين ته هڪ انگريز سنڌ جو هڪ ڳوٺ گهمڻ بعد پنهنجي حيرت جو اظهار ڪندي پنهنجي معلومات جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڳوٺاڻي کان پڇيو: "مهرباني ڪري اهو ته ٻڌاءِ ته توهان پنهنجين مينهن کي ڪيئن ٿا ٽرين ڪيو جو هو ڇت تي ڇيڻا لاهڻ بدران ڇتين تي ٿيون لاهين." بهرحال دنيا جي ملڪن ۾ ڇيڻا هڪ عام ۽ سستو Fuel آهي. منجهس Per Kilogramme ايتريون Calories (گرمائش يا رڌ پچاءُ جي طاقت) نه آهن جيتريون گاسليٽ يا ڪاٺين ۽ اڱارن ۾. پر جتي ملائيشيا وانگر ڪاٺ جام نه هجي يا جتي ننڍي ڪنڊ وانگر آدمشماري ۽ غربت گهڻي هجي اتي چانهه کان ٻوڙ ماني پچائڻ لاءِ ڇيڻا هڪ سستو، آسانيءَ سان ملندڙ ۽ Environment friendly ٻارڻ آهي. يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڇيڻ کي Direct ٻارڻ بدران وڏن پيپن (Cylinders) ۾ وجهي منجهانئس گيس پيدا ڪئي وڃي ٿي جيڪا Ethylene يا Propane ٽائيپ صاف گيس ٿئي (جنهن کي اسان وٽ عام زبان ۾ گوبر گيس سڏين ٿا) ۽ هيءَ ٻارڻ ۾ ڇيڻي وانگر گهٽو دونهون نٿي ڪري پر ڪي ڳوٺاڻا دونهين خاطر ئي ڇيڻا ٻارين ٿا جيئن مڇر ماڻهن ۽ وهٽن کي نه پٽين جن جو آزار هتي هندستان ۾ به ڏاڍو آهي. بلڪ اسان کان به وڌيڪ. جو هتي دهلي، آگري، هردوار توڙي امرتسر، سهارنپور ۽ بنارس ۾ اسان جي شهرن کان وڌيڪ گندگي آهي ۽ وڌيڪ مليريا آهي. فقط انڊين فلمن جي حد تائين انڊيا جا شهر ۽ ڳوٺ بهشت برين نظر اچن ٿا جن ۾ پريتي زنٽا، راني مڪربي، پريانڪا چوپڙا، سري ديوي ۽ مڌوءَ جهڙوين پريون نچندي ٽپندي ۽ رومانس ڪندي نظر اچن ٿيون باقي حقيقت ان فلمي خيال کان مختلف آهي جنهن ۾ اس ۽ ڏوڙ ۾ ڪوجهيون ٿيل ۽ ڏوڙاٽيل، پگهر ۽ ڇيڻن جي ڏپ واريون ئي عام رستن تي نظر اچن ٿيون جيڪي وٽ کان وڌيڪ آفيسن ۽ اوور ٽائيم يا ٻنين ۾ پورهيو ڪرڻ ۽ اڻ پوري خوراڪ ۽ آرام ڪري نبل ۽ نستيون لڳن ٿيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته هڪ ڪمزور ۽ ڪاري سنهي عورت هڪ ٿلهي ۽ ٻي ڊولي صحتمند کان وڌيڪ سمارٽ

لڳي ٿي ۽ پري جي ۽ پهرين Look ۾ اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هلندڙ عورتن کان هتي جون وڏيڪ Appealing لڳن ٿيون. خاص ڪري شهرن جون جيڪي نه فقط ڊگريون هولڊر آهن پر علم به اٿن ۽ نه فقط انگريزي ڳالهائڻ ۾ پر "چا ڳالهائڻ کپي" ۾ به هوشيار آهن.

بهرحال پاڪستان جي رهاڪن کي الله جو شڪر ڪرڻ کپي جو ٻين نعمتن سان گڏ اسان وٽ گيس به آهي جيڪا سالن کان نه فقط بلوچستان جي شهر سئيءَ مان نڪري رهي آهي پر سنڌ ۽ پنجاب جي ڪن ڳوٺن مان پڻ ڳولي وئي آهي ۽ جيستائين زمين هيٺ گڏ تيل ان گيس جو ذخيرو هلندو رهندو تيستائين اسان جي ملڪ جا ماڻهو چيٽن ٺڪڻ ۽ چوڏا ڪرڻ کان بچيا رهندا. وڻ ڪپي ڪاٺيون ۽ چوڏا ڪرڻ به آسان ڪم آهي پر اڄ جي هيڏي آدمشماري لاءِ ڪٿي آهن ايڏا وڻ جن جي ٻيڻنگ ڪئي وڃي. اڄ اسان جي ملڪ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اسان جي رڌڻن ۽ ڪارخانن ۾ ٻارڻ جي گيس نلڪن ذريعي ائين ٿي اچي جيئن پاڻي. ۽ ان گيس کان ته جاپان جهڙا ملڪ به محروم آهن. گذريل سال جاپان ۾ هجڻ دوران ڊبل روٽي جي ڳري قيمت کي نظر ۾ رکي اسان ٽوڪيو مان اٺو گهرايو ۽ چلهه تي ماني پچائي ڊبل روٽيءَ جو خرچ ٿي بچايو جيڪا ڪٿي به ڏيڍ سؤ ين (اسين روپين) کان گهٽ ناهي. ۽ تنهن ۾ به فقط ڇهه سلائيس ٿين. خبر پئي ته ماني پچائڻ تي جيتري گيس ٿي استعمال ٿئي اها ڊبل روٽيءَ جي قيمت کان مهانگي آهي.

جاپان ۽ انڊيا ملڪ (۽ ٻيا ڪيترائي) تيل ۽ پيٽرول وانگر گيس به ٻاهرن ملڪن مان گهرائين ٿا ۽ پوءِ سلينڊر ڀري گهرن لاءِ وڪڻن. اسان وٽ به ڪن ڪن هنڌن تي خاص ڪري پڪنڪ وغيره تي رڌ پچاءَ لاءِ سلينڊر استعمال ٿين ٿا پر اسان جي پنهنجي ملڪ مان نڪرندڙ گيس هجڻ ڪري انهن سلييندرن جي قيمت ايڏي ڳري ناهي جيتري جاپان ۾ آهي. يا هتي انڊيا ۾ آهي. ان ڪري ته انڊيا ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي ته ڌارين ملڪن کان پاڻيءَ جي جهازن (LG ۽ VLCC جهازن) ذريعي گيس گهرائڻ بدران پائيپن ذريعي ايران مان گهرائي وڃي ته من ڪجهه سستي پوي. جنهن جي پاڪستان پهرين اجازت نٿي ڏني پر هاڻ پنهنجي ملڪ مان گيس جا پائيپ لنگهڻ جي اجازت ڏني آهي. بهرحال هنن ملڪن ۾ اسان وانگر رڌ پچاءُ سستو نه آهي ۽ اسان وٽ هيڏي سستي گيس هوندي به اسان جو عوام ان کي مهانگو ٿو سمجهي ته هتي (انڊيا) جي هيٺين طبقي لاءِ جيڪو اسان جي ماڻهن کان به غريب

آهي ۽ گهٽ ”ڏهاڙي“ تي حاصل ڪري، اهو پارڻ لاءِ ڪيڏي سوچ ويچار ڪندو هوندو. اهوئي سبب آهي جو انڊيا جي هر هڪ ڳوٺ ۾ ڇيڻا استعمال ڪرڻ عام آهي. بس يا ٽرين ۾ لنگهبو ته هر ڳوٺ جي پر واري ٻهراڙيءَ ۾ ڇيڻن سڪڻ جا انبار نظر ايندا. ڪيترن هنڌن تي مينهن پاڻيءَ جي بچاءَ ڪارڻ ان کي کوهه وانگر گول شڪل ۾ اسٽور ڪري ٻاهران ڇيڻن سان ليپ ڏنو ويجي ٿو. پوءِ ضرورت مطابق، خاص ڪري سياري ۾ ان گڏ ٿيل اسٽور مان ٿورا ٿورا ڪري ڪڍيا وڃن ٿا.

اسان ڇاڇين جي بس هردوار کان ستر اسي ڪلوميٽر کن هلي روڪي نالي هڪ شهر وٽ پهتي. روڊ جي ڀرسان پاسي پارٽ آئل ۽ انڊيا آئل نالي پيٽرول پمپ ۽ انهن جي پر ۾ وڏيون هوٽلون هيون. ڪنڊياري جي دودي ۽ گهوٽڪي جي مهرچند جو اهو ارادو هو ته مٽن يا چڪن کاڌي وچي جو هفتي کان رڳو ڀاڄيون ۽ دال کائي رهيا هئاسين. گذريل هفتي کان دهليءَ ۾ رهائش اگروال ڌرمشالا ۾ هئي جتي جيتوڻيڪ گهوٽ جي پيءُ اسان جي دوست نولراءِ اوڏ اسان جي کاڌي لاءِ دهليءَ جا ٻه ٽي سنا مسلمان بورچي هٿ ڪري رکيا هئا پر ڌرم شالا وارن سختيءَ سان منع ڪيو ته انتظاميه جي پاليسي مطابق هتي ڪوبه پکي يا جانور ته ڇا پر بيضو به نٿو ٽري سگهجي. سو هاڻ رورڪي شهر جي بس اسٽاپ تي ڀرسان پاسي وڏيون هوٽلون ڏسي پڪ ٿي ته مٽن يا چڪن جو ٻوڙ ملي ويندو پر مهرچند وارن کي اهو ڏسي وڏي افسوس ٿيو ته سڀ هوٽلون Vegeteranian کاڌي جون هيون جتي قطار ۾ رکيل ديڳڙن ۾ فقط مختلف قسمن جون ڀاڄيون ۽ داليون رڌل هيون. ٻيٽارو جي پڙهيل ۽ هاڻي ڪنڊيارو جي بينڪ جي مئنيجر دودو اوڏ کي چيم ته توهان چڱا گوشت جا شوقين آهيو. آئون مسلمان ٿي ايڏو ڪون ٿو چوان جيترو توها.

”ڀائيجان! روز زور داليون کائي کائي بيزا ٿي پيا آهيون. سچ ته اسان کي توهان جو به خيال ٿئي ٿو ته اسان پاڻ ته نهيو پر توهان کي به رڳو ڀاڄيون ۽ داليون پيا کارايون.“

”منهنجي خيال ۾ توهان منهنجو فڪر نه ڪريو. آئون جهازن ۽ جاپان ۽ سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ رهيو آهيان جتي ڀاڄين ۽ دالين جي قيمت گوشت ۽ مڇيءَ کان وڌيڪ اهي. اهو هڪ اسان وٽ Complex آهي نه ته حقيقت اها آهي ته تازين ڀاڄين ۽ دالين ۾ Vitamins ۽ Proteins گهٽيون آهن. خاص ڪري ان گوشت کان جيڪو پوڙهي ۽ بيمار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جانور جو آهي يا جيڪو گهڻي وقت کان فروزن آهي.“

۽ پوءِ مهرچند ٺهڪ ڏيئي چيو: ”توهان مڙيئي پنهنجي دوست ۽ اسان جي سالي صاحب نولراءِ جو خرچ بچائيدائو.“

منهنجي پر ۾ ويٺل ڪنڌياري جي ڪاليج جي پروفيسر بسنت مون کي آهستي چيو: ”هي سڌرندا ئي ڪونه. سفر ۾ اسان کي ته جيڪي ملي ٿو کايو وڃو. گهرواري سک جي اميد رکڻ اجائي آهي.“

دودو، مهرچند ۽ پروفيسر بسنت اسان واري پيتاري جي دوست نولراءِ اوڏ جا پيٽوبا ٿين.

مهرچند جنهن جو گهوٽڪي ۾ بزنس آهي نولراءِ جي سڳي ۽ سڀ ۾ وڏي ڀيڻ پتليءَ جو مڙس آهي ۽ پروفيسر بسنت ۽ دودو، جيڪي ٻئي ڪنڌيارو رهن ٿا اهي نول جي ٻي ماءُ سوناري جي ڌيئن ميران ۽ شانتا جا مڙس آهن جيڪي ارجن داس ۽ رامچند جون سڳيون ڀيڻيون ٿين. دودي جي وڏي ڀاءُ مور جي زال ڪانتا پڻ نارائڻ داس اوڏ جي ٻي زال سوناريءَ جي ڌيءَ آهي.

ٻين هندن ۾ بدي جي شادي جو رواج آهي يا نه پر اوڏن ۾ آهي، جيئن نول جي ڀيڻ مهرچند جي زال آهي ته مهرچند جي ڀيڻ گيتا نول جي زال آهي. مهرچند کي پنج ڌيئرون ۽ چار پٽ آهي. پاڻ پنهنجي ننڍي ڌيءَ مونيڪا ۽ زال پتليءَ سان هتي آيو آهي. مونيڪا MBA ڪئي آهي ۽ ڪراچي جي ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ مارڪيٽنگ آفيسر آهي. اهڙي طرح هن جا ٻيا وڏا ٻاردرشن، چندرا، انيلا ۽ رجنا پڻ مختلف سبجيڪٽن ۾ گريجوئيٽ بعد پرائيويٽ ڪمپنين ۾ نوڪري ڪن ٿا.

هندستان جي نئين ٺاهيل صوبي اترانچل جي شهر رورڪي جي بس اسٽاپ تي مکڻ ڀاڄي ۽ پنير دال سان ماني کائي چانهه اچي بس ۾ ويٺي سين. رات جا نو ٿي چڪا هئا. بس اسٽاپ جي ٽڪري کي چڙهي باقي پري پري تائين اونداهه هئي. رکي رکي اينڊڙ ويندڙ ٽرڪ يا ڪمند سان ڀريل ٽرالر جي اچڻ وڃن جي روشني ٿئي ٿي يا رکي رکي آسمان تي کنوڻ جو چمڪاٽ ٿيڻ سان گڏ گوڙ جو ڌڏڪو ٿيو ٿي. آسمان اڇا ڪڪرن سان ڇانيل هو ۽ رکي رکي بارش جو وسڪارو به ٿيو ٿي. اهوئي سبب آهي جو اڄ جي هن سفر ۾ گرمي ۽ ڌوڙ تنگ نه ڪيو باقي رستن جو هتي به اسان وانگر اهڙو ئي ڪارو منهن ٿيو پيو آهي. هيٺ مٿي ويل،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڳل ۾ گپ سان ڀريل رستن تان ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ ۾ ڪافي دقت درپيش آئي ٿي. اسان وارن همراهن ويندي انهن جي زالن ڊرائيور کي رکي رکي چڙٻون ۾ دڙڪا ڏنا ٿي ته "ڀائي ذرا تيز چلائو." يا پنهنجو پاڻ ۾ ٿي چيائو ته "ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ نٿي اچي." وغيره پر نياڳو ڊرائيور ڇا ڪري رستو سوڙهو ۽ بيڪار قسم جون جنهن تان فقط هڪ ڪار اچي ۽ هڪ ڪار وڃي سگهي. ڪمند يا گاهه سان ڀريل ٽرالر ٿي آيو ته يا ان کي يا اسان جي بس کي روڊ تان اڏ کن هيٺ لهڻو ٿي پيو. رکي رکي بس آهستي هلندڙ ڏٺي گاڏين جي پوئان پوئان هلي ٿي. ڊرائيور هارن گهڻا ۽ زوردار ڏيئي گاڏو ڇڪيندڙ ڏٺي يا سانَ ۾ ان جي هڪلڻ واري کي ڊيڄاريو ٿي پر جيسين هن کي به ڪو سنوت وارو ڪچو رستو ملي جنهن تي لهي اسان کي وڌڻ جي جاءِ ڏئي يا جيسين سامهون کان ايندڙ ٽريفڪ گهٽجي جيئن سانَ گاڏيءَ کي بس اوور ٽيڪ ڪري اڳيان وڌي وڃي. يا ڪڏهن ڪڏهن وري اسان جي پنيان ايندڙ تيز رفتار گاڏين زور سان هارن ٿي ڏنا ته هيٺ ڪچي تي لهي کين رستو ڏيون. پر اسان جي ڊرائيور کي به ايترو عقل هو ته پنجاهه ڇٽن سان. ڀريل بس کي گپ هاٽي ڪچي ۾ لاهڻ سان ڪٿي هڪڙو پاسو هيٺ دٻجي نه وڃي ۽ پوءِ هيڏي ساري بس کي اوندهه ۾ ڪير ڌڪا ڏئي ڏٻڻ مان ڪڍي سگهندو.

بهرحال اها اسان سڀني لاءِ رعجب جي ڳالهه هئي ته هِهڙا اهم رستا جيڪي هريدوار (Haridwar) جهڙي اهم شهر ڏي وڃن ٿا جي جڻ ته هندن جو حج ٿو ٿئي ۽ اهوئي رستو جيو اڳتي هندستان جي هڪ ٻئي اهم شهر ديرادون (Dehradun) ڏي ٿو وڃي اهڙو آهي جهڙو اڄ کان پنجويهه سال اڳ ڪنڊڪوٽ جو رستو جڏهن قمر شهباز اتي ماستري ڪندو هو.

"ڀائو نول هي ڪهڙي مرزيل ڊرائيور جي بس Hire ڪئي اٿئي؟" مهرچند نول کي چيو.

"توهان کي ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي. هي ڊرائيور صحيح آهي." نول وراڻيو "هتي ڊرائيور وڏي سوچ ويچار کان پوءِ ڪرڻو پوي ٿو جو گهڻي ڀاڱي ڊرائيورن کي شراب پيئڻ جي پٽ آهي. سگريٽ ڇڪڻ ٻي ڳالهه آهي، شراب جي نشي ۾ گاڏي هلائڻ خطرناڪ آهي. اسان وٽ ان ڪري پاڪستان ۾ سنا ڊرائيور آهن جو نشو نٿا ڪن. وڏ ۾ وڏ ڏٺهي سفر وارا ٽرڪ ڊرائيور رستي جي هڪ اڌ هوٽل تي سوٽو هڻن ٿا پر هتي جو پورهيت ان ڪري بدبخت آهي جو جيڪي ڪجهه هو ڪمائي ٿو ان مان پنهنجو ۽ ٻارن جو پيٽ ڀرڻ بدران پهرين ٺرو پئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿو. خبر اٿئي آئون جنهن وقت بہ بس ڪريان ٿو تہ ان جي ڊرائيور جي پر ۾ بيهي منهن سونگهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو تہ ڪٿي شراب جي ڌپ تہ نہ اچي رهي آهيس. شراب پيئڻ وارو ڊرائيور توهان ڏي منهن ڪري ڳالهائڻ کان پيو ڪيٻائيندو.“

ڊرائيور انجڻ اسٽارٽ ڪري هڪ ٻہ هارن ڏنا هوٽل ۾ باقي ڇاڇي هڪ هڪ ٿي بس ڏي وڌڻ لڳا. نول اعلان ڪيو تہ هاڻ بس ڪي هلڻ ڏجي، ذري ذري چانهہ پيئڻ لاءِ بس اسٽاپن تي لهڻ ۾ وقت ٿو ضايع ٿئي. ”هاڻ گهٽ ۾ گهٽ اترانچل صوبو لتاڙي اتر پرديش جي شهر کتائلي ۾ هلي چانهہ پيئنداسين جتي ايندي وقت پڪوڙا ۽ سنبوسا کائون. ان بعد دهلي پهچڻ کان اڳ هڪ ٻئي شهر ميروت (Mreerut) اتر پرديش جو هي شهر ميروت جتي ايندي وقت بہ ترسيا هئاسين. دهليءَ کي ايترو ويجهو آهي جيترو حيدرآباد کي سکرنڊ. واٽ تي سعيد آباد وٽ سمجهو تہ غازي آباد جو تواريخي شهر آهي جتي دهليءَ کان بسون، ٽيڪسيون ۽ آٽو رڪشائون اينديون رهن ٿيون. ميروت جي ساڄي پاسي هڪ ٻئي پرسان قطار ۾ پر ٻين رستن تي، امروها ۽ مراد آباد شهر آهن جيئن ٽنڊو ڄام، ٽنڊو محمد خان ۽ ڪوٽڙي. دراصل هندستان جي هن صوبي اتر پرديش ۾ ڪيترائي تواريخي شهر آهن جيڪي مسلمانن توڙي هندن لاءِ اهميت رکن ٿا ۽ سندن ذڪر ننڍي هوندي تاريخ ۾ يا هندستان کان لڏي آيل مهاجرن کان ٻڌو ويو آهي. ڪجهہ شهر جن ڏي هتان دهليءَ کان بسون ائين وينديون رهن ٿيون جيئن حيدرآباد کان هالا، ميرپوخاص، سيوهڻ، ٺٽو وغيره هن ريت آهن: لکنؤ ڪانپور، جهانسي، گورکپور، بدايون، بلند شهر، بريلي، الهہ آباد، علي ڳڙهہ ۽ آگرو وغيره. انهن مان ڪجهہ شهرن ۾ وڃي چڪا آهيون يا ٻئي صوبي ۾ وڃڻ وقت انهن شهرن ۾ ترسيا آهيون جيئن هينئر دهليءَ کان هردوار ويندي ايندي بہ صوبا لتاڙيٽا پيا.

ڇاڇي سڀ بس ۾ وينا تہ بس چرڻ لڳي، نولراءِ جي وڏي ڀاءُ حشمت راءِ جي پٽ انجنيئر راٽي رڙ ڪري ڊرائيور کي ڪوسٽو ڪيسٽ هلائڻ لاءِ چيو. بلڪل اڳيان ٻي قطارن ۾ آئون وينل هوس. پائي ذرا. ”رقص کي ڪيفيت“ وارا گانا هلائجان.“ مون لقمو ڏنو مانس. ڇو جو ويندي وقت بہ هن جيڪي گانن جا ڪيسٽ پئي هلايا سي ”روح جي وندر“ يا ”تازگي بخشڻ“ بدران مٿي جو سور گهڻو هئا.

ڊرائيور ڪيسٽن جي ٿڦيءَ مان مٿيون ڪيسٽ ڪڍي ٽيپ رڪارڊ ۾ وڌو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آجا پيا توهي پيار دون، بينان تم پہ وار دون

”واهہ واهہ! زبردست“ گاني جا ٻول شروع ٿيڻ سان ئي مون داد ڏنو.

ڀائيجان خير؟

منهنجي پويان ويٺل دودي منهنجي ”واهہ واهہ“ واري ادا تي ڪلنديءَ چيو.

”بابا هي اسان جي جوانيءَ جي ڏينهن جو گانو آهي جڏهن اسان ڪيڊٽ ڪاليج چڏي مٿرين انجنيئرنگ لاءِ چٽگانگ (هاڻ بنگلاديش) ۾ داخلا ورتي هئيسين.“

”واقعي؟“ مهرچند تعجب ڪائيندي پڇيو.

”لتا جا ههڙا سريلا گانا ان وقت جون اسان جون دلپسند هيروئنون وحيده رحمان ۽ ٻيون اهي ڪونڙي ۽ حيدرآباد ڪان انڊيا ويل سنڌي فلمي هيروئنون ساڌنا ۽ ڪمود ڇڳاڻي جهڙيون فلمن ۾ ڳائينديون هيون.“

جهاز تي Sail ڪرڻ وقت بہ منهنجي دلپسند هئي يا نہ پر منهنجي بنگالي ڪلاس ميٽ جي وحيده رحمان فيوريٽ فلم ائڪٽريس ضرور هئي جو ان جو فوٽو فريم ڪرائي هن پنهنجي ٽيبل تي رکيو هو. ۽ جهاز جو اسٽيورڊ روزانو صبح جو ڪئبن ٺاهڻ وقت ٻين شين سان گڏ ان جي بہ Dusting ڪندو هو. پر پوءِ جيئن ئي ڪجهہ بندرگاهن بعد جهاز بنگال جي بندرگاهہ چٽگانگ ۾ آيو ۽ فخروءَ جي ٽيبل تي فلم ائڪٽريس جو فوٽو سندس اوچتو آيل پيءُ ڏسي، فخروءَ کي دٻ پئي تہ ان کي ان ئي وقت جهاز جي Port_ hole (دريءَ) مان هيٺ خليج بنگال ۾ ٽڏو ڪيو ويو. يعني وحيده رحمان جي تصوير کي.

”ان وقت توهان جو دلپسند هيرو ڪير هو؟“ دودي پڇيو.

”توهان کي تعجب لڳندو تہ اسان جو فيوريٽ هيرو شمي ڪپور هو. تن ڏينهن ۾ اميتاڀ وغير جهڙا اجا ميدان ۾ نہ لٿا هئا. راجڪپور وڏا خرچ ڪري پنهنجن پٽن کي متاثهو ڪرڻ لاءِ ”ايوننگ ان پئرس“ جهڙيون فلمون نہ فقط ٺهرايون هيون پر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ Distribution ڪئي هئي ۽ اسان اهي فلمون بيروت، ممباسا ۽ ڪولمبو جهڙن بندرگاهن ۾ ڏٺيون. پوءِ سگهوئي سن 1970ع ڌاري سنگاپور ۽ دبئي ۾ راجيش کنا ۽ اميتاڀ جون فلمون ڏسي دبي مهانڊي شمي ڪپور کي وساري نون جي تعريف ڪڻ لڳاسين. 1970ع تائين تہ ٽي وري يا ڪيسٽ رڪارڊ بہ اهڙو عام نہ ٿيو هو. وڊيو ۽ ڪمپيوٽر جو تہ ڪنهن سوچيو بہ

ڪونہ هو. هر بندرگاهہ ۾ وڏي وندر انڊين فلمون ڏسڻ هو. سئنيما هال بندرگاهہ کان ڪيترو بہ پري هجي، بس نہ ويندي هئي تہ ٽيڪسيءَ ۾ اتي پهچي ويندا هئاسين. اڄ ٿو سوچيان تہ اهي فلمون Video تي اڄ هر ڪو گهر ۾ بہ ڏسي سگهي ٿو. اسان بيروت، ڪولمبو، سنگاپور، پينانگ ۽ بئنڪاڪ جهڙن ڪئين بندرگاهن جون تواريخي ۽ ثقافتي جايون گهمڻ ۽ ڏسڻ بدران فلمن پٺيان پئسي ۽ وقت جو زيان ڪندا رهياسين. ڇا ڪجي انهن ڏينهن ۾ پنهنجي وطن وربو هو تہ هر ڪو دوست يار پڇندو بہ انهن فلمن بابت هو. تن ڏينهن ۾ انڊين فلمون ڏسڻ وڏو Stauts Symbol هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# دهليءَ ۾ سنڌي ڇوڪرين جو اسڪول

منهنجي انڊيا اچڻ کان ٻه هفتا کن اڳ منهنجو پيٽارو جو ڪلاس ميٽ ۽ دوست نور احمد نظاماڻي پاڪستان حڪومت طرفان انڊيا ۾ ڏيڍ هفتي کن جو سيمينار اٽينڊ ڪري آيو هو. منهنجي انڊيا اچڻ جو ٻڌي هن مون کي دهليءَ ۾ هڪ سنڌي ڇوڪرين جو اسڪول ڏسڻ لاءِ تاڪيد ڪئي. هو ان اسڪول ۽ ان جي انتظاميه مان بيحد متاثر ٿي لڳو.

”دهلي وڃين ته اهو اسڪول ضرور ڏسجانءِ“ هن مون کي پنهنجي ڳوٺ ٽنڊو قيصر مان فون تي ٻڌايو.“ تون ليکڪ ماڻهو آهين اهو ڏسي ان تي ڪجهه ضرور لکجانءِ. منجهس 1200 کان مٿي سنڌي ڇوڪريون پڙهن ٿيون. اهو اسڪول اتي جي هڪ ڊائريڪٽر جنرل پروفيسر ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ اسان کي گهمايو هو. هو ان اسڪول جو Adviser پڻ آهي. سندس موبائين فون نمبر 9810532923 آهي ۽ اي ميل ائڊريس Daswani@vsnl.com آهي.

پروفيسر ڏاسواڻي پاڻ به هڪ دفعو ضياءالحق جي ڏينهن ۾ ۽ ٻيو دفعو هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ انڊيا جي حڪومت طرفان اسلام آباد ۾ سرڪاري ڪانفرنس اٽينڊ ڪري ويو آهي. هن ڀيري ته هو پنهنجو اصلوڪو گهر ڏسڻ لاءِ حيدرآباد به آيو جتي نظاماڻي صاحب جي هن سان ملاقات ٿي. نور احمد نظاماڻي پاڻ به ڪنهن NGO جو ڊائريڪٽر آهي ۽ ”ماڊرن ائگريڪلچر“ نالي هڪ انگريزي رسالي جو ايڊيٽر ۽ ڊان ۽ دي نيون انگريزي اخبارن جو Freelance ليکڪ پڻ آهي.

دهلي پهچي ٻن ٽن ڏينهن بعد مون پروفيسر ڏاسواڻيءَ کي فون ڪيو ۽ هن مون کي سنڌن اسڪول ڏسڻ, ٽيچنگ اسٽاف سان ملڻ ۽ مانيءَ جي دعوت ڪئي ۽ ٻڌايو ته هي اسڪول دهليءَ جي ڏکڻ موتي باغ واري علائقي ۾ آهي جيڪو ساڌو واسواڻي جي نالي سان: Sadhu Vaswani International School for Girls Shati Niketan, New Delhi 110021.شانتي نڪيتن ۾ آهي.

”پل جي هيٺان پهچي پوءِ کاٻي وڃڻ بدران ساڄي مڙندين ته سيڪنڊ اسٽريٽ وٽ

توکي نظر ايندو.“ پروفيسر ڏسواڻيءَ مون کي اسڪول جي ائڊريس چڱي طرح ذهن نشين ڪرائي.

ڪجهہ ڏينهن دهليءَ جي اوس پاس وارا شهر نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش جي شاديءَ لاءِ سنڌ کان آيل ڇڇ سان گڏ گروپ جي صورت ۾ گهمڻ بعد هاڻ جيئن ئي واندڪائي ٿي تہ اسڪول ڏسڻ لاءِ پروفيسر ڏاسواڻيءَ کي فون ڪيم تہ هاڻ اچڻ چاهيان ٿو.

”توهان 24 مارچ تائين ڪڏهن بہ اچي سگهو ٿا جو ان کان پوءِ 25 ۽ 26 هوليءَ جي ۽ 27 تاريخ آچر تي موڪل آهي ۽ اسڪول بند رهندا.“ هن ٻڌايو.

مون ساڻس 23 تاريخ مقرر ڪئي.

”منجهد ڏاري اچجو جيئن ماني بہ کائي سگهون.“ پروفيسر صاحب چيو.

”مانيءَ جي تڪلف ۾ نہ پئون جيئن وقت بچي پوي. آئون رڳو توهان سان ملڻ ۽ اسڪول ڏسڻ ٿو چاهيان. خبرن دوران چانهہ ڪٽي پيئنداسين.“

”چڱو جيئن توهان کي سهولت هجي.“

ڪالهہ 23 تاريخ هئي ۽ آئون دهليءَ جو وڏو گرلس اسڪول ڏسي آيس. پروفسير صاحب وٽ ڏهين بجي ملڻ جو پروگرام رٿيو هوم سو ڪلاڪ کن اڳ نائين بجي ڏاري تيار ٿي، ڪيمرا کڻي هتي جي ماڻهن جي عام ۽ فئوريٽ سواري ”آٽورڪشا“ لاءِ اچي بيٺس. هتي جي آٽو رڪشا اسان جي رڪشا جهڙي ئي آهي جنهن کي اڳيان موٽر سائيڪل ئي ڇڪي ٿي پر هتي هن کي فقط رڪشا چوڻ بدران آٽو رڪشا يا فقط آٽو چيو ويجي ٿو جو هتي انڊيا ۾ ان رڪشا کان علاوه هڪ ٻي بہ رڪشا آهي جيڪا مشيني پاور تي هلڻ بدران انساني طاقت تي هلي ٿي ۽ اها سائيڪل رڪشا سڏجي ٿي. هتي جي آٽو رڪشا اسان جي رڪشا کان ڪافي وڏي آهي ۽ ٽي ماڻهو تہ آرام سان ويهي سگهن ٿا ٻلڪ چوٿون بہ ڏکيو سکيو ويهي سگهي ٿو ۽ ايترو ئي Comforatooble آهي جيترو نندي ڪار. اسان جي رڪشائن وانگر هنن جون دونهون نہ ويٺل مسافر کي تنگ ڪري ٿو نہ پريان ايندڙن کي. دونهين تي ڪنٽرول رکڻ لاءِ هڪ تہ هي سڀ آٽو رڪشائون CNG گيس تي هلن ٿيون ۽ ٻيو تہ انهن جو Exhaust پائيپ هيٺ اهڙي هنڌ تي آهي جو ان جو سموڪ مٿي اچڻ تائين هوا سان ڪافي Dilute ٿيو وڃي. هتي جون سائيڪل رڪشائون ٿوري مسافريءَ لاءِ ٿورن پئسن تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هلن ٽيون. غريب ۽ ڏٻرا رڪشائن وارا ٻن ٻن ٽلهن متارن مردن يا عورتن کي ڇڪيان سيٽ تي ويهاري ڪڙ ڪٻڙ ۾ چاڙهين وارن رستن تان جنهن محنت سان هلن ٿا اهو ڏسي پهريان ڏينهن تہ افسوس ٿيندو هو تہ ايترو بار تہ جانور بہ ڍوئيندي ڪيٻائي پر ايشيا جي ٻين شهرن وانگر انڊيا جي شهر ۾ بہ جتي امير ماڻهن جا يورپ جي ماڻهن کان بہ وڏا ٺاٺ ۽ عيش آهن اتي انهن شهرن جي عوام جو وڏو حصو اهڙي غربت ۽ ڪسمپرسيءَ جي زندگي گذاري ٿو جيڪا هڪ جانور لاءِ بہ انسان جي دل ۾ ڪهل پيدا ڪري.

هونءَ تہ رستي تي هر وقت خالي رڪشائن جي قطار نظر ايندي هئي پر ڪالهہ پروفيسر ڏاسواڻي وٽ وڃڻ لاءِ نڪتس تہ خالي رڪشا نہ ملي. سڀ ڀريل لنگهي رهيون هيون جيڪا خالي ملي ان جو ڊرائيور اهو پڇي تہ موتي باغ مارڪيٽ ڪٿي آهي، ۽ آئون ڇا ٻڌايانس تہ ڪٿي آهي. بهرحال اهو اندازو لڳايم تہ ڪافي پري آهي. يعني آئون ڪٿي ڪلفٽن وٽ ويٺو آهيان تہ پروفيسر ڏاسواڻي جي آفيس جڻ تہ تاج بلوچ جي گلستان جوهر واري پراڻي سوجهرو آفيس تي يا ٽي سگهي ٿو تہ اجا بہ پري هجي جو دهلي تہ ڪراچيءَ جي آدمشاري توڙي پکيڙ ۾ ٻيڻي ٽيڻي ٿيندي ۽ جنهن علائقي ۾ آئون رهيو پيو آهيان ان جو هر رڪشا ڊرائيور هر ڏورانهين علائقي کان واقف نہ آهي ۽ هوڏانهن دير ٿيڻ تي پروفيسر ڏاسواڻي ڇا سوچيندو تہ سنڌي مسلمان کي نہ پئسي جو قدر آهي نہ وقت جو. آخر هڪ خالي رڪشا ۾ ٽپ ڏيئي چڙهي پيس.

”ڪهان چلنا هي؟“ رڪشا واري سوال ڪيو.

”هتان گهٽين مان نڪري پاس سئنيما واري مين روڊ تي تہ هل تہ ٻڌايائين ٿو.“

هو بہ چار گهٽيون لتاڙي پارت آئل واري پيٽرول پمپ وٽ مين روڊ تي اچي بيٺو. روڊ جي مٿان وڏن بلو رنگ جي بورڊن تي هڪ پاسي همدرد يونيورسٽي، بهائي ايرانين جو لوٽس مندر ۽ هندن جو ڪالڪا مندر هو تہ ٻئي پاسي نهرو پارڪ، امير خسرو پارڪ وغيره لکيل هئا. آئون منجهي پيس تہ ڪهڙي طرف هن کي رڪشا هڪلڻ لاءِ چوان. پيٽرول پمپ وٽ بيٺل ٽن چئن رڪشا وارن کان موتي باغ مارڪيٽ جو پڇيم جنهن تي هنن مون واري ڊرائيور کي ٻڌايو. جاءِ واقعي پري هئي، ڊرائيور اوستائين سمجهي ويو تہ آئون ڪنهن ٻئي شهر يا ملڪ جو آهيان دهليءَ جو هرگز نہ. هاڻ رستو معلوم ٿيڻ تي هن مون لاءِ پيو مسئلو ڪڙو ڪيو.

”ميٽر تي نہ هلندس، ميٽر خراب اٿم.“

”مڙيئي خير آهي ڪيترو وٺندين.“

”پنجاهہ روپيا.“

”چڱو پنجاهہ ۾ بہ هل.“ مون چيو مانس گذريل هفتي ڏيڍ ڪان اسين هر رڪشا ۾ ميٽر بنا پيا هلون ۽ هن جا پنجاهہ روپيا بہ مفاصلي جي حساب سان اسان ڪراچي وارن لاءِ گهٽ آهن جو اتي صدر کان ايئرپورٽ تائين ٽيڪسي بہ سؤ روپيا تي وٺي ۽ هتي هي جنتر منتر واري ٽيڪسي ٽيهہ چاليس روپيا ڪن تي وٺي.

اسان جو بحث هلي رهيو هو اتي ڪو موٽر سائيڪل تي پوليس وارو اچي لنگهيو تنهن بيهارڻ جو سبب ميٽر خراب جو پڇڻ ڊرائيور کي دڙڪو ڏيئي ۽ مون کي بي رڪشا ۾ ويهڻ لاءِ چيو جيڪو ميٽر کي هيٺ ڪري سڌو تي ائين هلڻ لڳو ڄڻ ڪو رڪوع ۾ بيٺو هجي. پوليس واري پهرين کي ذري گهٽ چالان تي ڪيو تہ جڏهن ميٽر صحيح نہ هو تہ گهران نڪتين ڇو. پر پوءِ معافيون وٺن تي پوليس واري ڇڏي ڏنس. آئون بہ ٻنهي (يعني پوليس واري ۽ پهرين رڪشا واري) جي مختلف طرفن ڏي روانو ٿيڻ تائين پوئين آرسيءَ ۾ ڏسندو رهيس تہ پوليس وارو رشوت ۾ ڪو نوٽ تہ نٿو وٺيس. پر نہ. اهڙي ڪابہ سين نہ ٿي ان ڪري ان جو احوال لکڻ کان عاجز آهيان. آئون نٿو چوان تہ هتي جي پوليس ڪا پاڪ پوتر آهي ۽ نہ هتي جي پوليس جا ملائيشيا ۽ جاپان جي پوليس جهڙا ڳرا پگهار آهن، پر هتي اهي ذليل نظارا نٿا ڏسجن جن جي اسان وٽ باهہ ٻري پئي آهي. اسان جي پوليس تہ ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙيلن واري ڦر پئي ڪري ۽ مٿان وري اهو راڳ بہ پئي ڳائي تہ ”قوم کي خدمت کرنا هي فرض همارا!“ شايد اهوئي سبب آهي جو انڊيا جي عوام پوليس کان ڊڄي ٿي. هنن کي خبر آهي تہ انڊيا جو ٻچڙيوال ۽ غريب پوليس وارو جيتوٽيڪ بک تي ڊيوٽي پيو ڏئي پر سولو وڪامڻ وارو ناهي شهر ۾ ورولي ڪو ڪٿي ڪٿي پوليس وارو نظر ايندو ۽ ان سنهي لوڪڙ جهڙي چوڪراٽ جو اشارو بہ وڏن ٽرڪ ڊرائيورن ۽ لارين وارن کي ڏڪايو ڇڏي جو کين خبر آهي تہ ان پوليس واري جي پويان سڄو پوليس فورس ۽ حڪومت آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ هن کي خريد ڪرڻ سولو ناهي. هڪ بہ دفعا رستي تي چيڪنگ لاءِ بيٺل اڪيلي پوليس واري کي ڏٺم جيڪو رستي تان لنگهندڙ مشڪوڪ گاڏين جي چيڪنگ ڪري رهيو هو. هن جنهن کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿي ڏنڊيءَ سان اشارو ڪيو ان يڪدم پنهنجي گاڏي پاسي تي بيهاري ٿي ڇڏي ۽ پنهنجا ڪاغذ ڪيڊي ڏيکاريا ٿي. اسان وٽ (پيو نه ته گل بائي ۾ ماڙيپور واري علائقي ۾ ٿي هلي ڏسو) ٿي ٿي پوليس وارا بيٺا هوندا. پوليس وارو سيٽيون وڄائي هنن کي بيهارڻ جي ڪندو. ڪو گاڏيءَ وارو بيهندو ڪو (جنهن وٽ صحيح ڪاغذ يا لائسنس نه هوندا) نه بيهندو. ڪڏهن ڪڏهن ته بدمعاش يا اثر رسوخ وارن مالڪن جا ڊرائيور بيهڻ جو اشارو ملڻ تي خار ۾ پوليس واري کي بجو ڏيئي هليا ويندا. هڪ اهڙي بس ڊرائيور کان اڳتي هڪ سنگل وٽ پهچي ان بابت پڇيم ته ائين ڪرڻ سان ڊپ نٿو ٿئي جڏهن ته ٽئڪسي ۾ گاڏيءَ جا ڪاغذ به پورا نه اٿئي؟

”ته ان لاءِ ته هنن...... کي روزانو سؤ روپيا ڏيون ٿا. پوءِ وري هي سيٽيون وڄائي اسان جو وقت ڇو ٿا خراب ڪن.“ هن وراڻيو.

هڪ سنڌي ASI کان پڇيم ته اهڙن بي قانوني ڊرائيورن تي سختي ڇو نٿا ڪريو.

”سائين اهي ئي ته آهن جيڪي وڏن صاحبن جي خرچ پکي لاءِ رشوت ٿا ڏين ۽ پيو ته هر گاڏي ڪنهن وڏي آفيسر جي آهي. ڪنهن ۾ هٿ وجهي ڪنهن ۾ وجهون, هتي ڪين جهليندا سين ته اڳيان ڪين ڇڏيو ويندو. ان ڪري پيا ٿا زماني کي منهن ڏيون ۽ نوڪريون ڪريون.“

بهرحال دهليءَ جو هي رڪشا ڊرائيور من کي اڳيان ونندو هليو رستي تي مواچند هاسپيٽل وٽ مون رڪشا کي بيهاري پروفيسر ڏاسواڻيءَ کي PCO تان فون تي ٻڌايو ته اچان پيو. جيتوڻيڪ پهچندي ٿوري دير ٿي وئي. هن رڪشا واري کي Exact Iocation ٻڌائي ۽ پوءِ باقي رستا پار ڪري ڊرائيور شانتي نڪيتان مان اچي ڪيڊيو جتي جي هڪ وڏي عمارت جي مين گيٽ تي ”ساڌو واسواڻي انٽرنيشنل گرلس اسڪول“ لکيل هو.

اسڪول جي گيٽ تي لهي گارڊ روم ۾ رکيل رجسٽر تي پنهنجو نالو ائڊريس ۽ اسڪول ۾ اچڻ جو سبب لکيو ۽ پوءِ ريسپشن تي پهتس ته اتي جي ڪلارڪ ڇوڪريءَ يڪدم نوڪر کي سڏ ڪري مون کي پروفيسر ڏاسواڻيءَ وٽ موڪليو.

پروفيسر صاحب هن وٽ وينل وائيس پرنسپال ۽ هڪ ٻن بين ليڊي ٽيچرن سان مون کي ملائيندي هنن کي ٻڌايو ته الطا جهازن جو انجنيئر ۽ پروفيسر هوندي ليکڪ پڻ آهي, جنهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جا سنڌي ۾ لکيل ڪتاب پنهنجي لئبريري ۾ پڙ آهن.

پروفيسر ڏاسواڻي ۽ مون کي سنڌي ۾ ڳالهائيندو ڏسي هڪ نان، سنڌي ٽيچر ڏاسواڻيءَ سان حيرت جو اظهار ڪيو تہ توهان انڊين سنڌي ۽ پاڪستاني سنڌي هڪ ٻئي جي زبان سمجهو ٿا.

Why Not ڏاسواڻيءَ جواب ڏنس.

”انڊيا جي تامل ناڊوءَ جو هڪ هندو تامل، سريلنڪا جو عيسائي تامل ۽ ملائيشياجو مسلمان تامل بہ تہ هڪ ٻئي زبان تامل ڳالهائين ۽ سمجهن ٿا.“

”هن جو مطلب شايد اهو هجي تہ اڄ صديءَ جي Gap ۾ اسان جي سنڌيءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا ۽ توهان جي سنڌيءَ ۾ هندي ۽ سنسڪرت جا ايترا لفظ اچي ويا هجن جو پاڻ کي هڪ ٻئي جي سنڌي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي.“ مون چيو.

”ڏارين زبانن جا لفظ آيا آهن پر تمام گهٽ ۽ مزي جي ڳالهہ اها تہ عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ اسان جي بہ سنڌي ۾ اچي ويا آهن بلڪ عرب ملڪن ۾ انڊيا جا ايترا تہ ماڻهو ڪم ڪن ٿا جو هنديءَ ۾ ٿي ڪيترا لفظ عربيءَ جا اچي ويا آهن.“ پروفيسر ڏاسواڻي ٻڌايو.

چانهہ تي ڏاسواڻي ٻڌايو تہ هو 1936ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. حيدرآباد جو اصل نالو خدا آباد بہ هو. ”اسان حيدرآباد جا پراڻا رهواسي هجڻ ڪري اسان اڄ بہ هتي خدا آبادي سڏجون ٿا.“

ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ پرائمري تعلمي حيدرآباد مان وٺڻ بعد ايم اي، انگريزيءَ ۾ 1959ع ۾ آگره يونيورسٽي مان ڪئي ان بعد Linguistics (زبانن جي ڄاڻ) ۾ ايم اي ۽ پي ايچ ڊي 1996ع ۾ آمريڪا جي ڪارنيل يونيورسٽيءَ مان ڪئي، پاڻ پنهنجو Teaching Carrier 1952ع کان ديرادون جي پاوناٽي پرائمري اسڪول کان شروع ڪيو ۽ دهلي يونيورسٽيءَ جي ديال سنگهہ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرر ٿي رهيو ۽ پوءِ نهرو يونيورسٽي ۽ پونا يونيورسٽي ۾ پروفيسر ۽ هينئر ڊائريڪٽر آهي.

پروفيسر چندر ڏاسواڻي ٻڌايو تہ هي اسڪول ساڌو واسواڻيءَ جي Mission جو هڪ حصو آهي.

”ساڌوءَ واسواڻي هميشہ چوندو هو تہ نياڻي کي پڙهايو ڪابہ قوم تيستائين سرخرو ۽

طاقتور ٿي نٿي سگهي جيستائين ان جي نياڻي کي علم جهڙو زيور نٿو ڏنو وڃي. تعليم يافته ڇوڪري هڪ سٺي ماءُ بڻجي سچي ڪتب کي سکي بنائي سگهي ٿي. هوءَ پنهنجن ٻارن کي اخلاق اندر رکي سگهي ٿي. ڇو جو ٻار جي نيپاج تي ماءُ جو ئي وڏو اثر ٿئي ٿو اهائي ٻار سان گهڻو وقت گهر ۾ رهي ٿي، پيءُ ته روزگار خاطر سڄو ڏينهن آفيس يا ڪارخاني ۾ گذاري ڇڏي ۽ هن جو ٻارن سان ايترو Interact نٿو رهي جيترو ماءُ جو.“

پروفيسر چندر وڏيڪ ٻڌايو ته حيدرآباد جو ميران اسڪول به ساڌوءَ ٺهرايو هن جو ان کي اڳتي هلي يونيورسٽي ناهڻ جو ارادو هو. هن ته هندستان جي ورهاڱي تي به سنڌ نه ڇڏي، هن کي سنڌ ۾ رهجي ويل هندن ۽ مسلمانن به نٿي ڇڏيو پر پوءِ اڳتي هلي هڪ ته هتان هندستان کان پاڪستان لڏي ويل مسلمانن ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو ۽ ٻيو هيڏانهن انڊيا لڏي آيل هندن به هن کي لکيو ته توهان جهڙا ماڻهو جيڪر هيڏانهن اچي اسان جي مورل سپورٽ ڪن ته اسان جي به همت افزائي ٿئي ۽ پوءِ 1950ع ڌاري ساڌو واسواڻي سنڌ ڇڏي هندستان آيو.

ساڌو واسواڻي 25 نومبر 1879ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ شاعر، فلاسفر ۽ عظيم استاد هو جنهن انسان ذات جي خدمت ۾ پنهنجي زندگي گذاري ڇڏي. هن جو گهڻو زور علم حاصل ڪرڻ جي پرچار تي هو. هن 1931ع ۾ (جڏهن پاڻ پنجاهه ورهين جو هو ته) حيدرآباد ۾ ”سخي ستسانگ“ (Sakhi Satsang) نالي سان پنهنجي تحريڪ جي شروعات ڪئي. انڊيا اچڻ بعد ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي مشن کي وري جاري رکيو ۽ هاڻ هن جي تحريڪ Brotherhood Assoication جي نالي سان ڪم ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر پوني کي ناهيو. تعليم سان گڏ هاڻ هو ڪميونٽي جي خدمت جا ڪم پڻ ڪرڻ لڳو. خاص ڪري غريبن جو مفت علاج ڪرڻ لاءِ اسپتائون قائم ڪرڻ شروع ڪيون.

پوني شهر جي ريلوي اسٽيشن مان نڪرڻ تي ڪجهه فاصلي تي ساڌو واسواڻي نالي هڪ روڊ اچي ٿو جنهن جي چوراهي تي ساڌوءَ جو پتل ۽ ٽامي جو ٺهيل هڪ ڏهه فوٽ ڊگهو Statue لڳل آهي. شهر جي وچ ۾ ساڌو واسواڻي مشن جي خوبصورت عمارت ٽن ايڪڙن جي پلاٽ تي ٺهيل آهي جتي هن سنڌ توڙي دنيا جي شهرن ۾ رهندڙ ساڌوءَ جا شيدائي ڪجهه ڪلاڪن يا ڪجهه ڏينهن لاءِ پوني اچن ٿا ته ان ۾ رهن ٿا.

1966ع ۾ ساڌو واسواڻي جي ديهانت بعد سندس مداحن سندس مشن جو نالو ”بردرهڊ

ايسوسيئيشن“ مان بدلائي ”ساڌو واسواڻي مشن“ رکيو آهي ۽ هاڻ هن مشن هيٺ هلندڙ خير جا ڪم ”دادا جشن پي واسواڻي“ جي نظر هيٺ ٿين ٿا. داد واسواڻي جا ليڪچر صبح جي وقت انڊين چينل Sony تان روزانو اڌ ڪلاڪ لاءِ اچن ٿا. جهيڻي آواز ۽ ڪمزور صحت وارو هي جهور پوڙهو عالم اڄڪلهه سنڌ وچٽو آهي جتي هو ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ ليڪچر ڏيندو.

ساڌو واسواڻي جي مشن ان ۾ يقين رکي ٿي تہ سڀني مذهبن ۾ ساڳي ڳالهہ آهي ۽ سڀني جي عالمن اوتارن، پيغمبر جي عزت ڪجي. اهوئي سبب آهي جو هتي دهلي جي هن اسڪول ۾ توڙي ساڌو واسواڻي جي ٻين ادارن ۾ هر مذهب ۽ ان جو نياپو پهچائڻ وارن جو ڏينهن وڏي عزت ۽ احترام سان ملهائين ٿا. ساڌو واسواڻيءَ جو هڪ هنڌ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل قول/ شعر پڙهيم:

In all religions Light is Thine
In all the Saints the Picture is Thine.

پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ ٻڌايو تہ دهليءَ جي هن اسڪول يعني ساڌو واسواڻي گرلس اسڪول ۾ ڪي جي ۽ نرسريءَ کان وٺي ڏهين ۽ ٻارهين تائين ڪلاس آهن. يعني هڪ دفعو جڏهن ڇوڪري نرسريءَ ۾ داخلا وٺي ٿي تہ ٻارهن ڪلاس پاس ڪري نڪري ٿي يعني هوءَ هن اسڪول ۾ زندگيءَ جا چوڏهن سال گذاري ٿي. هتي تعليم وٺندڙ شاگردياڻين جو پنهنجو پاڻ ۾ هن اسڪول سان هڪ اڻ ٽٽندڙ رشتو ۽ پيار رهي ٿو.

ڪلاس ڏهين تائين سڀني کي ساڳيا سبجيڪٽ ڪٽڻا پون ٿا ان بعد مئٿس، بائلاجي، ڪامرس، هوم ايڪانامڪس ۽ هاڻ بايوٽيڪ بہ شروع ڪرايو ويو آهي. هر ڪلاس جي شاگردياڻين جي تعداد مطابق بہ يا ٽي سيڪشن آهن. زبانن ۾ انگريزي، هندي، سنڌي ۽ سنسڪرت پڙهائي وڃي ٿي. سنڌي نہ فقط پڙهائي وڃي ٿي پر هندي لکٽي بدران ان ئي عربي اسٽائيل ۾ لکائي وڃي ٿي جنهن ۾ اسان وٽ عام آهي. اسڪول ڏسڻ دوران آئون انهن ڇوڪرين جا نالا پڙهڻ لڳس جن مختلف ڪلاس مان هن سال سنڌيءَ ۾ ٽاپ ڪري انعام حاصل ڪيو آهي. ختاب آڏواڻي، پانو پنجواڻي، مالا آلواڻي، نينا پامباني، هينا سومائي، ڪارونا مامتاڻي، مڪتا ڇڳاڻي، لاٽيڪا ڏيماڻي وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جن چوڪرين کي هن سال ميرٽ مطابق اسڪالرون ڏنيون ويون آهن. انهن جا نالا پڙهيم: پاونا اسراڻي، ڪنچن ساولاڻي، پاوڪا پماڻي، نيها ملڪاڻي، ماهيما گلابراڻي وغيره.

ساڌو واسواڻي مشن جي سڀ کان وڏي خيراتي اسپتال پوني شهر جي ڪوري گائون پارڪ واري علائقي ۾ The Sadhu Vaswani Medical Complex ۾ آهي. هيءَ اسپتال دادا واسواڻي (Dada J.P. Vaswani) جي ڪوشش سان ٺهي راس ٿي ۽ هن جي ئي خواب جي پوئواري ڪري ٿي ته اها اسپتال جنهن ۾ بيمار کي داخلا کان منع ان ڪري نه ڪئي وڃي ته هو غريب آهي، اها اسپتال جتي هينائين کان هينائين ذات جي مريض جو به علاج ڪيو وڃي. دادا واسواڻي پنهنجن انگريزي ليڪچرن ۾ بار بار اهو چوندو رهي ٿو ته:

Every Patient is a Picture of God. To serve him is to worship God.

مٿين اسپتال کان علاوه ٻيون به ڪيتريون ننڍيون وڏيون اسپتالون ۽ ادارا آهن جيڪي "ساڌو واسواڻي مشن" هيٺ ڪم ڪن ٿا، جيئن ته ٻڌراڻي اسپتال جنهن جو افتتاح مدير ٽريسا 1989ع ۾ ڪيو. هن ۾ 22 ڊپارٽمينٽ، 86 ڪنسلٽنٽ، 270 وزٽنگ ڪنسلٽنٽ ۽ 186 نرسون ۽ 80 ٽيڪنيشن آهن. ويندي Dialysis مفت ۾ ٿئي ٿي.

1995ع ۾ موربائي نارائڻ داس ڪينسر انسٽيٽيوٽ ۽ ريسرچ سينٽر جو افتتاح دادا واسواڻيءَ ڪيو. هيءَ 150 بسترن جي اسپتال آهي ۽ سال ۾ اٽڪل پنج هزار مريضن جي ريڊئشن، ڪيموٿراپي ۽ سرجريءَ ذريعي مفت عالج ڪيو وڃي ٿو.

اسپتال ۾ رهائش ۽ علاج جو خرچ وغيره هندستان ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سخي هندو ڪن ٿا. اسپتال جي انتظاميه هر مرض جي علاج جو خرچ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ڪو چاهي ته هو هڪ غريب جي اکين جي آپريشن ڪرائي خير ڪٽان ته هو اندين 2100 روپيا يا پنجاهه آمريڪن ڊالر اسپتال جي انتظاميه کي موڪلي ڏئي. يا ڪو ڪنهن غريب کي مفت ۾ Dialysis ڪرائڻ ٿو چاهي ته هو اٺ سؤ روپيا يا ويهه آمريڪن ڊالر في ماٿهوءَ جي حساب سان موڪلي اجر حاصل ڪري سگهي ٿو. هونءَ هندوءَ کي پلي ڪو واڻيو (پڪو ڪنجوس) چوي پر حقيقت اها آهي ته هو خير جي ڪمن ۾ به پئسو خوب ٿو خرچ ڪري. اخبارن ۾ پڙهيو يا هتي رهڻ دوران ڏسان پيو ته ڪيترا اندين جيڪي آمريڪا، يورپ ۽ جاپان ۽ ٻين والتين ۾ رهيا پيا آهن ۽ هنن جو بزنس سنو هلي ويو آهي ته هو هتي پنهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وطن اچي غريبن جي خوب مدد ڪن ٿا. ڪي مخير حضرات اسپتالون ٺهرائين ٿا تہ ڪي اسڪول ۽ مندر تہ ڪي وري غريبن ڪي رهائش لاءِ گهر ٺهرائين ڏين ٿا. اهڙن قسمن جي ڪجهہ مشهور Philanthropists (سخي مردن) جو دلچسپ احوال هن سفر نامي ۾ يا ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ ضرور ڪنداسين. هو نہ فقط انسان ذات لاءِ پر جانورن ۽ پکين لاءِ پڻ پلو ڪرڻ چاهين ٿا. سنڌ ۾ اسان جيڪي ننڍي هوندي گهوڙن ۽ ٻين جانورن لاءِ پاڻي پيئڻ جا حوض حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ ڏٺا اهي سڀ هندن جا ٺهرايل هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد ڪنهن نوان تہ نہ ٺهرايا پر پراڻن جي بہ مرمت نہ ٿي ويتر انهن پلاٽن تي ئي قبضو ٿي ويو. عوام جي فرحت ۽ سک لاءِ جيڪي داس گارڊن ۽ رام باغ جهڙا حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ پارڪ ۽ باغيچا هئا، يا ڪراچي جهڙي شهر ۾ تعليم پرائڻ لاءِ غريب شاگردن جي رهائش جي بندوبست لاءِ هاسٽلون هيون سي پڻ سڀ هندن پنهنجي هڙون خرچ ڪري ٺهرايون. اسان وڏو ڇيهہ اهو ڪيو تہ نالا مٽائي مسلماني طرز جا رکڻ کي ئي خير جو ڪم سمجهيوسين. انڊيا ۾ عوام جي سک لاءِ جيڪي خيراتي پروجيڪٽ ٺهندا رهن ٿا اهي صاف ظاهر نظر اچن ٿا، انهن جون انتظاميون ايمانداريءَ سان خرچ هلائين ٿيون ۽ هتي توڙي پرديس ۾ رهندڙ هندو توڙي سک دل سان مالي ۽ جاني مدد ڪن ٿا جيئن دهليءَ جي هن ساڌو واسواڻي اسڪول لاءِ بہ هڪ طرف امير هندو پئسو موڪلين ٿا تہ ٻئي طرف پروفيسر چندر ڏاسواڻيءَ جهڙا قابل ۽ ايماندار ماڻهو صبح کان شام تائين ويهي ان کي بهتر کان بهتر طريقي تي هلائين ٿا جيئن غريبن غربي جا ٻار هڪ سٺي ماحول، ۾ نہ برابر خرچ تي اعليٰ کان اعليٰ تعليم حاصل ڪري قابل ٿي نڪرن ۽ ان قابليت جو ئي اسٽون اهو آهي جو آمريڪا ۽ يورپ تہ ڇا اسان جا عرب ملڪ توڙي ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ برونائي جهڙا مسلمان ملڪ بہ انڊيا جي ماڻهن کي نوڪري ڏيڻ پسند ڪن ٿا جو هنن کي صحيح تعليم ۽ قابليت آهي.

ڪنڊيارو ۽ حيدرآباد کان آيل هنن اوڏ ڇاڇين جو هتي هڪ اوڏ مائٽ وزير نالي آهي جيڪو پنهنجي تخلص "سائل" سان پاڻ کي سڏائي ٿو. هن جون ڳالهيون ٻڌڻ وٽان هونديون آهن. پاڻ سڪرنڊ ڳوٺ جو رهاڪو هو. ورهاڱي کان گهٽو پوءِ لڏي هندستان جي صوبي راجستان ۾ آيو ۽ هاڻ ٻارن جي پڙهائي ۽ نوڪري ڪري هتي دهلي جي هڪ علائقي هرڪيش نگر ۾ رهي ٿو. گهر جو نمبر 108 اٿس. جڏهن بہ ڪو پروگرام نہ هوندو اٿم تہ ڪيس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سندس موبائيل نمبر 55662377 تي فون ڪري ڪچهريءَ لاءِ سڏيندو آهيان. ڪچهري بي نہ پر شاهہ جا شعر اچي ٻڌائيندو آهي جيڪي هن کي اهڙا رٽيا پيا آهن جڻ ننڍي هوندي کان رڳو شاهہ جو رسالو پيو پڙهي.

هڪ ڏينهن هندن جي خير خيرات ۽ غريب ماڻهن جي ڀلي لاءِ خرچ ڪرڻ جي ڳالهہ اچي نڪتي. جنهن تي شاهہ جي شعر جو مثال ڏنائين تہ سائين روزا نمازون بہ سٺو ڪم آهي پر پروردگار کي وڌيڪ خوش ڪرڻ لاءِ خير جا ڪم بہ ضروري آهن. جيڪو رب جي راهہ ۾ خرچي ٿو ان کي الله بي حساب اهڙي طرح ڏئي ٿو جو هن کي خيال ۾ گمان بہ نٿو رهي.

”توکي خبر آهي تہ شاهہ لطيف جي ڏينهن ۾ هڪ هندو ڏاهو مدن لعل هو. هڪ ڏينهن شاهہ لطيف چيس تہ مدن لعل! حشر ويل حساب جي ڪافر ڪندا ڪيئن؟ يعني توهان هندو تہ روزا نمازون بہ نٿا پڙهو سو ڪيئن جنت ڏي هلندئو؟

مدن لعل چيو ان جو جواب ڏيندس پر هينئر نہ وقت اچڻ تي. هڪ دفعي ٻيڙي فل ٿي ماڻهن کي پتڻ اڪارڻ لاءِ هلي جنهن ۾ شاهہ لطيف بہ ويٺل هو اتي ڪپر تي مدن لعل آيو. هن بہ ٻي پار وڃڻ ٿي چاهيو. هن ٻيڙيءَ واري کي ڏاڍا سڏ ڪيا پر هو هن کي کڻڻ لاءِ واپس نہ ٿيو. اتي مدن لعل بہ آنا پاڙي بدران روپيو هٿ تي رکي ٻيڙيءَ واري کي ڏيکاريو تہ هو يڪدم موٽي آيو ۽ مدن کي اچي کنياٽين. ٻيڙيءَ ۾ ويهي شاهہ صاحب کي هن چيو تہ هڪ دفعو توهان مون سوال ڪيو هو تہ ”حشر ويل حساب جا ڪافر ڪندا ڪيئن؟“ ان جو جواب هاڻ ٿو ڏيانءِ تہ:

”هٿ جنين جا هيئن پهرين پتڻ سي لنگهن.“

بهرحال وزير اوڌ (سائل) جيڪو بقول سندس: ”ادا آئون نہ مسلمان آهيان ۽ نہ هندو. آئون بت هرگز نہ پوڄيندو آهيان.“ جو پڻ اهو عقيدو آهي تہ جيڪو هٿ جو کلئو رهندو ۽ الله جي واٽ ۾ غريبن مسڪينن جي مدد ڪندو ان کي الله هرگز نہ ڇڏيندو ۽ تي سگهي ٿو پهرين انهن کي پتڻ ٽپائي، پل ٽپائي جنت ۾ داخل ڪري.

بهرحال هتي اسان سنڌ جي هڪ شهر حيدرآباد جي رهواسي ساڌو واسواڻي جي فقير منش طبيعت ۽ ان جي مشن جي ڳالهہ بيان ڪريون تہ هن جيڪا تحريڪ حيدرآباد سنڌ کان شروع ڪئي اڄ ان جون شاخون ۽ خدمت ڪرڻ جا ادارا انڊيا جي 22 شهرن ۾ آهن ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دنيا جي اٽڪل 36 ملڪن ۾ آهن جن مان ڪجهه هن ريت آهن: لنڊن، ميامي، هانگ ڪانگ، سنگاپور، پينانگ، (ملائيشيا جڪارتا (انڊونيشيا) بارسلونا (اسپين) دبئي، نيو جرسي، بوسٽن (USA) جهانسبرگ (سائوٿ آفريقا) پاناما، ٽرنيڊاد، سوٽا وغيره. دادا واسواڻي انهن مڙني جاين تي پروگرام ۽ ليڪچر آرگنائيز ڪندو رهي ٿو.

پوني ۾ اسپتالن کان علاوه ميران موومينٽ جي نالي سان ساڌو واسواڻي مشن جا جيڪي اسڪول آهن، سي هن ريت آهن:

ميران گرلس ڪاليج.

ميران هاءِ اسڪول (سنڌي ميڊيم)

ميران پرائمري اسڪول (سنڌي ميڊيم)

ميران ٻال پون.

شانتي وديا مندر (ڪنڊر گارٽن، انگلش ميڊيم) ۽

ماٺوري ٻائي ڪرمچند محبوباڻي گرلس هاسٽل.

ان کان علاوه سنڌي زبان (عربي ۽ ديوناگري لکت) جا Crash ڪورس نون سکندڙن لاءِ هر وقت ٿيندا رهن ٿا جيئن سنڌيءَ کان اڻ واقف ماڻهو هي قديمي زبان پڙهي سگهن.

ساڌو واسواڻي مشن هيٺ ڪجهه رسالا ۽ نيوز ليٽر به ڇپجن ٿا جيڪي هن ريت آهن:

ماهوار East & West

ماهوار انگريزي Mira

مهيني ۾ ٻه دفعا سنڌي رسالو ”شيام“

ماهوار سنڌي ”سنت مالا.“

سنڌي ماهوار نيوز ليٽر ”سنت ساهتيا.“

ساڌو واسواڻي مشن هن ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجي ٿي:

www.sadhuvaswani.org

۽ هن مشن جي پوني واري پوسٽل ائڊريس هن ريت آهي:

Sadhu Vaswani Mission

10,Sadhu Vaswain Path

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Pune_411001.(Tel:625679,623847)

دهلي جي هن اسڪول ”ساڌو واسواڻي گرلس اسڪول“ مان نڪرڻ وقت اسڪول جي وائيس پرنسپال هن سال جي اسڪول مخزن جي ڪاپي ڏني جنهن جو نالو Karuna آهي. ٻه سؤ کن صفحن جي هن مئگزين ۾ انگريزي، هندي ۽ سنڌي سيڪشن آهي. سنڌي ديوناگوري لکت ۾ نه پر اسان واري عربي رسم الخط ۾ آهي. ڇپائي تمام صاف ۽ چٽي آهي. سنڌي سيڪشن ۾ اسڪول جي ڪيترين ئي ڇوڪرين جا مضمون، شعر ۽ لطيفا آهن. جهڙوڪ هنا ٽيڪ چنداڻي جو ”پريوءَ جو پيار ديپڪا تنواڻي جهڙي ڪرٽي تهڙي ڀرٽي گريماڪيسواڻيءَ جو ”جهولي لال سائين“ شعر، سونم بجلاڻيءَ جو ”اپديش جو اثر“ ۽ ٻيا ويهارو کن شعر ۽ مضمون آهن. نموني خاطر هتي ان مئگزين مان هڪ لطيفو ۽ شعر ”نه ملندو پئسي سان“ هوبهو نوٽ ڪيان ٿو.

هڪڙي عورت بس ۾ پئي وئي، ڪنڊيڪٽر کان پڇيائين، ”ٻا ٻار اڌ ڀاڙي تي بس ۾ مسافري ڪري سگهن ٿا يانه؟“ ڪنڊيڪٽر جواب ڏنو ”ها، اڌ ٽڪيٽ تي مسافري ڪري سگهن ٿا رڳو ٻارهن کان گهٽ هجن تڏهن.“

عورت خوش ٿيندي چيو ”شڪر آهي پرماتما جو مون کي نور ٻار آهن.“

۽ هاڻ آخر ۾ نموني خاطر ساڌو واسواڻي انٽرنيشل گرلس اسڪول جي مئگزين مان هڪ شعر پڻ هتي لکي رهيو آهي جيڪو نائين ڪلاس جي شاگردياڻي منيشا چيلاڻيءَ لکيو آهي.

**نه مندو پئسي سان**

پئسي سان ڪريم پائوڊر ملندو،
پر قدرتي حسن نه ملندو،
پئسي سان عينڪ ته ملندي،
پر اصلي نظر نه ملندي،
پسي سان زال ته ملندي،
پر ڌرم پتني نه ملندي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پئسي سان پلنگ تہ ملندو

پر ننڊ نہ ملندي

پئسي سان باجو تہ ملندو

پر سُر نہ ملندو

پئسي سان گود ورتل پٽ تہ ملندو

پر پنهنجي پيٽ جو پٽ نہ ملندو

پئسي سان زهر تہ ملندو

پر امرت نہ ملندو

پئسي سان مندر تہ ملندو

پر ڀڳوان نہ ملندو.

۽ آخر ۾ ساڌ واسواڻي جو سنڌ جي ياد ۾ انگريزي نظم جيڪو هن سنڌ ڇڏڻ بعد پوني (انڊيا) ۾ لکيو هو:

I remember trees

The dark blue clouds,

The waves of Sindhu,

How can I forget the by lanes

Of the village of my native land?

Oh, How I long to meet

The people of my land?

The people who were so poor

And yet so innocent

The beloved people of my land.

# انڊيا ۾ اسان جا رهندڙ اوڏو

اسان وٽ اوڏو برادري جا ماڻهو سنڌ ۾ حيدرآباد کان وٺي لاڙڪاڻي جيڪب آباد تائين رهن ٿا ان کان علاوه سنڌ کان ٿورو مٿيرو پنجاب جي ڏکڻ واري حصي ۾ به رهن ٿا. جيڪي هونءَ عام طرح سرائڪي ڳالهائين ٿا جيئن سڌن جا اوڏ سنڌي. سيئي اوڏن جي پنهنجي اوڏڪي مادري زبان آهي جيڪا بقول پروفيسر بسنت اوڏ جي سرائڪيءَ سان گهڻو ملي ٿي. پنهنجو پاڻ ۾ هو هميشه پنهنجي اوڏڪي زبان ۾ گفتگو ڪن ٿا. نه فقط پاڪستان جا اوڏ پر انڊيا جا پڻ. انڊيا ۾ مهاراشٽرا صوبي کان وٺي اترانچل صوبي ۽ دهلي جي راڄ ڌاٽي ۾ جتي ڪتي هزارين اوڏو فئمليون رهن ٿيون. دهليءَ کان ٿورو پر پرو ته هڪ سڄو ڳوٺ اوڏن جو آهي.

انڊيا ۾ رهندڙ اوڏن ۾ ڪيترا ته پهرين کان هتي جا رهاڪو هئا ۽ ٻيا ورهاڱي بعد يا ان کان پوءِ انڊيا اچي رهيا. اوڏ هميشه پنهنجي ڪميونٽي سان رهن ٿا جيئن آغا خاني ۽ بوهري وغيره ڇو جو اوڏن جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون ۽ پوڄا پاٺ جا طريقا هندن کان به مختلف آهن. اوڏ شاديون به پنهنجي ئي ذات نيات ۾ ڪن. هنن ۾ ٻين هندن وانگر ڏيڄ (Dowery) جو چڪر ۽ پريشر ناهي. هنن جو ايامن کان بدي جي شاديءَ جو وهنوار هلندو اچي. پنهنجي نياڻي جتي ڏيندا انهن کان پاڻ به پنهنجي پٽ لاءِ وٺندا. پوءِ ان ريت ڪيترن غريبن ڪٽنبن جو هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو ۽ پلو ٿيو وڃي. جيئن اسان جي دوست نولراءِ جي والد نارائڻ داس ڊپٽي ڪمشنر ٿي ڪري به پنهنجون نياڻيون غريب اوڏن کي ڏنيون ۽ سندس پٽن جيڪي ڪمشنر، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ نيوي ۾ ڪئپٽن ٿي ويا انهن غريبن گهرن جي اوڏ ڇوڪرين کي قبول ڪيو جيڪي هنن جي مقابلي ۾ پڙهيل ڳڙهيل به نه هيون. رامچند اوڏ جي جڏهن شادي ٿي رهي هئي ته هو پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج مان انٽر، NED ڪراچي مان سول انجنيئرنگ ۾ BE ۽ بئنڪاڪ جي يونيورسٽي مان ME ڪري هاڻ اسڪالر تي PH.D ڪرڻ لاءِ آمريڪا وڃي رهيو هو. ڳوٺان شادي ڪري هو آمريڪا ٿي ويا ته ڪجهه ڏينهن لاءِ اسان وٽ ڪراچي اچي رهيا هئا. سندس زال وزيرا ان کي اڙدو ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انگريزي تہ پري سنڌي بہ چٽي طرح ڳالهائڻ نٿي آئي. هوءَ اوڏڪيءَ ۾ ئي ڳالهائي رهي هئي. آمريڪا ۾ جنهن هنڌ رامچند کي رهائش ملي هئي ان پاڙي ۾ تہ ڪو اردو يا هندي ڳالهائڻ وارو پاڪستاني يا انڊين تہ نہ هو پر سڄي شهر ۾ نہ هو. رامچند کي ان جو ڪو فڪر نہ هو. پنهنجي Style ۾ مرڪندي چيائين پاڻهي ٻئي ڄڻا گڏجي انگريزي ڳالهائڻ وارن کي منهن پيا ڏينداسين ۽ پوءِ جڏهن ڇهن مهينن کان پوءِ اسان جو جهاز آمريڪا ويو آئون ساڻن ملڻ ويس تہ اهو ڏسي حيرت ٿي تہ ڇهن مهينن جي ننڍڙي عرصي ۾ ڊاڪٽر رامچند جي زال وزيران نہ فقط روان انگريزي ڳالهائي رهي هئي پر آمريڪن Accent ۾! سچ چيو اٿن تہ ڌارئي زبان ڳالهائڻ لاءِ Practice ضروري آهي ۽ نہ ڊگريون. اسان جي آس پاس ڪيترائي اهڙا مثال نظر ايندا جن ايم اي عربي، فارسي يا انگريزيءَ ۾ ڪئي هوندي پر انهن ملڪن جو ڪو اهل زبان ساڻن ڳالهائيندو تہ هو ان جي ڳالهہ ئي سمجهي نہ سگهندا جواب ڏيڻ تہ ٺيو پوءِ جي ڳالهہ. بهرحال هي اسان لاءِ پهرين اکين ڏٺو واقعو هو تہ هڪ ڪنڊياري پاسي جي ڳوٺ جي ڇوڪري جيڪا ڪڏهن حيدرآباد بہ نہ نڪتي هجي ۽ نہ وري ستر واري ڏهي جي شروعاتي سالن تائين ڪي انگريزي ٽي وي چئنل هئا جن تان هوءَ انگريزي ٻڌي سگهي سا شادي بعد پهريون دفعو ڳوٺ ڇڏي ڪراچي مان ٿيندي آمريڪا جي ڪولوروڊ رياست جي هڪ شهر ۾ وڃي ٿي جتي هوءَ ڇهن مهينن اندر اتي جي مڪاني ماڻهن جي آمريڪن اسٽائيل انگريزي سمجهي ۽ ڳالهائڻ لڳي ٿي. ڊاڪٽر رامچند ۽ سندس زال جو مثال آئون هميشہ پنهنجي پاڪستاني خاص ڪري سنڌ صوبي جي نوجوانن کي ڏيندو آهيان، جيڪي ولايت ۾ نوڪري ملڻ تي پنهنجن زالن کي پاڻ سان نہ وٺي وڃڻ جو اهوئي سبب ڏيندا آهن تہ ان ملڪ جي انگريزي، اسپيني، عربي يا ڪا ٻي ڌارئين زبان آهي ۽ سندن زالون ڪيئن گذارو ڪري سگهنديون. سچ تہ اهو آهي تہ ملائيشيا جي هڪ ٻيٽ نما ڳوٺڙي ۾ جڏهن مون کي نوڪري ملي تہ آئون اهو معلوم ڪري في الحال پريشان ٿي ويس تہ فقط آفيس جي چند سينيئر ماڻهن جي ٻيو سڄو اسٽاف فقط ملئي ٿو ڳالهائي ۽ سڄي ڳوٺ ۾ بہ ملئي ٿي ڳالهائي وڃي. پر پوءِ ملائيشيا ڇڏڻ بعد مون ڏٺو تہ پنهنجي جهازي انجنيئرنگ (Marine) جي Subject ۾ آئون ايڏو مشغول ٿي رهيس جو مون کان اڳ منهنجا ٻار ملئي سکي ويا ۽ ڪيترا لفظ مون کي ڪانئن پڇڻا پيا ٿي ۽ پوءِ تہ باقي اٺ نو سال رهڻ دوران ٻارن تعليم بہ اتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ئي اسڪولن مان ورتي.

بهرحال اوڏن جي پنهنجي مادري زبان اوڏڪي آهي ۽ اها سڀ ننڍي کنڊ جا اوڏ ساڳي ٿا ڳالهائين جيتوڻيڪ چيو وڃي ٿو تہ اها سرائڪي جي ويجهو آهي پر سرائڪي وري بہ مون جهڙي سنڌي ڳالهائيندڙ کي ڪجهہ نہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچيو وڃي ٿي پر اوڏڪي هرگز نہ. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ اوڏڪي تمام آڳاٽي زبان آهي. ان بابت اسان جي دوست نولراءِ جي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر گلاب راءِ تحقيق جو هڪ ڪتاب پڻ لکيو آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ وٽ ڇپائي لاءِ پهتل آهي. بهرحال وڌيڪ ان بابت ٻولين جا ڄاڻو ۽ عالم ڊاڪٽر ٻگهيو سراج ميمڻ، عبدالجبار جوڻيجو، سنديلو صاحب، عرساڻي صاحب جهڙائي ڪجهہ راءِ ڏيئي سگهن ٿا.

اوڏن جي شادين بابت لکي چڪو آهيان تہ هنن شاديون پنهنجي ذات ۾ ئي ٿين ۽ بدي تي ٿين ٿيون. جنهن وٽ ڇوڪري ناهي تہ اهو پئسا ڏئي پنهنجي پٽ لاءِ ننهن حاصل ڪري سگهي ٿو. بقول هڪ اوڏ جي هنن وٽ نياڻيءَ جو هجڻ ڪو مسئلو ناهي ڇو جو هنن وٽ ڏيج جو چڪر ناهي يعني نياڻي ڏيڻ سان گڏ ناڻو نٿو ڏئي جيڪو ٻين هندن ۾ (هاڻ ڪجهہ مسلمانن ۾ بہ) عام ٿيندو وڃي. اوڏن لاءِ بس اهو ضروري آهي تہ پنهنجي ذات جو هجي. اهڙين شادين جا ڪيترائي مثال هن سنڌ ۾ ساڳيا آهن، ڪنڌياري جو نارائڻ داس صاحب (اسان جي ڪاليج جي ساٿي اوڏن: ارجن داس، نولراءِ ۽ رام چند جو والد) جن ڏينهن ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو تہ انهن ڏينهن ۾ چتون مل اوڏ هڪ غريب پورهيت هو. پر پوءِ پنهنجن ٻن پٽن سري چند ۽ لڇمڻ جي رشتي لاءِ نارائڻ داس صاحب نہ فقط چتون مل کان سندس بہ نياڻيون، جهمي (شبانا) ۽ ريکا ورتيون پر پنهنجيون ڌيئرون ڪملا ۽ شانتا جو مڱڻو ننڍي هوندي ئي چتون مل جي پٽن مور ۽ دودي سان ڪرايو. چتون مل غريب ضرور هو پر هڪ غيرت مند ۽ محنتي اوڏ هو. هن ان رشتي بعد جيڪا محنت ڪري پنهنجن پٽن کي تعليم ڏيئي وڏي عهدي تي آندو اها هڪ الگ ڪهاڻي آهي. جيڪا اڄ جي ڪنهن بہ سست ۽ ٿوٽي ماڻهوءَ لاءِ اتساهہ ۽ سبق آهي ۽ وري چتونءَ جي پٽن بہ پنهنجو پاڻ کي لائق فائق بنائڻ خاطر محنت ۽ پورهيو ڪيو ۽ ڪنڌيارو جهڙي ڳوٺ ۾ رهي ڪري پنهنجي اولاد کي جنهن نموني سان تعليم ڏياري اهو مثالي ڪم آهي. اڄ دودي جي پنجن ٻارن مان هڪ ڌيءَ (ڪرڻ) ۽ هڪ پٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

(سريندر) ڊاڪٽر آهن ۽ ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ انجنيئر آهن. اهڙي طرح ٻئي ياءُ مور (يعني جنهن سان رامچند جي ننڍي ڀيڻ ڪملا جي شادي ٿي آهي) جي ٽئي ٻارن مان وڏو منوج انجنيئر آهي. ان بعد هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ ڊاڪٽر آهن ۽ ننڍي راڌا اڃا ٻارهين ڪلاس ۾ آهي).

هونءَ پنهنجن ۾ شادي ڪرڻ ۾ جتي ٻن فئملين جي بهتري ثابت ٿي آهي اتي هر ٻار ضروري ناهي ته دودو ۽ مور وانگر محنتي ۽ غيرت وارو ثابت ٿئي ان ڪري ڪيترائي پنهنجن ۾ سنگ مٽي جو سور پڻ ثابت ٿيا آهن. چوجو اوڏ برادريءَ ۾ هر هڪ پڙهيل ڳڙهيل، ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺل ناهي جيئن پارسين ۾ آهي يا کٽي چئجي ته ڪنهن حد تائين سنڌ ورڪي هندن ۾ عاملن ۾ هلندو رهيو آهي. اڄ جون ڪيترين ئي اوڏ فئمليون خاص ڪري سنڌ جون جتي اوڏ برداري هاڻ ايڏي وڏي نه رهي آهي هندن جي ٻين ذاتين ۾ شاديون ڪري رهيون آهن. اسان جي پاڙيسيري ۽ دوست نولراءِ جي هڪ ڌيءَ جي پڻ شادي ديوانن (هندن) ۾ ٿي آهي ۽ هاڻ هن جي پٽ مڪيش جي شادي پڻ گجرات ۾ هندن ۾ ٿي رهي آهي. ٻنهي کي انگلينڊ جي سٽيزن شپ آهي پر ٻنهي طرفان اهو طئي ٿيو ته لنڊن ۾ شادي ڪرڻ بدران مڱڻو پاڪستان ۾ ۽ شادي انڊيا ۾ رچائي وڃي. ساڳي طرح ڊاڪٽر رامچند جيڪو گذريل 30 سالن کان آمريڪا جو شهري آهي تنهن جي پٽ راجيش جو مڱڻو ايڪتا سان ٿيو. ايڪتا جا والدين دهلي جا هندو آهن پر سالن کان ڊينمارڪ ۾ رهڻ ڪري ڪين اتي جي شهريت مليل آهي. ڇوڪريءَ جو آمريڪا ۾ تعليم دوران اسان جي ڀيڻارو جي ساٿي ڊاڪٽر رامچند جي پٽ راجيش سان مڱڻو ٿيو ۽ شادي دهليءَ رچائڻ جو فيصلو ٿيو. ان ريت اسان کي انڊيا ڏسڻ جو موقعو مليو ويو. هڪ ڏينهن نول کي چيم ته اهو سنو ٿيو نه ته توهان اوڏن جون شاديون هميشه گهوٽڪي، ڪنڊيارو ۽ ڏهرڪيءَ ۾ ٿين. توهان جي ٻارن سٺي همت ڪئي جو شاديون دهلي ۽ ٻڙودا ۾ رٿيائون ۽ ان ٻائي کي به Credit ڏيڻ کپي جنهن انهن شادين جي وچ ۾ مهينو کن Gap رکيو ۽ اسان کي هندستان جا ڪافي شهر گهمڻ لاءِ موقعو ۽ وقت ملي ويو. ياد رهي ته نول وارن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته جيڪر هڪ ٻن ڏينهن جي گيٽ بعد ٻي شادي به ٿي وڃي ۽ جلدي موٽي اچي نوڪرين ۽ ڏنڊ ڏاڙين کي منهن ڏجي. ڇوڪرين جا مائٽ به مڃي ويا پر پنڊت پڙهڻي ٻيهي رهيا ته ائين هرگز نه ٿيندو. هڪ جي هينئر ٿئي ۽ ٻئي جي لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنو ڏينهن هوليءَ بعد ٿيندو. بهرحال نولراءِ ۽ سندس ڀيڻ ڀائرن لاءِ هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ هي سٺو موقعو ثابت ٿيو آهي جو مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سڀ ڀائر ڀيڻون هتي اچي گڏ ٿيا آهن. هڪ ئي وقت گڏ مون بہ ڪين ڪاليج ڏينهن ۾ ڏٺو هو جڏهن هو سڀ ٻار هئا ۽ ڪنڊياري واري گهر ۾ رهيا ٿي. بهرحال هينئر بہ سڀ تہ گڏ ٿي نہ سگهيا آهن پر اهو ڪٺي ڇئجي تہ هو گهڻي ڀاڱي اچي شامل ٿيا آهن جو سائين نارائڻ داس (نولراءِ جي پيءُ) کي ٽن زالن مان اوٺهين پٽ ڌيئرون آهن جن مان هڪ پٽ انجنيئر حشمت راءِ وفات ڪري ويو آهي. سندن هڪ ڀاءُ مير چند بہ موڪل نہ ملڻ ڪري آمريڪا کان نہ اچي سگهيو. نولراءِ جو هڪ ٻيو ڀاءُ ڪئپٽن امرچند جنهن جو تعلق اسان جي پروفيشن سان آهي ۽ جهازن جو ڪپٽن آهي اهو بہ اچي نہ سگهيو آهي، ڪئپٽن امرچند نيوزيلينڊ جو سٽيزن آهي ۽ انهن جا جهاز هلائي ٿو. هن شاديءَ لاءِ هو موڪل وٺي ڪراچي بہ پهتو ۽ هاڻ ٻئي ڏينهن اسان سان گڏ انڊيا اچي رهيو هو تہ سندس جهاز ران ڪمپنيءَ جي مالڪ جو نيوزيلينڊ کان فون آيو تہ هنن جو هالينڊ وارن کان نئون ورتل جهاز اسپين جي بندرگاهہ بارسلونا ۾ ڦاسي پيو آهي جو ان جي ڪئپٽن جي ماءُ گذاري وئي آهي. تون پنهنجن ڀائٽن جي شادي اٽينڊ ڪرڻ بدران جيڪر ان جهاز کي اڄ ئي وڃي ڪمانڊ وٺين تہ ڪمپني لکين ڊالرن جي نقصان کان بچي ويندي جو ان جهاز کي سڀاڻي تائين بارسلونا ڇڏڻو آهي ۽ ڪمپنيءَ وٽ ٻيو ڪوبہ Stand By ڪئپٽن ناهي. هن ٽرپ جو پگهار بہ توکي ٽيڻو ڪري ڏينداسين تہ ان بعد موڪل بہ ٽيڻي ڏينداسين.

هن ايمرجنسي جو ٻڌي جتي ڪئپٽن امرچند کي ڌڪ ٿيو اتي نول وارن کي بہ تہ خاص ڪري هي ڀاءُ سالن بعد ڪراچي آيو آهي ۽ انڊيا هلي ٻين سان بہ ملي پر پوءِ وڏن ويهي اهو فيصلو ڪيو تہ امرچند جو ڪراچي تائين اچڻ بہ اسان ان کي شادي اٽينڊ ڪرڻ برابر ٿا سمجهون ۽ هو نوڪري لاءِ ضرور هليو وڃي جو جهازن جو مالڪ جنهن وٽ امرچند پراڻو ڪئپٽن آهي امرچند جو شروع کان خيال ٿو ڪري ۽ هن کي بہ مهل تي ڪم اچڻ کپي، ۽ ٻي ڳالهہ تہ امرچند پرديس ۾ رهيو پيو آهي ۽ ڪيس هن ٽرپ مان سٺو پگهار ملي ويندو ۽ پرديس ۾ رهڻ لاءِ هن جو سٺو وقت گذري سگهندو. ان فيصلي بعد ڪئپٽن امرچند کي اسپين روانو ٿيڻ لاءِ ايئرپورٽ ڇڏي آياسين.

دهليءَ ۾ دهلي جي آس پاس رهندڙ اوڏن ۾ ڪيترائي نول وارن جا ۽ هن جي ڀيڻوين جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مائٽ آهن جيڪي پهرين ڏينهن کان هتي اسان سان ملڻ ايندا رهن ٿا خاص ڪري ارجن داس ۽ آسودمل نالي جيڪي هتي جي حڪومت جا منظورشده بلڊر ۽ ٺيڪيدار آهن. سرڪاري رستن ۽ عمارتن جي ڪمن ۾ هنن جو ڪافي اهم حصو آهي. اسان کي هتي دهليءَ ۾ رهائش وٺرائي ڏيڻ ۾ يا ريلوي اسٽيشن کان گهر تائين يا ڪڏهن پري وڃڻ لاءِ هنن جون پجيرو ٽائيپ ڪاڏيون استعمال ڪندا رهون ٿا. هي ٻئي سڪرنڊ جا رهاڪو هئا ۽ ورهاڱي وقت هيڏانهن هليا آيا. سندن ٻارن ۽ پائٽين پاٽيجن. مختلف سبجيڪٽن ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي. ٻن ٽن ڄڻن ته سول ۽ مڪينيڪل انجنيئرنگ به ڪئي آهي پر سرڪاري نوڪري جي ڪوٽ هجڻ ڪري هي سڀ اباڻو ڌنڌو Construction جو ڪن ٿا جنهن ۾ هو پاڻ کي خوش سمجهن ٿا. هنن وٽ ڪوٽائي توڙي رستا ناهڻ جون وڏيون ۽ طاقتور مشينون ۽ گاڏيون آهن. جڏهن به ڪنهن سرڪاري ٺيڪي جو اعلان ٿئي ٿو ته هي ٽينڊر ڀرين ٿا.

سڱابندي ڪري ارجن ۽ آسودرمل جي پاڻ ۾ هاڻ مائٽي به آهي جو هڪ ٻئي کي ڌيءَ پٽ ڏنو اٿن. هڪ ڏينهن هنن پاڪستان کان آيل اسان جي سڄي ڄڄ جي دعوت ڪئي ۽ شام ڌاري سندن ڇوڪرا چار پنج ڪن وڏيون گاڏيو ڪاهي آيا ۽ اسان کي پنهنجي گهر وٺي هليا جيڪو دهليءَ جو هرڪيش نگر علائقو سڏجي ٿو. ايشيا جي سڀ کان وڏي ”پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ دهلي“ وٽان بيحد سوڙهين گهٽين مان گاڏيون گهمائيندا پوءِ هي پنهنجي رهائشي علائقي ۾ پهتا. انهن سوڙهين گهٽين جي ٻنهي ڪپرن تي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلو ميٽر ۾ مرد ۽ عورتون فوٽ پاٿ تي ڀاڄيون، ميوا پلاسٽڪ جو سامان، ڪپڙا بوٽ ۽ ٻيو سامان رکي وڪڻي رهيا هئا. ڪراچي جي کارادر ۽ مڇي مياڻي مارڪيٽ وارو حال هو. بلڪ ان کان به وڌيڪ عوام ۽ سوڙهيون گهٽيون هيون. مانيءَ جو بندوبت هڪ ننڍين فليٽن واري عمارت جي پهرين ماڙ تي نهيل هال ۾ ڪيو ويو هو. آسودو مل جي نوجوان پائٽين، پاٽيجن مان هڪ لعل چند نالي همراهه (جنهن انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي آهي ۽ هاڻ انڊيا جي ڪجهه پراڊڪٽس جو مارڪيٽ مئنيجر آهي) تنهن ٻڌايو ته دهليءَ جو هي علائقو هرڪيش نگر اڄ کان ٽيهارو سال اڳ دهليءَ جي پسگردائيءَ جو هڪ ڳوٺ هو جتي پاڪستان کان لڏي آيل اسان جا وڏا جيڪي ڪجهه پهريان سال گجرات ۽ مهاراشٽر صوبن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي ڳوٺن ۾ رهيا سي پوءِ لڏي هيڏانهن آيا ۽ هي جيڪي ان وقت خالي پٽ هئا اتي گهرڙا اڏائي رهي پيا. دهلي هندستان جي گاديءَ جو شهر هجڻ ڪري تيزي سان وڌندو رهيو ۽ اڄ هي ڳوٺ به دهلي شهر جو حصو ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ اسين هتي سڀ غير قانون قبضو ڪري رهندڙ آهيون پر هاڻ به پيڙهيون رهندڙن کي سرڪار هتان ٻي کهڙي هنڌ جاءِ ڏئي. ٻه چار ماڻهو هجن ته به نهيو هتي ته اسين هزارن جي تعداد ۾ اوڏ آهيون، سو اسان کي هتي ڇڏيو ويو آهي بلڪ بجلي ۽ پاڻيءَ جي به سهولت مهيا ڪئي وئي آهي. گڏوگڏ سرڪاري پرائمري اسڪول به آهي جتي اسان جا ٻار تعليم پرائين ٿا.

”توهان کي ڪيئن لڳو انڊيا؟“ هن مون کان پڇيو.

”صحيح لڳو. هندستان ايڏو وڏو آهي جو هن ۾ هڪ ٽوئرسٽ جي ڏسڻ لاءِ ڪيترين ئي مختلف تواريخي ۽ ثقافتي شيون موجود آهن جن کي توهان جي حڪومت ان ئي حالت ۾ برقرار رکيو ويٺي آهي، سڀ کان وڏي ڳالهه ته هيڏي عوام ۽ غربت هوندي به امن امان جي حالت حير انگيز حد تائين بهتر آهي. ڏارين ملڪن جون ويندي ڇوڪريون بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ڏينهن رات پيون سفر ڪن ۽ گهمن ڦرن. ميڊيا ذريعي جيڪا ٻاهر جي دنيا کي Disinformation پهچي ٿي ته انڊيا ۾ مسلمان هندن جي ظلم هيٺ آهن اها نظر نٿي اچي.“

”بلڪل صحيح ٿا چئو هتي توهان ڏسندئو ته ڪا به اهڙي ڳالهه نظر نه ايندائو“ لعل چند چيو ”هر هڪ کي مذهب جي آزادي آهي. مسلمان هجن يا سک يا عيسائي هنن کي پنهنجي طريقي سان عبادت ڪرڻ کان ڪير به روڪي نٿو سگهي. ڪالهه توهان جامع مسجد دهليءَ ۾ جمعي جي نماز تي ويا هيئو توهان ئي ٻڌايو ته ڪيڏي عوام هئي. جمع نماز تي هر مسجد جو اندريون ۽ ٻاهريون پٽ ته نمازين سان ڀرجيو وڃي پر رستا به بلاڪ ٿيو وڃن پر آهي ڪنهن هندوءَ جي مجال جو هي چوي هتي مسلمان نماز ذريعي رستا بلاڪ ڪريون ٻين کي تڪليف ٿا پهچائين. هرگز نه. سوال ئي نٿو پيدا ٿئي، ڇو جو انڊيا جي Constitution ۾ مسلمانن کي پنهنجي عبادت ۽ مسجدون قائم رکڻ جو حق مليل آهي. ان جو مطلب اهو نه آهي ته پاڪستان ۾ هندن يا عيسائين کي به ايترو ملڻ کپي. هرگز نه. اسين سمجهون ٿا ته پاڪستان اسلام جي لاءِ ملڪ ٺهيل آهي. بس رڳو ايترو سو امن امان هجڻ کپي جو ٻين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مذهب جي ماڻهن کي تنگ نہ ڪيو وڃي جنهن لاءِ محمد علي جناب صاحب چيو هو پر ان تي عمل نہ ٿيو ٿئي ۽ پوءِ نقصان ڪنهن جو آهي، پاڪستان جو ئي آهي سنا سنا ۽ امير عيسائي، پارسي ۽ اسان جا هندو نہ چاهيندي بہ مجبور ٿي پنهنجو پراڻو وطن ڇڏيو هندستان يا ٻين ملن ڏي هليا ٿا وڃن ۽ هنن جي پئسي ۽ عقل مان ٻيا ملڪ فائدا وٺن ٿا.“

هڪ ٻي Point جيڪا لعل چند جي مون نوٽ ڪئي:

”انڊيا ۾ عوام وڏو آهي، غربت آهي پر جمهوريت آهي، ان جمهوريت ڪري ئي اسان جهڙا غريب بہ شير آهن، قاعدو قانون آهي ڪوبہ پوليس وارو يا سپاهي بنا ڪنهن ڏوهہ جي ڪنهن کي هٿ نٿو لاهيو سگهي، چاهي توهان قسطن تي ٽيڪسي ورتي هجي يا اهو امير هجي جنهن جون پنجاهہ ٽيڪسيون هلنديون هجن ٻئي ڄڻا قانون کان هڪ جهڙو ڊڄن ٿا. قانون لاءِ ٻئي ساڳيا آهن. هن ملڪ جي هيڏي وڏي اڪثريت هندن جي هوندي بہ ملڪ جو صدر، وزيراعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف (اعليٰ فوجي آفيسر) اقليتن مان آهن.“

لعل چند اوڏ واتان ٻڌل ڳالهين مان هڪ ٻي Point جيڪا پڻ قابل غور آهي تہ ”دهلي ۽ انڊيا جا ٻيا شهر جيڪي هڪ مغرب جي رهاڪوءَ کي اجا بہ خراب لڳي رهيا هوندا ۽ ويهہ سال کن اڳ تہ حالت خراب هئي، ٽريفڪ جي جام ٽيڙ ۽ گندگيءَ جو تہ ڪو ڪاٿو ئي نہ هو. سي ڏينهون ڏينهن بهتري طرف وڌي رهيا آهن. حڪومت عوام جي رهائش ۽ روڊ رستن ۽ ٽرانسپورٽ جو ايڏو خيال رکي رهي آهي جو بقول حڪومت جي واقعي لڳي ٿو تہ 2020ع تائين اسان جو ملڪ انڊيا سونهن شڪل ۾ بہ تہ ايڪانامي ۾ بہ ترقي يافتہ ملڪن سان ڪلهو وڃي ملائيندو.“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انڊيا جي وڏن شهر جا بہ گهٽي پاڳي حصا لاهور، ڪراچي ۽ اسلام آباد کان گدلا آهن پر جيڪڏهن لعل چند جي مٿين ڳالهہ صحيح آهي (۽ لڳي بہ ٿو تہ صحيح هجي جنهن جا دليل هيٺ لکان ٿو) تہ پوءِ اهو وقت پري نہ آهي جو ڏسندي ئي ڏسندي اسان اتي ئي رهجي ويندا سين ۽ انڊيا اسان جو Opponent هڪ ٻيو ملائيشيا، سنگاپور ۽ ڪوريا وڃي ٿيندو.

مٿين ڳالهہ جي حقيقت هنن دليلن ۾ ڏسان ٿو تہ دهلي جو شهر جنهن ۾ اڄ کان ڏهہ سال اڳ پنج Fly Ovrer بہ نہ هئا اڄ 68 مڪمل آهن جتان بسون لاريون ۽ موٽرون هلن ٿيون ۽

ساڳي وقت پنجويهه هڪ ٻئي وقت نهي رهيا آهن. Under Construction آهن. يعني ٻن سالن اندر اهي بہ ٺهڻ تي ٽريفڪ وڏيڪ آسان ٿي پوندي ۽ اهوئي حال انڊيا جي ٻين شهرن ۾ آهي. ان جي مقابلي ۾ اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ ان پئماني جا فلاءِ اوور پنج بہ نہ آهن ۽ ڊيولپمينٽ جو هر ڪم سست آهي.

دهليءَ جهڙي ڳتيل، پراڻي ۽ عمارتي شهر ۾ هن سال کان مونو ريل لاءِ انڊر گرائونڊ ۽ گرائونڊ مٿان رستو ٺاهڻ ۽ ماڊرن ۽ آرامده مونوريل هلائي شهرين لاءِ سهوليت مهيا ڪرڻ هڪ وڏي ڳالهہ آهي.

دهلي شهر جي رستن ۽ گهٽين ۾ جيتوڻيڪ اڄ بہ رستن تي گندگي ۽ اوور فلو ٿيندڙ گٽر، بيمار ۽ ۽ پوڙهيون ڍڳيون، سوئر، ڪتا نظر اچن ٿا ۽ رات جو ماڻهن کي مڇر پٽين ٿا پر تنهن هوندي بہ رڪي رڪي ڪن ڪن هنڌن تي وڏا ۽ خوبصورت پارڪ ڏسيو دل خوش ٿيو وڃي جن ۾ ڪجهہ تہ لوڌي باغ، امير خسرو پارڪ، نهرو پارڪ جهڙا قديمي ۽ پراڻا پارڪ آهن پر ڪيترن لاءِ ماڻهن ٻڌايو تہ اهي هاڻ ٺاهيا ويا آهن. بہ سال کن اڳ انهن هنڌن تي گند جا انبار هوندا هئا، اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جن مان هڪ ملڪ جي ترقي ڏي وڌندڙ گراف جي تيزي ظاهر ٿئي ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ انڊيا ۾ شروع کان وٺي تعليم تي وڌو زور آهي. انڊيا جي هر شهر ۾ يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ پوليٽيڪنڪ ۽ IT جا درسگاهہ ۽ منجهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ وارن شاگردن جا ڌڻ نظر اچن ٿا ۽ هتي جو شاگرد نہ فقط ڊگري حاصل ڪري ٿو پر علم ۽ تجربو پڻ اهوئي سبب آهي جو آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ نوڪرين ذريعي اڄ ڪلهہ جيڪا فارين Exchange انڊين ڪمائي رهيا آهن ان جو مقابلو ڪو يورپي ملڪ بہ نٿو ڪري، اسان جي عرب سڳورن جي ملڪن ۾ توڙي ملائيشيا ۽ برونائي جهڙن ملڪن ۾ تہ انڊيا جي ماڻهن جو هولڊ ٻين کان هو. بقول هڪ پاڪستاني انڊسٽري واري جي جنهن جا ڪارخانا دبئي ۾ آهن جن ۾ انڊيا جا ماڻهو ڪم ڪن ٿا. ”انڊين محنتي آهن، ڪين معلومات ۽ ڪم جو تجربو آهي ۽ هو ايمانداريءَ ۽ نهنائيءَ سان ڪم ڪن ٿا. گهٽ پگهار ۽ گهڻي ڪم ۾ بہ منهن نٿا گهنجائين.“

بهرحال انڊين کي ٻاهرين ملڪن ۾ ملندڙ Jobs مان هڪ طرف فارين ايڪسچينج جي آمد ٿي رهي آهي تہ امن امان ۽ حڪومت جي Stability ڪري ڌارين ملڪن جا امير ماڻهو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انديا ۾ ڪارخانا لڳائي انڊين کي گهر ويٺي جاب Provide ڪري رهيا آهن. انڊيا ۾ فليٽ يا گهر جي قيمت اسان جي ملڪ جي مقابلي ۾ تمام گهٽي آهي پر انڊين نوجوانن کي ٻاهرين ملڪن ۾ ملندڙ نوڪرين مان ايڏي بچت ٿي رهي آهي جو هر ڪو هڪ ڏينهن پنهنجو گهر خريد ڪرڻ جو خواب ڏسي ٿو. نه فقط ڏسي ٿو پر هن کي يقين آهي ته سندس اهو خواب ساڀيان ٿيندو ۽ ملڪ به ترقي ڪندو. مون کي ته لڳي ٿو ته پنجن سالن بعد هنن ٽن (شهرن) جو نقشوئي ٻيو ٿي ويل نظر ايندو.

دهلي جي هرڪيش نگر علائقي ۾ رهندڙ اوڏن اسان کي جيڪا ڊنر ڪئي ان ۾ اهو ڏسي مون کي ۽ مون سان گڏ سڀ ڄاڃي اوڏن کي خوشي ٿي ته ان ۾ ڀاڄين ۽ دال سان گڏ هڪ ڊش چڪن جو ۽ هڪ مڇيءَ جو پڻ هو. دهليءَ ۾ شروع وارا ڏينهن جنهن هوٽل ۾ رهياسين اها Vegeternian هئي يعني ان ۾ ڪنهن به قسم جو گوشت يا مڇي پلو تيار نٿي ٿيو. صبح شام رڳو دال، پٽاٽا ۽ ٻي ڀاڄي کاڌيسين ٿي. اها هوٽل هڪ سک جي دهلي جي ڪارول باغ واري علائقي ۾ هئي. شاديءَ ۾ به ٻئي ڏينهن ڀاڄيون هيون ۽ پوءِ جڏهن نول ٻڌايو ته هتان هوٽل مان ٽپڙ ڪٽي ٻئي هنڌ ٿا هلي رهون جتي مون ٻن بورچين جو بندوبست ڪيو آهي جيئن اهي اسان جي مرضيءَ جي ماني ٺاهي ڏين ته اهو ٻڌي سڀ خوش ٿيا. اسان جي رهائش جي هيءَ جاءِ "ڪالڪا جي" واري علائقي ۾ اگروال ڌرمشالا هو. جتان هن وقت هي لکي رهيو آهيان. هي ٺي ماڙ ڌرمشالا هتي جي ڪجهه سخي هندن چندو گڏ ڪري ٺهرايو آهي. هيٺ تمام وڏو هال ۽ بورچي خانون آهي، پهرين ۽ ٻي ماڙ تي هوٽل وانگر ڏهه ڏهه ڪمرا باٿ روم سان گڏ آهن. هن ڌرمشالا جا ڪمرا فقط انهن کي مسواڙ تي ملي سگهن ٿا جيڪي شاديءَ لاءِ ٻئي شهر يا ملڪ کان دهلي اچن ٿا. هن قسم جا ڌرمشالا ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ به امير ۽ سخي هندن عوام جي سهوليت لاءِ ٺهرائي ڇڏيا آهن ته جيئن پرديس کان آيل ماڻهو مناسب اگهه تي سٺي ۽ فضيلت واري رهائش جو سک ماڻي سگهن. "ڪالڪاجي" جي هن Aggarval Dharmshala جي هر ڪمري ۾ بجلي پکو ۽ باٿ روم ۾ پريشر سان پاڻي موجود هو پر هنڌ بسترا ۽ ڪٽون ڪرسيون نه هيون. نول جيڪو پهرين به دهلي ۾ رهي چڪو آهي ان اسان کي چيو ته اهو مسئلو به پنجن منٽن ۾ حل ٿيو ٿو وڃي. هن وٽ هن علائقي جا ڪجهه ٽيليفون نمبر هئا جيڪي گهر جو مختلف سامان مسواڙ تي ڏين ٿا. ۽ پوءِ فون ڪرڻ

بعد يڪدم هڪ سک ٽرڪ ۾ ٽيهارو ڪن ڪٽون، ڪرسيون ۽ هنڌ بسترا ڪٽي آيو ۽ پيو (اهو پڻ سک هو) مزدا گاڏيءَ ۾ پاڻيءَ جا ٻه ڪولر ۽ ڊسٽلڊ واٽر جون ڏهه ڪن وڏيون بوتلون انهن ڪولر ۾ وجهڻ لاءِ کڻي آيو. اسان وهنجي سهنجي تازو ٿي گهمڻ جو پروگرام ٺاهيوسين. ايتري ۾ ماني به تيار ٿي وئي. خبر پئي ته هن بورچيءَ پڻ رڳو دال ۽ ڀاڄيون ٺاهيون آهن. نول جي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته هن ڌرم شالا جي قانون مطابق ڪابه گوشت واري شيءِ رڌي نٿي سگهجي. نول هن کي ٻئي ڏينهن نيرن ۾ بيضن ٺاهڻ لاءِ چيو پر خبر پئي ته بيضي جي به اجازت ناهي. سو ڪيترا ڏينهن داليون کائڻ بعد هن دعوت ۾ ڪڪن ۽ مڇي ڏسي خوش ٿياسين. دعوت ۾ جيڪو ٻوڙو بچيو اهو به پيڪ ڪري اسان کي ٻي ڏينهن کائڻ لاءِ ڏنائون جيڪو اسان لڪائي ڌرم شالا ۾ آندو ۽ اها ڳالهه پڻ نوٽ ڪئي ته سنڌ کان آيل اسان جا سڀ چاچي اوڏ گوشت ۽ مڇي کائي رهيا هئا پر هتي (دهلي) جا اوڏ (جن جو جيتوڻيڪ اصل ڳوٺ سڪرنڊ، ڪنڊيارو، روهڙي ۽ لاڙڪاڻو وغيره هو يعني جتان جا هي چاچي هئا) گوشت ۽ مڇي نه کائي رهيا هئا.

ٻئي ڏينهن نول جي وڏي ڀاءُ ادا گلاب راءِ کان ان جو پڇيم "بس هي وري هتي اچي ميشوري ٿي ويا آهن ۽ گوشت مڇي کائڻ کان پرهيز ڪن ٿا."

"هونءَ مون کي هڪ هندو پنڊت سنگاپور ۾ ٻڌايو ته هندو ڌرم ۾ گوشت تي بندش نه آهي. جين ڌرم جي مشهور ٿيڻ تي (جيڪو ڪنهن به ساهواري شيءِ کي مارڻ کان منع ٿو ڪري) هندو ازم ۾ جين ڌرم وانگر ساهواري شيءِ کائڻ تي بندش وڌي وئي." مون گلاب راءِ کي ٻڌايو.

"نه ائين نه آهي هندو ڌرم ۾ شروع کان گوشت کائڻ جي جهل آهي ۽ اها ڳالهه ويدن ۾ به آهي." گلاب راءِ صاحب ٻڌايو "دروپدي جنهن بادشاهه جي ڌيءَ هئي، ان زماني جي رسمن مطابق اهو شرط وڌو ته آئون پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان سان ڪرائيندس جيڪو منهنجو شرط ڪٽي. هن اهو شرط رکيو ته هڪ مڇيءَ کي ڏهه فٽ مٿي ٽنگيو ويجي جنهن جي هيٺان ڪنهن ٿانو ۾ پاڻي رکيو ويجي جيئن مڇيءَ جو اولڙو ان پاڻيءَ ۾ پئجي سگهي ۽ پوءِ Direct مڇيءَ کي ڏسڻ بدران هيٺ پاڻيءَ ۾ مڇيءَ جي عڪس کي ڏسي مٿي مڇيءَ جي اک ۾ تير هڻڻو هو. ارجن ۽ ان جا چار ڀائر شڪار ڪيڏيندي ان بادشاهه وٽ وڃي پهتا. ارجن نشانو چٽڻ

۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ بادشاهہ دروپدي هن جي حوالي ڪري ڇڏي. هو جڏهن گهر پهتا تہ ماءُ کان پڇيائون تہ مليل شيءِ جو ڇا ٿيندو. ماءُ کي اها خبر نہ هئي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي. هن هميشہ وانگر هنن کي چيو تہ بابا سڀ ڀائر ورهائي کڻو ۽ پوءِ دروپدي سال جا 73 ڏينهن ارجن سميت هر هڪ ڀاءُ وٽ گهارڻ لڳي. دروپديءَ کي سندس مڙس ارجن ۾ ڏيرن مان جيڪو اولاد ٿيو ان پاڻ کي مهيشري (ويشنو) سڏايو هنن پاڻ ۾ ٻين کي مڇي گوشت کائڻ کان منع ڪئي ان ڳالهہ جو احوال ڀاڳوت گيتا ۾ آهي."

"هندن جا اهم مذهبي ڪتاب ويد آهن." ڊاڪٽر گلاب راءِ وڌيڪ ٻڌايو. "انهن ۾ بہ گوشت ۽ مڇي نہ کائڻ جو احوال اچي ٿو. پانڊوون جو پيءُ گذاري ويو هن کي پٽ جو اولاد نہ هو جيڪو پيءُ کي پاٽي ڏئي جيئن هو سرڳ ۾ وڃي. هاڻ ان مسئلي جو حل ڪيئن نڪري، پوءِ پانڊوون جي ماءُ کي ويدوياس نالي هڪ سوٽ، زال ڪري جيئن پٽ ڄمي تہ پانڊوون جي پيءُ کي پاٽي ڏئي ۽ هو سرڳ ۾ وڃي سگهي. پانڊوون جي ماءُ درياه تي وڃي اڪا (گل) وجهي پرارٿنا (دعا) ڪندي هئي ۽ قسم کڻندي هئي تہ ويدوياس مان پٽ ڄمي تہ مان ۽ منهنجو اولاد مڇي ماس سڄي عمر نہ کائيندڙاسين ۽ ويشنو ٿي رهنداسين. هي احوال رگ ويد جي باب ڏهين ۾ آهي جنهن ۾ مٿين عورت جو نالو بہ ڏنل آهي جيڪو هينئر مون کان وسري ويو آهي."

هڪ ڏينهن ڳالهين ڪندي ادا گلاب راءِ چيو تہ انڊيا ۾ گهمڻ ڦرڻ جو مزو ضرور آهي، هر هڪ کي ڪافي حد تائين آزادي بہ آهي پر ان هوندي بہ هتي ذات نيات اونچ نيچ جو وڏو چڪر آهي. هوٽل توڙي بس يا ڪنهن پبلڪ پليس تي هر ڪو پهرين وڏي آڏرڀاءُ ۽ قرب ڏيندو ۽ پوءِ جيئن ئي خبر پوندس تہ اڳلو هن کان هيناهين درجي جي ذات جو آهي تہ لنوائي ويندو."

"پر ٻئي کي ڪيئن ٿي خبر پوي تہ هو فلاڻي فلاڻي ذات جو آهي." مون پڇيو".

"ريتن رسمن مان يا نالي مان. اها اسان جي هندن ۾ خراب ڳالهہ آهي جو ڪنهن کي سندس ذات بدران ذات تي مان ٿا ڏين."

"پلا سنڌ کان جيڪي اوڏ لڏي انڊيا آيا آهن اهي پاڻ کي اوڏ ٿا سڏرائين يا ڪا ٻي ذات؟" مون پڇيو.

”هتي رهندڙ اوڏ پاڻ کي راجپوت سڏرائين ٿا پر سرڪاري طرح پاڻ کي Schedule ڪاسٽ ۾ درج ڪرايو اٿن.“ ادا گلاب راءِ ٻڌايو.

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيو.

”جيئن حڪومت کان وڏيڪ سهولتون حاصل ٿي سگهن ڇو جو انڊيا ۾ جيڪي قومون اقليت ۾ آهن انهن لاءِ ڪيترين ڳالهين ۾ جهڙوڪ نوڪري ڏنڊو ڏاڙي وغيره ۾ ڪجهه ڪوٽا رکيل آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# دهلي ۾ ماڻهو سڄي رات پيا گهمن

دهلي پهچڻ کان پوءِ پهرين ڏينهن گهمڻ لاءِ اسان جو ٽيڪو ٽولو جنهن ۾ اٽڪل 15 کن ڄڻا هئاسين گهمڻ لاءِ نڪتاسين. مردن ۾ دودو ۽ راڻو هئا ۽ سندن زالون، ۽ ٻار. ڇوڪرن ۾ سنجي ۽ وجي هو. ڪي ڪلاڪ ته دهلي شهر جي رستن جا چڪر هڻندا رهياسين پر سمجهه ۾ نه اچي ته پهرين ڇا ڏسجي يا ڇا گهمجي. ڪو چوي ته شاپنگ ڪجي ته ڪو چوي ته فلم ڏسجي. دودي جو زور هو ته نان_ ويج ماني کائجي جو جيئن ئي لاهور ۽ واگها ٽپي انڊيا ۾ گهڙيا آهيون ته جتي ڪٿي رڳو دال ۽ ڀاڄي (Vegetranian) کاڌو مليو آهي، چڪن يا مڇي کائڻ تي دل پئي چوي. سنجي چوڻ لڳو ته چڪن کائجي پر ڪنهن هوٽل تي چڪن ڳري يا چڪن ڪڙهائي نهرائڻ بدران مئڪڊولانڊ تان چڪن برگر وٺجي. جيڪي همراهه (اسان جي ڄڃ جا هتي دهليءَ جا مڪاني اوڏ) اسان کي پنهنجين ٻن وئگنر گاڏين ۾ ڪٽي آيا هئا تن اسان کي ساڪت نالي هڪ علائقي ۾ اچي لاٿو. ڪجهه هو به بيزا ٿي پيا هئا يا هنن اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏيو ته جيئن وٽيسون تيئن ڪريون ۽ پنهنجا موبائيل فون نمبر ڏيئي چيائون ته اسان پلي هتي ساڪت واري علائقي ۾ گهمون ڦرون ۽ پنهنجي مرضيءَ سان آٽو رڪائشن ۾ واپسي تي پنهنجي رهائش گاهه ڏي هليا وڃون پر جي اسان کي ڪا دقت درپيش ٿئي ته کين فون ڪريون ته هو اچي حاضر ٿيندا.

انڊيا جي اها پلس Point مڃڻ ڪپي ته هتي جي رڪشا جنهن کي هي آٽو رڪشا سڏين ٿا اسان جي رڪشائن کان وڌي ۽ آرامده آهي. ڊرائيور قانون کان ڊڄن ٿا. پوليس توڙي عوام ڌارين ملڪن کان آيل يورپي ٽوئرسٽن توڙي پاڪستان کان آيل اسان ڪارن مسافرن جو خيال ڪري ٿي، ياڙا يورپ ۽ جاپان جهڙن ملڪن کان ته ٺهيو پر اسان جي ملڪ کان به گهٽ آهن. ان ڪري هتي آيل مسافر کي شهر ۾ گهمڻ لاءِ سواريءَ جو فڪر نٿو رهي. ساڳي طرح جيڪڏهن توهان جو گذارو گوشت مڇي بنا ٿيو وڃي ته پوءِ انڊيا ۾ ماني ٽڪيءَ جو به مسئلو نه آهي. انڊيا جي هر شهر وانگر هتي دهليءَ ۾ به جتي ڪٿي ننڍڙيون هوٽلون، سوزڪي پڪ اپ يا ڪاٺ جي ريڙهن ۾ نهيل موبائين هوٽلون يا هڪ هنڌ فڪس ڪاٺ جي پيڊين ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪئبنين ۾ هلندڙ رڌ پچاءُ هتي جي شهرين جي ڪاڌي جي ضروري پوري ڪري ٿو. پيو نہ تہ جاپاني، پيت، آلو پراٺا، پوري، پٽاٽن جي ڀاڄي، مڪس ڀاڄي، مختلف قسمن جون داليون جتي ڪٿي وڪامنديون نظر اچن ٿيون. مثال طور جتي اسان جي رهائش آهي ان علائقي ڪالڪا جي چونڪ وٽ ديش بندو ڪاليج آهي جنهن ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون پڙهن ٿيون. ان جي ٻاهران بہ ڪيترائي گاڏن وارا بيٺا آهن جن کان ڪاليج جا شاگرد يا ٻيا رسيس ۾ يا موڪل مهل ماني وٺي کائين. هر هڪ گاڏي تي تئو هوندو جنهن تي هو گرم گرم اڦراٺا يا اٽيي مانيءَ جا ڦلڪا پيو پچائيندو يا هنديءَ ۾ گرم ٿيل تيل ۾ پوريون تر پيو ڏيندو. هونءَ انڊيا توڙي سري لنڪا ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن جي انڊين هوٽلن ۾ ڀاڄي لسي پن تي رکي ڏيندا هئا ۽ اهو پن گهٽو ڪري ڪيلي جو استعمال ٿيندو هو جو وڏو ٿو ٿئي پر هاڻ اهڙيون مشينون ڪڍيون اٿن جن ۾ چار پنج ننڍا پن پريس ڪري انهن کي پيالي جي شڪل ڏني وڃي ۽ سڪڻ بعد پلاسٽڪ جهڙي پيالي ٿيو پوي جنهن ۾ مليل ڀاڄي کائي اڇلي سگهجي ٿي. ڪي گاڏي وارا پيت وڪڻن. صبح جي وقت تہ انهن گاڏين تي بيضا بہ ترجي ملن تہ چانهہ بہ نهيو ملي. سڀ کا وڏي ڳالهہ تہ قيمت تمام مناسب آهي جيڪا پاڪستان کان بہ گهٽ لڳي ٿي. مثال طور هڪ دفعو مون هڪ ”آلو پراٺو“ ورتو جيڪو هڪ وڏي ٿالهيءَ ۾ رکي ان سان گڏ ان ٿالهيءَ ۾ ٺهيل ٽن پيالين مان هر هڪ ۾ رائتو، مڪس ڀاڄيءَ ذرو ۽ دال وجهي ڏنائين جنهن جي قيمت اٺ روپيا ورتائين يعني پنهنجا ڏهہ روپيا ٿيا. اهڙي طرح هتي مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي بہ سستي آهي. مئڪڊونالڊ ۽ بيف برگر ۽ ڪوڪا ڪولا جا 38 روپيا آهن. هتي هنن مهاراجا برگر نالي هڪ تمام وڏو ٽن طبقن وارو برگز ڪڍيو آهي. جنهن جي قيمت بہ 49 روپيا آهي ۽ اسان وٽ سؤ روپين کان گهٽ تہ آهي ئي ڪونہ. اهوئي سبب آهي جو KFC ۽ مئڪڊونالڊ جهڙيون هوٽلون ٻين ملڪن توڙي انڊيا ۾ غريب عوام جون هوٽلون سمجهيون وڃن ٿيون تڏهن تہ انڊيا ۾ شاگرد طبقو بہ مئڪڊونالڊ ۾ نظر اچي ٿو پر اسان وٽ پاڪستان ۾ خبر ناهي ڇو وڏيون قيمتون رکيون ويون آهن ۽ مئڪڊونالڊ ۽ KFC ۾ وڃڻ غربت ۽ بچت جي نشاني نہ پر امير پڻي جو نشان Status Symbol ٿي پيو آهي.

بهرحال اسان جيڪي گهمڻ لاءِ نڪتا هئاسين سي گهٽي وقت ضايع ڪرڻ ۽ بحث ڪرڻ بعد آخرڪار ان فيصلي تي پهتاسين تہ نہ ڪڏهن گاڏي واري کان ماني وٺي ٿا کائون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۽ نہ مئڪڊونالڊ تان. پاسي تي ٺهيل ٻن ٽن ڪليل هوٽلن مان هڪ جي آڳنڌ ۾ رکيل ڪرسين ٽيبلن تي ويهي چڪن ڪڙهائي ٽا ڪائون جيڪا شروع کان دودي جي فرمائش هئي ۽ هتي لهڻ سان سر پئي ڪنياڻين تہ آئون تہ چڪن ڪڙهائي کائيندس. اسان ٽن ٽيبلن تي ورهائجي ويناسين. آئون دودو سندس زال ۽ ڏيءَ ڊاڪٽر ڪرن واري ٽيبل تي وينس. هر ٽيبل لاءِ اڌ اڌ ڪڪڙ ٽماٽن وغيره ۾ ڪڙهائي ٺهي آئي ۽ ان سان گڏ نان، سلاد ۽ رائتو هوءِ هر ٽيبل جو بل 120 روپيا آيو يعني في ماڻهوءَ جو ٽيهہ روپيا ٿيو جيڪو منهنجي خيال ۾ تہ ان قسم جي پاڪستاني هوٽل ۾ هر صورت ۾ 50 روپين کان مٿي اچي ٿو.

مانيءَ بعد اهوئي فيصلو ٿيو تہ فلم ڏٺي وڃي. آئون ان جي Favour ۾ نہ هوس جو اهو سوچي تہ هتي جون فلمون تہ پاڪستان ۾ ويهي بہ هنن جي چئنلن زي، سوني، مگامبو يا سٽار پلس تان ڏسي سگهجن ٿيون يا فلم جي سي ڊي وٺي ڏسي سگهجي ٿي. جيتوڻيڪ سئنيما هال ۾ ويهي فلم ڏسڻ جي جيڪا ڳالهہ آهي اها ٻي ٿي ٿئي ۽ سئنيما ۾ ويٺي ڪي سال ويا هئا. بهرحال سڀني جو فيصلو اهو ٿيو تہ فلم ضرور ڏسجي. ”ياٽي جان هاڻ مئجارٽي جي ڳالهہ مڃڻي پوندي.“ دودي مون کي آهستي چيو.

”صحيح ٿا چئو. هلو يلا“ مون وراڻيو مانس جو دهليءَ جي رستن جي صحيح آئيڊيا اچا مون کي نہ ٿي هئي سو هن ٽولي کان الگ اڪيلو ٿي وڃي بہ صحيح نٿي سمجهيم.

سئنيما جي ٽڪيٽ گهر پهتاسين تہ خبر پئي تہ شروع ٿي ويو آهي ۽ هاڻ ٻيو شو ڏهين بجي شروع ٿيندو. ساڪت (Saket) دهلي جي خوبصورت شاپنگ مال مان هڪ آهي جنهن ۾ خوبصورت هوٽلون، بار، ڊانسنگ ڪلب، KFC جهڙا دنيا جا ڪيترائي چين اسٽور ۽ سڀ کان ماڊرن سئنيما هال آهن. هتي ساڪت ۾ هڪ ئي هنڌ تي چار سئنيما هال آهن جيڪي وڏي پڙدي، چٽائي ۽ مخلتف سائونڊ Effects کان دنيا ۾ مشهور آهن ۽ جتي انڊيا جي ٻين سئنيما هالن جي ٽڪيٽ چاليهہ روپيا عام ۽ سٺ روپيا بالڪني آهي اتي هتي 150 روپيا عام ۽ 180 روپيا بالڪني جي آهي ۽ صبح جو ڏهين بجي کان فلم شو شروع ٿئي ٿو تہ آخري شورات جو ٻارهين کان اڍائي تائين هلي ٿو.

هاڻ اسين نائين وارو شو ڏسڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. وقت پاس ڪرڻ لاءِ ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ڪي دڪانن ۾ جهاتيون پائڻ لڳا تہ ڪي پاڪستان فون ڪرڻ لڳا جو انڊيا جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شهرن ۽ ڳوٺڻ ۾ پبلڪ لاءِ فون جو بندوبست جي ڪٿي آهي. بهرحال ان ۾ اسان جي ملڪ ۾ بہ ڪافي ترقي ۽ سڌارو ٿيو آهي. انڊيا ان معاملي ۾ ايترو سو ضرور اڳتي نڪري ويو آهي جو هن ملائيشيا، انگلينڊ، آمريڪا، سعودي عرب ۽ ٻين ڪجهہ اهم ملڪن سان معاهدو ڪري فون جا اگهہ گهٽ ڪرائي ڇڏيا آهن. جنهن مان انڊيا جي ماڻهن کي وڏو فائدي ٿي پيو آهي جو انهن ملڪن جا Rate ذري گهٽ لوڪل فون جي ويجهو وڃي ٿيا آهن. ملائيشيا ۾ هوندو هوس تہ ان ڳالهہ جو اتي بہ احساس ٿيندو هو جو مون سان گڏ ڪم ڪندڙ انڊين جهازي پنهنجي ملڪ هر وقت فون ڪندا رهندا هئا جو انڊيا جو ملائيشيا سان فون جو معاهدو هجڻ ڪري گهٽ في ڏيٽي پئي ٿي ۽ اسان کي پاڪستان ڪرڻ لاءِ ٽيٽا چوٽا پئسا ڏيڻا پيا ٿي.

بهرحال هينئر وري بہ دنيا ۾ فون ڪرڻ جا اگهہ گهٽيا آهن، مون کي بہ بہ فون پاڪستان ڪرڻا هئا ۽ بہ ڪن انڊيا جي مختلف شهرن ۾، خاص ڪري بمبئي ۾ ڊاڪٽر ناريءَ کي ۽ اڊيپور ۾ ڊاڪٽر آسومل کي. هي ٻئي ڊاڪٽر ورهاڱي بعد انڊيا هليا ويا هئا ۽ منهنجي پيٽوئي ڊاڪٽر عابد ميمڻ جا دوست هئا. هو هڪ ٻئي کي هر سال ڏياري ۽ عيدن تي ڪارڊ موڪليندا رهيا ٿي. پر هاڻ 2003ع ۾ جيڪو گجرات صوبي ۾ زلزلو آيو ان بعد ڊاڪٽر آسومل جو خط پٽ اچڻ بند ٿي ويو هو. سو ڊاڪٽر عابد پنهنجن ٻنهي دوستن جي خبر چار لهڻ لاءِ مون کي تاڪيد ڪئي هئي، مون ڊاڪٽر آسومل  کي اڊيپور جو Code 02836 ملائي نمبر ڊائل ڪيو. اڊيپور گجرات صوبي جو هڪ شهر آهي. خبر پئي تہ نمبر غلط آهي. هتي جي Enquiry آفيس مان معلوم ڪيم تہ هنن ٻڌايو تہ ڪوڊ نمبر تہ صحيح آهي پر گهر جو نمبر صحيح ناهي جو هي فقط چئن انگن 6647 وارو نمبر آهي. فون جا ڇهہ نمبر ٿئي بہ ڪيترا سال ٿي ويا آهن. هنن ڊاڪٽر آسومل نالي ڊائريڪٽري مان نمبر چيڪ ڪيو پر حاصل ڪري نہ سگهيا جو ٿي سگهي ٿو سندس نالي بدران سندس پٽ يا ڪنهن ٻئي مائٽ جي نالي نمبر هجي.

ان بعد ڊاڪٽر ناريءَ کي بمبئي (ممبئي) فون ڪيم تہ نہ رڳو اهو لڳي ويو پر ڊاڪٽر ناري پاڻ ئي فون تي هو. ڏاڍي قرب سان کيڪار ڪڙي ڪيائين ۽ بمبئي اچڻ لاءِ چيائين. مون کيس ٻڌايو تہ سندس والد محترم ڊاڪٽر منگهن مل جي خدمتن جي اڄ بہ سنڌ ۾، خاص ڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

حيدرآباد جا جهونا ماڻهو واقف ڪن ٿا. اسان به ننڍي هوندي ڊاڪٽر منگهن مل جي تعريف ڊاڪٽر عابد کان ٻڌيسين جنهن MBBS ڪرڻ بعد پرائيويٽ پريڪٽس جي شروعات هن ڊاڪٽر وٽ ڪئي. ڊاڪٽر ناري هن وقت ستر پنجهتر سالن جو ٿيندو سندس ذات ڪرپلاڻي آهي ۽ بمبئي ۾ نيپيئر سي روڊ تي جل درشن علائقي ۾ رهي ٿو ۽ اتي ئي پريڪٽس ڪري ٿو ۽ مٿيون ڊاڪٽر آسومل اڏيپور جي پر ۾ هڪ ڳوٺ نڪتانا (Naktana) ۾ ڪري ٿو. مون کي لڳي ٿو ته ڊاڪٽر آسومل جو ڳوٺ هالا ئي هو. فون ڪرڻ بعد ڪجهه دير پراڻن ڪتابن جا اسٽال ڏسندو رهيس. پراڻن ڪتابن جا ان علائقي ۾ چار پنج اسٽال هئا جن تي نه فقط ڏارين ملڪن جا پر هتي جا مڪاني ماڻهو پڻ، خاص ڪري نوجوان طبقو ڳول ڳولهان ۽ خريداريءَ ۾ مشغول هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته يورپ ۽ انگلينڊ جي رهاڪن جا انڊيا بابت لکيل ڪتاب ۽ ساڳي وقت انڊيا جي ڪيترن ليکڪن جا انڊيا جي بئڪ گرائونڊ ۾ لکيل انگريزي ناول دنيا ۾ بيحد پسن ڪيا وڃن ٿا ۽ سيني خريدارن جو مارو اهڙن ڪتابن تي هو يا انڊيا جي آرٽ تي لکيل ڪتابن تي. آئون ان سوچ ۾ هوس ته انٽرنيٽ ۽ ٽي وي چئنلن ڪري ماڻهن مان ڪتاب پڙهڻ جو شوق دور ٿيندو وڃي جنهن ۾ ڪنهن حد تائين حقيقت به آهي پر هتي انڊيا ۾ ان رات جيڪا ڪتابن خريد ڪرڻ تي حالت ڏٺم ۽ ان بعد آچر ڏينهن پراڻي دهلي ۾ درياه گنج کان جامع مسجد تائين فٽ پاٿ تي جيڪي پراڻن ڪتابن جا بڪ اسٽال ڏٺم سي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏيڍ ڪلوميٽر تائين ٿيندا ۽ وٺڻ وارا به هر قسم جا هئا: هندو مسلمان، پارسي، عيسائي،، پوڙها، نوجوان، ڊاڪٽر انجنيئر وغيره.. ڪيترا اسٽال ته هڪ ٻئي پرسان ڊاڪٽري يا انجنيئرنگ جي ڪتابن جا هئا، ان مان ته ائين لڳو ته انڊيا جي ماڻهن کي ڪتاب پڙهڻ جو شوق اڄ به آهي. اسان سان گڏ آيل پروفيسر بسنت به پنهنجن ڊاڪٽرن ڌيئرن ۽ نائين لاءِ ميڊيڪل جا ڪتاب ورتا جيڪي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ جاب ٿا ڪن ۽ ڪارڊيولاجي يا ڪنهن ٻئي سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گرئجوئيشن پڻ ڪري رهيا آهن. هن ٻڌايو ته اهي هن کي بيحد سستا مليا جيتوڻيڪ منهنجو Opinion ابتڙ آهي جو هتي ويندي پراڻن سالن جون National Ceographic مئگزينون چاليهه روپين جي حساب سان ملي رهيون هيون ۽ ڪيڏو به بحث ڪرڻ تي هڪ روپيو به قيمت نٿي گهٽايائون (جنهن مان اهو ضرور ثابت ٿيو ته هتي وٺڻ ورا به انيڪ اچن ٿا)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ اهي ڪراچي جي ڪوڙي گارڊن ۾ گلشن اقبال جي فٽ پاٿ تي ويهين ڪان پندرهن روپئي ۾ آرام سان مليو وڃن. اهڙي طرح بيا ڪتاب جيڪي فريئر هال واري اولڊ بڪ مارڪيٽ ۾ به سستا آهن. بهرحال هتي جي نوجوان ٿهيءَ جو ڪتابن ۾ ڪمپيوٽر سائنس سان لاڙو قابل داد آهي. مون به ڪجهه ڪتاب انهن سيڪنڊ هئنڊ مارڪيٽن مان ته ڪجهه تازا ڇپيل ڪتاب دڪانن تان خريد ڪيا آهن ۽ واندڪائيءَ ۾ ڪولي ويهي پڙهندو آهيان جن دلچسپ ڪتابن جو مختصر احوال جاءِ بچي ته ڪٿي وچ ۾ ڪبو. هڪ ته خوشونت سنگهه جو پراڻو ڪتاب Delhi به ورتم جيڪو ڪراچيءَ جي آچر بازار مان جيتوڻيڪ تمام سستو 50 روپئي مليو هو پر Priated ڪاپي هجڻ ڪري ان جي ڇپائي ايڏي ته ڊنل ۽ بيڪار هئي جو پڙهڻ تان دل ڪٽي ٿي وئي ان ڪري هتان به سئو خرچ ڪري ورتم. جن ڏينهن ۾ آئون سوئيڊن ۾ M.Sc ڪري رهيو هوس ته پر واري ملڪ ڊينمارڪ ۾ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو پٽ محمد علي ميمڻ صاحب پاڪستان ايمبسيءَ ۾ ٽريڊ ڪمشنرهو ۽ هو انهن ڏينهن ۾خوشونت سنگهه جو مٿيون ڪتاب پڙهي رهيو هو. جڏهن به فون ڪندو هو ته ان ڪتاب جي حوالي سان ڪانه ڪا ڳالهه ضرور ڪندو هو. سو هينئر دهلي جي فٽ پاٿ تي لڳل پراڻن ڪتابن جي اسٽالن تي اهو ڪتاب ڏسي پڙهڻ لاءِ خريد ڪرڻو ئي پيو آهي.

بهرحال ان رات اهڙي طرح وقت پاس ڪري اچي سئنيما هال جي گيٽ تي پهتاسين ۽ ٽڪيٽون وٺي اندر گهڙياسين پر اندر گهڙڻ ڪو هالا جي سئنيما محفل وانگر هڪ پرانگهه ورائي در ۾ گهڙڻ نه هو پر ائين ٿي لڳو جڻ ڪنهن بين الاقوامي ايئرپورٽ تان جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون. اليڪٽرانڪ Scanning ڪي واري در مان گذرڻ بعد وري ساڄي مسخري. هر هڪ جي لنگهڻ تي الارم پيو وڄي، ڪنهن وٽ چابين جو ڇلو ته ڪنهن جي بريزيئر ۾ لڳل لوهي Hook هنن جي Scanner کي Axtivate ڪريو ڇڏي ۽ الارم وڄڻ تي وري هڪ هڪ جي کيسن ۽ پرسن جي تلاشي. اسان سيني وٽ ڪئميرائون هيون. "سئنيما هال ۾ ڪئميرائون ڇو ڪٽي آيا آهيو؟" حيرت مان سئنيما جي انتظاميا سوال ڪيو.

هاڻ ڪين ڪهڙو جواب ڏيون ته فلم انڊسٽريءَ ۾ توهان ايڏو Advance ٿي ويا آهيو. اسان ته آخري فلم شوڪت جماڻيءَ سان گڏ خيرپور جي سئنيما ۾ اڄ کان ٽيهارو کن سال اڳ ڏٺي اتي ته اسان ڪائڻ لاءِ پاڻ سان پڳڙا ۽ ڏنڊڙي به کڻي ويا هئاسين ۽ هتي توهان سونف

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسالا جي پڙي ڪٽي وجن ڪان بہ جهلي رهيا آهيو. بهرحال اسان ڪي ڪئميرا مان بيٽري ڪيڏي جمع ڪرائڻ لاءِ ڇيو ويو جنهن جي رسيد ڏنائون تہ وڃڻ وقت هر ڪو پنهنجي امانت ڪٽي وڃي.

سئنيما هال ۾ گهڙڻ تائين اسان اهو معلوم نہ ڪيو تہ ڪهڙي فلم ڏسڻ پيا وڃون. هونءَ بہ اسان فلمن ڪان وڌيڪ هتي جي سئنيمائن جي تعريف ٻڌي آيا هئاسين ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انڊيا ۾ جيڪي هي PVR ٽائيپ سئنيما هال ٺهيا آهن انهن جو مقابلو جاپان ۽ آمريڪا جا بہ ڪي ورلي شهر ڪري سگهندا. پردو، آواز، ويهڻ جون سيٽون، صيفائي سترائي جي خيال ڪان هڪ قسم جا State of Art آهن. مثال طور سائونڊ Effect اهڙي طرح جو سامهون اسڪرين تي آيل ماڻهوءَ جو آواز تہ سامهون اچي پر ٻاهر نڪري ويل جو آواز يا گانو وينل ڪي پاسن ڪان ٻڌڻ ۾ اچي ۽ ڪن حالتن ۾ تمام ڏور جو آواز يا فائرنگ جو آواز بلڪل پٺيان لڳل مائيڪن مان اچي.

تازي release ٿيل فلم ”ڪرم“ هئي جنهن جي فوٽو گرافي، ڪهاڻي جي اسٽائيل ۽ ان ۾ پيدا ٿيل تجسس ۽ خوف جو ڀرپور مظاهرو تعريف جوڳو هو ۽ اها اڄ جي حساب سان ان چوٽيءَ تي پئي لڳي جيتري اڄ ڪان ويهہ سال ڪن اڳ God Pather فلم لڳي ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انڊيا جو بالي ووڊ آمريڪا جي هالي ووڊ سان ٽڪر کائي رهيو آهي ۽ هتي جي فلمن ۾ جيترو خرچ ٿئي ٿو ان جو حساب نٿو ڪري سگهجي. ان ڪان علاوه هر روز نت نوان چهرا ايندا رهن ٿا جيڪي سونهن سوڀيا توڙي پنهنجي فن ۾ ماهر آهن. اسان وٽ مسئلو اهو آهي جو پراڻيون اداڪارائون نڪو ٿيون مرن ۽ نڪو ٿيون فلمي دنيا جي جان ڇڏين. اسان جي عمرين جون اداڪارائون جيڪي اسان وانگر نانيون ڏاڏيون ٿي ويون آهن پر اڃا بہ فلمن ۾ هيروئنيون ٿي اچڻ چاهن ٿيون. ان ڪان وڏو اسان جي ماڻهن سان ٻيو ڪهڙو ظلم ٿيندو.

مٿين فلم ڪرم ڏسڻ بعد بہ ٽي ٻين فلمن ڏسڻ جو بہ موقعو مليو جيئن تہ وقت، پيج ٿري، مجهہ سي شادي ڪروگي، وغيره. جن جي ڪا دلچسپ ڳالهہ ياد اچي وئي تہ ڪٽي ٻئي هنڌ ڪنداسين. هڪ فلم Page 3 پاڙي جي سئنيما پارس ۾ ڏسڻ ويس پر سئنيما هال اهڙو تہ بيڪار ۽ اڻ ايئر ڪنڊيشنڊ هو. ۽ فلم ايڏي تہ ڊنڊلي نظر اچي رهي هئي جو ان ڪان ٽيهارو سال اڳ جا راحت، نيومئنجسٽڪ، فردوس، ڪوهہ نور ۽ ٻيا حيدرآباد جا سئنيما هال سنا

هئا. اڌ ڪلاڪ بعد مجبور ٿي نڪرڻو پيو جيتوڻيڪ پنيان وارا پئسا ڪائڻ جي چڪر ۾ پنهنجو پاڻ کي صبر سان ويهي سڄي فلم ڏسڻ جي ڏاڍي تليقين ڪيم پر اٿڻ تي مجبور ٿي ويس جو بار بار فلم ڪٽجي بہ وئي پئي ۽ ڏسندڙن سيٽون وڄائي هال مٿي تي کڻي ٿي ڏنو. پئسا تہ ضايع ٿيا سي ٿيا وڏيڪ بہ ڪلاڪ ويهي موڊ آف ڪرڻ بدران چو نہ ٻاهر نڪري لوڌي باغ يا دهليءَ جو ڳاڙهو قلعو گهمان يا پير واري ڳوٺ گرگائون هليو وڃان جيڪو دهليءَ جي حڪومت دهلي کان ويهہ ڪن ڪلوميٽر پري هڪ الگ ٿلڳ ماڊرن ۽ مثالي شهر ٺاهيو آهي ۽ ان کان علاوه هڪ ٻيو شهر نوڊيا پڻ اڏايو آهي جيڪو سونهن ۽ آرڪيٽيڪٽ جو هڪ شاهڪار آهي.

بهرحال ان رات اها فلم ڏسي ٻارهين ساڍي ٻارهين نڪتاسين تہ چوڌاري آڌي رات واري خاموشيءَ بدران اهوئي شام وارو ميلو متل هو پارسي ۽ عيسائي ڇوڪريون اسڪوٽرن ۾، هندو ڇوڪرا ڇوڪريون جينز ۾ ٽولن ۾ هلي رهيا هئا. ڪيترائي فارينر بہ گهمي رهيا هئا، معنيٰ امن امان جي صورت بهتر آهي. گهٽ ۾ گهٽ انهن اتراهن توڙي ڏاکڻين رياستن ۾. اوڀر ۾ ناگالينڊ، ميزورام، مني پور ۽ ترپيورا وارين رياستن ۾ اتي جا وڏيرا ڦرلٽ ۽ داداگيري ۾ لڳيا پيا آهن تہ پيا ڌوڙ پائين ۽ اهي صوبا پلي پنتي ئي پيا هجن باقي انڊيا جون اتراهون رياستون فارينرن جي گهمڻ لاءِ هڪ ماڊل ملڪ آهي. اسان جيڪو سوچيو پئي تہ آڌي رات ٿي وئي آهي ۽ سئنيما کان گهر پڄڻ جي ڪيون سو سئنيما کان ٻاهر نڪري شام وارو هھڙو ميلو متل ڏٺوسين تہ ڊرا ٿي وياسين، سيني چيو تہ چانهہ يا ڪافي پي پوءِ هلجي. اڌ ڪلاڪ ان فيصلي ۾ ڇٽ ٿي ويو تہ ڪهڙي ڪيفي ۾ چانهہ پيئجي ۽ پوءِ چانهہ پي اچي آٽو رڪشائن ۾ ويٺاسين. ٽن رڪشائن ۾ سڀ اچي وياسين. رڪشا وارن کي ڪالڪاجي علائقو يا مارڪيٽ ڇوڙڻ بدران اسان هنن کي رڳو ڪالڪا چيو ۽ هنن اچي اسان کي ڪالڪا مندر ۾ لاٿو. سڀ چون هتان تہ اسين تہ چڙهيا هئاسين هي تہ علائقو ٻيو پيو لڳي. چڱو جو اسان جي ميزبانن جا موبائيل فون نمبر اسان وٽ هئا. انهن کي فون ڪيوسين جن رڪشا وارن کي سمجهايو ۽ هو منهن مٿو پٽيندا اسان کي واپس اسان جي اصلي جاءِ ڏي ڊوڙڻ لڳا جنهن لاءِ اسان کين اهو چئي وڌيڪ پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ اهو سندن ڏوهہ آهي، پر چڱو جو کين گهڻو پنڌ ڪرڻو نہ پيو جو اهو ڪالڪا مندر بہ اسان واري علائقي ۾ ئي آهي. بلڪ هن

علائقي جو نالو ڪالڪاجي ان ڪالڪا ديويءَ جي پراڻي مندر تان پيو آهي جنهن جو احوال اڳتي ڪنداسين. هڪ ئي وقت ٽن آٽو رڪشائن مان ٻارنهن ڪن ماڻهو لهڻ تي سامهون پوليس چوڪيءَ جو پوليس وارو وڏي اڳيان آيو. پڇڻ تي ٻڌايوسين تہ اسان پاڪستان جا ٽوئرسٽ آهيون ۽ هتي رهون ٿا.

”ڪوئي بات نهين.“ چئي هو واپس پنهنجي ڊيوٽيءَ تي هليو ويو نہ هن پاسپورٽ ڏسڻ لاءِ اسان کي تنگ ڪيو نہ اهو پڇيو تہ آڌيءَ رات جو ڪڏانهن ويا هئاسين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# انڊيا جو Corrupt پير

اڄڪلهه انڊيا جي هڪ وڏي هندو پير سنڪر آچاريه جو اهڙو ته اسڪينڊل هلي رهيو آهي جنهن في الحال هندو ڌرم سان واسطو رکندڙن کي حيرت سان گڏ Shock ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته ههڙو ڪاني ڪرامت جو مالڪ سڏائڻ وارو درويش صفت گرو اندر ۾ ايڏو وڏو خوني ۽ رهزن نڪتو. منهنجي خيال ۾ اها ڪا اخبار يا اهو ڪو رسالو ناهي جنهن ۾ سري جيئندرا سراسوتي نالي ڪانچيا جي هن هندو گرو جو ذڪر نه هجي. هن، سندن اڳرن ڪمن جو پانڊو ڪوليندڙ سنڪر امان جو پنجاهه لک روپيا ڏئي خون ڪرايو. ڪيترا مهينا گذرڻ بعد به ڪنهن کي ثبوت نه ملي سگهيو ته هن خون پويان هيڏي وڏي هندو گروءَ جا هٿ آهن جيڪو هندستان جي سڀ کان امير گاديءَ سري ڪانچي ڪاما ڪوتي پيٽام جو 69 ئون جڳت گرو آهي. هي انڊيا جو اهو وڏو گرو آهي جنهن جي پيرن چمڻ لاءِ ملڪ جا وڏا وڏا ائڪٽر، واپاري ۽ سياستدان اچن ٿا انهن مان ڪجهه هن ريت آهن: وينڪٽ رامائڻ انڊيا جو اڳيون صدر، سوراج پاڪ وڏو ڪارخاني دار، سوامي ناٿن مڪ جو وڏو سائنسدان، نيپال جو بادشاهه گيانيدار ۽ ويندي اڄ جو مسلمان صدر ابوالڪلام تامل ناڊو جي چيف منسٽر ۽ سابق ائڪٽرس ته هن جي ايڏي وڏي مريدياڻي آهي جو هن سان ملڻ وقت پنهنجي ڪرسي هن جي ڪرسيءَ جي ليول کان ٿورو هيٺ رکائيندي آهي.

هندو ڌرم جي هن وڏي گروءَ جي ڪڌن ڪرتوتن تي اڃا شايد پڙدو پيو هجي ها پر پنجن ڇڻن جي خوني ٽولي مان ڪجهه وڃي پوليس وٽ پيش ٿيا ۽ پوءِ پوليس ان جي خون جون ڳنڍيو سلجهائيندي هن گروءَ تائين پهتي. پر هيڏي وڏي گروءَ ۾ هٿ وجهڻ کان اڳ هتي جي پوليس جيڪو پڪو هوم ورڪ ڪيو آهي ان لاءِ هن کي داد ڏيڻو پوي ٿو ۽ ان ڏوهه پنيان پئجي وئي آهي ته هن ان ڌرمي اداري جي فنڊن کي خرد برد ڪرڻ کا علاوه هو ڪيترين ئي عورتن سان غلط تعلقاتن ۾ اهڙو ته غلطان رهندو اچي جو هن کان ڪيترن ئي اهم ڏينهن تي ٽيندڙ سمورن ۽ دعائون به رهجيو وڃن ۽ هاڻ هن گروءَ جي ڪارن ڏنڌن کي وائکو ڪرڻ سان گڏ هتي جو اخبارون ۽ رسالا انهن عورتن جا به قصا ڏئي رهيون آهن جن جا هن سواميءَ سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اعتراض جوڳا تعلق رهيا آهن. هڪ عورت جنهن جو ذڪر ميڊيا ۾ تمام گهڻو هلي رهيو آهي اها اوشا سري رنگم آهي. اوشا پنهنجي بچاءَ ۾ هفتيوار انگريزي اخبار The Week کي انٽريو ڏيندي ٻڌايو "منهنجا سري جيئندرا سراسواتيءَ سان تعلقات اهي پئي رهيا آهن جيڪي هڪ گروءَ شيس جي وچ ۾ ٿين ٿا. آئون هن سان پهريون دفعو پنهنجي مڙس جي موجودگيءَ ۾ مليس ان بعد اڪيلي ملڻ لڳيس. منهنجي وڏي عمر ۾ شادي ٿي هئي ۽ پوءِ سگهو ئي مڙس چڏي ڏنو. بعد ۾ اهو معلوم ٿيڻ تي تہ مون کي ڪينسر آهي منهنجي جيئڻ تان دل ٽٽي پئي مون پنهنجو پاڻ کي ٻين انيڪ پوڄاري عورتن وانگر سري جيئندرا جي قدمن مبارڪ تي اڇي ڦٽو ڪيو. آئون هن کي ٻاڏائيندي رهيس تہ منهنجي ڪا واهي واهڻ ڪر آئون پنهنجو پاڻ کي اڪيلو محسوس ٿي ڪريان. هن مون کي دلداري ڏني ۽ چيو تہ جيڪڏهن امبل ديوي (ڪاماڇي) توکي خلقيو آهي تہ هن ضرور ڪنهن مقصد لاءِ پيئندا ڪيو آهي. هن مون کي چيو تہ دنيا ۾ هن جهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي منهنجي سار سنڀال لهن. اها هڪ قسم جي فقط روحاني مدد هئي جنهن جي مون کي ڳولا هئي."

"پر اسان ٻڌو آهي تہ هو توهان کي پئسي ڏوڪڙ جي بہ مدد ڪندو هو؟"

"ها، ڪڏهن ڪڏهن ڏهہ ڏهہ هزار روپيا ڏنائين ٿي ۽ ان کان علاوه منهنجي علاج جو خرچ بہ ڏيندو هو."

"اسان ٻڌو آهي تہ گرو توسان روزا صبح ساڻ موبائيل فون تي ڊگهي ڪچهري ڪئي ٿي."

"آئون ڊپريشن جو شڪار ٿي پئي هيس سو منهنجي دل وندرائڻ لاءِ هو صبح جو آرل واڪو (دعائون) ڏيندو هوم."

مٿين گروءَ کي Expose ڪرڻ ۾ ۽ سندس ڪڌن ڪمن کان عوام کي اطلاع ڪرڻ ۾ تامل رسالي جي ليکڪا انورڌا پڻ آهي جنهن هن گروءَ تي فيچر لکڻ دوران ان حقيقت تان پڻ پردو کنيو آهي تہ هن گروءَ (جيئندار سراسوتي) جيڪو پاڻ کي وڏو پاڪ پوتر سمجهي ٿو منهنجي ذري گهٽ عزت لٽي هئائين. هنن جي مندر Amma نالي هڪ رسالو ڪڍڻ چاهيو ٿي جنهن ۾ سڏارو آڻڻ لاءِ مون کي گهرايو ويو. مندر ۾ پهچڻ تي مون کي هڪ ديوداسي گروءَ وٽ وٺي هلي ۽ ان ميٽنگ ۾ فقط رسالي بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ان بعد هڪ بہ ٻيون ميٽنگون بہ

ان سلسلي ۾ ٽيون. چوٿين دفعي جڏهن آئون گروءَ جي خدمت ۾ سندس ڪمري ۾ پهتيس تہ مون هن کي هڪ عورت سان گڏ اعتراض جوڳي پوزيشن ۾ ڏٺو. هن ان کي ڇڏي مون کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي پر آئون پاڻ ڇڏائي ڀڄي آيس. مون کي سندس ٻين چيلن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي جيئن آئون راضپو ڏيکاريان پر آئون سيني کي گهٽ وڌ چوندي ٻاهر نڪري آيس.

ان بعد مون کي Threats ملندا رهيا. هڪ دفعي اهڙي تہ Serious قسم جا مليا جو مون کي پوليس کان مدد وٺڻي پئي. ان دوران مون کي ڏينهن لڳي ويو ۽ بستر تي داخل ٿي ويس. جيئندرا سراسو ٿي مون سان هڪ دفعو وري ملڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪئي ۽ مون کان معافي وٺڻ لاءِ چيو. آخر گهڻي چئہ چوان بعد آئون هن سان مليس، هن مون کي چيو تہ هو مون کي هر اها شيءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهي جنهن جي آئون گهر ڪريان. مون هن کي هھڙي پوتر گادي Math ۾ مندر ڇڏڻ لاءِ چيو جيئن هن شيطان صفت انسان کان ماڻهن جي جان ۽ عورتن جي عزت بچي سگهي. مون ڇهہ مهينا ڪن انتظار ڪيو ان بعد هن جي صحيح ۽ اصلي روپ تي رسالي ۾ لکڻ شروع ڪيو. پر پنهنجو اثر رسوخ هلائي هن سگهو ئي اهو رسالو ئي بند ڪرائي ڇڏيو. آئون ڪجهہ عرصي لاءِ چپ ٿي ويس پر جيئن تہ هاڻ هو جيل ۾ آهي ۽ منهنجي لکڻين تي بندش نٿو وجهرائي سگهي مون هڪ دفعو وري لکڻ شروع ڪيو آهي. خاص ڪري انهن سادين سودين عورتن لاءِ جيڪي هھڙن ماڻهن اڳيان وڃيو سيس نوائين ۽ شيطان صفت انسانن جي ڪوڙڪي ۾ ڦاسيو پون. آئون عورت ذات کي هن گروءَ جا صحيح رنگ ڏيکارڻ چاهيان ٿي.

هندستان جي هن وڏي هندو ڌرم جي اداري جي هڪ بيحد وڏي ۽ طاقتور گروءَ جي غلط ڪارين هندو ڌرم جي پوئلڳن کي جتي غمزده ۽ شرسار ڪيو آهي تہ هڪ ڌرم جو اڳواڻ جيڪو ٻاهران هڪ پوتر شخصيت سمجهي وئي ٿي اها اندروني طرح ڪيڏي ڀيانڪ ۽ نيچ ثابت ٿي. ساڳي وقت دنيا هندستان جي قانون قاعدي، انصاف ۽ Judiciary جي بہ تعريف ڪري ٿي تہ قانون هر هڪ لاءِ ساڳيو آهي چاهي ڪو غريب هجي يا امير، ڪمزور هجي يا طاقتور، اڪيلو هجي يا ملڪ جا وزير، وزراءَ، ليڊر، سياستدان هن جي پاسي هجن پر ڏوهہ ڪرڻ ۽ ثابت ٿيڻ تي هو بچي نٿو سگهي. هندستان جي هن وڏي ۽ طاقتور گرو سنڪر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آچاريا جيئندرا سراسواتي جو مثال ڏيڻ لاءِ هند سنڌ جو ڪو اهڙو طاقتور پير، مير، وڏيرو نظر نٿو اچي جنهن جي هٿ ۾ ڏهه هزار ڪروڙ روپيين جا بئنڪ اڪائونٽ هجن (يعني ڏهه ارب انڊين روپيا ۽ پاڪستاني چوڏهن ارب روپيا ٿيا). جنهن جي حڪم هيٺ انڊيا جي مختلف صوبن، چنائي، ڳوهاٽي ۽ اترانچل ۾ خيراتي اسپتالون ۽ ٻيا خيراتي ادارا هلندا هجن. جنهن جي ٽڪر جو، پئسي جي معاملي ۾، ڪٿي آغا نخان جهڙو ڪو مقابلو ڪري سگهي پر ان جي به ملڪ جا وزير وزراءَ سياستدان، ڪارخاني دار ۽ ايڏو ڪروڙن ۾ پوئلڳ عوام نه هوندو جيترو هن جو آهي. ايتري قدر جو آڏواڻي، ملڪ جو صدر ابوالڪلام ۽ سندس صوبي تامل ناڊو جي وزير اعليٰ جيالاليتا جهڙيون شخصيتون به هن جي قدمن ۾ پيون هجن. ان جو جڏهن ڏوهه ثابت ٿيو آهي ته حڪومت ان کي جهلڻ ۾ هڪ منٽ جي به دير نه ڪئي آهي. صبح ٿيڻ جو انتظار به نه ڪيو ۽ رات جو نئڊ مان اٿاري پوليس ٿاڻي تي وٺي وئي. ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ ضمانت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هي گرو عمر ۾ 70 سالن جو ٿيندو ۽ سخت ڊائبٽڪ آهي ۽ هر وقت Insulin تي هلي ٿو. هن جي لاءِ جڏهن وڪيل جيل بدران اسپتال ۾ رکڻ جي گذارش ڪئي ته مئجسٽريٽ صاف انڪار ڪندي چيو ته هن کي جيل ۾ ئي رهڻ کپي ۽ ضرورت جون دوائون ۽ علاج اسپتال بدران جيل ۾ ئي ٿيڻ کپي ۽ پوءِ جڏهن هن کي ننڍي جيل مان ڪڍي ويلور (Vellore) شهر جي سينٽرل جيل ۾ رکيو ويو ته اتي وري هن جي وڪيلن مدراس هاءِ ڪورٽ کي عرض ڪيو ته گروءَ جي وڏي عمر کي نظر ۾ رکي هن کي جيل بدران ڪنهن ٻي جاءِ تي نظر بند رکيو وڃي پر پبلڪ پراسيڪيوٽر هن تي تر جيترو به رحم نه کائيندي چيو:

"He si most undeserving criminal deserving no special treatment. We are also devotees. We respect the seat, not the individual who is occupying it".

۽ هن ڪيس بابت انتارا دوسين نالي هڪ مشهور ڪالمسٽ واه جو لکيو آهي ته ههڙن گروئن ۽ پنڊتن جي ڏوهن جو ٻڌي اسان پوڄارين کي سخت صدمو رسي ٿو. اسان سوچي به نٿا سگهون ته اسان جا ههڙا پاڪ پوتر سڏائڻ وارا مذهبي اڳواڻ ڏوهاري، خاص ڪري خوني ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙا ماڻهو هميشه سمجهن ٿا ته هو ملڪ جي قانون کان مٿاهان نه آهن. هو ان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خوش فهميءَ ۾ آهن تہ هو ڪٽي چا بہ ڪن پر قانون سندن وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي. پر اسان جي ملڪ ۾ قاعدي قانون جي ان حد تائين سختي ڏسي خوشي ٿئي ٿي ۽

"It revives our belief in the democratic process and rekindles faith in justice".

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# هڪ مسافر لاءِ ضروري ڳالهيون

دهليءَ ۾ پهرين ڏينهن سو آئون پنهنجي گروپ جي ڏهه ٻارهن ساٿين سان گڏ گهمڻ نڪتس پر پوءِ مون اهو Realize ڪيو ته ولايت ۾ وڏي ٽولي سان گڏ گهمڻ بدران اڪيلي سر نڪرجي يا وڌ ۾ وڌ هڪ ڄڻي سان. ڇو جو هر هڪ جا پنهنجا شوق رهن ٿا. ڪي شاپنگ جا شوقين ته ڪي تواريخي جايون ڏسڻ جا. ڪي فلمن ڏسڻ تي گهڻو وقت ڏيڻ چاهين ٿا ته ڪي مٽن مائٽن سان ملڻ تي. وري شاپنگ جو ئي ڪٽي مثال وٺجي ته عورتون ڪپڙا، ساڙهيون ۽ سينڊل قسم جو سامان خريد ڪرڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي رکن ٿيون ته مرد سي ڊي پليئر، واچون، جيسلميري جوتا يا ٻيو ڪجهه ۽ منهنجو خريداريءَ ۾ شوق فقط ۽ فقط ناياب ڪتاب هٿ ڪرڻ هو. هاڻ اهو ماڻهو جنهن کي ڪتابن جو شوق نه هجي هو مون سان گڏ ڪتابن جي دڪانن ۾ اجايون اوٻاسيون ڏيو ڪائيندو يا هن جي خريداري واري دڪان ۾ منهنجو وقت پيو ضايع ٿيندو. ان ڪري مون پنهنجي لاءِ اهوئي بهتر سمجهيو ته آئون اڪيلو نڪري پوان ۽ اهوئي منهنجو سالن جو تجربو ٿو ٻڌائي ته پرديس ۾ گهمڻ وقت جتي تمام ٿورو ۽ مقرر وقت ٿو ملي اتي وڏو ٽولو ٺاهي نڪرڻ هر هڪ جي وقت جو زيان آهي. پر اڪيلو نڪرڻ ۾ جتي وقت بچي ٿو ۽ هر هڪ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ٿئي ٿو اتي هڪ پرديسي مسافر کي هڪ ٻه ڳالهيون ضرور ڌيان ۾ رکڻ کپن. هڪ ته پنهنجي رهائش جي ائڊريس ۽ فون نمبر نه فقط ياد رکجي پر پني تي چٽن اکرن ۾ لکي اڳين کيسي ۾ وجهي هلجي جيئين وسري وڃي خدا نه ڪري ڪو حادثو درپيش اچي ته ٻيا Identify ڪري سگهن ۽ پنهنجي رهائش جو پتو مختصر نه پر تفصيل سان لکجي. مثال طور ڏاريو ڪراچي جي ڪارادر ۾ اچي رهي ته هن لاءِ فقط ڪارادر ياد رکڻ ڪافي ناهي جو شهر گهمڻ بعد رڪشا يا ٽيڪسي واري کي فقط ايترو چوڻ سان ضروري ناهي ته هو ڪارادر جي ان هنڌ تي اچي ڇڏي جتي هن جي رهائش آهي. ڪارادر ته ٻه اڍائي ڪلوميٽرن جي پکيڙ ۾ آهي. ان ڪري ضروري آهي ته پرديس ۾ جتي رهجي ان علائقي ۽ گهٽيءَ جو ته نالو ياد رکجي پر پرپاسي ۾ ڪا مشهور هوٽل، مندر، مسجد يا اسڪول، دڪان هجي ته ان جو به نالو ياد رکجي. اها جيتوڻيڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ معمولي ڳالهه آهي پر ان تي عمل نه ڪرڻ ڪري پرديس ۾ مون ڪيترن کي سخت پريشان ٿيندي ڏٺو آهي. ۽ ان کان علاوه بي اها ڳالهه ته پرديس ۾ ڪٿانهن گهمڻ لاءِ نڪرڻ وقت پنهنجي ٽولي جي ساٿين کي اهو ضرور ٻڌائي نڪرجي ته هو ڪهڙي پاسي وڃي پيو ۽ اٽڪل ڪنهن وقت موٽندو. جيئن ٻين کي آئيڊيا رهي. يا پروگرام بدلائڻ تي هو فون ذريعي پنهنجي ساٿين کي اطلاع ڪري. هڪ دفعي منهنجا ڪجهه پاڪستاني واقف ڪار بمبئي ويا. انهن مان هڪ ٻه ڄڻا روزمره جي روٽين موجب شهر گهمڻ لاءِ نڪتا. هڪ ڏينهن شهر گهمندي هو تاج محل ڏسڻ لاءِ آگره هليا ويا ۽ رات رهي پئي ڏينهن شام جو دير سان واپس وريا پر پنيان اطلاع نه ڪرڻ تي سندن باقي ساٿين کي سخت فڪر ٿيو ته ڪنهن غلطي ڪرڻ ڪري پوليس وٺ ته نه آهن يا ڪو حادثو ته درپيش نه آيو اٿن ۽ هنن ظاهر آهي پوليس ۾ وڃي رپورٽ ڪئي ۽ پوءِ جڏهن هنن جو پتو پيو ته ماڳهين مٿين ڪيس ٿي پيو ته غير قانوني طور آگري ڇو ويا ٿو جو توهان کي آگري وڃڻ جي ويزا ته نه هئي ۽ هاڻ اها ٻنا ويزا جي گهمڻ جي ڳالهه نڪتي آهي ته مٿين ٻن ڳالهين سان گڏ پنهنجن پڙهندڙ لاءِ هتي اهو لکڻ به ضروري سمجهان ٿو ته پرديس ۾ ڪنهن معمولي غيرقانوني ڪم ڪرڻ کان به گريز ڪجي ۽ جنهن ملڪ ۾ گهمڻ لاءِ اچجي ان ملڪ جي قانون جو احترام ڪجي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي ملڪ ۾ قانون جي پوئواري ڪرڻ جي سختي ناهي ان ڪري اسان جي ملڪ جا اڪثر ماڻهو ٻين ملڪن ۾ Takeit granted وٺن ٿا ته ڪين ڪا ڇوڙ واري پڇر ناهي. ٻلي غلط ڪم ڪندا وتن پر ضروري ناهي ته ان جي وٺ پڪڙ ٿئي. اها هنن جي غلط فهمي آهي. اڄڪلهه هر ملڪ ۾ ويندي ملائيشيا، ٿائلينڊ، سعودي عرب جهڙن ملڪن ۾ به قانون جي ايڏي سختي ٿي وئي آهي جو هڪ ڏارئين ماڻهوءَ کي فقط اهو ڇوڙ ته هو پرديسي آهي هن کي سندس ڪيل ڏوهه جي سزا کان بچائي نٿو سگهي. ان ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ جن شهرن گهمڻ جي ويزا ملي ٿي انهن شهرن ۾ ئي وڃڻ کپي. وڌيڪ شهر گهمڻ لاءِ ان شهر ۾ وڃڻ جي ضرور اجازت ونجي. انڊيا ۾ ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ اهو قاعدو آهي ته توهان جنهن شهر ۾ وڃو ته ان شهر جي پوليس اسٽيشن کي پنهنجي آمد ۽ رهائش گاهه جو ضرور اطلاع ڪيو ۽ شهر ڇڏڻ وقت پڻ. مثال طور اسان کي دهلي، آگري ۽ لکنؤ شهرن جي ويزا مليل آهي. دهليءَ ۾ اچڻ سان اسان پوليس کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڪيو. ان بعد آگري يا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لکنؤ وياسين تہ اتي پڻ پهچي پوليس کي اطلاع ڪيوسين. ان کان علاوه گجرات صوبي جي احمد آباد ۾ بڙودا شهرن يا مهاراشٽر جي شهر ممبئي ۾ وڃڻ چاهيوسين تہ انهن لاءِ ويزا لاءِ اپلاءِ ڪيوسين ۽ پوءِ بڙودا يا ڪٿي بہ وياسين ٿي تہ قانون موجب اتي جي پوليس اسٽيشن کي اطلاع ڪيوسين ٿي. دراصل ڏٺو وڃي تہ ان قانون ۾ اسان مسافرن جو ئي فائدو آهي، ڇو جو خدانخواستہ اسان جي ٽولي جو ڪو گم ٿي وڃي يا ڪو حادثو پيش اچي وڃي تہ پوليس اسان کي Locate ڪري اطلاع ڏئي سگهندي. ائين ڪو گم ٿي وڃي ۽ خبر نہ پوي تہ ٻن ملڪن جي ڊپلوميسيءَ ۾ بہ خلل پئجيو وڃي جو پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي نہ موٽڻ تي پاڪستان هندستان ڪان Claim ڪندو رهندو تہ اسان جو ماڻهو ڪڏانهن ويو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃڻ تي پوليس اسٽيشن ڳولي اتي وڃي رپورٽ ڪرڻ ڪڏهن ڪڏهن مٿي جو سور بہ ثابت ٿئي ٿو ۽ جيتوڻيڪ انڊيا جي پوليس فارينرس سان سٺو برتاءُ ڪري ٿي پر اسان جي نندي کند جي پوليس مڙيئي پوليس آهي، پوءِ اهو ملڪ چاهي پاڪستان هجي، انڊيا يا بنگلاديش. ۽ انڊيا جي پوليس وڏيڪ سلجهيل ۽ سٺي هجڻ جي باوجود پنج ئي آڱريون برابر ناهن. منجهن ڪڏهن ڪڏهن ڪي پنهنجين پريشانين ۾ منجهيل هجڻ ڪري يا وري پنهنجي لاءِ ڏيکارڻ خاطر آيل مسافر کي چڱي طرح رخ نٿا ڏين ۽ جلدي فارغ ڪرڻ بدران ويهاريو ڇڏين ۽ وقت ضايع ڪن ٿا. بهرحال ايتري سهولت ضروري آهي تہ نئين شهر ۾ پهچڻ سان يڪدم پوليس اسٽيشن تي رپورٽ ڪرڻ ضرور ناهي. پهچڻ بعد 24 ڪلاڪن اندر رپورٽ ڪجي، سو بهتر اهوئي آهي تہ ٿڪ پيچي پوءِ آرام سان وڃجي جيئن ڪجهہ دير پوليس اسٽيشن تي وهيڻ تي بوريت نہ ٿئي. ان کان علاوه انڊيا وارن ويهجهڙائي ۾ 60 سالن کان مٿي عمر جي سينئر سٽيزن لاءِ اهو رپورٽنگ جو قانون معاف ڪري ڇڏيو آهي، سو ان سڪ جو هن ٽرپ ۾ مون کي بہ فائدو رسيو جو آئون 60 سالن کان چار مهينا کن مٿي ٿي ويو آهيان. هتي انڊيا ۾ عمر جي ان حساب سان هڪ ٻيو بہ فائدو رهيو تہ ريل، بس يا هوائي جهاز جي سفر جي ٽڪيٽ بہ مون کي Discount ملي ٿي ويو.

سفر جي معاملي ۾ اسان وٽ بسيون سٺيون، تيز رفتار ۽ نيون آهن انڊيا ۾ وري ريل گاڏيون آهن. آهن تہ هتي جا ڊبا بہ پاڻ جهڙا ڇڪڙا پر انهن جي هر شيءِ ڪم ڪري ٿي. ٻئڻ

کي هيٺ مٿي ڪر تہ ٻتيون ٻہ پڪا ٻہ هلن ٿا. آخري اسٽيشن تائين نلڪن ۾ بہ پاڻي اچي ٿو نہ فقط ايندو رهي ٿو پر پريشر سان ايندو رهي ٿو. رات جي سفر ۾ سمهڻ لاءِ وهاڻو بہ چادرون ۽ بلاڪيٽ نہ فقط ملن ٿا پر هر شيءِ ڊراءِ ڪلين ٿيل ۽ ٿيلهيءَ ۾ بند ملي ٿي. مختلف وقتن تي ماني، چانهہ ڪافي، شربت، بسڪٽ ۽ ٻيون شيون سٺيون ۽ مناسب اگهہ تي ملن ٿيون. مثال طور بسڪيٽن جو پڙو جيڪو عام طرح بازار ۾ ڏهين روپئي ملي ٿو سو هتي يارهين روپئي آهي. اهڙي طرح ٻين شين جو اگهہ آهي. ان جي مقابلي ۾ اسان وٽ ٽرين ۾ يا پليٽ فارم تي هر شيءِ مهانگي ملي ٿي، هتي انڊيا ۾ گاڏيءَ سان گڏ هلندڙ ريلوي اسٽاف گاڏيءَ جي ڪمن ۾ مشغول رهي ٿو ان ڪري Toilet بہ هر وقت صاف سٿرو رهي ٿو دٻن جي ٻهاري سهاري بہ هر وقت ٿيندي رهي ٿي، گاڏيءَ جو ايئر ڪنڊيشنر بہ صحيح هلندو رهي ٿو. ڪراچيءَ کان لاهو ايندي وقت اسان جو پاڪستاني رسلوي اسٽاف سڄي واٽ لٽ کوڙي اسان جي ACC دٻي ۾ خالي ٻئنچن تي ستو رهيو. خانپور يا پنجاب جي ڪنهن اسٽيشن تي مسافرن جو تعداد وڌي ويو تہ ڪين پاڻهي شرم تہ نہ آيو پوءِ نيٺ ٻين اٿارين تڏهن اٿيا پر پوءِ بہ دٻو نہ ڇڏيائون. ڊگها ٿي سمهڻ بدران وينا رهيا. منجهد جو 12 کان پوءِ AC ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو پر AC لاءِ چڙهيل بہ ڇڻا (هڪ وڏي عمر جو ۽ ٻيو تازو گريجوئيٽ ٿي آيل نوجوان) ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيا. نوجوان کي مون ڪجهہ غيرت ڏياري تہ توکي تہ ڪم ڪرڻ ۽ سکڻ کپي. اٿي ڏس تہ گيس ليڪ آهي يا Expantion والو صحيح ناهي تہ هن اٿڻ بدران اهوئي Reason ڏنو تہ ”مون کي هيءَ نوڪري ملي وئي آهي پر مون کي Refrigeration جي معلومات ناهي جو مون اليڪٽريڪل ۾ B.E ڪئي آهي.“ ٻيا تہ ٺهيو پر گاڏيءَ جي دٻن جا Spring وغيره چيڪ ڪرڻ وارو بہ سڄي واٽ ستو رهيو. خبر ناهي ڪيئن انهن جي گريزنگ ۽ Maintenance ٿئي ٿي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ لوئر ACC جو تقريبا سڄو دٻو اسان لاءِ ڪراچيءَ کان کان لاهور تائين بڪ ٿيل هو. صبح جو ڪراچيءَ ۾ جڏهن اسان جي شاليمار ريل هلڻ لاءِ اچي پليٽ فارم تي لڳي ۽ اسان پنهنجي دٻي ۾ گهڙياسين تہ دٻو صاف سٿرو هجڻ بدران اٽڪل ڏهہ کن سيٽن تي بلاڪيٽ ۽ چادرون اوڙهيو ريلوي جو اسٽاف ستو پيو هو. لٽرلي هڪ هڪ کي اٿاريو اٿائون. هڪ هڪ آرام سان ڪر موڙي، ڪانگهارا ڪيندي، ٽائليٽ استعمال ڪري پوءِ دٻي مان ٻاهر نڪتو آهي ۽ پوءِ Toilets جي ٻاهران اسان جي

ريلوي وارن اهو چِو لکيو آهي تہ ”ريلوي اسٽيشن تي جڏهن گاڏي بيٺل آهي تہ استعمال نہ ڪريو.“ هي ماڻهو ڪير آهن جيڪي ريل کي مفت جي هوٽل سمجهي استعمال ڪن ٿا ۽ ويندي وقت مسافرن لاءِ گند ڪريو وڃن. جيڪي سفر لاءِ ٻڪ پئسن جا ريلوي وارن کي ڏيئي ٽڪيٽ خريد ڪن ٿا. ان خيال کان انڊيا جي ريل جا ڊٻا بيحد صاف سٿرا نظر اچن ٿا. هر شيءِ Operative نظر اچي ٿي. ڪو ڪنڊو ڪڙو ڀڳل ناهي، ڊٻي جي خالي ٿيڻ تي سخت قسم جي جراثيم مارينڊر دوا اسپري ذريعي لڳائين ٿا ۽ اها دوا واقعي اهڙي نج ۽ Effective استعمال ڪن ٿا جو هڪ اهڙي ڊٻي ۾ اسپري ٿيڻ وقت ڊاڪٽر لڇمڻ جي ڌيءَ نوري پنهنجو وسري ويل ڪو سامان ڪڍڻ لاءِ چڙهي وئي تہ بيهوش ٿي وئي. معنيٰ اهڙي سخت قسم جي اسپري سان ضرور جراثيمن جو خاتمو ٿي ويندو هوندو ۽ ڊٻا Hygenic رهندا هئا. شايد اهوئي سبب آهي جو هتي جي ريل جي ڊٻن ۾ اسان کي مکيون ۽ مڇر نظر نہ آيا جيتوڻيڪ هونءَ هندستان جي رستن ۽ بستين ۾ اسان جي ملڪ کان گهڻيون مکيون ۽ مڇر پٽين ٿا. بهرحال اهي ڳالهيون ۽ ماڻهن جي Duty جو Sense آهي جيڪي اسان جي ملڪن جي مختلف ڊپارٽمينٽن جي ڪريل ڪارڪردگيءَ جي نشاندهي ڪن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# دهليءَ جي عمارتن جو سير

دهليءَ ۾ اچڻ جو خاص مقصد اسان جي پيٽارو جي درست رامچند اوڏ جي پٽ راجيش جي شادي اٽينڊ ڪرڻ هو. ان بعد ٻن هفتن بعد انڊيا جي گجرات صوبي جي تواريخي شهر ٻڙودا (جنهن کي هاڻ وري سندس اصلي نالو Vodoodra جي نالي سان سڏين ٿا) ۾ اسان جي پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج جي ٻئي دوست ۽ رامچند اوڏ جي ڀاءُ نولراءِ جي پٽ مڪيش جي شادي اٽينڊ ڪرڻي هئي. سو هاڻ جيئن دهلي واري شادي پوري ٿي ته اسان سنڌ کان آيل سڀ ڄاڃي ڄڻ آزاد ٿي وياسين ۽ روزانو ٽولن ۾ يا اڪيلي سر دهلي ۽ اوس پاس جي شهرن کان علاوه اجمير، آگري، هردوار جهڙن ڏورانهن شهرن ڏي به نڪرڻ لڳاسين جيڪي ٻين صوبن ۾ آهن ۽ پوءِ ان ئي ڏينهن شام ڌاري موٽي ايندا هئاسين يا رات ٽڪي ٻئي ڏينهن دهليءَ ورندا هئاسين جتي اسان پنهنجو نام نڪاڻو ناهي رکيو هو.

اسان سان گڏ آيل ڄڃ جا ماڻهو صبح جو دير سان اٿندا هئا پر منهنجي سوير اٿڻ جي عادت ڪري آئون هاڻ اڪيلي سر سوير ئي نيرن ڪري چڪر تي نڪرڻ لڳس. بلڪ نيرن به ٻاهر ڪٿي نه ڪٿي ڪري وٺندو هوس. صبح جو سوير نڪرڻ ڪري جيئن ته سج جا ڪرڻا پاسيرو رهن ٿا ان ڪري فوٽو گرافي به بهتر ٿي ويندي هئي. دهليءَ جي تقريبا هر گهٽيءَ ۾ هڪ به ننڍي ريڙهي واري هوٽل ضرور نظر اچي ئي اچي ان تي ڪا عورت، ڇوڪرو يا پوڙهو مرد گيس جي سلينڊر تي چلهو ٻاري ديگڙيءَ ۾ چانهه ناهي ٿي روپئي ڪپ پيو وڪڻندو ته ڪو بيضا ۽ اڦراٽا پيو ناهي وڪڻندو. سو سوير نوڪرين تي نڪرڻ وارا اهڙن ريڙهي وارن کان فقط چانهه يا نيرن ڪري پوءِ آفيس يا فيڪٽرين ۾ وڃن. آئون به پنهنجي بورچيءَ جي اٿڻ جو انتظار ڪرڻ بدران ٻاهران هڪ اهڙي ڪئبن واري هوٽل تان ڇوڪري کان چانهه جا هڪ ٻئي پويان ٻه ڪن ڪوپ پي وٺندو آهيان. سامهون خالصا ٽيڪسي اسٽينڊ آهي ان تي رات جي ٻينل ٽيڪسين جا سک ڊرائيور به ان کان چانهه وٺي پيئندا آهن جنهن وٽ آئون ايندو آهيان. پوءِ هڪ ٻه ڄڻا مون سان به خبر چار ڪن يا ڪڏهن آئون ڳالهائڻ جي موڊ ۾ هوندو آهيان ته آئون ساڻن خبرون ڪندو آهيان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ڪٿي جا آهيو؟“

”پنجاب جا پرهاڻ هتي ئي رهون ٿا؟“

”هي فٽ پاٿ تي نهيل جهڳين ۾ڪير رهن ٿا؟“

”هي بهار ۽ ٻين رياستن جا غريب بيروزگار آهن جن کي سرڪاري ٺيڪيدار هتي وٺي آيا آهن.“

”ڇو ڀلا اتي انهن رياستن ۾ ڪم ناهي ڇا؟“

”ظاهر آهي بيروزگاري آهي تڏهن تہ هتي اچن ٿا.“

”کين ڏهاڙيءَ جو گهڻو ملي؟“

”اهوئي تہ مسئلو آهي کين تمام گهٽ ملي ٿو. سندن ڪمائيءَ جو وڏو حصو ٺيڪدار کايو وڃن. هتي پڙهيل ڳڙهيل لاءِ بہ بيروزگاري آهي. هاڻ مڙيئي انڊيا جي ايڪانامي سنڌري پئي، گهڻ گهٽ پڙهلين کي آمريڪا ۾سٺيون نوڪريون ملن پيون ان کان علاوه عرب ملڪن ۾ بہ.“

”تون ڪيترو پڙهين؟“

”مون فقط ميٽرڪ ڪئي ۽ هي اباڻو ڌندو ٽيڪسي هلائڻ ۾ جو ڪريان ٿو.“

”توکي ٻاهر وڃي ولايت ۾ نوڪري ڪرڻ جو شوق نٿو ٿئي.“

”آئون بہ ڪجهہ عرصو ٻاهر نوڪري ڪري آيو آهيان.“

”ڪٿي سعودي عرب ۾؟“

”نہ منهنجا سڀ سک مائٽ ڪويت ۾ ڪم ڪن ٿا.“

”ڪهڙو ڪم ڪن ٿا.“

”اهوئي ڀڏايو مانو نہ ٽيڪسي، لاري ٽرڪ هلائڻ اسان جو اباڻو ڌندو آهي.“

۽ ائين ڳالهين ڪندي هڪ بدران بہ ڪوپ بہ ختم ٿي ويندا آهن. هڪ ڏينهن هلڪ سک ٽيڪسي ڊرائيور کان پڇيم تہ آگري وڃي هلڻ ۽ موٽائي آڻڻ جا گهڻو وٺندين؟

”اٽڪل چار هزار روپيا کن.“

”چار هزار گهڻو ناهي؟“

”سفر بہ اوٽ موٽ جو اٽڪل ڇهہ سؤ ڪلوميٽر آهي.“

”تڏهن بہ؟“

”چڱو ڀلا ساڍا ٽي هزار وٺندس، جڏهن بہ موڊ ٿيانو تہ هڪ ڏينهن اڳ ٻڌائجو تہ پنهنجي گاڏيءَ ۾ تيل ڀرائي صبح ساڻ اچي ڪٽندوسانو.“

هڪ ڏينهن دهليءَ جون اهم ۽ تواريخي جايون ڏسڻ لاءِ صبح سان ڪئميرا کڻي آٽو رڪشا لاءِ روڊ تي اچي بيٺس. هونءَ جو هر وقت منٽ منٽ تي ڪا ڀريل يا خالي آٽو رڪشا پئي لنگهي اڄ ڪا نظر ئي نہ اچي، هڪ ٻہ نظر آيون سي بہ خالي پر اهي بہ اهو بهانو ڪري هليون ويون تہ گيس ڪانهي انهيءَ ڪري مون کي ڀِرين اوڪلا ڏي تيل ڀرائڻ لاءِ وڃڻو آهي. پوءِ معلوم ٿيو تہ آٽو رڪشا وارن مسافر ڪٺڻ کان اڄ هڙتال ڪئي آهي. ”ڏاڍي ٻڌايائون.“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو ”آئون بہ اڄ پنهنجن ساٿين سان دهلي کان ٻاهر ڪو شهر گهمڻ بدران اڪيلي سر دهليءَ جي سير تي نڪتو هوس تہ هنن اسٽرائيڪ ڪئي آهي ۽ اسان جهڙن ٽوئرسٽن لاءِ انڊيا جي اها آٽو رڪشا ئي صحيح سواري آهي. سائيڪل رڪشا وڏ ۾ وڏ ميل اڌ في فاصلي تائين صحيح آهي. بس ۾ چڙهڻ جي پاڻ ۾ همت ناهي جو بسون هڪ تہ پنهنجو روٽ وٺي هلن ۽ ٻيو تہ ڪڏهن خالي رهن ٿيون تہ ڪڏهن منجهن اهڙي پيهہ پيهان ٿي ٿئي جو نہ فقط چڙهڻ ۽ لهڻ مشڪل پر اندر بيهي ساهہ کڻڻ بہ مشڪل. ٻڌبو هو تہ انڊيا ۾ بس ۾ ماڻهو قطار ۾ چڙهن ٿا. عورتون ۽ مرد گڏ ويهن ٿا وغيره وغيره. بلڪل صحيح آهي پر اهو اچي هاڻ معلوم ٿيو آهي تہ ڪي خوش نصيب ئي ويهن ٿا باقي مخلوق، عورتون توڙي مرد ساردين مڇين وانگر هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي سان پير پير سان ملائي بيٺل نظر اچن ٿا. ٽيڪسي هڪ ٻن ميلن لاءِ مجبوريءَ ۾ تہ صحيح آهي باقي اڌ شهر گهمڻ لاءِ جيڪو گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ ڪلوميٽر ٿيو وڃي مهانگي ئي پئجي.

بهرحال آٽو رڪشا جي ڳولا ۾ آخر ڪامياب ٿي ويس ۽ هڪ جڻو راضي ٿي ويو. هن مون کي پير ۾ ٺهيل ڪالڪا ديوي جو مندر، بهائي ڌرم جو مندر ۽ ٻيون ڪجهہ شيون ڏيکارڻ بعد آخر ۾ انڊيا گيٽ ۽ قطب مينار ڏيکاري واپس هتي ئي (جتان وٺي هليو ٿي) آڻڻ جا چار سؤ روپيا چيا.

”چار سؤ تہ گهڻا ٿو ٻڌائين. ٻيا تہ اهي شيون ٻن اڍائي سؤ روپين ۾ گهمائي آيا آهن.“ مون احتجاج ڪيو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”صحيح ٿا چئو پر اڄ اسٽرائيڪ آهي. هونءَ تہ آئون پوليس کان ڊڄان ٿو ۽ نہ ٽيڪسي وارن جي ايسوسيئيشن کان. پر ڪو مٿي ڦريل دارونءَ جي بوتل چاڙهي بيٺو هجي ۽ پٿر هڻي منهنجي رڪشا جو اڳيون شيشو پيچي رکي تہ مون غريب کي نئين شيشي لڳرائڻ جا ٽي سؤ روپيا چٽي پئجي ويندي.“

”چڱو هينئن ڪر، اڍائي سؤ وٺ. شيشو جي ڀڄو تہ نئون آئون هڻائي ڏيندس.“ مون چيومانس.

”سائين ڀيريون وارو حساب توهان لاءِ بہ ۽ مون لاءِ بہ صحيح ٿيندو باقي آئون توهان کي اڍائي ٽي ڪلاڪ کن دل وٽان گهمائيندس. ڀلي جتي جيترو وقت وٺانوَ وچجو پيو آئون انتظار ڪندو رهندس.“

مون کي ڊرائيور جي ڳالهہ وڻي، ٿورو گهڻو پڙهيل ۽ جوان مڙس بہ هو يعني هو منهنجو رکي رکي فوٽو بہ ڪڍي سگهيو ٿي. وڏي عمر جي ڊرائيور لاءِ نظر گهٽ هجڻ ڪري، فوٽو ڪڍڻ بہ مسئلو ٿيو پوي جو ان لاءِ ويجهي جي عينڪ ضروري ٿيو پوي. خاص ڪري هنن Digital ڪئميرا سان فوٽو ڪڍڻ مهل.

”ڀرين هي پر وارا مندر ڏسندا هلون؟“ ٽيڪسي ڊرائيور جنهن جو نالو ونود ڪمار هو تنهن پڇيو.

”بلڪل هتان کان شروع ٿي انڊيا گيٽ تائين هليو هل. رستي تي دهليءَ جون جيڪي بہ اهم شيون سمجهين اهي ڏيکاريندو هل. باقي رهيل ڏسڻ لاءِ وري ٻئي ڪنهن ڏينهن هلنداسين.“

اسان جي رهائش واري علائقي کان هندن جو ڪالڪا مندر ۽ بهائي ڌرم جو ڪنول مندر (Lotus Temple) بلڪل ويجها آهن. بلڪ ڪنول مندر جي جي ڪنول جي گل جهڙي ڇت تہ اسان واري بلڊنگ جي ڀرين ماڙ تان مون واري ڪمري مان بہ نظر اچي ٿي ۽ ڪالڪا مندر تہ آهي ئي هن علائقي ۾ جنهن تان هن علائقي جو نالو ”ڪالڪاجي“ پيو آهي. پر ۾ پارس سئنيما، صفدر جنگ اسپتال، بالاجي مارڪيٽ، گوبندا پوري بازار ۽ هتي جو جهونو ڪاليج ”ديش بندو ڪاليج“ آهي. ان کان علاوه دهليءَ جي مشهور پوليٽڪنڪ انسٽيٽيوٽ (جنهن لاءِ چون ٿا تہ دنيا جو ٻيو نمبر وڏو پوليٽيڪنڪ دارو آهي. ضرور هوندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سندس ايراضي ۾ شاگردن جي بي پناهه تعداد مان لڳي بہ ٿو) هرڪيش نگر (جنهن ۾ سنڌ کان آيل اوڏ رهن ٿا ۽ سندن وڏو هولڊ آهي) ۽ شيام نگر آهي. هن پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ جي پرسان ئي بنارسي داس چاندي والا آئي انسٽيٽيوٽ آهي. هارٽ انسٽيٽيوٽ ۽ نهرو پليس پڻ هتي ئي آهن. ڪالڪا جي، نهرو پليس ۽ ديش بندو ڪاليج نالي وڏا بس اسٽاپ پڻ آهن.

انڊيا مندرن جو ديس آهي. هتي جو پراڻو مذهب هندو ڌرم آهي جنهن جو هزارين سال پراڻو اثر هن ننڍي کنڊ تي آهي. ٻڌ ڌرم، جين ڌرم، سک ڌرم ۽ اسلام ان کان پوءِ هن ڌرتي تي آيا ۽ انهن مذهبن جا بہ پنهنجا پنهنجا عبادت گهر انڊيا ۾ موجود آهن پر دنيا جا سڀ کان پراڻا مندر هن ملڪ ۾ آهن ائين تہ اڄڪلهہ جتي جتي بہ هندو رهن ٿا اتي هنن جا مندر آهن پر انڊيا کان پوءِ ٻئي نمبر تي گهڻا مندر ۽ سرڪاري طرح هندو ڌرم نيپال ۽ انڊونيشيا جي هڪ ننڍڙي ۽ سهڻي ٻيٽ بالي ۾ آهي. اهي مندر مختلف ديوين ۽ ديوتائن جي نالن سان سڏجن ٿا جن جون مورتيون انهن مندرن ۾ ٿين. روزمره کان علاوه ڪن مندرن جا ڪي خاص ڏينهن پوڄا لاءِ شڀ ڏينهن سمجهيا وڃن ٿا جن پوڄارين جو وڏو تعداد پنهنجي دلپسند ديويءَ يا ديوتا جي مورتيءَ جي درشن لاءِ اچي ٿو.

آٽو رڪشا ڊرائيور ونود ڪمار ٻڌايو تہ ”اهڙو ئي پلارو ڏينهن هن مندر جو اڄ آهي ان ڪري تمام گهڻي رش آهي ۽ ماڻهو پري پري جي ڳوٺن کان ڪهي هتي آيا آهن جن مان گهڻو تعداد تہ ڪيل سڪا موجب پيرين پنڌ پهچي ٿو.“ ماڻهن ۾ گهڻو تعداد واقعي ڳوناڻن جو نظر اچي رهيو هو جن ۾ بہ عورتون ۽ ٻار گهڻا هئا. مندر ۾اندر گهڙڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلو ميٽر جي ڊگهي قطار هئي. ڪيترين عورتون مندر جي پهرين چائنٽ ٽپڻ کان وٺي اندر تائين پٽ تي ليٽي نونئين ۽ گوڏن جي زور تي Crawling ڪري (ليٽڙيون پائي) اڳتي وڌي رهيون هيون. مندر جي ٻاهران مين روڊ تي مندر ۾ پرساد ڏيڻ لاءِ ناريلن، رومالن، مٺن مرمڙن ۽ چانورن جهڙين شين جا دڪان فٽ پاٿ تي ائين هئا جيئن ڪراچيءَ ۾ عبدالله شاهه غازيءَ جي مقبري ٻاهر آهن. ماڻهو خاص ڪري ڳوناڻيون عورتون اخبار جي پني يا ٿالهہ ۾ اهي شيون رکي قطار ۾ بيٺل هيون جيڪا قطار بيحد آهستي اڳتي وڌي رهي هئي. هڪ عورت جنهن کان پرساد جو ٿالهہ وٺي منجهس رکيل شيون ڏنم تنهن ٻڌايو تہ هوءَ پر واري ڳوٺ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

صبح جو ڇهئين بجي پيرين پنڌ نڪتي آهي ۽ هن قطار ۾ بيٺي بہ بہ ڪلاڪ ٿي ويا اٿس ۽ اڃا بہ لڳي ٿو تہ ديويءَ جي درشن تائين پهچڻ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ لڳي ويندو. پر ۾ ويٺل هڪ ٻي عورت ڪي سندس ننڍڙو ٻار بہ تنگ ڪري رهيو هو ۽ هوءَ ٿڪجي بہ پئي هئي پر هن ٻڌايو تہ هوءَ گهران پڪو پهہ ڪري هن مندر لاءِ نڪتي آهي ۽ هاڻ پلي سڄو ڏينهن لڳي وڃي هوءَ واپس نہ ويندي ۽ هن کي يقين آهي تہ ڪالڪا ديوي جيڪا هن تي بيحد مهربان آهي اها سندس دل جو مرادون پوريون ڪندي.

آئون بہ مندر اندران ڏسڻ خاطر ڪجهہ دير قطار ۾ بيٺس پر ڪجهہ ماڻهن جي پيهہ پيهان ۽ Suffocation ڪري ۽ ڪجهہ ٻارن جي اتي جو اتي هنگڻ مٽڻ جي ڏپ ۽ لوبان ۽ ٻين مسالن جي سڙڻ جي تکي بوءِ ڪري ۽ ڪجهہ آٽو رڪشا ڊرائيور جي نماڻين اکين کي ڏسندي جنهن جو وقت وڏيڪ ڪمائڻو هو مون هاڻ موٽڻ جي ٿي ڪئي پر پوءِ هڪ ڀائي جنهن سان ٻاهر فوٽو ڪيڊرايمر سو ٻين کي منهنجي نالي اهو چوندي تہ فارينر آهي ۽ ڪلاڪ بعد فلائيٽ اٿس. ٻين پوڄارين کي هٽائي مون کي اندر تائين نہ فقط وٺي هليو پر فوٽو پڻ ڪيڻ جي اجازت وٺرائي ڏنائين. ان Service جا مون ان ڀائي کي ڪجهہ پئسا آفر ڪيا جيڪي هن ڏکيائيءَ سان مڃي قبول ڪيا. بهرحال ان ڀائي کي يا مون مندر ڏسڻ جي خوشي ٿي يا نہ پر اسان جي ڊرائيور جي من جي مراد ضرور پوري ٿي وئي جو مون کي جلد وارو ملڻ ڪري جهٽ موٽڻو پيو ۽ هن جو وقت بچي پيو.

هن مندر جي ٻاهران ئي بهائي ڌرم جي ماڻهن جو ڪنول مندر آهي ۽ ٿورو رڪشا ۾ هلي ڪنول مندر جي وڏي در تي لڳاسين جنهن جي پاسي کان اڇي رنگ جي وڏي پٿر تي سونهري اکرن ۾ لکيل آهي:

Bahai House of Worship

پائي ڌرم جا ڪيترائي ايراني پنهنجي ملڪ ۾ بہ رهن ٿا. خاص ڪري ڪراچي ۽ لاهور ۾ هو چانهہ ۽ بسڪيٽن جون هوٽلون هلائين ٿا. انهن جي هوٽلن جي خاص نشاني اها هوندي آهي تہ پئسن وٺڻ واري ڪائونٽر مٿان فريم ۾ ”يا بهائي“ جهڙا لفظ لکيل ٿين ٿا. هتي انڊيا ۾ پارسين وانگر (جيڪي باهہ جي پوڄا ڪن ٿا ۽ ايران جي شهر پارس کان اسان جي ننڍي کنڊ ۾ آيا) هي بهائي بہ تمام گهڻا رهن ٿا ۽ سندن بهائي عبادت گهر انڊيا جي هن شهر دهليءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪان علاوه ڪمپالا (يوگنڊا) شڪاگو (USA) فرئنڪفورٽ (جرمني) سڊني (آسٽريليا) پاناما ۽ دنيا جي ٻين شهرن ۾ آهن. هي دهليءَ وارو سندن عبادتگاهه ”ڪنول مندر“ ان ڪري سڏجي ٿو جو هتي جي عمارت جو گنبذ ڪنول جي گل جي شڪل جهڙو آهي. مندر جي چوڌاري وڏي پٽ ڏنل آهي ۽ دهليءَ جهڙي شهر ۾ جتي پٽ جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ٿي ڪري هي مندر سوين ايڪڙن تي پکڙيل آهي.

”بهائي عبادت گهر خدا جي عبادت جو مرڪز آهي، هتي خاموشيءَ سان ويهي هڪ انسان پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي لاءِ خاموش محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪري ٿو.“ هتي جو گائيڊ مون کي ۽ ٻين آيل ٽوئرسٽن کي هن عبادت گهر بابت روز جا رٽيل جملا ٻڌائيندو هلي ٿو ”بهائي عبادت گهر سڀني مذهبن لاءِ کوليو ويو آهي.“

هن عبادت گاهه جي زمين 1953ع ۾ خريدي وئي هئي ۽ تعمير جو ڪم 1980ع کان شروع ٿيو. جيڪو 1986ع ۾ مڪمل ٿيڻ بعد پبلڪ لاءِ کوليو ويو. هن عبادت گاهه جي پهرين ماڙ تي انتظام هلائڻ لاءِ آفيس ۽ ٻئي طرف لائبريري ۽ پبلڪ لاءِ سلائيڊ شو لاءِ ڏار هال آهي.

هتي جي هڪ عالم جي چواڻي ”بهائي دين هڪ مستقل عالمگير دين آهي جنهن جو ظهور 1844ع ۾ ٿيو بهاءَالله هن دين جو دور شروع ڪيو جنهن جي پيدائش هڪ معزز ۽ ممتاز وزير جي گهر ۾ 1817ع ۾ ايران ۾ ٿي. ڪيس خدا جي طرف کان پهريون دفعو 1853ع ۾ تجلي نظر آئي. ان کان پوءِ ڪيس بغداد جلاوطن ڪيو ويو جتي ڏهه سال رهڻ بعد هن پنهنجو پاڻ کي دين جو پيشوا هجڻ جو اعلان ڪيو. جنهن بعد ڪيس ڪجهه عرصو اتي جي هڪ ٻي شهر ۾ قيد رکڻ بعد 1868ع ۾ فلسطين آندو ويو جتي جي شهر عڪا ۾ هن کي وري قيد ڪيو ويو. جتي هن 1892ع ۾ وفات ڪئي. بهائي دين جي هندستان ۾ آمد سن 1844ع ۾ سندس جيئري ئي ٿي وئي هئي....“

بهرحال ڪجهه گائيڊ جو ليڪچر ڪنن سان ٻڌندي ڪجهه هن عبادت گهر جي سهڻي عمارت ۽ مختلف ملڪن ۽ هندستان جي مختلف شهرن کان آيل ماڻهن جي خوبصورت چهرن ۽ سندن ويس وڳن کي ڏسندي اچي ٻاهر نڪتاسين. هڪ خوبصورت نيپالي عورت جو فوٽو به ڪڍيم. بلڪ اڪيلو ڏسي فوٽو لاءِ چيومانس ته پيهه ۾ بيٺل سندس مڙس ڏي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موڪل وٺڻ لاءِ هلي وئي تنهن مون کي غور سان ڏسي ڪيس مون سان گڏ فوٽو ڪيائڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي. جيڪا ويهه ٽيهه سال کن اڳ واري الطاف کي هرگز نه ملي ها جڏهن هو جوان هو.

رڪشا وارو انتظار ڪري رهيو هو: مون کي پنهنجي رڪشا سڃاڻڻ ۾ دير نه لڳي جو ڪنول مندر جي ٻاهران اهائي هڪ رڪشا بيٺل هئي. رڪشا وارن جي اسٽرائيڪ ڪري رستن تي به ڪا ورلي رڪشا نظر آئي ٿي. مندرن ۽ ٻين عمارتن ۽ پارڪن ٻاهران جتي روزانو ڪيترين ئي رڪشائون نظر اچن ٿيون اڄ هڪ به نه هئي. ڪنهن هنڌ ڪا هڪ به هيون ته ڪنڊ پاسي ۾ بيٺيون هيون ۽ ڊرائيور غائب هئا. آئون جيئن ئي رڪشا ۾ ويٺس ته هڪ موالي ٽائيپ سيپڪڙي سگريٽ جو ڪش هڻي مون واري ڊرائيور انود کي چيو ته"سواري اٺاهاني کي منع هي."

"وڃ ڙي گرا. تون ڪير ٿيندو آهين مون کي جهلڻ وارو." ڊرائيور ڊڃڻ بدران رعب سان چيس.

"اڇا اها ڳالهه آهي." سڪل دادا پنهنجي کيسي مان موبائيل فون ڪڍي ان جي نمبرن تي هٿ رکيو. يعني ٻين دادائن يا آل رڪشا جماعت جي ليڊرن کي اطلاع ٿو ڪريان. پر مون واري ڊرائيور به يڪدم پنهنجي کيسي مان موبائيل فون ڪڍي چيس: "اڙي ڪنگلا تون ڏوئنس ڪنهن تي ٿو ڄمائين؟ تون سمجهين ٿو ته رڳو تو وٽ موبائيل فون آهي. ڪر پڙهين کي فون ته آئون تنهنجي ماءُ پوليس کي فون ڪيان."

مون سمجهيو ته هاڻ ٿو جهيڙو ٿئي ۽ مون کي گهر تائين پنڌ وڃڻو پوي پر سڪل دادا پنهنجي فون کي کيسي ۾ وجهي چيس: "چڱو تون موٽي اچ ته توکي ڏسان ٿو."

"اڃهو ٿو موٽان جيڪي ڪرڻو اٿئي اهو ڪجانءِ." اسان واري ڊرائيور هن کي چئي مون کي وري پهرين مندر ڏي وٺي ويو جتي مون کي اڃا ڪجهه فوٽو ڪيڻا هئا. مندر جي ٻاهر دڪاندران حوالي رڪشا ڪري ڊرائيور مون سان گڏ مندر ۾ هليو جتي هڪ ٻائي کي کيڪار ڪري مون کي هن جي حوالي ڪيو ته جيڪي وٺنر فوٽون ڪيان. واپسيءَ تي رڪشا ۾ اچڻ وقت دڪاندارن کيس چانهه پيئڻ لاءِ چيو.

"لڳي ٿو تنهنجي ڄاڻ سڃاڻ ڪافي آهي." مون ونود ڪمار ڊرائيور کي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”سائين مون هنن ٻنهي مندرن تي ڇهه سال ڪنسٽرڪشن جو ڪم ڪيو آهي سو هن تر جا ماڻهو مون کي سڃاڻن ٿا.“ واپسيءَ تي مون کي لڳو ته سنهو سڪل داداگير اسان جو ڳٽ جهليو بيٺو هوندو پر اهو غائب هو.

”ڪڏانهن ويو سوير وارو دادا؟“ مون ڊرائيور کان پڇيو.

”هن ملڪ کي دارونءَ تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ٽڪي ٽڪي جا ڇورا چاڙهيو بوتل پاڻ کي قوس مان فتح خان ٿا سمجهن. هاڻ اهو ڇا جهيڙو ڪندو جيڪو پنهنجين ٽنگن کي سڌو نٿو رکي سگهي. گهر ۾ جوڻس خرچ هلائڻ لاءِ ڪو يار پئي ڳوليندي هوندي پاڻ هليو آهي ٻي بوتل لاءِ پئسا ميڙڻ...“

”شراب لڳي ٿو ته سستو هجڻ ڪري گهڻو پيتو وڃي ٿو.“ مون کيس چيو.

”سستو هجي يا نه هتي جي غريب عوام پيئڻ جي عادي ٿي چڪي آهي. مهانگو ٿيندو ته به پيئڻ نه ڇڏيندا. جوءِ ۽ ٻار به گروي رکي بوتل وٺندا. سرڪار به چپ آهي جو سندس وڏي ڪمائي شراب مان آهي.“

ڊرائيور رستي تي هڪ ٻيو ننڍڙو مندر، ڪالي مندر، هوچي منهه روڊ تي هيلٿ سينٽر ۽ اڳتي هارٽ انسٽيٽيوٽ جون عمارتون ڏيکاريندو مٿرا روڊ تي روڊ تي چڙهيو جيڪو ائين آهي جيئن ڪراچيءَ جو ايم اي جناح روڊ. رستي تي ڪيترائي فلاءِ اوور آيا جن جي هيٺان گهٽ اهم روڊ گذري ويا هئا. آئون هيڏانهن هوڏانهن بسين، ٽرڪن رڪشائن جي پيهه پيهان، هر هنڌ ماڻهن جا درياءَ ۽ مختلف عمارتن کي ڏسندو رهيس ۽ علائقن ۾ رستن جا بورڊ پڙهندو رهيس. انڊيا اچڻ کان اڳ پنهنجي بنگالي جهازي دوست چيف انجنيئر بديع زمان سان ملاقات ٿي هئي. تنهن کي انڊيا وڃڻ جو ٻڌايم. ”تو ته ڪيترائي دفعا ڏٺي هوندي.“ مون کانئس پڇيو.

”ها بنگلاديش بعد مڙيئي ٿي چار دفعا باءِ روڊ انڊيا ويو آهيان. هيئنر به منهنجي جهاز جي روٽ چٽگانگ، ڪلڪتو چنائي، بمبئي، ڪراچي آهي.“ هن ٻڌايو.

”يلا اهو ته ٻڌاءِ ته انڊيا جا شهر ڪيئن ٿا لڳن. تو ته سڄي دنيا ڏٺي آهي.“

مون کانئس پڇيو ۽ جواب ۾ مون انڊين فلمون ڏسي جيڪو انڊيا جي شهرن جو تصور ٺاهيو هو اهو يورپ جي شهرن جهڙو نه ته بيروت، دبئي، ڪوالالمپور، سنگاپور جهڙو ضرور هو

پر جڏهن جواب ۾ بديع زمان ٻڌايو ته انڊيا جا شهر بنگلاديش جي چٽگانگ ۽ ڍاڪا جهڙا ئي لڳن ته مون کي تعجب لڳو هو.

”ڇا مطلب؟“ مون پڇيو مانس.

”اڙي ڀائي ڇا مطلب ڇا. بس جيئن چٽگناگ ڏٺو اٿئي. جتي ڪٿي غربت، عوام، گندگي...“ هن وراڻيو.

”۽ پاڪستان؟“ مون پڇيو هئومانس.

”اهو ان جي مقابلي ۾ صاف سٿرو ۽ گهٽ آدمشماري وارو آهي، ماڻهو اڇن اجرن ڪپڙن ۾ فضيلت وارا ٿا لڳن. اسلام آباد جهڙو شهر ته يورپ وانگر ٿو لڳي.“ هن وراڻيو.

”پر فلمن ۾ مون ڏٺو آهي ته انڊيا جا شهر تمام سٺا آهن. سهڻا سهڻا پارڪ خوبصورت رستا، حسين عورتون، يورپ وانگر اوچيون عمارتون، هوٽلون ۽ ماڊرن ڪلب...“ مون بديع کي چيو هو.

”صحيح ٿو چوين، ائين ضرور آهي پر انڊيا جي شهرن جا فقط ڪجهه حصا جيڪي ڪٿي پاڪستان جي شهرن کان سهڻا ۽ امير هجن. پر هتي اسان جنرل ڳالهه پيا ڪريون. ائين ته نيويارڪ شهر جي هارلم علائقي ۾ غريب ۽ موالي شيدي ڪچري جي ڍبي مان ڊبل روٽي ڪڍي پيا کائين. ان جو مطلب اهو ته نه ٿيو ته سڄو آمريڪا يا نيويارڪ غريب آهي. اهڙي طرح انڊيا جي شهرن جا ڪجهه حصا بهتر آهن.“ ۽ هاڻ جڏهن هفتي ٻن کان آئون دهلي ۽ ٻين وارن شهرن ۾ ڦري رهيو آهيان ته بديع الزمان جي ڳالهه صحيح ٿي لڳيم.

آئون دهليءَ جي گهٽين جي گندگي، مين روڊ تي رستو بلاڪ ڪندڙ ۽ چيڙا لاهيندڙ ڍڳين، فٽ پاٿ ۽ پٽين اڳيان Zip کولي پيشاب ڪندڙ ماڻهن، ڪچري جي ڍبن اڳيان ڦرندڙ رول ڪتن ۽ اٿليل گٽرن ۾ پريل ڪاري رنگ جي سوئرن تان ڌيان هٽائي هيڏانهن هوڏانهن سهڻن پارڪن، مختلف اسڪولن مان نڪرندڙ يونيفارمن ۾ سمارٽ ۽ ڊسپلينڊ ٻار، هتي جي نهيل نديڙين ۽ چمڪندڙ گاڏين کي ڏسان ٿو ۽ بورڊ پڙهڻ شروع ڪيان ٿو:

مولچند اسپتال،

نهرو پليس ايسٽ،

نهرو پليس بس اسٽاپ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايروز سئنيما هال، جنهن ۾ وير زارا فلم لڳل آهي.

لجپت نگر

نظام الدين ايسٽ

نظام الدين ويسٽ ۽ ان کان ٿورو اڳيان حضرت نظام الدين اولياء ريلوي اسٽيشن ۽ روڊ پڻ. اڳتي هلي حضرت نظام جي درگاهه جنهن کي ۽ جاميه مليه يونيورسٽيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڪنهن ٻئي ڏينهن نڪرندس.

ٿورو اڳيان جتي ڪابي کان لوڌي روڊ اچي ٿو هن مين روڊ مٿرا تي لڳي ان تي مغل شهنشاهه همايون جو مقبرو آهي. مغلن جي سلطنت ۾ هندستان ۾ ڪجهه عرصي لاءِ اهڙيون به حالتون پيدا ٿيون جو همايون پنهنجي جان بچائڻ لاءِ دهلي ڇڏي اچي ٿر جي ڏورانهين شحر عمرڪوٽ ۾ رهيو جتي ڪيس شهنشاهه اڪبر ڄائو جيڪو همايون کان پوءِ هندستان جو وڏي اثر رسوخ وارو بادشاهه ٿيو. آٽو رڪشا واري کي ترسائي فوٽو ڪڍان ٿو ۽ دل ۾ هڪ واٿهڙو خيال اچي ٿو ته همايونءَ کي ڪهڙي خبر ته سندس مرڻ کان 450 سال رکي مون جهڙو ڪو متوالو سندس مقبري جو اچي فوٽو ڪيندو ۽ جنهن بادشاهن سان نفرت هجڻ ڪري انٽر ۾ تواريخ بدران جاگرافيءَ جو سبجيڪٽ کنيو. واپسيءَ تي رڪشا وارو لوڌي روڊ تان وٺي آيو هو جتي دهليءَ جو مشهور ڪاليج ديال سنگهه آهي، ۽ هڪ پاسي لوڌي گارڊنس آهي ته ٻئي پاسي جو باغ آهي ۽ جتي لوڌي روڊ پرٿوي راج روڊ ۽ صفدر جنگ روڊ سان اچيو ٿو ملي اتي صفدر جنگ جو مقبرو ۽ پر ۾ ايئرو ڪلب آهي جنهن جي پهرين ماڙ تي رکيل ان جهاز جو ماڊل رستي تان لنگهندي چٽو نظر اچي ٿو جنهن ۾سنجي گانڌيءَ جو حادثو پيش آيو. انڌرا گانڌي ميموريل، دهلي ريس ڪلب ۽ دهلي فلائنگ ڪلب به اتي ئي آهن.

صفدر جنگ هندستان جي مغل شهنشاهه محمد شاهه و وزير مرزا مقيم هو جنهن جو مقبرو سندس فرمانبردار پٽ پنهنجي پيءُ جي ياد ۾ 1753ع ۾ اڏرايو. مغلن جون دهليءَ ۾ جيڪي اڏاتون ۽ مقبرا آهن انهن ۾ هي آخري مقبر آهي جيڪو دهليءَ ۾ ٺهيو.

لوڌي روڊ تي گارڊنس وٽ لهي چانهه واري کي رڪشا ڊرائيور کي چانهه ۽ بسڪيٽ ڏيڻ لاءِ چوان ٿو ۽ آئون لوڌي گارڊنس جو مين گيٽ ٽپي اندر واڪ ڪريان ٿو. منجهس لوڌي گهراڻي جا ڪيترائي مقبرا آهن جيڪي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ڌاري ٺهيا ۽ اج چوڌاري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ساوڪ ۽ سرسبز چِپر ۽ وڻن جي وچ ۾ گلدستي وانگر آهن. انهن ۾ خاص مقبرا جن جا نالا پڙهي نوٽ ڪري سگهيس يا هن وقت ياد اٿم اهي آهن. سڪندر لوڌي جو مقبرو. جيڪو سندس پٽ ٺهرايو ۽ محمد شاهہ جو مقبرو جيڪو سيد گهراڻي جي مختصر حڪومت جو ٽيون حاڪم هو. انهن جي پر ۾ هڪ "بڙا (وڏو) گنبذ" ۽ هڪ "شيش گنبذ" پڻ سڏجن ٿا. شيش گنبذ لاءِ چون ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ ان تي بلو رنگ جون ٽائليون لڳل هيون جيڪي سج جي روشنيءَ ۾ چمڪنديون هيون ان ڪري ان جو نالو شيشي وارو گنبذ پيو. گنبذ تي گلن ۽ قرآني آيتن جي چِتسالي ٿيل آهي.

متي ذڪر ڪيل همايون جو مقبرو بہ ڏسڻ جهڙو آهي خاص ڪري آرڪيٽيڪچر جي خيال کان. اهو مقبرو همايو جي زال حاجياڻي بيگم سورهين صديءَ ۾ ٺهرايو هو ۽ ڪيترائي تہ اهوئي چون ٿا تہ تاج محل بعد بي ڪا سهڻي شيءِ انڊيا ۾ آهي تہ همايون جو مقبرو آهي.

رڪي رڪي شير شاهہ روڊ ۽ ٻين مسلمانن جي نالن وارا روڊ، گهٽيون ۽ مارگ (شاهراه) ڏسي تعجب ٿئي ٿو تہ هتي پراڻا نالا اڃا تائين قائم آهن. ڪين هندو نہ بنايو ويو آهي، جيئن اسان وٽ ڪيترن روڊن ۽ باغن تي مسلمانن جا نالا رکي انهن کي مسلمان بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. آئون حيرت مان اهڙن مسلمانن جي نالن وارن رستن جا فوٽو ڪڍان ٿو ۽ اهو بہ تعجب لڳيلم ٿو تہ دهليءَ جي رستن جا نالا تہ فقط انگريزيءَ ۽ هندي ۾ لکيل آهن پر اردوءَ ۾ پڻ. هتي رهندڙ هڪ هندو ٻڌائي ٿو تہ اهو ان ڪري جو دهليءَ جي هندي بعد ٻيو نمبر اردو سرڪاري زبان آهي.

"۽ پيلا هيءَ چوٿين زبان ڪهڙي آهي، جنهن ۾ پڻ ڪجهہ وڏن رستن جا نالا لکيل آهن؟" آئون هن کان پڇان ٿو.

"اها گرمکي آهي، پنجابي صوبي جي زبان، جيڪو صوبو دهليءَ سان مليل آهي." هو مون کي ٻڌائي ٿو.

لوڌي ۽ همايون جي مقبرن وٽان لنگهندي بابر جون ياڏگيرون ڪتاب جو اهو صفحو ياد ٿو اچي جنهن ۾ هن پاڻيپٽ جي ميدان ۾ ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ابراهيم جي محل ۾ اچي داخل ٿيو. جيڪو محل تن ڏينهن ۾ آگري ۾ هو. بعد ۾ مغلن دهليءَ کي گاديءَ جو هنڌ بنايو ظهير دين بابر مغل خاندان جو پهريون شهنشاهہ سن

1483ع ۾ ڄائو (۽ 1530ع ۾ وفات ڪيائين) پاڻ تيمور ۽ چنگيز خان جي اولاد مان هو. ٻارهن سالن جي عمر ۾ هن کي فرغانا (ترڪستان جي علائقي) جو سردارو بنايو ويو. 21_22 سالن جي عمر (سن1504ع ۾) هن جو سچي ڪابل تي قبضو ٿيو ۽ هندستان تي پنجون دفعو 1526ع ۾ حملو ڪرڻ تي هو ڪامياب ٿيو ۽ سندس گهراڻي مغل خاندان جي هندستان تي ڊگهي حڪومت رهي جيڪا وڃي 1858ع ۾ ختم ٿي جڏهن انگلينڊ جي مهاراڻي وڪٽوريا هن ملڪ جو تخت ۽ تاج پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

Ambition admits not of inaction

The world is his who exerts himself.

In wisgom`s eye, every condition

Many find repose, but roalty alone.

اهو خميس جو ڏينهن هو. رجب جي 28 تاريخ (10 مئي 1526ع) اڳين نماز کان ڪلاڪ کن اڳ آئون آگري ۾ گهڙيس ۽ هندستان جي طاقتور حاڪم سلطان ابراهيم لوڌيءَ جي محلات تي اچي وارد ٿيس...“ بابر پنهنجي ياداشتن جي ڪتابن ۾ لکي ٿو: ”حضور ڪريم ﷺ جن جي ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، فقط ٽن ڌارين بادشاهن هندستان تي فتح يابي حاصل ڪئي ۽ ان جا طاقتور شهنشاهه بڻيا. انهن مان هڪ سلطان محمود غزنوي (1030ع_ 997ع) هو ٻيو سلطان شهاب الدين غوري (1203ع_ 1157ع) ۽ ٽيون مابدولت آهيان پر منهنجي ڪاميابي باقي ٻن حاڪمن کان وڌيڪ حيثيت رکي ٿي جو مون کي ڪنهن جي مدد نه هئي. هندستان ٽڪرن ۾ ورهايل هجڻ بدران هڪ ئي بادشاهه جي هٿ هيٺ هو. مڪاني ماڻهن ابراهيم لوڌيءَ جي مچي تي ان ڪري هن جو لشڪر منهنجي سپاهه کان تمام وڏو هو پر منهنجو رب پاڪ ۽ پڪو پروسو ۽ يقين هو ته مون کي ضرور ڪامياب ڪندو. هيءَ فتح يابي آئون پنهنجي سگهه ڪري نٿو سمجهان ۽ نه هي ياڳ پنهنجين ڪوشش ڪري حاصل ڪيا آهن پر هي سڀ ڪجهه رب پاڪ جي مهرباني آهي...“

ٺهيو چئبو ته ان وقت جا حاڪم به هر ڳالهه کي مذهبي رنگ ڏيندا هئا. سچ چيو آهي ڊاڪٽر مبارڪ. تاريخ جي نقاد، تي هي جنگيون سياسي ۽ مالي طاقتون حاصل ڪرڻ لاءِ حاڪم ڪندا رهيا پوءِ ان کي نالو ڪٽي اسلامي ڏنائون. ڇا اسان جي نبي ڪريم ﷺ هنن

وانگر جنگيون ڪري پوءِ محل محلات اڏي عيش جي زندگي گذاري جو هي حاڪم پنهنجي ويڙهه ۾ قبضي کي اسلامي رنگ ڏيندا هئا.

آئون دهلي گولف گرائونڊ اڳيان رڪشا کي بيهاري ان جي دروازي اڳيان ۾ ٿورو اڳتي اوبراءِ هوٽل اڳيان فون جي ڀڳولا ڪريان ٿو. هڪ هنڌ پي سي او ڏسي ڳوٺ فون ڪريان ٿو ته ۾ دير ٿي وڃڻ تي رڪشا ڊرائيور جي شڪل جو پنو پڙهان ٿو ته هو ڪٿي دل ۾ ته نه پيو ڪري. پر هو شانت آهي هن جي چهري تي ڪا ڪاوڙ يا پريشاني جي ليڪ ناهي. ۾ واقعي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هتي جا ڊرائيور ايترو هيچي ۽ لالچي نه آهن. ڪراچيءَ جي مقابلي ۾ ڀاڙا به گهٽ آهن. اڊائي ٽن ڪلاڪن جي ٻولايل وقت کان اڌ ڪلاڪ مٿي ٿي ويو ته به منهنجي لهڻ وقت هن نه دل ۾ ڪيو ۽ نه وڌيڪ پئسن جي گهر ڪئي. هن هلڻ وقت ٻولايل ساڍا ٽي سؤ روپيا ئي ورتا ۽ جڏهن کيس هٿ تي پئسا رکيم ته هو خوشيءَ مان نوٽن ۾ رڪشا کي چمڻ لڳو يعني ان رڪشا ڪري ئي هن کي روزگار مليو آهي. پڇيومانس جيڪي روز ڪمائين اهو ڇا تي خرچ ڪرين.

”گيس جا پئسا ڪڍي باقي جو اڌ رڪشا لاءِ رکندو آهيان ۽ باقي اڌ گهر جي خرچ لاءِ، پوءِ اهو اڌ ڪڏهن چاهي ايترو گهٽ هجي جو هڪ ويلو مس ڪائي سگهون.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيومانس.

”ان ڪري جو آئون نٿو چاهيان ته رڪشا خراب ٿي پوي ۽ مون وٽ ان جي مرمت لاءِ پئسو نه هجي، ٻي ڳالهه ته آئون سڄي عمر رڪشا هلائڻ نٿو چاهيان. هن کان اڳ آئون سائيڪل رڪشا هلائيندو هوس پوءِ ٻن سالن اندر پئسو بچائي هي آٽو رڪشا ورتي اٿم ۽ هاڻ ٽيڪسي (ڪار) وٺڻ لاءِ قسطون ڏيئي رهيون آهيان.“

”ان بعد؟“ مون کلندي چيومانس.

”ان بعد ۾ منهنجو آخري مقصد ٽيمپو خريد ڪرڻ جو آهي.“ هن چيو.

انڊيا ۾ ٽيمپو ان ٽرڪ کي چئجي ٿو جيڪا مال ڍوئي تي جيئن پاڻ وٽ سوزوڪي ۽ مزدا گاڏيون سامان کڻڻ لاءِ ٿين. هي ٽيمپو گاڏيون وڏيون ٽرڪ ۽ مزدا جي وچ جي سائيز جون ٿين. انڊيا جو اهو هڪ عام ڪلچر تي چڪو آهي چاهي هندو هجي يا مسلمان (سک ته شروع کان ڪفايت شعار هئا) ته هو ڪمائيءَ کان وڌيڪ بچت ۾ يقين رکن ٿا. هو جو

انگريزيءَ ۾ چوڻ آهي تہ :

It is not the salary but saving that counts.

ان تي پيروسوءِ عمل ڪن ٿا. هٿ ڦاڙي اجايا خرچ ڪرڻ بدران هر هڪ انڊين بچت کي ترجيح ڏئي ٿو چاهي هن جو پگهار گهڻو هجي يا ٿورو اهوئي سبب آهي جو هندستان عام طور غريب هجڻ جي باوجود ان جي هر اينڊڙ جنريشن پهرين کان بهتر ٿيندي وڃي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هو اسان جهڙن ملڪن کان اڳ ۾ سگهوئي غربت جي ليڪ کان ٻاهر نڪري وڃن. اسان وٽ، انڊيا جي مقابلي ۾ بچت جو ايڏو Concept ناهي. نتيجي ۾ اسان وٽ ڪيترا وڏيرا، پير، ڪارخانيدار وغيره جيڪي ٻاهران شو شا مان تہ ڏسبو تہ وڏا تونگر آحن پر اندروني طرح قرضي ٿيا پيا آهن ۽ سندن سوچون رڳو نيگيٽيو چرخا پيون هلائين تہ هاڻ اينڊڙ اليڪشن ۾ ڪا وزارت ملي تہ پراڻا قرض بہ لاهيون، ڪا رشوت جي نوڪري ملي تہ منهن ڪٽي هلون.... پر لڳي ٿو تہ معاشرو هاڻ اهڙي انتها ۽ بي وسيءَ جي حد تي پهچي ويو آهي جو اسان کي ان معاملي ۾ انڊيا جي ماڻهن کان سبق سکڻو پوندو.

”سائين پهرين انڊيا گيٽ هلون يا پهرين خان بازارا؟“ رڪشا واري مون کي ماٿ ۾ ڏسي پڇيو.

”پهرين انڊيا گيٽ هل.“ مون هڪدم الرٽ ٿيندي چيومانس. مون کي دراصل ڪجهہ شيون وٺڻيون هيون جيئن تہ بوٽ پالش وغيره. دهليءَ جي رستن تي هلي هلي شام تائين منهنجي بوٽن تي مٽيءَ جو تهہ چڙهي ويو ٿي جنهن کي صاف ڪرڻ ٿي چاهيم. ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ ڪتو ٿي خاص ڪري Ariel صابڻ جون رپيئي روپيئي واريون پڙيون جنهن جي هر هڪ مان چار پنج ڪپڙا فرسٽ ڪلاس ڌوپي ٿي ويا. شاديءَ تي آيل ججّ وارا ڪپڙن سان بيگون پري آيا هئا. آخري ڏينهن ۾ ادي وينجهار جي ڌيءَ ڪرن جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ زولاجيءَ ۾ M.Sc پئي ڪري ۽ سندس ڪمرو منهنجي ڪمري جي سامهون آهي، تنهن کان پڇيم تہ ڪيترا وڳا آندا اٿئي؟

”انڪل ارڙهن.“ هن وراڻيو.

”شاباس هجئي ڇوڪري! سفر ۾ ايڏو بار ڪڻبو آهي.“

”انڪل ڇا ڪجي شاديءَ جي ڪري ۽ سي بہ هڪ نہ بہ آهن ۽ روز دعوتون ۽ گهڻ پيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿئي.“

”تڏهن ته One should teavel Light.“

”انڪل توهان کي خبر آهي ته سروج ڪيترا وڳا آندا آهن؟ پورا 26 وڳا جيڪي هن روز هڪ پائڻ جي حساب سان آندا آهن.“ هن پر ۾ ويٺل سروج لاءِ چيو.

سروج نولراءِ جي ٻئي نمبر وڏي پاءُ حشمت راءِ جي ڌيءَ ۽ حيدرآباد ۾ انجينئر راڻي اوڏ جي ڀيڻ آهي. پاڻ باٽني ۾ M.Sc ڪئي اٿس ۽ پيٽارو جي ملٽري اسڪول ۾ پڙهائي ٿي.

”انڪل توهان گهڻا آندا آهن؟“ سروج پڇيو.

”توکي ۽ مون کي انعام ملڻ کپي.“ مون چيومانس.

”ڇو توهان به مون جيترا گهڻا آندا آهن؟“ سروج پڇيو.

”نه توکي گهڻا وڳا آڻڻ جو انعام ۽ مون کي ٿورا وڳا. فقط ٻه آڻڻ جو انعام.“ مون ٻڌايومان.

”فقط ٻه! انڪل ڪمال ٿا ڪريو.“

”بلڪل ٻه ڪافي آهن سو به شادي هئي ان ڪري. پر توهان کي ڪو محسوس ٿيو ۽ منهنجي بيگ ڏسو ڪيڏي هلڪي ڦلڪي آهي. بهترين طريقو اهوئي آهي ته گهڻن وڳن جو بار کڻڻ بدران پاڻ سان هڪ استري کڻي نڪرجي يا جنهن ملڪ ۾ وڃجي اتي پهرين استري خريد ڪجي پوءِ ساڳي وڳي کي استري ڪري پيو پائجي. ۽ هتي انڊيا ۾ ته استري وٺڻ جي به ضرورت ناهي، هر گهٽيءَ ۾ ٻين روپئي وڳو استري ٿيو پيو ملي.“ مون ٻڌايومان. ”۽ سفر ۾ ته بوٽ به هڪ کڻجي، جاپان ۽ سئيڊن جهڙا ملڪ هجن ۽ ڍڳهي رهائش هجي ته پوءِ وڏ وڏ ۾ ٻه نه ته ايشيا جي هنن ملڪن ۾ ته هڪ به ڪافي آهي جو هتي بوٽ سستا ٿا ملن. ڦاٽل کي سباٽڻو هجي ته به موچي پنج روپيا ٿو وٺي. چپل به هتي اچي ڪو سستو وٺجي ۽ پوءِ آخري ڏينهن تي اڇلي هلجي.“

سو مون لاءِ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ سرف يا ايريل ٽائيپ پائوڊر صابڻ وٺڻ ضروري هو. ان کان علاوه مڇر ڀڃائڻ جي اليڪٽرڪ مئٽ وٺڻ ضروري هئي جو انڊيا جو ڪهڙو شهر آهي ۽ ان شهر جي ڪهڙي گهٽي آهي جنهن ۾ مڇر نه آهن. هڪ مسافر کي انڊيا يا ٻين ملڪن ڏي سفر ڪرڻ لاءِ مڇر ڀڃائڻ جو بندوبست ضروري آهي نه ته مليريا سڀ کان وڏيڪ خراب بيماري آهي جيڪا مڇرن ڪري لڳي ٿي. مڇرن کي ڀڃائڻ لاءِ ميٽ ۽ اليڪٽرڪ هيٽر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪراچيءَ کان ڪٽي اچان ها پر مون کي ڄاڻ هئي ته اسان وٽ اهي ٻئي درجي جا ٺهڻ ڪري صحيح ناهن. مئٽ يا ته ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ سڙيو وڃي ۽ پوءِ باقي رات مڇر پٽين ٿا وري صحيح طرح نه سڙڻ ڪري اثر نٿيون ڪن. پر جاپان، ملائيشيا ۽ انگلينڊ وانگر انڊيا جون مڇر ڀڄائڻ جون مئٽس به بهترين آهن بلڪ ٻين کان سستيون به. ان تان مون کي ياد ٿو اچي ته ملائيشيا ۾ 1985ع ڌاري به انڊين ڪئپٽن آيا ۽ اچي اسان جي پاڙي ۾ رهيا. اسان وٽ مڇر ڀڄائڻ جون اهي مئٽس (جيڪي اسان پاڪستان کان آنديون هيون ۽ اجا ملائيشيا ۽ انڊيا ۾ به نه آيون هيون) ڏسي ايڏو تعجب ٿيا ڪائين جو اسان کين پاڪستان کان گهرائي ڏنيون هيون ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي انڊيا به اهي ناهيون ۽ اڄ انڊيا جون اهي مشهور آهن ۽ سڄي دنيا ۾ وڪرو ٿين ٿيون ۽ پاڪستان انهن کي وڌيڪ بهتر بنائڻ بدران ماڳهين انهن ۾ کوٽ پيدا ڪئي جنهن سبب پنهنجي ملڪ ۾ به نٿيون هلن. اهوئي عالم پاڪستان ۾ ٺهندر مڇرن کي ڀڄائڻ واري چڪريءَ جو آهي جنهن ۾ ايڏو سادو مال آهي جو منجهانئس پيدا ٿيندڙ دونهون مڇرن سان گڏ انسانن جو به ساهه گهٽي ٿو. بهرحال اهي ڪجهه شيون هيون جيڪي هتان مون کي وٺيون هيون ۽ رڪشار وارو هتي جي مشهور خان بازار ۾ آخر ۾ وٺي آيو هو. خان بازار مشهور ضرور آهي. ڪپڙن، عطرن، تحفي جي شين ڪا. پر سستي هرگز ناهي جو هيءَ بازار فارينرس لاءِ آهي. توهان کي هر دڪان تي يورپي، آمريڪن ۽ عرب نظر ايندا. دڪان ايئرڪنڊيشنڊ ۽ وڏا آهن، هر گراهڪ کي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ٻه ٻه سيلز گرلس اڇيو حاضر ٿين پر قيمتون تمام وڏيون آهن. اسان جهڙن غريب ملڪن جي غريب ماڻهن لاءِ دهليءَ ۾ ٻيون کوڙ مارڪيٽون ۽ بازاريون. پر سچ ته اهو آهي جيڪو نه فقط مون Observe ڪيو پر منهنجي ٻين ساٿين به ته خريداريءَ ۾ اڄڪلهه پاڪستان جهڙو ٻيو ملڪ ناهي جتي دنيا جي هر شيءِ ملي ٿي ۽ بيحد سستي. خاص ڪري جمع بازارين يا آچر بازارين ۾ جتي فارين جا نوان ۽ ڪجهه استعمال ٿيل ڪپڙا، بوٽ، رانديڪا ۽ هر شيءِ ملي ٿي. هونءَ اسان جا ماڻهو ٻاهران شيون وٺي ايندا هئا ۽ هاڻ ٻاهر رهندڙ پاڪستاني هتان پاڪستان مان وٺي وڃن ٿا.

”ڳالهه ٻڌ ڪناٽ پليس به وٺي هلندين؟“ مون رڪشا واري کان پڇيو.

”سائين اڄ ذرا مشڪل آهي.“ رڪشا واري چيو ”ٻئي دفعي لال قلعو ۽ جامع مسجد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وغيره هلندائو تہ ڪناٽ پليس مان بہ ٿيندا هلنداسين.“

”انڊيا گيٽ کان ٿوروئي تہ پري آهي.“ مون رڪشا واري کي چيو.

”سائين اها ڳالهہ ناهي. چئو تہ جنتر منتر وٺي هلانوَ جيڪو ڪناٽ پليس وٽ آهي يا گول مارڪيٽ وٺي هلان جيڪا ڪناٽ پليس کان بہ پريرو آهي پر ڪناٽ پليس ان ڪري نہ جو اتي آٽو رڪشا وارن داداگيرن جون يونينون آهن ۽ اهي رڪشا هلائڻ کان جهليندا تہ اڄ اسٽرائيڪ ۾ ڇو پيو هلائين.“

ڪناٽ پليس مان دراصل مون کي پنهنجي Digital ڪئميرا جي لاءِ نئين Chip وٺڻي هئي جيئن وڌيڪ فوٽو Save ٿي سگهن. Connaught place ۾ داصل انگريزن جي ڏينهن جا ڪالونيل اسٽائيل دڪان ۽ عمارتون آهن جيئن ڪراچيءَ جي صدر ۾ زيب النساءِ اسٽريٽ تي پراڻيون عمارتون آهن يا بولٽن مارڪيٽ ۾ ڊينسو هال ۾ آهن. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ ڪناٽ انگريز جي نالي ڪناٽ پليس آهي. هي انگريز مهاراڻي وڪٽوريا ۽ شهزادي البرٽ جو پٽ ۽ ايڊورڊ ستين جو ڀاءُ وليم پئٽرڪ هو جنهن کي ڊيوڪ آف ڪناٽ جو خطاب مليو. پاڻ فوج ۾ ڪمانڊر ان چيف جي رئنڪ تائين پهتو ۽ رٽائرڊ ٿيڻ بعد ڪئناڊا جو گورنر جنرل ٿي رهيو 1886ع کان 1890ع تائين انڊيا ۾ رهيو جڏهن سنگاپور ۽ ملايا کي بہ انڊيا کان ڪنٽرول ڪيو ويو ٿي. پاڻ 1850ع ۾ ڄائو ۽ 1942ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس تي ٻار. شهزادي مارگريٽ. شهزادو آرٿر ۽ شهزادي پئٽريشيا هئا جن مان شهزادو آرٿر سائوٿ آفريقا جو گورنر جنرل ٿيو ۽ ڏکڻ آفريقا جي ڪيٽرن ئي شهرن. ڪيمپ ٽائون. ڊربن. جهانسبرگ وغيره ۾ هن شهزادي ڪناٽ نالي روڊ. رستا ۽ عمارتون آهن.

دهلي ۾ هي بہ گول دائري ۾ رستا آهن جن ۾ هي عمارتون ۽ انهن جا ورانڊا ٺهيل آهن جن جي چوڌاري سينٽرل پارڪ آهي. ٻاهريون گول رستو ڪناٽ سرڪس سڏجي ٿو ۽ اندريون ڪناٽ پليس. هونءَ عام طرح هي علائقو شاپنگ ۽ Entertainment جو مرڪز آهي. ڪناٽ سرڪس واري گول روڊ کي چوڌاري گهٽ ۾ گهٽ اٺ کن اهم رستا اچيو لڳن انهن مان هڪ بابا کڙڪ سنگهہ روڊ بہ آهي. هڪ ٻيو رستو جنهن جو نالو ٻڙا کمبا بہ آهي. هڪ ٻيو روڊ جيڪو پڻ ڪناٽ سرڪس کي اچيو ملي ان جو نالو پانچ ڪنوان (پنج کوهہ) آهي. يا شايد پنج ڪوئين آهي. جنهن جي معنيٰ ڪا ٻي هجي. هن روڊ تي خوبصورت ڏيا. بجلي جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لئمپ انهن جا Shade براس، ۽ ڪاٺ جون شيون ۽ فرنيچر ۽ ٻيو گهر جي سينگار جو سامان ملي ٿو.

دهليءَ جو مشهور جنتر منتر بہ ڪنات پليس وٽ ئي آهي جيڪا چنڊ تارا ڏسڻ ۽ ڪئلينڊر ٺاهڻ جي Observatory آهي جيڪا 1719ع ۾ جيپور جي مهاراجا جئہ سنگھ ٺهرائي هئي.

رڪشا ڊرائيور مٿرا روڊ ختم ڪري ڊاڪٽر ذاڪر حسين روڊ تي چڙهيو جيڪو پڻ ڪراچي جي بندر روڊ (ايم اي جناح روڊ) وانگر ڪافي ڊگهو آهي ۽ اچيو انڊيا گيٽ تي ڪيڏي اهو اسان جو آخري اسٽاپ هو. انڊيا گيٽ دهليءَ جي اهم شيءِ آهي جتي هر سال آزاديءَ واري ڏينهن 15 اگسٽ تي مارچ ٿئي ٿو ۽ شهر جا هزارين ماڻهو هن پريڊ جو نظارو ڪن ٿا جيڪا انڊيا گيٽ سان ملندڙ هڪ ٻئي روڊ Raj Path تائين ٿئي ٿي. راج پاٿ وارو رستو انڊيا گيٽ کان وٺي راشٽرپتي ڀون ۽ سينٽرل سيڪريٽريٽ تائين وڃي ٿو. راشٽر پتي ڀون ۾ انڊيا جو صدر رهي ٿو جيڪو 300 ايڪڙن تي هڪ شاهي نموني جو محل آهي ۽ سينٽرل سيڪريٽريٽ ۾ گورنمينٽ آف انڊيا جون آفيسون آهن. هي ٻئي عمارتون نئين دهلي شهر جي اڏاوت ڪندڙ انگريز ايڊورڊ لٽين ۽ هڪ ٻئي انگريز چارلس بيڪر 1920ع ۾ ٺهرايون هيون، جڏهن دهليءَ تي بلڪ سڄي هندستان تي انگريزن جو راڄ جو.

انڊيا گيٽ 42 ميٽر اتاهون هڪ يادگار دروازو آهي جيڪو انڊيا جي انهن نوي هزار سپاهين جي ياد ۾ ٺهرايو ويو هو جيڪي ورلڊ وار پهرين ۾ مارجي ويا هئا. انهن مان 36 هزار سپاهين جا نالا بہ ان دروازي تي لکيل آهن. هن دروازي (India Gate) جي پيڙهہ جو پٿر سن 1921ع ۾ رکيو ويو هو ۽ مڪمل ٿيڻ ۾ ڏهہ سال لڳي ويا. دروازي جي وچ ۾ رائيفلون ۽ سولجر جو ٽوپلو رکيل آهي. پاسي کان ٻرندڙ ڏيئي جي لاٽ اڻ سجاتل سپاهين جي مان ۾ هميشہ ٻرندي رهي ٿي. ٽيڪسي ڊرائيور کي چيم تہ منهنجو هڪ بہ فوٽو ڪڍ تہ پوءِ پاڻ واپسيءَ جي پنڌ کي چڪيون. منجهند جا ٻہ ڪن ٿيا هئا سج چوٽ تي هجڻ ڪري فوٽو گرافي صحيح نہ ٿي رهي هئي پر تڏهن بہ يادگار فوٽو ڪڍرائي ورتم.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# منهنجي گروپ جا ماڻهوءَ خريداري

منهنجي گروپ جا ماڻهو جن جو هڪ ئي اوڏ فئملي سان تعلق آهي انهن ۾ گهڻائي انهن جي آهي جيڪي ملڪ کان پهريون دفعو ٻاهر نڪتا آهن ان ڪري هو هر ڳالهه ۾انڊيا کي پاڪستان سان ئي ڀيٽين ٿا. هنن کي انڊيا جون ڪيترين ئي شيون خاص ڪري ساڙهيون وغيره ۽ ٽانو ٽپا وڌيڪ پسند آهن. هونءَ به هنن ۾ عورتن جو تعداد وڌيڪ آهي سو هو جيڪا ٿوري گهڻي شاپنگ پنهنجي لاءِ يا مائٽن عزيزن لاءِ ڪن پيا ان ۾ گهر جون شيون وڌيڪ آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انڊيا جا ٺهيل ٽانو ٽپا ويندي مڪسر، جيوسر ۽ ٻيو اليڪٽرڪ جو سامان ڏسڻ ۾ ڪٽي ٿورو سادو آهي پر مضبوط، رف ڊيوٽي وارو ۽ سستو آهي. ان قسم جي سامان ۾ انڊيا ايترو اڳيان وڌي ويو آهي جو انڊيا جو سامان ملائيشيا، سنگاپور ۽ عرب ملڪن جي مارڪيٽن ۾ ڪاميابيءَ سان وڪرو ٿي رهيو آهي.

مون کي في الحال ڪابه شيءِ وٺڻ جو ارادو نه آهي پر روز ٻيين جو سامان ضرور ڏسان ٿو يا منهنجي گروپ جا ماڻهو خاص ڪري اهي جيڪي منهنجي سامهون ۽ پير وارن ڪمرن ۾ رهن ٿا، انهن کان خريداريءَ جو پڇان ٿو.

”ادا اڄ آئون پراڻي دهليءَ جي مسالن واري مارڪيٽ ۾ هليو ويس جتان ڪاڄا تمام سستا وٺي آيو آهيان“ دودي ٻڌايو.

”ڪهڙي حساب سان؟“ مون پڇيو.

”ساڍا ٽي سؤ روپيا ڪلو. توهان کي به کپن ته سڀاڻ هلي وٺي اچون. هتان رڪشا 25 روپيا وٺي ٿي.“

آئون چپ ٿي رهان ٿو. سڀ سوچيندا رهن ٿا ته آئون خريداري ڇو نٿو ڪريان. وڏو صابرين آهيان، هو ضرور سوچيندا هوندا. هاڻ ڪين ڪير ٻڌائي ته آئون سفر ۾ هلڪو رهڻ چاهيان ٿو ۽ سڄي عمر هڪ ٻئي کي ڏسي هر شيءِ وٺندا رهياسين جن مان ڪيترين جو ڪو ڪارج ئي نه آهي. جهازن تي هجبو هو تڏهن ته وٺبو هو پر ملائيشيا ۾ رهڻ دوران به شاپنگ جو شوق نٿي لٿو. ملائيشيا کان سنگاپور گهمڻ وڃبو هو ته گهمڻ بدران The Sate

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو اشتهار ڏسي دڪانن ۾ گهڙي وڃبو هو. گهر ۾ هڪ شوڪيس جو سجو خانو ٽانون سان ڀريل ڏسي اڄ به پاڻ تي کِلَ ايندي آهي ته افسوس به ته ڪيئن اهي ٽانو سنگاپور جي هڪ دڪان ۾ Discount قيمت جو ٻڌي ورتا هئاسين ۽ واقعي اهي اصل قيمت کان سستا هئا، پوءِ ان ڏينهن گهمڻ ڦرڻ ڇڏي ڳرا چينيءَ جا ٽانو ورتاسين. بس ۾ موٽڻ بدران ٽيڪسي ڪئي سين، ملائيشيا جي بارڊر تي ڪسٽم وارن کي انهن جي ڪسٽم ڊيوٽي ڪجهه ڏني سين ڪجهه معارف ڪرائي سين ۽ پوءِ ملائيشيا ڇڏڻ وقت باءِ ايئر ڪراچيءَ ڍوئي آياسين. وزن وڌي وڃڻ ڪري ان جا به پئسا ڏناسين. ٽانون سنن هئڻ ڪري، جيئن ٿيندو آهي، اڄ تائين استعمال به نه ڪيا اٿئون. هيڏانهن انڊيا اچڻ کان اڳ هڪ ڏينهن ڪراچيءَ جي گل سينٽر ۾ وڃان ته اهي ساڳيا چينيءَ جا ٽانو جيڪي ويهارو سال کن اڳ مون سنگاپور کان ورتا هئا اهي هتي رکيا پيا هئا ۽ قيمت به اڌ کان گهٽ. يعني سنگاپور مان Sale ۾ وٺڻ تي به اسان کي مهانگا پيا (ان وقت جي مارڪيٽ ويليو موجب کٽي سستا هئا) ان کان علاوه سنگاپور کان ملائيشيا آڻڻ ۾ ٽيڪس ڏنوسين ۽ ان بعد ڪراچيءَ ۾ ۽ بارڊار پٽي ڍويوسين.

هونءَ به والايت ۾ ڪيتريون شيون لڳندو آهي ته سستيون آهن ۽ کٽي هجن به پر تنهن هوندي به ڪنهن وڏي فرق سان سستيون نٿيو رهن. جيئن هتي انڊيا ۾ هڪ ڪلو ڪاڄا ساڍي ٽين سؤ روپئي ٽا ملن جن جا پاڪستان پنج سؤ روپيا ٿيا چو ته پاڪستان ۾ يا هتي انڊيا بارڊر تي پاڪستاني هزار روپين جا 700 انڊين روپيا ملن ٿا. بهرحال اڌ ڏينهن خراب ڪري رڪشا جو 25 روپيا اوت ۽ 25 روپيا موٽ پاڙو پيري وٺڻ معنيٰ اهي ٿيا 400 انڊين روپيا ۽ بارڊر تي کٽي ٽيڪس نه ڏجي ته به هڪ ڪلو وزن جا 60 روپيا ڏيٽا پيا جو بس ذريعي انڊيا پاڪستان ايندڙ مسافرن کي فقط ويهه ڪلو وزن کڻڻ جي اجازت آهي ۽ ان تي تمام گهڻي سختي آهي ۽ ايندي وقت ئي ڪنهن جو هڪ يا ٻه ڪلو وزن وڌيڪ هو ته ان بار جا هن کي بارڊر تي پئسا ڏيٽا پيا ۽ هاڻ واپسيءَ تي خريداري بعد ان جي وزن جا پئسا به ڏيٽا پوندا. يعني هڪ ڪلو ڪاڄا 460 انڊين روپيا يعني پاڪستان 660 روپيا ٿيا ۽ 650 ۾ ته پاڪستان ۾ به ملن ٿا پر هر هڪ انسان پرديس ۾ چاهي ٿو ته هو پنهنجن لاءِ ڪجهه وٺي وڃي. ويندي حج تي ويندڙ حاجي جيڪي پڪو پهه ڪري پهچن ٿا ته فقط عبادت ڪبي سي به ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خريداريءَ ۾ لڳيو وڃن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هونءَ به چار ڳالهيون مون هن سفر جي گروپ ۾ نوٽ ڪيون آهن جيڪي قابل تعريف آهن. هڪ ته مون سان گڏ سفر ڪندڙ هنن اوڏن ۾ اجائي سجائي خريداريءَ جو شوق بنهه ناهي جيتوڻيڪ جيئن مٿي لکيو آيو آهيان ته هنن ۾ ڪيترا پهريون دفعو ٻاهر نڪتا آهن. اڌ کان وڌيڪ عورتون آهن جن کي عام حالتن ۾ خريداريءَ جو وڏو شوق ٿئي ٿو خاص ڪري ڇوڪرين کي پر هي وڏين بازارين ۽ شاپنگ مالن مان لنگهندي پرسڪون آهن. ورلي ڪا شيءِ وٺن ٿيون سا به سوچي سمجهي بنهه ضروري ۽ نئين آهي ته. ٻي پلس پوائنٽ هن اوڏ فئملين ۾ اها نوٽ ڪيم ته پنهنجو سامان ڍوئڻ يا وقت تي اٿڻ ۾ فوجين وانگر بيحد چست ۽ چوبند آهن. مرد ته مرد پر ننڍيون ڇوڪريون ۽ وڏي عمر جون عورتون به پنهنجو سامان پاڻ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين ڍوئي وڃن ٿيون ۽ هر وقت خوش مزاجيءَ سان! ۽ ڪڏانهن به گهمڻ وڃون ٿا يعني هردوار، امرتسر، آگرا، جيپور يا احمد آباد بڙودا وغيره. جهڙن شهرن ڏي ته صبح جو ڇهين بجي ٺي نڪرون ٿا جنهن لاءِ هر هڪ کي صبح جو چئين بجي ٺي اٿي تياري ۽ نيرن پاڻي ڪرڻو پوتو پر آئون ڏسي رهيو آهيان رات جو سمهندي ٻارهن هڪ ٿي ويندن ته به صبح جو چئين بجي اٿي تياري شروع ڪنديون ۽ پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته رات جي ڪٽل ننڊ جو پورائو بس ۾ لڏندي ڪيو وڃي ٿو. هڪ دفعي ته سنجي، ڊاڪٽر لڇمڻ جي فئملي ۽ ڪملا ۽ انهن جي ڏيئرن راڌا ۽ ڊاڪٽر ارم کي 50 ڪلاڪن کان به مٿي جاڳڻو پيو. بڙودا (گجرات) مان شام جو دهليءَ لاءِ نڪتاسين. سڄي رات سفر ڪري صبح جو ستين بجي دهليءَ ۾ پهتاسين سڀ اهڙو ٿڪل هئاسين جو پهچڻ سان سمهي رهياسين پر مٿيان همراهه ڪلاڪ ڏيڍ بعد جيپور هليا ويا جتان رات جو پنجين بجي دهلي موٽيا ۽ ڪلاڪ بعد ٻئي ڏينهن وري اسان سان گڏ بس ۾ دهليءَ کان ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪتا. پر سڀ خوش هئا. ٿڪ ۽ بيزاريءَ جو احساس ڪنهن جي به چهري تي نه هو. سندن پير واري ڳوٺ مڇر جي وسطڙن وانگر ڪچهريءَ جا به شوقين آهن. ڪچهريءَ لاءِ ڪو مواد نه هوندن ته زالون مکيش ۽ راجيش (گهوٽن) جي شادين جا راڳ ۽ سهرا ويهي ڳائينديون پر اهو نوٽ ڪيو اٿم ته منهنجي غيرموجوگيءَ ۾ هو پنهنجو پاڻ سان پنهنجي اوڏڪي زبان ۾ ڳالهائن پر راڳ يا سهرا اهي ئي سنڌيءَ جا ڳائين. ويندي انڊيا ۾ رهندڙ اوڏ به اهي ئي راڳ مور ٿو ٿلي. وغيره ڳائين. بقول سندن اوڏڪي زبان ۾ ڪو راڳ يا سهرو ناهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گل ماڙين ۾ ٽڙندا، گل ڪوٺن تي ڪڙندا
آ پائر هوريان هوريان آ
تنهنجي من جا گل ڪڙندا
سهڻي! منڊل مچايو آ تو
مڪيش تنهنجي سيني جو سينگار
اهو شان مڪيش جو آهي
آءُ پائر هوريان هوريان آءُ

هڪ ٻي سٺي ڳالهه جيڪا هن گروپ ۾ مون محسوس ڪئي آهي ته اسان جي جرني تقريبا اچي اختتما تي پهتي آهي ۽ مهينو کن اچي ٿيو آهي پر هر هڪ پنهنجي ۾ مگن آهي. ڪابه غلط فهمي يا جهيڙو جهٽو يا روسامو نه آهي جيڪو سفر ۾ عام رهي ٿو چاهي هڪ ئي فئملي هجي، سڀ دوست هجن يا اڻ جاڻ. منهنجي خيال ۾ ان جو وڏو سبب گهٽي Expectation ناهي ۽ هر هڪ آزاد آهي. ريل ۾ به جنهن کي جيڪي وڻي اهو وٺي کائي، گهمڻ لاءِ به هر ڪو آزاد آهي. وڏ ۾ وڏ ڪو چاهيندو ته ٻيا به ساٿس شامل ٿين ته هو هڪ وار سيني کي ٻڌائيندو ته بنارس يا لکنؤ ٽيڪسيءَ ۾ وڃان پيو ڪو هلندو. پوءِ ڪنهن جي موڊ تي ته هن سان شامل ٿي ڀاڙي جو حصو ڏيندو پر جي ڪو نه هليو ته هو اڪيلو به هليو ويندو. ان کان علاوه هنن ۾ اها به سٺي ڳالهه آهي ته هڪ ٻئي کان گهٽي پڇ پڇ يا ٽوڪ طعنو نٿا ڪن. ڪنهن ڪا ڳالهه ٻڌائي يا خريد ڪيل شيءِ ڏيکاري ته ٺيڪ آهي نه ته هر ڪو خوش هجي. سڀ کان وڏي ڳالهه سڀ پڙهيل ڳڙهيل آهن. جيتوڻيڪ اها اهڙي ڳالهه ناهي، پڙهيل ڳڙهيل به سفر ۾ وڙهندا رهن ٿا. بس اهو چئي سگهجي ٿو ته هو ننڍي هوندي کان گهر ۾ ائين ٽرين ٿيل آهن. هو سڀ پاڻ ۾ گڏ به آهن (جو سڀ پاڻ ۾ پائر پينر آهن. سڀ نارائڻ داس جو اولاد آهن) ته الڳ الڳ پنهنجن پنهنجن مڙسن يا زالن ۽ ٻارن جي ننڍڙي ننڍڙي گروپ ۾ به. ڪيترا ڪٽي ٻاهر نه نڪتا آهن پر جيڪي سندن پائر پينر ٻاهر نڪتا آهن انهن کان هنن سٺيون ڳالهيون معلوم ڪري Adopt ڪيون آهن ۽ هر هڪ کي (مرد توڙي عورت کي وڏي توڙي ننڍي کي) نه فقط ڪپڙي گندي پائڻ جو ڍنگ اچي پر ڳالهائڻ جو طريقو پڻ. آئون ته هڪ قسم جو ڪٽي گهر جو ڀاتي ٿيس پر ڏارين ۽ نون ماڻهن سان به هر هڪ وڏي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

Confidence سان ڳالهائيندو ۽ نندي ٺهي جون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا تمام سٺي انگريزي ڳالهائين ٿا جيتوڻيڪ هنن ڪنديارو، نوابشاهه، رتوديرو ۽ لاڙڪاڻي جي عام اسڪولن مان تعليم حاصل ڪئي آهي. سندن انگريزيءَ جو لهجو به ڪافي حد تائين بهتر آهي. ٽرين ۾ يا مختلف دعوتن ۾ جتي ڪنواريتن جا ديوان مائٽ جيڪي سڄي عمر ولايتن ۾ رهيا انهن به هنن سان ڳالهايو ٿي ته هر ٽاپڪ تي هنن جواب ڏنو ٿي ۽ وڏي اعتماد سان. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جن ۾ عام طرح اسان جي صوبي سنڌ جا ٻار ڪمزور آهن ۽ هنن کي دنيا ۾ منهن ڏيڻو آهي ته اعتماد پيدا ڪن ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن پنهنجي تعليم صحيح طرح حاصل ڪرڻ سان گڏ جنرل نالیج ۾ به پڙ ٿين.

بهرحال پارٽ وري خريداريءَ تي ايندا سين ته انڊيا مان اسان جا ماڻهو ڇا ٿا پسند ڪن. سو ان ۾ هڪ ته ڪپڙو آهي، خاص ڪري ساڙهي وغيره ۽ ٻيو ٿانو ٿپا. جن مان به شيون هر هڪ ورتيون. هڪ پريشر ڪڪر جيڪو چار سؤ روپئي ۾ مليو ٿي، سائيز مطابق ۽ ٻيون ٿالهيون، اسٽيل جون وڏيون پليٽون جن ۾ چار خانا ٿين. هڪ وڏو خانو پيت يا ماني رکڻ لاءِ ۽ ٽي ننڍا ٻوڙ ڀاڄي، چٽڻي، آچار ۽ سلاد جهڙين شين لاءِ يعني هيءَ ٿالهي پليٽ به ٿي ته Tray به. ان قسم جون ٿالهيون ڏکڻ هندستان ۾ وڏيڪ مشهور آهن جو ملائيشيا ۽ سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ جتي تامل گهڻا رهن ٿا، انهن جي سائوٿ انڊين هوٽلن ۾ ان قسم جون ٿالهيون استعمال ٿين.

منهنجو ڪمرو Share ڪرڻ وارو سنجي (سريچند جو پٽ) به جينز جن پتلونون وٺي آيو پر پوءِ حساب ڪري ٻڌايائين ته اهڙيون سستيون نه مليون آهن جو ايترن پئسن ۾ ته پاڪستان ۾ به مليو وڃن.

هونءَ هڪ ڳالهه آهي ته انڊيا ۾ هر قسم جي ڀاڄي پتي ۽ فروٽ هر وقت مليو وڃي. انڊيا ايڏو وڏو آهي جو ڪٿي ٿڌڪار ڪري (جيئن ته ڪشمير پاسي) صوف ۽ انگور ٿين ٿا، ڪٿي وارياسو علائقيو (راجستان جهڙو) هجڻ ڪري گدرا ۽ چانهيون ٿين ٿيون ۽ ڪٿي گهڻي بارش ڪري (تامل ناڊو يا مغربي بنگال وغيره) ڪنهل، ليچي، ڊوڪو اناس ٿئي ٿو ته ڪٿي ٿڌڪار وارا جابلو علائقا هجڻ ڪري چيري، اسٽابيري وغيره ٿئي ٿي. سو هنن کي هر فروٽ پنهنجي ملڪ ۾ مليو وڃي. ائين نه آهي ته اسٽابيري کائڻ لاءِ جاپان يا سئيڊن وڃڻو ٿو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوبين يا انناس ۽ ليچي لاءِ ملائيشيا ۽ ٿائلينڊ جو سوچين ٿا يا وري ملائيشيا جي ماڻهن کي صوف ۽ انگور کائڻ لاءِ پاڪستان اچڻو پوي ٿو. اهڙي طرح هتي انڊيا ۾ ڊراءِ فروٽ بہ هر قسم جو ٿئي ٿو تہ پاڇيون بہ. دهليءَ جي فروٽ ۽ سبزي مارڪيٽ ۾ توهان کي هر شيءِ ملندي. هڪ ٻي ڳالهہ نوٽ ڪيم تہ ڪير جهڙي شيءِ جيڪا هر ڪو غريب غربو استعمال ڪري ٿو انڊيا ۾ ايڏو مهانگو ناهي. هتي اڌ اڌ ڪلو جون تازي ڪير جون ٿيلهيون ڏهين روپئي جي حساب سان وڪامن. باقي پائوڊر وارو نيڊو ملڪ ۽ ٻيا ڪير تمام مهانگا آهن ۽ هونءَ بہ جڏهن فريش ڪير سستو ۽ سولائيءَ سان ملي وڃي ٿو تہ ولايت جو پيڪ ٿيل پائوڊر ڪير ڇو استعمال ڪجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# دهليءَ جي گهٽين ۾

ٻه ٽي ڏينهن پنهنجي گروپ سان دهليءَ کان ٻاهر گهمڻ بعد ڪالهه وري واندڪائي ملي ۽ مون دهليءَ جو هي تاريخي شهر گهمڻ چاهيو ٽي جيڪو مغل شهنشاهه بابر جهڙي ڪي پسند نٿي آيو. هو اتر ڪان ٿڌن ملڪن ڪان آيو هو تڏهن ته هن پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب ۾ لکيو آهي...

”هن ڪي (دهلي جي رهاڪن ڪي) نه گهوڙا آهن نه سٺو گوشت، نه انگور آهن، نه خوشبودار گدرا، نه سٺو ميوو آهي ۽ نه برف يا ٿڌو پاڻي، هنن جي بازارين ۾ نه سٺو کاڌو آهي ۽ نه نان، نه غسل خانا آهن نه ڪاليج، نه ڏيا، شمعدان يا ميڻ بتيون.“

بابر جون لکيل ڪي ڪي ڳالهيون ٻه عجيب آهن پر سائين بادشاهه جو ٿيو ۽ سو ٻه هندستان جهڙي عظيم ملڪ جو. بهرحال دهلي يا هندستان جي ٻين شهرن جي افسوس ناڪ حالت ڪي هو اتر ڪان ڪهي سڌارڻ لاءِ آيو هو پر ڇا هن اهو سڌارو عوام جي ڀلي لاءِ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي يا پنهنجي عياشيءَ لاءِ. بابر هندستان تي 1527ع ڪان 1530ع تائين ٽي چار سال حڪومت مس ڪئي ان بعد سندس اولاد حڪومت ڪندو رهيو.

گذريل هفتي جنهن آٽو رڪشا واري سان دهليءَ جو چڪر هنيو هوم تنهن همايون جي مقبري تي پنهنجي معلومات مطابق مون ڪي چيو هو.

”سائين مغل گهراڻي جو هي ٻيو شهنشاهه ڏاڍو Unfortunate ماڻهو هو. هو ٻن مشهور شخصيتن ٻيءُ بابر ۽ پٽ اڪبر جي وچ ۾ ڦاسي پيو.“

منهنجي خيال ۾ مئٽرڪ پاس ۽ گهٽي ڳالهائڻ جي عادت وارو اهو آٽو رڪشا وارو جنهن پاڻ ڪي ڊرائيور گهٽ پر گائيڊ گهڻو ٿي سمجهيو اهو ڪنهن حد تائين صحيح ٻه هو. مئٽرڪ تائين جيڪي انگريزن جا تاريخ جا لکيل درسي ڪتاب اسان جي مسلمانن طرفان ترجمو ٿيل پڙهياسين يا ڊگهن سامونڊي سفرن جو وقت ڪٽائڻ لاءِ جيڪي تواريخ جا ڪتاب جهاز تي پڙهڻ لاءِ مهيا ٿي سگهيا انهن مان اهوئي لڳي ٿو ته هي آٽو رڪشا ڊرائيور ونود ڪافي حد تائين صحيح ٿو چوي. همايون جيتوڻيڪ ذهين حاڪم هو پر ساڳي وقت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

Unbalanced بہ چئي سگهجي ٿو هن جتي شهر ٺاهيا اتي هن انهن جي تباهي بہ آندي. بابر جي هٽ ڪيل حڪومت جيڪا هن کي ورثي ۾ ملي ائين ئي وائڙن وانگر وڃائي ڇڏي ۽ دربدر ڌڪا کائڻ لڳو ۽ پوءِ آخرڪار هن کي اها وري واپس ملي وئي تہ سندس حياتيءَ وفا نہ ڪئي ۽ ڇهن مهينن بعد گذاري ويو. مغلن جي عمارت سازيءَ ۾ وڏي هاڪ آهي پر همايون توڙي سندس پيءُ جي هند سنڌ ۾ ڪا اهڙي نهرايل عمارت ناهي جنهن جا ڳڻ ڳائي سگهجن. دهليءَ ۾ همايون جو مقبرو ڏسڻ وٽان آهي ۽ متٿرا روڊ تان ايندي ويندي سندس ياد ٿو ڏياري پر ان جو ڪريڊٽ همايونءَ کي تہ نٿو ڏئي سگهجي. اهو تہ هن جي مرڻ بعد پوين ٺهرايو. باءِ دي وي مغلن جي ٺهرايل عمارتن ۾ همايون جو مقبرو پهرين شيءِ آهي. ٻيون عمارتون، مقبرا، درگاهون يا تاج محل سڀ پوءِ ٺهيا. همايون جو هي مقبرو وڏين ڪمانن (Arches) ۽ ٻٽي گنبذ وارو 1565ع ڌاري سندس زال حاجي بيگم ٺهرايو ۽ Architect جي حساب سان ڪن ڳالهين ۾ تاج محل کان پوءِ ٻئي نمبر تي آهي. متٿرا روڊ تان لنگهندي ۽ هن مقبري وٽان ڦري لوڌي روڊ تي مڙڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن ماضيءَ جي دنيا ۾ هليو ويندو آهيان تہ اڄ کان ساڍيون چار صديون اڳ هتي مرحوم همايون جي بيوهہ زال پنهنجي مڙس جي ياد ۾ ٺهرايل هن مقبري کي ڏسڻ لاءِ اچي ويهندي هوندي. تاج محل تہ اڃا ٺهيو نہ هوءِ نہ وري ڪا ٻي اهڙي اهم عمارت مغلن طرفان ٺهي هئي. هي هڪ اهڙو شاندار Monument ٺهي رهيو هو جنهن جي هو سنڌ ۾ وڏي هاڪ هلي رهي هوندي ۽ سالن تائين هلي هوندي ۽ پوءِ بعد ۾ ٻين عمارتن، باغ باغيچن ۽ خاص ڪري تاج محل ٺهڻ ڪري ماڻهن جو ڌيان هٽي ويو هوندو نہ تہ اڄ ڏينهن تائين حاجي بيگم جي تعريف پئي هلي ها تہ زال تہ همايون شهنشاهہ جي ڇئجي جنهن پنهنجي مڙس مٿان بهترين مقبرو ٺهرايو جنهن تي هيترو خرچ ۽ هيترا سال لڳي ويا. ساڳي طرح هن وقت اهو سوچي افسوس ٿو ٿئي تہ هي ئي مغلن جو مقبرو هو جنهن اندر لڪل مغل گهراڻي جي آخري شهنشاهہ بهادر شاهہ کي 1857ع واري بلوي ۾ انگريزن هن مقبري ۾ پڪڙي ورتو ۽ مغل بادشاهت جيڪا هندستان ۾ 330 کن سال قائم رهي ان جي The End ٿي وئي. بهادر شاهہ کي ملڪ بدر ڪري رنگو (هاٽوڪو ينگون) موڪليو ويو ۽ سندس اولاد کي ماري ختم ڪيو ويو.

بهرحال دهليءَ جهڙي تاريخي شهر ۾ نہ فقط مون جهڙو پر ٻيا بہ ڪيترائي ٽوئرسٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماضيءَ جي يادين ۾ هليا ويندا هوندا ۽ اها تاريخ ماضي ٿي آهي جيڪو دهليءَ کي ڏسڻ وڻان ۽ خوبصورت بنائي ٿو ۽ انسان ان گذري ويل وقت ۾ ايڏو گم ٿيو وڃي جو هن کي حال جي مٽي، ڌوڙ مکين، مڇرن، ٽريفڪ جي دونهين ۽ ماڻهن جي پيهه پيهان جو ذرو به احساان نٿو ٿئي. مون دهلي شهر جو وري چڪر هڻڻ چاهيو ٿي. رهجي ويل شيون ڏسڻ چاهيون ٿي، پراڻي رڪشا ڊرائيور ونود ڪمار جو موبائيل نمبر هوم پر پوءِ تيار ٿيڻ بعد رستي تي نئين رڪشا ٿي ترسائڻ بهتر سمجهيم جو مون کي هاڻ ياڙي جي Idea ته ٿي وئي هئي. جيڪڏهن ڪو آٽو رڪشا وارو مون کي نئون سمجهي ٿيهه چاليهه روپيا وڌيڪ ٿو وٺي ته اهو هن جو حق آهي جو آئون به رستي تي ڪيترائي دفعا رڪشا کي بيهاري فوٽو ڪيدان ٿو جنهن ۾ هن جو ڪافي وقت ضايع ٿئي ٿو. پر يارو هڪ ڳالهه حق جي ڪبي ته دهليءَ جا، بلڪ هيستائين انڊيا جي جن به شهرن مان ٿي آيو آهيان، ان مان اهوئي لڳي ٿو ته سڄي انڊيا جا ڊرائيور ٻين ملڪن جي ڊرائيورن کان سٺا آهن. پوءِ هو چاهي بسين جا هجن، ٽئڪسين جا، آٽو رڪشائن يا رڪشائن جا. ياڙو به يورپ، ملائيشيا، جاپان جهڙن ملڪن کان ته گهٽ آهي پر پاڪستان کان گهٽ آهي. رستن تي امن امان آهي هر ڪو فضيلت سان گاڏي هلائي ٿو ۽ هر ڊرائيور پوليس کان ڊڄي ٿو. هر ڊرائيور چاهي ٿو ته سوار خوش رهي ۽ سندس شڪايت نه ٿئي.

رستي تان لنگهندڙ هڪ آٽو رڪشا واري کي بيهاريم.

”ميٽر تي هلندين يا اُڪو؟“ مون پڇيومانس.

”توهان جي مرضي.“ ڊرائيور چيو.

”مون کي هتان چئن پنجن جاين تي وٺي هل ۽ وري واپس هتي اچي ڇڏ. گهڻو وٺندين.“

”ڪٿي ڪٿي هلندائو؟“

”جاميا ملي اسلاميه يونيورسٽي، جمنا ندي جو ڪنارو، حضرت نظام الدين اولياء جي درگاهه، جامع مسجد ۽ لال قلعو. رستي تي فوٽو به ڪيڏا اٿم.“

”سائين جامع مسجد ۽ لال قلعو ته هتان کان ڇڱو پري آهي. پهچڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ توهان کي وقت لڳندو.“

”ڇڱو ڳالهه ٻڌ هن وقت صبح جا نو کن ٿيا آهن تون چار ڪلاڪ کن مون سان گڏ هجڻ

جا گهٽا وٺندي, يعني هڪ بجي هتي اچي لاهجانءِ.“ مون پڇيو مانس. هن ٿوري دير سوچي ادائي سؤ چيا ۽ مون هائوڪار ڪئي ته ڪلاڪ اڌ وڏيڪ لڳو ته به سؤ روپيا ڪن وڏيڪ ڏيڻ به سستو ڪم آهي. جنهن ڏينهن کان آيو هوس ته اهو سچي رهيو هوس ته جمنا ندي جيڪا دهليءَ مان لنگهي ٿي اچا نظر نه پئي اچي. نيٺ ڪالهه رات نماز تي گوبندا پوري واري مسجد جي قاريءَ کان پڇيم ته جمنا ندي ڪٿان وهي ٿي.

”سائين هتان ويجهو ته آهي. به ادائي ميل هن پاسي ويندائو ته جمنا ندي آهي. هونءَ به توهان جاميا ملي اسلاميا يونيورسٽي وڃو پيا ته پرسان ئي توهان جمنا ندي ملندي, جاميا يونيورسٽيءَ جي پرسان نگر ۽ ان سان گڏ ابوالفضل ڪالون بلڪل جمنا نديءَ جي ڪناري تي آهن. جاميا نگر جي ٻئي پاسي غفار نگر ۽ ذاڪر نگر آهن. انهن سيني جي سامهون يعني جمنا ندي جي ٻئي ڪناري تي نوئيندا جو نئون ۽ ماڊرن شهر ٺاهيو ويو آهي جنهن کي جمنا نديءَ مٿان ٺهيل پل نوئيندا پرج دهليءَ جي اندرين Ring Road سان ملائي ٿي. نوئيدا ۽ گرگائون شهر بلڪل نوان ۽ دنيا جي ماڊرن شهرن وانگر اڏيا ويا آهن جيئن اسان وٽ اسلام آباد آهي پر اسلام آباد کي ٺهي وڏو عرصو ٿي ويو آهي, هي هاڻ ڪجهه سال اڳ ٺهيا آهن, سو هنن ۾ هر ڳالهه ۾ سهولت جو وڏو خيال رکيو ويو آهي. دهلي شهر جا امير ماڻهو نوئيندا ۽ گرگائون وڃي رهيا آهن جيڪي شهر هنن لاءِ يورپ جي شهرن کان گهٽ ناهن. ساڳي وقت دهليءَ کي وڏيڪ Congested ٿيڻ کان بچايو ويو آهي.

دهلي شهر وٽان لنگهندڙ هن ندي جمنا تي مٿين نوئيدا پل کان علاوه ٻيون به ڪيترين ئي پليون آهن جيئن ته وزيرآباد پل جيڪا دهليءَ جي اتراهين حصي کي جمناجي ٻئي پاسي ٺهيل وزيرآباد روڊ سان ملائي ٿي جيڪو رستو اترپرديش جي شهر غازي آباد تائين هليو وڃي. دنيا جي مشهور ۽ پراڻي رستي گرانڊ ٽرنڪ روڊ کي (جيڪو لاهور کان ڪلڪتي تائين هليو وڃي ٿو) جمنا نديءَ تان ISBT پل ملائي ٿي. هن پل جي پرسان ئي دهليءَ جي ميٽرو ريل جمنا ندي ڪراس ڪري ٿي. ان کان علاوه جمنا نديءَ مٿان وڪاس مارگ ۽ نظام الدين (اولياء) جي نالن سان به پليون آهن.

هتي به اکر جمنا (Yamuna) نديءَ بابت لکڻ بي محل نه ٿيندو جنهن نديءَ جو نالو اسان ننڍي هوندي کان جاگرافي تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهون ٿا, ٻيو نه ته ڪيترين ڇوڪرين

جا اهي نالا ٻڌا هونداسين جيڪي هندستان جي ٻن اهم ندين جمنا ۽ گنگا جا نالا آهن جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ سنڌو آهي. ٻيو نه ته انهن ندين جا نالا انڊين فلمن ۾ ضرور ٻڌا هونداسين جن جو سنگم الهه آباد وٽ ٿئي ٿو ۽ جتي هندن جو وڏو ميلو ڪنڀ ميلو پڻ لڳي ٿو.

جمنا ندي چوڏهن سؤ ڪن ڪلوميٽر (860 ڪن ميل) ڊگهي ندي آهي، جيڪا اتر ۾ هماليه جبلن تان شروع ٿي هن شهر دهلي ۽ آگري وٽان ٿي الهه آباد ۾ گنگا نديءَ سان وڃيو ملي. گنگا وانگر هن نديءَ جي ڪپر تي به ڪيترائي مندر، مقبرا ۽ تاريخي شيون آهن جن مان تاج محل پڻ هڪ آهي. دهلي شهر مان وهندڙ اها ندي جنهن جو پاڻي ڪجهه ڪلاڪن بعد تاج محل وٽان پيو لنگهي ان کي نه ڏسڻ بدسوٽي آهي. ان ڪري رڪشا وارو پهرين مون کي جمنا نديءَ جي ڪناري تي وٺي آيو جيئن آئون ڪجهه فوٽو ڪڍي سگهان. پر ۾ غفار ڪالوني جا اسان جي بزرگ سياستدان (ولي خان والد صاحب) نالي تي ته نه آهي؟ اجا تائين ڪنهن کان پڇڻ جو موقعو نه مليو اٿم پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انڊيا جو عوام توڙي حڪومت اسان جي غفار خان صاحب کي وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ ڪيس سرحدي گانڌي سڏين ٿا. مين روڊ تي لڳل ”غفار منزل ڪالوني“ جي بورڊ اڳيان بيهي فوٽو ڪڍايان ٿو. ان مين روڊ جو نالو محمد علي جوهر مارگ آهي، هر ملڪ ۾ روڊن جا انگريزي ۽ مڪاني ٻولين جا نالا ٿين ٿا جيئن اسان وٽ روڊ ۽ اسٽريٽ کان علاوه رستن لاءِ شاهراهه ۽ ڊفينس سوسائٽي جهڙن علائقن ۾ ته لين، بليوارڊ ۽ خيابان به استعمال ٿئي ٿو ملائيشيا ۽ ٻين وارن ملڪن ۾ ”جالان“ لفظ استعمال ٿئي ٿو جيڪو ملئي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ رستو آهي. تيئن هتي انڊيا جي شهرن ۾ وڏي ۽ ويڪري رستي کي مارگ چون ٿا، جيڪو شايد هندي، سنسڪرت يا ڪنهن ٻي زبان جو لفظ هجي. سو هن روڊ جو نالو جنهن تي جاميا مليه يونيورسٽي آهي محمد علي جوهر مارگ آهي، جيڪو مولانا محمد علي جوهر نالي آهي.

آٽو رڪشا وارو روڊ تا ڦري ٻئي پاسي جاميا جي گيٽ وٽ اچي ٿو سامهون مرزا غالب جي ڏهه فوٽ کن ڊگهي اسٽيچيوجي چوڌاري ڪيترائي شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڦري رهيون آهن، آئون ساڻن خبرچار ڪريان ٿو هتي اچڻ کان اڳ مون سمجهيو ته هن يونيورسٽيءَ ۾ فقط مسلمان پڙهن ٿا پر سامهون اينڊڙ پهرين ٽن ڇوڪرين کان معلوم ٿيو ته هنن ۾ به هندو آهن ۽ هڪ سک آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”انڊيا جو هي بهترين تعليمي ادارو آهي، جيڪو جيتوڻيڪ مسلمانن جي ڪوشش سان ٺهيو پر ملڪ جو هر شاگرد هندو توڙي عيسائي هن اداري مان تعليم حاصل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو.“ هي چوڪريون ٻڌائين ٿيون.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هن تعليمي اداري جن حالتن ۾ جنم ورتو ۽ Survive ڪيو اها هڪ قابل داد ڳالهہ آهي. هڪ ننڍي اسڪول مان ترقي ڪري هڪ اهڙي وڏي يونيورسٽي ٿيڻ جنهن تي هندستان کي تہ ڇا دنيا جي سڀني مسلمانن کي فخر آهي. بقول سروجني نائيدو جي جيڪا هندستان جي بلبل سڏجي ٿي:

Jamia Millia is a saga of dedication, conviction and vision of people who worked against all odds and saw it growing step by step. Thy built up the jamia Millia stone by stone and sacrifice by sacrifice.

هي تعليم ادارو جامعہ اسلاميہ پهرين هڪ ننڍڙي اسڪول جي صورت ۾ علي ڳڙهہ (اتر پرديش) ۾ 1920ع ۾ ٺهيو. ڪرچمند گانڌيءَ جي Quit India تحريڪ جنهن ۾ هن انگريزن کي انڊيا ڇڏڻ ۽ انڊيا جي ماڻهن کي انگريزن جي هر شيءِ کان بائيڪاٽ ڪرڻ جي سڏ تي علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽي جي ڪجهہ ٽيچرن ۽ شاگردن علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي نموني جي هلندڙ تعليم بدران پنهنجي نموني جو تعلمي ادارو کولڻ جو ارادو ڪيو. انهن ۾ چند ماڻهو هي هئا جيڪي اڳيان هلي ننڍي کند جون اهم شخصيتون ثابت ٿيون:

مولانا محمود حسن، مولا محمد علي، حڪيم اجمن خان، ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري، عبدالحميد خواجہ وغيره وغيره.

هن تعليمي اداري کولڻ ۾ گانڌيءَ بہ مسلمانن جي وڏي مدد ڪئي ۽ هڪ فائونڊيشن ڪميٽي 29 آڪٽوبر 1920ع ۾ ناهي وئي جنهن ۾ مٿين شخصيتن کان علاوه يوپي جا مولانا سليمان ندوي، مولانا شبير احمد عثماني، مولانا حسين احمد مدني ۽ چوڌري خليق زمان (جنهن جي نالي تي ڪراچيءَ ۾ تين تلوارن وٽ روڊ بہ آهي) پنجاب جو ڊاڪٽر سيف الدين ڪچليو ۽ ڊاڪٽر اقبال شاعر، بهار صوبي کان مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ سنڌ بمبئي پاسي کان سيٺ عبدالله هارون (ڊان اخبار وارو) مولانا عبدالحق (باباءِ اردو) سيٺ ميان محمد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

حاجي جام چوٽاٽي وارا ۽ ٻيا چونڊيا ويا ۽ ان ئي ڏينهن جامعہ مليہ اسلاميہ جي پيڙهہ جو پٿر مولانا محمود حسن رکيو. مهيني کن بعد جامعہ جي لاءِ پهريون چانسلر حڪيم اجمل کي چونڊيون ويو. وائيس چانسلر جي پوسٽ گانڌي صاحب ڊاڪٽر علامہ اقبال صاحب کي آفر ڪئي پر هن جي قبول نہ ڪرڻ تي مولانا محمد علي جوهر کي ڏني وئي.

سال ٻن بعد انگريز حڪومت هندستان جي مسلمانن توڙي هندن تي سختيون شروع ڪري ڏنيون. ڪيترن نيشنلسٽ قسم جي شاگردن ۽ استادن کي جيل ۾ وڌو ويو. نيٺ 1925ع ۾ جامعہ کي لکنؤ مان شفٽ ڪري دهليءَ جي ڪارول باغ علائقي ۾ آندو ويو. گانڌي هر وقت هن تعليمي اداري جو مورال مٿانهون ڪندو رهيو. هڪ هنڌ تہ هن ايتري قدر چيو تہ:

The jamia has to run. If you are worried about its finances, I will go about with a begging bowl.

حڪيم اجميل خان لاءِ چون ٿا تہ هو ان مشڪل وقت ۾ پنهنجي کيسي مان جامعہ جي خرچ جو وڏو حصو ڏيندو رهيو ۽ ڊاڪٽر ذاڪر حسين، ڊاڪٽر عابد حسين ۽ ڊاڪٽر محمد مجيب جهڙن پروفيسرن جن جرمني مان پي ايچ ڊي ڪئي هئي ۽ اتي ئي نوڪريءَ ۾ هئا. جرمني ڇڏي تقريبا مفت ۾ اچي جامعہ ۾ نوڪري ڪئي. انهن نہ فقط صبح جو پر شام جو بہ پڙهائڻ شروع ڪيو. شام جو هنن تعليم بالغان شروع ڪئي جيڪا اڳتي هلي 1938ع ۾ ”اداره تعليم وترقي“ جي نالي سان مشهور ٿيو.

ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي خدمتن جي اعتراف ۾ تہ ويندي گانڌيءَ هڪ هنڌ چيو:

The goodness of a good man is itself his true jubilee. Dr. Zakir Husain's great work itsef is his true greatness.

مهاتما گانڌيءَ جو اهو قول جامعہ جي هڪ در وٽ وڏي پٿر تي اڪريل نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر ذاڪر حسين نالي جامعہ ۾ يادگار ميوزيم بہ آهي. 1928ع ۾ حڪيم اجمل خان جي وفات بعد جمايہ جو ٻي نمبر تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ذاڪر حسين ٿيو. جامعہ کي هر وقت پئسي ڏوڪڙ جي کوٽ رهي ٿي ۽ شاگردن کي اهوئي خدشو رهيو ٿي تہ بنا پگهار يا گهٽ پگهار تي ڪم ڪندڙ ٽيچر اڄ آهن پر سڀاڻي بہ رهندا يا نہ. ان وگوڙ مان ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڊاڪٽر ذاڪر پاڻ سان گڏ هڪ ٽيچرن جوگروپ ٺاهيو ۽ سڀني اهو واعدو ڪيو ۽ قسم کنيو ته اسان ايندڙ ويهه سالن تائين جامعه جي خدمت ڪندا رهنداسين ۽ ان جو اجورو مهيني ۾ فقط ڏيڍ سؤ روپيا وٺنداسين. ان گروپ جي ٽيچرن کي جامعه جو لائيف ميمبر سڏيو ويو جن مان ڪجھه جا نالا هن ريت آهن:

حافظ فياض احمد، جنا شفيق الرحمان ڪدوائي، مولانا محمد اسلم جيرا جپوري، پروفيسر مجبي، خواجه عبدالحئي وغيره.

1935ع ۾ دهلي جي اوکلا علائقي ۾ هڪ اسڪول جي پيڙهه جو پٿر رکيو ويو. انهن ڏينهن ۾ اوکلا هڪ گمنام ڳوٺ هو جنهن جو نقشي ۾ به نالو نه هو. 1936ع ۾ جامعه جا سڀ ڊپارٽمينٽ ڪارول باغ کان اوڏانهن شفٽ ڪيا ويا.

1939ع ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي دعوت تي سنڌ کان مولانا عبيدالله سنڌي (ڄم جي تاريخ 1872ع، وفات 1944) جامعه ۾ اچي رهيو. هن جامعه ۾ بيت الحڪمه نالي اسلامڪ اسٽڊيز جو اسڪول کوليو جتي هن شاهه ولي الله جي آئيڊلاجي جو سبق ڏنو.

جامعه جي لئبريري هال ۾ هن جامعه جي سلور جوبلي جي هڪ تصوير لڳل آهي جيڪا 1946ع ۾ ٿي هئي. ان ۾ جامعه جو وائيس چانسلر ذاڪر حسين وچ ۾ ويٺو آهي. سندس هڪ پاسي محمد علي جناح ۽ لياقت علي خان آهن ته ٻئي پاسي پنڊت جواهر لعل نهرو، آصف علي ۽ سر راجا گولا پاچاري ويٺل آهن. هندستان جي آزاديءَ بعد ڊاڪٽر ذاڪر حسين انڊيا جو پريزيڊنٽ ٿيو ۽ پوءِ جامعه جي چانسر عبدالمجيد خواجه جي وفات بعد، 1963ع ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين هن يونيورسٽي (جامعه مليه) جو چانسلر به ٿيو ۽ ان ئي سال جامعه کي يونويرسٽي گرانٽس ڪميشن طرفان يونيورسٽي جو درجو حاصل ٿيو.

جامعه ۾ اچڻ وقت رستي تي ڪيترن هنڌن تي ملائيشا جي پرائيم منسٽر احمد بداوي جا پوسٽر ڏٺم جيڪي هن يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ ۽ آنرري ڊاڪٽوريٽ ڊگري وٺڻ کان اڳ جا لڳل هئا. يونيورسٽي پهچڻ کان اڳ اهي پوسٽر ڏسي مون اهوئي سوچيو ته ملائيشيا جي وزيراعظم جي اچڻ ڪري هن يونيورسٽي (جامعه مليه اسلاميه) جي وڏي لئه ٿي وئي هوندي پر پوءِ جڏهن هن يونيورسٽي جي اڏ ميل کن ۾ ڊگهي عمارت، انجنيئرنگ، سائنس کان آرٽس جا انيڪ ڊپارٽمينٽ، ڊسپلينڊ شاگرد ۽ اعليٰ تعليم جا ماهر پروفيسر ڏٺم ته پوءِ اهو سوچيم ته

ملائيشيا جي وزيراعظم بداويءَ جي هتي اچڻ ڪري هن يونيورسٽي جي نه پر بي اي پاس بداويءَ جي وڏي لئه ٿي وئي هوندي. 1986ع جڏهن هو وزير ٿيو هو ته مون هن کي پنهنجي مئرين انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ملاڪا ۾ چيف گيسٽ ڪري گهرايو هو ته جيئن اسان جي اڪيڊمي جي لئه ويهي ۽ هو اسان جي اڪيڊمي جيڪا هن يونيورسٽي جي مقابلي ۾سمجهيو ته پوسٽ ڪارڊ تي ٽڪلي هئي، مان بيحد متاثر ٿيو هو اڄ هو ملائيشيا جو وزيراعظم آهي.

يونيورسٽي جي هڪ پروفيسر جن اهم ماڻهن جا نالا ٻڌايا جيڪي هتان گهمي ويا آهن انهن مان ڪجهه هي آهن: يوگوسلاويه جو ليڊر مارشل ٽيٽو افغانستان جو بادشاهه ظاهر شاهه. سعودي عرب جو شهزادو فيصل، ايران جو شهنشاهه رضا شاهه پهلوي وغيره وغيره. يونيورسٽيءَ کان ٻاهر نڪتس ته ڊرائيور وڏي مرڪ سان منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو يعني منهنجي گهٽي دير لڳائڻ ڪري هن کي جيڪو خوف هو ته آئون شايد ٻئي در کان ٻجي ويس ۽ سندس ڀاڙو کائي ويس سو غلط ثابت ٿيو ۽ هن جا ٻڌل پئسا بچي ويا ۽ پوءِ يڪدم ٿورو ناراضگيءَ وارو چهرو ٺاهيائين يعني هر هنڌ مون هيڏي دير ڪئي ته هن جي رات ٿي ويندي. سگنل چٽو چپاٽو هو سندس ويجهو پهچي چيومانس:

”ڏس تون پئسن جو فڪر نه ڪر مقرر ڪيل وقت کان وڌيڪ وقت جا توکي پيٽا ڪري پئسا ڏيندس.“

”نهين صاحب ميرا مطلب يه نهين هي، تصوير نڪالون؟“

”جي ها ضرور.“ مون به خوش ٿيندي هائوڪار ڪئي جو مون کي هڪ ٻه تصويرون اچا ڪيڏائٽيون هيون. جاميه جي جنهن شاگرد يا شاگردياڻيءَ کي تصوير ڪيڻ لاءِ ٿي چيم ته هن پهرين پري ڪتابن جي مون کان ٿي جهلرائي ۽ پوءِ ڪئميرا وٺي فوٽو ٿي ڪڍيا. بهرحال رڪشا ڊرائيور منهنجا فوٽو ڪيڻ لڳو. هتي، هتي، هن در اڳيان، هن بورڊ اڳيان... ۽ پوءِ آهستي آهستي واڪ ڪندو اچي رڪشا ۾ ويٺس. هي رستو اهو آهي جنهن تي گذريل ستر سال، 1936ع کان وٺي خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا عالم، حاڪم، پروفيسر ۽ دانشور هليا ۽ انهن ۾ هڪ مولانا عبيدالله سنڌي پڻ! ۽ ان تان ياد آيو ته هن جاميه ۾ ٻين ملڪن کان به ڪيترائي وڏا تعليمي ماهر پڙهائڻ لاءِ آيا جيئن ته مصر جو بهاجت وهابي، ترڪيءَ جو مڊئم هالد اديب

وغيره. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڏينهن ۾ جرمني جي هڪ ليڊي پروفيسر گرڊا فلپسبون نالي پڻ هئي جنهن کي عام طور ”آپا جان“ سڏيندا هئا. هن ڪيترائي سال هن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو ڪيس مرڻ بعد جامعہ جي احاطي ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

هن جامعہ جو نشان ٻن ڪجين جي وچ ۾ تارو (Star) آهي جنهن اندر الله اڪبر لکيل آهي ۽ هيٺ چنڊ جي هيٺان جامعہ مليہ اسلاميہ دهلي لکيل آهي ۽ چنڊ جي مٿان تهيل ڪتاب تي قرآن جي آيت: علم الانسان مالم يعلم لکيل آهي. جامعہ جو ترانو محمد خليق صديقيءَ جو لکيل آهي:

ديا شوق ميرا ديا شوق ميرا

شهر آرزو ميرا، شهر آرزو ميرا.... وغيره

جامعہ جو اڄڪلھ وائيس چانسلر پروفيسر مشيرالحسن آهي جيڪو 2004ع کان آهي ۽ ان کان اڳ چار سال ڪن سيد شاهد مهدي هو ۽ ان کان اڳ ليفٽيننٽ جنرل ايم اي ذڪي هو.

آٽو رڪشا وارو هاڻ مون کي حضرت نظام الدين اولياء جي درگاهہ تي وٺي هلڻ چاهيو ٿي جيڪا اتان ويجهي هئي. ”يار ٿورو تکو تکو هل.“ هاڻ مون کي جلدي ٿيڻ لڳي. ويچارو شريف ڊرائيور گهٽو ئي تکو هليو پر هڪ هن ٽرئفڪ جام ۾ ڦاسي پيو. ڪارون، بسيون، ٽئڪسيون، آٽو رڪشائون، سائيڪل ۽ موٽر سائيڪلن تي سوار هڪ ٻئي ۾ پيجندا وياسين.

”ڇا ڳالھ آهي سنگنل بند آهي؟“ مون پڇيو.

”سر خبر ناهي.“

”ڪو حادثو ٿيو آهي.“

ٽيڪسي ڊرائيور گهٽو ئي ڳاٽ ٻاهر ڪڍي پري پري تائين ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن کان ڊگهو آئون هوس مون کي ئي ڪجهہ نظر نہ پئي آيو. فقط گاڏيون ئي گاڏيون هيون. ڊرائيور گهٽو ئي پنهنجي رڪشا کي موڙي پڊيان موٽي ڪو ٻيو رستو اختيار ڪرڻ ٿي چاهيو پر سڀ گاڏيون ائين تہ هڪ ٻئي ۾ ڦاٿيون پيون هيون جيئن ڪنهن مشين جون گيئرس. پنيان ايندڙ گاڏين جي بہ ڊگهي قطار ٿي وئي. آخر ويهہ پنجويهہ منٽن جي ٻلي پيرِ بعد چوراهو ڪراس ڪيوسين جتي نڌڙڪين ڊڳين جي چرڻ ڪري رستا بلاڪ ٿي ويا هئا، ڪراچيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ ٽريفڪ جام ٿيندي آهي معنيٰ صوبي جي حاڪم ڊاڪٽر ارباب جي سواري پئي لنگهي يا ملڪ جي صدر مشرف جي. پر هتي ڏٺم جي ڪري ٽريفڪ جام ٿيو وڃي اسان جي پيٽارو جي پڙهيل ارباب رحيم ۽ سينٽ پئٽرڪ جي شاگرد ڪين پرويز مشرف ڪي ته اسان گهٽ وڌ به ڳالهائي سگهون ٿا ۽ نوڪرين تان لهڻ بعد ڏنڊا به هٽي سگهون ٿا پر ڪنهن ڪي آهي همت جو ڳئون ماتا ڪي ڏنڊا هٽي پري ڪي. دهلي جهڙي راڄڌاڻي جي رستن تي روز ڪٿي نه ڪٿي ڪجهه ننڍ، سست، بيمار، پوڙهيون ۽ ڪاهل ڏٺيون رستو بلاڪ ڪري ڇڏين. حڪومت توڙي عوام توڙي ٽرانسپورٽرن سورن ۾ پئجيو وڃن پر ڏٺين جو سائين ڪير نالو وٺي.

”پوءِ هنن ڏٺين جو تعداد ته روز وڌندو ويندو هوندو.“ مون هتي جي هڪ هندو رهاڪو کان پڇيو هو.

”ها، پر حڪومت لڪچوريءَ رات جي وقت انهن ڏٻرين ۽ بيمار ڍورن کي بارڊر پار ڪري ڇڏيندي آهي ته مسلمانن جي ملڪن ڏي هليون وڃن جتان وري ڪوبه نه موٽيو آهي.“ هن وراڻيو. خبر ناهي سچ يا ڪوڙ پر مون کي هن جو Sense of Humor پسند آيو جو هن ۾ ڪافي سچائي لڳي. هڪ انڊين فلم يا شياد ڊرامو ڏٺو هوم جنهن ۾ به دوست پنهنجي ٿين دوست مان پنهنجي جان ڇڏائڻ جو سوچي رهيا آهن جنهن هنن کي ڏاڍو تنگ ڪري رکيو هو. آخر بئي ان راءِ تي ٿا پهچن ته هن کي ڪنهن طريقي سان پاڪستان موڪلي ڏجي جتي روز بم ڌماڪا پيا ٿين، بسين ۽ گاڏين جا حادثا پيا ٿين، اغوا ۽ قتل پيا ٿين.... ڪٿي نه ڪٿي هو مري کپي ويندو.

بهرحال ڏٺين جي ڳالهه تان ياد آيو ته ڏٺيون نه فقط ٽريفڪ جام ٿيون ڪن پر فوٽو گرافيءَ جو مزو به ڪيو ڇڏين. گذريل ٻن ٽن هفتن جا فوٽو وينو ڏسان ته ڪيترن فوٽن ۾ رول ڏٺيون اچي ويون آهن خاص ڪري تاريخي جاين اڳيان. هڪ ۾ ته مون پاڻ ڪنهن عمارت اڳيان بيهي فوٽو ڪڍايو آهي ته پر ۾ ڏٻي به اچي بيهي رهي آهي. بهيڻ وقت ته آئون اڪيلو هوس پر فوٽو ڪڍڻ واري جيسين ڪئميرا کي فوڪس ڪري بٽڻ کي دٻايو آهي تيسين خرامان خرامان ڪا ڏٻي به اچي مون سان گڏ بيٺي آهي.

”درگاهه تائين پهچڻ ۾ هاڻ باقي ٿورو پنڌ آهي.“ منهنجي پڇڻ تي ڊرائيور ٻڌايو. سنڌ

هند بزرگن، درويشن، فقيرن، صوفين جي ڌرتي آهي جتي ڪيترائي اولياءِ، پير فقير زندگي بسر ڪري ويا جن ۾ گهڻا ئي وچ ايشيا، ايران، ترڪي افغانستان کان هتي آيا ۽ هن ڌرتي تي ئي زندگي گذاري ڇڏي. شاهه لطيف، سچل سرمست، قلندر شهباز، اڏيرو لعل جيان ڪيترائي بزرگ، اولياءَ هندستان جي ڌرتيءَ تي به رهيا جن جي اڄ تائين نه فقط مسلمان پر هن ديس جا هندو، سک ۽ ٻڌ به عزت ڪن ٿا. حضرت خواجه نظام الدين اولياءَ هندستان جو هڪ وڏو اولياءَ، درويش ۽ صوفي فقير ٿي گذريو آهي. جنهن جا هند سنڌ کان ٻاهر به معتقد آهن. هونءَ ته دهليءَ جو هي علائقو جتي حضرت نظام الدين اولياءَ جي درگاهه آهي اڄ کان ست اٺ سؤ سال اڳ غياث پور جي نالي سان مشهور هو پر هاڻ هن اولياءَ جي نالي سان سڏجي ٿو. ويندي پر واري پوليس اسٽيشن به هن اولياءَ جي نالي سان سڏجي ٿي. جنهن جي ويجهڙائي وارو ڊفينس سوسائٽي ڪراچي جهڙو علائقو نظام الدين ايسٽ ۽ نظام الدين ويسٽ سڏجي ٿو. پڪيڙ توڙي آدمشماريءَ ۾ دهلي ڪراچيءَ کان گهٽ وڏو آهي ۽ جيئن ڪراچيءَ جون به ريلور اسٽيشنون آهن ڪراچي صدر ۽ ڪراچي سٽي تيئن دهليءَ جون ٽي وڏيون اسٽيشنون آهن، نئين دهلي اسٽيشن، پراڻي دهلي اسٽيشن ۽ حضرت نظام الدين اولياءَ اسٽيشن. پهرين اسين دهلي جي ڪارول باغ علائقي ۾ رهياسين ٿي ته اتان نئين دهلي اسٽيشن ويجهي هئي ۽ هاڻ هتان ڪالڪاجي کان حضرت نظام الدين اسٽيشن ويجهي آهي. بهرحال منهنجو مطلب اهو آهي سڄي دنيا ۾ ڪيترائي بزرگ فقير آهن. ويندي دهليءَ ۾ ئي ڪيترن جون درگاهون ۽ مقبرا آهن پر هتي دهليءَ ۾ حضرت نظام الدين اولياءَ ايترو مشهور آهي جو هن جي نالي تي روڊ، پل بستيون ۽ ريلوي اسٽيشن آهي ۽ دهليءَ ۾ آيل هڪ نئين ماڻهوءَ کي به پهرين ڏينهن ئي خبر پئجيو وڃي ته هن اولياءَ جو مقبرو هتي آهي.

نظام الدين اولياءَ جا وڏا بخارا جا آهن. سمرقند، بخارا، تاشقند، فرغنا جتي بابر جائو اشڪ آباد وغيره اهي شهر تاجڪستان، ازبڪستان، ترڪمنستان جهڙن ملڪن جا آهن جيڪي افغانستان کان مٿي اتر ۾ آهن ۽ گذريل صدي گڏيل روس (USSR) جون رياستون به ٿي رهيا. اسان وٽ سنڌ ۾ به ڪيترا عالم ۽ بزرگ مرزا قليچ بيگ کان قلندر شهباز تائين جي وڏن جو انهن ملڪن سان واسطو هو. اسان جا ڪيترا بزرگ اولياءَ پير انهن (وچ ايشيا جي) شهرن کان آيا. دين جي تعليم حاصل ڪيائون ۽ ماڻهن کي پيار محبت سان اسلام جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سبق ڏنائون. حضرت نظام الدين جو بہ ڏاڏو ”خواجہ علي“ ۽ نانو ”خواجہ عرب“ بخارا کان انڊيا آيا ۽ پهرين لاهور ۾ رهيا ان بعد بدايون ۾ اچي Settle ٿيا. بدايون دهلي شهر جي اتر ۾ آهي. خواجہ عليءَ پنهنجي پٽ خواجہ احمد جي شادي خواجہ عرب جي ڌيءَ بيبي زليخا سان ڪرائي جنهن مان ڪين سال 1238ع ۾ بدايون شهر ۾ حضرت نظام الدين اولياء ڄائو. حضرت نظام جو پيءُ خواجہ احمد بدايون شهر جو جج هو پر حضرت نظام اڃا پنجن سالن جو مس هو تہ هو گذاري ويو. پنيان هن هڪ پائي بہ نہ ڇڏي هئي. حضرت نظام جو ننڍپڻ سخت غربت گذريو ۽ ان غربت ۽ ڏکين ڏينهن مان ئي هن روحاني سگهہ حاصل ڪئي. جنهن ڏينهن گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هو تہ سندن امڙ بيبي زليخا پنهنجي پٽ ۽ ڌيءَ کي چوندي هئي تہ ”ٻچا اسان رب پاڪ جا مهمان آهيون.“ ۽ پوءِ ڪڏهن لڳاتار ڪيترا ڏينهن گهر ۾ کاڌو موجود هوندو تہ ننڍڙو نظام پنهنجي ماءُ کان آهستي پڇندو هو تہ امان اسان وري ڪڏهن رب پاڪ جا مهمان ٿينداسين.

بيبي زليخا وڏي همت واري عورت هئي جيتوڻيڪ ننڍي عمر ۾ هن جو ساٿي هليو ويو ۽ هوءَ نہ فقط اڪيلي رهجي وئي پر ڪيس پئسي ڏوڪڙ جي بہ تنگي هئي پر هن چاهيو ٿي تہ هن جو پٽ نيڪ رهي، دين جو درس ۽ دنيا جو علم حاصل ڪري. هن نظام کي مدرسي ۾ داخل ڪيو جتي هن قرآن جي ستن ئي طريقن جي قرئت سکي. ان کان پوءِ عربي زبان ۽ ان جي گرامر پڙهائي ۽ پوءِ قرآن جي تفسير، حديث ۽ فقي (اسلامي قانون) ۾ هن کي پڙ ڪرايو. ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ هن کي ”علم جي پڳ“ عطا ڪئي وئي. ديني علم سان گڏ هن انگي حسابن ۽ سائنس نجوم (Astronomy) جي پڻ تعليم ورتي. خواجہ شمس الملڪ ۽ مولانا ڪمال دين سندس استادن مان هئا.

حضرت نظام کي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ درويشن ۽ صوفين جي صحبت ۾ وهڻ جو پڻ شوق هو جن مان هو تمام گهڻو متاثر رهيو ٿي. هڪ ڏينهن هڪ خانہ بدوش قوال بدايون جي شهر ۾ آيو جنهن حضرت نظام الدين کي بابا فريد گنج شڪر ۽ هن جي اجوڌان واري خانقاه جي روحاني قسم جي ماحول بابت ٻڌايو. اجوڌان پاڪستان واري پنجاب جو شهر آهي ۽ هاڻ پاڪ تن سڏجي ٿو. بابا فريد جي نالي حضرت نظام الدين جي طبيعت ۾ عجيب لاڙو پيدا ٿيو. هن کي محسوس ٿيو تہ هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو جڏهن هن کي بابا

فريد جي قدمن ۾ ويهڻ جو شرف حاصل ٿيندو.

بنيادي تعليم بدايون ۾ حاصل ڪرڻ بعد حضرت نظام الدين 18 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ سان گڏ دهلي لڏي آيو. دهلي انهن ڏينهن ۾ ترڪ سلطان جي خوبصورت گاديءَ وارو شهر هو. اهي سلان جن کي غلام گهراڻي جا بادشاهه سڏيو وڃي ٿو جن جو پهريون بادشاهه قطب الدين ايبڪ هو جنهن 1206ع کان 1210ع تائين حڪومت ڪئي. پاڻ اصل ۾ غلام هو ۽ ترڪستان کان وقت جي حاڪم محمد غوريءَ وٽ پهتو هو. محمد غوريءَ کي پٽ نه هجڻ ڪري هن پنهنجي هن غلام قطب دين کي جيڪو ڏاهپ، انتظاميه ۽ جنگي معاملن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، تخت و تاج لاءِ چونڊيو. دهليءَ جو مشهور قطب مينار جنهن جو ذڪر ان کي ڏسڻ بعد اڳتي هلي ڪنداسين دهليءَ جي هن بادشاهه نالي آهي.

قطب الدين جي مرڻ بعد ڪورٽ جي نوابن ۽ ڏاهن آرام شاهه کي تخت تي ويهاريو پر هن ڪو ٻوٿو نه ٻاريو ۽ ڪيس يڪدم لاهي پوءِ قطب الدين ناٺي جي التمش کي تخت تي ويهاريو جيڪو 1211ع کان 1236ع تائين دهليءَ جي تخت تي ويٺو. انهن ئي ڏينهن ۾ حضرت نظام الدين اولياء جو دهليءَ جي پر واري شهر بدايون ۾ 1238ع ۾ جنم ٿيو جڏهن التمش جي ڌيءَ رضيه سلطانه تخت تي هئي. رضيه سلطانه پهرين مسلمان عورت آهي جيڪا ملڪ جي حاڪم ٿي ۽ 1236ع کان 1240ع تائين دهليءَ تي تخت تي هئي. ۽ هاڻ جڏهن حضرت نظام الدين اولياء کان 18 ورهين جي ڄمار ۾ يعني 1256 ڌاري دهليءَ ۾ آيو ته رضيه سلطانه بعد سندس ڀاءُ نصرالدين محمود دهليءَ جي تخت تي هو جيڪو حضرت نظام الدين اولياء جي دهليءَ ۾ اچڻ بعد به ڏهه سال کن 1266ع تائين بادشاهه رهيو جنهن بعد ويهه سال کن غياث الدين بلبن دهليءَ جي تخت تي ويٺو. حضرت نظام جي عمر ماشاءَالله 86 سال رهي ۽ سندس سن 1324ع ۾ وفات تائين دهليءَ جي تخت تي خبر ناهي ڪيترا بادشاهه ويٺا. غياث الدين بلبن بعد سندس پٽ پرنس محمد تخت تي ويٺو ان بعد ٻئي پٽ جنهن جو نالو ٻگڙو خان هو ان کي تخت جي آڇ ڪئي وئي پر هن هندستان جو بادشاهه ٿيڻ بدران بنگال يا ڪنهن ٻئي صوبي جو ئي گورنر ٿي رهڻ پسند ڪيو ۽ ان بعد ٻگڙي جي پٽ ڪيقوباد کي 1287ع ۾ دهلي جي تخت تي ويهاريو ويو ۽ ڪجهه ٻين کي جيڪي گهٽ ڪري ڪي چند ڏينهن مس ويٺا جو ڪين ٻنهه افعال نه هو ۽ 1290ع تائين اهو سڄو گهراڻو

ڪڪ پن ٿي ويو جنهن بعد دهليءَ جي حڪومت خلجي گهراڻي جي هٿ ۾ آئي جنهن جو پهرين بادشاهه جلال الدين خلجي 1290ع کان وٺي 1296ع تائين بادشاهه رهيو. ان بعد علاؤالدين خلجي تخت تي ويٺو جنهن جي ڏينهن ۾ حضرت نظام الدين اولياء جهڙن بزرگن ۽ سندس مريد، اردو ۽ فارسي جي شاعر امير خسرو جهڙن جو وڏو مان ڪيو ويو. علاؤالدين 1296ع کان 1320ع تائين سڏو سنئون يا اڻ سڌي طرح دهلي جي تخت تي رهيو. وچ ۾سندس پٽ مبارڪ ۽ شهاب الدين ۽ ٻيا هن جي آشيرواد سان تخت تي ويٺا، ان بعد هندستان جي حڪومت تغلق گهراڻي جي ور چڙهي جن هڪ سؤ کن ورهيه ڪم هلايو. پهريون بادشاهه غياث الدين تغلق پنج سال کن 1320ع کان 1325ع تائين حاڪم رهيو. جنهن جي ڏينهن ۾ حضرت نظام الدين اولياءَ سن 1324ع ۾ وفات ڪئي ۽ سال کن بعد 1325ع ۾ محمد بن تغلق دهليءَ جي تخت تي ويٺو.

رستي تي ماڻهن ڪي گوڏين، شلوار قميصن، پنجامن، چار وارين ۽ قراقلي ٽوپنين ۾ ڏسي سمجهي ويس تہ مسلمانن جي رهائش جو ڪو علائقو اچي ويو آهي تي سگهي ٿو اتي ئي نظام الدين اولياء جي درگاهه هجي. منهنجي ڳالهه صحيح نڪتي جو ان ئي وقت ڊرائيور اعلان ڪيو "بس سر پهنچ گئي" ۽ پوءِ مين روڊ تان سائيڊ روڊ تي آيو ۽ پوءِ سائيڊ روڊ تان برانچ روڊ تي، پاسن کان جايون جاين سان مليل، جاين مٿان ڦڏيون سڏيون ماڙيون ٿهيل جتي ڪٿي انڪروچ مينٽ ۽ برانچ روڊ تان ڪاٻي ساڄي ويندڙ گهٽيون، گهٽين مان گهٽيون ۽ وڏيڪ انڪروچ مينٽ ۽ وڏيڪ ماڻهو. مرد عورتون، زالون، ٻار، مڪاني، ٽيلهن ۽ هڙن سان گڏ پرديسي، وڏن دڪانن ۽ هوٽلن بعد هاڻ ننڍا ننڍا دڪان ۽ ننڍيون هوٽلون، هر دڪان ڪاٺ جي تختن ذريعي يا ڪنهن نموني سان رستي تي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ۾، ويتر گهٽيون سوڙهيون ٿينديون ويون. ٿيئن ٿيئن عوام جي پيهہ پيهان، جڻ گهٽين جا ٽوپا اڊوڙي ٻاهر نڪري ايندا. رڪشا وري منهنجي سهولت لاءِ رڪشا ڪي اڃا اڳتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيئن درگاهه تائين باقي پنڌ مون کي گهٽ ڪرڻو پوي پر پوءِ هڪ سوڙهي چوراهي وٽ ڪتابن ۽ مٺائي واري دڪان اڳيان بيهي رهيو.

"سر! هاڻ توهان کي پنڌ وڃڻو پوندو." هن چيو.

آئون ڪئميرا، ڪاپي پين ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي بوتل کڻي هيٺ لٿس، پرسان هوٽل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هئي جنهن جي اڳيان ٻن وڏين ديڳين ۾ ڪجهه رڌجي رهيو هو. انهن جي پوٺيان بيٺل علاؤالدين جي جن جهڙي ٿلهي ۽ پنن اگهاڙي بورچيءَ وڏو لوهي چمچو اهڙو زور سان ديڳ تي هنيو جو مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هن منهنجو ئي ڌيان ڇڪائڻ چاهيو ٿي جو پوءِ يڪدم اهو چمچو منهنجي منهن اڳيان ڪري زور سان چيو: ”فقيرن جي خيرات لاءِ ديڳ حاضر آهي.“

مون کي ان بورچيءَ جي نه شڪل وٽي ۽ نه سندس اهو ڇرڪائي ڏوئيءَ جهڙو چمچو منهنجي منهن اڳيان جهلي ڳالهائڻ جو انداز. آئون ڇڙ مان اکيون ڦاڙي هن کي گهورڻ لڳس ته هڪ ٻئي لنگهندڙ همراهه هڪ رسيدن جي بندي منهنجي  اکين اڳيان لوڏي پڇيو ته ڪيترين غريبن جي لنگر جون پرچيون ڪٽيان.

”هي آهي ڇا! ائين Aggressive طريقي سان خيرات گهربو آهي.“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو هي ته ڄڻ گن پوائنٽ تي ڦر ڪرٽي ٿي.“

مون پنن اگهاڙي بورچيءَ کي چڙي هن نئين پيدا ٿيل فئنٽومس کي ڪاوڙ مان ڏٺو. بورچي وري ديڳ تي چمچو هڻي ٻين ايندڙن جي منهن ۾ ذري گهٽ هٽندي هنن جو ڌيان ڇڪائڻ لڳو. مون ٻنهي کي چڙي اڳتي وڌڻ کي ڪئي. پاجامن ۾ هندستان ۾ رهندڙ مسلمان، شلوار قميص ۾ پاڪستان جي پنجاب ۽ سرحد جا پنجابي ۽ پٺاڻ مسلمان، هندستان جي جمون ۽ ڪشمير جا مسلمان مرد توڙي عورتون وڏي عقيدت سان ان سوڙهي گهٽيءَ مان اچي وڃي رهيا هئا. آئون اڳتي وڌندو رهيس. ٿوري دير اڳ مين روڊ (Mathura Road) تان لنگهندي مون سوچيو به نه هو ته ساڄي پاسي دهليءَ جي هن قديم ترين بستي جنهن جو اصل نالو ڳوٺ غياث پور هو پر هاڻ درگاهه نظام الدين اولياء جي نالي سان سڏجي ٿي، ان ۾ ماڻهن ۽ دڪانن جي ايڏي پيهه  پيهان هوندي. فقيرن جا ميڙ. گهوڙيئرن (Street Vendors) ڳاهٽ، ٽوپيون وڪڻدڙ ٻار، تسبيحون ۽ قرآني آيتون وڪڻدڙ.. پاسي کان ڪوابن ۽ پورين پڪوڙن جا ننڍڙا دڪان، گلن جا دڪان، مزار مٿان چاڙهڻ لاءِ پڙ وارن جا دڪان.. هر هڪ خريد ڪرڻ لاءِ زور پري رهيو آهي. هڪ گهٽيءَ ۾ مغلي هوٽل ”دستر خوان ڪريم“ ٿورو اڳيان غالب اڪيڊمي، ۽ پوءِ درگاهه جي جيئن ئي ويجهو پهچڻ ٿيو ته گل، منا، پتاشا، پڙ لاءِ چادرون وڪڻندڙن جا نه فقط انيڪ دڪان پر هر دڪاندار دڪان مان نڪري گلن جي پليٽ

توهان جي نڪ اڳيان جهلي خريد ڪرڻ لاءِ زور پيري رهيو آهي. گل ۽ چادر تہ وٺي وڃو بہ ڏينهن اڳ برلا مندر ۽ ڪالڪا مندر ٻاهران ديوتائن ۽ ديوين جي مورتين مٿان چاڙهڻ لاءِ چادرون، گل ۽ پتاشا وڪامندي مون تعجب پئي ڪاڏو تہ ڇا انهن مورتين کي سيءُ تو لڳي يا بک ٿي لڳي جو پوڄاري انهن لاءِ چادرون، گل ۽ پتاشا ٿا کنيون وڃن ۽ اڄ هڪ مسلمان اولياء جي ٻاهران اهي ساڳيون شيون ڏسي تتجب ٿو لڳيم ۽ دڪاندار ڪيڏو داداگيريءَ سان عقيدت مندن کي اهي خريد ڪرڻ لاءِ مجبور ٿا ڪن. ڇا حضرت نظام الدين اولياء جي قبر کي انهن شين جي ضرورت آهي. ڇا اهي شيون آفر ڪرڻ بنا ڪو فاتح يا قل نٿو پڙهي سگهي. حضرت نظام الدين اولياء جن پاڻ ئي حيات هئا تہ پاڻ ڪڏهن بہ مادي شين کي اهميت نہ ڏنائون، پاڻ وٽڻ بدران هميشہ ڏنائون.

درگاهہ ۾ اندر گهڙڻ سان چوڌاري ڏٺا مٿا مجاور ورايو وڃن جيڪي پاڻ کي هن درگاهہ جا سجاده نشين ٿا سڏرائين يعني حضرت نظام الدين اولياء جو اولالد پر جيستائين مون کي خبر آهي تہ شاهہ لطيف وانگر حضرت نظام الدين کي بہ ڪو اولاد ناهي بلڪ هن تہ شادي بہ نہ ڪئي. درگاهہ اندر حضرت نظام الدين اولياء ۽ سندس مريد ۽ شاگرد امير خسرو جا ڏار ڏار مقبرا آهن. آئون نظام الدين اولياء جي مقبري ڏي وڏان ٿو تہ ڪجهہ نوجوان مجاور مون کي ۽ ٻين کي جهلين ٿا.

”پهرين امير خسرو جي مقبري تي وڃجي ۽ پوءِ نظام الدين اولياءَ جي مقبري تي ”هو اسان کي Almost ڌڪي ٻئي طرف ڪن ٿا. هنن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ اها هوا آهي تہ هو وڏا عالم آهن جڻ وڏي مذهبي ڳالهہ پيا ٻڌائين ۽ اندر درگاهن ۾ اڃان بہ ٿلهي قسم جا صحتمند مجاور صاحب وينا ڪچهريون ڪن جيئن ئي ڪو عقيدت مند اندر گهڙي ٿو تہ هن کان نذراني طور پئسا گهرن ٿا جنهن جو انداز پڻ سمجهو تہ گن پوائنٽ وارو آهي. ”ماڻهو آهن ڇا!“ آئون دل ئي دل ۾ سوچيان ٿو. نہ ڪم نہ ڪار، ڏٺا مٿا پڪا هلايو قبر اڳيان ٽڏڪار ۾ وينا ڪچهريون ڪن ماڻهن کان پئسا ۽ پڙ اوڳاڙين. ظهر نماز جو وقت آهي اٿي وڃي نماز پڙهڻ کپين پر وينا چٽا يا ڪو سڪل ميوو ڦڪين. ڇا اهو آهي اسلام. هڪ نئين ماڻهوءَ کي هن قسم جا ماڻهو ۽ ريتون رسمون ڪيڏو غلط Image ڏين ٿيون. ڪيترا ماڻهو خاص ڪري عورتون قبر تي هٿ لاهي منهن کي ملي رهيون هيون. هڪ بہ ڇٽو تہ قبر اڳيان سجدي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪريل هو ۽ هي مجاور ڪهن کي بہ جهلين نہ پيا تہ هي گناهہ جو ڪم آهي. ڏيڻ وارو داتا فقط هڪ رب آهي جنهن کان گهرڻ کپي. پر هي مجاور تہ ان ڳالهہ جي همت افزائي پيا ڪن جيئن هتي جي مندرن ۾ باوا پيا ڪن ۽ جي اهوئي ڪجهہ ڪرڻو آهي تہ پوءِ هندن کي بت پرست ڇوڻا سڏيو. اها عظيم هستي جيڪا هتي دفن ٿيل آهي سا الله جي ڪلام، تفسير، حديث ۽ فقي جي ڄاڻو هئي هن ڪڏهن بہ پاڻ ائين نہ ڪيو ۽ نہ هن سوچيو هوندو تہ سندس وفات بعد سندس قبر جي هن ريت پوڄا ٿيندي!

امير خسرو جي مقبري سامهون هڪ وڏو ڪاٺ جو بند ٿيل در ”حجره قديم“ آهي جيڪو ڪڏهن صوفي فقيرن جي اچڻ ۽ قوالي جي پروگرام تي کوليو ويجي ٿو. هي قديمي ڪمرو تيرهن صديءَ جي آخر ۾ ٺراهيو ويو هو. هن ڪمري جي ٻاهرين پيٽ تي اردو جي شاعر ڊاڪٽر علامہ اقبال جو حضرت نظام الدين جي ساراهہ ۾ چيل شعر لکيل آهي. حضرت نظام الدين اولياء ۽ امير خسر جي مقبرن جي وچ ۾ بہ چار ٻيون بہ قبرون آهن جن مان هڪ شاهجهان جي ڌيءَ جهان آرا جي آهي ۽ هڪ محمد شاهہ جي آهي.

نظام الدين اولياء جي مقبري جي ٻاهران وڏو ورانڊو آهي جتي قوالي ٿيندي رهي ٿي جتي ان وقت ڪيترائي عقيدت مند ان وقت رحت وٺي رهيا هئا. اولهہ طرف پڪين سرن جو جماعت خانو آهي جتي نماز پڙهي ويجي ٿي. اهو هال نظام الدين اولياءَ جي وفات کان ڪجهہ سال پوءِ دهليءَ جي حاڪم فيروز شاهہ تغلق ٺهرايو هو.

هونءَ خانقاه هتي نہ هو جتي هينئر هي مقبرو آهي، خانقاه جتي حضرت نظام اڌ صدي کان ماڻهن سان مليو، کين تعليم ڏني، جتي سوچ ۽ فڪر ڪيو جتي عبادت ڪئي اهو هن درگاهہ کان ميل کن پري ڀينا نديءَ جي ڪناري تي آهي.

بدايون کان دهلي لڏي اچڻ تي جيتوڻيڪ حضرت نظام الدين جي عالمن، پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ وڏي عزت رهي پر حضرت نظام کي دلي طرح سڪون نٿي رهيو. آخر چار سال دهليءَ ۾ رهڻ بعد هو بابا فريد شڪر گنج جي ڳوٺ ويو ۽ هن جو مريد ٿي هن کان علم پرايو. 1265ع ۾ جڏهن بابا فريد گذاري ويو تہ کين هن جو روحاني وارث بنايو ويو ۽ بابا فريد جو چوغو عصا (لٺ) ۽ جانماز سندن (حضرت نظام الدين جي) حوالي ڪئي وئي.

حضرت نظام الدين پهرين قطب مينار وٽ رهڻ لڳو پر پوءِ چون ٿا تہ 1280ع ڌاري هن

غيب مان آواز ٻڌ تہ غياثپور وڃي رهہ. ان تي عمل ڪندي هو ڪجهہ عقيدتمندن کي پاڻ سان وٺي اچي غياثپور کان نڪتو جتي هن يمنا (جمنا) نديءَ جي ڪناري تي هڪ سادو خانقاهہ ٺاهي الله جي عبادت ڪئي ۽ ماڻهن کي پيار محبت ۾ رهڻ، صبر ۽ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ جو سبق ڏنو.

آئون فاتح پڙهي ٻاهر نڪتس. درگاهہ جي منهن وٽ ٻہ معزز قداور بزرگ مليا.

”ڪٿي جا آهيو؟“ مون کانئن انگريزيءَ ۾ پڇيو.

”اتان جا جتي جو هي بزرگ آهي. سمجهو؟“

”جي ها. بخارا جا.“ مون وراڻيومان.

”صحيح سمجهانو. پر هينئر افغانستان ۾ رهون ٿا ۽ هتي انڊيا اچڻ تي هيڏانهن بہ آيا آهيون.“ هن ٻڌايو ۽ مون ساڻن گڏ فوٽو ڪڍرايو. مون کي هنن جا پرسڪون چهرا ۽ پرسڪون ڳالهائڻ جو اسٽائيل ڏاڍو وڻيو.“

ٻاهر نڪرڻ سان هڪ دفعو وري گوڙ گهمسان ۽ Aggressive Selling جي دنيا ۾ ماڻهو اچي ويو پر خوش نصيبي سان گلن، پتاشن ۽ پڙن (چادرن) وڪڻڻ وارا خاموش هئا فقط هوٽلن وارا لنگر جو چندو يا فقيرن کي کارائڻ جو چندو وٺي رهيا هئا. ها هڪ ٻن هنڌن تي قداور قسم جي Heavy Weight ٻڪرن سان بيٺل همراهن، لنگهڻ وقت، انهن ٻڪرن جو منهن منهنجي هٿن ۾ هٽي مون کي بيهاريو ٿي. هنن صدقي يا شايد عقيقي يا خيرات لاءِ ٻڪر ذبح ڪرڻ جون خدمتون سر انجام ڏيڻ چاهيون ٿي. هر هڪ جو اهو زور هو تہ ٻڪر کي هڪ دفعو تہ غور سان ڏسو تہ ان جي قيمت جي مقابلي ۾ ڪيڏو اتم آهي پر منهنجيون نظرون ٻڪر بدران آٽو رڪشا ڊرائيور کي ڳوليندڙيون رهيون جيڪو منهنجي دير ڪرڻ تي پڪ موڊ آف ۾ هوندو پر جڏهن هو مليو تہ هن خوش مزاجي جو ئي اظهار ڪيو مون هن سان گڏ اتي هڪ ڇاپڙا هوٽل ۾ ويهي چانهہ پيتي پوءِ هن کي اڳتي هلڻ لاءِ چيو.

حضرت نظام الدين اولياء جي درگاهہ جي ٻاهران ان ڇاپڙا هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ دوران اردوءَ جي رٽائرڊ اسڪول ٽيچر عبدالرشيد سان ملاقات ٿي. هو لکنؤ کان هتي دهلي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ آيل هو. انگريزي ۽ اردو سان گڏ کيس فارسي بہ آئي ٿي.

”امير خسرو هڪ ئي وقت هوشيار دنيادار، باڪمال صوفي ۽ عظيم شاعر هو.“ هن ٻڌايو.

”هو سپاهي بہ هو تہ ولي ڪامل بہ، شاعر بہ هو تہ ماهر موسيقي بہ. عاشق بہ هو تہ زنده دل بہ.“

هن امير خسروءَ جي حضرت خواجہ نظام الدين اولياء سان پهرين ملاقات جو ٻڌايو تہ امير خسرو جڏهن اٺن سالن جو هو تہ هن جي ماءُ ڪيس اولياء سان ملڻ لاءِ هن جي خانقاه ڏي موڪليو. خانقاه وٽ پهچي هو يڪدم اندر نہ گهڙيو. هن نظام الدين اولياء کي آزمائڻ ٿي چاهيو سو در وٽ ويهي هن پنهنجي منهن هي سٽون ٺاهيون:

Tu aan Shai ke ber aiwan_e qasrat
Kabutar ger nasheenad, baaz gardead
Ghareeb_e mustamand_e der aamed
Be_ yaayad and aroon, ya baaz gardad.

(تون بادشاهہ آهين جنهن جي محل جي در تي،
هڪ ڪبوتر بہ باز ٿيو پوي.
هڪ غريب مسافر تنهنجي در تي آيو آهي،
چا هو اندر اچي، يا موٽي وڃي).

چون ٿا تہ ان گهڙيءَ خانقاه ۾ موجود حضرت نظام الدين پنهنجي خادم کي سڏ ڪري چيو تہ ٻاهر وڃ ۽ در وٽ ويٺل همراهہ کي هي شعر ٻڌاءِ:

Be_ yaayad andaroon mard_e haqeeqat
Ke ba ma yek nafas hamraaz gardad
Agar abla buvad aan mard_e naadan
Azzan raah_e ke aamad baaz gardad.

(او مرد حقيقت اندر هليو اچ
جيئن تو منهنجو همرزا ٿي سگهين
پر جي اندر اچڻ وارو همراهہ بيوقوف (مرد نادان) آهي
تہ پوءِ هو جيئن آيو آهي تيئن موٽي وڃي).

اهو ٻڌي خسروءَ کي پڪ ٿي تہ هو صحيح جاءِ تي پهتو آهي.

نظام اولياء خسروءَ جي ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن هو صبح پهر يمنا نديءَ جي ڪناري

تي ويهي پري ڪان ماڻهن کي يمنا نديءَ ۾ سنان ڪندي ۽ پوڄا ڪندي ڏسي رهيا هئا. نظام الدين اولياء امير خسروءَ جو انهن ڏي ڏيان ڇڪائي چيو:

هر قوم راست راهي ديني وقبله گاهي

(هر قوم جو پنهنجو دين آهي، جنهن قبلي ڏي هو منهن ڪن ٿا).

اتفاق سان حضرت نظام الدين مٿي تي پنهنجي ٽوپي ٿوري ڦڏي ڪري رکي هئي جنهن ڏي امير خسروءَ اشارو ڪندي چيو:

من قبله راست کردم بر سمت کج کلاهي

(مون پنهنجو قبلو ان ڦڏي ٽوپيءَ جي سنوت ۾ سڌو ڪيو آهي).

ان ڇاپڙا هوٽل جي پٺ تي هنديءَ ۾ لکيل شعر هن ماستر صاحب پڙهي ٻڌايو ته اهو پڻ امير خسروءَ جو آهي:

”کهير پکائي جتن سي، چرخه ديا جلا

آيا کتا کها گيا تو بيٺهي ڍهول بجا.“

1316ع ڌاري جڏهن هندستان تي خلجي گهراڻي جي حڪومت هئي ته هن گهراڻي جي وقت جي حاڪم سلطان مبارڪ شاهه حضرت نظام الدين اولياء کي چوائي موڪليو ته هو هر مهيني جي آخري ڏينهن تي هن سان ملڻ ايندو ڪري. نياپو آڻڻ واري کي اولياء ٻڌايو ته هي اسان فقيرن جي روايت جي خلاف آهي. مقرر ڏينهن اچڻ تي اولياء سان سندن ساٿين اندر اوريو ته بادشاهه جو چيو نه مڃڻ تي اسان لاءِ هاڃيڪار ثابت نه ٿي پوي.

”بادشاهه مون تي سوپ حاصل ڪري نه سگهندو جو مون هينئر خواب ڏٺو آهي ته هڪ سگهن وارو جانور مون تي حملو ڪرڻ لاءِ وڌي رهيو آهي، هن جي ويجهو اچڻ تي مون هن کي سگهن کان جهلي اهڙو پٽ سان هنيو آهي جو هو مري ويو آهي.“

۽ پوءِ جڏهن ڏينهن پورو ٿي ويو ۽ مريد پريشانيءَ جي حالت ۾ بادشاهه طرفان ڪا مصيبت نازل ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا ته کين اطلاع مليو ته خسرو خان نالي هڪ هندو مان نئين مسلمان ٿيل همراهه مبارڪ شاهه کي قتل ڪري ڇڏيو آهي.

مبارڪ شاهه جي مرڻ بعد سندس ياءُ شهاب الدين ڪو سال اڌ لاءِ دهليءَ جي تخت تي ويٺو ان بعد اهو خسرو خان تخت تي ويٺو جنهن کي ان ئي سال غازي مَلڪ قتل ڪري پاڻ

تخت تي ويٺو ۽ ان غازي ملڪ هندستان ۾ تغلق گهراڻي جو بنياد رکيو ۽ پنهنجو لقب غياث الدين تغلق رکيو. هن بادشاهه غياث الدين تغلق چاهيو ٿي ته هن جي دهليءَ جي دوري تي نڪرڻ کان اڳ حضرت نظام الدين اولياءِ غياٿپور ڇڏي وڃي. اهو ٻڌي حضرت نظام الدين کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ چيو ”دهلي دور است“ (دهلي اڃا گهڻو پري آهي) ۽ پوءِ بادشاهه جي دهليءَ لاءِ نڪرڻ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ غياث الدين تغلق جو تغلق آباد وارو محل هن مٿان ڪري پيو ۽ بادشاهه ان هيٺان دٻجي مري ويو.

آٽو رڪشا وارو نظام الدين اولياء جي درگاهه واريون سوڙهيون گهٽيون اڪري مين روڊ تي پهتو. رستي تي نظام الدين اولياء واري علائقي ۾ جيڪو دهلي نمبر 3 به سڏجي ٿو اويبراءِ هوٽل جي سامهون هڪ قبرستان وٽ لهي فوٽو ڪڍيم. مين گيٽ وٽ لڳل بورڊ تي لکيل آهي: ”مسجد ومدرسه حفظ القرآن.“

رڪشا وارو اڳتي هلي ٿو. مين روڊ تان ڪاٻي پاسي مڙي پرانا قلعه روڊ ڏي وڃي ٿو بورڊ تي هندي، انگريزي، اردو ۽ گرمکي اکرن ۾ ”پرانا قلعه“ روڊ جو نالو لکيل آهي، ٽرئفڪ ڪجهه دير ۾ ڳاڙهي سنگل اڳيان بيهي پوءِ وڌي ٿي آيئون ڊرائيور کي ترسائي تصور ڪيان ٿو. پر ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪري ڪرتب ڏيکاري، ڳاڙهي سنگل ڪري بيٺل گاڏين وارن کان، خيرات گهري ٿي. خيرات ته نه پر ڪرتب ڏيکاري وندرائڻ جو اجورو ڇو جو توهان کي تعجب لڳندو ته انڊيا ۾ پنڻ تي بندش وڌي وئي آهي. بندش ته اسان وٽ به آهي پر ان قانون تي عمل ۾ سختي نٿي ڪئي وڃي پر هتي جا ماڻهو اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ قانون جي پوئواري ڪن ٿا ۽ پوليس جهڙن ادارن کان ڊڄن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪٿي ڪٿي لڪ چوريءَ ڪو پنندو به رهي ٿو پر ڪلي عام نه. اهڙي ئي هڪ فقير کي مون شروع وارن ڏينهن ۾ خيرات ڏنو ته مون کي يڪدم ٻين واٿهڙن خبردار ڪيو ته هتي دهليءَ توڙي انڊيا جي ٻين شهرن ۾ پنڻ ڏوهه آهي ۽ پنڻ واري سان گڏ خيرات ڏيندڙ لاءِ به سزا ۽ پنج سؤ روپيا ڏنڊ آهي ۽ پوءِ ته ان بابت چتاءُ جا ڪيترائي اشتهار دهليءَ جي مختلف رستن تي نظر آيا. بهرحال هاڻ هتي جا فقير سنئون سڌو پنڻ بدران ڪا شيءِ وڪڻندا نظر اچن ٿا يا مين روڊ جي چوراهن تي مختلف ڪرتب ڪري ڏسندڙن کان پئسا پنن ٿا. هونءَ ان قسم جا کيل تماشا يا ننڍڙين اسٽيجن تي مزاحيه يا ڊرامي ڊراما پڻ گهٽين گهوٽين ۾ ٿيندي نظر اچن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رڪشا وارو مون کي دهليءَ جو مشهور لال قلعو ڏيکارڻ لاءِ هلي رهيو هو. ڪاپي پاسي ويندڙ رستو جنهن قلعي ڏي ويو ٿي اهو پراڻو قلعو سڏجي ٿو. پراڻو قلعو (Old Fort) تاريخ جي ٻن بادشاهن همايون ۽ شيرشاهه سوريءَ سورهين صديءَ جي پهرين اڌ (1535ع کان 1545ع) ۾ ٺهرايو. مغل شهنشاهه اڪبر جي حڪومت ۾ سندس ڪورٽ جي هڪ رتن ابوالفضل "عين الاڪبري" نالي ڪتاب لکيو. سورهين صديءَ جي هن جهوني ڪتاب ۾ ابوالفضل لکيو آهي تہ جنهن هنڌ تي همايون هي قلعو (پراڻو قلعو) ٺهرايو اهو هندستان جي هڪ جهوني شهر اندرا پراستا جي Location آهي اندرا پراستا (Indraprastha) هندو ڌرم جي مشهور ڪهاڻي مهاڀارت جي هيرو پانڊوون جي گاديءَ جو هنڌ هو. دراصل 19 هين صديءَ جي آخر تائين هن قلعي اندر اندراپت نالي هڪ ڳوٺڙو هوندو هو جنهن جو نالو اندارا پراستا سان ملي ٿو. بهرحال ان جي اڄ تائين پڪ نہ ٿي سگهي آهي تہ عين الاڪبري ڪتاب موجب اهو جهونو شهر واقعي هتي هو يا نہ جنهن جو مهاڀارت ڌرمي ڪتاب موجب اڄ کان ٽي هزار سال اڳ هن ڌرتيءَ تي وجود هو.

هن پراڻي قلعي ۾ جيڪو هن وقت ڪافي ڀڳل حالت ۾ آهي، اندر داخل ٿيڻ لاءِ ٽي دروازا آهن جن جا نالا هن ريت آهن: همايون دروازو. تلاڪي دروازو ۽ بڙا (وڏو) دروازو. قلعي اندر 1541ع جي شير شاهہ جي ٺهيل مسجد آرڪيٽيڪٽ جو ماسٽر پيس آهي. ان جي اولهہ واري اندرين پٽ ۾ اڇي ۽ ڪاري سنگ مرمر پٿر جا ڪمان وارا ڪليل در آهن. مسجد اندر هڪ وڏي پٿر جي سلئب تي جيڪي فارسيءَ ۾ سٽون لکيل آهن انهن جي مون واري گائيڊ هن ريت Translation ڪئي:

As long as there are people on this earth, may this edrfice be frequented and people be sheerful and happy in ii.

ان گائيڊ سان، جڏهن ٻہ چار ڏينهن اڳ هي پراڻو قلعو ڏسڻ آيو هوس تہ هن، اٺ ڪنڊي مناري ڏي اشارو ڪري ٻڌايو هو تہ ان مناري تان همايون جو پير ترڪي ويو هو ۽ ڏڪي ڪائڻ تي هن جو موت ٿيو. ان ڏينهن جيڪو رڪشا ڊرائيور هو سو پڙهيل ڳڙيهل ضرو هو پر هن جون مغلن جي هن بادشاهہ همايون تي وڏيون خارون هيون جنهن کان هن افغان بادشاهہ شير شاهہ سوريءَ 1540ع ۾ سوپ ڪٽي ۽ همايون کي ملڪ بدر ڪري ڇڏيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”سر تاريخ نويسن جي ڳالهين تي گهڻو نہ لڳجو.“ ان ڊرائيور هي پراڻو قلعو گهمڻ وقت مون کي ائين چيو جڻ ڪا راز جي ڳالهہ ٿو ٻڌائي ”سر! همايون بيوقوف ڪان شيرشاهہ سوري سچ تہ سنو ماڻهو هو. بس شيرشاهہ سوريءَ جي فقط اها غلطي هئي جو هو پلوڙ پٽ پيدا ڪري نہ سگهيو. هي قلعو شيرشاهہ  ئي ٺهرايو هو ۽ پوءِ جڏهن همايونءَ شيرشاهہ جي مرڻ بعد سندس چسي پٽ ڪان پنهنجي حڪومت واپس کسي ورتي تہ هو پنهنجي لاءِ ڪو ٻيو محل محلات ناهڻ بدران شيرشاهہ جي ٺهيل هن قلعي ۾ رهي پيو. همايونءَ اها ٻي وڏي غلطي ڪئي جو هو بنهہ سست ۽ ڪاهل ماڻهو هو. سر! سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ همايونءَ جهڙو هٽو ڪٽو ماڻهو ڏاڪڻ تان ڪري پوي! هو ڪو اهڙو ڪمزور يا پوڙهو تہ نہ هو؟“

”پوءِ پلا تنهنجو ڇا خيال آهي؟“ مون پڇيومانس.

”سر هن کي نشو پياريو ويو هو بلڪ هو Drunk هو. آئون توهان کي سچ ٿو ٻڌايان همايون Drug Addicted هو. ۽ پوءِ شير شاهہ ڪٽي هن کي ڌڪو ڏنو...“

”شير شاهہ!؟“ مون سندس ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو. ”شيرشاهہ تہ ان وقت تائين مري چڪو هو تڏهن تہ همايونءَ هن جي ڪاهل پٽ ڪان دهليءَ جي گادي واپس کسي ورتي.“

”سر منهنجو مطلب شيرشاهہ جي Ghost (روح) سان آهي. جيڪو ان قلعي ۾ موجود هو. همايون دماغ ۾ پريل ڪيميڪل (نشي) جي زور تي سيڙهيون وڃائي ڳائي رهيو هو تہ شيرشاهہ جي روح ڪٽي هيٺ ڌڪو ڏنس. ڌڙام! بدلو وٺي ڇڏيائينس.“

واهہ جي ٿيوري ٻڌائين.... مون دل ئي دل ۾ سوچيو. ڪاش اڄ ڊاڪٽر مبارڪ جهڙو ڪو تاريخ دان مون سان گڏ هجي ها! آئون تہ رڳو جهازن ۽ انهن جي انجڻين بابت ئي بحث ڪري سگهان ٿو.

بهرحال اڄ جو مانيٽو ڊرائيور هن وقت دهليءَ جي جامع ۾ حضرت نظام الدين اولياء جي درگاهہ ڏيکارڻ بعد مون کي لال قلعو Red Rort ڏيکارڻ لاءِ نيتا جي سڀاش مارگ روڊ تي وٺيو پئي هليو جنهن روڊ جي ٻئي پاسي دهليءَ جي مشهور جامع مسجد آهي. ٿورو ڪاٻي پاسي هتي جو مشحور چاندني چوڪ ۽ فتح پوري مسجد پڻ آهي.

هونءَ تہ ڏٺو وڃي تہ تاريخ ڪان اڻ واقف ماڻهوءَ لاءِ دهليءَ جو شهر ڏوڙ دونهون، ماڻهن جي پيهہ پيهان، گرمي ۽ مکيون ۽ مڇر آهن. پر تاريخ جي لحاظ ڪان ڏسجي تہ دهليءَ جي شهر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي چا تہ اهميت آهي. هڪ يا ٻہ بادشاهہ نہ پر گهراڻن جا گهراڻا هن شهر دهليءَ ۾ رهيا ۽ هند سنڌ تي حڪومت ڪئي. مسجدون ۽ مندر ٺهرايا. قلعا ۽ باغ باغيچا ٺهرا. دهليءَ جي شهر ۾ توهان کي قدم قدم تي تاريخ نظر ايندي. دهليءَ جو شهر جتي ماڊرن آهي اتي قديمي بہ آهي. هتي دهليءَ ۾ اچي اهو سوچيندو رهان ٿو تہ دنيا جو ٻيو ڪهڙو اهڙو شهر آهي جتي صدين تائين بادشاهت جا سلسلا رهيا. نظام الدين اولياء ۽ امير خسرو جهڙا بزرگ ۽ شاعر رهيا، نادر شاهہ ۽ منگولن جهڙا ڌاڪو ۽ ڌاڙيل آيا ۽ جيڪو شهر اڄ بہ اسڪولن ڪاليجن، يونيورسٽين اسپتالن، مندرن، مسجدن ۽ ٽڪاڻن کان مشهور آهي. دهلي اهو گاديءَ جو هنڌ آهي جتي هڪ گهراڻي يا قوم جي حاڪمن نہ پر منگولن، مغلن، ترڪن، افغانن ويندي انگريزن حڪومت ڪئي. دهليءَ جي مقابلي ۾ دنيا جي ڪيترن شهرن کي پيٽ ۾ رکان ٿو... ٽوڪيو سنگاپور، ڪوالالمپور پينانگ، ڪراچي، عدن، ڪولمبو... اهي سڀ شهر تہ دهليءَ جي اڳيان ٻار لڳن ٿا پر لنڊن، سمرقنڊ، بخارا، تهران، قاهره جهڙا شهر بہ ايترو تاريخي Charm نٿا رکن جيترو دهليءَ جو اتاهون مان آهي. رڪشا مختلف روڊن تان ٿيندي اچي لال قلعي جي اڳيان بيٺي آهي. چوڏاري شهر جي عام بسين ۽ ٽوئرسٽ بسين جا ڳاهٽ آهن ۽ انهن کي چوڏاري وڪوڙي بيٺل آٽو رڪشائون، سائيڪل رڪشائون، ٽيڪسيون، موٽر سائيڪلون، سائيڪلون ۽ پرائيويٽ ڪارون آهن. فوٽ پاٿ مختلف شين وڪڻندڙن سان ڀريل ٿا. قلعي وٽ بيٺل پوليس ڪنهن بہ گاڏي يا سائيڪل واري کي قلعي جي ويجهو بيهڻ کان منع ڪري ٿي ان ڪري هن قلعي جو خوبصورت نظارو پري پري تائين چٽو نظر اچي ٿو. اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي جنهن تي ملائيشيا، سنگاپور، انگلينڊ ۽ ٻيا ملڪ بہ عمل ڪن ٿا ان ڪري اتي جون تواريخي جايون اجا تائين سهڻي انداز ۾ نظر اچن ٿيون ۽ اهي حيدرآباد جو قلعو يا موهن جو دڙو نہ ٿينديون وڃن.

ويجهڙائيءَ کان هندستان ٻن قانونن تي تمام سختيءَ سان عمل ڪري رهيو آهي، هڪ تہ حڪومت طرفان هر ان وڏي عمارت ٺهرائڻ تي بندش وڌي وئي آهي ۽ بنا اجازت اڏجندڙ هر ان عمارت کي ڍهرايو پيو وڃي جيڪا ڪنهن تاريخي مقبري، مندر، مسجد کي آڏ ٿي ٿئي. ان سان گڏ رستن تي انگ اگهاڙا پوسٽر لڳائڻ تي بہ سختي ڪئي پئي وڃي. هنن ئي ڏينهن ۾ اسرائيل جي يهودي جماعت بہ ان ڳالهہ تي سختي ڪئي آهي ۽ ڪيترين بين الاقوامي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪمپنيون جن جا لکين روپين جا اشتهاري پوسٽر Bill Board اڳهين لڳل آهن سي انهن کي لاهڻ بدران انهن ۾ ڏيکاريل اگهاڙين عورتن کي پينٽ (رنگ) ذريعي يا ڪپڙن ذريعي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن.

منهنجي خيال ۾ دهليءَ جو لال قلعو هڪ اهڙي عمارت آهي جنهن ڪان هڪ تاريخ جو اڻ واقف به متاثر ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو خوبصورت ۽ وڏو قلعو آهي. نه فقط تن ڏينهن جي حساب ڪان جڏهن ٺهيو هو پر اڄ جي حساب سان به جڏهن عمارت سازيءَ جي ڪم لاءِ ڪيترين ئي ماڊرن مشينون نڪري پيون آهن ڪيترائي Constructional Material ايجاد ٿي چڪا آهن. لال قلعو سونهن ۽ سوڀيا جي نشاني آهي.

ڳاڙهي پٿر ۽ سرن جو هي اڏاهين. پٿين، برجن، درين، منارن وارو قلعو پئرا ميٽر ۾ ٻن ميلن کان به وڏو آهي. جنهن جون پٿيون يمنا نديءَ واري پاسي کان 18 ميٽر (يعني 40 کن فوٽ اٺ کن ماڻهو هڪ ٻئي جي ڪلهن تي بيهن ته پوءِ ان تي رسن) ۽ شهر واري پاسي کان جتان اسين ڏسڻ وارا داخل ٿيون ٿا، اڃا به اڏاهيون. اٽڪل 33 ميٽر آهن. هي قلعو (لال قلعو) مغل شهنشاه 1638ع ۾ ٺهرايو ۽ ڏهن سالن ۾ (1648ع ۾) ٺهي راس ٿيو. همايون ۽ سندس پيءُ بابر جي ڏينهن ۾ ته گاديءَ جو هنڌ دهلي هو پر پوءِ اڪبر بعد مغل بادشاهن آگري شهر کي وڌيڪ Prefer ڪيو. ان بعد شاهجهان پنهنجي تخت کي دهليءَ ۾ آڻڻ چاهيو جنهن لاءِ هن نئون شهر شاهجان آباد بڌرايو جتي هي قلعو به ٺهرايو. دهليءَ جي آسپاس وارا هي سڀ شهر غياث پور کان (جتي حضرت نظام الدين اولياء خانقاه ٺاهيو ۽ درگاهه آهي) کان وٺي هي شاهجهان آباد ملي هڪ شهر ٿي پيو آهي نه ته هي سڀ بستيون هڪ ٻئي کان ائين پري هيون جيئن ڪراچيءَ ۾ ماريپور، ڪارادر، ڪياماڙي، لالو کيت (لياقت آباد) ميمڻ ڳوٺ، ملير، لانڍي وغيره. جيڪي اسان جي نديپڻ ۾ به الگ الگ ڳوٺن جي صورت ۾ هئا.

شاهجهان بادشاهه جو هي شهر شاهجهان آباد جنهن ۾ سمجهو ته هي لال قلعو ۽ جامع مسجد جهڙيون شيون اچي وڃن ٿيون اڄ پراڻي دهلي جو حصو سڏجي ٿو. شاهجهان هن قلعي تي وڏو خرچ ڪيو ۽ قلعي اندر مسجدون (موتي مسجد) عام ۽ خاص ماڻهن سان ملاقاتن لاءِ ديوان عام، ديوان خاص، نقار خانو جيڪو نوبت خانو به سڏجي ٿو. تهه خانا ۽ خوبصورت محلات ٺهرايو. ان وقت يمنا ندي بلڪل قلعي وٽان لنگهي ٿي جنهن مان ڪئنال

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

قلعي اندر آيا ٿي. قلعي اندر ٺهيل ٻين محلاتن جا اهڃاڻ اڄ بہ ممتاز محل، رنگ محل، خاص محل، ديوان خاص، حمام ۽ شاهہ برج جي صورت ۾ موجود آهن. شاهہ برج وٽان جيڪو پاڻيءَ جو ڪئنال نڪري محلن وٽان لنگهيو ٿي ان کي نهر بهشت (جنت جي نهر) سڏيو ويو ٿي.

اڄ بہ هن قلعي اندر ڇا ٻاهري ۽ سڪون آهي. قلعي ۾ اندر اچڻ کان اڳ ٻاهر گاڏين لارين جو گوڙ گهمسان ۽ ماڻهن جو هل هنگامو پر قلعي ۾ اندر اچڻ بعد لڳي ٿو تہ اهو سڀ ڪجهہ لائيٽ Years ڏور هليو ويو. قلعي اندر عمارتون، محل محلاتون، انهن جون پٿيون، پٿين تي ٿيل رنگين چٽسالي ۽ ڪاٺ جي درن توڙي پٿرن جي محرابن تي ٿيل گل گلڪاريءَ جو ڪم موهيو رکي ۽ اهڙي هڪ پٿرائين محراب جي هيٺان ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جو شاگرد ۽ شاگردياڻي آهستي آهستي ڇپن ۾ پٽڪي رهيا آهن. ڪتاب ۽ ڪاپيون سندن هٿن ۾ آهن. اڄ ٿي آئون اهو سوچي رهيو هوس تہ دهليءَ جي هن گوڙ شور ۾ خبر ناهي پريمي منا ٻول هڪ ٻئي کي ڪيئن ٻڌائي سگهندا هوندا. ٿيو هاڻ خبر پئي تہ مغلن هي محلاتون ۽ باغ باغيچا نہ فقط پنهنجي سک لاءِ ٺهرايا پر اينڊڙ نسلن جي پريمين جي (Communication) لاءِ پڻ ڇڏي ويا آهن. آئون سندن ويجهو وڃي ويهان ٿو پر هنن کي ڪو هوش ناهي پنهنجيءَ ۾ غرق آهن تان جو آئون سندن تصوير ڪڍي ڪين ٻڌايان ٿو تہ مون هي خوبصورت محراب جي نہ پر توهان جي تصوير ڪڍي آهي.

”اوه سر! توهان اجايو پنهنجو فوٽو ضايع ڪيو. اسان ۾ ڪهڙي سونهن، سونهن تہ هنن عمارتن ۾ آهي.“ ڇوڪر چيو.

”پر منهنجي خيال ۾ توهان جي موجودگيءَ ۾ هنن ۾ وڌيڪ سوڀيا اچيو وڃي.“ مون وراڻيو مان.

شاهجهان بادشاهہ هيڏو خرچ ڪري پنهنجي بچاءَ لاءِ هي شاهي قلعو ۽ سڪون سان رهڻ لاءِ هي خوبصورت محل ٺهرايا پر افسوس جو هن کي ٻئي نصيب نہ ٿي سگهيا. هو آگري مان هتي پنهنجي نالي ٻڌرايل ڳوٺ جي هن قلعي ۾ پوري طرح اجا شفٽ بہ نہ ٿيو تہ سندس پٽ اورنگزيب کيس تخت تان لاهي اوڏانهن آگري واري قلعي ۾ قيد ڪري رکيو ان بعد اورنگزيب هندستان جو بادشاهہ ٿيو ۽ دهليءَ جي هن لالا قلعي ۾ اچي رهيو. دهليءَ مان حڪومت ڪرڻ وارن مغل بادشاهن مان اورنگزيب پهريون ۽ آخري مشهور حاڪم ٿي رهيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

قلعي اندر ٺهيل ديوان خاص جيڪو اڇي رنگ جي پٿر جو ٺهيل آهي اڄ بہ هتي جي شان شوڪت جي شاهدي ڏئي ٿو. جتي وقت جو حاڪم خاص ماڻهن سان ميٽنگون ڪندو هو. هال جي وچ ۾ زبردست قسم جو تخت جيڪو "مور تخت" (Peacock Throne) جي نالي سان مشهور ٿيو رکيل هو. هي سڄو سون جو ٺهيل هو جنهن جي پوين مور ٺهيل هئا. تخت ۾ لڳل انيڪ قيمتي رنگين هيرن جي روشني ماڻهن کي مدهوش ڪندي هئي. اڄ اهو تخت غائب آهي جو 1739ع ۾ نادر شاهہ جيڪا دهليءَ جي پيننگ ڪئي ان ۾ هي تخت بہ ايران کڻائي ويو. ان بعد 1760ع ۾ هن هال (ديوان خاص) جي ڇت چانديءَ مان ٺهيل ڇت ڪڍي ويا سو اڄ فقط ان جاه جلوي ۾ مال ملڪيت جو هڪ هئڊبو پاڇو وڃي رهيو آهي. البتہ ڀتين تي تن ڏينهن جي مشهور شاعر فردوسيءَ جو اڪريل فارسي شعر اڄ بہ موجود آهي، جنهن جي معنيٰ ڪجهہ هن ريت آهي تہ:

جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تي ڪو بهشت آهي
تہ اهو هي آهي، اهو هي آهي، اهو هي آهي.

قلعي اندر هڪ ننڍڙي مسجد پٿرن جي ٺهيل "موتي مسجد" نالي پڻ آهي. هي ڊيکيل مسجد 1659ع ۾ اورنگزيب پنهني ذاتي عبادت لاءِ ٺهرائي هئي.

شام جي وقت هن قلعي ۾ کلي ميدان تي "سائونڊ ۽ لائيٽن" جو شو پڻ ٿئي ٿو جنهن ۾ انڊيا جي تاريخ ٻڌائي وڃي ٿي. ههڙا Sound & Light شو دنيا جي ٻين بہ ڪيترن ئي شهرن ۾ ٿين ٿا. هي دهليءَ وارو بہ ڏسڻ وٽان آهي پر بهتر اهو آهي تہ هتن، پيرن ۽ ڪنڌ تي مڇرن کي ڀڄائڻ جي Mospel جهڙي دوا مکي اچجي نہ تہ مڇر پٽيو وجن.

دهليءَ جي لال قلعي ۽ ان جي ٺهرائيندڙ شاهجان جي ڳالهہ ڪرڻ وقت اهو لکڻ بي محل نہ ٿيندو تہ ٺٽي جي 93 گنڌن ۽ 33 محرابن واري مسجد بہ هن ئي مغل شهنشاهہ شاهجان ٺهرائي هئي ان ڪري سندس نالو "شاهجهان مسجد" آهي. ٺٽي جي هيءَ "شاهجهان مسجد" سن 1647ع ۾ هندستان جي حاڪم شاهہ جهان جي حڪم سان مير عبدالله ٺهرائي.

مغل شهنشاهہ شاهجهان هن ٺٽي واري مسجد کان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي مسجدون ٺهرايون جيڪي، Architect جي خيال کان اڄ بہ اهم آهن ۽ پسند ڪيون وڃن ٿيون. لاهور، آگرا اجمير بہ شاهجهان جي ٺهرايل مسجدن کان مشهور آهن. سڀ کان وڏي ۽ خوبصورت

دهليءَ جي جامع مسجد آهي. جيڪا لال قلعي کان ميل ڪن جي پنڌ تي آهي.

”ڏس هيستائين لال قلعي تائين تہ پهچي ويا آهيون.“ مون گهر ڏي واپس موٽڻ وقت رڪشا ڊرائيور کي چيو. ”هاڻ سامهون تہ جامع مسجد آهي. ان لاءِ سياٽي وري هن پاسي اچان ان کان بهتر آهي تہ هينئر ئي ڏيکاريندو هل.“

ڊرائيور هائوڪار ڪئي پر ڪجهہ سست هائوڪار جنهن جي سبب اڳتي هلي خبر پئي تہ جامع مسجد جي آسپاس وارين گهٽين ۾ ايڏي ٽريفڪ جام ۽ ماڻهن جي پيهہ پيهان رهي ٿي جو اڌ ڪلو ميٽر جو فاصلو اسان اڌ مني ڪلاڪ ۾ پورو ڪيو. ڪجهہ ڪجهہ ڪراچي جي ڪوري گارڊن ۽ حيدرآباد جي فقير جي پڙ وارو حال هو. رستي جي ٻنهي پاسي ننڍا ننڍا دڪان ۽ انهن اڳيان فٽ پاٿ تي چادرون، پنا، دفتريون وڇائي شيون وڪڻندڙن جا سوين اسٽال هئا. هتي ڪاسائين جا دڪان بہ عام طرح نظر آيا جن وٽ ڪنل ڪڪڙيون ۽ ٻڪريون ٽنگيل هيون. ٻڪريءَ جي پاون ۽ منڊيءَ جا بہ ڪيترائي دڪان هئا. وري ننڍڙيون هوٽلون جن مان ڪن تي فقط چانهہ وڪامي رهي هئي تہ ڪن وٽ ڪاڏي پيتي جا ديڳڙا هئا جن تي رکي رکي بورچيءَ زور سان لوهي چمچو هٽي لنگهندڙن جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪايو ٿي. اڳهين سندن هوٽلن ۾ بيرن جون رڙيون، وڏي آواز تي اسپيڪرن مان گانن جو آواز ۽ فٽ پاٿ تي شيون وڪڻندڙن جا هوڪا ڪي گهٽ هئا جو رکي رکي هنن بورچين لوهي چمچا ديڳڙن تي ٿي هنيا. فٽ پاٿ تي اندين شين کان علاوه چين جون سستيون شيون: بيٽري سيلن کان ٽيپ رڪارڊر ۽ ڪئميرائون پڻ هيون. پانن ۽ بين اوزارن جا دڪان تہ اهي بہ هڪ ٻئي پويان جام. تسبيحن ۽ جانمازن جا دڪان تہ اهي بہ انيڪ. ڪاڏي پيتي جي شين جا، جڙين ٻوٽين ۽ تيلن جا دڪان. سرمي ڏندڻ، گنجين، ڪچن جا دڪان، لنڊا جو سامان وڪڻندڙن جون رڙيون. بوٽن ۽ پرسن وڪڻندڙن جا ڪوڪڙاٽ، رکي رکي آئون بہ ڪنهن هنڌ ترسي قيمت پڇڻ لڳس ٿي هر شيءِ سستي هئي پر اسان جي آچر بازارين، ڪوري گارڊن، موتن داس ۽ بولٽن مارڪيٽن ۾ وڪرو ٿيندڙ آنهن ساڳين شين جي قيمت کان وڌيڪ هيون. مون هنن فٽ پاٿي دڪانن مان ڪجهہ تي خاص ڪري سيڪنڊ هئنڊ ڪتابن ۽ اليڪٽرانڪ جي شين وارن تي ڪجهہ دير ترسي ڪا ڪم جي شيءِ ڏسڻ ٿي چاهي پر پنيان مڙڻ تي ڊرائيور کي پنهنجي اوسيئڙي ۾ بيٺل ڏسي پوءِ مسجد ڏي سڌو رخ رکيم.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪو دهليءَ ۾ ڏينهن اڌ لاءِ اچي ته به هن ڪي ٻيو نه ته هتي جو هي لال قلعو ۽ پر ۾ هيءَ انڊيا جي وڏي ۾ وڏي مسجد جامع مسجد (جيڪا شورع جي ڏينهن ۾ ”مسجد جهانما“ سڏبي هئي) ضرور ڏسڻ کپي. جامع مسجد تائين پهچڻ لاءِ هنن سستين، گوڙ شور ۽ پيهه پيهان وارين بازارين ۾ به مزو ايندو جو انهن ۾ نه فقط اسان ايشيائي پر يورپ ۽ آمريڪا پاسي جا ماڻهو به چڪر هڻي رهيا هئا ۽ سستين ۽ عجيب قسم جي شين جي خريداري ڪري، خوش ٿي رهيا هئا.

انڊيا جي هيءَ وڏي ۾ وڏي مسجد، شاهجهان بادشاهه 1650ع ۾ ٺهرائڻ شروع ڪئي جنهن تي پنج هزار ڪن مزور ڇهن سالن تائين ڪم ڪندا رهيا. هن ۾ هڪ ئي وقت پنجويهه هزار ڪن ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# دهلي کان بڙودا

ڏينهن ويندي ويرم نٿي لڳي جهڙو ڪالهه جو ڏينهن هو جو انڊيا اچڻ لاءِ پاڪستان جي بارڊر واري شهر واگها ۽ انڊيا جي بارڊر واري شهر اٽاريءَ ۾ پئي پاسپورٽ تي Entry جا ٺپا هڻايا سين. ۽ هاڻ دهليءَ ۾ ٻن هفتن کان به مٿي ٿي ويو آهي. پنهنجي هڪ ننڍپڻ جي اسڪول ميٽ ڊاڪٽر رامچند جي پٽ راجيش جي شادي به ٿي وئي. دهلي ۽ ان جي آسپاس جون ڪيترين ئي تاريخي جايون ۽ شهر به گهمي ورتاسين. ويندي هردوار شهر وچي گنگا نديءَ جو ديدار به ڪري آياسين ۽ هاڻ اسان جي ٻئي اسڪول ساٿي نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش جي شاديءَ جي تاريخ ويجهي اچي وئي آهي جيڪا شادي بڙودا شهر ۾ ٿيڻي آهي جيڪو شهر هتان دهليءَ کان هزار ڪن ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ گجرات صوبي ۾ آهي. يعني اسان کي هريانا، اترپرديش، راجستان ۽ مڌيا پرديش مان ڦرندو گجرات صوبي ۾ باءِ ٽرين پهچڻو آهي جنهن سفر لاءِ اسان جي دوست نولراءِ اوڏ انڊيا لاءِ نڪرڻ کان اڳ ٽڪيٽون خريد ڪري سيٽون رزور ڪرائي ڇڏيون آهن. دهليءَ کان بڙودا اسان جون سيٽون پشچم ايڪسپريس (Paschim) ۾ بڪ ٿيل آهن ۽ واپسيءَ جون ”جان جٽ ايڪسپريس“ (Jan Jat) ۾. سواءِ پنج ڇهه گاڏين جي جيڪي Mail گاڏيون سڏجن ٿيون باقي سڀ ايڪسپريس ڪوٺيون وڃن ٿيون. انڊيا آدمشماري ۽ پکيڙ جي حساب سان تمام وڏو ملڪ آهي ۽ انگريز حڪومت جيڪو ريلوي نظام انڊيا وارن حوالي ڪريا ويا ان کي هنن ملائيشيا ۽ سنگاپور وانگر نه فقط Maintain ڪيو آهي پر وڌايو ۽ وڌيڪ سهڻو پڻ ڪيو آهي. ان ڪري انڊيا ۾ ريل جو سفر ڏکيو ۽ خراب سمجهڻ بدران آرامده ڪفايتي، باسلامت ۽ Enjoyable سمجهيو وڃي ٿو ۽ غريب توڙي امير پنهنجي حيثيت آهر ٽرين جي مختلف ڪلاس جي دٻن ۾ سير ڪندو رهي ٿو ۽ سڄي ملڪ ۾ هڪ سؤ کن ايڪسپريس ريل گاڏيون مختلف شهرن کي ڳنڍين ٿيون ۽ ميل گاڏيون ان کان علاوه آهن.

اسان جيئن ئي انڊيا آيا آهيون ته پهرين ڏينهن کان دهلي شهر ۾ توڙي پر وارن شهرن آگره، لکنؤ هردوار، اجمير وغيره آٽو رڪشا، ٽيڪسي يا بس ۾ اچون وڃون پيا يعني باءِ روڊ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سفر ڪريون پيا پر باءِ ريل هاڻ بروڊا وچڻ جو ئي سفر هو ان ڪري ان سفر جو آئون پهرين ڏينهن کان ئي انتظار ڪري رهيو هوس ته ڏسجي ته انڊيا جي ريل گاڏين، پليٽ فارمن، ريلوي اسٽيشن تي ٺهيل هوٽلن ۽ ڪئبن ٽائپ دڪانن ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن ۽ سروس جو ڪهڙو حال آهي. انگريزن ته ملائيشيا، سنگاپور کان بنگلاديش، پاڪستان ۽ انڊيا کي هڪ ئي قسم جون ريلوي عمارتون، ڦاٽڪ، ريلوي هوٽلون، ريل جون پٽڙيون توڙي سليپر ۽ گاڏين جون انجڻيون ۽ ڊبا ڏنا. سک ۽ تامل ٽي ٽي، ريل جي پٽڙين ۽ گاڏين جي مرمت ڪرڻ وارا، هندو سنڌي ۽ گجراتي ڪئشير ۽ اسٽور ڪيپر ڏنا. پنجابي ۽ پٺاڻ ريلوي پوليس طور رکيا جيئن هي نظام سلامتيءَ سان ۽ Smoothly هلندو رهي. انگريزن جي وڃڻ بعد ملائيشيا ۽ سنگاپور وارن ته پنهنجي ريل گاڏين ۽ انهن جي سروس کي يورپ وانگر عاليشان ۽ Efficient بنائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ سواري ڪرڻ سزا نه پر Luxury آهي جيتوڻيڪ هنن جي نصيب ۾ ننڍي کنڊ جي براڊ گيج جهڙي ريل بدران ڪنهن زماني ۾ ٿنڊو آدم کان پڊ عيدن هلندڙ راجا جي گاڏيءَ جهڙي Narrow Gauge واري ريل ملي.

نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش جي بڙودا ۾ شادي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ دهليءَ کان هلندڙ ڄاڃين جو تعداد پنجاهه کن هو جن ۾ اڌ کان وڌيڪ اسين سنڌ کان آيل هئاسين ۽ باقي نولراءِ جا ڪجهه اهي پائر ۽ انهن جا ٻار هئا جيڪي مختلف ملڪن، انگلينڊ، آمريڪا، ڪئناڊا ۽ نيوزيلينڊ ۾ رهن ٿا ۽ اتان هتي دهليءَ ۾ آيا هئا ۽ اهڙو ڏهاڪو کن اهڙن اوڏن جو هو جيڪي ورهاڱي کان اڳ کان يا بعد ۾ دهليءَ ۾ اچي Settle ٿيا هئا ۽ نولراءِ وارن جا يا انهن جي پيڙهين جا مائٽ هئا. انهن ۾ سڪرنڊ کان لڏي آيل شري آسودو مل ۽ سندس پٽ پڻ هئا. جيڪي انجينئر آهن پر پنهنجي پيءُ سان گڏ روڊس ۽ بلڊنگس جي ٺيڪن جو ڪم ڪن ٿا. هڪ ٻيو همراهه اسي سالن جو واپاري مل اوڏ نالي هو جيڪو اسان جي Look after ڪري رهيو هو ته جيئن اسان صحيح پليٽ فارم تان صحيح ريل ۾ چڙهون ۽ پوءِ ٽڪيٽ چيڪرن کي اسان جون ٽڪيٽون ڏيکارڻ، رات ٺيڪ ٿي سيٽن تي سيني کي وهاڻا، چادرون ۽ بلاڪيٽ ڏيارڻ وغيره ڏيارڻ جهڙا ڪم جيڪي لڳي ٿو ته نولراءِ هن جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. پاڻ ٻڌايائين ته هو لاڙڪاڻي ۾ مختيارڪار جي آفيس ۾ هيڊ منشي هو. هو 1969ع ۾ انڊيا لڏي آيو ۽ هتي به رٽائرمينٽ تائين ساڳي پوسٽ تي رهيو. سندس جنم جو سال 1925ع آهي

يعني اسان جي دوست نولراءِ اوڏ جي والد صاحب شري نارائڻ اوڏ کان ڏهاڪو کن سال ننڍو چئبو.

اسان جي ٽرين Paschim Express کي دهلي پنجين بجي پڄڻو هو. شهر ۾ ٽريفڪ جام هجڻ جي ڊپ کان اسان سوير ئي نڪتاسين ۽ ڇئين بجي ڌاري نيو دهلي ريلوي اسٽيشن تي پهچي وياسين. نولراءِ اسان لاءِ هن سفر جون ٽڪيٽون اڳواٽ ئي وٺي سيٽن جي ريزرويشن ڪرائي ڇڏي هئي. بلڪ اجا اسان پاڪستان ۾ ئي هئاسين ته هن پنهنجي دوست (ٽي سگهي ٽو هن واپاري مل اوڏ) جي معرفت وٺي ڇڏيون هجن. ان وقت اسان جي رهائش جو فيصلو نه ٿيو هو ته دهليءَ ۾ ڪٿي ڪٿي رهنداسين نه ته اسان کي نيو دهلي رسلوي اسٽيشن  بدران دهليءَ جي ٻي ريلوي اسٽيشن حضرت نظام الدين اولياء ريلوس اسٽيشن وڌيڪ ويجهي پوي ها. بهرحال واپسيءَ تي ان اسٽيشن تي لهي پياسين. پڪيڙ ۾ دهلي ڪراچيءَ کان ٽيڻو وڌو شهر ٿيندو ۽ جيئن ڪراچيءَ ۾ به وڏيون ريلوي اسٽيشنون، ڪراچي صدر ۽ ڪراچي سٽي آهن تيئن هتي دهليءَ ۾ ٽي اسٽيشنون، پراڻي دهلي، نئين دهلي ۽ حضرت نظام الدين اولياء ريلوي اسٽيشنون آهن ۽ انهن جي وچ ۾ ڪافي مفاصلو آهي.

ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي اسان کي ڪلاڪ کن ملي ويو جنهن ۾ خوب چڪر هڻندا رهياسين. ايندڙ ريل گاڏين مان لهندڙ ۽ چڙهندڙ مسافر ڏسندا رهياسين ۽ رکي رکي مختلف ريلوي اسٽالن تان چانهه، لمٽا ۽ ائمول ڪمپني جو ملڪ شيڪ نموني جو کير پيئندا رهياسين. انڊيا جي سرڪاري ريلوي انڊسٽري خوشحال نظر اچي ٿي. مسافرن جي ويهڻ لاءِ جتي ڪٿي ڪرسيون، ٿڌي پاڻيءَ جا ڪولر، چڱي حد تائين صاف سٿرا واش روم جن ۾ پاڻي به آيو ٿي ته بجلي به هئي. پليٽ فارمن  جي به سٺي صفائي ٿيل هئي ۽ چپي چپي تي چانهه ۽ ٿڌي جا اسٽال، ڪتابن ۽ اخبارن جا اسٽال، ننڍيون ننڍيون هوٽلون هيون جن تي هر شيءِ ذري گهٽ ان ئي اگهه تي ملي ٿي جنهن تي ٻاهر ملي ٿي. يعني ٻاهران آڻڻ  بدران ڪو گراهڪ چاهي ته پليٽ فارم تان ئي پنهنجي لاءِ ڪا شيءِ يا مائٽ مٽن لاءِ ڪو تحفو وٺي سگهي ٿو. اهوئي حال ريل گاڏيءَ جي ڊائننگ ڪار جو هو. ان ڪري مون ڏٺو ته هر هڪ پليٽ فارم تان خريداري ڪندي  يا ريل جي ڊبي مان ماني کائيندي خوش هو. دڪاندار ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ريل گاڏي جي هوٽل واري گهٽ فائدو رکيو ٿي پر وڪرو ڏاڍو ٿين ٿي.

ريلوي اسٽيشن تي بيٺي هوائي اڏي جو ڏيک لڳو ٿي. ريل ۾ ويٺل مسافرن کي ڏسڻ سان ڪيترين گاڏين جي خبر پئجي ٿي وئي تہ اهي ڪٿان اچن پيون يا ڪاڏانهن وڃن پيون. هڪ ريل گاڏيءَ ۾ گهڻي تعداد ۾ ويٺل سکن مان لڳو تہ هي گاڏي چنديگڙهہ لڌيانا يا امرتسر کان آئي آهي. راجستاني ويسن وڳن ۾ مردن ۽ عورتن کي ڏسي سمجهي وياسين ٿي تہ هيءَ گاڏي پلوارا، اجمير، جيپور يا جيسلمير کان هتي دهلي پهتي آهي. اهڙي طرح گاڏيءَ مان لهندڙن کي پاڻ ۾ بنگاليءَ ۾ ڳالهائيندي يا سڌ ڪندو ٻڌي سمجهي وياسين تہ هيءَ گاڏي انڊيا جي صوبي بنگال جي ڪنهن شهر (مودنيپور يا ڪولڪتا وغيره) کان آئي آهي. ”اي ميان ڪيمن آشين. ڀالو تو“ پنهنجي ننڍپڻ جي سکيل بنگالي ٻوليءَ کي تکو ڪرڻ لاءِ پر مان لنگهندڙ هڪ خوش مزاج همراهہ جي کيڪار ڪريان ٿو. ۽ هيءَ گاڏي هندستان جي بنهہ ڪنهن ڏاکڻي صوبي تامل ناڊو يا ڪيرالا کان اچي رهي آهي. تامل ۽ مليالم ڳالهائيندڙ بندري قد ۽ ڪاري رنگ جا مسافر پليٽ فارم جي ٻئي پاسي بيٺل ٽرين جي مسافرن کان ڪيڏو تہ مختلف لڳي رهيا آهن جنهن ٽرين ۾ گهڻي ڀاڱي مسافر قداور، گورا ڳاڙها ۽ شلوار قميص ۾ آهن.

”ڀائي صاحب يہ گاڙي کهان سي آ رهي هي؟“ آئون هڪ همراهہ کان پڇان ٿو.

”جمون ۽ سري نگر کان.“ هو وراڻي ٿو. نهيو چئبو تہ ڪشمير کان پئي اچي تڏهن ايڏا گورا ۽ سهڻا ماڻهو آهن ۽ ڪيتريون عورتون گاڏي جي دريءَ مان ٻاهر ليئا پائڻ مهل پنهنجو منهن ڍڪي رهيون آهن جيتوڻيڪ ٻئي طرف ريل ۾ چڙهندڙ ساڙهين ۾ ملبوس عورتن جون ننڍي بلائوز ڪري سڄو پيٽ بہ نظر اچي رهيو آهي. مختلف ماڻهن، رنگن، زبانن، ويس وڳن ۽ ڪلچر ڪري انڊيا واقعي دنيا جو هڪ نرالو ملڪ آهي تڏهن تہ ڌارين ملڪن کان هتي آيا گورا بہ چيلهہ تي هٿ رکيو واٽڙن وانگر پيا ڏسن. دنيا جا ٻيا بہ ڪيترائي ملڪ آهن جيئن تہ سنگاپور، ملائيشيا وغيره جتي مختلف قومن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ اهي ملڪ Multi Racial ۽ Multi Cultural سڏجن ٿا پر اتي اهو فرق ايڏو Sharp ۽ واضح نٿو لڳي جيترو هتي انڊيا ۾. تڏهن تہ هن ملڪ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن ملڪ اندر ملڪ آهن ۽ هتي هڪ ئي ملڪ ۾ اچي ڪيترن ئي ملڪن جو مزو ۽ تجربو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان جي ٽرين دهليءَ کان شروع نہ ٿي رهي هئي پر هوءَ اڳهين ڪنهن ٻئي صوبي کان اچي رهي هئي جو اسان ويناسين تہ منجهس ديرادون، نيني تال ۽ سهارن پور پاسي جا ماڻهو ويٺل هئا جن سان بعد ۾ خبر چار ٿيڻ تي هنن ٻڌايو. پر اهو آهي تہ ٽرين صحيح ٽائيم تي هلي يعني مقرر ٿيل ويهہ منٽ ترسي دهليءَ جي اسٽيشن ڇڏيائين ۽ ٻي ڳالهہ تہ ٽرين جا مختلف ڊبا (بوگيون) جن تي As1, As2, A1, A2 جهڙا اکر ۽ انگ لکيل هئا اهي بلڪل انهن ئي هنڌ تي بيٺا جتي انهن جا ريلوي اسٽيشن تي بورڊ لڳل هئا. ان ڪري ٽرين اچڻ تي پليٽ فارم تي مسافرن جي ڀڄ ڊوڙ نہ ٿي جيڪا اسان وٽ عام آهي. هر هڪ مسافر پنهنجي بوگي نمبر مطابق اتي ئي بيٺو رهيو جتي ان جو بورڊ لڳل هو ۽ پوءِ ٽرين اچڻ تي سامهون ڊبي ۾ چڙهي پياسين. بوگين (ريل جي ڊبن) ۾ اندر بئنچن تي نمبر صاف لکيل هئا ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي سيٽ ولاري ويٺو. سڄي رات جو سفر هو سو سمهڻ لاءِ هر هڪ کي فل سيٽ مليل هئي. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ اڃا شام جا پنج ٿيا هئا سو سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي ٻيا سڀ هيٺين سيٽن تي ويٺا هئا. منهنجي ٽڪيٽ تي جيڪو نمبر هو اهو بلڪل مٿي صوفي جو هو معنيٰ هن عمر ۾ آئون هر هر باندر وانگر وچين صوفي (سيٽ) تي پير رکي مٿين تي ٽپ ڏيندو رهان ۽ ٻي ڳالهہ تہ اسان واري پاسي جون هڪ ٻئي مٿان ٽي سيٽون، ٽي پر واريون ۽ ٻہ سامهون واريون اسان جي ڄڄ جي اوڏ عورتن کي مليون ۽ ٻہ اڳ جي چڙهيل عورتن جون هيون. يعني منهنجي موجودگي ۾ هنن جي ٻہ آزادي ڇٽ تہ منهنجي ٻہ. سو بيگ پاسي تي رکي سيٽ مٽائڻ لاءِ 80 مسافر جي هن ڊبي جي هڪ ڪنڊ کان سروي شروع ڪيم. شروع ۾ ئي ادا گلاب راءِ جو پٽ وڃي مليو جنهن کي هيٺين سيٽ ملي هئي. پر هن ٻڌايو تہ ان تي سندس والد سمهندو ۽ پاڻ مٿين سيٽ تي ۽ هو پنهنجي پوڙهن والين جي پر ۾ ئي رهڻ چاهي ٿو. انهن کي ڇڏي هڪ يا ٻہ سيڪشن اڳي وڌيس ٻن ٽن ڏارين مردن جي سيٽن ۾ هڪ سيٽ انجنيئر راڻي اوڏ جي پيڻ سروج جي هئي سا ٻہ هيٺين. هوءَ خود منجهي رهي هئي تہ ڇا ڪجي. مون کيس سيٽ مٽائڻ لاءِ چيو.

”انڪل توهان کي کهڙي ملي آهي هيٺين، وچين يا مٿين؟“ هن پڇيو ۽ آئون هن کي پاڻ واري سيڪشن ۾ وٺي آيس.

”ڏس سروج تون تہ جوان ڇوڪري آهين ۽ قد بت ۾ بہ هلڪي آهين توکي مٿي چڙهڻ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪهڙي تڪليف وڏي ڳالهه تہ هي مردن سان ويهڻ ۾ آئون وڌيڪ Comfortable محسوس ڪندس ۽ هتي تون پنهنجي يقين ۽ ڪزن سان.“

”ادا تون اسان جو ياءُ آهين. پلي هتي ئي هج.“ سروج جي يقين چيو.

”اهو بلڪل صحيح آهي پر هوڏانهن دير تائين بتي ٻاري آئون چپ چاپ پڙهندو رهندس ۽ هيڏانهن توهان ڪي.

”مڪيش گهوٽ تون هلين ٿو ٻانهن لوڏي لوڏي

ماٺهو ڏسن ٿا توڏي توڏي“

سر ڪٽائڻ لاءِ سروج ملي ويندي.

آئون بيگ کڻي سروج واري سيٽ تي آيس. گاڏي دهلي شهر جون لانڊي ملير جهڙيون ننڍيو اسٽيشنون بنا ترسڻ جي لتاڙي هريانا صوبي جي فريدآباد ريلوي اسٽيشن. ٿوري گهٽ رفتا سان لتاڙي رهي هئي. مون انڊو پاڪ جي تاريخ جي مغل گهراڻي جي دور جو چئپٽر ڪڍي اجا پڙهڻ شروع ڪيو تہ اتي مهرچند اوڏ پاڻ سان گڏ آسودي مل جي ٻن پٽن کي وٺي اچي برجمان ٿيو تہ اچو تہ پتي راند ڪريون. مون صاف انڪار ڪيو.

”يار ڪمال آهي پوءِ جهاز تي ڪيئن وقت پيس ڪندا هئائو؟“ مهرچند چيو.

”چوين سچ ٿو انهيءَ ڪري تہ آئون لکڻ پڙهڻ جهڙن ڪمن ۾ لڳي ويس جو پتي راند مون کي نٿي آئي.“

”ان جو مطلب مون کي چوٿون پليئنر بہ آڻڻو پوندو.“ اهو چئي هو ڪنجهندي اٿيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ پير واري دٻي مان ڪرڪندو اچي پهتو. ساڻس گڏ سرڳواسي حشمت راءِ جو انجنيئر پٽ راڻو اوڏ هو. حشمت راءِ اوڏ پاڻ بہ انجنيئر هو ۽ سڄي عمر حيدرآباد ۾ گذريس ۽ جي او آر ۾ پنهنجي بنگلي ۾ رهيو. پاڻ ڊپٽي ڪمشنر شري نارائڻ داس اوڏ جو گلاب راءِ کان پوءِ ٻيو نمبر پٽ هو. مهرچند وارن اسان جي ٻئنچن هيٺان ۽ مٿان بيگون لاهي انهن کي سيٽن جي وچ ۾ ٽيبل ٺاهيو ۽ هاڻ پتي راند شروع ڪئي. منهنجي راند سان ڪا دلچسپي نہ هئي. ايڏي دلچسپي مغل دور جي تاريخ سان بہ نہ هئي پر انڊيا گهمڻ جو صحيح طرح مزو وٺڻ خاطر مون دماغ ۾ ماضي جي بادشاهن جا قصا رکڻ ٿي چاهيا جن هن ڌرتيءَ تي حڪومت ڪئي. اهو تہ نہ چئي سگهندس تہ هنن رعيت جي خدمت ۽ رعيت سان انصاف ڪيو. ها اهو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ضرور چوندس تہ نت نئگر ۾ پنهنجي عيش عشرت لاءِ محل محلاتون ٺهرايون. ناچڻين رنن ۾ نخريلي ڇورين سان محل ۾ ڳجها آرام گاهہ ٺرپايئون. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي سڀ راجا، بادشاهہ توڙي نواب هڪ جهڙا لڳن ٿا. انهن جا ٺهيل محل ۽ مقبرا اڄ ڏسي ٺرون پيا. خبر ناهي انهن تي ڪم ڪندڙ ڪمين ڪاسبين کي سندن پورهئي جو اجورو بہ ڏيندا هئا يا هو رڳو سندن نستي جواني اپارڻ لاءِ زور ڏيڻ وارين عورتن کي ئي خرچيون ڏيندا رهيا. دنيا جي ماڻهن جون تاريخون پڙهو تہ انهن مان تہ اهائي خبر پوي ٿي باقي اسان جي سائين محمد صديق ميمڻ جي ”تاريخ اندو پاڪ“ پڙهہ تہ هر هڪ بادشاهہ لاءِ لکيو پيو آهي تہ هو وڏو مسلمان هو، وڏو نيڪ نمازي هو، وڏي دين جي خدمت ڪيائين. هندن جا مندر ڍهرايائين، ان تي هيترا دفعا حملا ڪري منجهس موجود سون جا بت پيجرائي ڇڏيائين ۽ (پوءِ اهو سون ڪڍائنهن ويو، ڇا غريبن ۾ ورهايائين يا ڳوٺ ڪٽائي ويو) سکن جو زوريءَ طهر ڪرائي هنن کي مسلمان بنايائين (جنهن جون نفرتون اڄ تائين اسان ڀوڳي رهيا آهيون. ڇا ڪهڙي حديث ۾ ائين آهي، يا ڪهڙي خليفي يا اصحابيءَ ائين ڪيو؟ ۽ ڇا مسلماني ان ڳالهہ تائين محدود آهي تہ پاڻ نيڪ ڪم نہ ڪريو. باقي ڪنهن جي ٽيڙ جو وکو ڪٽي ثواب حاصل ڪريو) پر اسان آهيون جو پيا ٺرون. تاج محل، خاص محل، ۽ ٻيا مقبرا ۽ مينار ڏسي وڏي ٺانءَ ۾ ٿا اچون ۽ اڄ جو رئيس، وڏيرو چوڌري تہ ڇا هڪ اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ وزير (جيڪو عوام نمائندو آهي جنهن کي عوام چونڊي اڳيان ڪيو آهي تہ اسان جي لاءِ ڪجهہ ڪر) هو بہ عوام جي خدمت ڪرڻ بدران هنن جا فنڊ پنهجن ڪمن ۾ مشهورين ۾ لڳائي مشهوري ماڻڻ جا جتن ڪري ٿو. يعني هر هڪ ٻئي خرچ تي تاج محل ٺاهڻ جي چڪر ۾ آهي، اها هڪ Sick Mentality اسان جي خمير ۾ وسي وئي آهي.

اڄ کان پورا ٽي سؤ چوهتر سال اڳ ۾ جون 1631ع تي، هندستان جي عظيم الشان شهنشاهہ شاهجهان جي محبوب راڻي ممتاز محل، پنهنجي چوڏهين ٻار شهزاديءَ گوهر آرا بيگم کي جنم ڏيندي، ويم دوران Infection سبب وفات ڪئي. بادشاهہ انهيءَ غم ۾ هيڪر تہ پجي پري پيو. روئندي روئندي سندس نظر ڇٽ ٿي وئي. غم ۾ وار اڇا ٿي ويس. هن جي نظر ۾ طوفان نوح کان پوءِ انسان جي تاريخ جو هي ٻيو سانحو هو. مرحومہ ملڪ ممتاز محل جي ياد ۾ جمنا درياء جي ڪناري تي هن هڪ عظيم الشان مقبرو اڏايو. ويهن سالن ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تيار ٿيندڙ هيءَ عمارت دنيا ۾ لاثاني مڃي وئي جنهن کي دنيا تاج محل جي نالي سان سڏي ٿو. هن عمارت جي ٺهي راس ٿيڻ ۾ ڪيترو وقت ۽ پئسو خرچ ٿيو ان لاءِ پٿر ڪٿان ڪٿان ايو ۽ انهن پٿرن کي ڪنهن ڪنهن گهڙيو ٽڪيو ۽ پالش ڪيو. هن محل جي پيڙهه ۾ ڪيترن ماڻهن جون هڏيون دفن ٿي ويون. هن جون ڪهڙيون ڪهڙيون پٽيون. ڪيترا دفعا ڪيرائي انهن کي وري ٺاهيو ويو. اها هڪ الگ ڪهاڻي آهي.

بلڪل انهن ئي ڏينهن ۾ جن ڏينهن ۾ هندستان جو بادشاهه شاهجهان هو. سئيڊن جو بادشاهه گستاورس اڊولفس هو ۽ انهيءَ مهيني هن جي زال پڻ هڪ ڇوڪريءَ کي جنم ڏنو جنهن مهيني ۾ ممتاز محل جي پيٽ مان گوهر آرا بيگم پيدا ٿي ۽ بلڪل ان ئي جون جي مهيني ۾ سئيڊن جي بادشاهه گستاورس جي راڻي صاحبه بار جي ڊليوري دوران پيٽ ۾ Infection ٿي پوڻ ڪري گذاري وئي. ان ئي لمحي سئيڊن جو بادشاهه سلامت به همت هاري ويهي رهيو جڏهن هندستان جو بادشاهه شاهجهان پنهنجي راڻي ممتاز محل جي غم ۾ روئي روئي نابين ٿي رهيو هو. هيڪر گستاورس غم ۾ غرق ٿي ويو پر جلد ئي پاڻ سنڀالي پنهنجي زال جي موت تي غور ڪيائين ۽ جنهن وقت شاهجهان تاج محل جي اڏاوت ۾ مشغول هو گستاورس ايڊولفس حڪم ڏنو ته ”ملڪ جي هر ڳوٺ، هر ڳوٺ جي هر پاڙي ۽ هر طبقي مان به چست ۽ ذهين ڇوڪرين کي گاديءَ واري شهر اسٽاڪهوم ۾ آندو وڃي ۽ کين دائيءَ جي ڪم جي ٽريننگ ڏني وڃي. جڏهن اهي ماهر ٿي وڃن ته کين واپس پنهنجي ڳوٺ موڪليو وڃي جتي اهي ٻين ٻن ڇوڪرين کي ٽريننگ ڏين. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ، ڪنهن پاڙي يا شهر جي ڏهن ڪوهن ۾ ڪا عورت ويم دوران مري وئي ته نه انهن دائين جو خير ٿيندو ۽ نه وري عورت جي مائٽن جو!“

اهو فرق هو اسان ۽ يورپ ۾. جڏهن اسان جا وڏا شاهي مقبرا ٺاهي زال جو غم غلط ڪري رهيا هئا، هاٿين جي وات مان ٻڪرين جا آواز ڪيڍائي رهيا هئا، راڳن سان پاڻيءَ ۾ باهه لڳرائي رهيا هئا. حڪيمن کان طاقت جا ڪشتا ٺهرائڻ ۾ لڳا پيا هئا. انهيءَ وقت يورپ جا حاڪم عوام جي فلاح ۽ بهبود جا منصوبا ٺهرائي رهيا هئا. يونورسٽيون قائم ڪري رهيا هئا، ڪارخانا، فيڪٽريون، لائبريريون ۽ ليبارٽريون ٺهرائي رهيا هئا. هنن سمجهيو ٿي ته قومن جي عروج لاءِ انسان جي بهتري تي مبني سماجي نظام، بهترين تعليم، ٽيڪنالا ۽

انصاف آهي. ان ڪري يورپ جي حاڪمن هميشہ انهن ڳالهين تي زور ڏنو ۽ اسان جا حاڪم ملڪ يا صوبي جا هجن يا ضلعي، تعلقي يا ڳوٺ جا اڄ بہ عوام جي ڀلائي ڪرڻ بدران حڪم هلائڻ کي حڪومت ڪرڻ سمجهن ٿا. اسان جي سڄي انڊوپاڪ جي تاريخ ماضيءَ جي اهڙن حاڪمن سان ڀري پئي آهي جيڪي پاڻ کي زمين تي خدا جو پاڇو سڏائڻ لڳا ۽ هو دين الاهي ايجاد ڪرڻ لڳا جنهن جو نتيجو اهوئي نڪتو جو عروج زوال ٿي ويو ۽ زوال عروج. ڪاش شاهجهان تاج محل بدران انگلينڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽي ٺاهي هجي ها، سئيڊن جهڙو ڪو ميڊيڪل ڪاليج کوليو هجي ها، عوام جي سک ۽ مستقبل لاءِ پوک ۽ پاڻيءَ جي بندوبست جو سوچي ها. مستقل روزگار مهيا ڪرڻ ۽ صحتمند رکڻ لاءِ ڪارخانا، فيڪٽريون ۽ ميڊيڪل تعليم جا ماهر پيدا ڪري ها. نتيجي ۾ مليريا جي علاج لاءِ انگريزن طرفان مليل چند ڪوئنن جي گورين تي بہ اسان جا بادشاهہ سلامت ڦان ٿي ٿي پيا ۽ پوءِ آخر ۾ ڀڄڻ ۽ لڪڻ جي راهہ نٿي ملين. ڪيڏي دردناڪيءَ سان مغل خاندان جو آخري شهنشاهہ پنهجي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي تڙ ڏاڏي همايون جي مقبري ۾ اچي لڪيو هو. ڇهہ هزار ميل پري کان آيل چند انگريزن جي مڪاني سپاهين ڪيس جهلي گورن جي حڪم تي رنگون ملڪ دربدر ڪري ڇڏيو ۽ سندس سموري اولاد (ننڍي وڏي) کي قتل ڪري ڇڏيو. ڪو احتياج نہ ٿيو ڪا رئلي نہ نڪتي، ڪا بک هڙتال نہ ٿي. سندن رعيت چپ چاپ نئين آيل حاڪم جي ”جي حضوريءَ“ ۾ لڳي وئي! فارسي ڇڏي انگريزي زبان سکڻ ۾ لڳي وئي.!

”يار مهرچند تون پتي راند ٿو ڪرين يا جوڊي ڪراٽي؟“ مون انڊيا جي تاريخ پڙهڻ بند ڪري مهرچند کي چيو جنهن جي گوڙ ۽ ويڙهاند تي باوجود ڪوشش جي آئون ڪتاب تي Concentrate نہ پئي ڪري سگهيس. پتو ائين ٿي سٽيائين جڻ سرن يا تختن جي بندل تي مک هٽي بہ اڌ ٿي ڪيائين. ڪٽڻ توڙي هارائڻ ۾ هن لاءِ دانهون ڪرڻ ضروري هو. سٺا پتا ٿي آيس تہ ايو ٿي ٿي ويو. ”ڇا تہ ننڍڪ نار پتا آهن.“ ۽ پوءِ خراب ٿي پتا آيس تہ جاپاني ڪبوڪي ايڪٽر جهڙو چبو چهرو ٿي ٿي ويس.“ هاءِ ماري وڌائون، ڇا تہ اندر ساڙ پتا آيا آهن.“

اهڙي هلندڙ ويڙهاند ۾ پڙهڻ جو سوال تہ پيدا ئي نٿو ٿئي. هيڏانهن هوڏانهن درياءَ مان ڏسجي ۽ منهنجي پير ۾ ۽ سامهون ويٺل ڏارين مسافرن سان خبر چار ڪجي. گاڏي فريد آباد

ٽيپي وئي هئي اتي بيٺي ضرور پر فقط ٻن منٽن لاءِ ۽ هاڻ ننڍين ننڍين اسٽيشن تي گاڏي بيهڻ بدران ويندي رهي. اسٽيشن اچڻ تي ڪجهه رفتار گهٽي ٿي ۽ هڪ ٻن اسٽيشن جا نالا پڙهي ورتم. پلوا، بالا ٻگڙهه، شولا ڪا جهڙا هئا.

هي فريدآباد اهو شهر آهي جتي هندستان جي ورهاڱي وقت سڀ کان گهڻا پاڪستان کان لڏي آيل هندو اچي رهيا. اڄ هي شهر فيڪٽرين ۽ ڪارخانن کان مشهور آهي. چون ٿا ته هن شهر جو نالو مشهور صوفي بزرگ سيد مرتضيٰ خان فيد بخاري تان آهي جيڪو ننڍي کنڊ ۾ بابا فريد جي نالي سان مشهور آهي. سندس مقبرو به هن ئي شهر ۾ آهي جتي حاضري ڀرڻ لاءِ عقيدتمند پري پري کان اچن ٿا. ڪن جو اهو به چوڻ آهي ته هي شهر اڪبر جي نورتن مان هڪ شيخ فريد جي نالي تي آهي جنهن 1607ع ۾ هن شهر جو بنياد رکيو. شيخ فريد شهنشاهه اڪبر ۽ ان بعد سندس پٽ شهنشاهه جهانگير جي حڪومت ۾ وزير خزانا ٿي رهيو. هن هتي هڪ قلعو ۽ مسجد پڻ ٺهرائي. فريد آباد جو شهر هريانا صوبي ۾ اٿين آهي جيئن ڪراچي سنڌ ۾. هريانا صوبي جي سٺ سيڪڙو اپت فريد آباد مان آهي.

منهنجي پڇڻ تي سامهون ويٺل ٽيهه پنجٽيهه سالن جي جوان مرد ٻڌايو ته هاڻ اسان جي گاڏي اتر پرديش جي ريلوي اسٽيشن مٿرا تي هلي بيهندي. هي همراهه به مون وانگر ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو جنهن تي خاڪي پني جو ڪور چڙهيل هجڻ ڪري ڪتاب جي ٽائيٽل ۽ نالي جي خبر نٿي پئي ۽ رکي رکي هو پنهنجي زال کي فون ڪندو ٿي رهيو ته هوءَ ڪٿي پهتي آهي. هوءَ ڪيس دهلي اسٽيشن تي چڙهڻ آئي هئي. سٿڻ قميص ۽ پوتيءَ ۾ هجڻ ڪري مون سمجهيو ته هيءَ ڪا سک فيملي آهي جيتوڻيڪ هو هندي يعني اسان واري اردو ۾ ڳالهائي رهيا هئا ۽ مڙس کي ڏاڙهي به نه آهي پر اها ڪا اهڙي ڳالهه ناهي. اڄڪلهه ڪيترائي سک ڏاڙهي ڪوڙائي ڇيا هلن. پر پوءِ بعد ۾ وڏيڪ ڪيڪار ڪڙي ٽيڻ تي هن ٻڌايو ته هن جي زال هن کي دهلي جي ريلوي اسٽيشن تي چڙهي، هاڻ واپس پنهنجي ڳوٺ بلند شهر پئي وڃي جيڪو دهليءَ کان 80 ڪن ڪلو ميٽر اوپر ۾ آهي.“ سو رکي رکي سندس خيريت جو پيو پڇان جو هوءَ اڪيلي ڪار هلايو پئي وڃي.“ پاڻ جيڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو ان جي پٺ مون ڏي هئي ۽ اهو ڏسي مون کي تعجب پئي لڳو ته هن ڪاٻي کان ساڄي پنا پئي اٿلايا جيئن اردو، عربي يا سنڌي ڪتابن ۾ ڪبو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”توهان ڪهڙي ڪتاب پڙهي رهيا آهيو؟ مون پڇيومانس.

”اردو شاعريءَ جو آهي.“ هن وراڻيو ۽ ڪتاب مون کي ڏسڻ لاءِ ڏنو اهو دهليءَ ۾ ڇپيل هو.

”ڪمال آهي توهان کي اردو اچي ٿي مون سمجهيو فقط مسلمان پڙهن ٿا.“

”دراصل آئون مسلمان ئي آهيان، پر اها ڳالهه آهي ته نه فقط مسلمان پر هتي جا، خاص ڪري دهلي، هريانا ۽ اتر پرديش جا هندو به اردو پڙهن ٿا.“

هن ٻڌايو ته سندس نالو ڊاڪٽر سعيد عالم آهي. سندس زال جو شهر ”بلند شهر“ آهي پر سندس ڳوٺ نيپال وٽ هماليا جبلن جي قدمن ۾ پورنپور آهي. پاڻ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪئي اٿس ۽ اتي ئي نوڪري ڪري ٿو. هن وقت هو به اسان سان گڏ ٻڙودا شهر ۾ لهندو جتي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ هو ٽن ڏينهن لاءِ ليڪچر ڏيڻ لاءِ وڃي رهيو آهي.

”مسلمان جي حيثيت سان توهان کي هتي ڪيئن ٿو لڳي؟“ مون پڇيومانس.

”بلڪل صحيح ٿو لڳي. اسان هن ڌرتيءَ تي ڄاوا آهيون ۽ هي ئي اسان جو ديس آهي، هتي اسان جو گهر آهي ۽ اسان جڏهن پاڪستان جي حالتن کي پنهنجي ملڪ انڊيا سان ڀيٽيون ٿا ته رب پاڪ جا شڪر ٿا ڪريون ته پاڪستان جي مقابلي ۾ اسان وٽ سڪون آهي، اسان وٽ آزادي آهي، اسان وٽ ٽيڪنالاجي ۽ تعليم جو معيار بيحد بلند آهي ۽ اسان جي پاسپورٽ کي دنيا عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿي.“ هن وراڻيو.

”پر تڏهن به حڪومت ته هندن جي آهي.“ مون چيومانس.

”ڇا مطلب؟ ظاهر آهي اهي ئي هن ملڪ ۾ ميجارٽي ۾ آهن پر تنهن هوندي به هتي صحيح ڊيموڪريسي آهي. ان جو مثال ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ هوندو ته ملڪ جو صدر، وزيراعظم ۽ وينڊي آرمي چيف ملڪ جي هندو ميجارٽي بدران Minority (اقليت) مان آهي؟ پر اسان لاءِ ڪو فرق نٿو پوي، ڪٽي ڪير به هجي هن کي ملڪ جي Constitution ۽ قانون جي پوئواري ڪرڻي آهي. هن ملڪ ۾ هر رهندڙ کي پنهنجي مذهب جي آزادي آهي چاهي هو مسلمان هجي، يا سک، عيسائي يهوديءَ هجي جين، پارسي، ڪنهن کي به ڪو سندس مذهب يا مندر مسجد ۾ وڃڻ کان روڪي نٿو سگهي. انڊيا هر فيلڊ ۾ ترقي ڪري رهيو آهي ۽ اڄڪلهه دنيا جا طاقتور ۽ امير ملڪ انڊيا جي ماڻهن کي نوڪريون ڏين ٿا. دنيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جا ماڻهو تعليم، ٽوئرزم ۽ طبي علاج لاءِ اسان جي ملڪ ۾ اچن ٿا جو هنن کي پئسو خرچ ڪرڻ جي بدلي ۾ بهتر ۽ زياده Value جي شيءِ ملي ٿي...“

ڊاڪٽر محمد سعيد عالم ٻڌايو ته جنهن ڳوٺ ۾ هو جائو آهي اڄ به هو پنهنجن پاڙيسيري هندو دوستن سان گڏ هولي ملهائي ٿو ۽ هو به ن وٽ عيدن جي مبارڪ ڏيڻ اچن. منهنجي خيال ۾ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انڊيا جي ماڻهن ۾ چاهي ڪو ڪهڙي به مذهب يا زبان سان واسطو رکندڙ هجي هن ۾ برداشت جو وڏو مادو آهي. اسان وٽ ته ڏينهون ڏينهن جهڙي زيرو Tolerance ٿيندي وڃي. معمولي معمولي ڳالهين تي هڪ ٻئي جا سر ڪپيو وينا آهيون ۽ اڄ جي دور ۾ جڏهن اليڪٽرانڪ ميڊيا تيز ٿي ويو آهي دنيا جي ماڻهن کان ڳالهه نٿي لڪي ۽ هي اسان وٽ ٿيندڙ اغوائن، ڪاروڪاري جي چڪرن ۾ مائرن ڀينرن جي قتلن، خونريزين، بيروزگاري وگهي خودڪشين، ناڪاره ڪرندڙن عمارتن، گٽرن ۾ ٻڏندڙن بيگناهه ٻارن جو جڏهن ڪو ڏاريو اخبار ۾ پڙهي ٿو يا ريڊيو ٽي وي تي ٻڌي ۽ ڏسي ٿو ته هن کي عجب لڳي ٿو. هندستان ۾ پاڪستان کان به وڌيڪ مسلمان رهن ٿا پر هو ته اسان وانگر بم ڦاڙيو پنهنجن مسلمانن کي نٿا مارين، هو بيگناهه عورتن جو Gang rape نٿا ڪن ۽ نه Sodomy جون وارداتون ٿا ڪن.

ريل گاڏي متراا اسٽيشن تي پهتي ته اسان جا جا جواري پائر چادر چنبي اٿي کڙا ٿيا.

”هاڻ هلڻ کي هلو ٿا يا وري موٽندائو؟“ مون پڇيومان.

”نه بس هاڻ هلون ٿا.“ مهرچند وراڻيو ”توهان زور زور سان ايڏو ڳالهايو پيا جو اسان کي ڊسٽرب پيا ڪريو.“

”واه مهرچند واه! هي ته اهوئي ٿيو ته الٽار چور ڪوتوال کو ڊانٽي.“ مون وراڻيو مانس ۽ پيتين کي سيٽن هيٺان داخل ڪري رستو صاف ڪري ڇڏيم. دريءَ جي ٻاهران دودو مون کي هيٺ لهي اچي پليٽ فارم تي چانهه پيئڻ جو اشارو ڪري رهيو هو. آئون اخبارن، پنا پينون پاساٽيون ڪري هيٺ لٿس پلاسٽڪ جي گلاس ۾ چانهه وٺي جلد ئي متي چڙهيس. گاڏي هلڻ ۾ اجا ٽائيم هو پر مون هيٺ بيهي چانهه نٿي پيئڻ چاهي نه ته هر اسٽيشن تي هيٺ هلڻ چلڻ ۽ گاڏيءَ جي چرڻ وقت دڪاندار کي چانهه يا شربت جا پئسا ڏيئي هلندڙ ٽرين ۾ ٽپ ڏيئي چڙهڻ ان وقت پراڻي هابي رهي آهي جڏهن تعليم دوران پڪنڪ تي وڃبو هو يا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موڪلن ۾ ڪُوٽ وجبو هو. مون ڪان ڪڏهن بہ تين مس نہ ٿي. آخري دبي ۾ بہ چڙهي پوندو هوس. پيتارو جي منهنجي ڪيترن ڪلاس ميٽن ڊينٽل سرجن رضا شيخ، مرحوم علي رضا ميمڻ ۽ چاچي فقير محمد بسوءَ جي پٽ انور ميمڻ ڪان اڪثر ڪوئيٽا يا لاهور پاسي ٿي وئي هئي پوءِ ٽرين ۾ ڌڪا کائيندي اچي منزل تي پهتا هئا. اسان جا ٽيچر جيڪي چاليهہ پنجيتاليهہ ورهين جي وڏي عمر جا هئا اهي هميشہ ان ڳالهہ تان دڙڪا ڏيندا رهندا هئا. ظاهر آهي هو پوڙها ۽ ڪمزور جو ٿيا. اڄ آئون سٺ ڪان ٽپي چڪو آهيان ۽ انهن ٽيچرن ڪان بہ گهٽ پوڙهو ٿي ويو آهيان. بيٺل گاڏيءَ ۾ بہ گوڏن تي زور ڏيئي لهان چڙهان ٿو سو ڪيئن ٿو هلندڙ ٽرين ۾ ننڍپڻ وارا Acrobatic Feats ڪري سگهان ۽ اهو بہ تڏهن جڏهن ٽيڪٽ تہ ڪٽي مون وٽ کيسي ۾ آهي پر سيني جا پاسپورٽ حفاظت لاءِ نولراءِ جي وڏي نائي شمن لعل اوڏ وٽ آهن. ٽرين ڇڏائي وڃڻ تي پوليس پهرين پاسپورٽ جي گهر ڪندي.

هي شهر مٿرا جنهن جي ريلوي اسٽيشن تي اسان جي گاڏي اچي بيٺي ۽ جتان چانهہ وٺي پيتي اتر هندن جي ستن اهم شهرن مان هڪ آهي. هن ڪان اڳ توهان بہ مون وانگر هن شهر جي فقط تاريخ پڙهي هوندي يا وري هن شهر جو نالو هڪ انڊين فلم جي مشهور گاني ۾ ٻڌو هوندو:

مٿرا مي تين بندر
جاتي ٿي زور مندر....

حياتي رهي تہ هن شهر کي ڏسڻ لاءِ هلي ملي اچبو جو هي شهر روم، قسطنطنيہ (استنبول Istanbul) لاهور شيراز قم آگري، دهليءَ وانگر آهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڏينهن کپن. هي اهو شهر آهي جتي تيرٿ لاءِ هندو سک، ٻڌ ۽ جين اچن ٿا. مٿرا هندن لاءِ بيحد پاڪ ۽ مانوارو شهر آهي جتي هندو ڌرم موجب هنن جي ڀڳوان ڪرشنا جنم ورتو. هي شهر نڍي ڪنڊ جي پراڻن شهرن مان هڪ آهي. دهليءَ کان 140 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ جمنا نديءَ جي ڪناري تي هي شهر عيسوي سن کان 600 سال اڳ براج يوميءَ جي نالي سان مشهور هو. هن شهر ۾ لارڊ ڪرشنا (جيڪو وشنو ڀڳوان جو اوتار Incarnation چيو وڃي ٿو) پنهنجو ٻالڪپڻ گذاريو ۽ هن شهر جو ذڪر هندو ڌرم جي جهوني ڪتاب مهاڀارت ۾ بہ آهي.

مٿرا بعد ۾ موريا سلطنت جو حصو ٿي رهيو ۽ موريا گهراڻي جا بادشاهہ اشوڪا هن شهر

۾ ٽي صدي قبل مسيح ڪيترائي ٻڌ ڌرم جا ڪتبا ۽ Monuments ٺهرايا. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جنم کان هڪ سؤ سال اڳ ۽ هڪ سؤ سال پوءِ وارو عرصو هي شهر (متڙا) آرٽ جو مرڪز هو جتي پٿر جي ٽڪ جو ڪم ٿيو ٿي. اڄ به انهن شين لاءِ متڙا اسڪول آف آرٽس جو حوالو ڏنو وڃي ٿو. بهرحال هي شهر موريا گهراڻي جي حاڪمن اشوڪا کان وٺي چوٿين صدي جي حاڪم گپتا جي ڏينهن تائين سياسي طاقت جو مرڪز رهيو ۽ ٻڌ ڌرم جو اپار ٿيو ۽ ڪيترائي ٻڌ ڌرم جا عبادتگاهه Monasteries ٺهيون جن جو ذڪر پٽولمي (Ptolemy) ۽ چين جي مشهور سياح فاحيان Fa_Hian جيڪو هتي سن 401 کان 410 تائين هو. ۽ هيئن سانگ Hiuen Tsang جيڪو هتي هن 634 ۾ آيو. پنهنجن سفرنامن ڪيو ۾ ذڪر آهي ته متڙا جي اردگرد ٻڌن جون به هزار کان متي Monasteries آهن. فاحيان جو ذڪر مون پنهنجي سفر نامي ”هي پيٽ هي ڪنارا“ ۾ تفصيل سان ڪيو آهي.

موريا خاندان جي حڪومت بعد ٻڌ ڌرم هندستان کان ٻاهر سريلنڪا، سيام (ٿائيليند) برما، ويندي چين، ڪوريا ۽ جاپان تائين ته وڌندو رهيو پر هندستان ۾ ان جي جاءِ وري هندو ڌرم والاري ورتي.

متڙا ۽ مسلمانن جي گاديءَ وارن علائقن: دهلي ۽ آگري جي وچ ۾ هجڻ ڪري هر وقت انهن جي حملن هيٺ رهيو. آگرو هتان فقط سٺ ڪلوميٽر کن آهي. سن 1018ع ۾ افغان حملي آور محمود غزني هن شهر متڙا ۾ قرلٽ جي باهه ٻاري ۽ هندو ۽ ٻڌ ڌرم جي مندرن کي تباهه ڪيو. سن 1500ع ۾ سڪندر لوڌيءَ هن شهر جي پيپنگ ڪئي. مغل شهنشاهه اورنگزيب اسلام جي خدمت ڪرڻ جي نشي ۾ هن شهر متڙا ۾ ٺهيل اهم مندرن کي تباهه ڪيو ۽ شهر جي بيک ڪيدي چڏي. انهن تباهه ڪيل مندرن ۾ بيحد اهم مندر ڪيساوا ديو مندر به هو جنهن جي جاءِ تي چون ٿا ته هن مسجد اڏرائي ۽ ان کان پوءِ رهيل کهيل کسر 1757ع ۾ افغاني حملي آور احمد شاهه ابدالي اچي ڪيدي ۽ سڄي شهر کي تيلي ڏئي ساڙيو. 1804ع ۾ هي شهر متڙا آخر انگريز حڪومت جي هٿ هيٺ آيو ۽ هڪ دفعو وري بهتر روپ ۾ آيو.

گاڏي متڙا جي اسٽيشن مان آهستي آهستي ٽي ٻاهر نڪري رهي هئي. پري پري تائين هن شهر جي مندرن، مسجدن ۾ برٽش اسٽائيل عمارتن جا متاهان حصا، نظر اچي اڏرندڙ ڌوڙ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۽ دونهن ۾ ڏنڏلا ٿيندا ويا. اڄ وقت جو چرخو 600BC کان Ad2005 تي ويو آهي پر هي پٽ، هي مٽي ۽ ڌوڙ هي موسم ۽ وهندڙ جمنا (يمنا) ندي ساڳي آهي. ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هتي پهتا جتان آئون هن وقت لنگهي رهيو آهيان. پٽولمي، فاحيان، هيپيوئين سانگ، محمود غزنوي، سڪندر لوڌي، اورنگزيب، احمد شاهه ابدالي، رابرٽ ڪلائيو رچرڊ ويلسلي، وارن هئسٽنگس، حاڪم، سياح، سنت ساڌو درويش، صوفي رازا، واڍا، هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، ڦورو لٽيرا هن آسمان هن درياهه، هن ڌرتيءَ هڪ انسان جا ٻئي تي ظلم، هڪ انسان جون ٻئي تي ٻيلايون...... هندو ڌرم ٻڌ ڌرم، جين ڌرم، اسلام سک ڌرم.... هن ڌرتيءَ چا نه مذهب ۽ ريتون رسمون، خوشيون غميون ڏٺيون. اهو شهر جيڪو مختلف حاڪمن ڦري لٽي تباهه ڪري ڇڏيو اڄ اتي هر خوشيءَ جو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو. اڄ اهو انڊسٽري ۽ ايگريلڪلچلر جي لحاظ کان انڊيا جي ماڊرن شهرن مان آهي. منهنجي پر ۾ ويٺل رٽائرڊ پوليس آفيسر ٻڌايو ته هن نوڪريءَ جو آخري سال مترا ۾ گذاريو هو.

”ٻئي دفعي توهان اچو ته ڪڏانهن به نه وڃجو.“ هن کي جڏهن خبر پئي ته آئون ليکڪ به آهيان ته هن مون کي صلاح ڏني، ”فقط هن صوبي ۾ هليا اچجو ۽ پهرين پهرين مترا گهمجو.“

هن ٻڌايو ته مترا سامونڊي سطح کان ٻه سؤ ميٽر مٿي هجڻ ڪري اوسي پاسي جي شهرن کان بهتر موسم اٿس. ريلوي جنڪشن هجڻ ڪري هتي پهچڻ به سولو آهي.

”هيڏي تباهيءَ بعد اڄ به مترا مندرن ۽ مسجدن کان مشهور آهي، آرٽ ۽ هنرن کان مشهور آهي.“ هن ٻڌيو ۽ ڪجهه جايون ڏسڻ لاءِ جيڪي هن مون کي نوٽ ڪرايون هن ريت آهن: چئن منارن واري جامع مسجد جيڪا 1661ع ۾ ابو نبير خان ٺهرائي. وشرام گهاٽ جتي چون ٿا ته ڪانسا ظالم کي مارڻ بعد ڪرشن ڀڳوان اچي آرام ڪيو هو. دواڪا ديس مندر جيڪو 1814ع جو ٺهيل آهي ۽ شهر جو اهم مندر آهي جيڪو هولي، ڏياري جنما شتامي جي موقعن تي زبردست طريقي سان سينگاريو وڃي ٿو گيتا مندر وغيره وغيره.

”توهان کي خبر آهي ته هندستان جا سڀ کان اهم شهر هن صوبي اتر پرديش ۾ آهن؟“ هن رٽائرڊ پوليس آفيسر مون کي سندس ڳالهه جي صداقت بابت ٻڌائڻ تي چاهيو ته هو چو مون کي هندستان جي هي اتراهون صوبو اتر پرديش جيڪو اتر ۾ نيپال سان ٿو وڃي لڳي، گهمڻ لاءِ چئي رهيو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. آئون هن صوبي جي جاگرافيءَ کان واقف هوس تہ هن ۾ اسان مسلمانن توڙي هندن جا اهم شهر آهن. نہ فقط اسان پر انگريزن جا بہ جيڪي گهڻو ٽڪو اتر پرديش ۾ رهيا ۽ هن صوبي جي شهرن جي پس منظر ۾ هنن ناول ۽ پنهنجيون ڪهاڻيون لکيون. مٿرا کان علاوه لکنؤ آگرو، فيروز آباد، مرادآباد، فتح پور سڪري، جانپور، ڪانپور، جهاسي، رام نگر، سنڪدريا، سراسوتي، بنارس (جنهن کي هاڻي وارا ناسي سڏين ٿا)، اعظم ڳڙهہ، بارام پور، پيلي پيٺ، امروها، سهانپور وينديءَ الهہ آباد هن صوبي ۾ آهن. الهہ آباد هن دفعي ڏسڻ جو ارادو هوم پر هاڻ ڪو هفتو سوا مس وڃي بچيو آهي ۽ مڪيش جي شادي اٽينڊ ڪرڻ ۾ بہ بہ ٽي ڏينهن بڙودا ۽ گجرات جي اوسي پاسي وارن شهرن ۾ گذري ويندا ۽ باقي ڏينهن واپس دهليءَ ۾. الهہ آباد نہ ڏسڻ جو ڏک ضرور اٿم جو اهو شهر اسان جي هڪ پياري ٽيچر ڪمانڊر اسرارالله جو ڳوٺ آهي جنهن اسان کي نہ فقط ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ آلجبرا، ٽرگناميٽري ۽ ڪئلڪيولس پڙهائي پر مئرين انجنيئرنگ پڙهڻ دوران مئرين اڪيڊمي، چٽگانگ ۾ نيول آرڪيٽيڪٽ ۽ نيوگيشن جا حساب ڪرايا. پيٽارو ڇڏڻ وقت هن جي بہ چٽگانگ بدلي ٿي هئي. ان ريت هي اهو ٽيچر آهي جنهن ڪئپٽڻ بشير وسطرو، ڪئپٽن رياض چوڌري، ڪئپٽن احمد مخدوم، چيسف انجنيئر اسلم زبيري ۽ مون جهڙن کي گهڻي کان گهڻو عرصو پڙهايو. سندس سڄي عمر پڙهائڻ ۾ گذري. هينئر هو اسي سالن کان مٿي هوندو تہ بہ پنهنجو واسطو ٽيچنگ سان رکندو اچي. اڄڪلهہ سعودي عرب جي حڪومت هن کي مديني جي انگريزي ميڊيم وارن اسڪول جو ائڊوائيزر ڪري مديني ۾ رکيو آهي سندس گهرواري پڻ اتي جاب ڪري ٿي ۽ گائنا ڪالاجسٽ آهي. اولاد ۾ ڪيس فقط هڪ ڌيءَ آهي جيڪا (سعديہ) ۽ سندس مڙس ٻئي ڊاڪٽر آهن ۽ ڪراچي ۾ پريڪٽس ڪن ٿا.

ڪمانڊر اسرارا: اسان کي هميشہ پنهنجي هن شهر الهہ آباد جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو آهي جتي هو ڄائو نپنو ۽ وڏو ٿيو. انڊيا اچڻ کان اڳ هو مون کي مديني پاڪ مان فون ڪندو رهيو تہ آئون الهہ آباد گهمي ان تي ڪجهہ لکان ۽ شادي وارن ڏينهن تي ٻنهي گهوٽن جي پيئرن ڊاڪٽر، ڊاڪٽر رامچند اوڏ ۽ نولراءِ اوڏ کي هن پاران سندس پٽن جي شاديءَ جو مبارڪون ڏيان. رامچند ۽ نولراءِ اوڏ کان علاوه سندن وڏو ڀاءُ سرڳواسي ارجن داس اوڏ پڻ

ڪمانڊر اسراراللہ جو شاگرد هو بلڪ اسان سڀني کان وڌيڪ فيوريٽ هو. ٿئي پائر هوشيار ۽ محنتي هئا. ارجن داس اوڏ تہ پڙهائيءَ کان علاوه سڀني راندين، سئمنگ، گهوڙ سواري، پي ٽي، پريڊ ۾ ايڏو هوشيار هو ۽ منجهس ليڊر شپ ۽ Officer Like Qualities ايتريون تہ هيون جو ڪاليج جي انگريز پرنسپال کيس J.U.O يعني هڪ هائوس (ايوب هائوس) جو ليڊر بہ ٺاهيو. ڪمانڊر اسراراللہ سڀني شاگردن کي اولاد وانگر چاهيو ٿي. هو جيترو ڪلاس روم کان ٻاهر سٺو ۽ چرچائي هو ايترو ئي پڙهائڻ دوران سخت. ڏيان سان نہ پڙهڻ تي دڙڪا بہ ڏيندو هو. ٿڦڙون الاريندو تہ هو پر ڪڏهن ڪڏهن هٽي بہ ڪيندو هو. هڪ دفعي ارجن داس ڪلاس ۾ ڪا شرارت ڪئي يا صحيح حساب نہ پئي ڪيائين سو ڪمانڊر اسرار سندس ڊيسڪ وٽ بيهي هٿ مٿي ڪٽي چيس: ”ارجن هاڻ جي غلطي ڪئي اٿئي تہ آئون توکي هيءَ پري ٿڦڙ هڻندس.“

ارجن ڊڄڻ بدران (دلير تہ هونءَ بہ هوندو هو ۽ چرچائي پڻ) پنهنجي پين ڊيسڪ تي رکي اٿي کڙو ٿيو. اسان بہ واٺڙا ٿي وياسين تہ هي ڪري ڇا ٿو ويندي ڪمانڊر اسرار بہ، جو هن حيرت مان ارجن کان پڇيو:

What Happened?

Sir you can not slap me. ارجن ڏاڍو گنڀيرتا سان چيو (جيتوڻيڪ پوءِ پاڻ بہ کلي ڏنو هئائين ۽ ڪمانڊر اسرار بہ ٽهڪ ڏنا هئا پر ان وقت هن بيحد Serious ٿي ڪمانڊر اسرار کي چيو تہ سائين توهان مون کي ٿڦڙ هرگز نٿا هڻي سگهو).

Why not. ڪمانڊر اسرار ڪجهہ ڪاوڙ ۾ ڪجهہ تعجب مان پڇيو.

Sir, because I am an appointment holder. يعني آئون هائوس جو ليڊر (J.U.O) آهيان.

So What. ڪمانڊر اسرار پڇيو.

Sir you can de_strip me first and then only slap me for second mistake.

(پهرين غلطيءَ تي توهان مون کي فقط مانيٽري تان لاهي سگهو ٿا ۽ پوءِ ٻي غلطي ڪرڻ تي ئي ٿڦڙ هڻي سگهو ٿا) اهو چئي ارجن داس پنهنجي ڪيسي مان ان سرڪيولر جي ڪاپي

ڪڏي جيڪو ڪجهه دير اڳ ڪاليج جي پرنسپال طرفان سيني J.U.O سيڪشن ليڊرن ۽ S.U.O کي ڏنو ويو هو تہ ڪنهن بہ Holder Appointment (يعني هائوس يا ڪلاس جي ليڊر) کي ڪابہ غلطي ناهي ڪرڻي بي صورت ۾ هن کي سزا کان اڳ پهرين تہ هن کي انهن جي ليڊري واري پوسٽ تان لاٿو (De_Stripe ڪيو) ويندو.

ڪمانڊر اسرار وٽ اهو سرڪيولر اجا نہ پهتو سو پڙهي ڏاڍو ڪليو. سرڪيولر تان نہ پر ارجن داس جي همت ۽ Serious ائڪٽنگ ڪرڻ تان. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ارجن داس تمام سٺو ايڪٽر پڻ هو. ڪاليج ۾ ٿيندڙ هر ڊرامي ۾ هن کي حصو ملندو هو ۽ ان کان علاوه، ڪاليج جي بئنڊ جو ليڊر ۽ شاهين ايئر اسڪائوٽ بہ هو. بهرحال ان ڏينهن ارجن جي ڪيل اها ايڪٽنگ اسان کي ڏاڍي وڻي ۽ ڪمانڊر اسرار اڄ بہ ارجن جي اها ڳالهہ ياد ڪري کلندو آهي تہ پار ٿي ڪري مون کان ڊڄڻ بدران اٿي بيهي ٿو چوي تہ سر! يو ڪين نات سلپ مي!

ڪمانڊر اسرار بعد ۾ وري ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ آيو پر ليڪچرر جي حيثيت سان نہ پر پرنسپال جي پوسٽ تي ۽ نولراءِ ۽ ارجن داس جا ٻيا ڀائر بہ پيٽارو ۾ آيا جن کي پڻ هو سڃاڻي ٿو. خاص ڪري ڪيپٽن امرچند اوڏ کي جيڪو بعد ۾ نيوي ۾ آيو هو ۽ ڪمانڊر اسرار ويجهڙائيءَ ۾ ٻڌايو تہ اوڏ ڀائرن جي والد صاحب نارائڻ داس اوڏ سان هن جي آخري ملاقات تڏهن ٿي جڏهن هو امرچند کي مئرين اڪيڊمي ۾ داخل ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هو.

ڪاليج وارن ڏينهن ۾ 1960ع يا شايد 1961ع واري سال ۾ مغل اعظم فلم جو هي گانو بناڪا گيت مالا يا ٻين ريڊيو اسٽيشنن تان تمام گهڻو ايندو هو:

تيري من کي گنگا،

ميري من کي جمنا کا

بول رادها بول سنگم هو گا ڪہ نهين.

ڪمانڊر اسرار ٻڌائيندو هو تہ انهن ندين گنگا ۽ جمنا جو ميلاپ الهہ آباد آهي ۽ اتي هر سال وڏو ميلو لڳي ٿو.

هندن لاءِ هي هنڌ تمام وڏي اهميت رکي ٿو جتي گنگا، جمنا ۽ اڻ نظر ايندڙ سرسواتي نديون اچيو ٿيون ملن. هتي هر ٻارهين سالين ڪنڀ ميلي نالي تمام وڏو ميلو لڳي ٿو ۽ نہ فقط هندستان مان پر دنيا جي دور دراز ملڪن کان هندو عقيدت مند اچن ٿا ۽ هتي درياهہ ۾

وهنجن ٿا. ان کان ننڍي پيماني جو اردها ڪنڀ (ڪمڀ) هر ڇهين سال لڳي ٿو ۽ ان کان علاوه هر سال بہ ميلو لڳي ٿو جيڪو ماگهہ ميلو سڏجي ٿو.

الهہ آباد شهر هڪ تمام پراڻو ۽ تاريخي شهر آهي جيڪو آرين جي ڏينهن ۾ پراياگ سڏبو هو. هندو ويدن جي ڪتابن ۾ جيڪي ڏيڍ هزار کن سال قبل مسيح پراڻا ڇپيا وڃن ٿا، ۾ پڻ پراياگ جو ذڪر آهي جتي هندو ديوتا برهما قربانيءَ جي رسم ادا ڪئي.

سن 1193ع ۾ دهليءَ جي سلطان محمد غوريءَ هن شهر تي قبضو ڪيو. هن شهر جو نالو الهہ آباد 1584ع ۾ اڪبر مغل بادشاهہ رکيو ۽ هتي هڪ وڏو قلعو بہ ٺهرايو. قسمت جي بدنصيبي جو هن شهر الهہ آباد مان شهنشاهہ اڪبر جي پٽ سليم (جيڪو پوءِ جهانگير جي نالي سان مشهور ٿيو) پنهنجي پيءُ خلاف بغاوت ڪئي ۽ سندس ٺهرايل هن قلعي ۾ پنهنجي شاهي ڪورٽ هلائي. اها 1602ع جي ڳالهہ آهي. 1605ع ۾ اڪبر جهانگير کي پنهنجو جانشين تسليم ڪيو. ان تي جهانگير جي پٽ شهزادي خسرائو بغاوت ڪئي جو جهانگير جي انقلاب آڻڻ وارن ڏينهن ۾ اڪبر بادشاهہ پنهنجي مرڻ بعد پنهنجي تخت جو واڳون جهانگير جي هن پٽ جي حوالي ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. سو هن جو ڏنو تہ سندس ڏاڏي اڪبر جو سندس پيءُ جهانگير سان صلح ٿيڻ تي ماڳهين سندس هٿن مان تخت ۽ تاج هليو ويو سو وٺي گوڙ ڪيائين. خسرائو جون هي ارڏايون ڏسي سندس پيءُ جهانگير کيس موچڙا هڻائي هٿڪڙين ۽ زنجيرن ۾ ٻڌرائي ڇڏيو. سال ٻن بعد هن کي انڌو ڪيو ويو ۽ نيٺ 1622ع ۾ کيس هن شهر الهہ اباد ۾ مارايو ويو.

الهہ آباد اهو شهر آهي جتي 1858ع جي بلوي (Sepoy Mutiny) بعد لارڊ ڪننگ انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جون واڳون برطانيہ جي حڪومت حوالي ڪيون.

ڪمڀ ميلي بابت بہ سٽون هتي لکڻ ضروري سمجهان ٿو جيڪي مون سان گڏ سفر ڪندڙ مترا جي هندو پوليس آفيسر ٻڌايون.

”هندو ڌرم جي جمني مٿ (Myths) مطابق هڪ دفعي ديوتائن ۽ شيطانن (Demons) جي ڪمڀ (دکيءَ) تي وڏي ويڙهہ هلي جنهن ۾ آب حيات هو. يعني جنهن مٽ کي پيئڻ سان هڪ فاني شيءِ لافاني ٿي پوي. وشنو ديوتا جا هن ڏکيءَ ۾ هٿ ڦبي ويا ۽ ان کي کڻي روانو ٿيو پر اڏام دوران هن مٽ جا چار ڦرا ڌرتيءَ تي هارجي ويا. الهہ آباد، هردوار، ناسڪ ۽ اجئين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

زندگي لافاني ڪرڻ جي هن مٽ تي ٻارهن ڏينهن لڙائي هلندي رهي آخر سوپ ديوتائن جي ٿي ۽ کين ئي مٽ مليو. ان جو نظارو اڪثر هندو مت جي تصويرن ۾ چٽيل نظر اچي ٿو.

مٿين چئني شهرن ۾ ٻارهن سالن ۾ هڪ دفعو وڏو ميلو لڳي ٿو جو هندو مت مطابق ديوتائن جي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن فاني انسان جي ٻارهن سالن برابر آهي هردوار شهر جنهن جو ذڪر شروع ۾ ٿي ويو آهي اتي هي وڏو ميلو (گڏجاڻي) سن 1998ع ۾ ٿيو ان بعد ٽن سالن کان پوءِ 2001ع ۾ هتي الهه آباد ۾ ٿيو هو ۽ هاڻ الهه آباد ۾ اهڙو وڏو ميلو سن 2013ع ۾ لڳندو. الهه آباد جو ڪمڀ ميلو سڀ ۾ وڏو پوتر ۽ پلارو سمجهيو وڃي ٿو. جنهن ۾ دنيا ڀر جا هندو جمنا ۽ گنگانديءَ تي اچيو سنان ڪن. هي اهو ميلو آهي جنهن ۾ اگهاڙا ساڌو ۽ دنيا کي تياڳ ڏيندڙ جوڳي به اچي نڪرندا آهن. ملائيشيا ۾ هوندو هوس ته اتان به الهه آباد جي هن ڪمڀ ميلي لاءِ هندن جا قافلن جا قافلا روانا ٿيندا هئا جن جو بندوبست گهڻو ڪري "تان سري ڪشو" گلوب سلڪ اسٽور جو مالڪ ۽ سرڳواسي وڪيومل لاکياڻي ڪندو هو.

بي بي سي جي هڪ پراڻي ۽ بيحد مشهور نمائندي مارڪ ٽليءَ هڪ ڪتاب لکيو آهي. No full Stops in India. ان ۾ هڪ سڄي چيپٽر ۾ الهه آباد جي هن ڪمڀ ميلي جو دلچسپ احوال لکيو اٿس.

اسان متڙا اسٽيشن مان ٻاهر نڪري رهيا هئاسين. متڙا اسٽيشن ائين جنڪش اسٽيشن آهي جيئن اسان جي روهڙي يا ڪوٽڙي جتان ٻن يا ٽن طرفن ڏي گاڏيون وڃن ٿيون. هتان متڙا مان به ڪي ريل گاڏيون (مثال طور انڊيا جي سڀ کان تيز رفتار ٽرين تاج ايڪسپريس) آگري ڏي وڃن ٿيون پر اسان واري پشچم ايڪسپريس اتر پرديش جي آگري يا ٻين شهرن ڏي وڃڻ بدران راجستان صوبي جو رخ ڪري ٿي جنهن جي پهرين ريلوي اسٽيشن ڀرتپور آئي. هاڻ رات جا نو ساڍا نو ٿي ويا هئا. ڊائننگ ڪار جا بيرا رکي رکي ٽماٽن جو گرم سوپ، چانهه، ڪافي يا سينڊوچون کڻي هوڪا ڏيئي رهيا هئا. ڪي ته پيپسي ۽ هتي جون مڪاني ڪولائون يا امول جي ٿڌي کير جون سائي ۽ گلابي رنگ جون بوتلون وڪڻي رهيا هئا ۽ پوءِ آهستي آهستي ٿي مانيءَ جي ٿري به اچڻ لڳا جن جو هر هڪ کان شام جو ئي آرڊر وٺي ويا هئا جو ڪن چڪن يا مڇي جهڙن ڊشن جو آرڊر ڏنو هو ته ڪن ڀاڄي ۽ دال جو. اسان جي

ملڪن (انڊيا، سريلنڪا، ملائيشيا، سنگاپور وغيره) ۾ ريل گاڏين ۾ به انگريزن جي ڏينهن کان سٺي ماني ملي ٿي پر هتي انڊيا ۾ اگهه ڪافي گهٽ نظر اچن ٿا بلڪ تمام گهٽ شايد اهوئي سبب آهي جو ٽرين ۾ هر هڪ غريب غربي گاڏيءَ جي ڊائننگ ڪار مان ماني گهرائي ۽ شايد ئي ڪو گهران کڻي آيو هجي. ۽ ٻي ڳالهه ته صفائي سترائيءَ جو ايڏو خيال هو هو جڻ ريل ۾ نه پر هوائي جهاز ۾ سفر ڪري رهيا هجون. هر هڪ جو ٽري ڍڪيل ۽ مٿان ان جو نمبر لڳل ۽ وري ٽري ۾ رکيل هر شيءِ چاهي چپاتيون هجن يا ٻوڙيا پت جو پيالو. ان جي مٿان پني چڙهيل هئي. هنڌ بسترا به سيني کي ساڳيا، لانڊي جا ڌوتل ۽ هر چادر، وهاڻو ٽوال ويندي بلاڪيٽ استري ٿيل ۽ پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ سيل ٿيل هو. ٿي سگهي ٿو پاڪستان جي گاڏين ۾ به رات جي مسافرن لاءِ اهڙو بندوبست ٿيل هجي پر جنهن شاليمار ريل گاڏيءَ ۾ اسان ڪراچيءَ کان لاهور پهتاسين ان جي ته واش روم جا در به بند نٿي ٿي سگهيا ۽ اڳتي هلي پاڻي به بند ٿي ويو. ٻه ٻه ايئر ڪنڊيشنر ناهڻ جا انجنيئر (يا مستري) گڏ هئا پر ديي ۽ ٻاهر جي گرمائش ۾ اوٽهين ويهن جو فرق هو. ڪنهن کي چئه کڻي ته خار مان ڏسي هن کتو جواب ٿي ڏنو ته اسٽيشن وارن ٽانڪين کي پاڻيءَ سان پريو ئي ڪونه اسان ڇا ڪريو. ريلوي ڊپارٽمينٽ ايئر ڪنڊيشنر جا نوان Expansion V/V ئي نٿو ڏئي اسان ڇا ڪريو. هاڻ اهو ٿيندو آهي هڪ ملازم جو جواب ان گراهڪ لاءِ جنهن سان توهان بزنس ٿا ڪريو. اسان جو ريلوي ڊپارٽمينٽ يا پوسٽل ڊپارٽمينٽ يا ڪو ٻيو ڊپارٽمنيٽ عوام سان بزنس ته ڪري رهيو آهي. سروس Provide ڪرڻ لاءِ هو پئسن تي ٽڪيٽ ٿو وڪڻي ڪا عيسائين جي خيراتي اسپتال ته نه پئي هلائي وچي ۽ جڏهن توهان بزنس پيا ڪريو ته بزنس مين ۽ ان جي ملازمن لاءِ وڏو باس گراهڪ هوندو آهي. ان کي هر صورت ۾ مطمئن ڪيو ويندو آهي يا معافي ورتي ويندي آهي ۽ نه ڇڙٻون ڏنيون وينديون آهن. اسان وٽ هر سرڪاري اداري جو ماڻهو مئنيجر کان صفائي وارو ٻنگي عوام کي ڏنڀ ۽ تڙيون ڏيڻ ٿو چاهي جڻ هن پنهنجي کيسي مان لنگر جي ديڳ چاڙهي آهي ۽ اهي ئي ڳالهيون آهن جو سان ائز اي نئشن مار کايو وڃون. ۽ اتي ئي فرق صاف ظاهر ٿئي ٿو. اسان جي دهليءَ کان ٻڙودا ويندڙ هن گاڏيءَ ۾ پر واري سيڪشن ۾ سڀ کان مٿاهين سيٽ تي ستل نولراءِ جي ننڍي پيڻ شيلا ريل جي لنگهندڙ هڪ ملازم کي بيهاري چيو: ”ياٺي هن ايئر ڪان کي ته ڏس، ڪم ئي نه پيو ڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چا؟“

دراصل آئون ٻڌي رهيو هوس ۽ سڄي زندگي جهازن جي ريفريجريشن ۽ ايئر ڪنڊيشنگ انجنيئرنگ سان واسطو هجڻ ڪري سمجهيم پئي ته ايئرڪنڊيشن جي ٿڌاڻ صحيح آهي پر تازو ڪجهه منٽ اڳ اسٽيشن تي ٽرين جي بيهڻ ۽ دروازن جي کل بند ٿيڻ ڪري ڊٻي جي ڪولنگ ڪجهه گهٽ ٿي وئي آهي. ريل جو ملازم ”جي مئڊم“ ڪري ويو. هن ضرور ٿرمو اسٽيٽ کي ٿورو سيٽ ڪيو هوندو جيئن ڪولنگ وڌي پر وڌندي وڌندي به ڪجهه وقت ٿو لڳي ۽ ان دوران هن کي وري ڪتي تي ڪٽي ۽ اچيو ٿو اسان جي ڊٻي مان لنگهي. شيلا وري ڪاوڙ مان چيس ته ڀائي هي ڊٻو ٿڌو ٿئي ئي ڪونه ٿو. مون کي جيتوڻيڪ دل ۾ آيو ته شيلا کي چوان ته ڪولنگ صحيح آهي ۽ آهستي آهستي وڌيڪ ٿڌو ٿي رهيو آهي، پر چپ ٿي رهيس. هو مستري به بنا ڪنهن رد ڏيڻ جي ”جي مئڊم، جي مئڊم“ چئي پنيان پير ڪيا. Thermostat سان گڏ A.C جا فلٽر وغيره به وڃي صاف ڪيا هوندائين جو پوءِ ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ سڄو ڊٻو تمام گهڻو ٿڌو ٿي ويو. ٻيا ته ٺهيو پر شيلا به ٿڌ ڪري هاڻ بلاڪيٽ اندر گهڙي ٿي وئي هئي ۽ هاڻ ڪا اسٽيشن به ويجهڙائيءَ ۾ اهڙي نه هئي جنهن تي اسان جي ريل بيهي ۽ در کلن ته ٿڌڪار گهٽجي. ويتر ريل هاڻ راجستان جي واريءَ واريء‌اسين پٽن ۾ هلي رهي جتي ڏينهن جو ريتي تپي گرمي ٿي پيدا ڪري ۽ اتي رات جو وڌيڪ ٿڌ ٿي ڪري يعني ٻاهر جو ٽيمپريچر ڪرڻ ڪري اندر ريل جي ڊٻي ۾ اجا به وڌيڪ ٿڌ ٿي پئي هئي رات جا ٻارهن ٿي چڪا هئا مون پڙهي پڙهي هاڻ سمهڻ تي چاهيو پر سوچيم ته ڀهرين ان ايئرڪنڊيشن واري مستري کي ڳولهي چوانس ته ٿڌڪار گهٽ ڪر نه ته قلفي ٿي وينداسين. کيس ڳولڻ ۾ مون کي دير نه لڳي. اسان واري بوگي جي آخر ۾ ٻاٿ روم وٽ اسٽول تي ويٺو هو. اتفاق سان ان ئي وقت هڪ ٻيو مسافر به هن سان گهٽي ٿڌ جي شڪايت ڪري رهيو هو.

”جي هان وه تو مين ڀي سمجهه رها هون“ هو چئي رهيو هو ”پر ڇا ڪريان هونءَ جيڪا 31 نمبر واري سيٽ تي جاپاني مهانڊي واري عورت آهي اها دڙڪا ٿي ڏئي.“ يعني هو شيلا لاءِ چئي رهيو هو. اهو ٻڌي مون کي کل آئي ۽ چيومانس ته پلي ٿڌڪار گهٽاءِ هو پاڻ پئي چوي. دل ۾ سوچيم ته هن مڪينڪ جي سٺي Observation آهي. واقعي نولراءِ وارن ۾ کي ارجن داس، نول پاڻ، ڊاڪٽر لڇمڻ جهڙا جاپاني يا ٿائي اسٽائيل جي گول چهرن وارا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهن تہ ڪي ڀاءُ ڀيڻ رامچند، ميرا وغيره جهڙا ڏکڻي ڇهري وارا ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن جهڙا آهن.

پنهنجي بنو ڪري آئون بہ اڇي سمهي رهيس. منهنجي مٿان واري بئنچ تي پوليس جو رٽائرڊ آفيسر ۽ ان جي مٿان علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر ڊاڪٽر سعيد عالم هو. سڀ گهري ننڊ ۾ هئا. سامهون واري هيٺين سيٽ تي پنن اڳهاڙو ننڍڙي پوتڙي ۾ هڪ ساڌو فقير دريءَ ڏي منهن ڪري شام کان پٽل ماريو ويٺو هو تہ هينئر رات جا ٻارهن ٿيڻ وارا هئا، هو نہ ليٽيو ٿي نہ ڪنهن سان ڳالهايو ٿي ۽ نهن ڪجهہ کاڌائين ٿي. هڪ ڏکڻي مالها جا ئي ڪڻ ڇوريندو رهيو ۽ ڪجهہ پڙهندو رهيو. ان جي مٿين سيٽ تي هتي جي هڪ آئل ڪمپنيءَ جو انجنيئر هو ۽ ان جي مٿين سيٽ تي جينز ۽ ٽي شرٽ ۾ پنجابي ڇوڪري هئي جنهن کي بڙودا کان بہ اڳيان عربي سمنڊ جي بندرگاهہ واري شهر "سورت" ۾ B.Sc جا فائنل پرچا ڏيڻا هئا. هن ٻڌايو هوءَ پاڻ پنجاب جي آهي پر سندس پيءُ جي سورت ۾ نوڪري هجڻ ڪري پاڻ سورت ۾ پڙهي. هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ هن جي پيءُ جي بدلي مترا ٿي وئي آهي سو امتحان لاءِ هوءَ سورت وڃي رهي آهي. ڪيس ماءُ پيءُ مترا اسٽيشن تي چڙهڻ آيا هئا.

بڙودا کان جيترو اتر ۾ ڏيڍ سؤ ڪلوميٽر پر گانڌي نگر آهي اوتري ئي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ سورت آهي. سورت جو بندرگاهہ ڪنهن زمان ۾ ملاڪا بندرگاهہ وانگر بلي بلي هو پر هاڻ اڄ جا وڏا جهاز سورت ۾ ملاڪا جهڙن ننڍن بندرگاهن بدران بمبئي ۽ سنگاپور وڃن ٿا. سورت تاپتي نديءَ جي ڇوڙ وٽ عربي سمنڊ جو بندرگاهہ آهي جيئن ڪٽي چٽجي تہ پورٽ قاسم سنڌو نديءَ جي ڇور وٽ عربي سمنڊ جو بندرگاهہ آهي. ٻارهين صديءَ ۾ ايران جي شهر ڪان لڏي آيل زور وسٽر (باهہ جا پوڄاري) انڊيا جي هن شهر سورت ۾ اچي رهيا هئا ۽ انهن جو اولاد ۽ انهن جو اولاد آهستي آهستي فارسي بدران هن صوبي جي زبان گجراتي سکندو ۽ ان کي اپنائيندو ويو. اڄ اهي آتش پرست جيڪي حرف عام ۾ "پارسي" سڏجن ٿا گجراتي ڳالهائين ٿا. سورت کان پوءِ آهستي آهستي بمبئي، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ڏي بہ ٽڙي پکڙي ويا ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ پارسي جن NED ۽ ماما پارسي اسڪول جهڙا تعليمي ادارا کوليا سنڌي پڻ ڳالهائيندا هئا. اڄ بہ هنن جو مشهور جهازن جو مالڪ ۽ ڪالم نويس ڪواسجي گجراتيءَ سان گڏ سنڌي بہ ڳالهائي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

1573ع ۾ سورت جي شهر تي مغل شهنشاهه اڪبر جو قبضو ٿيو ۽ هن سورت کي واپار وڌڻ جو بندرگاهه بنايو. تن ڏينهن ۾ مڪي ۽ مديني ويندڙ هندستان جا حاجي هن بندرگاهه سورت کان روانا ٿيندا هئا ۽ هوڏانهن ڳاڙهي سمنڊ جي بندرگاهه جدي ۾ لهڻ بدران يمبو ۾ لهندا هئا جيڪو مديني جي بلڪل ويجهو آهي. ڏسندي ئي ڏسدي سورت هڪ امير شهر ٿي ويو. 1612ع ۾ انگريزن مغل حاڪمن جي اجازت سان واپار جي ڪوٺي کولي ۽ ان بعد 1616ع ۾ ڊچن (هالينڊ جي رهاڪن) ۽ پوءِ 1664ع ۾ فرينچن هن شهر ۽ بندرگاهه ۾ پنهنجيون واپاري بينڪون کوليون. اناج جي منڊين کان علاوه هي شهر هيرن (Diamonds) کان به مشهور آهي. اڄ کان ڏهه ٻارهن سال اڳ هن شهر ۾ ڪوئن جي پليگ (Pneumonic) بيماري پکڙجڻ ڪري دنيا جي خبرن ۾ نمايان رهيو. فيڪٽرين ۽ گاڏين جي گوڙ شور، دونهين، مٽي ڇيڻ ۽ فيڪٽرين مان نڪرندڙ زهريلي ڪيمڪيل ڪري هن شهر جي آلودگي (Pollution) کان هر هڪ واقف آهي گهٽ ته احمد آباد به نه آهي، پر بقول B.Sc جو امتحان ڏيندڙ مٽين پنجابي ڇوڪريءَ جي:

If Ahmedabad is bad in noise and pollution then Surat is horrific.

گاڏي راجستان صوبي جون منزلون ماري رهي هئي. راجستان هونءَ ڪٽي رڻ پٽ ۽ وارياسو صوبو آهي پر جيپور، جوڌ پور، پلورا، اجمير، بيڪانير، جيسلمير جهڙن تاريخي شهرن کان مشهور آهي. اسان جي سنڌ جا اوڀر وارا سڀ ضلعا راجستان سان مليا پيا آهن. گهوٽڪي، سکر ۽ خيرپور ضلعا راجستان جي جيسلمير سان ۽ سانگهڙ، عمر ڪوٽ وري بارمر سان اڄ کان هڪ سؤ سال کن اڳ جڏهن شناختي ڪارڊن ۽ پاسپورٽن جا چڪر نه هئا ته سنڌ جا ماڻهو هوڏانهن بلوچستان ۽ ايران ڏي ته هيڏانهن انڊيا جي راجستان ۽ گجرات صوبن ڏي پئي آيا ويا. تڏهن ته شاهه لطيف به پنهنجن شعرن ۾ هن پاسي جو ذڪر ڪيو آهي. شاهه جي مشهور شعر ”سائين! سدائين“ واري ۾ شروع جون سٽون آهن ته:

”ڪي دهليءَ ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهن ڀڄ ڀڄائيو ڪنهن ڍٽ مٿي ڍار،
ڪنهن اڃي امر ڪوٽ تان، وسايا ولهار،

سانئينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست! منا دلدرا! عالم سڀ آباد ڪرين.“

آئون پنهنجي بستر (سيٽ) جي مٿين ٻتي وسائي سمهي رهيس. تقريباً سڀ ننڊ ۾ هئا سواءِ ڪنهن هڪ ٻن جي. جيڪي واش روم ڏي اچي وڃي رهيا هئا يا شايد ڪنهن ايندڙ اسٽيشن تي هو لهڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. فقط پوتڙي ۾ ويڙهيل ساڌو انهيءَ پوزيشن ۾ ويٺو رهيو جنهن ۾ اسان کي هن ايندي وقت ڏٺو هو. ٿي سگهي ٿو ويٺي ويٺي ننڊ ڪري رهيو هجي يا جاڳي رهيو هجي. سندس پٺ اسان ڏي هئي، مون کي ڪنهن وقت اک لڳي وئي، جڏهن ننڊ مان اٿيس ته اڇو صبح ٿي ويو هو. رٽائرڊ پوليس آفيسر انڊيا جو هفتيوار رسالو The Week پڙهي رهيو هو. دٻي ۾ موجود باقي مسافرن مان ڪي اڃا ستا پيا هئا ته ڪي اٿڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. ڊائننگ ڪار جا بيرا ”گرم چانهه، گرم چانهه“ جا هوڪا ڏيئي رهيا هئا ۽ ساڳي وقت نيرن جا آرڊر پڻ وٺي رهيا هئا.

”ڪٿي پهتا آهيون؟“ مون پوليس آفيسر کان پڇيو.

”بس هاڻ گجرات صوبي ۾ گهڙي چڪا آهيون، ٿوري دير اڳ داهود ريلوي اسٽيشن ڇڏي اٿئون جيڪا هن ريلوي لائين تي گجرات جي پهرين اسٽيشن آهي.“

پوليس آفيسر ٻڌايو.

”۽ هاڻ ڪهڙي ريلوي اسٽيشن ايندي؟“ مون پڇيو.

”هاڻ يڪو ڪلاڪ ڏيڍ بعد گوڌرا (Godhra) تي هلي بيهندي.“

مون دريءَ مان ٻاهر ڏٺو. سرسبز ٻنيون ۽ ڳوٺن جا گهر ۽ مندرن مسجدن جا منارا نظر اچي رهيا هئا. ڪيڏي هڪجهڙائي آهي هن پاسي ۾ ۽ ملاڪا ۾. گهرن ۽ مندرن جو اهوئي اسٽائيل لڳي رهيو آهي جيڪو ملاڪا شهر مان وهندڙ ملاڪا نديءَ جي ڪناري وارن گهرن جو آهي. ملئي ماڻهن جي ديس ملايا (ملائيشيا) ۾ هي هن تر گجرات جي رهاڪن جا گهر آهن جيڪي ٻه ٽي صديون اڳ هتان گجرات کان لڏي ملاڪا وڃي رهيا هئا جن مڪاني راجائن کي خبردار ڪيو هو ته يورپ کان ايندڙ پورچو گالي جهازين کان بچي رهجو نه ته اهو حشر ٿيندائو جيڪو انڊيا سان انگريزن ڪيو. گجراتين جون اهي نصيحتون ۽ چتاءَ ٻڌي ملئي حاڪم خبردار ٿي ويا ۽ ڪنهن حد تائين هو پورچو گالين کي ڀڄائڻ ۾ ڪامياب به ٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويا هئا پر پوءِ جڏهن هنن پورچو گال ۾ سندن انڊين ڪالوني گوا کان وڏو سپاهه وٺي اچي ملاڪا تي قبضو ڪيو ته پهرين هنن گجراتين جي محلن کي باهيون ڏنيون. هاڻ جيڪي ملاڪا ۾ گجراتين جا گهر آهن اهي گذريل صديءَ جي شروعات جا ٺهيل آهن. بهرحال گجراتين جي ملاڪا وارن انهن گهرن جو آرڪٽيڪيٽ بلڪل هن پاسي جو آهي. ملاڪا ۾ انهن جا گهر ته ڇا پر ٺنگري جهڙيون جهونيون مسجدون به گجرات جي مندرن سان گهڻو ملن ٿيون.

آئون ريل گاڏي جي ڊائننگ ڪار وارن کي ڦڪي چانهه سان نيرڻ آڻڻ جو آرڊر ڏيئي ڪجهه ٽنگ ڊگهي ڪرڻ لاءِ ته ڪجهه پنهنجي ۽ پير واري ڊبي (بوگي) ۾ ويٺلن جو جائزو وٺڻ لاءِ اٿيس. پير واري سيڪشن جي اٺن بئچن، يعني اٺن مسافرن ۾ شيلا ۽ سندس ڌيءَ کان علاوه نولراءِ جي پڦي بختاور جي ڌيءَ وينجهار ۽ ان جي ڌيءَ ڪرن ۽ ٻيا هئا. نولراءِ وارن کي ٽي پڦيون هوين يعني ڊپٽي ڪمشنر نارائڻ داس اوڏ کي ٽي ڀيڻون بختاور، سدوري ۽ سگران هيون. بختاور جي هن ڌي وينجهار جي شادي امر لعل اوڏ سان ٿي ۽ ان جي بدلي ۾ امر لعل جي ڀيڻ مارئيءَ جي شادي نارائڻ داس جي ٻي نمبر پٽ حشمت راءِ سان ٿي. وينجهار ۽ سندس ڌيءَ ڪرن جيڪا اڄڪلهه سنڌ يونيورسٽي مان باٽني ۾ M.Sc ڪري رهي آهي. سان گڏ سندس پڦي مارئي به هئي هي پوڙهيءَ مان ڪجهه ڪيڏي ڪائي رهيا هئا. منهنجي اتان گذرڻ تي اها منهنجي اڳيان ڪيائون ته آئون به ڪٺان. هٿ جي ترِيءَ کان ڪجهه ٺيا گول بسڪيٽ هئا.

”ڇا آهي؟“ مون پڇيو.

”موڪلائڻ وقت دهليءَ جي ريلوي اسٽيشن تي شيلا جي مڙس ڀولڻ جا مائٽ ڏئي ويا. ڪوڪيون آهن.“

شيلا جو مڙس ڀولڻ اوڏ ڪنڊياري جي لاڪو مل اوڏ جو پٽ آهي. هي سڄي زندگي ڪنڊياري ۾ رهيا ۽ ٻارن کي به اتي ئي پڙهايائون. وڏو پٽ ڪشور انجنيئر آهي، ٻيو پٽ شام ڪمار ايم ڪام آهي ۽ پوءِ ٻن ڌيئرن مان وڏي ريکا ڪماري MBA ۽ ننڍي برکا انٽر پئي ڪري جيڪا هن وقت پنهنجي ماءُ سان پنهنجن مامن جي پٽن جي شاديءَ لاءِ انڊيا آئي آهي ۽ هاڻ اسان سان گڏ ٻڙودا هلي رهي آهي. شيلان وارا هينئر مهينو به ٽيندا ته ڪنڊيارو ڇڏي

حيدرآباد ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي اٿن. آئون پهرين به لکي چڪو آهيان ته اوڏن جي شادي بدي ۾ ٿئي ٿي سو شري نارائڻ داس اوڏ پنهنجي هيءَ سڀ کان ننڍي ڌيءَ شيلان ڪنڊياري جي لاکو مل اوڏ جي پٽ کي سنگ ۾ ڏيئي ڪانئس سندس ڌيءَ گلان پنهنجي انجنيئر پٽ مير چند لاءِ ورتي. مير چند نارائڻ داس اوڏ جي ننڍي زال نانڪيءَ مان سرڳواسي ڪرشن ۽ نولراءِ بعد ٽيون ٻار آهي.

مون اها بسڪيٽ جهڙي ڳالهڙي ۽ سوڪ ماني کائي ڏٺي جيڪا خستہ، مٺي ۽ لذيذ هئي.

”واه جي آهي. هي ته توهان جي ماءُ نانڪي يا شايد رامچند وارن جي ماءُ سوناري ٺاهيندي هئي. نول وارا موڪلن بعد هميشہ ڪاليج کڻي ايندا هئا، خاص ڪري هوليءَ بعد. هڪ دفعو پيٽارو ڪاليج طرفان اسڪائوٽنگ ڪئمپ لاءِ ڪوئٽيا ويا هئاسين ته ارجن داس ڏبو پري کڻي هليو هو ۽ ان تنبوءَ ۾ رهندڙ سڀني کي کارائيندو هو.

مون به ٻيون مانيون کنيون. هڪ پنهنجي لاءِ هڪ پير واري سيڪشن ۾ ويٺل پروفيسر بسنت لاءِ. آئون بنست وارن سان ٿوري دير ويهي خبرون ڪرڻ لڳس ته اتي بيري اچي سڏيو ته هو منهنجي نيرن ۽ گرم گرم چانهه منهنجي سيٽ تي رکي آيو آهي. بسنت مون کي اچا ويهڻ لاءِ چيو.

”بسنت هاڻ بڙودا ۾ ٿي ڪچهري ڪنداسين. اسان مستري ماڻهن ۽ اديبن لاءِ چانهه کان وڏيڪ ڪو ٻيو دوست يا مائٽ آهي ئي ڪونہ.“ ۽ آئون سڌو اچي چانهه تي ويٺس. نيرن ۾ آيل ڊبل روٽي ۽ بيضو به پوءِ کاڌم. هونءَ به ٻه هٿ جيڏيون ڪوڪيون (مٺيون مانيون) کائي ويٺو هوس.

”آپ گجرات سي تو رجاستان گهومتي.“ آئل ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ اميت کانڌيلوال مون ليکڪ هجڻ جي ڪري صلاح ڏني. هن صحيح ڳالهه ڪئي جنهن سان آئون سهمت هوس پر ڪيس ٻڌايم ته گجرات اسان سنڌي ماڻهن لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو جو اسان جي سنڌ ۽ گجرات جڻ هڪ ٻئي جا حصا آهن. زبان ۽ ڪلچر، ريتون ۽ رسمون ڪافي ملن ٿيون. وڏي ڳالهه ته اسان جي شاعر شاهہ لطيف هن صوبي جي راجائن، راڻين ۽ ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي اسان سان انهن جو ايڏو تعارف ڪرايو آهي جو توهان جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽوئرسٽ ڊپارٽمينٽ به نه ڪرايو هجي ۽ ٻي ڳالهه ته اسان هندستان جا ٻيا صوبا ڇڏي هتي گجرات ۾ پنهنجي دوست نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش پرٽائڻ لاءِ آيا آهيون.

آئون هن آئل ڪمنيءَ جي نوجوان آفيسر کي شاهه لطيف بابت ٻڌائي پوءِ سوچڻ لڳس ته واقعي صحيح چيم يا في الحال ٺلهي لئه رکي ويس. پر پوءِ يڪدم ڌيان ۾ آيو ته واقعي خوبصورت ڪؤنرو هن گجرات جي ته هئي. سندس پيءُ رانو ڪنگهار ڪڇ ڏيهه ۾ لکپت جو ئي ته ڇٽ ڌڻي هو.

ڇنيسر سين ڇاڳ، متان ڪا منڌ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو ته هي نه ماٽي ماڳ،
ڏمريو ڏهاڳ، سگهو ڏئي سهاڳڻين.

۽ هي ٻيجل ۽ انيرا وغيره پڻ هن گجرات جا ئي ته هئا ۽ هن صوبي جي شهر جهونا ڳڙهه جو راءِ ڏياچ راجا هو.

جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾ ڪو عطائي آيو،
تنهن ڪامل ڪِدي ڪينرو، ويهي وڄايو،
شهر سڄو ئي سر سين، تَندنِ تپايو،
دايون، دَرِ مانديون ٿيون، ٻاين ٻاڏايو،
چارڻ تي چايو ته ماري آهي مڱڻو.

اڄ به هي سياسي باربر نه هجن ته اسان سنڌين لاءِ ته راجستان وانگر ئي گجرات ويجهو آهي، لاهور ۽ ڪوئيٽيا به پالنپور ۽ گرنار کان پري ٿيا.

گل ڇنو گرنار جو پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اپيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناد ڪرين، "راجا رات رَمگيو"

گجرات جي حوالي سان شاهه جي شعرن جي وڌيڪ خبر مرحوم عبدالرحمان نقاش ئي ٻڌائي سگهيو ٿي يا هن وقت سوجهرو رسالي جي چيف ايڊيٽر صاحبا ج.ع. منگهاڻي.

هونءَ ته انڊيا جو هر صوبو ڏسڻ وٽان آهي ۽ هر صوبي ۾ ڪيترين ئي تاريخي شيون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهن ۽ انڊيا جي حڪومت بہ غير ملڪين جو ڏيان ڇڪڻ لاءِ هر صوبي ۾ رهائش، سواري، ڪاڏي پيتي توڙي Law & Order جو تمام سٺو بندوبست ڪيو آهي ۽ هندستان جي جنهن تنهن وڏي شهر توڙي ڳوٺن ۾ يورپي، آمريڪن توڙي عرب ۽ ايشيائي گهمندا ڦرندا نظر اچن ٿا. پر ٻين صوبن جي مقابلي ۾ گجرات صوبي ۾ ڌاريان ٽوئرسٽ گهٽ اچن ٿا ۽ اهائي ڳالهہ اسان سان هن ٽرين ۾ سفر ڪندڙ آئل ڪمپنيءَ جي آفيسر مسٽر اميت ڪئي. بهرحال هن صوبي (گجرات) جي پنهنجي خاص اهميت آهي ۽ انڊيا جو مهاراشٽرا بعد، سڀ کان گهڻو Industralized صوبو آهي. گانڌي نگر هن صوبي جي گاديءَ جو هنڌ آهي جيڪو اسلام آباد وانگر نئون ۽ پلاننگ تي ٺهيل هڪ ماڊرن شهر آهي. هن صوبي جو مشهور ترين شهر احمد آباد جيڪو هن کان اڳ گاديءَ وارو شهر هو، گانڌي نگر جي پر ۾ ئي آهي ۽ اڄ بہ ان جي اهميت هڪ ڪمرشل سينٽر جي آهي جيئن ڪراچيءَ جي آهي. گجرات انڊيا کي بہ وڏا ليڊر ڏنا جن هندستان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي،. مهاتما گانڌي ۽ ولڀ ڀائي پٽيل. هونءَ جيتوڻيڪ ڄم جي جاءِ تي Dispute آهي پر اها حقيقت آهي تہ باباءِ پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي مادري زبان بہ گجراتي هئي. گجراتين جي آرٽ ۽ سائنس جي دنيا ۾ بہ وڏي Contribution آهي ۽ انڊيا کي وڪرم سارا ڀائي جهڙا Space پروگرام جا سائنسدان ڏنا. جيتوڻيڪ توهان کي گهڻي ڀاڱي گجراتي بزنس ۾ ملندا ۽ هنن جي نس نس ۾ Entrepreneurial اسپرٽ آهي.

راجپوتن جي هڪ شاخ سولنڪي گجرات تي 960ع کان وٺي 1243ع تائين حڪومت ڪندي رهي. سامونڊي واپار وڌڻ جي خيال کان گجرات انڊيا جو اهم مرڪز سمجهيو ويو ٿي ۽ ان وقت جو گاديءَ جو هنڌ انهيلوار (Anhilwara) جيڪو پٽان بہ سڏجي ٿو انڊيا جي وڏن شهر مان هڪ هو. 1243ع کان 1292ع گجرات تي مختلف سردار ۽ گهراڻا حڪومت ڪندا رهيا تان جو 1297ع ڌاري دهليءَ جي سلطان علاؤالدين انهليوارا جي تباهي اچي ڪئي ۽ گجرات کي پنهنجي دهلي سلطنت سان ملائي ڇڏيو. ان بعد چوڏهين صديءَ جو آخر ڌاري جڏهن تيمور دهلي تي حملا ڪري سلطانن جي حڪومت کي ڪمزور ڪري رکيو تہ گجرات جي مسلمان گورنر ظفر خان مظفر گجرات مٿان پنهنجي حڪومت جو اعلان ڪيون ۽ سندس پٽ سلطان احمد شاهہ (جنهن 1411ع کان 1442ع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تائين حڪومت ڪئي) گجرات جي گاديءَ وارو هنڌ پنهنجي نالي سان احمد آباد مقرر ڪيو. سلطانن جي گجرات تي 1576ع تائين حڪومت جاري رهي پوءِ مغل شنهشاهه اڪبر گجرات فتح ڪري پنهنجي سلطنت سان ملائي ڇڏيو. گجرات 8 هين صديءَ تائين مغلن جي حڪومت جو ئي صوبو رهيو ان بعد اها مرهٽن جي حوالي ٿي وئي.

يورپين ۾ پورچو گالي پهريان هئا جيڪي گجرات ۾ آيا ۽ گجرات صوبي جي سامونڊي ڪناري تي مختلف بينڪون (Enclaves) ٺاهيون جن ۾ دامان، ديو (Diu)، دادرا ۽ ننگر حويلي پڻ آهي. ان بعد ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن (جيڪي انگريز هئا ۽ انگلينڊ کان آيا هئا) 1641ع ۾ گجرات جي شهر سورت ۾ فيڪٽري قائم ڪئي جيڪو هنن (انگريزن) جو انڊيا ۾ پهريون Base هو ۽ انهن ڏينهن ۾ سورت اڄ جو سنگاپور ۽ دبئي ٿيندو پئي ويو پر پوءِ 1668ع ۾ انگريزن جيئن ئي پورچو گالين کان ممبئي (بمبئي) حاصل ئي ته پوءِ سورت ۽ اوسي پاسي جي ٻين شهرن جو شان شوڪت ممبئي کي ئي نصيب ٿيندو رهيو ۽ اڄ گجرات، مهاراشترا، تامل ناڊو پاسي ۾ سڀ وڏو صوبو آهي.

گجرات تي انگريزن جي حڪومت دوران ڪيترن ئي مڪاني حاڪمن انگريزن سان ظاهر ظهور لڪ ڇپ ۾ معاهدا ڪري پنهنجيون ننڍيون ننڍيون سلطنتون قائم رکيون جن جي بدلي ۾ هو انگريزن کي مقرر ڪيل مال پاڻ پهچائيندا رهيا. انهن تي حاڪمن ۾ ٻڙودا (جيڪو ودودارا Vadodara به سڏجي ٿو) جو مرهٽو حاڪم گئيڪواڊ (Gaekwads) هو. سڄي گجرات کي بعد ۾ سياسي طرح بمبئي پريزنڊنسي سان ملايو ويو ته به ٻڙودا رياست کي الڳ رکيو ويو. جنهن جو انڊيا جي گورنر جنرل سان Direct واسطو رهيو ٿي. 1818ع کان 1947ع تائين انگريزن جي دور ۾ گجرات صوبي ۾ جهونا ڳڙهه، ڪانياواڙ جهڙيون ڪئين ڊزن ننڍيون وڏيون نوابي رياستون (Princely States) هيون جن کي انگريزن آزادي ڏئي ڇڏي هئي ته انهن جا حاڪم پيا موج مزا ڪن ۽ انگريزن کي به گهر ويٺي عيش ڪرائين ۽ سلامي پرين. انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ بعد انڊيا حڪومت سگهو ئي انهن شهزادن کي Line حاضر ڪري ڇڏيو جيڪي اڄ ڏينهن تائين انگريزن کي ياد ڪندا رهن ٿا. انگريز به هڪ طرف هنن رياستي نوابن کي شراب، ڪباب ۽ شباب جي کلي آزادي ڏيئي ڇڏي ته ٻئي طرف پنهنجا چاڙتا ۽ جاسوس رکي هنن جي ٺڙڪو عيش عشرتن ۽ Fantasies جون

ڳالهيون نوٽ ڪري، ثبوت سوگها ڪري ڪين دل وٽان بليڪ ميل ڪيو ۽ ڦريو لٽيو ۽ اڄ تائين انهن شهزادن ۽ حاڪمن جي ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپبا رهن ٿا. افسوس اهو آهي ته اڄ به اسان جي ملڪن ۾ ان قسم جون اٽڪلون هلنديون رهن ٿيون ۽ اسان جا ڪيترا نمائندا، وزير ظاهري طرح ته قوم جي خدمت ڪرڻ جون هاميون ڀريندا رهن ٿا پر پنهنجين عياشين ۽ ڪڌن ڪرتوتن ڪري پاڻ کان مٿين حاڪمن وٽ وڪاميا پيا آهن. هنن جي ڳچيءَ ۾ رسو اهڙو سوگهو آهي جو مجال آهي پنهنجي حاڪم جي نافرماني ڪري ڏيکارين. اڳ زماني ۾ ته رڳو اکين ڏٺا شاهد هئا هاڻ ته آواز به ٽيپ آهن ته ڪڌا ڪرتوت به فلمايل آهن.

گاڏيءَ جي رفتار گهٽجڻ لڳي آهي معنيٰ هاڻ ڪنهن اسٽيشن اچڻ جا آثار آهن. اسان به اچي چڙهيا آهيون ڇاڪاڻ ته منزل واري شهر بڙودا ۾ پهتاسين ڪو ڪنواريتن کي اطلاع ڪري ته گهوٽ صاحب پهچڻ وارو آهي. هيءَ به اها ڳالهه ٿي ته ”ڪنول پاڙون پاتال ۾ پونئر پري آڪاش“ ڪٿي ڪنڊياري ڳوٺ جي رئيس نارائڻ داس جو پوٽو مڪيش ۽ ڪٿي گجرات صوبي جي شهر بڙودا جي ڪنوار شرمي. ٻه ٽي سال اڳ ته ٻنهي جي مائٽن کي خواب خيال ۾ به نه هوندو ته سندن ٻار لنڊن جي هڪ ڪاليج ۾ وڃي پڙهندا جتي هنن جو پيار ٿيندو ۽ اتي ئي شادي رچائڻ بدران مڱڻو ڪراچيءَ ۾ ۽ شادي بڙودا ۾ ڪندا جتي ڊپٽي ڪمشنر شري نارائڻ داس جي اولاد پٽن، ڌيئرن، پوٽاڻ ڏهٽاڻ جي سڀ کان وڏي گڏجاڻي ٿيندي. اڄ ڏينهن تائين هنن اوڏن جي شادين ۾ هڪ ئي وقت ايترا ڀاءُ ڀيڻون نه مليا هوندا. هي به ڇا ڪن ڪو ڪنهن شهر ۾ ته ڪو ڪنهن ملڪ ۾. ڪنهن جي اهڙي نوڪري جو سولائيءَ سان موڪل ڪريو وڃي ڪنهن کي وري ايڪس پاڪستان Leave لاءِ Ppply ڪرڻو پوي. ڪو ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ته ڪو ڪنهن اسپتال ۾ ڊاڪٽر يا سرجن. ڪو پاڻيءَ جي جهاز جو ڪئپٽن ته ڪو هوائي جهاز جو پائليٽ بهرحال هن شاديءَ ۾ به سڀ گڏ نه ٿي سگهيا پر تڏهن به ڪافي اوڏ ڀائر ڀيڻون ۽ انهن جو اولاد اچي گڏ ٿيو آهي، ۽ انهن مڙني ۾ فقط آئون ئي هڪ Non_Oad پيو هلان. هلڻ لاءِ ته ڪئپٽن بشير وسطڙو فيڊرل سيڪريٽري ممتاز شيخ، سکر جو عاشق حسين شاهه، اقبال جماڻي، شريف بلوچ ۽ ٻيا ڪيترا پيٽارو جا دوست ۽ نولراءِ جاسي ايس پي ڪيلگ تيار ٿيا پر پوءِ آخر تائين ڪم ڪارين ڪري يا موڪلون نه ملڻ ڪري هڪ هڪ ٿي گروپ مان نڪرندو ويو. رهجي ويس آئون، پر ڇڱو جو منهنجو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

داٽو پاٽي لکيل هو. انڊيا ڏسڻ جو مون کي بہ وڏو تجسس هو. گڏ رهڻ ڪري نئين ٿهي جي اوڏن جا نالا پڻ ياد ٿي ويا آهن لڳي ٿو تہ مهينو بہ وڌيڪ سفر ٿئي ها تہ اوڏڪي زبان جو بہ ذرو پرزو سمجهہ ۾ اچي وڃي ها جيڪا ڏکي آهي يا سولي پر ميوزيڪل ضرور آهي. منجهس تامل ۽ پشتو وارو گوڙ گڙڪو رعد رڙڪو ناهي.

”سائين چانهہ لاءِ هيٺ نہ لهبو؟“ منهنجي اڳيان لنگهندي دودي ۽ راٽي چيو:

”ڪهڙي اسٽيشن آهي؟“ مون پڇيو.

”اها خبر ئي ڪانهي.“ دودي وراٽيو. گاڏي ان ئي وقت اسٽاپ ۾ آئي ۽ اسٽيشن جو نالي وارو هڪڙو بورڊ مون واري دريءَ جا ٻاهران بہ هو. مون نالو پڙهيو انگريزيءَ ۾ Godhra لکيل هو. ٻي زبان ضرور گجراتي ۽ ٿي هندي ئي هوندي. اسٽيشن تي فوٽو ڪيرائي چانهہ پي اچي وينس تہ پوليس جي رٽائرڊ آفيسر چيو تہ اها يادگار تصوير رهندي.

”ڪيئن؟“ مون پڇيو.

”چو تہ هيءَ اها بدنام جاءِ گوڌرا اسٽيشن آهي جتان تي سال اڳ 2002ع ۾ هندو مسلم فساد Originate ٿيا هئا ۽ هڪ طرف هزارين جانيون تباهہ ٿي ويون تہ ٻئي طرف دنيا ۾ انڊيا جي حڪومت جي سخت بدنامي ٿي هئي تہ اهو ملڪ جيڪو جمهوريت ۽ هر مذهب سان سهپ جو Claim ٿو ڪري ان ۾ هن قسم جا جهڳڙا مذهب جي نالي ۾ ٿي رهيا آهن.“

”هاڻ مون کي ياد آيو ڪيترن ڏينهن تائين انهن هنگامن جون خبرون ٽي وي ۽ اخبارن ۾ اينديون رهيون. حقيقت ۾ ڇا ٿيو هو؟“ مون هن رٽائرڊ پوليس آفيسر کان پڇيو.

”ظاهري طرح تہ هيئن ٿيو هو جو جيئن سبرمتي ايڪسپريس ٽرين هتي گوڌرا ۾ پهتي تہ ان تي حملو ڪيو ويو.“ هن رٽائرڊ پوليس آفيسر جيڪو هندو هو ٻڌايو. ”گاڏيءَ کي باهہ ڏني وئي ۽ سٺ کن ماڻهو مري ويا جيڪي گهڻو ڪري هندو هئا. ان بعد هندن هن سڄي شهر ۾ ٻاري ڏني ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ناپر تي تہ خبر پئي تہ مسلمانن جا چار پنج هزار ماڻهو قتل ٿي ويا. ان بعد حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ناهي وئي جنهن ۾ سماج وادي جو ايم پي راج ببر (مشهور ايڪٽر( ايم پي شبان اعظمي (فلم ايڪٽرس) ۽ انڊيا جي مشهور اخبار راشٽريہ سحارا جو ايڊيٽر عزيز برني آهي. آخر ۾ خبر پئي تہ ان ۾ شروع جي چرچ اسان جي هندن جي هئي. آيوڌا کان هڪ غنڊن جو ٽولو جنهن پاڻ کي رام سيوڪ ٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سڏايو سڄي واٽ ٽرين ۾ ٽوڙي ريلوي اسٽيشن تي گوڙ گهمسان ڪندو آيو. هنن هر اسٽيشن تي ڪاڏي پيٽي جي دڪانن تان شيون وٺي پئسا ڏيڻ بدران هنن جا ٿانو ٿپا تي پڇي چڙيا. هنن مسلمانن ۾ انهن جي پاڪ جاين جي خلاف نعرا ۽ غلط لفظ تي چيا ۽ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيل مسافرن کي بہ هيسائيندا ۽ ڊيڄاريندا هليا. جن مسلمانن عورتن کي نقاب هو انهن جو اهو لهرائي ڇڏيائون. هڪ فيمليءَ احتجاج ڪيو تہ ان کي زوريءَ گاڏيءَ مان لهرائي ڇڏيائون. پوءِ هنن اهي ساڳيا ڪم هتي گوڌرا جي ريلوي اسٽيشن تي ڪيا. هڪ پير مرد مسلمان دڪان واري پئسا نہ ملڻ تي احتجاج ڪيو تہ هن کي بي درديءَ سان مارڻ لڳا. هن وٽ بيٺل سورهن سالن جي ڌيءَ کين پنهنجي پيءُ کي نہ مارڻ لاءِ ايلاز منٿون ڪيون تہ ماڳهين هن کي زوريءَ کڻي گاڏي ۾ بند ڪري ڇڏيائون. گاڏي هلڻ تائين پير مرد پنهنجي ڌيءَ کي ڇڏڻ لاءِ دٻي کي ڌڪ هڻندو رهيو پر اندران ڪنهن بہ در نہ کوليو ۽ پوءِ چون ٿا تہ ڪجهہ غيرتمند نوجوان آخري دٻي ۾ چڙهي پيا ۽ ريل گاڏي ڪلوميٽر کن اڳتي هلڻ بعد جتي مسلمانن جي وڏي بستي آهي اتي ٽرين کي بيهاري هنن سان جهيڙو ڪيائون. اوسي پاسي جا ٻيا مسلمان بہ اچي گڏ ٿيا ۽ هڪ ٻئي تي پٿراءُ ٿيندو رهيو. خبر پئي تہ هنن رام سيوڪن جو دٻو اڳهين پٿرن سان پريو پيو هو ۽ رستي تي بہ هو پٿر بازي ڪندا آيا هئا. ايتري ۾ ڪنهن هڪ پراڻي سوڙهہ کي باهہ ڏيئي ريل گاڏيءَ جي هيٺان ڇڏي ۽ پنيٽ مچي ويا جو ريل جي هڪ ٻن دٻن ۾ گاسليٽ جا دٻا ۽ ٻارڻ جي گيس جا سلينڊر هئا جن جي ڦاٽڻ تي باهہ وڪوڙي وئي ۽ ان ۾ ڪيترائي ماڻهو سڙي راک ٿي ويا. ان بعد هندو مسلمانن جو قتل عام ڪندا رهيا. BJP (ڀارتيا جنتا پارٽي) وارن جي حڪومت هئي جيڪي هن واقعي کي As Usual پاڪستان سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا تہ ان ۾ پاڪستانين جو ڳجهو هٿ آهي. بهرحال هن پرسڪون ڌرتيءَ تي هيءَ هڪ افسوسناڪ Tragedy هئي جنهن ڪيترن صحيح سوچ رکندڙ هندن جو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ اسان جو ملڪ دنيا جي نظرن ۾ بدنام ٿيو. هندو مسلمانن جي پيار محبت جي وچ ۾ چند شيطان قسم جي انسانن جو هي هڪ وڏو ڪاٽ هو جنهن سان پيدا ٿيل نفرتون گهٽ ٿينديءَ ٿيندي وڏو عرصو لڳندو.

بقول ان وقت گوڌرا جي پوليس سپرنٽينڊنٽ نانواتيءَ جي:

“The Provocation was there and the reaction was strong. But no

one had imagined all this would turn into such a big tragedy”.

اسان جي ريل گاڏي (پشچم ايڪسپريس) هتي گوڌرا ۾ چڱي دير بيٺي ان بعد اسان جي آخري منزل بڙودا ڏي هلڻ لڳي. پروفيسر بسنت اوڏ جيڪو پهرين بہ انڊيا اچي چڪو آهي تنهن گوڌرا کان چند ميل اڳيان جبل ڏي اشارو ڪري ٻڌايو تہ اهي پاوا ڳڙهہ جو ٽڪريون (Pavagarh Hills) سڏجن ٿيون. انهن جي قدمن ۾ هندن جو هڪ تمام مشهور مندر آهي جيڪ ڪالي ديويءَ جو مندر سڏجي ٿو.

گوڌرا ۽ هن کان اڳ آيل اسٽيشن داهود (Dahod) جاڙا شهر سڏجن ٿا. مغل بادشاهہ اورنگزيب هن شهر داهو ۾ ڄائو هو.

هونءَ هي صوبو گجرات واپار وڙي, انڊسٽري ۽ پراڻن مندرن کان مشهور چيو وڃي ٿو. ان ۾ حقيقت ٿي هوندي جو هن صوبي ۾ پالنپور (نوابن جي پراڻي رياست جنهن ۾ بلرام مهاديو مندر ۽ ٻيا هندن جا مندر آهن)، پاٽان (جيڪو جين ڌرم جي مندرن سان ڀريو پيو آهي) موڌيرا (جيڪو سورج مندر ۽ ٻين هندو ۽ جين ڌرم جي مندرن کان مشهور آهي)، راجڪوٽ، جهونا ڳڙهہ ۽ جام نگر جهڙا ڪيترائي شهر مندرن کان مشهور آهن. تاريخ جو مشهور مندر سومناٿ بہ هن ئي صوبي گجرات ۾ آهي. سومناٿ مندر کان نہ فقط انڊيا جو ٻچو ٻچو واقف آهي اسلام جي نالي ۾ نهيل اسان جي ملڪ جو ٻچو ٻچو پڻ. انڊيا وارا ان ڪري جو سومناٿ مندر نئڊي ڪنڊ جو تمام مشهور, جهونو ۽ امير ترين مندر آهي (يا گهٽ ۾ گهٽ رهيو آهي) ۽ اسان جي ملڪ جا ان ڪري جو ان تي حملو ڪندڙ افغان محمود غزنوي ڪي جيڪو ظاهر آهي..... جين ۽ ٻين ڌرمن سان واسطو رکندڙ نئڊي ڪنڊ جي ماڻهن لاءِ هڪ ڦورو ۽ ڌاڙيل ئي ٿيو جو هنن جي عبادت گهرن کي تباهہ ڪري مال ملڪيت ڪٺي ويو پر اسان جي تاريخدانن اسان جي لاءِ هن کي وڏو دلير, اعليٰ مسلمان, دولت تي نہ وڪامڻ وارو ڪري پيش ڪيو آهي. افغانستان کان هو پنهنجا سپاهي ۽ ٽيهہ هزار گهوڙي سوار رضاڪار وٺي سڄو جهان لتاڙي عربي سمنڊ جي ڪناري تي جهونا ڳڙهہ صوبي جي وڏي شهر ۽ بندرگاهہ ويرا وال جي پر ۾ نهيل سومناٿ مندر تي حملو ڪري. هن ان ۾ ٽنگيل بت کي ڀڃڻ ٿي چاهيو. هو پاڻ سچو مسلمان هو تہ هن نہ ٿي چاهيو تہ ڪنهن بت جي پوڄا ٿئي سو هن تير ڪمان سان بت کي ڀڃڻ ٿي چاهيو. مندر جا پوڄاري ۽ ٻاوا سندس قدمن تي ڪري پيا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”توهان اسان جي ديوتا جي مورتي کي ڀڃي ڀور ڀور نہ ڪريو. اسان توهان کي دولت ۾ توري ڇڏينداسين.“

پر محمود غزنوي نہ مڃيو. ظاهر آهي هو سچو مسلمان هو. هن وراڻيو ”آئون بت فروش نہ آهيان. آئون بت شڪن آهيان.“ (يعني آئون بت وڪڻڻ وارو نہ آهيان پر بت ڀڃڻ وارو آهيان). ننڍي هوندي حيدرآباد ۾ محمود غزنوي نالي ڊرامو اسان فقير جي پڙ ۾ ڏٺو هو جيڪو همراهہ ڏاڙهي لڳائي محمود غزنوي ٿي آيو هو ان جنهن وقت اهي جملا چيا تہ ڏسندڙ ڪا دير تاڙيون وڄائيندا رهيا ۽ واہ واہ ڪندا رهيا. ”چا تہ محمود غزنوي ورندي ڏني!“ هر هڪ ٿي چيو.

بهرحال اسان جي تاريخن جي ڪتابن ۾ آهي تہ محمود غزنوي هندن جي مال ملڪيت جي آفر کي ٺڪرائي تير کي ڇڪي ان بت کي هنيو تہ اهو ٽڪرا ٽڪرا ٿي اچي پٽ تي پيو ۽ محمود کي جيڪا دولت مندر جا پاوا آفر ڪري رهيا هئا ان کان ڪيترائي دفعا وڌيڪ دولت جا هيرا جواهر بت جي پيٽ مان نڪري آيا جيڪي ان ۾ لڪايا ويا هئا. محمود غزني ان دولت سان خرجنون ڀري پنهنجي وطن روانو ٿيو.

اها ڪهاڻي ۽ ڊرامو اسان تڏهن پڙهي ۽ ڏٺي جڏهن اسين چوٿين درجي ۾ هئاسين. اڄ تائين اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي آهي تہ محمود جي ڳوٺ غزني کان ڀي چيڙي تي جهونا ڳڙهہ جي ڪنڌ ۾ هن مندر کان علاوہ ڇا ڪو ٻيو مندر ۽ بت هو ئي ڪونہ جو هو ثواب ڪٽڻ لاءِ ايڏو ڪهي هي سومناٿ جو بت ڀڃڻ آيو ۽ ڇا بت ڀڃڻ سان ٻئي ڏينهن کان اوسي پاسي جا هندو بتن جي پوڄا ڇڏي مصلا وڇائي نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڏنائون ۽ ڇا محمود پاڻ مسلمانن جي لشڪر سان واٽن تي نمازون روزا رکندو، خير خيرات ڪندو پهتو هو؟ مندر جي هن بت مان مليل سون ۽ هيرا جواهر ۽ ٻيو قيمتي مال اتي جي ئي غريبن ۾ ڇو نہ خيرات ڪري ڇڏيو؟ گهٽ ۾ گهٽ ملائيشيا پاسي اسلام ائين تہ نہ پکڙيو. اتي عربستان، ايران ۽ ننڍي کنڊ کان آيل ماڻهن اچي نيڪ ڪم ڪيا، ڊگهي ڏاڙهي ۾ ايمانداريءَ جا مثال قائم ڪيا جن مان مڪاني ماڻهو Impress ٿي مسلمان ٿيا. تڏهن تہ ننڍي کنڊ جا غير مسلم اسلام تي اهو الزام هڻن ٿا اسلام تلوار جي زور تي پکڙيو.

هونءَ سومناٿ مندر اهڙي هنڌ تي آهي جو اسان جا ڪيترا جهازي دوست جيڪي انڊيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ممبئي ۽ پر وارن بندگاهن ۾ ايندا رهيا اهي باءِ Sea يا باءِ روڊ خاص ڪري دوارڪا ڪان ايندا رهيا. هونءَ بہ هي سومناٿ مندر يا جهونا ڳڙهہ شهر، ڪاٺياواڙ يا پوج وغيره اسان جي ڪراچي، حيدرآباد يا بدين ڪان پري نہ آهن جهاز ڪي ڪراچي بندرگاهہ مان ڪڍي باهر ڪري جيسين سسٽم ڪي ڊيزل آئل مان هيوي فيوئل تي چئنج ڪر ۽ فل اسپيڊ تي آڻي آٿو تي رکي انجڻ روم مان ٻاهر ڊيڪ (عرشي) تي اچ تہ انڊيا گجرات جا مانڊوي ۽ مندرا بندرگاهہ بہ گذريو وڃن ۽ شام تائين دوارڪا، پور بندر ۽ سومناٿ وارو بندرگاهہ ويراول بہ گذريو وڃي. يعني پاڻي وارو جهاز انهن ڪي لتاڙيو وڃي جيتوڻيڪ پاڻيءَ جي جهاز جي رفتار بنهہ گهٽ گڏهہ يا خچر جيتري آهي. اسان جي شهرن بدين، ميرپورخاص، عمر ڪوٽ ڪان تہ سکر ۽ جيڪب آباد بہ پري آهن پر مانڊوي، پوج، موٽالا، فتح ڳڙهہ، پالنپور ۽ پور بندر ۽ سومناٿ ويجها آهن. بہ ڪانگ يا ڪي پيا بہ پکي، هڪ ميرپورخاص مان ڪشمور يا جيڪب آباد لاءِ نڪري ۽ ٻيو سومنثات لاءِ تہ سومناٿ وارو گهڻو اڳ منزل تي پهچي ويندو. اهو هينئر سياسي ٻارڊرن جا چڪر آهن ۽ ڪاريون بسون ۽ هوائي جهاز نڪري پيا آهن پر جڏهن ماڻهو پنڌ ۽ اٺن تي هلندا هئا تہ لاڙ ۽ وچولي سنڌ جي ماڻهن لاءِ هي گجرات، مهاراشٽرا ۽ راجستان جا شهر وڏيڪ ويجها هوندا هئا. اسان جي والد صاحب گل محمد شيخ ۽ سندس ڪلاس ميٽ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ نولراءِ اوڏ جو والد صاحب نارائڻ داس اوڏ وغيره مئٽرڪ جي امتحان لاءِ بمبئي ويندا هئا يا وڪالت لاءِ جهونا ڳڙهہ تہ ٿرپار مان اٺن ذريعي سفر ڪندا هئا ۽ اسان سنڌين ڪي هي شهر ڪوئيٽا، ملتان، لاهور ڪان ويجها پيا ٿي. ڪيترا تہ سفر جا شوقين پيرين پنڌ نڪري پوندا هئا ۽ منزلون هٽندا بيڪانير، جيسلمير، پوج، جام نگر ڪان وڃي نڪرندا هئا ۽ هونءَ بہ اڄ ڪان اڍائي يا ٽي سؤ ڪن سال اڳ ڪٿي هيون ريل گاڏيون ۽ بسيون موٽرون، ماڻهو پنڌ ۽ اٺن تي سفر ڪندا هئا. شاهہ لطيف بہ انهن مان هڪ آهي جنهن ان دور ۾ ضرور اهي علائقا گهميا هوندا تڏهن تہ انهن جا چٽا حوالا ڏئي ٿو.

هونءَ جيڪو پاڻيءَ جو ننڍڙو جهاز هجي، جهڙا سؤ سال ڪن اڳ تائين هئا تہ هن صوبي گجرات جي بندرگاهن جو جواب ناهي. منهنجي خيال ۾ انڊيا ۽ پاڪستان ۾ گجرات ئي اهو صوبو آهي جنهن جو سڀ ڪان گهڻو سامونڊي ڪنارو آهي ۽ اهو بہ ڪاڌل ڪنارو آهي يعني

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جتي ڪٿي ننڍا ننڍا بندرگاهه ٺهي پيا آهن. آئون تصور ڪري سگهان ٿو ته انگريزن جي ڏينهن ۾ اهي بتيلي ٽائيپ سڙهن وارا ۽ پوءِ ٻاڦ وارا آگبوٽ هن گجرات واري علائقي ۾ هڪ ٻئي پرسان ٺهيل بندرگاهن ۾ فرحتي ويندا هوندا ۽ ٽريڊ ۽ واپار ڪان هن پاسي ميلو متل هوندو. هاڻ جهاز ايڏي وڏي سائيز جا ۽ اونها ٿي پيا آهن جو هن سموري علائقي جا بندرگاهه انهن لاءِ ننڍا آهن ۽ پاڻي به ايترو اونهو ناهي جيڏي اوچائي جهازن جي ٿي وئي آهي. گذريل صديءَ تائين سومناٿ مندر جي Location واقعي پٽاري هئي جتي نه فقط خشڪي ذريعي پر سمنڊ ذريعي پڻ پري پري کان تيرٿي ڪهي آيا ٿي ۽ جيترو پئسو هن مندر کي مليو ٿي اوترو ڪنهن کي نٿي مليو.

هندو ڌرم جي ڪيترن ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي ته هي مندر سومراج، چنڊ ديوتا، پاڻ سون سان جوڙايو ۽ پوءِ وري راوڻ نئين سنئين چانديءَ مان ٺهرايو ۽ پوءِ ڪرشن ڪاٺ مان ٺهرايو ۽ پوءِ ان کي ڀيم ديو پٿر مان جوڙايو. سومناٿ جي هوڻ‌ءَ به لفظي معنيٰ آهي اهو جنهن جو نالو چنڊ تان رکيو ويو آهي. سومناٿ مندر ٻين به ڪيترن ئي نالن سان سڏجي ٿو. ديئو پاٽڻ، پرڀاس پاٽڻ يا پاٽڻ سومناٿ. هي مندر سڀ کان گهٽي شان مان وارو ليکيو ويو ٿي جنهن ۾ ٻارهن مان هڪ جوتي لنگس (چمڪندڙ لنگس) هو جنهن هندن وٽ وڏي اهميت رکي ٿي. چون ٿا ته هن مندر جي ٺاهه جوڙ ۽ ٺهل ٺڪور لاءِ ڏهه هزار ڳوٺن مان خرچ حاصل ڪيو ويو ٿي. هڪ ئي وقت ٻه هزار برهمڻ ٻاون هن ۾ رکيل مورتي (Idol) جي خدمت ڪئي ٿي. مندر جو گهنڊ ڏگهي سوني زنجير سان وڄائي پوڄا پاٺ پاٺ جو اعلان ڪيو ويو ٿي. سومناٿ مندر خبر ناهي ڪيترا دفعو ڦربو ۽ ڀهندو رهيو ۽ عقيدتمند هن کي وري ٺاهيندا رهيا ٿي. هن تي فقط افغان مسلمان محمود غزنوي حملو نه ڪيو پر نئين دهليءَ جي جواهر لعل نهرو يونيورسٽيءَ جي مشهور تاريخدانن پروفيسر رميلا ٿپر جي چواڻي تي ڪيترا هندو راجا (چودا ساماس، اڀيراس ۽ ياداواس) به هن مندر مان مال ڀاڻي ڪيڏندا رهيا هن مندر لاءِ ايندڙ تيرٿين جي به ڦرلٽ ڪندا رهيا جيڪي پاڻ سان پئسو ڏوڪڙ ۽ ڳهه ڪٺي ان نيت سان نڪرندا هئا ته هن مندر کي Donate ٿا هلي ڪريون. هماچندرا نالي ٻارهين صديءَ جي هڪ ليکڪ اهوئي لکيو آهي ته مندر جي ڦرلٽ ۾ مسلمانن يا ترڪن کان وڌيڪ مڪاني هندو راجا Involve هئا. بهرحال ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سومناٿ مندر وڏي مال ملڪيت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو گدام هو ۽ مندر جي حوالي ايڏو ڌن دولت هو جو تباهيءَ بعد وري ان کي ٺاهيو ويو ٿي. محمود غزنيءَ هن کي ست دفعا تباهه ڪيو وري هن کي ٺاهيو ويو. پهرين دفعو جڏهن محمود غزنيءَ سومناٿ مندر تي 1024 ۾ حملو ڪيو ته ان وقت مندر ايڏو خوشحال هو جو مندر ۾ 300 ساز وڄائڻ وارا ۽ 500 نچڻ واريون ڇوڪريون هيون ۽زيارت لاءِ ايندڙ پوڄارين جي ننوڙهه ڪرڻ لاءِ ٽي سؤ حجام هئا. محمود غزني جي بت ڀڃڻ (بت شڪن ٿيڻ) واري اسٽوري سان ڪيترن ئي تاريخدانن جو اختلاف آهي ته اهي سڀ پوءِ جون نصيحت ڀريون ڪهاڻيون آهن. جيڪي هن جي ڦر کي Justify ڪرڻ ۽ هيرو بنائڻ لاءِ ٺاهيون ويون آهن. پهرين ڳالهه ته سومناٿ مندر ۾ ڪوبه بت يا مورتي نه هو پر اهو سون جو Solid لنگا (مردانو عضوو) هو جيڪو شيوا ديوتا جو لنگا سڏيو ويجي ٿو.

محمود غزنيءَ جي حملن بعد علاؤالدين خلجي جي ڪمانڊر افضل خان سومناٿ تي حملو ڪيو ان بعد هن مندر تي وري 1297ع، 1394ع ۾ ۽ آخري دفعو 1706ع ۾ اورنگزيب حملو ڪيو. ان 1706ع واري حملي بعد هن مندر جي وري ٺاهه جوڙ نه ڪرائي وئي. هندستان جي ورهاڱي بعد 1950ع ۾ سردار ولڀ ڀائي پٽيل (1875ع جمر 1950ع وفات) جي ڪوشش سان نهي راس ٿيو ۽ مندر جي مين گيٽ جي سامهون هن جو Statue آهي ۽ 11 مئي، 1951ع تي انڊيا جي صدر ڊاڪٽر راجيندرا پرساد مندر ۾ نئون چمڪندڙ جوتي لنگم رکيو.

ٽرين جي ڊبي ۾ هاڻ اسان جي ماڻهن (ڇاڇين) جي چرپر شروع ٿي وئي هر هڪ پنهنجو سامان سهيڙي ٿيلهن ۾ پئي وڌو. سيٽن هيٺان هيڏانهن هوڏانهن هلي ويل چمپل هٿيڪا ڪري بيگن ۾ وڌاسين ۽ جوراب بوٽ پائڻ لڳاسين يعني هاڻ اسان جي منزل بڙودا اسٽيشن آئي ڪي آئي. اسان کي بڙودا (اصل نالو ودودرا هو ۽ هاڻ وري ان ئي نالي سان هي شهر سڏجي ٿو) ۾ چڙهي پوءِ هن ٽرين کي ممبئي وڃڻو هو. رستي تي هن کي گجرات صوبي جي ٽن وڏين اسٽيشن تي ضرور بيهڻو پوندو يعني ودودرا (Vododara) بعد ڀاروچ ۽ ان بعد سورت جتي اسان سان گڏ سفر ڪندڙ اسٽوڊنٽ ڇوڪريءَ کي لهڻو آهي ۽ ان بعد والسد (Valsad). والسد گجرات صوبي جي آخري اسٽيشن آهي. ان بعد مهاراشٽرا جو صوبو شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ "ممبئي" آهي. پورچو گالين جي ڪالون دامن (Daman) ۾ وڃڻ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن ريلوي اٽيشن تي لهڻو پوي ٿو. پورچو گالين جي ٻي وڏي ڪالوني گوا (Goa) آهي جيڪا ممبئيءَ کان گهڻو هيٺ آهي.

هونءَ انڊيا ۾ توڙي سريلنڪا، ملائيشيا وغيره ۾ يورپي قومن مان پهرين اچڻ وارا پورچو گالي هئا. هو جهاز راني ۽ جاگرافي ۾ انگريزن، ڊچن ۽ فرينچن کان به تيز هئا پر انتظاميہ ۾ صفا ڍڳا هئا. انتظاميہ چا بلڪ نڙڳ نڳيون ڪٽي چئجن جن ۾ انگريز هوشيار هئا ۽ جيتوڻيڪ انگريز جتي ڪٿي پوءِ پهتا پر اڪلون ڪري مڪاني حاڪمن ۽ راجائن کان علاوه پنهنجن يورپين کان به حڪومت کسيندا ۽ صوبن، رياستن ۽ ملڪن تي قبضو ڪندا رهيا. سڄي هندستان تي آخرڪار انگريزن جي حڪومت ٿي وئي. پورچو گالين وٽ آخر ۾ گوا ۽ اهو دمان رهيو جنهن سان گڏ Diu نالي هڪ ٻيٽ ۽ هواڏانهن فرينچن وٽ به انڊيا جو پانڊيچيري، هڪ ننڍڙو علائقو آخر تائين رهيو جنهن ۾ اڄ به فرينچ ڳالهائي وڃي ٿي جيئن گوا ۾ پورچو گالي. ايتري قدر جو هنن هنڌن تي رهندڙ ماڻهن وٽ پورچو گال ۽ فرانس جا پاسپورٽ هئا ۽ هنن کي اهي سهولتون مليون ٿي جيڪي انهن ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي هيون. 1961ع ۾ انڊيا حڪومت انهن کي به انگريزن وانگر ڀڄائي ڪڍيو. اڄ گوا ۽ دامن تي انڊيا جي حڪومت آهي پر اتي رهندڙ پراڻن ماڻهن کي جن وٽ پورچو گال جا پاسپور آهن کين اڄ به اتان پينشن ۽ بيروزگاري الائونس ملي ٿي جيڪو انڊيا جي ڪنهن وڏي آفيسر جي پگهار کان به گهڻو آهي.

منهنجي خيال ۾ صبح جا ساڍا نو يا ڏهہ ڪن ٿيا تہ اسان جي گاڏي خير سان بڙودا اسٽيشن تي اچي پهتي. دريءَ مان ٻاهر ڏٺم تہ ريلوي پليٽ فارم تي سيمينٽ جي وڏي بورڊ تي لکيل هو Vadodara. پهرين تہ مون کي ائين لڳو تہ شايد بڙودا کان اڳ واري اسٽيشن تي گاڏي پهتي آهي ۽ بڙودا اڃا پوءِ ايندو پر پوءِ خبر پئي تہ اهائي بڙودا اسٽيشن آهي ۽ هن شهر جو اصلوڪو نالو ”ودودرا“ ئي آهي. پر جيئن تہ انگريز سرڪار کي ڪيترا ديسي لفظ اچارڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي ان ڪري هنن پنهنجي سهولت لاءِ هن شهر جو نالو بڙودا رکيو جيئن قاهري جو ڪيرو، شام جو سريا، انگريزن جي وڃڻ بعد به انهن جا رکيل نالا ڪافي عرصي تائين قائم رهيا پر هاڻ انڊيا حڪمت اهي بدلائي پراڻا رکيا آهن جيئن مدراس جو چنائي، بنارس جو ورناسي وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سامان کڻي گاڏيءَ مان لڻاسين تہ اسان کي وٺڻ لاءِ مڪيش جا ساهرا تيار بيٺا هئا. ڪجهہ ڪجهہ جون شڪليون ڄاتل سڃاتل لڳيون ٿي. ٻاهر نڪري سامان ٽيمپو (ٽرڪ نموني جي ننڍي گاڏي) ۾ رکيوسين ۽ اسان ڪنوارتين طرفان آندل ڪارن ۾ اچي هوٽل ايڪسپرس پهتاسين جتي اسان جي رهائش جو بندوبست هو.

جيسين هوٽل جي ڪائونٽر تي وينل رسپيشن گجراتي ڇوڪري هر هڪ مهمان لاءِ ڪمرن جو چاٻيون الگ ڪري تيسين هوٽل جي يونيفارم ۾ بہ اسٽيورڊ ڇوڪرا چاچين کي تازي جيوس Serve ڪرڻ لڳا گهوٽ مڪيش جون ڀيڻون پشپا ۽ ساوتري، ڪزن: ڪرن، مانيڪا، سروج ۽ پڦيون چوڌاري رکيل صوفن تي ويهي خوشيءَ جا ڳيچ ڳائڻ لڳيون. ڪين پشپا جو مڙس شمن لعل ۽ نولراءِ اوڌ جي وڏي ننهن سيتا پڻ سر وٺرائي رهي هئي:

پنهنجي مڪيش کي آءُ تي پرٽايان
آءُ تي پرٽايان شاديءَ جي شغل ڳايان
سر لاڏل جي موڙ جي سونهندا،
موتين جوڙ بنايان
پننجي منوءَ کي آءُ تي پرٽايان

مڪيش منهنجو سدا سهڻُ جا سودا ڪري
سون جا سودا ڪري، هيري موتي جي ٻيڙا پري
اکيون مڪيش جون ٻرن مشعلا، ڪجل جوڙ بنايو
ابل منهنجو سدا سهڻو سرن جا سردا ڪري
ڏند مڪيش جا ماڻڪ، موتي سرخيءَ جوڙ بنايو
ابل منهنجو سدا سهڻو سون جا سودا ڪري،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گجرات جي شهر بڙوداءِ آسپاس ۾

هندستان جي صوبي گجرات جي بڙودا شهر ۾اسان ڇاڇين جي رهائش جو بندوبست ڪنواريتن هوٽل ايڪسپريس ۾ ڪيو هو جيڪا ريلوي اسٽيشن جي ڪافي ويجهو لڳي ٿي جو پندرهن ويهن منٽن ۾ اسان اچي هوٽل ڪان نڪتاسين. مون ڪي ۽ سنجي ڪي هوٽل جي اٺين فلور تي ڪمرو مليو جتان پري پري تائين شهر جو نظارو ٿي سگهيو ٿي. هڪ بجي ٻي فلور جي ڊائننگ هال ۾ اسان جي لنچ جو بندوبست رکيل هو جيڪو پڻ ڪنواريتن طفان هو جو نولراءِ هر هر سيني ڪي تاڪيد پئي ڪئي ته پوري وقت تي پهچجو جو مانيءَ تي ڪنواريتا به هوندا. ان وقت يارهن ٿيا هئا. سنجي ٿوري دير تي وي ڏسي سمهي رهيو. آئون وهنجي نڪتس ته هوٽل جو بيرو اسان ٻنهي لاءِ چانهه ڪٽي آيو. مون سنجي ڪي اٿاريو.

”انڪل مون ڪي سمهڻ ڏيو چانهه ڪان پياري آهي ننڊ مون ڪي!....“ سنجي اڌ جاڳ اڌ ننڊ ۾ چئي وري ڪوما ۾ هليو ويو. مون پهرين پنهنجي ۽ پوءِ سنجي جي چانهه پيتي.... مون ڪي چانهه جي هڪ انگريز شوقين جو قول ياد آيو:

There is no life beyond tea.

بهرحال اهي سڀ چوڻ جون ڳالهيون آهن حقيقت اها آهي ته گهڻي چانهه پيئڻ سٺي ڳالهه ناهي. پر هينئر مون ته هڪ ڪوپ پيتو ٻيو ڪوپ سنجي جو پي پئسا سجايا ڪيا جو پيئڻ ۽ نه پيئڻ جي باوجود هوٽل وارا في ڪوپ چاليهن روپئي جي حساب سان ڪنواريتن ڪان يا اسان جي دوست نولراءِ ڪان پئسا چارج ڪندا جن جو بيرو چانهه رکڻ مهل ان جي اسي روپيه بل تي مون ڪان صحيح وٺي ويو. Amount جي هيٺان پلس سروس چارجز ۽ ايڪسائيز ڊيوٽي به لکيل هئي معنيٰ اهو وڃي هڪ سؤ اندين روپيا ۽ اسان جا ڏيڍ سؤ روپيا ٿيا. آئون دل ئي دل ۾ گهڻي چانهه پيئڻ جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ ڪي مطمئن ڪرڻ لاءِ ان سڪ واري Reasoning ڪرڻ لڳس جيڪو روز شام جو پنهنجي دوست سان گڏ لسيءَ واري نوٽ جيڏي گلاس ۾ وسڪي پيئندو هو. گهڻي پيئڻ ڪري هڪ ڏينهن هن جو دوست گذاري ويو. سک کي ان جو ڏاڍو صدمو رسيو ۽ سيني اڳيان شراب پيئڻ ڪان توبه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيائين.

هڪ ڏينهن هن جي گهر پاڙي جو هڪ همراهه اوچتو گهڙيو ته ڏسي ته سردار جي ته ساڳي ٽيبل تي ساڳيو ٺوٺ جيڏو گلاس وسڪي سان ڀري پيو رهيو آهي.

”سردارجي! تو ته شراب پيئڻ کان توبه ڪري ڇڏي هئي؟“ پاڙي واري حيرت مان پڇيس.

”بلڪل صحيح ٿو چوين.“ سک وراڻيو.

”۽ پوءِ هي گلاس تنهنجي هٿن ۾؟“

”هي منهنجي دوست جو آهي، مون پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي هن پنهنجي مرحوم دوست جو پي رهيو آهيان.“

سو دل کوڙتي ته عذر گهڻا چانهه. جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ بهانا ڪوڙ پر ڇا ڪجي اها چانهه مون کي لکڻ لاءِ تيار ڪري ٿي جيئن هڪ پناڻ بابت ڪنهن ڪتاب ۾ لکي چڪو آهيان ته جامشوري واري پراڻي ڦاٽڪ وٽ پشاور کان ايندڙ هن ٽرڪ واري کي جلال چانڊئي جو ڪيسٽ زور سان ٻڌندو ڏسي تعجب مان پڇيومانس ته، خان صاحب سمجهه ۾ اچئي ٿو؟ وراڻيائين:

”کيا کرون اس ظالم کي آواز مجهي جگا رکهتي هي.“

لنچ ۾ اجا به اڍائي ڪلاڪ هئا ڪجهه دير ٽي ويءَ جا مختلف چئنل گهمائڻ بعد گذريل ڏينهن جي سفر جون اهم Points ويهي لکيم جيئن وقت ملڻ تي يا ننڍ ڦٽڻ تي انهن مان هڪ هڪ تي تفصيلي احوال لکي سگهان.

ٽي ويءَ تي گهڻي ڀاڱي گجراتي زبان جا چئنل هئا. ڇو نه هجن؟ گجرات انڊيا جي امير صوبن مان هڪ رياست آهي جنهن جا ماڻهو پنهنجي ملڪ کي گهڻي کان گهڻي فارين ايڪسچينج ڪمائي ڏين ٿا. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ گهڻي کان گهڻا ايشين گجراتي آهن. ملائيشيا ۽ سنگاپور نه ڏس ته ڪينيا ۽ يوگنڊا نه ڏس. جتي ڪٿي توهان کي گجرات جا بزنس مين ملندا. انگلينڊ ۽ آمريڪا ته جڻ ڀريو پيو آهي. خاص ڪري گجرات جي پٽيل ذات وارن سان. جيئن ملائيشيا پاسي پنجابي معنيٰ پاڪستاني تيئن نيويارڪ توڙي لنڊن ۾ پٽيل معنيٰ انڊين. گجرات جو صوبو انڊسٽري ۾ به چڱو خاصو امير آهي ۽ هتي جي فيڪٽرين جو مال سڄي دنيا ۾ ايڪسپورٽ ٿئي ٿو جنهن مان پڻ گجرات صوبي ۾ ڪافي

غير ملڪي ڏن دولت اچي ٿو. گجرات جو پراڻو گاديءَ وارو شهر احمد آباد جيڪو 1411ع ۾ احمد شاهه ٻڌرايو ۽ شروع واري دؤر ۾ ته متي ۽ ڌوڙ هو ان ڪري هن کي مغل شهنشاهه جهانگير ”گرد آباد“ (ڌوڙ جو شهر) ئي سڏيو اهو پوءِ سترهين صديءَ جي شروع تائين دنيا بلي بلي شهر ٿي پيو. جنهن لاءِ 1615ع ۾ سر ٿامس. رونالي هڪ انگريز سفير پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته:

“Gujrat`s City Ahmedabad is Goodly city, as large as London”.

۽ پوءِ اڳتي هلي اوڻهين صديءَ جي آخر ڏاري ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ هتي ايترا ته ڪارخانا ٺهي ويا خاص ڪري ڪپڙن (Textile) جا. ۽ شهر جي چوڌاري ڪارخانن جون ايتريون ته چمنيون (Funnels) نظر آيون ٿي جو احمد آباد ”مشرق جو مانچسٽر. سڏجڻ لڳو. هڪ ٻي مزيدار ڳالهه هتي لکڻ بي مهل نه ٿيندي ته هن صوبي گجرات جا آمريڪا ۾ ايترا ته ماڻهو آهن خاص ڪري پٽيل ذات جا جو اڄڪلهه آمريڪا وارا ڪنهن به پٽيل کي آمريڪا جي Visa نٿا ڏين. جنهن به نالي سان گڏ پٽيل ذات ڏسن ٿا ته ان جي ويزا Reject ڪريو ڇڏين سو هاڻ گجرات جا پٽيل پنهنجي ذات لکڻ کان لنوائين ٿا.

سامهون واچ ۾ وقت ڏنم ته هڪ ٿي رهيو هو. پنهنجا ڪاغذ پٽ بند ڪري اٿي ڪڙو ٽيس. سنجي کي اٿاريم ته جلدي ڪر لنچ تي دير نه ٿيڻ کپي. جيسين هو تيار ٿئي آئون ٻاهر نڪتس ۽ لفٽ ذريعي ٻئي فلور تي پهتس ته گهوٽيتن جي سهرن ۽ راڳن جا آواز ڪن تي پيا. معنيٰ آئون صحيح فلور تي پهتو آهيان. ٻيا به اتي ئي آهن:

چهه سو هار جوڙائي
مڪيش موڙ چوان
لهه لانءُ مڪيش تنهنجو سهرو چوان
تنهنجي حياتيءَ جو خير الله کان پئي گهران
لهه لانءُ مڪيش.....

❊

من! ماندو نه ٿيءُ! اجهي جاچي آيا
اجهي مارو آيا، جيڏل ڪاڻ آيا

حيدرآباد جهڙي شهر مان، لايون مان گهرايون
من! ماندو نہ ٿيءُ! اجهي جاچي آيا
سکر جهڙي شهر مان، موٽرو مان گهرايون
من! ماندو نہ ٿيءُ! اجهي جاچي آيا
ٽورنٽو (Canada) جهڙي شهر مان هوائي جهاز مان گهرايا
من! ماندو نہ ٿيءُ! اجها جاچي آيا.

پشپا (گهوٽ جي ڀيڻ) جي مڙس شمن لعل مون کي سامهون کان ايندو ڏسي ڳائڻ واري ٽوليءَ کي هڪل ڪئي تہ بابا پاٽيءَ وارن جهازن جو بہ تہ نالو کڻو.... ۽ پوءِ ”چاچا الطاف پلي ڪري آيائو“ چئي ڪيڪاري ڊائننگ هال ۾ وٺي آيو.

لنچ تي ڪنواريتينجا بہ ڪجهہ مهمان ۽ مائٽ هئا سڀ گجراتي ويس وڳن ۾. ماني ٽڪي بہ نج گجراتي هئي، اسان جي کاڌي پيتي جو اسٽائيل اتر انديا جي کاڌن جهڙو آهي. ملائيشيا پاسي رهي ڏکڻ هندستان جي مختلف کاڌن کان بہ واقف هوس. ۽ هاڻ هتي گجرات ۾ خبر پئي تہ هنن جي کاڌن جو اسٽائيل نہ اتر جي رياستن جهڙو آهي جنهن تي مسلمانن جي اثر ڪري ڪيترا هندو (۽ ٻڌ بہ) گوشت کائين ٿا ۽ نہ ڏکڻ هندستان جي مدراسي، دکني ۽ تاملن جي کاڌي جو اثر آهي جيڪي مرچ مسالا گهڻا استعمال ڪن ٿا. هتي تہ دال بہ مني کاڌي وجي ٿي ۽ اسان کي اهو ڏسي تعجب لڳو تہ منجهند جي ماني (۽ پوءِ رات جي ماني جي پڻ) شروعات مني (Sweet Dish) سان ڪئي وئي. مون ڪيرٽي پاسي تي رکي تہ پوءِ ٿو کان تہ پر ۾ ويٺل ڪنوار جي ماءُ پيءُ يڪدم چيو تہ ”ڀائي صاحب هي تمام سني ۽ خاص طرح ٺاهي وئي آهي.“ يعني هنن سمجهيو تہ آئون کائڻ پسند نٿو ڪريان. سامهون منهنجي ٽيبل تي نولرءِ ڏنم تہ هو ۽ سندس زال کائي رهيا هئا تنهن ڪلندي سنڌيءَ ۾ چيو: ”ادا هنن سيني گجراتين ۾ اهو رواج آهي، لنڊن ۾ هنن وٽ ويندو آهيان تہ اتي بہ ائين ڪن. مئڪڊونالڊ تي بہ پهرين ائپل پائي کائين ان بعد برگر.“ مني کائڻ بعد هوٽل جو بيرو سيني اڳيان ٿامي جي ٿالهي ۽ ان ۾ چار ننڍڙيون ڪٽوريون رکندو ويو ۽ پوءِ ٻيو بيرو هر هڪ جي پليٽ ۾ هڪ يا بہ پوريون ۽ چپاتي رکندو ويو ۽ ٻوڙيا پاجيءَ جا ڊش رکڻ بدران، جيئن اسان پنهنجي پسند جو ٻوڙ ضرورت موجب ٿورو يا گهڻو کڻي سگهون، هو پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان هر قسم جي ٻوڙ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جو ذرو هر هڪ پياليءَ ۾ وجهندو ويو جنهن مان هڪ مٺي دال ٺهي پئي.

مڪيش جي ڪنوار جيڪا هن شهر بڙودا جي، گجراتي زبان ڳالهائڻ واري آهي، تنهن جي مامي ٻڌايو تہ گجرات جي رهاڪن تي "جين ڌرم" جو اثر هجڻ ڪري هنن جي کاڌن جا ڊش گوشت ۽ مڇيءَ بنا ٿين. يعني هو رڳو داليون ۽ ڀاڄيون کائين ٿا ۽ ٻي ڳالهہ تہ گجرات ۾ مٺاڻ جو واهپو گهڻو آهي. مٺيون شيون ڪجهہ وڌيڪ ئي مٺيون ناهيون وجن ٿيون ۽ کيٽريون شيون جيڪي ٻين هنڌن تي نمڪين (Saltish) ناهيون وجن ٿيون. هتي گجرات ۾ مٺيون (Sweetish) آهن. يعني گجرات ۾ نمڪ ڀارن بدران شڪر ڀارا پسند ڪيا وجن ٿا. "اسان نوڊلز ۽ اسپاگهيٽي بدران مٺيون سويون پسند ڪريون ٿا. وينديءَ دال جو ڀوڙ بہ مٺو کائون ٿا ان جا جيتوڻيڪ سٺا اثر نہ نڪتا آهن. خاص ڪري اڄ جي دؤر ۾ جڏهن مردن کان پنڌ ۽ عورتن کان جند ڇڏائي ويا آهن، هتي جا ماڻهو ڊائبٽيز ۽ ٿولهہ جا مريض ٿيندا وجن."

گجراتين جي مشهور کاڌن مان ڪاڌي (Kadhi) هڪ آهي جيڪو ڏوري، ڦلڪين ۽ سنهي ڪٽيل ڀاڄين جو هڪ ڊش آهي. هڪ ٻيو ڊش اونڌيو (Undhyoo) آهي جنهن ۾ پٽاٽا، گجر ۽ مٽر نڪر جي ديڳڙيءَ ۾ وجهي ديڳڙي کي اونڌو ڪري مٽيءَ ۾ پوري مٿان باهہ ڏيئي پچايو وڃي ٿو. اهڙي ريت ان پڪل ڀوڙ کي اونڌيو سڏين ٿا. ٿي سگهي ٿو اهو لفظ اونڌو مان نڪتو هجي. ڪيترا لفظ گجراتي ۽ سنڌيءَ جا ملن ٿا آخر سنڌ ۽ گجرات ائين آهي. جيئن سنڌ ۽ پنجاب جو ڏاڪڻو حصو جتي سرائڪي زبان ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا گهڻي ڀاڱي اسان کي سمجهہ ۾ اچي ٿي. گانٺيا گجرات ۾ بہ مشهور نمڪو آهي ۽ انهن کي چيو بہ گانٺيا وڃي ٿو. شايد هي گجراتيءَ جو لفظ هجي جيڪو ٻين ڪيترن گجراتي لفظن سان گڏ سنڌي زبان ۾ اچي ويو هجي. گجرات آئيس ڪريم ٺاهڻ کان بہ مشهور آهن. وادي لعل (Vadilal) نالي گجرات جي آئيس ڪريم سڄي اولهہ انڊيا ۾ مشهور آهي، جنهن جا ويهہ Flavours آهن.

لنچ بعد ڪجهہ دير گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا ملندا رهيا. سواءِ ڪنوار جي ڏاڏي جي، ٻيا سڀ شاديءَ لاءِ ٻاهرن ملڪن کان آيا هئا. جتي هو رهيا ٿي ۽ جتي هنن جا ڏنڏا ڏاڙيون آهن. سڀ خوش هئا تہ هن شاديءَ بهاني سڀني جو پنهنجي اباڻي وطن چڪر لڳو ۽ هڪ ئي وقت سڀني سان ملاقات ٿي وئي. ڪنوار جو پيءُ سڀني ڀائرن ڀينرن ۾ ننڍو آهي ۽ ڏاڏو اسي ورهين جي

ڄمار ۾ تمام گهڻو چست ۽ سمارٽ لڳي رهيو هو. رات جو ميندي ءَ تي اسٽيج تي ڳائڻ وڄائڻ جي پروگرام ۾ هو پنهنجن پٽن ۽ نهرن سان گڏ ڪا دير ڊانس ڪندو رهيو. سندس صحت جي راز پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ هو روزانو ٻہ ميل واڪ ڪري ٿو ۽ کاڌي تي ڪنٽرول رکي ٿو. منو ڪائڻ تہ هن سالن کان ڇڏي ڏنو آهي.

”گجرات ۾ رهي مناڻ نہ کائڻ واقعي ڪمال جي ڳالهہ آهي.“ مون ڪلنڌي چيومانس.

ميندي ءَ جو پروگرام شام جو هتي جي هڪ ڪلب ۾ رکيو ويو هو. شام جو ڇهين بجي سڀ تيار ٿي هوٽل کان نڪتاسين ۽ اسان جي گهوٽيتن بس ۾ ويهڻ سان مڪيش جي شاديءَ جي خوشيءَ جا ڳيچ ڳائڻ شروع ڪيا. دهليءَ ۾ تہ ڪنواريتن هندي يعني اسان واري اردوءَ ۾ ڳايو هو هتي خبر ناهي هي ڪنواريتا بہ انڊين هندين فلمن جا گانا ڳائين يا شايد گجراتيءَ ۾. بهرحال اسان جي ڇاڇين سنڌي راڳ ئي شروع ڪيا.

مڪيش ڇڪ مهريءَ کي
اسين سيٽين گهر لهنداسين
سيٺان! ڏاج ڏيکار پنهنجي ڌيءَ جو
اسين اسر ويندا سين
لاهيو ڪوٽ جو ڪڙو
اسين مومل نينداسين

مڪيش مهريءَ کي ڇڪي يا نہ ڇڪي اسان جي ڊرائيور پنهنجي بس کي ڇڪيو ۽ بڙودا شهر جي وڏن رستن ۽ چوراهن تان بس کي ڦيرائيندو اسان کي شهر گهمائيندو اڳيان وڌيو. رستي بيٺل ماڻهو، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ٽولا، ننڍا وڏا ۽ ٻار بہ سمجهي ويا تہ هي شڪليون ڪنهن ٻئي شهر يا ديس کان آيل آهن ۽ شاديءَ جي ئي ڄڃ آهي. ڪن کي اسان هٿ لوڏي Wave پئي ڪيو تہ ڪن اسان کي. بس ايئرڪنڊيشنڊ هجڻ ڪري دريون بند هيون پر تڏهن بہ اسان جو ڪجهہ ڪجهہ آواز ٻاهر وڃي رهيو هوندو. پيو نہ تہ اسان جا چرندڙ چپ ڏسي سمجهندا هوندا تہ اسان ڳائي رهيا آهيون پر سندن ”ڪيم ڇو؟ مزا ماڇوا“ وازي زبان جا راڳ نہ پر نج سنڌيءَ جا....

لاڙون لاڏل جي ڦلڙي جوڙائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏس ديڳين جا ڏڏڪار لعل سائين
آهيان نياڻي آهيان نياڻي
پنهنجن ڀائرن جي مان آهيان نياڻي
پلئه ٻڌندم شال پنهنجي ڀائرن جا
پلئه ڇوڙيندم شال پنهنجي ڀائرن جا
مان آهيان نياڻي، مان آهيان نياڻي......

❊

چڙهه ريل راڻا! سوڍا سياڻا،
ڪڻ ناز اکڙيون نيڻ نماڻا
بينسر ادل جي مان لاڙئون آڻايان
چڙهه ريل راڻا! سوڍا سياڻا

❊

بس وارا راڻا! بس هوريان هلاءِ
بس هوريان هلاءِ، بيهي مون سان ڳالهاءِ
اکيون مڪيش جون ٻرن مشعلا، ڪجل جوڙ بناءِ
بس وارا راڻا! بس هوريان هلاءِ

مينديءَ جو ڪنواريتن تمام وڏو بندوبست رکيو هو. ماني ٽڪيءَ کان علاوه ڳائڻ وڄائڻ جو پروگرام بہ هو جنهن لاءِ وڏي اسٽيج ٺاهي وئي هئي. ڊانسون ۽ ننڍا ننڍا ڊراما سڀ ڪنوار جي ساهيڙين ۽ پاڙي جي ڇوڪرين طرفان هئا. هڪ اردو غزل ڳائڻ واري عورت وچ وچ ۾ غزل ڳائيندي رهي. بهرحال ڪا ڊانس، غزل يا ڊرامو بور ٿي لڳو تہ رامچند سان اچي ٿي ڪچهري ڪيم يا ڊاڪٽر لڇمڻ سان جو هو ٻئي ڀائر شاديءَ بعد ڏورانهين ڏيهہ آمريڪا هليا ويٺا هئا، باقي نولراءِ ۽ ادا گلاب راءِ وغيره کي تہ اسان سان ٺي گڏ ڪراچي ۽ حيدرآباد هلڻو هو. رات جا ٻہ ٿيا تہ دودي ۽ مهرچند کي چيم تہ يار هي پروگرام تہ خبر ناهي ڪنهن وقت ختم ٿئي آئون ڪنهن آيل مڪاني مهمان سان گڏ واپس هوٽل ڏي هليو ٿو وڃان. پروگرام ختم ٿيڻ مهل جيڪڏهن ڪو مون کي ڳولهي تہ ٻڌائجوس تہ مون کي ننڊ پئي آئي ۽ هليو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويس.

منهنجي سوير اچي سمهڻ تي اهو فائدو ٿيو جو صبح جو جڏهن ٻيا سڀ ستا پيا هئا ته آئون نيرن ڪري شهر جي چڪر تي نڪري پيس. بڙودا جهڙي تواريخي شهر ۾ رهي ڪري ٻاهر نڪرڻ بدران بند ڪمري ۾ گذارڻ ڪٿي جو انصاف آهي؟

هوٽل جي مين گيٽ کان ٻاهر نڪتس ته گيٽ تي بيٺل سنتريءَ چيو:

”سائين آئون توهان لاءِ ٽيڪسي گهرايان؟ ويري گذر ٽيڪسي؟“

”نه مهرباني آئون Walk لاءِ نڪتو آهيان.“ مون وراڻيومانس.

مون کي سواري ڪتي ٿي پر ٽيڪسي بدران آٽو رڪشا جي ضرورت هئي ۽ ٻيو ته وڏي هوٽل جي در تان ڪا سواري ڪٽڻ معنيٰ ڊرائيور کي ٻڌائڻ ته آئون مڪاني ماڻهو نه آهيان ۽ وڏي هوٽل ۾ رهيل آهيان معنيٰ هو ڀاڙو به ان حساب سان وٺي.

بڙودا دراصل شهر جو به نالو آهي ته ضلعي جو به جيئن حيدرآباد، نوابشاهه وغيره. انڊيا جي هن صوبي گجرات ۾ ستاويهه کن ضلعا آهن جي جي نالن کان ٻيو ڪو ڏاريو واقف هجي يا نه پر اسان سنڌ جا رهاڪو جيڪي بلڪل گجرات صوبي جي پاڙي ۾ رهون ٿا ننڍي هوندي کان لوڪ ڪهاڻين، تاريخ، جاگرافيءَ ۾ ٻڌندا اچون ۽ اهي نالا اسان کي بلڪل Familiar لڳن ٿا جيئن ته: ڪڇ جو رڻ (جيڪو بلڪل اسان جي ٿر سان مليو پيو آهي، ڪڇ (جتي جا ماڻهو نه فقط آزاديءَ کان پوءِ پر ان کان اڳ ئي اسان وٽ ايندا رهيا جيئن اسان جا ماڻهو تعليم ۽ بزنس لاءِ گجرات جي مختلف شهرن ۾ ويندا رهيا ٿي. اسان جي ويجهو هجڻ ڪري هنن جي زبان ”ڪڇي“ گجراتيءَ کان به وڌيڪ اسان جي سنڌي زبان سان ملي ٿي. اڄ به توهان کي ڪيترائي ننڍا وڏا دڪاندار ۽ بندرگاهه ۾ ڪم ڪندڙ ڪڇي ملندا جيڪي گهڻو ڪري ڪراچيءَ جي علائقن، ڪياماڙي، کارادر، مييادر ۾ رهن ٿا) جام نگر ضلعو، احمد آباد، امريلي، بناس، ڪٽا، جهونا ڳڙهه، راجڪوٽ، پور بندر، گوڏرا، گانڌي نگر، پاءُ نگر، سورت، نوسري ضلعو وغيره.

جيئن ته حيدرآبا دکن نظامن کان ميسور ٽيپو سلطان کان مشهور رهيو آهي تيئن بڙودا گائيڪ وادي نوابن ۽ حاڪمن کان سڃاتو وڃي ٿو جيڪي مرهٽن جي هڪ شاخ آهن. گائيڪ واد حڪمرانن جو گهراڻو هڪ طاقتور حاڪمن جو گهراڻو ٿي گذريو آهي جيڪي

پيشوا جا جنرل هئا ۽ هنن هن علائقي تي حڪومت دوران بڙودا کي گاديءَ جو هنڌ رکيو. بڙودا هنن جي دؤر ۾ وڏي اوج تي پهتو خاص ڪري مهاراجا سايا جيراءِ جي ڏينهن ۾ جيڪو اوڻهين صديءَ جي آخري سالن کان وٺي ويهين صديءَ جي شروع وارن سالن تائين تخت تي ويٺو ۽ هن ڪئين ڪم ڪيا خاص ڪري تعليم جي واڌاري لاءِ. هتي جي ايم ايس (مهاراجا سايا جيراءِ) يونيورسٽي بہ هن گائيڪ واد حاڪم ٺهرائي، ريلوي جي چار وچائي ۽ اسڪول ۽ اسپتالون ٺهرايون. انگريزن سان بہ پورو وقت رهائي رکي ويٺو ۽ هنن بہ گائيڪ واد حاڪمن جو نالو نہ ورتو. گائيڪواد انهن ٽن اتم نوابن مان ليکيو ويو ٿي جن کي 21 بندقون جو سلوٽ مليو ٿي. (باقي بہ هئا: حيدرآباد رياست جو نظام ۽ هزهائينيس ميسور). بڙودا جي نوابي ماضيءَ جو ئي نتيجو آهي جو اڄ بڙودا محلاتن جو شهر سڏجي ٿو.

تواريخ ۾ بڙودا جو ذڪر سن 812ع کان اچي ٿو جڏهن بڙودا وادا پادراڪا (Vadapadraka) سڏبو هو. بڙودا هڪ مڪاني راجپوت حاڪم جي نالي سان ”چند ناواتي“ بہ سڏبو هو. وقت سان گڏ بڙودا جا نالا بدليا رهيا جيئن تہ: ورهاوتي، وتپا تراڪا ۽ پوءِ ودودرا ٿيو. انگريزن لاءِ جيئن تہ ڪيترائي مڪاني لفظ اچارڻ ڏکيا ٿي ٿيا سو هنن پنهنجا نالا رکيا. ودودرا کي هو بڙودا سڏيندا هئا. 1971ع ۾ هن شهر جو نالو بڙودا بدران وري پراڻو ودودرا ڪيو ويو.

بڙودا جي تاريخ مختلف دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿي. هندو دؤر پراڻي زماني کان وٺي 1297ع تائين هليو ۽ پوءِ دهليءَ جي سلطان مسلمانن جي حڪومت 1297ع کان 1401ع تائين هلي. هو پنهنجي گاديءَ واري شهر دهليءَ کان هنن ڏورانهن علائقن تي ڪنٽرول هلائيندا هئا ۽ پوءِ گجرات سلطانن جي نالي سان مڪاني مسلمانن حاڪمن Independent حڪومت سن 1201ع کان 1573ع تائين هلائي ۽ پوءِ 1573ع کان بڙودا اڪبر جي ڏينهن کان وٺي مغل شهنشاهن جي قبضي ۾ آيو جيڪو دؤر 1734ع تائين هليو ۽ پوءِ مرهٽا دؤر شروع ٿيو جنهن ۾ گائيڪ واد گهراڻو حاڪم رهيا ۽ 1734ع کان 1947ع تائين رهيو. 1802 ۾ انگريزن بڙودا ۾ ريزڊنسي قائم ڪئي. پر گائيڊ واد حاڪمن کي پنهنجي مرضيءَ سان حڪومت قائم رکڻ ڏنائون ۽ هنن حاڪمن بہ پنهنجي ذاتي عياشي ڪرڻ بدران عوام جي ڀلي لاءِ بہ گهڻو ئي ڪجهہ ڪيو خاص ڪري تعليم جي معاملي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جنهن جو مختصر ذڪر مٿي ڪري چڪا آهيون.

لنڊن ۾ ٽوڪيو جهڙن شهرن وانگر ٻڙودا شهر جي وچ مان بہ درياهہ وهي ٿو جنهن جو نالو وشوار مورتي ندي آهي. اسان جي هوٽل ايڪسپريس ۾ پر واري ودودرا هوٽل ٻڙودا ريلوي اسٽيشن جي ويجهو ۾ ساڄي پاسي آهن. پر ۾ ريس ڪورس، سرڪٽ هائوس تي بي اسپتال آهي. آٽو رڪشا وارو مون کي ريس ڪورس واري دت روڊ تان شهر ڏي وٺي هليو جيڪو ريلوي اسٽيشن جي کاٻي پاسي آهي. ريلوي اسٽيشن جي ٻئي پاسي تلڪ روڊ تي پڻ ڪيترين ئي وڏين هوٽلن نظر آيو جهڙوڪ: ائمبسڊر هوٽل، هوٽل ثريا، راما ان، اپسرا هوٽل، جگديش هندو لاج، وڪرم هوٽل ۽ ٻيون. اڳتي هلي هي روڊ ”وشوار مورتي“ نديءَ جي ٻي پاسي هليو وڃي ٿو. درياهہ پرسان ئي ڪرتي مندر، شويا باغ، جمعا مسجد، ماندوي باغ، فتح گنج، موتي باغ نظر آيا. حيدرآباد جيڏي هن ٻڙودا شهر ۾ ننڍيون وڏيون ڪيترين ئي اسپتالون نظر اچن ٿيون. ڪي تہ تمام وڏيون ۾ سرڪاري اسپتالون ڏسڻ ۾ آيون. ليپرسي اسپتال، مينٽل اسپتال، آيروديڪ اسپتال وغيره. آٽو رڪشا وارو پهرين فتح گنج واري علائقي ۾ وٺي هليو جتي ڪيٿولڪ چرچ جي سامهون بہ ٽي فوٽو گرافرن جا دڪان هئا جن کي فوٽون ٺاهڻ لاءِ فلم رول ڏنم. هڪ ڳالهہ نوٽ ڪيم تہ هتي ڇوڪرين ۾ عورتن جي وڏي تعداد سائيڪلون ۾ موٽر سائيڪلون هلايون ٿي. سنڌي هندو جيڪي سنڌ کان هندستان لڏي آيا انهن جو بہ وڏو تعداد هن صوبي گجرات ۾ رهي ٿو. گانڌيدام ۾ گانڌي نگر ۾ تہ تمام گهڻا رهن ٿا پر احمد آباد ۾ ٻڙودا جهڙن شهرن ۾ بہ ڪيترائي رهن ٿا ويندي سندن الگ الگ رهائشي ڪالونيون آهن. مون کي اها آئيڊياز نہ هئي تہ هتي ڪي سنڌي بہ رهن ٿا. فوٽو گرافر جي دڪان تي جيسين هو فوٽو تيار ڪري ڳالهين ڪندي هن ٻڌايو تہ هو سنڌي آهي ۽ پوءِ منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ هتي ڪيترائي سنڌي رهن ٿا. ”هتي ٻڙودا ۾ سنڌين جي رهائش جون بہ وڏيون ڪالونيون آهن.“ هن ٻڌايو. ”اسان جو هڪ ڪلب بہ آهي جتي شاديون مراديون رچايون وڃن ٿيون. لئبرري بہ آهي ۾ ملاقات جو حال بہ جتي هر آچر تي اسان جي گڏجاڻي ٿئي ٿي.“

واپسيءَ تي پنهنجي رهائش واري هوٽل ”ايڪسپريس هوٽل“ جي بلڪل لڳولڳ ڇهہ ماڙ بلڊنگ جي اڳيان سنڌي ساهتيہ جي بورڊ ڏسي مٿي آفيس ۾ بہ ويس پر ان ڏينهن اها آفيس

بند هئي ۽ ان بعد وري مون کي ٽائيم نہ مليو ۽ هونءَ بہ بڙودا ۾ گس پنڌ تي يا دڪانن ۾ ايترن تہ سنڌي ڳالهائڻ وارن سان ملاقات ٿي وئي جو پوءِ اهو Charm ئي نہ رهيو يعني اها ڪا نئين ڳالهہ نٿي لڳي تہ هتي بہ ڪي سنڌي رهن ٿا.

آٽو رڪشا جو ڊرائيور شهر جو چڪر ڏيارڻ دوران ڪيترين ئي اهم عمارتن اڳيان ڪافي دير ترسيو ٿي جتي پاڻ يا اتي موجود ماڻهن انهن عمارتن بابت ٻڌايو ٿي. گهڻا ٿڌا پاڪر، ميوزيم، اسڪول ۽ اسپتالون نظر آيون ٿي جنهن مان هن شهر جي خوشحالي محسوس ٿئي ٿي. هڪ "فائين آرٽس ڪاليج" وٽ بہ هو ڪافي دير ترسيو ۽ اتي جي شاگردن کان خبر پئي تہ هن ڪاليج ۾ داخلا لاءِ نہ فقط گجرات ۽ انڊيا جي ٻين صوبن مان پر ڌارين ملڪن مان بہ هتي اچن ٿا. هتي جي ڪجهہ ٻين اهم جاين جو مختصر احوال ڏيان ٿو جيئن ڪو هفتي ٻن لاءِ هن شهر ۾ اچي رهي تہ انهن کي چڱي طرح ڏسي سگهي. دراصل بڙودا ۾ ۽ گجرات جي ٻين شهرن ياءُ نگر، ڪانياواڙ کان جهونا ڳڙهہ، پور بندر، دواڙڪا ۽ احمد آباد ۾ اسان سنڌين جي ڏسڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ لاءِ ايترو تہ گهڻو ڪجهہ آهي جنهن لاءِ خاص ٻن ٽن هفتن لاءِ هلي ملي گجرات پلي ڪٽي يورپي سياحن جي دلچسپيءَ جو سبب نہ هجي پر اسان سنڌ جي رهواسين لاءِ ضرر آهي، پر هتي اچڻ کان اڳ هن پاسي جي تاريخ جاگرافي ۽ لوڪ ڪهاڻين، ادب ۽ شاعريءَ جو جيترو گهڻو مطالعو ڪو ڪري ايندو ايترو ئي هن کي مزو ايندو.

مهاراجا سايا جي رائو يونيورسٽي (MSU)

انڊيا جي اهم يونيورسٽين مان هڪ آهي. سندس عمارت بہ بيحد Impressive آهي. ائڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ جي هڪ سينيئر آفيسر ٻڌايو تہ هن وقت پنجويهہ هزار شاگرد Enrolled آهن. سڄي گجرات ۾ اهائي هڪ يونيورسٽي آهي جنهن ۾ پڙهائي جو ميڊيم انگريزي آهي. ان ۾ 13 مختلف Facalties آهن. شاگردن جي رهائش لاءِ 17 هاسٽلون آهن جن مان چار ڇوڪرين جي لاءِ آهن. حيدرآباد جيڏي هن شهر ۾ هڪ سؤ کن پرائيويٽ انگريزي اسڪول آهن ۽ ويهہ پبلڪ اسڪول.

ساياجي باغ

وشوا متي ندويءَ جي ڪناري وٽ هي باغ آهي جيڪو گائيڪ واد حاڪم سايا جيرائو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽئين 111 سن 1879ع ۾ ٺهرايو. 113 ايڪڙن ۾ پکڙيل هن پارڪ ۾ هڪ ننڍڙو چڙيا گهر (Zoo) بہ آهي ان کان علاوه بڙودا ميوزيم ۾ تصويرن جي گيلري صحت ۽ هائيجن جو ميوزيم ۽ سردار پٽيل Planetarium پڻ هتي آهي.

ثريا نارائڻ مندر

بڙودا جي پراڻن مندرن مان آهي جيڪو ثريا نارائڻ باغ وٽ آهي.

ڪرتي مندر

تلڪ روڊ تي، اسٽيٽ بئنڪ آف انڊيا جي پرسان هي مندر آهي، جيڪو 1936ع جو ٺهيل آهي.

انهن شين کان علاوه نهرو روڊ تي لڪشمي ولا محل آهي ۽ ان جي پرسان مهاراجا فتہ سنگهہ ميوزيم جنهن ۾ هتي جي حاڪمن جو گڏ ڪيل آرٽ جون ديسي ۽ ولايتي شيون آهن، ويندي يورپ جي مشهور آرٽسٽن رافيل، ٽائٽيان ۽ مريلو جون ٺهيل تصويرون آهن.

آئون ان ڏينهن هوٽل تي پهتس تہ هڪ ٿي چڪو هو. ڪمري تان ٿي گرائونڊ فلور تي آيس جتي لنچ جو بندوبست رکيل هو. شاديءَ جي پروگرام هڪ ٻي هوٽل ۾ رکيو ويو جتي شام جو ڇهين بجي ئي پهچڻو هو جيئن شاديءَ جا سات سوڻ ۽ ريتون رسمون اڳوات ٿي سگهن. منجهند جي ماني کائي ڪمري تي اچي سمهي رهيس. شام جو ڇهين بجي ڏاري تيار ٿي هيٺ لٿس تہ هڪ وڏي بس جاڃين کي وٺي شادي واري هوٽل ڏي هلڻ لاءِ تيار هئي. گهوٽ بہ پنهنجي روايتي لباس ۾ تيار ٿي الڳ ڪار ۾ اسان سان گڏ هليو. هڪ دفعو وري گهوٽ جي پيڻن، سوٽين، ماساتين، پڦين ۽ چاچين راڳ ڳائڻ شروع ڪيا:

يلي لاهہ لاڏا! ميندي لاهہ لاڏا.
سنهڙن پيرن کي، سهڻن هٿن کي
بينسر مڪيش جي لاڙئون جو آئي
يلي لاهہ لاڏا! ميندي لاهہ لاڏا!
دهري لاڏل جي لاڙئون جو آئي
يلي لاهہ لاڏا! ميندي لاهہ لاڏا!
ٻانهي گهوٽ جي لاڙئون جو آئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پلي لاهہ لاڏا! ميندي لاهہ لاڏا!
وس ڪڪر ڪوهيارل! پلي پئي بوند وسي
پلي پئي بوند وسي، پلي پئي ججھ اچي
ٻانهن ۾ وينگس ڪي ٻانهين ٺهندي
پلي پئي بوند وسي، پلي پئي ججھ اچي....

هوٽل ۾ پهچڻ سان اتي موجود گھوٽتياڻيون بہ ڳائڻ ۾ شروع ٿي ويون. ضروري ساٿ سوٽن بعد ڪنواريتن گھوٽ کي شادي هال ۾ گھڙڻ ڏنو ۽ هڪ ننڍڙي چانهہ ۽ Snacks جي دعوت بعد گھوٽ کي اسٽيج تي ويهاري هن کي ٻن پنڊتن حوالي ڪيو ويو جيڪي ڪا دير منتر پڙهندا رهيا بلڪ تمام گھٽي دير منتر پڙهندا رهيا ۽ اسين ڪڏهن ماٺ ڪري ٻڌاندا رهياسين تہ ڪڏهن فوٽو ڪيندا رهياسين ۽ پاڻ ۾ خبرون چارون بہ ڪندا رهياسين. آئون ڪجھ دير ڊاڪٽر لڇمڻ اوڏ سان خبرون ڪري پوءِ پنهنجي پيٽارو جي ساٿي ڊاڪٽر رامچند اوڏ سان اچي وينس. جيڪو ڪافي عرصي کان ڪولوروڊو يونيوسٽيءَ جي سول انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ واٽر ريسورسز ۽ Irrigated ائگريڪلچر جو پروفيسر آهي. اها يونيورسٽي آمريڪا جي رياست Colorado جي شهر فورٽ ڪولنس ۾ آهي. سندس زال ۽ پٽ دهليءَ ۾ سندس پٽ راجيش جي شاديءَ بعد آمريڪا هليا ويا هئا باقي پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ نولراءِ اوڏ جي پٽ مڪيش جي شاديءَ لاءِ انڊيا ۾ ترسي پيو هو ۽ هاڻ سياڻي هن جي فلائيٽ هئي. ڊاڪٽر رامچند ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر ڪرڻ بعد NED انجنيئرنگ ڪاليج مان سول انجنيئرنگ ۾ BE سن 1970ع ۾ ڪئي، ان بعد ٿائلينڊ جي شهر بئنڪاڪ جي ايشيشن انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجيءَ مان 1973ع ۾ واٽر سائنس ۽ انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس ڪئي. ان بعد ڪارنيل يونيورسٽي، اٿيڪا نيويارڪ (USA) مان ايگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ پي ايچ ڊي ڪئي.

پاڻ نوڪريءَ دوران نيپال، انڊونيشيا ۽ عرب ملڪن ۾ تمام گھڻو رهيو ۽ کيس انگريزي، اردو، سنڌي اوڏڪي کان علاوه ملئي ۽ عربي زبانون بہ اچن ٿيون. ساڻس گذريل مهيني رکي رکي ملئي ۾ ڳالهائڻ ڪري ٻين کي تعجب ٿي لڳو. خود سندس پيءُ ۽ ڀيڻين کي خبر نہ هئي تہ رامچند کي انڊونيشين/ ملئي زبانون اچن ٿيون. هن لاءِ اهي زبانون سکڻ ضروري هو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو هن کي ڳوٺن ۾ ٻهراڙين ۾ ڪم ڪرڻو پيو ٿي. عربي زبان هن مصر ۾ سکي جتي هو 1992ع ۾ 1993ع ۾ Irrigation Improvement Project جو ٽيم ليڊر هو.

ڪجهه دير بعد مکيش جي ڪنوار شمي کي بہ اسٽيج تي آندو ويو ان بعد وڏو ٻائو ۾ ان جو اسسٽنٽ جيڪي ساٿ سوڻ ڪندا رهيا. ناريل کي پيچڻ کان وٺي هڪ ٿي گلن جي هار ۾ رهڻ وغيره. انهن ۾ ٻنهي (گهوٽ ڪنوار) کي شامل ڪيو ويو ٿي. آخر ۾ پنڊت گهوٽ جي پيءُ سان ڪا دير ڳالهائيندو رهيو. رامچند چيو تہ هو نول کان هن شاديءَ جا ساٿ سوڻ ۾ دعائون پوريون ڪرڻ جي بدلي ۾ ڳئون گهري رهيو آهي.

”هينئر ۾ هتي ڇا؟“ مون پڇيومانس.

رامچند پنهنجي روايتي کل کلندي چيو: ”ڪيش ڏيندس يا ڪنواريتن کي چوندو تہ هن کي وٺي ڏيو.“

بهرحال پوءِ سگهو ئي مبارڪون ڏيڻ جو دؤر شروع ٿي ويو ۽ وڏي اسٽيج جي پير ۾ ٿهيل ننڍي اسٽيج تي وينل هڪ ڳائڻي جوڙي هارمونيم تي هندي ۽ گجراتي غزل شروع ڪري ڏنا. مهرچند اوڏ بہ اچي پير ۾ وينو.

”رامچند! بڙودا ۾ رهي پئين تہ صلاح اٿئي؟“ مهرچند چيو. سڀاڻي کان اسان بڙودا ۽ اوس پاس جا شهر گهمڻ لاءِ نڪرنداسين.“

”نہ يار مهيني کان مٿي انڊيا ۾ ٿي ويو اٿم. سڀاڻي صبح سان بڙودا ڇڏي بمبئي پهچان جو شام جو USA لاءِ منهنجي فلائيٽ آهي.“ رامچند چيو.

ڳائڻ وڄائڻ جي هيءَ محفل رات جو ڏهين تائين هلندي رهي ان بعد مانيءَ لاءِ اناؤنس ٿيو جنهن جو بندوبست هوٽل جي ڇهين فلور تي رکيو ويو هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# دهليءَ جو قطب مينار

جيئن انڊيا جي نشاني تاج محل، جاپان جي فيوجي جبل ۽ آمريڪا جي ”آزاديءَ جو مجسو (Statue) چئي سگهون ٿا تيئن دهلي شهر جي نشاني قطب مينار لڳي ٿو. دهليءَ بابت ڪوبہ گائيڊ بڪ، ٽيلفيون ڊائريڪٽري، ڪلو نقشو ڪڻ تہ ان جي ٽائيٽل ڪور تي تصوير قطب مينار جي نظر اچي ٿي.

قطب مينار مون هڪ دفعو اڳ ۾ بہ ڏٺو هو بلڪ بہ دفعا جڏهن 1960ع ڌاري پنهنجي ڪاليج جي گروپ سان گڏ آيا هئاسين. قطب مينار ڏسڻ لاءِ ڀيا تہ اندر هليا ويا پر آئون ۽ منهنجو ڳوٺاٽي ڪلاس ميٽ ڪمانڊر نجم انصاري قطب مينار جي ٻاهران ”الائي دروازي“ وٽ هڪ فوٽو گرافر ڪان فٽ پاٿ تي فوٽو ڪيرائيندا رهياسين تنهن زماني ۾ فوٽو گرافرن وٽ وڏيون ڪئميرائون هونديون هيون ۽ ان تي ويڙهيل ڪاري ڪپڙي ڪي پنهنجي مٿان وجهي فوٽو ڪيندا هئا ۽ ان ئي وقت فوٽو ڊيولپ ڪري پرنٽ آئوٽ ڪيدي ڏيندا هئا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بہ اهڙائي فوٽو گرافر جام هئا پر هن فوٽو گرافر اهو ٿي ڪمال ڪيو جو اسان جو فوٽو بوتل اندر ڪيدي اها اسان جي هٿ جي ترڻيءَ تي ڏيکاري ٿي. اهو فوٽو مون وٽ اجا تائين موجود آهي جنهن ۾ منهنجي ساڄي هٿ جي ترڻيءَ تي برنيءَ جهڙي هڪ بوتل آهي جنهن جي اندر بہ آئون آهيان. انهن ڏينهن جو اهو وڏو ڪمال هو. ٿي سگهي ٿو نجم انصاريءَ وٽ بہ سندس اهو فوٽو اجا هجي. دهليءَ ۾ پنهنجي رهائش واري جاءِ تي پهچي جڏهن اها تصوير ٻين کي ڏيکاريسين تہ انهن کي بہ اهڙي تصور ڪيدائڻ جو شوق ٿيو ۽ پوءِ شام جو ٻن ٽن ڪلاس ميٽن کي ساڻ وٺي آئون وري قطب مينار آيو هوس ۽ پوءِ هو تصويرون ڪيدائيندا رهيا آئون اندر هليو ويس. تن ڏينهن ۾ نہ ٽڪيٽ هئي ۽ نہ مناري تي چڙهڻ جي جهل پل. اڄڪلهہ تقريبا هر تاريخي شيءِ ڏسڻ جي ٽڪيٽ رکي وئي آهي. لال قلعو ڏسڻ جي بہ اسان ڌارين لاءِ اڍائي سؤ روپيا ٽڪيٽ آهي (۽ هتي جي مڪاني ماڻهن لاءِ فقط پنج روپيا) ۽ پوءِ بہ لال قلعي جو هر هڪ حصو نٿا ڏسڻ ڏين. قطب مينار ۾ بہ جڏهن ڪان اسڪول ڇوڪرين جي موت جو حادثو ٿيو آهي ڪنهن کي بہ مٿي نٿا ڇڏين پر تن ڏينهن ۾ اسان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مناري جا 380 ڪن ڏاڪا چڙهي چوٽيءَ تائين وڃي پهتا هئاسين.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ قطب مينار هر ٽوئرسٽ لاءِ دلپسند تاريخي جاءِ آهي. لال قلعو، جامع مسجد يا برلا مندر جهڙيون عمارتون ڪٽي وڏيڪ خوبصورت هجن. پر قطب مينار اهڙي شيءِ آهي جيڪا اتاهين هجڻ ڪري پري کان ئي نظر اچي ٿي ۽ ٽوئرسٽ جو ڌيان ڇڪائي ٿي. قطب مينار هندستان ۾ مسلمانن جي حڪومت شروع ٿيڻ جي نشاني آهي ۽ هندستان ۾ مسلمانن جي ٺهرايل پهرين عمارت آهي. هن قطب مينار ۽ مسلمانن جي ٺهرايل ٻين عمارتن خاص ڪري مغلن جي ٺهرايل مقبرن، مسجدن ۽ قلعن وغيره جي عمارت سازي نج انڊين آرڪيٽيڪٽ بدران Indo_Islamic اسٽائيل آهي. بقول سرجان مارشل جي:

"Indo_Islamic art is not merely a local variety of Islmamic art not is it a merely a modified form of hindu art... Broadly speaking Indo_Islamic architcxture derives its character form both sources, though not always in an equal degree".

قطب مينار هندستان ۾ هندو حاڪمن جي حڪومت جي خاتمي ۽ مسلمانن جي سوڀ جي نشاني خاطر، 1193ع ۾ ٺهرائڻ ڪيو ويو. هي منارو 73 ميٽر ڊگهو آهي. هيٺ تر ۾ هن جي گولائيءَ جو ڊايا ميٽر 15 ميٽر ٿئي ٿو.مينار پنج ماڙ آهي ۽ هر ماڙ تي بالڪني ٺهيل آهي. پهريون ٽي ماڙيون ڳاڙهي پٿر جون ٺهيل آهن، چوٿين ۽ پنجين ماڙ ماربل ۽ ڪاري پٿر جون آهن. جيتوڻيڪ قطب الدين هن مينار جي ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪرايو پر سندس ڏينهن ۾ فقط پهرين ماڙ ٺهي سگهي. ان بعد هن جي پونئيرن ان کي مڪمل ڪرايو ۽ 1368ع ۾ فيروز شاهہ تغلق هن جي مٿين ماڙين جي اڏاوت وري ڪرائي ۽ مٿس ڪيوپولا (ٻيهڻ ۽ نظاري ڪرڻ لاءِ ڇت) پڻ ٺهرايو جيڪو 1803ع ۾ لڳل زلزلي ۾ اچي پٽ تي پيو. فيروز شاهہ تغلق هندستان تي 1351ع کان 1388 تائين حڪومت ڪئي.

1829ع ۾ ميجر سمٿ نالي هڪ انگريز انجنيئر ان جي جاءِ تي ٻيو Cupola ٺهرايو پر اهو ٻيهڪ ۾ صحيح نہ لڳو جو ويندي ان وقت جي گورنر جنرل لارڊ هارڊنگ ان کي لاهڻ جو حڪم ڏنو. اڄ اهو ڪيوپولا هيٺ قطب باغ ۾ پاسي تي رکيو آهي.

قطب مينار جي قدمن وٽ "قوتہ الاسلام" نالي انڊيا جي پهرين مسجد آهي جيڪا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

1193ع ۾ قطب الدين ايبڪ ٺهرائي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن انڊيا جي 27 هندو ۽ جين مندرن مان سرون ڪيرائي هيءَ مسجد جوڙائي. قطب دين جي نائي التمش بادشاهه هن مسجد جي چوڌاري بائونڊري جي پيت 1210ع ۽ 1220ع وچ ۾ ٺهرائي ۽ علاؤالدين بادشاهه اوپر ۾ وڏو ورانڊو ۽ "علائي" دروازو 1300ع ٺهرايو.

علاؤالدين بادشاهه قطب مينار کان به ٻيڻو وڏو منارو ٺهرائڻ چاهيو ٿي. هن جي مرڻ وقت اهو 27 ميٽرن تائين پهتو هو. ان بعد، سندس پونيئرن مان ڪنهن به ان جو ڪم مڪمل نه ڪرايو. هي علائي ٽاور مسجد ۽ قطب مينار جي اتر ۾ قطب ڪامپليڪش اندر ئي آهي. هن ڪامپليڪس جو جيڪو دروازو آهي جنهن مان اندر گهڙي قطب مينار، قوت الاسلام مسجد ۽ علائي مينار ڏي وڃجي ٿو ان "علائي" دروازي جي ساڄي پاسي امام ضامن جو مقبرو آهي. هي صوفي درويش سڪندر لوڌيءَ جي ڏينهن (1517ع_1488ع) ۾ ترڪستان کان انڊيا ۾آيو. التمش جو مقبرو مسجد جي پٺيان هن ڪامپليڪس جا بائونڊري وال جي ٻاهرين پاسي آهي. التمش بادشاهه 1235ع ۾ گذاري ويو هو. (قطب دين ابيڪ 1192ع کان 1198ع تائين حڪومت ڪئي ۽ علاؤالدين خلجي جنهن علائي دروازو ۽ علائي مينار ٺهرايو 1296ع کان 1316ع تائين حڪومت ڪئي.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# برلا مندر

انڊيا مندرن جو ملڪ آهي جتي ڪٿي مندر نظر اچن ٿا. دهليءَ ۾ پڻ تمام گهڻا آهن. رستي تي جتي بہ ڪو خاص مندر نظر آيو ٿي تہ رڪشا بيهاري اندر ڏٺم ٿي. توهان جيڪڏهن دهليءَ ۾ ٿورن ڏينهن لاءِ آهيو تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ برلا مندر ضرور ڏسو. هن نالي وارا مندر توهان کي انڊيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ نظر ايندا جيڪي هي مندر ٺهرائڻ واري فيملي برلا (Biral) نالي آهن. برلا فيمليءَ لاءِ هتي جي اوڏ وزير سائل ٻڌايو تہ هنن وٽ ايڏو پئسو آهي جو هنن جو هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن شهر ۾ مندر Construction هيٺ رهي ٿو.

هنن جو اعتماد آهي تہ چڱن ڪمن پنيان پئسو خرچ ڪرڻ تي تي هنن جي دولت ۾ هر وقت واڌارو اچي رهيو هو. ان ڪري جيئن ئي هڪڙو مندر ٺهي رات راس ٿئي ٿو تہ هو ٻيو ٺهرائين ٿا.

برلا فيملي وارن جو برلا گروپ هندستان جو سڀ کان وڏو ۽ امير انڊسٽريل هائو آهي. برلا گروپ کي 500 فيڪٽريون آهن جيڪي مختلف شين جون آهن جهڙوڪ ٽيڪسٽائيل، ٽيليفون ۽ الڪٽرڪ جون تارون، آٽو موبائيل، انڊسٽري مشينون، کنڊ، سيمينٽ ۽ ڪاغذ جا ڪارخانا، سٽي، اليومينيم، ٽامي ۽ فرٽيلائيزر جا ڪارخانا، جهاز هوٽلون، وغيره وغيره. ان کان علاوه برلا گورپ وارا چاليهہ مختلف ڪارخانن ۾ ٻين سان ڀائيوار آهن، جيڪي انگلينڊ، ڪينيا، فلپين، انڊونيشيا، يوگنڊا، اٿوپيا، مصر ۽ ٻين ملڪن ۾ آهن.

برلا فيملي جا سڀ ميمبر خير خيرات جي ڪمن کان سڄي هندستان ۾ مشهور آهن. هنن جو گهڻو پئسو تعليمي ادارن، ڏڪار جي ستالين، رليف فنڊن، اسپتالن ۽ ڌرمي ادارن ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ خرچ ٿئي ٿو.

دهليءَ جو هي برلا مندر جيڪو لڪشمي نارائڻ مندر بہ سڏجي ٿو بي ڊي برلا صاحاب ٺهرايو. منجهس وشنو ديوتا جي مورتي رکيل آهي. هن مندر کي ٺهڻ ۾ ڇهہ سال لڳي ويا.يعني

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سن 1933ع کان وٺي 1939ع تائين. هن مندر جو افتتاح مهاتما گانڌيءَ ان شرط تي ڪيو ته هن ۾ هر ذات جي ماڻهوءَ کي اچڻ ڏنو ويندو. ويندي اڇوتن کي ۽ غير هندن کي به. هڪ اهو به سبب آهي جو هن مندر ۾ توهان کي سڀ کان گهڻا فارينر نظر ايندا. اها ٻي ڳالهه آهي ته هتي جي ٻين مندرن ۾ به ڪنهن ڌارئين کي اچڻ کان جهليو نٿو وڃي ۽ سچ ته اهو آهي ته فوٽو ڪڍڻ لاءِ منع ناما لکيل هجڻ جي باوجود مختلف مندرن جا ٻاوا مون کي تصويرون ڪڍڻ جي اجازت ڏيندا رهيا. اهوئي حال هتي جي مسجدن، گوردوارن ۽ ڪرسچنن جي عبادت گهرن جو آهي. بس اهو آهي ته هر ڪو فضيلت سان اچي. چڊي يا اسڪرٽ ۾ آهي ته پاڻ ڍڪي اچي، سکن جي ٽڪاڻي ۾ مٿو ڍڪڻ به ضروري آهي ۽ تقريبا سيني عبادت گهرن ۾ بوٽ لاهڻو پوي ٿو سواءِ ڪنول مندر ۽ Churches کان.

# دهليءَ جون حويليون

انديا جي ٻين شهر وانگر دهليءَ ۾ بہ حويليون جام آهن. حويلي وڏن گهرن کي چيو ويو ٿي جنهن ۾ وقت جا امير ۽ مشهور شخصيتون رهيون ٿي ۽ اجا بہ ڪيترين ۾ رهن ٿيون اهي حويليون اڄ بہ دهليءَ جون تاريخي ۽ ثقافتي Heritage سڏجن ٿيون. دهليءَ تي مختلف مسلمانن گهراڻن حڪومت ڪئي. خلجي، تغلق، سيد، لوڌي وغيره. هر هڪ هن شر کي مختلف Artistic اسٽائيل ڏنو. مغلن ۽ انگريزن جي ڏينهن ۾ تہ دهلي حويلين جو شهر ليکيو ويو ٿي. انهن مان ڪجهہ خاص حويلين جا نالا جيڪي اسان هتي دهليءَ ۾ ٻڌي رهيا آهيون يا مختلف اردو ۽ انگريزي ناولن ۾ پڙهيا اٿئون يا فلمن ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ۽ هن وقت مون کي ياد آهن، هن ريت آهن:

سيٺ ڇهونا مل جي حويلي

حڪيم احسان خان جي حويلي: جتي جواهر لعل نهروءَ جي ڪملا نهروءَ سان شادي ٿي.

نمڪ حرام جي حويلي: جنهن جو مالڪ جسونت راءِ ويڙهاڪ مرهٽي جو دوست پواني شنڪر هو. پواني شنڪر بعد ۾ جسونت راءِ کي ڇڏي انگريزن سان وڃي مليو. ان ڪري هن جو نالو نمڪ حرام پيو. اها حويلي اڄ بہ چاندني چوڪ ۾ آهي.

زينت محل حويلي: زينت محل آخري مغل بادشاهہ بهادر شاهہ ظرف جي زال هئي. 1857ع واري غدر ۾ لڪڻ وارن لاءِ هيءَ حويلي قلعو ثابت ٿي هئي. اڄ ان حويلي واري جاءِ تي مسالن پيهڻ جو ڪارخانو ڇوڪرين جو اسڪول، ڪير جو دڪان ۽ ڪجهہ گهر آهن.

مرزا غالب جي حويلي: اردو جو شاعر مرزا اسدالله غالب آگري کان دهلي اچڻ تي سڄي عمر هن حويليءَ ۾ رهيو. هيءَ حويلي حاڪمن جي حويلي بہ سڏجي ٿي. دهلي جي باليمرن علائقي جي قاسم جان گهٽيءَ جي هيءَ حويلي اڄ بنهہ ڀڳل حالت ۾ آهي. هن جا ڪمرا جنهن ۾ غالب ويهي اردو ۽ فارسيءَ جا ديوان لکيا اهي ويران آهن.

مٿي ذڪر ڪيل حڪيم احسان الله خان شهنشاهہ بهادر شاهہ ظفر جو ذاتي حڪيم هو. هي گهر بہ هزار چورس والن تي هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

حيدر قلي حويلي: هيءَ محل نما عمارت فتح پوري مسجد جي پرسان آهي. حيدر قلي مغل شهنشاهه محمد شاهه رنگيلي جي ڏينهن ۾ آرٽلريءَ جو ڪمانڊر هو. اڄڪلهه حويليءَ سوين گهرن ۾ تبديل ڪئي وئي آهي. اهو آهي ته هن حويليءَ جو اصلوڪو گيٽ ۽ نالو اڃا به موجود آهي.

بشير احمد نالي هڪ مصنف جو ڪتاب آهي: "وقعت دارالحڪومت دهلي" جنهن ۾ هن دهليءَ جي حويلين بابت لکيو آهي. ان جا ڪجهه حصا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل مون به پڙهيا آهن.

"حاڪمن جا وڏا فوجي عملدار ۽ آفيسر وڏين حويلين ۾ رهيا ٿي جن کي "نشيمن" به سڏيو ويو ٿي. هر حويلي جون ٻاهريون ڀتيون ٿلهي پٿر جون ٺهيل هونديون هيون جن مالڪ جي عورتن کي ڌارين جي نظرن کان بچايو ٿي ۽ هنگامن دوران گهر جي سامان جي حفاظت ڪئي ٿي. هر حويليءَ کي هڪ تمام وڏو گيٽ هو جيڪو "نقار خانو" سڏيو ويو ٿي جنهن ۾ پهريدار سپاهين کان علاوه بيوگل وڄائڻ وارا ۽ طبلچي به رهيا ٿي. جيئن زينت محل جي حويليءَ ۾ هو. زينت محمد جي اچڻ يا ٻاهر نڪرڻ وقت بيوگل ۽ توتارا وڄائي عام ماڻهوءَ کي آگاهه ڪيو ويو ٿي ته هو رستا خالي ڪري پاسي ڪنڌ ۾ ٿي بيهن. نقار خانن جي پر ۾ گهوڙن، اٺن ۽ هاٿين جا اسطبل هئا. سلطان نويد يا خان ٻڌائيندو هو ته هن جي وڏن جي حويليءَ ۾ ڏهه گهوڙا ڏهه اٺ ۽ پنج هاٿي هئا. هن جا وڏا مغل شهنشاهه جي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ ايران کان آيا هئا. انهن حويلين ۾ عورتن جا ڪمرا "محلسرا" سڏبا هئا ۽ حويليءَ جي بلڪل اندر واري حصي ۾ هئا. انهن محلسرائن ۾ "تهه خانا" ۽ "سرد خانا" هوندا هئا. گهر جا مالڪ آيل مهمانن سان "ديوان خانن" ۾ ملندا هئا. ديوان خانن سان لڳو لڳ لئبريري "ڪتب خانا" هئا، جن ۾ خوبصورت الماڙين پرسان "قلمدان" (انڊيپن رکڻ جي جاءِ) "شمعدان" (Candle Stand) هوندا هئا. انهن حويلين ۾ خوبصورت حمام (وهنجڻ جايون) هيون ۽ نوجوان ڇوڪرين لاءِ "شيش محل" (شيشي جا ڪمرا) هئا."

انهن سيني حويلين کي پاسي تي رکي اسان نهر واري حويلي ڏسڻ وياسين جنهن ۾ اسان جي صدر جنرل پرويز مشرف جنم ورتو. اها درياهه گنج جي گولا مارڪيٽ جي پرتاپ اسٽريٽ ۾ آهي. سٺ سال اڳ پرويز صاحب جي جمڻ وقت هي علائقو ضرور خوبصورت

هوندو. آدمشاري گهٽ هئي جيئن ان وقت اسان جي پراڻي (ڪراچي ڪارادر، ميٺادر) هئي. هينئر ته درياهه گنج جي مين روڊ تي هلڻ ۾ به اسان پوڙهن جا حال ٿيو وڃن. هفتو کن اڳ هتي جو فوٽ پاٿن تان پراڻا ڪتاب ونڻ آيو هوس. جيتوٽيڪ اهو آچر جو ڏينهن هو ته به پيهه پيهان جو عالم هو. هينئر ڪرڪيٽ ميچ لاءِ صدر پرويز مشرف انڊيا اچي رهيو آهي ته هن جي پراڻي گهر "نهر والي حويليءَ" کي سرڪاري طرح خوب رنگ روغن ٿي رهيا آهن. اسان جي همراهن جو به شوق ٿيو ته اها حويلي ضرور ڏسجي. هونءَ به درياهه گنج جامعه مسجد، لال قلعي وارن علائقن مان هر وقت گذر ته ٿي رهيو هو سو اسان به پڳ ٻڌي ڪئميرا کڻي درياهه گنج ڏي روانا ٿياسين.

وقت سان گڏ هن حويليءَ جا مالڪ بدلبا رهيا ۽ حصن ۾ ورهائبي رهي. هينئر هن جي هڪ حصي ۾ مشهور ٿيٽر گولچا (Golcha) آهي، هيءَ حويلي جيڪا نهر واري حويلي سڏجي ٿي پٺيان فيض بازار سان وڃيو ملي جيڪا ڪراچيءَ جي جوڙيا بازار ۽ کجور بازار وانگر دڪانن ۽ ماڻهن سان ڀڄتيل آهي. اها ڪل ست سؤ والن تي چار ماڙ آهي، هتي جي هڪ پراڻي رهاڪوءَ ٻڌايو ته اورينجل حويلي مغل عمارتسازيءَ جي نموني جي ٺهيل هئي. اڄڪلهه هيءَ حويلي اٺن حصن ۾ ورهايل آهن جنهن ۾ 28 فيمليون رهن ٿيون. هيٺين حصي ۾ چاليهه کن ننڍا وڏا دڪان آهن.

حويليءَ جو اورينجل اسٽرڪچر ٻن حصن ۾ ورهايل هو جنهن ۾ ٻه فيمليون رهيون ٿي. هڪ حصي ۾ صدر پرويز مشرف جي ڏاڏي امينا بيگم ۽ ان جي پيٽ رهي ٿي ۽ ٻئي حصي ۾ پرويز مشرف جي ڏاڏيءَ جا ڀائر، متمعن دين، قاضي محمد نظام الدين ۽ قاضي مغيم الدين. حويليءَ جو ٽيون حصو هو جيڪو امينا بيگم جي پيٽ سعيدا جي حوالي هو.

راجيش جي نالي هڪ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ سعيد واري حصي ۾ اڄڪلهه رهي ٿو هڪ ٻئي حصي ۾ راڪيش، سنديپ ۽ هيمچند نالي ٽي ڀائر رهن ٿا جن جو چوڻ آهي ته هن جي پيءُ پريمچند گولا 1946 ۾ حويلي جو اهو حصو 65 هزار روپين ۾ خريد ڪيو هو.

صدر صاحب جي دهليءَ واري دؤري دوران ان حويلي جي چڱي طرح صفائي ڪري ٻاهران رنگ روغن لڳايا ويا آهن ۽ عمارت اڳيان پٿرن جو هڪ خاص اسٽرڪچر پڻ ناهيو ويو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

صدر پرويز مشرف جيڪو هن حويليءَ ۾ ڄائو سيد مشرف دين جو ٻيو نمبر پٽ آهي جو ان وقت دهليءَ ۾ سول سپلائيز ڊپارٽمينٽ ۾ ڊائريڪٽر جنرل هو. ان وقت جو هڪ اهڙو ماڻهو اڃا زنده آهيءِ هتي رهي ٿو جنهن کي پرويز ءِ سندس ڀاءُ اشرف جي ننڍپڻ جا ڏينهن ياد آهن جن جون ننڍپڻ جون ڏنگايون گهر جي سيڙهي ڀاتين کي مشغول رکنديون هيون. اها آهي 92 ورهين جي ڪمشير ٻائي جنهن هن حويليءَ جي ٻهاري ءِ ڇنڊ ڦوڪ ڪئي ٿي. گذريل دفعي صدر پرويز آيو هو تہ هن سان مليو هو. ڪشمير ٻائيءَ کي اميد آهي تہ هن دفعي بہ سندس ملڪ جي حڪومت سيڪورٽي ءِ پروٽوڪال کي پاسيرو رکي هن کي پاڪستان جو صدر صاحب سان ملڻ ڏيندي. ڪشمير ٻائيءَ سان هر ڪو ماڻهو چرچا ڪري رهيو آهي تہ تون ئي هڪ واحد ماڻهو هتي آهين جنهن جنرل صاحب کي Nappies ۾ ڏوڙندو ڏٺو صدر صاحب خرچي ڏنئي تہ منائي اسان کي بہ کارائجانءِ.

# دهليءَ جي جهوني ۾ جهوني لئبريري

پراڻي دهليءَ ۾ ريلوي اسٽيشن جي پرسان ”هريال ميونسپل پبلڪ لئبريري“ دهليءَ جي سڀ کان پراڻي لئبريري آهي. چانڊني چوڪ ۾ ٿهيل ڦوهاري کان پراڻي دهلي ريلوي اسٽيشن ڏي ويجهو ته وات تي ڪاٻي پاسي راڻي باغ جي ڪلارڪ (Clarke) گيٽ وٽ Colonial نموني جي عمارت نظر ايندي. ان جهڙيون انگريزن جي ڏينهن جون Colonial عمارتون ڪراچي صدر ۾ به اڃا موجود آهن. راڻي باغ اڄڪلهه گانڌي ميدان به سڏجي ٿو. پراڻن ڏينهن ۾ اهو ڪمپني باغ سڏبو هو. لئبريريءَ جي هيءَ عمارت ڪاريا پل تان ئي نظر اچي ٿي. هيءَ لئبريري انگريزن ۽ يورپين جي مطالعي ۽ وقت گذارڻ لاءِ 1862ع ۾ ٺهي هئي، بعد ۾ مڪاني ماڻهن يعني انڊين کي به اچڻ جي اجازت ڏني وئي.

هن لئبريري جي وجود ۾ اچڻ جي به دلچسپ ڪهاڻي آهي. اوڻهين صديءَ ۾ اڃا هوائي جهاز هلڻ شروع نه ٿيا هئا. انگلينڊ کان انگريز آفيسر ڇهن ڇهن سالن لاءِ انڊيا بدلي ڪيا ويندا هئا جيڪي ان وقت جي هوائن جي رحم و ڪرم تي هلندڙ سڙهن وارن جهازن ۾ ۽ پوءِ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ آگبوٽن ذريعي انڊيا پهچندا هئا. لنڊن کان منزلون ڪاٽيندا، سڄي آفريڪا کنڊ جو ڦيرو ڪندا، ڪيپ آف گڊ هوپ لتاڙي هندستان جي بندرگاهه سورت يا بمبئيءَ ۾ ست اٺ مهينن بعد اچي پهچندا هئا. ڊگهي ساموندي سفر ۾ وقت پاس ڪرڻ لاءِ هو پاڻ سان ڪتابن ۽ رسالن جون پريون ڀڏي نڪرندا هئا ۽ انڊيا پهچڻ تي اهي هنن جي ڪم جا نه رهندا هئا. بندرگاهه جا واسطي طار آفيسر اهي ڪتاب گڏ ڪري ريڊنگ ڪلب ۾ رکندا هئا. اتان پوءِ لارينس انسٽيٽيوٽ ٺهڻ تي ان جي لئبريريءَ ۾ رکيا ويا. اها عمارت 1861ع ۾ ٺهي ۽ اڄڪلهه ٽائون هال آهي. 1902ع ۾ اها لئبريري جيڪا هاڻ دهلي پبلڪ لئبريري جي نالي سان سڏجي وڃي ٿي، ”ڪچا باغ“ شفٽ ڪئي وئي. 23 ڊسمبر 1912ع تي انگريز حاڪم لارڊ هارڊنگ تي آزاديءَ جي جنگ وڙهندڙن بم اڇليو.


www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جنهن جي اڳواٽي لالا هرديال ڪري رهيو هو. لارڊ هارڊنگ ان وقت هاٿيءَ تي چڙهي چاندني چوڪ مان لنگهي رهيو هو. هو بنا ڪنهن زخم جي بچي ويو. ٻي حياتي ماڻڻ جي خوشيءَ ۾ هن اتي دهلي پبلڪ لئبريري جي لاءِ نئين عمارت ٺهرائڻ جو اعلان ڪيو. هن ان ڪم لاءِ جيڪا ڪميٽي ٺاهي ان جو صدر لالا شيئو پرساد مقرر ٿيو. ڪميٽيءَ ستر هزار روپيا گڏ ڪيا جن مان چوڏهن هزار خان صاحب حاجي بخش الاهيءَ ڏنا ۽ ڏهه هزار ڪشمير جي مهاراجا ڏنا.

1916ع ۾ هيءَ لئبريري نئين عمارت ۾ شفٽ ڪئي وئي ۽ سندس نالو هارڊنگ ميونسپل پبلڪ لئبريري رکيو ويو. جيڪو پوءِ 1970ع ۾ بدلائي ”هرديال ميونسپل پبلڪ لئبريري“ رکيو ويو. لئبريري ۾ هندي، اردو، عربي، فارسي، انگريزي ۽ سنسڪرت جا هڪ لک ستر هزار ڪتاب آهن. سڀ ۾ پراڻو ڪتاب .Relation of Some Years آهي جيڪو .Travail Begvenne جو 1634ع ۾ بلاڪ پرنٽنگ ذريعي لنڊن ڇپيو هو. هي ڪتاب ايشيا ۽ آفريڪا جو سفر نامو آهي.

هن لئبريري ۾ ڪجهه ٻيا پراڻا ڪتاب هن ريت آهن:

”دنيا جي تاريخ، هن جا پنج واليوم آهن جن جو مصنف Sir Walter Raleigh آهي ۽ هي ڪتاب 1676ع جو ڇپيل آهي ۽ هڪ ٻيو ڪتاب 1870ع جو آهي، جيڪو لکنؤ جي برٽش ڪمانڊر جي زال مسز. آر. سي. جرمون جي لکيل ڊائري آهي. ان قسم جا هڪ سؤ سالن کان مٿي پراڻا ۽ ٻي بها ڪتاب هن لئبريريءَ ۾ ڇهن هزارن کان به مٿي ٿيندا.

مٿي ذڪر ڪيل ٻن انگريز آفيسرن: جان لارينس ۽ لارڊ چارلس هارڊنگ بابت به اکر لکڻ ضروري سمجهان ٿو جن جو انڊيا سان گهڻو تعلق رهيو.

جان لارينس 4 مارچ 1811ع تي انگلينڊ ۾ ڄائو ۽ 1864ع کان 1869ع تائين انڊيا جو وائسراءِ ٿي رهيو. پاڻ سنه 1829ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ سر هينري مانٽگميري سان گڏ انڊيا ۾ آيو. هي ٿورو ئي عرصي ۾ دهليءَ جو مئجسٽريٽ ٿيو ۽ پوءِ ٽيڪس ڪليڪٽر. سکن جي پهرين لڙائي (1845_46ع) ۾ لارينس پنجاب جي جالنڌر ضلعي جو ڪمشنر ٿيو ۽ سندس وڏو ڀاءُ سڄي صوبي (پنجاب) جو گورنر هو. هن شخص هندستان ۾ ستيءَ جي رسم ختم ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. 1859ع ۾ جان لارينس پنهنجي وطن (انگلينڊ) روانو

ٿيو ۽ ٽئن سالن بعد 1863ع ۾ کيس وري انڊيا جو موڪليو ويو. هن ٻيهري کيس ”وائسراءِ“ جي پوسٽ تي رکيو ويو ۽ پنج سال وائسراءِ ٿي رهيو. پاڻ سن 1879ع ۾ وفات ڪيائين.

لارڊ چارلس هارڊنگ بہ انڊيا جو گورنر جنرل ۽ وائسراءِ ٿي رهيو. سن 1858 ع ۾ انگلينڊ ۾ ڄائو. 1880 ۾ انگلينڊ جي ڊپلومئٽ سروس ۾ داخل ٿيو ۽ 1904ع ڌاري سفير جي حيثيت سان روس موڪليو ويو. 1910ع کان 1916ع تائين هو دهليءَ جو گورنر جنرل ۽ پوءِ وائسراءِ ٿي رهيو. هن جي ڏينهن ۾ انگلينڊ جو بادشاهہ جارج پنجون ۽ راڻي مئري 1911ع ۾ انڊيا گهمڻ آيا. هن جي ڏينهن ۾ ورلڊ وار پهرين لڳي جنهن ۾ انگريزن سان گڏ ننڍي کنڊ جي ماڻهن پڻ انگريزن جي بچاءَ لاءِ حصو ورتو. هن جي ڏينهن جي هڪ ٻي خاص ڳالهہ اها آهي تہ هونءَ جون انگريز حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ ڪلڪتو هو. اهو بدلائي دهلي ڪيو ويو. لارڊ هارڊنگ 1944ع ۾ پنهنجي وطن انگلينڊ ۾ وفات ڪئي. هن جي يادگيرين جو لکيل ڪتاب My Indian years 1910_1916 پڙهڻ وٽان آهي، جيڪو 1948ع جو ڇپيل اهي. ان کان پوءِ ٻيا ڇاپا بہ ضرور نڪتا هوندا ۽ شايد Web site، تي بہ اچي چڪو هجي پر منهنجي پراڻي جهازي لئبرري ۾ 1948ع جو ڇاپو هو جيڪو جهاز جا ٻيا آفيسر بہ وڏي شوق سان پڙهندا هئا. خاص ڪري سياري جي سرد ۽ ڊگهين اونداهين راتين ۾ يا ڊگهن سامونڊي سفرن ۾، وقت گذارڻ لاءِ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انڊيا ۾ سنڌي

ٻڙودا ۾ ايڪسپريس فوٽو شاپ جي مالڪ ٻڌايو تہ پاڪستان جي ڪرڪيٽ پليئر جاويد مانداد جو والد صاحب پاڪستان لڏي وڃڻ کان اڳ ٻڙودا ۾ پوليس جي نوڪريءَ ۾ هو.

لڏپلاڻ وقت احمد آباد، ٻڙودا توڙي گجرات ۽ مهاراشٽرا صوبن جا مسلمان سنڌ ۾ آيا جو هنن لاءِ پاڙيسيري صوبو هو. سنڌ ۾ هي جيڪي ڪڇي ميمڻ، گجراتي، ڪاٺياواڙي زبانو ڳالهائيندڙ ڏسو ٿا اهي انڊيا جي هنن صوبن جي مختلف ضلعن جا آهن ۽ هو پاڻ کي انهن ضلعن ۽ شهرن جي نالن جيت پور، ڪتيانا، ڪاٺياواڙ ماندوي وغيره جي حوالن سان سڏائين ٿا. سنڌ کان جيڪي سنڌي هندو انڊيا آيا اهي بہ پهرين هنن صوبن ۾ آيا ۽ پوءِ وقت سان گڏ انڊيا جي ٻين صوبن ۾ بہ ٽڙي پکڙي ويا. اڄ بہ سنڌي هندو گجرات ۽ مهاراشٽرا ۾ گهڻا رهن ٿا. جڏهن سنڌ بمبئيءَ سان مليل هئي تڏهن بہ اسان جا وڏا جيتوڻيڪ ڪجهہ علي ڳڙهہ پاسي ويندا هئا باقي گهڻا ٽڪا هيڏانهن پوني، بمبئي جي جهونا ڳڙهہ پاسي ايگريڪچلر، ڊاڪٽري، وڪالت ۽ تعليم جي ٻين برانچن، واپار ۽ گهمڻ لاءِ آيا ٿي. ٻڙودا جي هن جهوني سنڌي فوٽو گرافر ٻڌايو تہ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ٻڙودا ۽ احمد آباد وغيره ۾ تمام گهڻا سڌندي رهن ٿا ويندي سنڌين جون رهائشي ڪالونيون بہ آهن پر سڀ کان گهڻا ممبئي، الهاس نگر ۽ ٿاڻي پاسي رهن ٿا. ان سلسلي ۾ رميش ڪتيجا نالي هڪ هندو سنڌيءَ جو مضمون پڙهيو هوم جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي تہ ايم ايم آر يعني Mumbai Mertropolitan Region جنهن ۾ گريٽر ممبئي جو ضلعو ٿاڻي شهر، نئين ممبئي ۽ الهاس نگر جهڙا تعلقا ۽ راءِ ڳڙهہ ضلعي جا ڪجهہ حصا اچي وڃن ٿا، ڏهہ لکن کان مٿي سنڌين جا گهر آهن.

ممبئي (بمبئي) جا علائقا جن ۾ سڀ کان گهڻا سنڌي رهن ٿا اهي آهن: چيمبر سنڌي

ڪالوني، ڪوليوال ۾ سنڌ سيوا سمتي نگر، سيان سنڌي ڪالوني، مولنڊ ايسٽ ۾ شاهاڻي ڪالوني ۽ مولنڊ ويسٽ ۾ سنڌ ڪالوني. ان ڪان علاوه ڪولابا، چرچ گيٽ، واربن روڊ، نيپين سي روڊ، ڪلبا ديوي، ماهيم، کار، باندرا، گهاٽڪو پار ۽ پووائيءَ ۾ بہ ڪافي سنڌي رهن ٿا. الهاس نگر انڊيا جو واحد شهر آهي جنهن ۾ سنڌين جي اڪيلي ميجارٽي آهي. (هي اهو شهر آهي جتي جي الهاس نگر سنڌي ايسوسيئيشن جي ڪارخانن جون ٺهيل شيون USA جي نالي سان وڪامن ٿيون. جن جو تفصيلي ذڪر "دنگي منجهہ درياه" ڪتاب ۾ ڪيو اٿم).

ممبئي پاسي جا هي سنڌي انڊيا جي ٻين هنڌن تي رهندڙ سنڌين کان وڌيڪ سکيا ستابا آهن. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي اباڻي وطن کان هٿين خالي آيا پنهنجي محنت، عقل، هنر ۽ لڳاتار جدوجهد سان غريب ڏتڙيل ڪميونٽي مان امير ترين ڪميونٽي بڻجي ويا جن جو مثال دنيا ڏئي ٿي. ڇي اهڙو محنتي جهڙو سنڌي هندو. ايڏو هنر مند ۽ جفاڪش جهڙو سنڌي هندو، اهڙو سخي مرد جهڙو سنڌي هندو.

شروع ۾ مڪاني ماڻهو هنن نون آيل ماڻهن کي ڌڪاريندا هئا تہ هٿين خالي اچي هر واپار وڙي ۽ تعليمي فيلڊ ۾ اڳيان وڌي ويا آهن پر هاڻ مختلف ڪهاڻي آهي. هو ڏسن پيا تہ هنن سنڌين جي ڪري سندن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ خوشحالي آئي آهي. وڌيڪ ڌنڌا ڌاڙيون ۽ ڪمائڻ جا ذريعا پيدا ٿيا آهن. هي سنڌي ٻين صوبن کان آيل ماڻهن جيان ڪمايل پئسو پنهنجي صوبي ۾ موڪلڻ بدران هتي ئي لڳائين ٿا، غريبن جي مدد ڪن ٿا، خير خيرات ڪن ٿا، مفت جي علاج ۽ تعليم خاطر اسپتالون ۽ اسڪول کولين ٿا. هو جتي رهن ٿا ان ڌرتيءَ کي "ڪرم پومي" ۽ "جنم پومي" سمجهن ٿا. هو ٻين ڌارين (مرهٽن، تاملن، بنگالين، بهارين وغيره) کان بلڪل مختلف آهن.

ممبئي، الهاس نگر، ٿاڻي وغيره ۾ سنڌين جي گهڻائي هجڻ ڪري تعليمي ادارن جو تعداد تمام وڏو آهي جيڪو سنڌي ماڻهن جي چندن سان وجود ۾ آيو آهي. حيدرآباد سنڌ نيشنل ڪاليجيٽ بورڊ، دي ڪشنچند چيلارام ايجيو ڪيشن ادارا، "The Inlacs"، دي ساڌو ٻيلاس تعليمي ادارا، دي پر سرام پارومل تعليمي ادارا، دي سنڌي ايجيو ڪيشنل سوسائٽي انهن چند اسڪولن ۽ ڪاليجن مان آهن جيڪي سنڌين انڊيا جي فقط هن اولهہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏکڻ واري حصي ۾ ٺهرايا آهن. هن ۾ انهن تعليمي ادارن جو ذڪر بلڪل نہ ڪيو ويو آهي جيڪي سنڌين انڊيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ کوليا آهن يا وينديو پير وارن شهن، احمد آباد، بڙودا، پوني وغيره ۾ ٺهرايا آهن.

پنجاهہ ۽ سٺ جي ڏهي ۾ انهن سيني تعليمي ادارن ۾ گهڻو ڪري سنڌي ميڊيم آف انسٽرڪشن هئي ۽ سبجيڪٽ طور ڪاليج جي مٿاهين ليول تائين پڙهائي وئي ٿي. وقت سان گڏ انگريزيءَ جو مان مٿاهون ٿيندو پيو وڃي ۽ انڊيا توڙي دنيا جي ٻين ملڪن جي اسڪولن وانگر هتي بہ سنڌي بدران انگريزي ميڊيم آف انسٽرڪشن ٿيندو وڃي. پر ان هوندي بہ اڃا تائين ڪيترائي سنڌي اسڪول آهن خاص ڪري هن ممبئي پاسي، ۽ سنڌين طرفان ٺهرايل ڪاليجن ۾ سنڌي سبجيڪٽ طور پڙهائي وڃي ٿي. ”ممبئي يونيورسٽي“ Ph.D ليول تائين سنڌي سبجيڪٽ تسليم ڪري ٿي. سنڌين لاءِ انڊيا جي هن علائقي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جا تمام گهڻا موقعا آهن جو سنڌين جي ٺهرايل سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌين لاءِ چاليهہ سيڪڙو سيٽون رکيل آهن.

گجرات ۽ ممبئيءَ جو هي پاسو اهڙو آهي جتي اڄ بہ سنڌي گهڻي ڀاڱي اصلي اسٽائيل ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ٻين صوبن ۾ ڳالهائڻ جي لهجي تي مڪاني زبان جو گهڻو اثر ٿي ويو آهي. ممبئي پاسي توهان کي سنڌين جون اهڙيون ڪميونٽيون، ملنديون جيڪي حيدرآباد نج سنڌيءَ کان علاوه شڪارپوري، لاڙي، لاسي، ٿتي ٿري ۽ اپر ۽ لورو سنڌ جي ٻين لهجن ۾ سنڌي ڳالهائين ٿيون. سنڌين جي گهرن ۾ سنڌي ۽ انگريزيءَ جي مڪسچر ۾ ڳالهہ ٻولهہ هلي ٿي جنهن ۾ مڪاني زبانن مرهٽي، گجراتي وغيره جا بہ ڪجهہ ڪجهہ لفظ استعمال ٿين ٿا.

ڪنهن وقت ۾ انڊيا مان ڪيترين ئي سنڌي اخبارون نڪتيون ٿي. هاڻ پڙهڻ وارن جي کوٽ ڪري اهي اخبارون هڪ هڪ ٿي بند ٿي ويون آهن. عربي رسم الخط واري سنڌي اخبار هاڻ فقط هڪڙي وڃي بچي آهي. جيڪا گجرات صوبي جي شهر احمد آباد مان نڪري ٿي بہ ٽي مئگزينون نڪرن ٿيون جن مان هڪ Spoon مشهور آهي جيڪا پارو ۽ ٺاڪر چاولہ جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي. سنڌيءَ جا اهم ۽ وڏا ليکڪ هڪ هڪ ٿي الله کي پيارا ٿا ويا يا ٻڍاپي جي دؤر مان گذري رهيا آهن. سندري اتم چندراڻي، اتم، ڪيرت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻاٻاڻي، پوپٽي جهڙن ليجنڊن کان پوءِ سنڌي ادب ۾ جڻ تہ مڪمل بليڪ آئوٽ جو سمو ٿو پسجي.

هڪ ٻہ ڏهائي سال اڳ تائين سنڌي ڊراما ڪندڙن جا ڪجهہ گروپ ۽ آرٽسٽ ضرور هئا جن مختلف ٿيٽرن ۾ ڊراما ڪيا ٿي. هاڻ انهن جو تعداد پڻ ڏينهون ڏينهن گهٽبو وڃي. مس انيلا سندر هڪ اهڙو نالو آهي جيڪو اڃا سنڌي ڊرامن ڪي جياريندو اچي. انڊيا ۾ ڪا سنڌي ٽي وي ناهي. سال ٻن کان دبئي ۽ بئنڪاڪ جهڙين جاين تان KTN ۽ سنڌ ٽي وي جهڙن چئنلن انڊيا جي سنڌي ڪميونٽيءَ ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪئي آهي.

سنڌين جي لڏي اچڻ کان اڳ انڊيا ۾ ”ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائيٽنز“ جو رواج نہ هو .اهي سنڌي هئا جن ممبئي جي علائقي ڪولابا (Colaba) ۾ پهرين ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ٺاهي سا بہ اڄ کان چاليهہ پنجيتاليهہ سال اڳ. اڄ اهو Concept سڄي ممبئي ۾ عام ٿي چڪو آهي ۽ ڪيترن ئي سنڌين هائوس ڪنسٽرڪشن ۾ نالو پيدا ڪيو آهي. هيرا ننداڻي، ۽ راهيجا، انڊيا جا مشهور ۽ ڪامياب بلڊر آهن. هنن جي ”گهريلو Complees جو سڄي انڊيا ۾ ڪو مقابلو ڪرڻ وارو ناهي.

ممبئي پاسي رهندڙ سنڌي انجنيئر، ڊاڪٽر، وڪيل ضرور آهن پر سندن گهڻائي واپار ڪري ٿي. هنن جي اچڻ کان اڳ هن تر ۾ گجراتين، مارواڙين ۽ بوهرين جو بزنس تي هولڊ هو پر محنت، عقل ۽ واپاري چاڻ کان ڪم وٺي سنڌي سڀ کان اڳ نڪري ويا آهن. ڪپڙي جي مارڪيٽن، الڪٽرانڪ جي مارڪيٽين ۽ هول سيل جي فليڊ ۾ سندن ڪو مقابلو ڪري نٿو سگهي. هنن جي بنيادي سوچ .High Turn over and low profitability هنن کي پاڳ ڏٽي بنائي ڇڏيو آهي.

سنڌين جا ڪٽڪ بالي ووڊ ۾ گهڻي پيا آهن. اڄ فلمي دنيا ۾ ڪيترائي سنڌي فنائنسر، ڊائريڪٽر، ايڪٽر، ايڪٽريسون ۽ ٻيا آرٽسٽ قومي ۽ بين الاقوامي فيم جا آهن، سپي، پاڳناني، توراڻي انهن مان ڪجهہ ڪامياب نالا آهن فلمي دنيا ۾ سنڌين جي هيڏي طاقت هوندي بہ اها سنڌي فلمن کان خالي آهي.

هن پاسي جي سنڌي ڪميونٽي ۾ سنڌي ڊاڪٽرن ۽ سنڌين جي ٺهرايل اسپتالن جو بہ وڏو نالو آهي. اهي اسپتالون نہ فقط اميرن لاءِ آهن پر غريبن لاءِ پڻ. پيڊار روڊ تي جسلوڪ

اسپتال، ماهيم ۾ ”هندوجا“ اسپتال دنيا جي مقابلي جون اسپتالون آهن جن تي انڊيا کي فخر آهي. انهن کان علاوه سنڌين جون ٻيون به ڪيتريون ئي اسپتالون، نرسنگ گهر ۽ ڊسپينسريون آهن جتي اميرن توڙي غريبن جو علاج ٿئي ٿو. چيمبور ۾ Inlac`s Hospital پڻ انهن مان هڪ آهي. هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ ممبئي جي علائقي پووائي (Powai) ۾ ڊاڪٽر ايل. ايچ هيراننداڻي اسپتال شروع ٿيڻ واري آهي، جنهن کي دنيا جي اعليٰ ترين اسپتال چئي سگهجي ٿو.

الهاس نگر جيڪو ڪنهن زماني ۾ غريب ڌتڙيل سنڌين جو شهر سڏيو ويو ٿي اڄ دنيا جي ماڊرن شهرن مان هڪ آهي جيڪو بازارين، شاپنگ مالن، فيڪٽرين کان ڇڻ ته ڦاٽي ٿو ۽ سنڌين پنهنجي جياپي جو مثال قائم ڪيو آهي. ڪنهن سچ چيو آهي ته:

“The Community indeed is imperishable, If miniscule community of parsi` can survive Sindhis sure will”.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ٻه اکر دادا جشن لاءِ

اڄڪلهه دادا جشن پيءِ واسواڻي 56 سالن بعد پنهنجي اباڻي وطن سنڌ جي دؤري تي ويل آهن. دادا واسواڻي جنهن جا ليڪچر صبح جي وقت Sony چئنل تان اڄڪلهه ٽا هو جڳ مشهور سنڌي فلاسفر، اسڪالر، سائنسدان، مقرر ۽ سماجي سيوا ڪندڙ شخص آهي. ان کان علاوه دانشور، اديب، شاعر، استاد تعليمي ماهر ۽ صوفي بزرگ طور پڻ مشهور آهي. هو پنهنجي چاچي ۽ مرشد ساڌو واسواڻي جو جاءِ نشين آهي.

دهليءَ ۾ ”ساڌو واسواڻي انٽر نيشل گرلس اسڪول“ گهمڻ جو احوال لکڻ دوران ساڌو واسواڻي (سڄو نالو ساڌو ٿانور داس ليلارام واسواڻي خدا آبادي) جو احوال پڻ لکيو اٿم. هتي ٻه چار سٽون دادا جشن واسواڻي تي لکڻ ضروري سمجهان ٿو. دهليءَ جي مٿين گرلس اسڪول جي ڪليل ميدان جي هڪ ڪنڊ مختلف رنگين گلن ۽ ٻوٽن سان جهنجهيل آهي. اسڪول جي صلاحڪار پروفيسر ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ اها ڏيکاريندي ٻڌايو هو ته ان ۾ اسڪول جون ڇوڪريون گلن پوکڻ جو شوق پورو ڪن ٿيون ۽ اها ڪنڊ ”جشن ڪارنر“ سڏجي ٿي، جيڪا دادا جشن واسواڻي جي نالي ڪيل آهي. هو ڪا دير هن نيڪ مرد بابت ٻڌائيندو رهيو جنهن جا جهيڻي پر صاف آواز ۾ پر مغز ۽ دل تي اثر ڪندڙ ليڪچر روزانو صبح جو ڊاڪٽر ذاڪر نائيڪ جي ليڪچر بعد سوني چئنل تان ٻڌندو آهيان. گذريل ٻه چار ڏينهن دادا واسواڻي تي روچي رام، مدد علي سنڌي، امداد سومري ۽ ٻين جا مضمون انٽرنيٽ ذريعي ڪاوش، عبرت ۽ عوامي آواز اخبارن ۾ به پڙهندو رهيو آهيان.

دادا جي واسواڻي جيڪو هن وقت سنڌ جي ياترا تي پهتل آهي. حيدرآباد ۾ 2 آگسٽ 1918ع ۾ جنم ورتو ۽ هن وقت 87 ورهين جي ڄمار جو آهي. پاڻ نومبر 1948ع ۾ پنهنجي چاچي ساڌو واسواڻيءَ سان گڏ سنڌ ڇڏي بمبئي روانگي اختيار ڪئي.

جشن واسواڻي هن وقت پوني ۾ سيراني اسڪول ۽ ڪاليج کان علاوه ڪيترائي فلاحي ۽ جديد تعليمي ادارا هلائي ٿو. هن کي اقوام متحده ۽ انگلينڊ جي هائوس آف ڪامنس ۾ خطاب لاءِ مدعو ڪيو ويندو آهي. دادا جشن واسواڻي بيحد ذهين شاگرد هو. هن 13 سالن

جي عمر ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ان بعد ڪراچيءَ جي ”ڊي جي سائنس ڪاليج“ مان B.Sc فزڪس سترهن سالن جي ڄمار ۾ پاس ڪئي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس آيو ۽ ساڳي ڪاليج ۾ فيلوشپ مليس. هن سائنس جي شعبي ۾ ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا. سندس هڪ مقالي کي نوبل انعام يافته ڊاڪٽر سي وي رامن چڪاس بعد بيحد پسند ڪيو هو. پاڻ ايل ايل بي بعد 1939ع ۾ M.Sc ڪئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# انڊيا جي رستن تي هلندڙ ڪارون . . .

انڊيا جي رستن تي سڀ کان گهڻي موروتي (Maruti) نالي ڪار نظر اچي ٿي جيڪا انڊيا ۾ اسيمبل ٿئي ٿي ۽ جاپاني سوزوڪي مني ڪار، مني وئن ۽ فور ويل ڊرائيور (4WD) ڪار جو مڪسچر آهي. موروتي ڪارن کان علاوه انڊين جي رستن تي ٻيون ڪارون جيڪي عام نظر اچن ٿيون اهي آهن: فورڊ ايسڪورٽ، Peugeot 309, فيات Uno، دائيوو سيلو اوپل ائسترا ۽ مرسڊيز 220. اهي سڀ گاڏيون هتي انڊيا جي فيڪٽرين ۾ Assemble ٿيل آهن ۽ انهن پويان ٻه ٻيون گاڏيون ميدان ۾ اچي ويون آهن، اهي آهن هونڊا ۽ اسڪوڊا.

1950 ۾ لنڊن ۾ جڏهن مورس آڪسفورڊ گاڏين وارن اهي ڪارون ٺاهڻ بند ڪري نئون ماڊل ٺاهڻ شروع ڪيو ته ان پراڻي ماڊل جون ڪارون ٺاهڻ واري فيڪٽري ڪلڪتي شفٽ ڪرائي وئي ۽ اتي اڄ ڏينهن تائين "هندستان ائمبسڊر" جي نالي سان ڪارون ٺهن پيون. 1960ع ۾ پراڻي فيات 11OOD ۾ ڪجهه تبديليون آڻي "پال پدمڻي" نالي ڪار ٺاهي وئي. ڪجهه عرصي بعد فيات 124 ڪار متعارف ڪرائي وئي. 1970ع ۾ واڪس هال ڪار جا حق ۽ واسطا خريد ڪري انڊيا ۾ "هندستان ڪانٽيسا" جي نالي سان ٺاهڻ شروع ڪئي وئي پر انڊيا ۾ سڀ کان گهڻي ڪامياب ڪار موروتي ثابت ٿي آهي. موروتي ڪار جي قيمت اڍائي لک روپين کان شروع ٿئي ٿي. ائمبسڊر ڪارون (سيٽ بيلٽ سميت) ساڍن ٽن لکن جون آهن ۽ "مرسڊيز 220" جي قيمت ٽيويهه لک روپيا آهن.

انڊيا ۾ ٽرڪن جي انڊسٽري ڪافي اڳتي نڪتل آهي ۽ ٽاٽا ۽ اشوڪ ليلئنڊ ٽرڪون نه فقط انڊيا ۾ پر دنيا جي ڪيترن ملڪن، ملائيشيا ۽ سنگاپور کان برطانيه ۽ فرانس ۾ ڪامياب ثابت ٿيون آهن. انهن ٻن ڪمپنين کان علاوه ڪجهه جاپاني ٽرڪون مڪس نالن سان هندستان ۾ ٺهڻ شروع ٿيون آهن ۽ رستن تي نظر اچن ٿيون. انهن مان ڪجهه هن ريت آهن: "موروتي، سوزوڪي،" "هندستان ايسوزو" آلون نسان، "سواراج مزدا" ۽ "هونڊا ڪائنيٽڪ".

موٽر سائيڪلن ۽ اسڪوٽرن جي انڊسٽريءَ ۾ ٻه وڏو واڌارو آيو آهي. انڊيا جي رستن تي

هلنڊڙ موٽر سائيڪلن ۾ هڪ ته Enfield India نالي آهي جيڪا هوبهو برطانيه جي پراڻي سنگل سلينڊر 35OCC رايل بليٽ انفيلڊ جي 1950ع واري ماڊل جي ڪاپي آهي. اسڪوٽرن ۾ لئمبرٽا ۽ ويسپا جون ڪاپيون مشهور آهن. اٽليءَ ۾ جڏهن انهن موٽر سائيڪلن ٺاهڻ جو ڪم بند ڪيو ويو ته انڊيا هنن جي سڄي فيڪٽري ڦلن مٺ قيمت ۾ خريد ڪري انڊيا ۾ لڳائي ۽ موٽر سائيڪلون ٺاهڻ شرع ڪري ڏنيون. ڪيترائي ماڻهو انهن فيڪٽرين ۾ روزگار کي به لڳي ويا ته ساڳي وقت غريب عوام کي گهٽ قيمت تي سواري مهيا ٿيڻ لڳي. انهن کان علاوه ڪجهه ڦيرڦار سان هوندا، سوزوڪي ۽ ياماها موٽر سائيڪلن جا ماڊل پڻ انڊيا جي رستن تي نظر اچن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# رهائش جو مسئلو

پاڪستان ۾ مسافرن لاءِ هر شهر ۾ رهائش جو مسئلو آهي پر انڊيا جي ڪنهن به شهر ۾ رهائش يا سواريءَ جو مسئلو نه آهي. حيدرآباد سنڌ جو ئي ڪٽي مثال وٺو. تمام ٿوريون هوٽلون آهن ۽ جيڪي آهن اهي تمام مهانگيون آهن. ڪاڌو پيتو به مهانگو آهي. ڪو وڏيڪ هوٽلون ٺهرائي به ڪونه ٿو. جيڪي ٿوريون گهڻيون حيدرآباد يا ڪراچيءَ جهڙن ۾ آهن اهي به خالي پيون آهن ورلي ڪو ٽورسٽ ٿو اچي. امن امان جي حالت به ڪا خاص بهتر ناهي. ڪو ڌاريون ته ڇا ملڪي ۽ مڪاني ماڻهو به گهمڻ ۽ هوٽلن ۾ رهڻ کان پڇي ٿو. اجا به ٿورو گهڻو اسان جي اتراهن علائقن ۾ حالتون بهتر آهن ۽ گهمڻ جون جايون توڙي موسم ڪا خراب ناهي.

هتي انڊيا جي ڪنهن به شهر ۾ رهائش توڙي ڪاڌي پيتي جو مسئلو نه آهي. دهليءَ ۾ ته هاڻ به چار هفتا رهڻ بعد ڏسان پيو ته رهڻ لاءِ هر قسم جون فائيو اسٽار هوٽلون به آهن جن جي روز جي مسواڙ پنج ڇهه هزار رپين) کان مٿي آهي ته اهڙيون هوٽلون، گيسٽ هائوس ۽ لاجز (Lodges) به آهن جن جي مسواڙ به سؤ رپيا ڪا مس آهي. ڪي ڇوڏهن بسترن جي ڊور ميٽرين واريون اهڙيون به هوٽلون آهن جن ۾ هڪ ماڻهوءَ جي رهائش جي مسواڙ فقط پنجهتر رپيا آهي ۽ اهي هوٽلون رات گذارڻ لاءِ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهن. شهر جي وچ ۾ به آهن يعني توهان رڪشائن ۽ ٽئڪسين جي پاڙن کان بچيو وڃو ۽ ڪمري ۾ گهڻا ماڻهو هجڻ ڪري توهان جي توهان جهڙن هم خيال مسافرن سان ڄاڻ سڃاڻ به ٿيو وڃي ۽ هڪ ٻئي کان گهمڻ ڦرڻ جون جايون. ماني ٽڪي جون سنيون سنيون ۽ سستيون ريسٽورنٽون ۽ شاپنگ لاءِ خاص شيون معلوم ڪري سگهو ٿا ۽ هڪ ٻئي جا دلچسپ ۽ تلخ تجربا ٻڌي سگهو ٿا. بس اهو آهي ته اهڙين هوٽلن ۾ انهن هوٽلن جو يا پير وارين هوٽلن ۾ هلندڙ ڇهل پهل يا وڄندڙ گانن جو گوڙ شور لڳو رهي ٿو سو جيڪڏهن توهان واقعي سياح آهيو ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ آيا آهيو ته سڄي ڏينهن جي هل هلان ۽ ٿڪ بعد توهان لائوڊ اسپيڪر ڪي سيرانديءَ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رکي بہ سمھي سگهو ٿا ۽ هنن هنڌن تہ اسان ايشيائي مسافر تہ ڇا انگريز ۽ يورپي گورا بہ رهيا پيا آهن. نولراءِ جو پيٽارو مان پڙهيل پيٽوبو نوابشاهہ جو دودو اوڏ تہ هر وقت اهو چوندو آهي تہ ”ياني جان پاڻ بئي اڪيلا انڊيا جي هڪ هڪ رياست ڪري گهمڻ ايندا سين. انڊيا ۾ رهائش، کاڌي پيتي ۽ سواريءَ جو ڪو مسئلو ناهي.“ هو پاڪستان کان پهريون دفعو ٻاهر نڪتو آهي پر صحيح ٿو چوي. انڊيا سان سياسي کٽ پٽ پنهنجي جاءِ تي پر گهمڻ ڦرڻ لاءِ اسان پاڪستانين لاءِ انڊيا کان بهتر ٻي ڪا جاءِ ناهي جتي مغربي شيون ۽ ڪلچر بہ آهي تہ مشرقي ماحول ۽ ثقافت بہ. دنيا جون ماڊرن شيون بہ آهن تہ پراڻي جڳ جون بہ. اجايون ڏورانهن ۽ مهانگن آمريڪي ۽ يورپي ملڪن ۾ ڇو وڃجي جتي جي سخت موسم جي اسان دپ بہ نٿا جهلي سگهون ۽ نہ وري اتي جون زبانون سمجهي سگهون ٿا.

دهليءَ ۾ سستي رهائش جا بنيادي طرح بہ هنڌ آهن. دهلي ۾ آيل مسافرن ۾ مهانن جو وڏو حصو رهائش لاءِ پهاڙ گنج جو رخ اختيار ڪري ٿو. دهليءَ جو هي هوٽلن ۽ مسافر خانن وارو علائقو پهاڙ گنج ”نيو دهلي ريلوي اسٽيشن“ پرسان آهي. هوٽلن ۽ مسافر خانن لاءِ ٻيو هنڌ جان پاٿ جي آسپاس وارو علائقو آهي. هي هنڌ بہ نئين دهليءَ ۾ آهي. ڪناٽ پليس جي ڊاڪٽي پاسي. پر هن پاسي جي Acomodation ڪجهہ مهانگي آهي. جيڪڏهن ڪو اجا بہ سستي رهائش جي ڳولا ۾ آهي تہ ان لاءِ پراڻي دهلي ڏي وڃڻ بهتر آهي. اتي توهان کي ڪيتريون ئي هوٽلون ملي وينديون.

پراڻي دهلي ۽ نئين دهليءَ جون ريلوي اسٽيشنون ائين آهن جيئن ڪراچيءَ جي سٽي اسٽيشن ۽ صدر اسٽيشن. پراڻي دهلي اسٽيشن جي ويجهو ئي مهاتما گانڌي پارڪ آهي جنهن جي اوپر ۾ دهلي پبلڪ لئبرري آهي ۽ ڏکڻ ۾ ٽائون هال. سيارو يا جهڙالي موسم ۾ واڪ ڪرڻ جا شوقين اتان واڪ ڪندا چاندني چوڪ کان ٿيندا ڏکڻ ۾ ايندا تہ جامع مسجد آهي ۽ اوپر طرف لال قلعو آهي. ٽائون هال کان لال قلعي ايندي توهان کي رستي تي ”گهنٽي والا“ مٺائي جو دڪان، سونهري مسجد، سکن جو هڪ پراڻو گوردوارو ”سسگنج“، گوري شنڪر جو مندر، دگمبارا جين مندر ۽ اکين جي اسپتال نظر ايندي. چاندني چوڪ دراصل پراڻي دهليءَ جي مين بازار آهي جيڪا ننڍن ننڍن دڪانن سان ڳتيل آهي جتي ماڻهن جي ڏينهن رات پيهہ پيهان لڳي رهي ٿي. پکين جي اسپتال جين ڌرم وارن جي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دهليءَ جي پراڻي ڪوٽ والي (kotwali) پوليس اسٽيشن سونهري مسجد جي بلڪل پر ۾ آهي. هيءَ مسجد اها آهي جنهن جي ڇت تي 1739ع ۾ نادر شاهه (ايراني حملہ آور جنهن لال قلعي مان "مور تخت" ڪڍايو) بيهي پري پري تائين دهليءَ جي تباهيءَ جو نظارو ڪيو هو. جنهن جو لشڪر هتي جي ماڻهن جو قتل ڪندا رهيا ۽ گهرن کي باهيون ڏيندا رهيا.

چاندني چوڪ جي ٻئي ڇيڙي تي (يعني جنهن طرف کان شروع ٿيا هئاسين ) فتح پوري مسجد آهي. جيڪا شاهجهان جي زالن جي 1650ع ۾ ٺهرائي. مسجد جي پرسان گودوديا مارڪيٽ آهي ۽ جتي کاري بائلي روڊ ۽ شاردانين روڊ هڪ ٻئي کي ڪراس ڪن ٿا اهو چوراهو لاهوري گيٽ سڏجي ٿو. دهليءَ جا ڪجهه چوراها مختلف گيٽ سڏجن ٿا خاص ڪري پراڻي دهليءَ جي آس پاس. جيئن ٿورو اڳتي غازي دين جي مدرسي وٽ رستن ملڻ ڪري جيڪو چوراهو ٺهي ٿو اهو اجميري گيٽ سڏجي ٿو ۽ اجا ٿورو اڳتي عيسائين جي هولي ٽرنٽي چرچ ۽ حضرت شاهه ترڪمن جي مقبري واري چوراهي جو نالو ترڪمن (Turkman) گيٽ آهي ۽ هن گيٽ کان اڳيان هلبو تہ هتي جي مشهور چور بازار ۽ تندور ريسٽورنٽ اچي ٿي ۽ ان بعد جيڪو چوراهو آهي ان جو نالو دهلي گيٽ آهي. ائين تہ لال قلعي ۽ جامع مسجد جي مختلف دروازن جا بہ نالا آهن بلڪ کي نالا تہ ساڳيا دهلي گيٽ ۽ لاهور گيٽ آهن پر رڪشا يا ٽئڪسي واري کي جڏهن چوندائو تہ مونکي پراڻي دهلي وٺي هل تہ هو يڪدم توهان کان پڇندو ڪهڙي گيٽ ڏي هلندائو ۽ ان مان هن جو مطلب هي چوراهائي آهن ۽ نہ لال قلعي جا دروازا.

نيو دهلي ريلوي اسٽيشن جي بلڪل سامهون "مين بازار" نالي روڊ آهي ان تي ۽ ان جي آس پاس وارين گهٽين ۾ تمام سستيون هوٽلون آهن جن مان ڪجهه جا نالا آئيڊيا خاطر لکان ٿو. بهتر اهو آهي تہ دهلي پهچڻ سان پهرين ڏينهن پلي ڪنهن مهانگي هوٽل ۾ رهي پئجي. مسافريءَ جو ٿڪ پڇي ٻئي ڏينهن آرام سان ضرورت ۽ کيسي ۾ پئسي مطابق ڪا Reasonable هوٽل ڳولجي. دهليءَ ۾ تمام گهٽيون هوٽلون آهن ۽ هر روز وڏيڪ ٺهي رهيون آهن. اونهاري ۾ گرميءَ ڪري يورپ پاسي جا مسافر گهٽ اچن ٿا ۽ هوٽلون خالي رکڻ کان بچڻ لاءِ هوٽل جا مالڪ مسافرن کي منٿون ڪندا رهن ٿا. ويندي رڪشائن وارا توهان کي هوٽلن جا ڏس پتا ڏيندا رهندا جن کي هوٽلن جي مالڪن طرفان ڪميشن ملڻ جا آسرا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوندا آهن. ان ڪري بهتر اهو آهي تہ پهرين رات ڪنهن ۾ بہ رهي پئجي ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن پاڻ ئي چونڊ ڪجي تہ ڪهڙي هوٽل جو ڪمرو ۽ سهولتون توهان لاءِ بهتر آهن. ان لاءِ مٿي ٻڌايل مين بازار روڊ جيڪو علائقو پهاڙ گنج بہ سڏجي ٿو سڀ کان گهڻو مشهور آهي. مين بازار روڊ جي ٻنهي ڪپرن تي ڪجهہ هي هوٽلون آهن: هوٽل اسٽار ويو هوٽل سپنا ۽ ستيام، هوٽل وشال ۽ ڪرشنا گيسٽ هائوس، اجي گيسٽ هائوس، هري راما گيسٽ هائوس، هوٽل نورنگ، هوٽل پايل، ڪامران لاج، هوٽل برائيٽ گيسٽ هائوس، ٽريولرس گيسٽ هائوس، هوٽل نمسڪار، هوٽل اسٽار پئلس، هوٽل ڊائون ٽائون .... ڪهڙا نالا ڪٽي ڪهڙا ڪڻجن ۽ هي تہ رڳو مين روڊ جون هوٽلون، مسافر خانا، لاجز، گيسٽ هائوس ٿيا ان کان علاوه هن روڊ جي هر گهٽيءَ ۾ هوٽلون. آهن ۽ هي سڀ هوٽلون نيو دهلي ريلوي اسٽيشن وٽ آهن. اسٽيشن مان نڪرڻ سان قطب روڊ وٽ هوٽل ڪانشتا آهي. ايئر ڪول ڪمرا، ٽي وي، باٿ روم ۽ بالڪني اٿس يوميہ مسواڙ اڍائي کان ٽي سؤ رپيا آهي. مين بازار روڊ تي جيڪو ٽريولر گيسٽ هائوس آهي ان ۾ ڊبل ڪمرا باٿ روم سان گڏ آهن. ڪمرا ايئر ڪنڊيشنڊ نہ آهن پر ڊبل جي مسواڙ فقط 200 رپيا. اتي ئي رايل گيسٽ هائوس آهي ان جي بہ ساڳي مسواڙ آهي. اها ئي ريٽ ٻين گيسٽ هائوسن ۽ اسٽار پئلس، ڊائون ٽائون ۽ نمسڪار جهڙين هوٽلن جي آهي. پايل، وويڪ ۽ وشال هوٽلن جي بہ اها آهي. بس رڳو اهو ڏسجي تہ جيڪو ڪمرو توهان کي ملي رهيو آهي ان کي دريون آهن ۽ هوادار آهي يا نہ. خاص ڪري اونهاري ۾. اهي سڀ هوٽلون بنا ايئرڪنڊيشن جي آهن. سياري جي موسم ۾ تہ انگريز ۽ يورپي بہ اتي رهن ٿا. مونکي بہ هڪ فرينچ سياح ٻڌايو تہ هو گذريل دفعي ان روڊ تي هڪ اهڙي هوٽل ۾ ڏيڍ سؤ رپيا روز جي مسواڙ تي رهيو هو. ”سياري ۾ ڪهڙي ضرورت ايئر ڪنڊيشنڊ جي! سڄو ڏينهن رلي پني رات جي ماني هڪ ريسٽورنٽ ۾ کائي يارهين بجي ڪمري تي پهچندو هوس ۽ بستر تي ليٽڻ سان ڪونگهرن ۾ پئجي ويندو هوس. اک کلندي هئي تہ سج مٿي چڙهيل هوندو هو. ”هنن هوٽلن ۾ گرم پاڻي ملي ٿو ۽ Attached باٿ روم آهي ان کان وڌي ٻي ڪهڙي عياشي ٿي سگهي ٿي.“ هن ٻڌايو.

اهڙين قسم جون ڪيٽريون ئي هوٽلون ۽ ڪجهہ ان کان مٿاهيون بہ ڪنات پليس ۽ جان پاٿ ايريا ۾ آهن. رنگو گيسٽ هائوس، سني گيسٽ هائوس، هوٽل بلو هوٽل پئلس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هائيٽس انهن مان ڪجهه آهن. يعني اهي سڀ سستي ۾ سستيون هوٽلون آهن.

پراڻي دهليءَ ۾، جامع مسجد جي آسپاس به ڪيتريون ئي سستيون هوٽلون آهن. مسجد جي بلڪل پٺيان هوٽل نيو سٽي پليس، هوٽل بمبئي اورينٽ، جتي چانڊني چوڪ ختم ٿو ٿئي اتي پارٽ هوٽل ۽ ان جي پرسان اسٽار گيسٽ هائوس وغيره. اهي سڀ اڍائي يا ٽي سؤ رپيه في ماڻهوءَ جي حساب سان آهن. ان کان علاوه يوٿ هاسٽلون ۽ YMCA ٽوئرسٽ هوٽل، YMCA گيسٽ هائوس ۽ YMCA بلو ٽرئنگل فئملي هاسٽلون به ڪيتريون ئي آهن.

ڪناٽ پليس ۽ جان پاٿ واري علائقي ۾ ڪجهه مهانگيون هوٽلون يوميه 500 رپين کان ست سؤ اٺ سؤ. ويندي هزار رپين واريون ڪجهه هن ريٽ آهن:

جان پاٿ گيسٽ هائوس (فون نمبر: 3321935)

هوٽل برائيٽ (فون نمبر: 3320444)

هوٽل 55

الڪا هوٽل

هوٽل ميٽرو

۽ اجا به ڪجهه مهانگين 1500رپين کان به هزار رپين تائين:

هوٽل سينٽرل ڪورٽ

پارڪ هوٽل

نيرولاز هوٽل (Nirula,s Hotel)

۽ اهڙيون ئي ٻن هزار رپين جي Rangeواريون هوٽلون چڙيا گهر جي پرواري علائقي سندر نگر ۾ پڻ جام آهن. جيئن ته:

مهاراڻي گيسٽ هائوس

ڪئلاشِ ان

لاسانگريتا ٽوئرسٽ هوم

جوڪاسوان

ڪناٽ پليس جي ويجهو به ڏاڍا سٺا پرائيويٽ گيسٽ هائوس آهن. هڪ نيو راجيندر نگر ۾ گهر نمبر R_500 جيڪو "ماسٽر پيئنگ گيسٽ هائوس" سڏجي ٿو ۽ ڪناٽ پليس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

کان رڪشا وارو ٽيهه رپيا ڪن پاڙو وٺندو ۽ پيو پاتري هائوس جيڪو راڻي جهانسي روڊ تي پنج ڪئين ۽ مندر مارگ رستن جي جنڪشن وٽ آهي. ڪناٽ پليس کان ميل ڪن پري ٿيندو. اڳواٽ جي اطلاع تي ۽ بہ ادائي سؤ رپيہ ڪن وڌيڪ خرچ تي هو توهان کي ايئرپورٽ تان بہ وٺي ايندا.

مٿي دهلي شهر جي مختلف چوراهن بابت پڙهي لکيو اٿم تہ انهن مان ڪجهہ چوراها گيٽ سڏجن ٿا جيئن تہ دهلي گيٽ، اجميري گيٽ، لاهوري گيٽ وغيره. اجميري گيٽ وٽ لکيو اٿم تہ غازي دين جو پراڻو مدرسو آهي. اڄ ان مدرسي جي فوٽو سميت اخبار ۾ خبر آئي آهي تہ انڪروچمينٽ کان علاوه هن مدرسي (جيڪو اڄڪلهہ اينگلو عربڪ اسڪول سڏجي ٿو) جي عمارت ۾ بہ ڪافي ڏار پئجي ويا آهن ۽ هيءَ تاريخي عمارت جيڪا اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو ورثو آهي، ان کي DDA(دهلي ڊولپمينٽ اٿارٽي) وارا سهڻو بڻائي رهيا آهن. اجميري گيٽ وٽ هي اسڪول مغل شهنشاهہ جي مليٽري ڪمانڊر غازي الدين خان فيروز جنگ تي سؤ کن سال اڳ 1702ع ۾ ٺهرايو هو ۽ هن اسڪول جو پهريون نالو غازي الدين مدرسو هو ان بعد1825ع ۾ انگريزن هن جو نالو دهلي ڪاليج رکيو ۽ پوءِ 1948ع ۾ جواهر لعل نهرو ۽ ان وقت جي ”دهلي سر مائورس گوير“ جي وائيس چانسلر مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪوشش سان هن ڪاليج ۾ ”ڪو ايجوڪيشن“ ڪئي وئي ۽ نالو بدلائي اينگلو عربڪ اسڪول رکيو ويو. هن اسڪول جي عمارت وچ ايشيا ۽ مغل آرڪيٽيڪٽ جو مڪسچر آهي ۽ هي اسڪول پهريون سڪيولر تعليم گاهہ هو جتي انگريزي ۽ ماڊرن سائنس جهڙا سبجيڪٽ پڙهايا ويا ٿي. هي ڪاليج اردو زبان جي خدمتن کان بہ مشهور آهي. دهلي ڊولپمينٽ اٿارٽي هن اسڪول کي اصلي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڏيڍ ڪروڙ رپيا خرچ ڪري رهي آهي.

هن اسڪول بلڊنگ جي ڪنڊ تي ان زماني جي مسجد پڻ آهي ۽ پر ۾ غازي الدين خان جو مقبرو آهي. هي اسڪول هندستان جي ورهاڱي وقت بند رهيو ۽ ان کان اڳ 1857ع ۾ بلوي دوران بند رهيو ۽ پوءِ 26سالن بعد 1883 ع ۾ لارڊلٽن (Lord Litton)کولرايو. 1857ع واري بلوي ۾ اسڪول ۾ موجود ڪيترائي قيمتي سڪا، بي بها هٿ جون لکڻيون (Manuscripts) ويندي غالب جا هٿ جا لکيل ديوان ۽ فارسي ۽ عربي جي خوبصورت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪئليگرافي چوري ڪري ٻَرن اڳهن ۾ وڪي وئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڇا دهلي ٺڳن کان مشهور آهي . . .

دهليءَ ۾ پهچڻ سان محسوس ٿئي ٿو تہ هتي لا ائنڊ آرڊر (امن امان) جي حالت بهتر آهي. ماڻهو قانون جي عزت ڪن ٿا، پوليس ڪي رشوت کائڻ جي ايڏي پٺِ ناهي ۽ نہ اها هتي جي سياستدانن، وڏيرن، پيرن ۽ چوڌرين جي کيسي ۾ مڪمل طرح بند آهي. قانون جي دائري اندر شهر جون هوٽلون، دڪان، ڪلب سڄي سڄي رات کليا پيا آهن. مڪاني ماڻهو توڙي ڌاريان سوئرسٽ سڄي رات پيا گهمن، پيا هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سفر ڪن. ڪير ڪنهن کي اغوا نٿو ڪري، ڪير ڪنهن کي ڪوڙي ڪيس ۾ لاڪ اپ ۾ بند نٿو ڪري دڪاندارن ۽ سئنيما وارن کان ڪو غنڊہ ٽئڪس يا ڀتو نٿو وٺي، ڪٿي بہ هر وقت مذهبي جهيڙا فساد نٿا ٿين. مسجدون، مندر، ٽڪاڻا گوردوارا سڀ کليا پيا آهن ۽ انهن ۾ ان مذهب جا ماڻهو تہ ڇا ٻين مذهبن جا بہ گهڙيو ديدار ڪريو وڃن، فوٽو ڪڍيو وڃن. (هن مندر ۾ وڃي آئون بہ فوٽو ڪڍندو رهيو آهيان.) هتي جي ڪنهن بہ مسجد يا مندر ۾ تالو نٿو لڳي. بالاجي مارڪيٽ (ڪالڪا) واري جامع مسجد جي پيش امام ٻڌايو تہ ٽيهن سالن کان يعني جڏهن کان هيءَ مسجد ٺهي آهي سندس چارئي مين گيٽ کليل آهن. ڪڏهن بہ بند نہ ٿيا آهن، چاهي مسلمانن جي عيد يا عاشورو هجي يا مسجد جي چوڌاري رهندڙ هندو ڪميونٽيءَ جي هولي يا ڏياري. اهي سڀ ڳالهيون سوچي چئي سگهجي ٿو تہ هتي امن امان جي حالت سٺي آهي. پر بهرحال اهڙي ڪٺي سٺي نہ بہ هجي ۽ واقعي تمام گهڻي سٺي ناهي پر اسان سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن جي رهواسين کان انڊيا جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو وڏي سڪون ۾ آهن. مون اهو سوال گذريل سڄو مهينو دهليءَ ۾ هر ان ماڻهوءَ کان ڪيو آهي جنهن لاءِ مون کي خبر پيئي آهي تہ هي هتي گهمڻ لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد کان آيو آهي يا شڪارپور، سکر ۽ جيڪب آباد جهڙن ننڍن شهرن کان آيو آهي. هر هڪ ٺڏو شوڪارو ڀري انڊيا ۽ پاڪستان ۾ وڏو فرق امن امان هجڻ ۽ نہ هجڻ جو ٻڌايو.

بهرحال تي دهليءَ ۾ تمام گهڻو امن امان بہ نہ آهي ٻہ ڪروڙ آدمشماري جي هن شهر ۾ ڪيترائي لوفر لفنگا بہ آهن. هر گهٽيءَ ۾ خون ريزي، وڏي چوري يا ڌاڙو يا اغوا جو ڪيس

ڪٽي نٿو ٿئي پر ننڍي پئماني جون چوريون، پڪ پاڪيٽنگ (جيب ڪتر) ۽ آيل مسافرن ۽ مڪاني ماڻهن سان ننڍيون ننڍيون لڳيون ۽ لچايون عام ٿينديون رهن ٿيون. ان ڪري هن پاسي آيل مسافر هر ڳالهه کان بي خبر ۽ بي اونو ٿي نہ هلي. هو پنهنجا هوش قائم رکي ۽ ڪنهن بہ لڳ ۽ اٽڪل باز جي ڳالهين ۾ اچي پنهنجو پاڻ کي نہ ڦرائي. خاص ڪري پنهنجي پئسي ۽ سفر جي ڪاغذن (پاسپورٽ، شناختي ڪارڊ، ويزا واري پني ۽ ٻين اهڙين شين) کي جان سان سوگهو رکي. جو پرديس ۾ ڪوبہ ڪنهن جو مٽ يا دوست ناهي.

دهلي پهچڻ جي ٽئين يا چوٿين ڏينهن خبر پئي تہ نولراءِ جي ننڍي ڀيڻ جو پرس چوري ٿي ويو جنهن ۾ سندس پنج ڇهہ هزار رپيا هئا. اهو پئسن جو ننڍڙو ٻٽون هٿ ۾ کڻڻ جي وڏي پرس ۾ هو.

”ڀيڻ شيلان تون سڀ ۾ گهٽي سمارٽ ۽ هوشيار تنهنجي ڪيئن چوري ٿي ۽ پرس اندران چور ڪيئن ٻٽو ڪڍيو جو تو کي خبر ئي نہ پئي؟“ مون پڇيومانس.

شيلان روايتي ٺهڪ ڏيندي چيو: ”ادا ڏسو پيا نہ؟ دهليءَ جي لڳن جو ٻڌو نہ اٿانو! سو هاڻ ان دهليءَ ۾ واقعي اچي ويا آهيون.“

خبر پيئي تہ پراڻي دهليءَ جي هڪ ڀيھ ڀيھان واري مارڪيٽ ۾ ڪنهن جيب ڪتري چوڪري بليڊ سان وڏي پرس کي وچ تان چيهڪ ڏيئي اندر پيل ٻٽون ڪڍي ورتو. ٻٽونءَ سان گڏ ٽيليفون جا ڪارڊ، پنا، پين ڪرڻ تي هن جو ڌيان انهن شين ڏي هليو ويو جن کي هوءَ ميڙي چونڊي پرس ۾ وجهي تہ ڏسي تہ پرس جي زپ تہ بند آهي. هي شيون ڪريون ڪيئن؟ ۽ پوءِ پاسي کان ڏسي تہ پرس کي آيل وڏو چيهڪ نظر آيس.

اهڙي طرح اسان ڄاڃين مان هڪ جي بئگ دهليءَ کان ٻڙودا ويندي چوري ٿي وئي. ٿي سگهي ٿو دهلي اسٽيشن تي ٿي هجي جو سيني جو سامان، سؤ کن ننگ ٿيندا، ٻن وڏين ٽرالين تي هو جيڪو گاڏيءَ ۾ چاڙهڻ تائين جو چئن قلين ست سؤ رپيا ٻولايا هئا. سو ان وقت يا ٽرين ۾ چاڙهڻ وقت هڪ بئگ هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڇڏي هجين يا اجان بہ ائين ٿي سگهي ٿو تہ ٽرين مان رات جي وقت اسان جي يا ڪنهن پر واري ڊٻي جي مسافر يا ڊائننگ ڪار جي بئري اها بئگ غائب ڪري ڇڏي هجي جو ڏهين ٻارهين کان پوءِ تقريبا سڀ مسافر سمهي پيا. سيني جو سامان هيٺين سيٽ جي هيٺان رکيل هو. رات جي وقت هڪ ٻن ريلوي

استيشن تي گاڏي بيٺي هئي ۽ ڪجهه ماڻهو لٿا ۽ ڪجهه چڙهيا هئا. تي سگهي ٿو ان وقت ڪو چوري ڪري ويو هجي جو اسان کي ته بڙودا ۾ لهڻ وقت ئي خبر پيئي ۽ اسان ان وقت پنهي ٽنهي ڏهن (جن ۾ اسان جا چاچي ورهايل هئا) جي ڪنڊ ڪنڊ ڏٺيسين پر نه ملي. دراصل رات جي وقت ان قسم جون چوريون ريل گاڏين ۾ عام ٿين ٿيون. ڊگهي سفر ڪرڻ وارا مسافر رات جو آخر سمهيو رهن. بئگ چورائڻ وارو چور تاڙ ۾ رهي ٿو ۽ سيٽ هيٺان بئگ ڇڪيو رات جي اونداهيءَ ۾ ڪنهن استيشن تي لهيو وڃي. ٽرين ۾ رات جي سفر ۾ پنهنجي بئگ چوري ٿيڻ کان ڪيئن بچائجي؟ يا بئگ بچائجي يا ننڊ نه ڪجي اهو ئي جواب ٿي سگهي ٿو پر اسان سان گڏ سفر ڪندڙ پوليس جو رٽائرڊ آفيسر جڏهن صبح جو پنهنجي ريلوي استيشن تي لٿو ته ڏسان ته چاٻي ڪٽي تالو پيو کولي. مونکي تعجب لڳو ته گاڏي بنهه آهستي ٿي استيشن تي بيٺي ۽ هي هاڻ بئگ کولي سامان ٿو ناهي چا. گاڏي ته ڪا به منٽ به مس بيهندي. پر پوءِ ڏسان ته اهو تالو کولي ان سان گڏ سنهي ڊگهي زنجير ڇڪي ٻاهر ڪيائين ۽ پوءِ سيٽ هيٺان رکيل بئگ ٻاهر ڪڍيائين.

مون کلندي چيومانس: ”واهه جي Ideaڀڏائي.“

”پيو نه ته وري! اهڙيون سمارٽ آئيڊيائون پوليس وارن وٽ هونديون آهن يا ...“

”يا چورن وٽ“ مون جملو پورو ڪيومانس.

”دئٽس اٽ. تو صحيح سمجهيو.“ هن ٺهڪ ڏيندي چيو.

سو ريل گاڏين ۾ سفر ڪرڻ وارو دوستو! رات جي ڊگهي سفر لاءِ نڪرو ته سؤ رپيا کن وڌيڪ خرچ ڪري هڪ زنجير ۽ تالو به وٺو ۽ ٽرين ۾ سمهڻ کان اڳ زنجير کي پنهنجي بئگ جي چوڏاري ڦيرائي، بئگ جي هئنڊل مان لنگهائي سيٽ جي ڪنهن ٽنگ مان گهمائي تالو هڻي ڇڏيو. اها خواري ان وڏي خواريءَ کان بهتر آهي جنهن ۾ توهان ته منزل تائين پهچي وڃو پر توهان کي پائڻ لاءِ نه ڪپڙا هجن ۽ نه ٻيو سامان.

هڪ ڏينهن اشوڪا روڊ تان واڪ ڪندو فيروز شاهه روڊ ڏي پئي ويس ته اتي چوراهي وٽ موجود هوٽلن مان ”جان پاٿ هوٽل“ يا شايد ”ڪانشڪا هوٽل“ مان هڪ يورپي گورو به نڪتو ۽ مون سان گڏ گڏ هلڻ لڳو. هن کي ڪستوربا گانڌي مارگ (شاهراهه) تان مڙي انڊيا گيٽ ڏي وڃڻو هو. رستي تي به چار ڇوڪرا پينسلون ۽ ڪجهه ٻيو سامان خريد ڪرڻ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اسان کي منٿون ڪرڻ لڳا. گوري انگريز هنن کي دڙڪا ڏيئي آخر پڇائي ڪڍيو.

”دهليءَ جي شهر ۾ هھڙن لڳن بيزار ڪري ڇڏيو آهي.“ هن چيو ۽ پوءِ به ڏينهن اڳ جو هن قصو ٻڌايو ته هو دهليءَ جي خان بازار ۾ شاپنگ ڪري رهيو هو ته هڪ بوٽ پالش وارو هن کي ڦري آيو ته بوٽ پالش ڪريان. ”ڪيترو ئي سمجهايانس ته بابا مون کي پالش ناهي ڪرائڻي. وڏي ڳالهه ته منهنجا بوٽ چمڙي جا نه آهن جو پالش ڪرايان. اهي سئيڊ (ڪپڙي) جا آهن ته به جان نه ڇڏي. ۽ ايتري ۾ هيٺ بوٽن ڏي ڏسان ته ڪنهن ڍڳيءَ جي ڇيڻ سان هڪڙو پادر پريو پيو آهي. آخر مجبور ٿي هن جي آفر تي بوٽ صاف ڪرايم. صاف ڪرڻ کان اڳ هو جو غريب ٿي نهنائيءَ مان ڳالهائي رهيو هو هاڻ ماڳهين Aggressive ٿي پيو. چي بوٽ تان ڇيڻ صاف ڪرڻ جا به سؤ رپيا ڇڏاءِ. آخر وڏي بحث بعد ٽيهه رپيا ڏيڻا پيم. پوءِ ٿورو اڳيان هلان ته بوٽ پالش ڪرڻ وارا به پيا چوڪرا ورائي ويا ۽ ڏسان ته ٽيون ڄڻو هڪ مون جهڙي فارينر جي بوٽ تان ڇيڻو پيو صاف ڪري. پوءِ آئون سمجهي ويس ته هنن بدمعاشن وٽ ڪا واٽر گن جهڙي شيءِ آهي جنهن ۾ ڇيڻ پري ٽوئرسٽن جا بوٽ خراب ڪريو پئسا پيا ڦرين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪيترا عرب انڊيا ۾ شاديءَ لاءِ اچن ٿا

انڊيا ۾ جتي ٻين ڳالهين جي آزادي آهي اتي شراب، ناچ گاني ويندي prostitution ۽ جوا جي کليل نه ته ڍڪيل ڇپيل آزادي ضرور آهي ۽ حڪومت ۽ ان جا ادارا اهڙين ڳالهين تي ڪوشش ڪري اکيوٽ ئي ڪن ٿا جو هنن کي خبر آهي ته سندن ملڪ جي وڏي ڪمائي انهن ڳالهين مان آهي. انهن شين جي ڪري ئي سندن ملڪ ۾ ڊاريان ٽوئرسٽ اچن ٿا، پوءِ آمريڪن ۽ يورپي سستائيءَ ڪري انڊيا اچن ٿا ۽ اسان جي ملڪ جا مسلمان ۽ عرب امير شراب ۽ رنڊي بازي لاءِ جو هنن جي ملڪ ۾ هڪ ته اهي ڪم کلئي عام نه آهن ۽ ٻيو ته اهي پنهنجن ملڪن ۾ وڏا ساڌ پات، پير مرشد ۽ نيڪ نمازي هجڻ جي ٻاهرين شناخت رکيو پيا هلن. ۽ پوءِ هن پاسي پهچڻ سان پنهنجي اصليت ۾ اچيو وڃن. هونءَ به ڪي ورلي ٽوئرسٽ هوندا جن جو شوق تاريخي جايون ڏسڻ هوندو ۽ هو پنهنجين هوٽلن جا ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرا ڇڏي نڪهه اس ۾ پراڻن کنڊرن ۾ پنهنجي ٽڪڻ ساڙيندا هوندا يا ٿائيلنڊ جي ڇڪلن وارن شهرن ۾ سامونڊي ڪنارن جو لطف وٺندا هوندا نه ته گهڻا عياشيءَ لاءِ نڪرن ٿا.

بهرحال اها حقيقت آهي ته جتي گهڻا ٽوئرسٽ اچن ٿا اتي آمريڪن ڊالرن جي ريل پيل ته شروع ٿيو وڃي پر پوءِ ان سان گڏ ڪيترين ئي اخلاقي برايون به پنهنجو رستو ڏسيو ڇڏين پوءِ اهي پٽ ڪٽي سيام (ٿائيلينڊ) جا هجن يا سائگون (ويتنام) جا، انڊونيشيا هجي يا انڊيا جا بچرائيءَ جو ڏاڪو وڃي وڌندو ۽ وڌندو.

اڄڪلهه هتي انڊيا ۾ جوراني نالي شارجاه جي هڪ ٽيهتر سالن جي هڪ عرب جو ڪورٽ ۾ ڪيس هلي رهيو آهي (۽ انڊيا جي سيني اخبارن ۾ ان عرب جي فرنٽ پيج تي اسٽوري آهي) جنهن حيدرآباد دکن ۾ اچي حسينا بيگم نالي هڪ اوٺهين سالن جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي ۽ ڪجهه ڏينهن بعد ان کي ڇڏي سورهن سالن جي رخسانا نالي هڪ ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. بلڪ پوليس کي پڪ آهي ته هن ٿي ڇوڪريءَ سان به شاديءَ جو ڊونگ رچائي پاڻ وٽ رکيو پر ڪورٽ ۾ شاهديءَ لاءِ فقط مٿيون به ڇوڪريون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پهچي سگهيون آهن.

شادين ۽ سيڪس جي شوقين عربن لاءِ حيدرآباد دکن جو هوائي اڏو ”راجيو گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ“ دلپسند منزل آهي. بقول هتي جي حڪومت جي ”عرب دنيا“ کان ايندڙ روزانو سوين عربن مان انهن چند کي ڪيئن ڳولين جن جي نيت انڊيا جا شهر گهمڻ يا بزنيس ۽ شاپنگ بدران هتي جي غريب ڇوڪرين کي جنسي طرح Exploitڪرڻ آهي. هڪ حد کان وڌيڪ ڪنهن بہ مسافر جي کوج ۽ پڇا ڪرڻ سان شريف مسافر بہ هتي اچڻ ڇڏي ڏيندا. دبئي ۽ شارجا پاسي کان ايندڙ عرب ظاهريءَ طرح تہ گهمڻ ۽ شاپنگ لاءِ اچن ٿا پر پوءِ انهن مان ڪيترا ننڍي عمر جون ڪنواريون ڳولڻ ۾ لڳيو وڃن جنهن ۾ ڪين مڪاني دلال بہ مدد ڪن ٿا. شاديءَ لاءِ حڪومت هڪ هندوءَ کي تہ جهلي سگهي ٿي جو ملڪ جي ”هندو. لا“ مطابق هڪ هندو ٻي شادي نٿو ڪري سگهي پر مڪاني انڊين مسلمان يا ڌارئين ملڪ کان آيل مسلمان مذهب جي آڙ وٺي ٻي يا ٽي بہ شادي ڪن ٿا جو انڊيا جي قانون مطابق انڊيا ۾ ڪوبہ مسلمان چئن تائين زالون رکي سگهي ٿو ۽ هي امير عرب ننڍپڻ ۽ اڻ بالغ ڇوڪرين سان پنهنجي حوس پوري ڪرڻ لاءِ شاديءَ جو نسخو استعمال ڪن ٿا ۽ جتي پئسي جي ڏيتي ليتي جام هلي اتي نر بہ لائين تان لهيو وڃن. اهڙا ڪيترا ملان ۽ قاضي حيدرآباد جهڙي شهر ۾ نڪريو پون جيڪي ان ڪم جي نہ فقط پوئواري ڪن ٿا پر نڪاح پڙهي Sexual شوق کي قانونيءَ طرح شاديءَ جو نالو ڏين ٿا ۽ پوءِ مهيني اڌ بعد طلاق جو ڪم ڪرائين ٿا. جيڪڏهن ڪا ڇوڪري خوش نصيب آهي تہ هوءَ عرب سان دبئي يا شارجا ڏي رواني بہ ٿيو وڃي. پر اتي پهچي هوءَ زال بڻجي سک جي زندگي گذارڻ بدران هن عرب وٽ نوڪرياڻي ٿي ڪم ڪري ٿي يا ڪيس رنڊيءَ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. بهرحال 19سالن جي حسينا بيگم حيدرآباد دکن جي چندرا ياگتا پوليس اسٽيشن تي شڪايت درج ڪري نگن جي هڪ ٽولي کي وائکو تہ ڪيو آهي، هاڻ ڏسجي تہ ڪيستائين تدارڪ ٿو ٿئي.

حسينا جي مائٽن وچ ۾ پوندڙ دلالن کان چاليهہ هزار رپيا وٺي پنهنجي ڌيءَ جي شادي هڪ 73 ورهين جي پوڙهي شارجا جي عرب محمد جعفر يعقوب حسن الجوراني سان ڪرائي جيڪو هڪ اک کان ڪاڻو پڻ آهي ۽ ٻي اک خراب ٿيڻ تي هتي انڊيا ۾ آپريشن

لاءِ آيو آهي. هن حسينا کي ڇڏي هاڻ ٻي ڇوڪريءَ سان ٿي شادي ڪئي تہ حسينا پوليس اسٽيشن تي اچي دانهيو ۽ ڪلاڪن اندر سندس مڙس جوراني ۽ وچ ۾ پونڊڙ شمس الدين نالي دلال (جنهن حسينا کي سندس ڏيءَ جي قيمت چاليهہ هزار ڏيئي جورانيءَ سان شادي ڪرائي) کي پوليس ٿاڻي تي ٻڌي آئي. خبر پيئي تہ جورانيءَ کي بہ زالون ۽ ٻارهن ٻار آهن جيڪي شارجا ۾ رهن ٿا ۽ جوراني هي ٽيون دفعو انڊيا آيو آهي.

حسينا جي هن رپورٽ بعد مڪاني پوليس هن ڪرائيم پنيان ڪم ڪندڙ هڪ گئنگ جي اندر تائين پهتي آهي جنهن ۾ ٽريول ايجنٽ، دلال ۽ قاضي Involve ٿيل آهن جيڪي شاديءَ جا ههڙا نڪاح ناما رجسٽر ڪن ٿا. پهريون دفعو هتي جي پوليس نائب قاضيءَ کي بہ جهليو آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ رڳو هن سال هن قسم جون اٽڪل 35شاديون حيدرآباد دکن جي غريب ڇوڪرين جون عربن سان ٿيون آهن. ننڍي عمر جي ڇوڪرين سان اهي شاديون ڪي چند ڏينهن مس هلن ٿيون، ان بعد انهن جا عرب مڙس کين ڇڏيو وڃن يا طلاق ڏئي حق مهر جا پئسا دلال ذريعي موڪليو ڏين. ڪجهہ ڇوڪريون جيڪي عربن سان سندن وطن روانيون ٿين ٿيون انهن جي حال بابت مٿي لکي چڪو آهيان.

ننڍي عمر جي ڇوڪرين جو شاديءَ بهاني گلف جي ملڪن ڏي سمگل ٿي وڃڻ جي ڄاڻ 1991 ع ۾ پهريون دفعو ظاهر ٿي هئي جڏهن امينا نالي يارهن سالن جي ڇوڪريءَ جي شادي هڪ پوڙهي عرب سان رچائي وئي هئي ۽ هوائي سفر دوران هي جوڙو جهلجي پيو هو. ان بعد ڪجهہ عرصي لاءِ ناپر اچي وئي پر هاڻ لڳي ٿو تہ هڪ دفعو وري حيدرآباد دکن جي ”ڪنوار بازار“ زور شور سان پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# جيتڪي ڳالهيون رهجي ويون

انڊيا لاءِ ڪنهن خوب چيو آهي تہ:

India is not a country but a continent.

انڊيا ملڪ ناهي پر کنڊ آهي. اتر کان ڏکڻ تائين ۽ اوڀر کان اولهہ تائين ماڻهن جو رنگ روپ، هاڻي ڪاٺي، پوشاڪ ڪاڌو ۽ زبان مختلف آهي. ماڻهن جون ريتون رسمون ۽ رواج وهنوار مختلف آهن. سڄو ملڪ ئي مختلف آهي. هن ڌرتيءَ تي اهڙا ڪي چند ملڪ هوندا جن ۾ انڊيا جهڙي Variety ملندي.

دهلي ڏي ويندي رستي تي لڌيانا ۽ امبالا جي وچ ۾، رستي جي هڪ هوٽل تي چانهہ پي ٻاهر بس ۾ چڙهڻ لاءِ آيس تہ رستي تي هڪ معذور عورت خيرات گهريو. مون هن جي جهوليءَ ۾ ٻچيل سڪا وڌا.

”توهان ڪي نہ ڏيڻ کپي،“ بس ڊرائيور مونکي سمجهايو. ”اهي پئسا هن کي ڪڏهن بہ نصيب نہ ٿيندا. اهي ان شخص جي حوالي ٿي ويندا جيڪو پنڻ جو ڪاروبار ٿو هلائي. هو انهن پئسن مان ٻيا ٻار ۽ عورتون خريد ڪري انهن کي لولو لنگڙو بنائي رستن تي پنڻ لاءِ ڇڏيندو. چوتہ هن کي خبر آهي تہ ماڻهو انهن تي رحم کائي اجا وڌيڪ ڏيندا.“

آئون سوچڻ لڳس تہ India as a Nation ڪيڏي پختي مزاج واري آهي جو جنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪري ٿي اهو پورو ڪري ٿي. پان کائي رستي تي ٿڪون اڇلڻ لاءِ منع ڪئي وئي تہ رستي هلندي پان کائڻ بند ٿي ويو. ايئرڪنڊيشنڊ آفيس، بس يا ريل جي ڊبي ۾ سگريٽ ڇڪڻ تي بندش وجهڻ جو اعلان ٿيو تہ جتي ڪٿي ان تي عمل ٿي ويو ۽ هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ پنڻ جو آزار بند ڪرائڻ لاءِ خيرات ڏيڻ کان جهليو ويو آهي تہ ان تي بہ جتي ڪٿي عمل شروع ٿي ويو آهي.

انڊيا ڇڏڻ وقت جڏهن دهليءَ مان بس ۾ چڙهي رهيا هئاسين تہ اتي اسان جي سامان جي تور ۽ ڇڪاس ٿي. دهليءَ کان لاهور يا لاهور کان دهلي سفر ڪرڻ وارن کي ٻاڻ سان فقط ويهہ ڪلو سامان کڻڻ جي اجازت آهي. مون سمجهيو اسان جي فقط بئگن جي تور ٿيندي هٿ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪنيل ٽيلهي کي ان تور ۾ شامل نہ ڪيو ويندو. هوائي جهاز ۾ بہ ائين ٿيندو آهي پر هتي هر مسافر جي بئگ سان گڏ سندس ٿيلهي کي بہ توريو پئي ويو. خبر ناهي قانون ان ريت آهي يا ان ڏينهن جيڪو انچارج صاحب هو ان پنهنجي طرفان ائين پئي ڪيو. ڪيترن ڪسٽم آفيسرن يا پوليس جي عملدارن کي قانون جي خبر نہ هوندي آهي پوءِ عوام جو سر ڪيڏندا آهن.

مسافرن جي پيهہ پيهان ۾ هرهڪ کي جلدي هجڻ ڪري هن کي ڳالهہ ٻڌڻ جي واندڪائي نہ هئي. منهنجي بہ بئگ جي تور 21 ڪلو ٿي ۽ چار ڪلو هٿ جي ٿيلهي جي يعني هن جي حساب موجب 25 ڪلو ٿيا. هن پنج ڪلو وڌيڪ بار جا سٺ سان ضرب ڪري ٽي سؤ رپيا ڏنڊ جي رسيد منهنجي هٿ تي رکي. منهنجي احتجاج ڪرڻ تي هن فقط اهو چيو تہ هڪ يا ٻہ ڪلو وڌيڪ هجن ها تہ درگذر ڪري ڇڏيان ها هتي پنج ڪلو وڌيڪ بار آهي. بهرحال 300 رپيا جمع ڪرائي بئگ بس ۾ چاڙهڻ لاءِ سندس حوالي ڪري باقي ٿيلهو کڻي اچي انتظار گاهہ ۾ وينس جتي مونکان اڳ جا ويٺل مسافر وچي ۽ سندس پڦي شيلا وارا ساڳي شڪايت ڪري رهيا هئا تہ هنن هٿ ۾ کڻڻ جي ٿيلهي جي بہ تور ڪئي ۽ وڌيڪ وزن جا پئسا ورتا.

”اهڙي خبر هجي ها تہ ٿيلهي ۾ ساڙهيون ۽ ٻيو سامان وجهي ڳرو ڪرڻ بدران اهو سامان بئگ ۾ ئي وجهون ها ۽ اسان ڳرو ٿيلهو پاڻ سان ڍوئڻ کان بچي وڃون ها.“ نول جي ننڍي ڀيڻ شيلا چيو. پاڻ سيني ۾ گهٽو چرچائڻ لڳي ٿي. منهنجي هٿ ۾ وڌيڪ بار جي Paymentڪرڻ جي رسيد ڏسي يڪدم چيو ”ادا آهي تہ خير تو تہ ساڙهيون بہ نہ ورتيون ۽ گهر ڇڏڻ وقت مقرر تور کان وڌيڪ رسالا ۽ ڪتاب بہ اچلي ڇڏيا پوءِ ڇو پئسا ڏيٽا پيا؟“

مون پنهنجي ٿيلهي کي ڪڇ ۾ سوگهو جهلي وراڻيومانس: ”بس مون بہ هتي پهچڻ کان اڳ ڪجهہ قيمتي سامان کڻي ورتو.“

دراصل گهران نڪرڻ وقت منهنجي ٿيلهي ۾ فقط ڪئميرا، پين، ننڍڙي ڪاپي ۽ پڙهڻ جي عينڪ هئي. پوءِ هتي پهچي ٻاهرين دڪان تان 25رپين جي ڏيڊ لٽر واري پاڻيءَ جي بوتل ورتي. دڪاندار وٽ کلا پئسا نہ هئا جو منهنجي ڏنل پنجاهہ رپين مان باقي 25واپس ڪري ۽ مونکي بس جي آفيس تائين پهچڻ جي جلدي هئي سو باقي پئسن جي هڪ ٻي بہ

بوتل ورتم. يعني هاڻ اهي ٽي ڪلو وڏيڪ وزن ٿيلهي ۾ ڪنيو پيو هلان جيڪو نہ هجي ها تہ باقي ڪلو ٻن جا پئسا نہ وٺن ها. ٻي ڳالهہ تہ جي مون ڪي رستي تي پاڻي پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جي بوتل وٺڻي بہ هئي تہ ٻاهران وٺڻ بدران هتان اندر ٿهيل دڪان تان وٺان ها تہ وڌيڪ وزن جو ليکو نہ ٿئي ها.

ٿوري دير بعد منهنجي پر ۾ ويٺل شيلا جي ڏيءَ برڪا ڪي اڃ لڳي. شيلا پلاسٽڪ جو گلاس پرس مان ڪڍي اسان ويٺلن کان پڇيو تہ ڪنهن وٽ پاڻي آهي.

”جي ها.“ مون يڪدم هائوڪار ڪري ڪاري ٻلي جهڙي ڏڳهي ٿيلهي جي زپ کولي چيو: ”پاڻي ڏيانءِ ٿو پر خيال سان پيئجان دنيا جو هي مهانگو ترين پاڻي آهي.“

شيلا کلندي پڇيو: ”اهو ڪيئن؟“

ڪيس ٿيلهي ۾ رکيل پاڻيءَ جون بہ بوتلون ڏيکاريندي چيم تہ انهن ٻن بوتلن جي ٽي ڪلو وزن ڪري تہ ٽي سؤ رپيا ڏنڊ ڀريا اٿم.“

شيلا ٺهڪ ڏيندي چيو: ”اسان وٽ تہ هيون ساڙهيون ۽ ڪچو ڪپڙو جنهن کي اڇلائي بہ نٿي سگهياسين توهان تہ توراڻ مهل هي ٻئي بوتلون ٿيلهي مان ڪڍي ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائي ڇڏيو ها.“

”بس ڪهڙيون ٽي ڳالهيون پڇين، هوءَ تہ پنهنجو پاڻ کي سياڻو سمجهي وتون ٻين کي صلاحون ڏيندا پر هينئر هڪ اسان جا هوش خطا ٿي ويا ۽ ٻيو چڪاس واري پوليس آفيسر منجهائي ماريو هو.“ مون وراڻيو مانس.

بس ۾ اسان جو سامان چاڙهڻ کان اڳ لاهور وانگر هتي دهليءَ ۾ بہ هتي جي سڪيورٽي پوليس چيڪ ڪرڻ ٿي چاهيو. ان کان اڳ اسان جو سامان اليڪٽرڪ Scanner مان گذري چڪو هو سو جيڪڏهن هو ڪو بم يا هٿيار پنهوار ڏسڻ ٿا چاهين تہ اهو تہ چيڪ ٿي ويو هاڻ ڇاجي ٿا ڳولها ڪن.

”پنهنجي پنهنجي بئگ جو تالو کولي پوءِ پوليس آفيسر اڳيان ٽيبل تي رکو.“ هيٺين درجي وارن سپاهين جي رڙ پئي پيئي ۽ چڪاس ڪندڙ آفيسر بئگ جو ڍڪ کولي هٿ سان بئگ اندر هيڏانهن هوڏانهن ڪجهہ ڳولهي بئگ جي مالڪ کان ڪجهہ پڇيو ٿي. جڏهن آئون هن جي ويجهو ٿيس تہ ٻڌم تہ هو هر هڪ کان اهو پڇي رهيو هو تہ پان جا پتا (پن) تہ نہ

ڪٽيو پيا وڃو. هونءَ ته ان ڳالهه جو انڊيا وارن کي فڪر نه هئڻ ڪپي جو انڊيا ۾ پان جي پوک جام ٿي ٿئي. ڪلڪتي بنگال ۽ بهار پاسي جي ته موسم اهڙي آهي جو بنا ڪنهن محنت جي پاڻهي پيون پان جي پنن جون وليون ڦٽن ۽ اها ته چڻ انڊيا جي مفت جي ڪمائي ٿي. اسان ڏارين کي جهلڻ بدران وڏيڪ همت افزائي ڪرڻ کپين جو سندن غيرملڪي ناڻي جي ڪمائي ٿي ٿئي. اجا به اسان جي ملڪ جي پوليس ۽ ڪسٽمس کي اهڙي شيءِ ملڪ ۾ آڻڻ کان منع ڪرڻ کپي جنهن مان فائدو ڪجهه نه آهي فقط نشو ۽ نقصان آهي. پر بهرحال جيڪو ڪم اسان کي ڪرڻ کپي اهو انڊيا ڪري رهي آهي ته هن جي وڏي مهرباني. هنن ته پنهنجي ملڪ ۾ به پان کائڻ تي سختي ڪري ڇڏي. شل اسان هن کي ڏسي سڌرون.

اڄ کان ٻه ٽي سال اڳ انڊيا جي حڪومت پان نه کائڻ جي مهم شروع ڪئي هئي ۽ پان کائڻ جي نقصانن بابت عوام کي اخبارن، ريڊيو ۽ شهر ۾ جتي ڪٿي پوسٽر هڻي آگاه ڪيو هو. ان مهم جي سلسلي ۾ انڊيا وارن وينڊي Sony ۽ Zee جهڙن فلمي چئنلن تي، مزاحيه ڪارٽون ڏنا هئا ته هڪ ڊيگي چارو پٽي اوڳاري ۽ پير ۾ هڪ ماڻهو ان وانگر پان چٻاڙي ڳاڙهين ٿڪن سان رستو ۽ پٽيون پيو خراب ڪري. اڄ انڊيا ۾ ڳولڻ سان ورلي ڪٿي ڪو پان وارو نظر اچي وڃي ته ٻي ڳالهه آهي نه ته عام طرح مونکي ڪٿي نظر نه آيو. ڪنهن کي پان چٻاڙيندي نه ڏٺم. پان کائڻ جي اها تهذيب جيڪا لکنؤ، عليڳڙهه، آگري، دهليءَ کان شروع ٿي اڄ اتي ته بند ٿي ويئي پر اسان جي ملڪ جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ جا رهاڪو سنڌي ۽ بلوچ چرين وانگر وينا پان چٻاڙين ۽ هلندي چلندي، بسين مان پچڪاريءَ جهڙيون چن ڪٿي جون ڳاڙهيون پيڪون اڇلين. سندن وات پڪا پيا آهن، نڙيون سوڙهيون ٿيون پيون آهن، زبانون چلراٽيون پيون آهن ۽ بقول ڊاڪٽرن جي پان کائڻ وارن ۾ ڪيترا ڪئنسر جا مريض آهن.

دهليءَ ۾ جامعه ملي اسلاميه (مسلمانن جي هڪ پراڻي ۽ ناماري يونيورسٽي) گهمڻ دوران اتي جي وائيس چانسلر مشير الحسن ٻڌايو ته جامعه وارا هندستان جي مشهور ليکڪ منشي پريم چند جي ياد ۾ Archive ناهي رهيا آهن. ”منشي پريم چند کي توهان باباءِ اردو ۽ هندي زبان چئي سگهو ٿا.“ وي سيءَ چيو: ”سندس Collection ۾ اسان سندس هٿ لکٽيون، فوٽا، ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ناول هن تي لکيل ڪتاب، مضمون ۽ هن جي ڪتابن جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مختلف ٻولين ۾ ٿيل ترجما رکنداسين ۽ هي ڊپارٽمينٽ يونيورسٽيءَ جي نئين ڪامپليڪس ۾ ٺاهيو ويندو جتي جواهر لعل نهرو سينٽر پڻ آهي.“

جاميہ منشي پريم چند جي 125جنم ڏينهن جي ورسي پڻ ڌوم ڌام سان ملهائي رهي آهي. ان موقعي تي لڳايل نمائش جو افتتاح نٽور سنگهہ وزير ڪندو. خرچ جو وڏو حصو صفدر هاشمي ميموريل ٽرسٽ وارا ڏيندا ۽ هندستان جا مشهور آرٽسٽ ۽ ڊزائينرس: ارپنا ڪور، ايلينا بانڪ، صبا حسن ۽ رام رحمان وغيره پڻ حصو وٺندا.

منشي پريم چند جو مشهور ناول گودان آهي ۽ هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ انڊيا جي ڳوٺن جي عڪاسي ٿيل آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انڊيا جي ماڻهن لاءِ نوڪريون جام ڇو؟

انڊيا جي اخبارن جا اشتهارن وارا صفحا کولي ڪٽي ڏس تہ نہ فقط آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن جي Jobsسان ڀريل نظر اچن ٿا پر سعودي عرب، دبئي، ڪويت جهڙين اسان جي پاڙيسري ملڪن ۽ ملائيشيا ۽ برونائي جهڙن مسلمان ملڪن جي نوڪرين لاءِ پڻ "فلاڻين نوڪرين لاءِ هي ڄاڻ يا ڊگري رکندڙ انڊين جي ضرورت آهي." عرب ملڪ جيتوڻيڪ اسان جا پاڙيسري ملڪ آهن هنن کي کپي تہ اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر، انجنيئر، مڪينڪ ۽ مستري گهرائين. بيروزگاري بہ اسان جي ملڪ ۾ گهٽي آهي. پر جڏهن بہ اتي جي ڪنهن واسطيدار عرب ڪارخانيدار يا سرڪاري ڪاموري سان ڳالهاءِ يا توڙي ڪٽي ملائيشيا ۾ ان بابت مڪاني ماڻهن يا اسان جي پاڪستاني Settlersسان ڳالهاءِ (جن جا ملائيشيا، انڊونيشيا،سنگاپور پاسي ڪارخانا، ڪاروبار ۽ جهازي واپار آهن) تہ هو ان بابت جيڪي سبب ڏين ٿا اهي هن ريت آهن:

- پاڪستانين وٽ ٺلهيون ڊگريون آهن علم ايترو نہ اٿن جيترو انڊين کي آهي پوءِ انڊين ڀلي ڪٽي هندو هجي يا مسلمان، سک هجي يا عيسائي، جنهن سبجيڪٽ ۾ گريجوئيشن يا پوسٽ گريجوئيشن ڪئي آهي هو ان جي ڄاڻ ۾ پڙ آهي. نوڪرين ڏيڻ بعد هن تي مغز ماري نٿي ڪرڻي پوي.
- اسڪول ۽ ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي انڊين محنت ڪئي آهي ۽ هو سادگيءَ ۾ رهيو آهي. ان ڪري هن جي اها عادت نوڪريءَ دوران بہ رهي ٿي. هو ٻتاڪون هڻڻ بدران ڪم جي ڳالهہ ڪري ٿو. نئين نئين Ideasذريعي پنهنجي اداري جي ترقي ۽ مالڪ لاءِ خوشحاليءَ جا رستا پيدا ڪري ٿو. هڪ اڻ ڄاڻ ۽ بنيادي تعليم کان غير واقف ورڪر جو حال ناچ نہ آئي آنگن ٽيڙها وارو ٿيو پوي. هو پنهنجي ڪمزوري ۽ ڪوتاهيءَ کي لڪائڻ لاءِ ويتر مالڪ حڪومت لاءِ مسئلا پيدا ڪريو وهي.
- انڊين توڙي بنگلاديشي تمام گهڻوObedientآهي. هو گهٽ پگهار ۽ ڏکين حالتن ۾ بہ خوش ٿي ڪم ڪري ٿو. هو علم ۽ ڄاڻ جي بنياد تي مسئلن جا حل پيش ڪري ٿو ۽ نہ

مسئلا.

- پاڪستانين کي اجائي سجائي موڪلن ڪرڻ جي پٽ آهي. ڪو دوست يا مائٽ اچڻو آهي يا ان سان ملڻ لاءِ وڃڻو آهي يڪدم موڪل کپي. ڪنهن مائٽ مٽ جي شادي يا طهر يا مڱڻو آهي موڪل کپي. ننڍڙي ننڍڙي ڳالهه تي رسي Contract ختم ڪريو ڇڏين. انڊين يا بنگلاديشي هڪ دفعو ڪنهن هنڌ نوڪريءَ ۾ لڳايو وڃي ٿو تہ وري موڪلون نٿو ڪري. پنهنجي ڪم ۾ ئي لڳو رهي ٿو.
- پاڪستاني ٿوري ئي ڪم جي پريشر وڌڻ تي يا گهٽا ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيڻ تي چڙچڙا ٿيو پون ۽ پاڪستانين ۾ غيرقانوني حرڪتون ڪرڻ جو رجحان گهڻو آهي.
- ڪجهہ اهي سبب آهن جو هر ملڪ انڊين کي نوڪري ڏيڻ لاءِ Prefer ڪري ٿو ۽ ٻئي نمبر تي بنگلاديشي ۽ سريلنڪن کي.

نوڪرين جي معاملي ۾ هڪ ٻي ڳالهہ ڏسان پيو تہ اسان جي ملڪ جي اخبارن ۾ جيڪي ڌارين ملڪن جي نوڪرين جا اشتهار اچن ٿا اهي بہ ٽڙڪو قسم جي ننڍين نوڪرين جا آهن پر انڊيا جي اخبارن ۾ وڏين ۽ اهم نوڪرين جا اچن ٿا جيئن اڄ جي اخبار ۾ نوڪرين جا اشتهار پڙهي رهيو آهيان تہ آمريڪا ۽ آسٽريليا جي ڪيترن ڪمپيوٽرن سان واسطو رکندڙ فرمن کي انڊين نوجوان گريجوئيٽن جي ضرورت آهي. ڪجهہ اشتهار سعودي عرب، ڪويت، دبئي. ويندي ايران جي مختلف ڪمپنين ۽ حڪومتن جا آهن جيڪي انجنيئرنگ ۽ مئنيجمينٽ جي مٿاهين Postsلاءِ آهن. ويندي دبئي جي شپ يارڊ لاءِ مئرين اليڪٽرانڪ انجنيئرن جي ضرورت جا اشتهار آهن ۽ اهي گهڻو ڪري سڀ ڊائريڪٽ اشتهار انهن ملڪن جي نجي ڪمپنين يا حڪومتن طرفان آهن. اسان جي اخبارن ۾ مزورن ۽ پورهيتن جي نوڪرين جا ڪڏهن ڪڏهن اشتهار هونداسي بہ لاهور يا پنڊيءَ جي ڪنهن ٺيڪيدار طرفان يعني ڪويت يا سعودي عرب جي ڪنهن اسپتال يا بندرگاهہ جي صفائيءَ جو ڪو عرب ٺيڪو کڻي ان تي فائدو رکي ڪنهن پاڪستاني حوالي ڪيو آهي ۽ هاڻ هو پنهنجي لاءِ پئسو ڪمائڻ جي چڪر ۾ پنهنجي هم وطنين جو تيل ٿو ڪڍي. ان لاءِ هو ڳولي ڳولي مجبور ماڻهو ڪٺندو جن کي هو گهٽ پگهار ڏئي سهوليتن جو پئسو پنهنجي کيسي ۾ وجهي عيش ڪري ٿو يعني هنن جو رت چوسي پاڻ کي ۽ ڪفيل کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خوش ڪري ٿو. ولايت جي نوڪريءَ جي شوق ۾ عرب ملڪن يا ملائيشيا ۾ پهچي اسان جي پورهيت ڪي خبر ٿي پوي ته هنن لاءِ اتي نه رهائش جو فضيلت وارو بندوبست آهي نه ميڊيڪل جون سهولتون پوءِ جڏهن هو حڪومت وٽ يا پنهنجي سفارتخاني ۾ دانهين ٿا ته هنن کي خبر ٿي پوي ته هو ته هڪ پنهنجي ئي ملڪ جي ٺيڪيداري ۾ ڪم ڪرڻ آيا آهن ۽ ڊارئين ملڪ جي حڪومت ۽ سفارتخاني کي نه خبر آهي ۽ نه ان ڳالهه سان واسطو ۽ اهڙين نوڪرين ۾ گهٽي چندڻ چاڻ ٺيڻ تي اڪثر خبر پوندي آهي ته اها غير قانوني نوڪري هئي ۽ پوءِ غريب پورهيت سورن ۾ پئجيو وڃي ته پرديس ۾ ڇا ڪريان.

هتي (انڊيا) جي اخبارن ۾ آمريڪا طرفان انڊيا جي ماڻهن لاءِ جن نوڪرين جي اشتهار جي گهٽي ڊم آهي انهن جو واسطو ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ سان آهي. آمريڪا وارا انڊين کي ڪمپيوٽر جو وڏو ڄاڻو سمجهن ٿا ۽ ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هو آهن به. اسان جا گهٽي پاڳي نوجوان غلط سلط انگريزي يا رومن اردو ۾ Chatڪندي يا واهيات ۽ اگهاڙيون web Sitesکولي پيا نرندا ۽ گد گد ٿيندا. مائٽ به خوش ٿيندا ته سندن ٻار ڪمپيوٽر کوليو ويٺا آهن. وڏي ڳالهه کي پهچي ويا آهن اها خبر ئي نه ته سندن وقت هڪ طرف پيو خراب ٿئي ته اخلاق ٻئي طرف ان جي مقابلي ۾ هتي جيڪي ڏسان پيو ته گهٽي پاڳي انڊين ٻار ننڍي هوندي ئي ڏهن ئي آڱرين سان ٽائيپنگ سکڻ کان وٺي پروگرامنگ، گرافڪ ۽ ٻيون اهم ڪم جون ڳالهيون سکڻ جي جستجو ڪندا جيڪي کين نوڪري ڏياري سگهن.

دهليءَ جي سنگهه ڪانٽيننٽل هوٽل جتي اسان شروع جا ڪجهه ڏينهن رهياسين، ان جي ٽي روم ۾ ڪم ڪندڙ هڪ B.sc جو امتحان ڏيئي رزلٽ جو انتظار ڪندڙ پارٽ ٽائيم جاب واري ڇوڪريءَ کان پڇيم ته مهيني ۾ ڪيترو پگهار کيس ملي ٿو.

”مهيني جي حساب سان نه پر روز جي حساب سان سٺ روپيه ٿا ملن. ڇنڇر ۽ آچر موڪل ٿي ڪريان.“ هن ٻڌايو.

”يعني ان حساب سان مهيني ۾ تيرهن سؤ کن رپيا ٿيا.“ مون چيومانس.

”نه ان کان گهٽو گهٽ.“ هن وراڻيو.

”ڪيئن؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”روز جي سٺ رپين مان ڏهه رپيا اوٽ موٽ جو بس جو ڀاڙو ڪٽيو ۽ ڏهه رپيا آئون

مستقبل جي Investment ۾ لڳائيندي آهيان.“ اهو چئي هوءَ کلڻ لڳي.

”مون تنهنجي ڳالهه نہ سمجهي. ڇا اهي خيرات ڪندي آهين ٻئي جهان جي فائدي لاءِ؟“ مون پڇيو.

”نہ. پر واري سيبر ڪيفي ۾ ڪلاڪ جا ڏهہ رپيا ڏيئي فوٽو شاپ (Adobeپروگرام) سکندي ۽ پرئڪٽس ڪندي آهيان. اڄڪلهہ رڳو B.scجي آڌار تي تہ نوڪري نہ ملي سگهندي.“

”اهو پروگرام سکڻ بعد مونکي ڪنهن فوٽو اسٽوڊيو ۾ نوڪري ملي سگهي ٿي ۽ شام جو اها نوڪري ڪرڻ مان پئسو حاصل ڪري صبح جي شفٽ ۾ آئون M.sc ۽ اڳتي هلي Ph.Dڪري سگهان ٿي.“ هن ٻڌايو. هوءَ هڪ غريب گهر جي ڇوڪري هئي. سندس ماءُ جو ٻہ سال اڳ ڊليوري ڪيس ۾ موت ٿي ويو هو. پيءُ مزوري تي ڪئي سو ظاهر آهي هن کي پنهنجي پڙهائي قائم رکڻ لاءِ نوڪري ڪرڻي پيئي ٿي ۽ گهر جو ڪم ڪار پڻ. پر هن جو ٻين انڊين ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن وانگر Moral بلند هو. هن کي يقين هو تہ هوءَ سٺي Position ۾ M.sc ڪري ويندي تہ هن کي Ph.D لاءِ ضرور ڪنهن فارين يونيورسٽيءَ مان اسڪالر ملي ويندي ۽ پوءِ پنهنجي تعليم ۽ هنر جي آڌار تي اتي ولايت ۾ ئي نوڪري حاصل ڪري سگهندي.

دهليءَ جي رستن تي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ڏي ويندڙ بنا ميڪ اپ جي چهرن ۽ سادن سوڊن لباسن ۾ هتي جي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن لاءِ آئون هر وقت اهوئي سوچيندو رهندو آهيان تہ هو ڪيڏا تہ محنتي آهن ۽ علم حاصل ڪرڻ جي هنن کي ڪيڏي تہ جستجو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# بالي ووڊ جا ڪجهه سنڌي

ساڌنا. 1941ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائي. ورهاڱي بعد انڊيا لڏي وئي. پاڻ ۽ سندس پيءُ فلمن جا شوقين هئا. دراصل گهڻو اڳ ساڌنا بوس نالي هڪ بنگالي فلم ائڪٽريس هئي جنهن کان متاثر ٿي ساڌنا جي پيءُ پنهنجي ڌيءَ جو نالو ساڌنا رکيو.

ساڌنا پنهنجي فلمي ڪئريئر جي شروعات سنڌي فلم "اباڻا" کان ڪئي. ان بعد هندي فلم "لو ان شملا" (1960 ع)، "هم دونون،" "ميري محبوب" (1693ع)، "وه ڪون تهي" (1964ع)، "انيتا" (1960ع)، "وقت" (1965ع)، "راجڪمار" (1964ع) جهڙين ويهارو کن فلمن ۾ ڪم ڪيو. 1966ع ۾ هن مشهور ڊائريڪٽر آر. ڪي نير سان شادي ڪئي ۽ ان بعد فلمي دنيا ڇڏي ڏني.

ببيتا ـ ببيتا ان وقت فلمي دنيا ۾ آئي جڏهن مالها سنها ۽ مينا ڪماريءَ جهڙيون قابل ائڪٽريسون اڳهين موجود هيون. ان هوندي بہ هوءَ چڱي مشهور ٿي ۽ شمي ڪپور، جيتندرا ۽ بسواجيت جهڙن ٽاپ هيرو سان ڪم ڪيو.

ببيتا جي شادي راجڪپور جي پٽ رنڌير ڪپور سان ٿي. اڄ جون مشهور فلمي ائڪٽريسون ڪرشما ۽ ڪرينا ببيتا جون ڌيئرون آهن. ببيتا پڻ ڪراچيءَ ۾ ڄائي ۽ ساڌنا جي ڪزن آهي.

ج. پي سپي. انڊين مشهور فلمن شعلي، شان، شڪتي وغيره جو پروڊيوسر جي. پي سپي آهي. اها شايد گهٽ ماڻهن کي خبر هجي تہ بمبئيءَ ۾ فليٽ سسٽم جي شروعات جي. پي سپيءَ ڪئي ۽ هن جو واسطو ڪنسٽر ڪشن جي ڪمن سان پڻ آهي. جي. پي سپي فلمن جو ڊائريڪٽر پڻ آهي. پاڻ انڊيا موشن پڪچرز پروڊيوسرس ايسوسيئيشن جو صدر پڻ رهي چڪو آهي ۽ ان بعد آل انڊيا پروڊيوسرس ايسوسيئيشن جو صدر پڻ رهيو.

سنگيتا بجلاڻي. سنگيتا بجلاڻي پهرين ماڊل طور ڪم ڪيو ۽ پوءِ فلمي دنيا ۾آئي. ماڊل جي حيثيت سان هوءَ تمام گهڻو ڪامياب رهي ۽ اشتهارن ۾ پڻ سٺو نالو ناهيو پر فلمن ۾ سندس پاڳ سٺو ثابت نہ ٿيو.

سنگيتا جي پهرين فلم 1989ع جي ”هٿيار“ هئي. جنهن ۾ هن ڌرميندر سان ڪم ڪيو. ان کان علاوه سندس ٻيون فلمون آهن: جرم شو رام، تحقيقات، يوگنڌر وغيره. پاڻ جيتوڻيڪ بيحد سهڻي هئي، مس انڊيا بہ ٿي رهي، سيني سوچيو ٿي تہ فلمي دنيا ۾ هن جي اچڻ ڪري ڪيترين ايڪٽريسون گهر هلي ويهنديون پر ائين نہ ٿيو.

سنگيتا اڄڪلهہ انڊين ڪرڪيٽ ڪئپٽن محمد اظهر الدين جي زال آهي.

گووند نهالاڻي. گووند هڪ هوشيار فلم ڊائريڪٽر مڃيو وڃي ٿو. هن جي ”ارڌ ستيا“ ۽ ”آڪ روش“ جهڙين فلمن وڏو نالو پيدا ڪيو. انگريزي فلم ”گانڌي“ جي فوٽو گرافي بہ گووند نهالاڻيءَ ڪئي آهي.

رميش سپي. رميش جي. پي سپي جو قابل پٽ آهي. ”سيتا اور گيتا“، ”انداز“ ۽ ”ساگر“ جهڙيون فلمون رميش ڊائريڪٽ ڪيون.

رميش توراڻي. رميش توراڻيءَ ”جي هند اليڪٽرونڪس“ جي نالي سان سينٽرل بمبئي جي علائقي نوبجن سوسائٽيءَ ۾ دڪان سان شروعات ڪئي. پوءِ پاڻ واري ماڪا وانگر هندستان ۾ آڊيو ڪئسٽن ۾ نالو پيدا ڪيو. رميش پهريون شخص آهي جنهن هندستان ۾ ڀڳونتي ناواني ۽ ڪملا ڪيسواڻي جهڙين جا سنڌي لاڏا، گيت، ڀڄنون وغيره رڪارڊ ڪري آڊيو ڪئسٽن ذريعي گهر گهر متعارف ڪرايا. اڄ سندس آڊيو ڪئسٽن جي ڪمپني، Tips cassette pvt, Ltd هندي، سنڌي ۽ ٻين زبانن جي ڪئسٽن لاءِ مشهور آهي.

اجيت واڇاڻي. ٽي وي، فلمن ۽ ٿيٽرن ۾ ڪم ڪندڙ اجيت واڇاڻي 1951ع ۾ ڄائو. پاڻ گجرات يونيورسٽيءَ مان ڊرامن ۾ ڊپلوما ڪيائين. فلم ”مسٽر انڊيا“ ۽ ٽي وي سيريز ”اک محل هو سپنون ڪا“ ۽ ”آنگن“ ۾ سندس يادگار رول آهن.

اسراڻي ـ ننڍي کنڊ ۾ ڪيترائي ڪميڊين آيا ۽ ويا پر اسراڻي اڄ بہ قائم دائم آهي. هو اڄ بہ ماڻهن کي کلائيندو رهي ٿو. اسراڻيءَ جون ڪجهہ يادگار فلمون هن ريت آهن: شعلي، باورچي، ميري اپني، اييمان، رفوچڪر، ڪام چور، چپڪي چپڪي ۽ ٻيون سوين فلمون.

ڪيتو گدواڻي. ڪيتو ڪيترين ئي فرينچ ۽ انگريزي ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪيو آهي. اڄڪلهہ هوءَ ٽي وي سيريل ۾ ڪم ڪري رهي آهي، جن مان ”ايئر هوسٽيس“ ۽ ”جنون“ پڻ آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مئڪ موهن. اصل نالو موهن ماڪيجاڻي جنهن جو ٽريڊ مارڪ ڏاڙهي سمجهو. چار سؤ کان مٿي فلمن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. هي اهوئي ”سامبها“ آهي جنهن ”شعلي“ فلم ۾ ولين جو رول ادا ڪيو. موهن جو پيءُ برٽش آرمي ۾ ڪرنل هو جنهن جي ممبئي بدلي ٿيڻ تي موهن ڪرڪيٽ کيڏڻ چاهي ٿي پر اداڪاري جي شوق ڪري هن IpTA ۾ حصو ورتو جتي هن جي ملاقات هندي ۽ اردو ڊرامن جي مشهور اسٽيج آرٽسٽ شوڪت عاظمي (ڪيفي عاظمي جي زال) سان ٿي ۽ موهن هن وٽ اسٽيج جي ڊرامن ۾ ڪم ڪندي ڪندي فلمن تائين پهتو.

مئڪ موهن جو ”فلم آيا ساون جهوم ڪي“ ۾ چرئي جو رول واڪاڻ جوڳو آهي.

ڪمار شاهاڻي. ڪمار هڪ قابل ڊائريڪٽر آهي، جنهن جي پهرين ئي فلم ”مايا درپن“ تي ڪيترائي قومي ۽ بين الاقوامي ايوارڊ مليس. ڪمار اڄڪلهه سنڌي فلم ٺاهي رهيو آهي جنهن ۾ هو سنڌو ماٿري جي تهذيب ڏيکارڻ چاهي ٿو.

پريتي جهنگياني. محبتين فلم ۾ فقط هڪ نئين ڇوڪري ڪنئي ويئي ۽ اها پريتي آهي جنهن تمام سني ائڪٽنگ ڪئي. هاڻ هوءَ هڪ ئي وقت ٻارهن فلمن ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

ڪجھ مشهور سنگر

ڪملا ڪيسواڻي. سن 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائي ۽ ننڍي هوندي کان ڪيس ڳائڻ جو شوق هو. 1958ع ۾ هوءَ ريڊيو جئپور لاءِ ڳوندجي وئي ۽ بقول هڪ انڊين سنڌي ڊائريڪٽر جي اڄ جي دؤر ۾ عابده پروين، شانتي هيرانند ۽ ڀڳونتي ناواڻيءَ بعد ڪملا ڪيسواڻي جي آواز ۾ مناڻ، اصليت ۽ Uniquenessآهي. ڪملا هزماسٽرس وائس، Movac ۽ Tipsرڪارڊنگ ڪمپنين لاءِ ڪيترائي راڳ رڪارڊ ڪيا آهن. اڄڪلهه هوءَ ڌرمي راڳ ڳائي ٿي.

ڀڳونتي ناواڻي. ڀڳونتي سنڌي راڳ جي دنيا ۾ گهڙڻ سان هڪ مختصر عرصي ۾ هند سنڌ ۽ سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي وئي. اهو هڪ عام جملو نہ پر حقيقت آهي. مون سندس راڳن جا پلاسٽڪ وارا رڪارڊ سترواري ڏهي ۾ ممباسا (آفريڪا) ۽ بيروت (لبنان) مان ورتا. انهن ڏينهن ۾ اڃا گراموفون مشهور هو. ڀڳونتيءَ کي سنڌي ڪوئل سڏين ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪوشي لالواڻي. هڪ ٻي سنڌي ڳائڻي آهي. ڀڳونتي جي سنڌي ڪوئل سڏجي ٿي تہ ڪوشي ”دبئي جي ڪوئل“ سڏجي ٿي. بمبئيءَ ۾ شايد ئي ڪو سنڌي گهر هجي جتي ڪوشيءَ جو متو سر نہ ٻڌو ويو هجي. ڪوشيءَ راڳ جي سکيا پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪئي جنهن کي سنوارڻ وارو ڪرشن چندر هو.

ڪوشيءَ جي پئٿالاجيءَ ۾ B.scٿيل آهي ۽ ڪويت ۽ شارجا جي اسپتالن ۾ هن پئٿالاجسٽ جي حيثيت سان ڪيترائي سال ڪم ڪيو آهي. سرهاڻ، لاڏو لاڏي آٽينڊو، گلڙن جا گيت وغيره سندس Top Hits آهن. ڪوشيءَ سنڌي ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪيو آهي.

ڪماري سڏا ڀاڳچنداڻي. هيءَ ڪٿڪ ڊانس کان مشهور آهي. هن جي ڊانس شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي لوڪ ڪهاڻين تي مبني آهي، جنهن جي شروعات ”سورٺ ٻيجل“ ڪهاڻيءَ سان ڪئي. هن عابده پروين جي راڳن تي پڻ ڪٿڪ ڊانس ڪئي آهي. ڪماري سڏا ناگپور يونيورسٽيءَ مان B.scڪئي آهي ۽ اتي جي ئي ”ماڊرن اسڪول، ناگپور“ ۾ ڊانس سيکاري ٿي.

مهيش چندر. پنهنجي پيءُ ماسٽر چندر وانگر مهيش بہ راڳ جي دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو آهي. بہ ٽي سال اڳ انڊيا جي وزيراعظم اٽل بهاري واجپائي جي نظمن تي مهيش چندر ميوزڪ ڪمپوز ڪئي ۽ ڪيس وڏي مشهوري ملي. 19سالن جي ڄمار ۾ هز ماسٽرس وائس وارن هن جي غزلن جو رڪارڊ پريو جنهن ڪيس فلمي دنيا ۾ متعارف ڪرايو.

مهيش جو ڀيو ڀاءُ گوپ چندر نيويارڪ آمريڪا ۾ رهي ٿو. نيويارڪ ۽ نيو جرسي رياستن ۾ ٿيندڙ سنڌي فنڪشن ۾ هو اڪثر پنهنجي راڳ جو مظاهرو ڪندو آهي.

شيلا منگتاڻي. هيءَ هڪ ٻي سنڌي ڳائڻي آهي جيڪا انڊيا ۾ رهي ٿي. پاڻ گوورڌن ڀارتي، واسديو نرمل، داد واسواڻي ۽ ٻين جا ڪلام، غزل ۽ گيت ڳائيا اٿس. سندس اڄڪلهہ جيڪي نوان ڪئسٽ آيا آهن اهي هن ريت آهن: 1. او صنم، 2. ماتا جا اورڻ، 3. تو در منگتا، 4. جمنا ڪناري، 5. ڪر قبول قدمن ۾، وغيره وغيره.

ڪشن جوراڻي. شادين مرادين يا برٿ ڊي پارٽين جهڙن فنڪشن ۾ ڪشن جوراڻيءَ جو نالو سڄي هندستان ۾ مشهور آهي. هن جي ڳايل لاڏن، ڪلامن، غزلن، گيتن ۽ ڀڄڻن جا ڪئسٽ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. خاص ڪري هتي گجرات صوبي جي شهرن ۾.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪشن جو راڻي مختلف ملڪن ۾ به ايندو رهي ٿو. مون به کيس پهريون دفعو سنگاپور ۾ ڏٺو ۽ ٻڌو.

رام نواڻي. اسڪول جي ڏينهن کان وٺي ڳائڻ جو شوقين رام نواڻي 1936 ع ۾ ميرپورخاص سنڌ ۾ ڄائو. 1947ع کان پوءِ ممبئيءِ لڏي آيو.

وشني ايسراڻي. شريمتي وشني گانڌيڌام (گجرات) جي ”ڊاڪٽر سي. جي. هاءِ اسڪول“ ۾ ٽيچر آهي. پاڻ مٺي ۽ سريلي آواز ڪري ”ڪڇ جي ڪوئل“ سڏجي ٿي. مختلف شهرن جي مختلف محفلن ۾ لاڏا، ڪلام، ڀڄڻ ڳائڻ کان علاوه ”آل انڊيا ريڊيو ڀوڄ“ تان سنڌس ڳائڻ جا پروگرام هر وقت ايندا رهن ٿا. هن جو آواز ڀڳوتي ناواڻيءَ سان ڪافي ملي ٿو.

انڊيا ۾ رهندڙ ڪجهه ٻيا اهم سنڌي

سنت شاهاڻي. پهريون سنڌي جنهن کي 1963 ع ۾ پدما ڀوشن ايوارڊ مليو شاهاڻيءَ بنا ڪنهن ٻاهرين مدد يا ٽيڪنالاجيءَ جي آٽوميٽڪ بندوق ۽ ٻيا هٿيار ڊزائين ڪيا. پاڻ 1965 ع ۾ هوائي جهاز جي هڪ حادثي ۾ گذاري ويو.

ڊاڪٽر لاڪومل هير نانداڻي. قابل ENT specialist ۽ سرجن آمريڪن سوسائٽيءَ جو پهريون انڊين ڊاڪٽر آهي. کيس 1972ع ۾ پدما ڀوشن ايوارڊ مليو.

پروفيسر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻي. ٽيون سنڌي جنهن کي 1973ع ۾ هريجن جي خدمت جي سلسلي ۾ ايوارڊ مليو.

ڊاڪٽر آر. ڪي ميندا. دل جو ڊاڪٽر جنهن کي 1972ع ۾ صدر وي. وي. گري طرفان ميڊيڪل سروسز جي سلسلي ۾ پدماشري ايوارڊ مليو.

هوندراج دکايل. مشهور سنڌي شاعر جنهن کي گانڌيڌام ۾ سنڌين جي خدمت ڪرڻ جي سلسلي ۾ 1985ع ۾ انڊيا جي صدر زيل سنگهه پدماشري ايوارڊ ڏنو.

برگيڊيئر چندر آڏواڻي. 1921ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو ۽ ڪراچيءَ جي ڊي. جي سائنس ڪاليج ۾ داخل ورتائين. 1942ع ۾ انڊين آرمي Joinڪيائين جڏهن نندي ڪنڊ تي انگريزن جي حڪومت هئي. ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ جپانين خلاف برما ۾ وڙهيو. کيس وير چڪر ايوارڊ پڻ مليل آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ليفٽيننٽ جنرل آ. ڊي. هرا. 1923ع سنڌ ۾ جائو ۽ ڪراچيءَ مان تعليم ورتائين. 1942ع ۾ آرمي ۾ ڪميشنر ٿيو. ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ هن بلوچ ريجمينٽ ۾ نوڪري ڪئي ۽ مڊل ايسٽ، برما، ملايا، سماترا وغيره ۾ رهيو. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بعد هن جي بدلي 9 گورکا رائفلز ۾ ٿي. 1959ع ۾ هن کي فوجي اتاشي طور مصر ۾ انڊيا جي سفارتخاني ۾ رکيو ويو.

ڪيترن سنڌين انڊيا جي پوليس ۾پڻ نالو پيدا ڪيو آهي. ڪجهه اهڙا جن کي پريزيڊنٽ پوليس ميڊل ايوارڊ طور مليو. اهي آهن: آءِ جي پوليس جي. ڪي بالاني، ايس. پي متناني، ڪي. ايچ ڪرمچنداڻي، ڊي آءِ جي پوليس ايچ. آر. پاهوجا، ڪئپٽن رغبير ڪمار ورماني، وغيره.

انڊيا جي نيويءَ ۾ وڏي پوسٽ تي پهچڻ ۽ وشيشٽ ميڊيل حاصل ڪرڻ وارو سنڌي ائڊمرل آر. ايچ ٿهلياڻي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڇا ڇا کائجي پيئجي ۽ بيمار ٿيڻ کان بچجي

نولراءِ جو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر لڇمڻ اوڏ. سندس زال ريکا ۽ ننڍي ڌي نوري آمريڪا کان سڌو اچڻ بدران اسلام آباد کان ٿيندا آيا ان ڪري هنن کي دهلي پهچڻ ۾ دير ٿي وئي. جنهن ڏينهن اسان کين ايئرپورٽ تي وٺڻ وياسين ان ڏينهن انهن جي اڏام ڪئنسل ٿي وئي هئي، اسان کي دهلي ايئرپورٽ تي ڪافي دير انتظار ڪرڻ بعد خبر پيئي. ايئرپورٽ تي وقت گذارڻ لاءِ پير ۾ ويٺل انگريز سان خبرون ڪندو رهيس جيڪو ڪجهه ڏينهن دهلي گهمڻ بعد هاڻ باءِ ايئر بمبئي تي ويو. هو منهنجي اڳيان بار بار بئگ ٺاهيندو رهيو جنهن ۾ ڪيترين ئي دوائن جون شيشيون ۽ گوريون هيون.

”توهان هيترين دوائون کنيون آهن، ڏسڻ ۾ ته توهان بلڪل صحيح ٿا لڳو؟“ آخر پڇي ويٺوسانس.

ٺهڪ ڏيئي وراڻيائين: ”بلڪل صحيح ٿا چئو. هي سڀ دوائون مون احتياط طور کنيون آهن.“ هن ٻڌايو.

همراهه گهمڻ ڦرڻ جو شوقين ٿي لڳو. بلڪ عادي Travellerتي لڳو جنهن کي گهر ۾ سک نه اچي. پنهنجي تجربي بابت دوائن لاءِ ٻڌائين ته مسافريءَ ۾ کڻڻ ضروري آهن، خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ گهمڻ دوران جتي Hygenic Conditions صحيح نه آهن. پاڻي صحيح آهي نه هوا، مڇر، منگهڻ ۽ ٻيا ڏنگ هڻڻ وارا ڪيترائي جيت ۽ سرٽا آهن، جتي ڪٿي ڊاڪٽر يا صحيح دوائون نه آهن.

هن جيڪي دوائون کنيون هيون انهن ۾ بخار ۽ سور جي لاءِ ائسپرين ۽ پيراسٽامول هئي، ٿڌ، زڪام ۽ نڪ بند ٿيڻ جي علاج لاءِ بينا ڊرل ۽ ٻيون Antihistamine دوائون هيون جن مان جيتن جي چڪن يا ڏنگن کان به فرحت ملي سگهي. ڪجهه Antibioties هيس جن لاءِ هن ٻڌايو ته پاڪستان ۽ هندستان جهڙن ملڪن ۾ ته ڪٿي سگهجن ٿيون باقي ملائيشيا، هانگ ڪانگ ۽ جپان جهڙن ملڪن ۾ ڊاڪٽر جي Prescription هجڻ ضروري آهي. منهنجي خيال ۾ ساڳيو قانون آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ آهي. انهن ملڪن ڏي ويندي يا

سعودي عرب ۽ ايران جهڙن ملڪن ۾ ان قسم جون اهم دوائون ضرور ڪٽي وڃجن جو ٻاهرين ملڪن ۾ دوائون تمام مهانگيون آهن پر انهن سان گڏ پنهنجي ملڪ مان ڪنهن ڊاڪٽر کان اهو ضرور لکائي وڃجي تہ توهان لاءِ اهي دوائون ضروري آهن نہ تہ اهي دوائون ڏارين ملڪن جي ايئرپورٽ تي توهان لاءِ مسئلو پيدا ڪري سگهن ٿيون.

ان کان علاوه هن انگريز وٽ دستن (Diarrhoea)۽ الٽي جي علاج لاءِ Stemetil ۽ مئڪسالان هيون. اسان جي ملڪ ۾ خبر ناهي اهي دوائون آهن يا نہ پر Lomotil تہ آهي جيڪي گوريون آئون بہ احتياط طور کڻي آيو آهيان. هن انگريز Antiseptic ۾ پاڻ سان بيٽاڊين کنئي هئي ۽ ريئڊريشن مڪسچر پڻ. مڇرن کي ڀڄائڻ لاءِ موسپيل جهڙو لوشن پڻ هوس ۽ پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ جون گوريون پڻ. چوڻ لڳو:

(Number one rule is to be careful of the water and specially ice.)

شهرن ۾ وري بہ پاڻي صاف ٿو ٿئي پر ڳوٺن ۾ خيال سان پاڻي پيئجي. گهٽ ۾ گهٽ اوٻاريل پاڻي پيئجي. اهڙين حالتن ۾ ٿي سگهي تہ Mineral water وٺجي.

انڊيا ۾ ڪيترين لوڪل ۽ ولائتي نالن واريون منرل واٽر جون بوتلون ملن ٿيون. انهن مان ڪجهہ برانڊ نالا هي آهن: بسليري, انڊيا ڪنگ, آفيسرس چٽائس, هني ڊيو ۽ اڪٽا سيف وغيره.

”دل ۾ نہ ڪرين تہ هڪ ڳالهہ ٻڌائين,“ انگريز سياح چيو.

”انڊيا ۾ توڙي توهان جي ملڪ پاڪستان ۾ اهو سچو فراڊ جو ڪم آهي. انهن ۾ ڪوبہ صحيح قسم جو منرل واٽر ناهي. نل جي پاڻيءَ ۾ ڪيميڪل وجهي منرل واٽر جي نالي ۾ پيا پئسو ڪمائين. سندن خرچ فقط پلاسٽڪ جي بوتلن تي آهي. جنهن ۾ پاڻي ٿا وجهن ۽ ٻيو اشتهارن تي. اهي بوتلون ٻارهين کان ويهين رپئي دڪانن تي ۽ ويهين کان پنجاهہ رپئي توهان جي ملڪ جي فائيور اسٽار هوٽلن ۾ ٿيون وڪامن. مزي جي ڳالهہ اها تہ انهن مان ڪن بوتلن ۾ ايڏو گندو ۽ پاروٿو پاڻي آهي جو ان کان تہ نلڪن جو پاڻي پيئجي.“

انڊيا ۾ ڪنهن زماني ۾ ڌارين ملڪن جا شربت ڪوڪا ڪولا, پيپسي يا سيون اپ جهڙا نہ ملندا هئا پر هاڻ اهي سڀ ملن ٿا ۽ ان کان علاوه انڊيا جا مڪاني مشروب بہ اوترائي سٺا ۽ پاپيولر آهن جهڙوڪ ڪمپوا ڪولا, ٿمس اپ, Limca, گولڊ اسپاٽ ۽ ڊبل سيون.

هن انگريز سياح کان ڪاڏي جي شين جو پڇيم ته چا ڪائڻ کپي. خاص ڪري انڊيا، پاڪستان يا بنگلاديش جهڙن ملڪن ۾.

”اسان جي ملڪ جا انگريز هنن ملڪن ۾ حڪومت دوران رهي ويا انهن جي هڪ چوٽي مشهور آهي ته: ...If you can cook it, boil it or peel it you can eat it) otherwise forget it)

يعني هر اها شيءِ توهان ڪائي سگهو ٿا جيڪا رڌي سگهو يا اوٻاري سگهو يا صوف، ناسپاتي جهڙو فروٽ جيڪو ڇلي سگهو يعني جنهن جي کل لاهي سگهو. آئيس ڪريم کان ته اصل خبردار رهي. خاص ڪري اها جيڪا گهٽين ۾ وڪامي ٿي.“

بهرحال هاڻ اسان انگريزن وانگر ته خبردار رهي نٿا سگهون. اهڙو خبردار رهڻ کان ته بهتر آهي ته گهران ئي نه نڪرجي. منهنجي خيال ۾ هڪ هوٽل تان يا گاڏي واري کان به ڪاڌو وٺي ڪائجي جيڪڏهن اهو ڏسڻ ۾ اچي ته اهو ڪاڌو ٺاهيو ٿيپا ۽ Surrounding صاف سٿري آهي ۽ ڪاڌو وڪڻڻ وارو به صاف سٿرو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## هن لفظ دهليءَ بابت . . .

صديون اڳ تائين ۽ اڄ بہ انڊيا جي گاديءَ جو هنڌ هي شهر ”دهلي“ دنيا جي عجيب شهرن مان آهي. ڪلڪتي ۽ بمبئي بعد دهلي هندستان جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي. دهليءَ جو شهر ٻن حصن ۾ ورهايل چئي سگهجي ٿو. نئون دهلي ۽ پراڻو دهلي. پراڻو دهلي سترهين ۽ اوڻهين صديءَ جي وچ ۾ مسلمان حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو جنهن ۾ توهان کي ان دؤر جي مسلمان حاڪمن جون ٺهرايل مسجدون ۽ مقبرا نظر ايندا. ٻيو دهلي نئون دهلي آهي، جنهن کي توهان Imperial city چئي سگهو ٿا جيڪو شهر انگريزن اڏرايو جيئن ڪراچيءَ جي صدر وارو علائقو بولٽن مارڪيٽ ۽ ڊينسو هال وغيره جتي جون عمارتون انگريزن جي ياد ڏيارين ٿيون. نئين دهليءَ ۾ ڪليل ۽ وڏيون عمارتون آهن. سفارتخانا ۽ سرڪاري آفيسون آهن. باقي لال قلعو يا جامع مسجد ڏسڻ لاءِ پراڻي دهلي پهچ تہ چڙ تہ ڪارادرجي مپي مياني مارڪيٽ يا چاڪيواڙي پهچي ويا آهيون.

هونءَ دهلي سڄي سونهن ئي سونهن نہ آهي. دهلي ۾ بہ ملتان وانگر ڌوڙ مٽي، گرمي، مڇر ۽ مکيون آهن. هي رڳو آئون نہ ٻيو چوان هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ دنيا ۾ ڌوڙ ۽ Air pollution ۾ ميڪسيڪو بعد هلي ٻيو نمبر شهر آهي. پر اهي سڀ ڳالهيون ان اڳيان تڇ آهن تہ دهلي هڪ تاريخي شهر آهي. هن شهر جي پوپان هڪ ڊگهي، دلچسپ، حيرت انگيز تاريخ آهي ۽ ان جي حوالي سان ڪيترين ئي دلچسپ شيون هن شهر ۾ ڏسڻ وٽان آهن.

دهلي هر وقت انڊيا جي گاڏيءَ جو هنڌ بہ نہ رهيو آهي. پر اهو آهي تہ دهليءَ انڊيا جي تاريخ ۾ هميشہ اهم رول ادا ڪيو آهي. چون ٿا تہ دهليءَ وارو علائقو ايڏو پراڻو آهي جو مهاڀارت ڪهاڻي ۾ اڄ کان 3000 سال اڳ جي جنهن بستي اندرا پراستا جو ذڪر آيل آهي اها اڄ واري دهلي هئي. پر پوءِ بہ هزار سال اڳ يعني حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ڏينهن ۾ شهنشاهہ اشوڪا جي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ پٽنا ٿيو جنهن کي تنهن زماني ۾ پٽاليا پترا سڏبو هو. مغلن جي بہ سڄي دؤر ۾ دهلي گاديءَ وارو شهر نہ رهيو. سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ آگرو مغلن جي گاديءَ جو هنڌ هو. انگريزن جي حڪومت ۾ بہ دهلي نہ پر ڪلڪتي

۾ هئي. پوءِ اڳتي هلي 1911ع ۾ دهليءَ کي گاديءَ وارو شهر بنايو ويو.

اڄ جو شهر دهلي اٽڪل اٺن مختلف شهرن جو مجموعو آهي جيڪي ماضيءَ جا مختلف حاڪم اڏائيندا رهيا ۽ اها چوٽي عام هئي ته جنهن به نئون شهر اڏايو ته ان جي حڪومت هلي وئي. ڪنهن حد تائين ڏٺو وڃي ته اها حقيقت به هئي. پهريان چار شهر اڄ جي دهليءَ جي ڏکڻ واري حصي ۾ هئا جتي اڄڪلهه قطب مينار آهي. اندرا پراسٿا سڀ کان پراڻو دهلي چيو وڃي ٿو اهو ان علائقي ۾ هو جتي پراڻو قلعو آهي. ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ دهليءَ تي جن آخري هندو گهراڻن حڪومت ڪئي اهي تومارا ۽ چاٺو ٺان سڏجن ٿا ۽ انهن جي ”دهلي“ قطب مينار جي آس پاس ٿي رهي جنهن بعد ٻارهين صديءَ ۾ علاؤالدين نئون شهر سري (Siri) نالي اڏرايو جنهن جي Location اتي هئي جتي اڄڪلهه ”حوض خاص“ آهي. ان بعد ٽين دهلي تغلق آباد ٿي جيڪو شهر قطب مينار کان ڇهه ميل ڪن پري ڏکڻ اوڀر ۾ آهي. هي شهر اڄڪلهه بلڪل کنڊهر جي حالت ۾ آهي. دهليءَ جو چوٿون شهر به تغلق خاندان جي حاڪمن ٺهرايو. هي شهر قطب مينار جي پر واري علائقي ۾ ”جهان پناهه“ نالي سان چوڏهين صديءَ ۾ ٺهرايو ويو.

پنجين دهلي فيروز آباد آهي جيڪو شهر ان هنڌ تي هو جتي اڄ جي نئين دهلي آهي ۽ فيروز شاهه ڪوٽلا اڏرايو. هن شهر جي پراڻن کنڊرن ۾ اشوڪا جو ٿنڀو به آهي جيڪو لڳي ٿو ته ڪنهن ٻئي هنڌان هتي آندو ويو هو ۽ ان مسجد جا نشان به موجود آهن جنهن ۾ تيمور لنگ انڊيا تي حملو ڪرڻ وقت نماز پڙهي هئي.

شهنشاهه شير شاهه سوريءَ ڇهين دهلي اتي اڏرائي جتي پراڻو قلعو آهي (انڊيا گيٽ جي ويجهڙائيءَ ۾) ستين دهلي شهنشاهه شاهه جهان سترهين صديءَ ۾ ٺهرائي جنهن جو نالو شاهجهان آباد رکيائين ۽ گاديءَ جو هنڌ آگري کان دهلي شفٽ ڪرائين. هن جي دهليءَ ۾ لال قلعو ۽ جامع مسجد به اچي وئي ٿي جيڪي ٻڌ هن ٺهرايا. اهڙي طرح آخري ۽ اٺين دهلي اڄ جي نئين دهلي آهي جيڪا انگريزن ٺهرائي ۽ 1911ع ۾ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪلڪتي کان نئين دهلي شفٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو پر مڪمل طرح تبديلي 1931ع ۾ ٿي ۽ پوءِ سگهو ئي 16 سالن بعد انگريزن به ٽپڙ ٻڌا.

دهليءَ جي شهر ڪيترن ئي ڦورن، ڌاڙيلن ۽ حملا ڪندڙ حاڪمن ۽ غنبن کي ڏٺو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تيمورلنگ چوڏهين صديءَ ۾ اچي ڦر ڪئي. افغاني بابر سورهين صديءَ ۾ دهليءَ تي قبضو ڪيو. 1739ع ۾ ايراني شهنشاهه نادر شاهه هن شهر جي اچي پينگ ڪئي ۽ ڪوه نور هيري ڪان وٺي مور جو تخت ٻهاري پاڻ سان ايران کڻي ويو. 1803ع ۾ انگريزن دهليءَ کي پنهنجي قبضي هيٺ ڪيو ۽ 1857ع کان دهلي انگريزن جي مخالف ڌرين جو مرڪز رهي.

دهلي جي حال ۽ ماضيءَ بابت دلچسپ احوال پڙهڻو هجي ته William Dalrymple جي ڪتاب "جنن جو شهر" (City of Djinns) جو انٽروڊڪشن ضرور پڙهجي.

•

لال قلعي جي ٻاهران چڙيءَ ۽ گنجيءَ ۾ هڪ اڪيلو گورو ٽوئرسٽ مليو.

Are you a Britisher? (انگريز آهين؟) مون پڇيومانس.

"نه آمريڪن آهيان. انهن سوٽ ٽائين وارن جي ماضيءَ جو اوج ڏسڻ آيو آهيان. " (هن جو اشارو انگريزن ۽ انهن جي Raj ڏي هو).

"يلا دهلي ڪيئن ٿو لڳئي؟"

"ماضيءَ جي شان شوڪت جي اجڙندڙ نظاري جو احساس ٿو ٿئيم. دهلي ان ڪراڙي راڻي وانگر ٿي لڳي جيڪا گهڻ ڳنن ۽ هيرن جواهرن بنا زندگي گذاري رهي هجي. هونءَ دهلي ڪن ڪندن کان بيحد سهڻي به لڳي ٿي. سفارتخانن وارو علائقو چنڪياپوري ته ڪئليفورنيا جو ڏيک ڏئي ٿو. خاموش گهٽيون، وڏيون آفيسون، بنگلن اڳيان ويڪريون چيرون ۽ چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ.

•

جيئن ڪراچي رڳو ڪلفٽن جهڙو ڪليل ۽ سهڻو علائقو نه آهي ۽ نه وري چاڪيواڙي ۽ بغداديءَ جهڙو ڳتيل ۽ غريب علائقو آهي. ڪراچي وانگر دهلي به مختلف علائقن، ڪميونٽين ۽ ماڻهن جو مليل جليل شهر آهي جنهن جو هر حصو هر علائقو سکر خيرپور جيڏو شهر آهي. ڪراچي جي ملير، لانڍي، گلشن اقبال، گلستان جوهر، صدر، ڪلفٽن، ڊفينس ۽ ٻين علائقن وانگر دهليءَ جي مختلف علائقن جا نالا ياد ٿي ويا آهن جن مان اڪثر گذر ٿيندو رهي ٿو. جيئن ته ڪارول باغ جتي شروع وارا ڏينهن رهياسين، "ڪالڪاجي" جتي هاڻ رهون ٿا، اوکلا (Okhla) جتان ٿيندا جاميه ملي يونيورسٽي وڃڻ ٿيو هو. "جاميا نگر" جنهن ۾ اها جاميه آهي، "ڪيلاش" شهر جو هڪ خوبصورت علائقو جتان روز گذر ٿئي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽو ۽ آٽو رڪشا وارو ٻڌائيندو آهي تہ هن علائقي کي جي ڪي يعني گريٽر ڪيلاش بہ سڏين ٿا ۽ فلمي ماڻهو ۽ پئسي وارا وڏا واپاري هن ۾ رهن ٿا... وغيره وغيره.

دهليءَ جي ڪجهہ ٻين علائقن جا نالا جن مان ڪيترا دلچسپ بہ آهن ۽ هن وقت ياد آهن هن ريت آهن:

وسنت وهار، اتم نگر، تلڪ نگر، شاهدرا، پنجابي باغ، نجف ڳڙهہ، موج پور، گوڪل پوري، جهل مل، ڪچڙي پور، وغيره وغيره.

•

انڊيا اچڻ کان اڳ مون سمجهيو (۽ توهان مان بہ ڪيترا پنهنجي ملڪ جو حال ڏسي اهو سوچي رهيا هوندا) تہ جيئن اسان جي ملڪ ۾ هر ان روڊ ۾ بلڊنگ جو نالو جيڪو ڪنهن هندو، عيسائي يا پارسي سياستدان يا مخير (Philanthropist) نالي هو اهو مٽائي مسلمان نالي ڪيو ويو آهي تيئن هتي انڊيا ۾ بہ سيني رستن، روڊن، عمارتن ۽ رهائشي ڪالونين ۽ پارڪن جا نالا نج هندو ماڻهن جا هوندا. پر دهليءَ ۾ اچڻ سان هتي ڪجهہ ٻيو ئي نظارو لڳو. دهليءَ جي شهر ۾ صبح شام چڪر هڻڻ دوران ڪجهہ اهم روڊن جا نالا نظر اچن ٿا. اهي هن ريت آهن:

ڊاڪٽر ذاڪر حسين روڊ، مولانا محمد علي مارگ، بهادر شاهہ ظفر مارگ، لوڌي روڊ، شاهجهان روڊ، شير شاهہ روڊ، اورنگزيب روڊ، اڪبر روڊ، قطب روڊ، پشاور روڊ، مالا ڪنڊ روڊ، وغيره وغيره.

۽ ڪجهہ رهائشي علائقن ۾ ڪالونين جا نالا: ابراهيم لوڌي ڪالوني، غفور نگر، ذاڪر نگر، ابو الفضل Enclave، غفار منزل ڪالوني، مجيب باغ، خصر آباد، قدسيہ باغ، اجمل خان پارڪ، ابوالڪلام آزاد ميڊيڪل سينٽر وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## انڊيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين . .

دهليءَ ۾ جنهن ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ شروع جا ٽي چار ڏينهن نولراءِ اسان جي رهڻ جو بندوبست ڪيو ان ۾ منهنجي پير واري ڪمري ۾ رهندڙ هڪ مڪاني ليکڪ ۽ گهمڻ ڦرڻ جو شوقين لڳو ٿي. منهنجي ساڍس پهرين ڏينهن ئي لفٽ ۾ عليڪ سليڪ ٿي ۽ جاڻ سڃاڻ بعد جڏهن هن کي خبر پيئي ته آئون به ليکڪ آهيان ۽ خاص ڪري ”ٽريول رائيٽر“ ته هو مونکي انڊيا باءِ روڊ ڏسڻ ۽ ڊرائيو ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ لڳو. پاڻ سرينگر کان باءِ روڊ ڏکڻ طرفان نڪتو هو ۽ هندستان جي هيٺين ڇيڙي واري شهر ”ڪنيا ڪماريءَ“ تائين 4200 ڪلو ميٽر جو سفر باءِ ڪار پورو ڪري هاڻ باءِ ايئر هتي دهليءَ پهتو هو جتي هفتي ڪن جي ڪم ڪارين بعد هن کي پنهنجي ڳوٺ لڌيانا باءِ ٽرين وڃڻو هو.

هن وقت آئون سڄي گروپ سان گڏ آيل هوس ۽ اسان جو اهم ڪم اسان جي دوستن جي پٽن جون دهليءَ ۾ بڙودا ۾ شاديون اٽينڊ ڪرڻيون هيون. وچ ۾ جيڪو ٽائيم مليو ٿي ان ۾ ڪڏهن پنهنجي گروپ سان گڏ ته ڪڏهن اڪيلو اڪيلو دهليءَ ۽ ان جي آسپاس جا شهر ۽ بڙودا، احمد آباد ۽ بمبئي وغيره. ٻئي ڪنهن شهر آگري، اجمير، جوڌپور وغيره وڃڻو پيو ٿي ته اوڏانهن وڃڻ لاءِ پوليس اسٽيشن تي اطلاع ڪري موڪل وٺڻي پيئي ٿي. ٻين لفظن ۾ اسان کي سڄي انڊيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آزاد پکيءَ وانگر گهمڻ جي اجازت نه هئي. منهنجي پير واري ڪمري ۾ رهندڙ هن Freelance writer جي ڳالهه. يعني صلاح، بلڪل سٺي هئي جنهن لاءِ هو مونکي روز چوندو رهيو ۽ گذريل هفتو انڊيا جي اتراهين ڪنڊ سرينگر کان ڏاکڻي ڪنڊ ڪنيا ڪماري شهر تائين جيڪا هو هنڊريڊ ميٽر Raceڊوڙي آيو هو ان جو احوال ٻڌائيندو رهيو. سندس اهو سفر هڪ سؤ ميٽرن جي ڊوڙ ئي ٿي جو ڪٿي ڪٿي رات گذارڻ کان علاوه هو هر هنڌ اڌ ڏينهن يا ڪجهه ڪلاڪ مس ٿي رهيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان قسم جي تڪي ۽ ڊگهي سفر جو پنهنجو چارم آهي جو جلدي جلدي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ تي ماڻهن جا قدبت، شڪليون، رنگ، زبانون ۽ ڪلچر جلدي بدلبو نظر اچي ٿو. ڪٿي هڪ طرف اتر ۾ يعني سرينگر ۾ ڊگها ۽ گورا ماڻهو ۽ وچ ايشيا جي ملڪن جو Flavour ۽

ڪٿي ڏکڻ هندستان جي شهرن ٽيرو وانٽا پورم ۽ ڪوامبتور جهڙن شهرن جا ڪاري ۽ بندري رنگ جا ماڻهو تامل، مليالم، تيلگو ۽ ڪانڊا زبانون ۽ عجيب مسالن جا ڪاڏا کائڻ وارا دکني ۽ مدراسي. جڻ ماڻهو سريلنڪا جي شهرن ۾ پهچي ويو هجي.

ملائيشيا هوندو هوس ته ٽن يا چئن ڏينهن جي موڪل تي پنهنجي رهائش واري شهر ملاڪا کان ڏکڻ طرف نڪي پوندو هوس تان جو ملائيشيا جو آخري شهر جوهور بارو اچي ويندو هو ۽ پوءِ ميل کن جي پل (Causeway) ٽپي سنگاپور کان وڃي نڪربو هو جتي ڏينهن اڌ رهي ٻئي ڏينهن وري پويان پير ڪٽي اتر طرف موٽبو هو. رستي تي وري ساڳيو شهر جوهور بارو ۽ ملاڪا لتاڙي ڪوالالمپور پهچبو هو ۽ رات اتي رهي اڳتي جو اتر طرف سفر شروع ڪبو هو ۽ رستي تي اپوح ۽ پينانگ جهڙا شهر لتاڙي شام ڌاري ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ جي بارڊر واري شهر هاديائيءَ ۾ اچي رات رهبي هئي. موڪل ڊگهي هوندي هئي ته اجا اتر طرف ٿائيلنڊ جي شهرن: بئنڪاڪ ۽ چنگ مائي تائين وڃي نڪربو هو نه ته هاديائي کان واپس پنهنجي شهر ملاڪا موٽبو هو. پر اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿي سگهيو ٿي جڏهن آئون سالن کان ملائيشيا رهيل هوس ۽ ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٿائيليند جي Multipleويزا مليل هئي يعني جڏهن چاهجي ۽ جيترا دفعا چاهجي انهن ملڪن ۾ اچي وڃي ۽ رهي سگهجي ٿو.

اسان جو ملڪ پاڪستان به ماشاءَ الله تمام وڏو ۽ ڊگهو ملڪ آهي جنهن جي هڪ (ڌاڪٽي) ڪنڊ کان ٻي اتراهين ڪنڊ تائين سمنڊ، نديون، رڻ پٽ، جبل، برفاني نديون، چراگاهه ۽ باغ ٻنيون اچن ٿيون. مختلف شڪلين، بيهڪ ۽ قد ڪاٺ جا ماڻهو ۽ مختلف زبانون آهن بلڪ پاڪستان جي ڊگهائي ڏکڻ کان اتر طرف هجڻ ڪري مختلف موسم ۽ ميوا پاچيون آهن جنهن ۾ ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙا ملڪ غريب آهن جيڪي ايراضي ۽ ڊيگهه جي حساب سان ته تمام وڏا آهن پر اهي اوپر کان اولهه پکڙيل هجڻ ڪري هنن وٽ ٻارهوئي ساڳي موسم ۽ جتي ڪٿي ساڳيا ميوا ۽ پاچيون آهن. انگور، صوف، موسمي ۽ سنگتڙي جهڙا ميوا هو ڌارين ملڪن کان گهراين ٿا. سو اسان جي ملڪ ۾ به باءِ روڊ هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين سفر ڪرڻ ۾ مزو آهي ۽ ان مان اندازو لڳايو ته انڊيا ۾ ڪيڏو هوندو جيڪو اسان جي ملڪ کان ٽيڻو چئوڻو وڏو آهي. اتر کان ٻئي ملڪ گڏ گڏ شروع ٿين ٿا. ڪراچي يا ٿرپارڪر ۾ جتي ڏکڻ ۾ اسان جي ملڪ جون حدون ختم ٿين ٿيون اتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هندستان پاسي راجستان جو صوبو ختم ٿئي ٿو پر انڊيا اڃا وڏو آهي ۽ ان بعد گجرات، مهاراشٽرا ۽ تامل نادو جهڙا صوبا هيٺ سريلنڪا سان وڃيو ملن. يعني پاڪستان کان اڃا به ڏيڍوڻو هيٺ آهي. ۽ اهو ته ٿيو مک وانگر سڌو ئي سڌو ڏکڻ طرف وڃڻ. پر جي اتر طرف وڃجي ته بنگلاديش جي به پٺيءَ پاسي کان وڃيو نڪرجي ۽ انڊيا جون سرحدون برما سان مليون پيون آهن. انڊيا جا ڏکڻ ۽ اوپر وارا ڇيڙا اهڙا آهن جتي هندستان جي قومي زبان هندي جيڪا بلوچستان، دبئي، ايران ۾ ته سمجهي وڃي ٿي پر ملڪ جي ڪيرالا، تامل نادو، ناگالئنڊ ۽ مني پور جهڙن صوبن ۾ نٿي سمجهي وڃي.

هوٽل ۾ رهندڙ منهنجي پاڙيسري همراهه جيڪو اتر کان ڏکڻ طرف چار هزار کن ميلن جو سفر ڪيو ۽ جن جن شهرن ۾ هو ويو، اهي مون به سندس ڳالهين ۽ وڊيو فلم مان نوٽ ڪري ڇڏيا. ٿي سگهي ٿو مونکي يا ڪنهن کي اها روٽ ڪٽي گهمڻ لاءِ نڪرڻو پوي ۽ ڪنهن هڪ ٻن شهرن جي ڦيرقار سان هي سفر ڪو خراب نٿو لڳي. هن پنهنجي ڪار Odometer ۾ ميلن جو زيرو انگ سري نگر ۾ ڪاهي اتان کان سڌو هيٺ ڏکڻ طرف نڪرڻ شروع ڪيو.

سري نگر 0000ڪلو ميٽر

هندستان پاسي جيڪو ڪشمير آهي ان جو سرينگر گاديءَ جو هنڌ آهي. جهلم نديءَ جي ڪناري تي هن شهر جي چوڌاري ڊال ڍنڍ آهي جنهن ۾ اٺ کن ٻيون ڍنڍون به ملن ٿيون جن ۾ ناگن ڍنڍ تمام مشهور آهي. ڪيترن ماڻهن جا گهر ٻيڙين تي آهن. دنيا جا سياح هتي اچي ٻيڙين تي سير ڪن ٿا. ڊال ڍنڍ جي اوپر واري ڪناري تي مغل بادشاهن جا ٺهرايل باغ آهن جن ۾ شاليمار باغ ۽ نشاط باغ تمام گهڻو مشهور آهن. ڊال ڍنڍ تي ترندڙ هنن "بوٽ هائوس" لاءِ چيو وڃي ٿو ته انگريزن جي دؤر حڪومت "برٽش راج" ۾ ڪشمير جي راجا انگريزن کي زمين خريد ڪري گهر ٺاهڻ جي اجازت نه ڏني ۽ هنن ڪشمير جي سونهن پسڻ لاءِ هر وقت هيڏانهن اچڻ ٿي چاهيو. پوءِ ان جو علاج هنن اهو ڳوليو لڌو ته اهڙيون ٻيڙيون ٺاهيون وڃن جن ۾ گهر وانگر ڪمرا، باٿ روم ۽ ڪچن وغيره هجي. ان قسم جي هرهڪ ٻيڙي انهن ڏينهن ۾ "لٽل انگلينڊ" سڏي وئي ٿي.

جمون 0293 ڪلوميٽر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سرينگر شهر کان هيٺ ڏکڻ ڏي 293 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هن صوبي جو ٻيو نمبر وڏو شهر جمون آهي. جمون پهچڻ لاءِ رستي تي اڍائي ميلن جي هڪ سرنگهه ”جوارهار“ نالي اچي ٿي جيڪا هاڻي ناهي وئي آهي نه ته سياري جي موسم ۾ جبلن تي گهڻي برفباري ڪري جمون ۽ سرينگر هڪ ٻئي کان ڪٽجي ويندا هئا پر هاڻ سياري ۾ به اچ وڃ جاري رهي ٿي. ايترو آهي ته سياري جا ڇهه مهينا ڪشمير جي گاديءَ جو هنڌ سرينگر بدران جمون ڪيو وڃي ٿو. سرينگر جي آدمشماري نو لک کن آهي ۽ جمون جي چار لک آهي. سرينگر کان جمون ايندي ڪد (Kud) ۽ پٽني ٽاپ نالي به هل اسٽيشنون اچن ٿيون جن جي ويجهو هتي جو اهم مندر. سڌ مهاديو شو جو مندر آهي. هن ئي روٽ تي هتي جي ماٿري سنسار آهي جيڪا اونهاري ۾ سونهن ۽ گجر قوم جي ريڍارن کان مشهور آهي.

جمونءَ کان بارڊر وارو شهر اخنور فقط 25 ڪلوميٽر آهي ۽ جمونءَ کان سيالڪوٽ پنجاهه ڪلوميٽر مس آهي ۽ پاڪستان ۽ انڊيا جو بارڊر پوري اڌ تي 25 ڪلوميٽرن تي آهي. لاهور ۽ امرتسر به تقريبا اوتري ئي فاصلي تي آهي پر پاڪستان ۽ هندستان جي بارڊر وٽ ٻنهي پاسن جا واگها ۽ اٽاري شهر آهن. مفاصلي جي حوالي سان ائين به چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان جي شهر گجرانوالا کان جيترو سيالڪوٽ پري آهي اوترو سيالڪوٽ کان جمون شهر آهي.

پٺاڻ ڪوٽ. 0413ڪلو ميٽر

پٺاڻ ڪوٽ هماچل پرديس صوبي جو گيٽ وي آهي ۽ مندرن کان مشهور آهي. جمون کان پٺاڻ ڪوٽ 120ڪلوميٽر آهي. پٺاڻ ڪوٽ ۾ آئون ٿو اسٽار هوٽل ۾ رهيس جيڪا ريلوي اسٽيشن ۽ پٺاڻ ڪوٽ بس اسٽاپ کان هڪ ڪلوميٽر کن آهي (يعني ان سفر جي ڪٿا ٻڌائڻ وارو رهيو جيڪو دهليءَ واري هوٽل ۾ منهنجي پر واري ڪمري ۾ رهيو ٿي).

لڌيانا. 0580 ڪلوميٽر

لڌيانا ۾ مون رات ”هوٽل سٽي هارٽ“ ۾ گذاري جيڪا ڪلاڪ ٽاور جي پوبان ريلوي اسٽيشن جي ويجهو آهي. هي چڱي مهانگي هوٽل مٿي ۾ لڳي وئي ۽ رات جي ماني ۽ نيرن سميت ڏيڍ هزار رپيا خرچ آيو.

دهلي 900 ڪلوميٽر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دهلي نہ فقط اڄ جي حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ آهي پر صدين تائين مختلف بادشاهن ۽ حڪومتن جي گاديءَ جو شهر ٿي رهيو. دهلي هڪ پراڻو ۽ تاريخي شهر آهي. ”هيٺ ڏکڻ ڏي ويندي وقت هتي جي هڪ ڪلب ۾ يورپ جي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي مدهوشيءَ جي عالم ۾ سڄي رات ڊانس ڪندو ڏسندو رهيس.“ هن ٻڌايو.

جيپور. 1170ڪلوميٽر

ويهہ لک آدمشماريءَ جو هي شهر راجستان صوبي جو گاديءَ وارو شهر آهي ۽ دهليءَ کان پورا 270 ڪلوميٽر پري آهي. هي شهر گلابي رنگ جي گهرن ڪري Pink City بہ سڏجي ٿو. هي شهر هتي جي جنگجو ۽ علم نجوم (Astronomy) جي ماهر مهاراجا جئسنگهہ ٻئي 1727ع ۾ ٻڌرايو. مهاراجا جئسنگهہ ٻيو سن 1693ع ۾ ڄائو ۽ 1743ع ۾ گذاري ويو. هي اهو شخص آهي جنهن سن 1728ع ۾ مشهور Observatory جنتر منتر ٺهرائي. جيڪا اڄ بہ ڏسڻ وٽان آهي. شهر ۾ ٽي اهم روڊ هڪ ٻئي سان ملن ٿا: مرزا اسماعيل روڊ، اسٽيشن روڊ ۽ سنسار چندرا مارگ. هنن ٽن رستن ۽ انهن مان ڦٽندڙ گهٽين ۾ ڪيتريون ئي هوٽلون آهن.

جيپور جي هڪ عمارت هوا محل هن شهر جي خاص نشاني آهي. پنج ماڙهيءَ بلڊنگ سن 1799ع ۾ مهاراجا سواج پرتاپ سنگهہ ٺهرائي. جيپور جي راڄ مندر سئنيما ۾ فلم ڏسڻ وٽان آهي جيڪو سئنيما هال انڊيا جو مهانگو ترين ۽ خوبصورت سئنيما هال آهي.

اجمير. 1300ڪلوميٽر

اجمير بہ راجستان صوبي جو شهر آهي ۽ جيپور کان فقط 130ميل پري آهي. اجمير اهو شهر آهي جتي مغلن جي انگريزن سان پهريون دفعو ملاقات ٿي هئي جڏهن سرٿامس رو 1616ع ۾ جهانگير سان مليو.

اجمير صوفي درويش خواجا معين الدين چشتي جي درگاهہ کان بہ مشهور آهي. هو ايران کان 1192ع ۾ اجمير آيو هو. سندس مقبرو همايون مڪمل ڪرايو ۽ درگاهہ جو گيٽ حيدرآباد جي نظام ٺهرايو. شهنشاهہ اڪبر هر سال آگري کان اجمير خوجہ معين الدين چشتيءَ جي درگاهہ جي زيارت تي ايندو هو.

اجمير انگريزن جي Mayo. College کان بہ مشهور آهي. اجمير 1818ع ۾ انگريزن جي حوالي ٿيو ۽ هي ڪاليج 1875ع ۾ شروع ٿيو. جيڪو فقط انگريزن ۽ انڊيا جي نوابن

جي ڀارن لاءِ هو. جيئن لاهور جو ايچيسن ڪاليج.

1570ڪلو ميٽر

انگريز چوندا هئا تہ راجستان ۾ اُديپور جهڙو ٻيو ڪو رومانوي شهر ناهي.

بردرس گرم (Grimm) ۽ ٻين فرينچ آرٽسٽن لاءِ هي شهر دلپسند شهر رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي شهر ان جي لائق رهيو جو هن کي <Venice of the East> سڏيو ويو ٿي.

اُديپور 1568ع ۾ مهارانا اُدئي سنگهہ ٻئي ٻڌرايو. اُديپور محلاتن، مندرن ۽ حويلين جو شهر آهي. هن شهر جي چوڌاري ڍنڍون هجڻ ڪري پاڻيءَ جي کوٽ نہ رهي آهي ۽ شهر ۾ ڪيترائي پارڪ ۽ باغ آهن. جنهن زماني ۾ هن شهر جي چوڌاري پٿ هئي اڄ اها ڊهي چڪي آهي پر ان جا ڪجهہ حصا ۽ گيٽ اڃا بہ موجود آهن. شهر جي چوڌاري پچولا (Pichola) نالي چار ڪلوميٽر ڊگهي ۽ ٽي ڪلوميٽر ويڪري ڍنڍ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ آهي جيڪو جگمندر ٻيٽ سڏجي ٿو جنهن تي مهاراجا ڪرن سنگهہ جو ٺهرايل محلات اڃا تائين سهڻي حالت ۾ موجود آهي، جيڪو هن مهارانا جگت سنگهہ (1652ع .1628ع) جي نالي ٺهرايو هو. ٻيو مشهور محلات ان ساڳي ڍنڍ ۾ جگ نيواس ٻيٽ تي سن 1754ع ۾ مهارانا جگت سنگهہ ٻئي ٺهرايو هو. اڄ اهو محلات Lake palace Hotel جي نالي هوٽل طور استعمال ٿئي ٿو جنهن جي ڪمرن جي مسواڙ تمام گهڻي رکيل آهي. هي محلات (ليڪ پئلس هوٽل)، شو نيواس پئلس ۽ مون سون پئلس جيمس بانڊ جي فلم Octopussy ۾ سيٽن طور استعمال ٿيا هئا. شهر جي وچ ۾ (هوٽل بڙي حويلي ۽ هوٽل انجاني جي پرسان) هتي جو مشهور ۽ جهونو مندر "جگديش مندر" آهي جيڪو 1651ع ۾ مهارانا جگت سنگهہ ٺهرايو. منجهس ڪاري پٿر جي وشنو جي (جگن ناٿ جي روپ ۾) مورتي آهي. جيڪو هندو ڌرم مطابق ڪائنات جو مالڪ سمجهيو وڃي ٿو. ان کان علاوه پتل جي مورتي گرودا جي بہ آهي. (گرودا انساني پکي جي شڪل جي وشنوءَ جي سواري آهي).

اُديپور جون ٻيون مشهور ڏسڻ وٽان شيون آهن: گلاب باغ ۽ ان جي پرسان سجن نيواس گارڊنس، نهرو پارڪ ۽ شهر جي اتر ۾ هڪ خوبصورت باغ آهي، جنهن جو نالو آهي "سهيلين ڪي باري" اُديپور شهر ۾ رهائش لاءِ سستيون هوٽلون تمام گهڻيون آهن، خاص

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري جگديش مندر وٽ ۽ بس اسٽاپ وٽ. دهلي گيٽ ۽ ليڪ پئلس روڊ وٽ به جام هوٽلون آهن. هڪ سؤ کان ٽي سؤ رپيه مسواڙ واريون ڪجهه هوٽلون هن ريت آهن:

هوٽل بڙي حويلي، لال گيٽ گيسٽ هائوس، جگ نيواس گيسٽ هائوس، انجاني هوٽل، هوٽل نئچرل، ليڪ شور هوٽل، هوٽل شمبو هوٽل اپسرا ۽ جيڪڏهن توهان شهر کان ٿورو پرڀرو رهڻ پسند ڪريو ٿا ته پرتاپ ڪنٽري ان (Inn) ۽ ميوار ان (Mewar Inn) جهڙي سستي رهائش ٿي نٿي سگهي. سؤ سوا سؤ رپيا روز جي مسواڙ مس آهي ۽ شهر اچڻ لاءِ بس جو ڀاڙو ڏهن رپين کان به گهٽ آهي. بهرحال هي سڀ سستين هوٽلن جا پار پتا ۽ اگهه آهن. اوچيون ۽ مهانگيون ته جتي ڪٿي آسانيءَ سان نظر اچيو وڃن.

احمد آباد. 1830ڪلو ميٽر

راجستان کان پوءِ هيٺ ڏکڻ ۾ گجرات صوبو آهي ۽ احمد آباد گجرات جو وڏو شهر آهي. هاڻ ته انڊيا جي هر شهر ۾ ڪارخانا ۽ فئڪٽريون ٿي ويون آهن نه ته انگريزن جي راڄ ۾ احمد آباد ئي هڪ اهڙو شهر هو جنهن ۾ سڀ کان گهڻا ڪارخانا هئا جن جون چمنيون پري پري تائين نظر آيون ٿي ان ڪري هي شهر "مشرق جو مانچسٽر" سڏيو ويو ٿي. شروع ۾ گجرات جي گاديءَ جو هنڌ احمد آباد هو پر هاڻ نئون شهر گانڌي نگر آهي، جيڪو احمد آباد کان فقط 32 ڪلوميٽر پري آهي.

احمد آباد شهر جو بنياد احمد شاهه 1411ع ۾ رکيو. ٽوڪيو نيو اورلينس، بئنڪاڪ ۽ لنڊن وانگر هن شهر جي وچ مان به درياهه وهي ٿو جنهن جو نالو "صبر متي" آهي. هن نديءَ مٿان ڪيترين پليون آهن جيڪي شهر جي ٻن حصن کي ڳنڍيين ٿيون. انهن پلين جا نالا هن ريت آهن: سبهاس پل، گانڌي پل، نهرو پل، ايلس پل، سردار پل وغيره. اهي پليون شهر جي مشهور رستن کي ڳنڍيين ٿيون. جهڙوڪ: آشرم روڊ، بالونتراءِ ميهتا روڊ، ڪستوربا روڊ، سنت ٿريا داس روڊ، رليف روڊ، سردار پٽيل روڊ، پريتم نگر روڊ وغيره. شهر ۾ 1423ع جي ٺهيل جامع مسجد به آهي جيڪا احمد شاهه ٺهرائي. ان کان علاوه ڊاڪٽر ٽنڪاريا روڊ تي ٺهيل راڻي روپمتيءَ جي مسجد به مشهور آهي. اها مسجد 1440ع جي ٺهيل آهي ۽ سلطان احمد شاهه جي هندو زال جي نالي پٺيان آهي. انهن مسجدن کان علاوه راڻي سپري مسجد (جيڪا مسجد نگينه به سڏجي ٿي) 1514ع جي ٺهيل آهي ۽ سلطان محمود بيگڊا جي زال

ٺهرائي، راج بابري مسجد، دستور خان جي مسجد، هيب خان جي مسجد ۽ ريلوي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾ سدي بشير جي مسجد، وغيره آهن. اهڙي طرح هتي جا مندر مشهور آهن جهڙوڪ: هاٿي سنگهه مندر جيڪو 1848ع جو ٺهيل آهي ۽ پندرهين جين ٽيچر (تير ٿانڪر) جي نالي منسوب ٿيل آهي. سوامي نارائڻ مندر جيڪو 1850ع جو ٺهيل آهي. هن مندر جي ڏکڻ ۾ نو قبا آهن جيڪي "نو گزپير" (نو والن جي پير) جي نالي سان مشهور آهي.

رهائش لاءِ سستيون هوٽلون رليف روڊ ۽ ريلوي اسٽيشن وٽ جام آهن پر اهي سڀ گوڙ گهمسان واريون هوٽلون آهن. ڪجهه مهانگين هوٽلن جا نالا هن ريت آهن: هوٽل ساحل، هوٽل بلواس، هوٽل Kingsway، ميٽروپول هوٽل، هوٽل Mehul ، هوٽل گڊنائيٽ، هوٽل ڪپري، هوٽل سريتا، ايمبسڊر هوٽل، هوٽل الف انٽر نيشنل، توران گيسٽ هائوس وغيره. انهن هوٽلن جي مسواڙ پنج سؤ رپين جي لڳ ڀڳ آهي.

احمد آباد کان هي ريل گاڏيون بڙودا، ڀاءُ نگر، ڀوج، دوارڪا، ممبئي، دهلي ۽ اڏيپور ڏي روانيون ٿين ٿيون: شاتا بدي ايڪسپريس، گرنار ايڪسپريس، ڀوج فاسٽ پئسينجر، سوراشترا ميل، گجرات ميل، سروديا ايڪسپريس، اڏيپور ايڪسپريس، وغيره.

سورٽ. 2070 ڪلوميٽر

احمد آباد کان سورٽ 240 ڪن ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ آهي. رستي ۾ بڙودا ۽ ڀاورچ جا شهر اچن ٿا. ڀاروچ جنهن کي بروچ به سڏين هن پاسي جو تمام جهونو شهر آهي ۽ ٻه هزار سال پراڻي رڪارڊ ۾ ملي ٿو. شهر جي پرسان نرمادا ندي وهي ٿي جنهن جي ڪناري تي هڪ بيحد پراڻو مندر ڀريگو رشي نالي آهي جنهن تان هن شهر جو نالو ڀريگوڪاچبا پيو جيڪو پوءِ فقط Bharuch سڏجڻ لڳو. هن شهر کان پوءِ هيٺ سگهو ئي پنجاهه ڪن ڪلوميٽرن تي سورٽ جو شهر آهي جيڪو تاپتي نديءَ جي ڪناري تي آهي جيڪا خليج ڪئمبي (Bay of Combay) ۾ چوڙ ڪري ٿي جيڪو سمنڊ جو حصو عربي سمنڊ جو آهي. ان کان علاوه خليج ڪڇ به عربي سمنڊ جو حصو آهي جنهن جي منهن وٽ مانڊوي، اوکها، دوارڪا ۽ پوربندر جهڙا بندرگاهه آهن ۽ اهي بندرگاهه ڪراچي ۽ پورٽ قاسم جي بلڪل ويجهو آهن. ڪراچي کان حيدرآباد به پري آهي پر هي بندرگاهه ويجها آهن تڏهن ته اسان جا توڙي انڊيا جا مهاڻا خراب موسم ۽ سمنڊ ۾ ساموندي سرحدون لتاڙيو ڏارين ملڪن کان وڃيو نڪرن

پوءِ اتي غيرقانوني اچڻ جي ڏوهہ ۾ جيل داخل ٿيو وڃن. ڪجهہ اهڙي ئي ٿيم تي انڊيا جي فلم انڊسٽريءَ ”مين هون نا“ فلم ٺاهي آهي، جنهن ۾ انڊيا جي حڪومت غريب قدين (پاڪستاني) مهاڻن کي آزاد ڪرڻ چاهي ٿي.

سورت اهو شهر آهي جتي ايران جي شهر پارس کان لڏي آيل باهہ جا پوڄاري (Zoroasters) پاهرين صديءَ ۾ اچي رهيا. جيستائين بمبئي وڏيو ويجهيو نہ هو تہ سورت انڊيا جو مشهور بندرگاهہ ليکيو ويو ٿي جتان هندستان جا ماڻهو حج لاءِ مڪي مديني روانا ٿيندا هئا.

سورت شهر ۾ انگريزن جي مشهور قبرستان کان علاوه ڊچن ۽ آرمينين جو بہ قبرستان آهي. هتي ڪيترين ئي مسجدون ۽ هند، جين ۽ پارسين جا مندر آهن. شهر ۾ بہ اڍائي سؤ رپين واريون سستيون هوٽلون ريلوي اسٽيشن جي پرسان آهن جيئن تہ روپالي گيسٽ هائوس، شملہ گيسٽ هائوس، سروا جانڪ هوٽل وغيره. هوٽل سينٽرل ايڪسيلنسي هوٽل يوراج ۽ ايمبسي هوٽل جهڙين جي مسواڙ هزار رپيہ کن آهي.

سورت شهر ۾ احمد آباد يا ممبئي کان ريل گاڏيءَ ذريعي بہ پهچي سگهجي ٿو. ممبئي کان سورت 263 کن ڪلوميٽر آهي ۽ ريل گاڏي پنج ڪلاڪ کن وٺي ٿي ۽ رستي تي وڏي اسٽيشن فقط دمان آهي.

ممبئي . 2350 ڪلوميٽر

ممبئي سورت شهر کان 280 کن ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ آهي. ممبئي شهر پهچڻ تي ڪار جي آڊوميٽر ۾ 2350 ڪلوميٽر ٿيا. ممبئي (جيڪو انگريزن جي ڏينهن ۾ بمبئي سڏيو ويو ٿي) مهاراشٽرا رياست ۾ آهي جيڪا انڊيا جي وڏين رياستن مان هڪ آهي. تمام گهٽي آدمشماريءَ واري ۽ واپار وڙي ۽ ناڻي جي ڏيتي ليتيءَ کان تمام گهٽي اهم رياست آهي. ممبئي مهاراشٽرا جي گاديءَ جو هنڌ پڻ آهي جتي مرهٽي ۽ هندي زبان عام ڳالهائي وڃي ٿي. بمبئي (ممبئي) ڏارين لاءِ بالي ووڊ جي فلمي دنيا، چوپاٽيءَ تي ڀيل پوري کائڻ، سمنڊ جو ڪنارو، ڳاڙهي رنگ جون ڊبل ڊيڪر بسون، ڪماٺيپورا علائقي جو چڪلو شهر جا شراب خانا ۽ شاپنگ جو ڀيو نالو پڻ آهي.

ممبئي دراصل ست کن ٻيٽن جو مجموعو آهي جيئن ڪٽي چئجي تہ جپان، فلپين ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انڊونيشيا آهي. پر انهن ملڪن ۾ وڏا ۽ گهڻا ٻيٽ اچي وڃن ٿا ۽ بمبئي شهر ۾ منهوڙي جهڙا يا ان کان ٿورا وڏا ٻيٽ آهن. هنن ٻيٽن تي ڪنهن زماني ۾ ڪولي قوم جا مهاڻا رهيا ٿي جن جون جهوپڙيون اڃا بہ بمبئي شهر جي هڪ سامونڊي ڪناري تي قائم آهن جين هاڪس بي ۽ سئنڊس پٽ ڪراچي ۾ اڄڪلهہ خوبصورت ۽ ماڊرن بنگلا (Huts) نهڻ جي باوجود هتي جي اصلي مهاڻن جو ڪچا ڳوٺ ۽ ان ۾ نهيل پراڻيون جهوپڙيون موجود آهن.

بمبئي جي هنن ٻيٽن تي هندن جي مختلف گهراڻن جي حڪومت هلندي رهي ۽ پوءِ چوڏهين صديءَ ۾ مسلمانن جي حملي بعد انهن جي حوالي ٿيا ۽ پوءِ سورهين صديءَ ۾ گجرات جي سلطان 1534ع ۾ هي ٻيٽ پورچو گالين حوالي ڪيا.

پورچو گالين انهن ٻيٽن تي ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو ۽ ائين ويران رهيا. پورن 127سالن بعد (سن 1661ع ۾) پورچو گال جي بادشاهہ جي ڌيءَ ڪئٿرين جي شادي انگلينڊ جي شهزادي چارلس ٻئي سان ٿيڻ تي ڏيج ۾ بمبئي انگريزن کي ڏنو ويو. انگلينڊ جي حڪومت چئن سالن بعد (1665ع ۾) اهي ٻيٽ ٽن سالن لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني وارن کي ڏهہ پائونڊ ساليانى مسواڙ تي ڏنا. ان بعد بمبئي يڪدم وڌڻ ويجهڻ لڳي. بمبئي جو بندرگاهہ هڪ قدرتي بندرگاهہ هجڻ ڪري جهازن کي اچڻ وڃڻ ۾ سهوليت ٿي. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن ننڍي ڪنڊ توڙي اوسي پاسي جي ملڪن جي ماڻهن کي هتي رهڻ جي اجازت ڏني. هنن امن امان ۽ مذهب جي آزادي ڏني. نتيجي ۾ سنڌي ۽ گجراتي هندو واپاري، سک ۽ پنجابي چوڪيدار ۽ سپاهي، ايران کان پارسي، پورچو گالين جي ڊپ کان ڏکڻ ڏي ڀڄي ويل هندو هتي اچي رهڻ لڳا. (انگريزن پينانگ ۽ سنگاپور جهڙن ٻيٽن کي بہ اڳتي هلي ائين وڌايو جيڪي هن کان صديون اڳ مهاڻن جون ويران وستيون هيون). ويهن سالن اندر بمبئي ايڏو سٺو شهر ۽ مشغول بندرگاهہ ٿي ويو جو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجي پريزيڊنسي سورت شهر مان شفٽ ڪري بمبئي آندي. بمبئيءَ جو مشهور قلعو 1720 ع ۾ ٺهرايو ويو ۽ بمبئي جي سٽن ننڍن ٻيٽن کي ملائڻ لاءِ سجي Land Reclaimation جو حڪم هلندو رهيو. يعني هتان هتان مٽي کڻي يا جبل ٽڪريون ڀڃي انهن جي مٽي ۽ پٿرن سان ٻيٽن جي وچ وارو سامونڊي حصو ڀريندا رهيا جيئن اهي سامونڊي گهٽيون مٽيءَ سان ڀرجي باقي ٻيٽن سان ملي يڪي ڌرتي ٿي وڃي. جيئن اڄ جو بمبئي نظر اچي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بمبئي جو وڏڻ ۾ مشهور ٿيڻ 1853ع کان پوءِ ٿيو جڏهن انڊيا جي پهرين ريلوي لائين بمبئي کان ٿانا تائين ٺهي راس تي ۽ ڪل وارن جهازن (آگبوٽن) جو اچڻ شروع ٿيو هو. ٻئي سال 1854ع ۾ بمبئي ۾ ڪپهه جا ڪارخانا لڳايا ويا. 1869ع ۾ سئيز ڪئنال کلڻ ۾ بمبئي جي بندرگاهه کي وڌو ڪرڻ سان بمبئيءَ جا وارا نيارا ٿي ويا. بمبئي جيڪو پهرين ستن ٻيٽن تي مشتمل هو هاڻ هڪ يڪو ٻيٽ آهي جيڪو پلين ذريعي باقي سرزمين (Mainland) مهاراشٽرا رياست سان مليل آهي. بمبئي جو اهم، امير ۽ گهماگهمي وارو حصو سنڌس ڏاکڻو پوڇڙ آهي جيڪو ڪولابا (Colaba) سڏجي ٿو جتي بمبئي ايندڙ هر سياح، گهمڻ جو شوقين ۽ مسافر پهچيو وڃي. مشهور هوٽل تاج محل ۽ Gateway to India به هتي ڪولابا ۾ آهي.

ڪولابا واري علائقي جي اتر وارو علائقو فورٽ سڏجي ٿو جتي ڪنهن زماني ۾ انگريزن قلعو ٺهرايو هو جيڪو پوءِ ڊهي ويو پر اهو هنڌ اڄ به فورٽ سڏجي ٿو جتي ڪراچيءَ جي صدر ۽ بولٽن مارڪيٽ وارن علائقن وانگر انگريزن جي ڏينهن جون Colonial عمارتون آهن. جنرل پوسٽ آفيس، وڪٽوريا ٽرمينس ۽ ٻين آفيسن جون عمارتون ۽ بئنڪون هتي آهن. بمبئيءَ جي وڏي ريلوي اسٽيشن چرچ گيٽ (جنهن جو هاڻ نئون نالو چنتامن ديش مکهه ٽرمينس آهي) پڻ هتي آهي. اڳيان اولهه ۾ مئرين ڊرائيو آهي جيڪا اڪثر انڊين فلمن ۾ ڏيکاري ويندي آهي. سمنڊ جي ڪناري تي ڪلفٽن جي سي ويو ڊرائيو وانگر ٺهيل هي ڊگهو رستو تمام سهڻو لڳي ٿو جنهن تي اڪثر هيرو ۽ هيروئن ڊوڙندي يا ڏگانو ڳائيندي نظر ايندا آهن. يعني فلمن ۾. اڳيان چوپاٽي بيچ ۽ مالابار هل جون اوچيون رهائشي عمارتون ۽ فليٽ آهن. هي سڄو علائقو ڏکڻ بمبئي سڏجي ٿو. (پاڻي واري جهاز ۾ اچڻ وقت پهرين اهو علائقو نظر اچي ٿو ۽ اسان جاجهاز گهڻو ڪري ڪولابا وٽ ايندا آهن يا ساسون ڊاڪ ۾ مرمت ٿيندا آهن.)

چوپاٽي وٽ ڪملا نهرو پارڪ آهي ۽ اولهه ۾ مالابار هل. مٿي اتر طرف بمبئي جا ٻيا علائقا ورلي، ماهيم، جوهو چيمبور وغيره آهن. ورلي ۽ باندرا جي وچ ۾ دادر آهي. بمبئي شهر جا هي علائقا ائين آهن جيئن اسان وٽ ڪلفٽن، ڊفينس، صدر، باٿ آئيلينڊ، ناظم آباد، گلشن وغيره ”جوهو“ ۽ انڌيريءَ وٽ بمبئي جا به هوائي اڏا سحر ايئرپورٽ ۽ سانتا ڪروز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهن.

دهلي ۽ ڪلڪتي وانگر بمبئي بہ اهڙو شهر آهي جيڪو هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ تہ ڏسي نٿو سگهجي. هن لاءِ جيترا ڏينهن هجن ٿورا آهن. بمبئي انڊيا جو مهانگو شهر چيو وڃي ٿو جو هتي رهائش کان وٺي ڪاڏو پيتو ۽ سواري مهانگي آهي. وري بہ جيڪي ڪجهہ سستيون هوٽلون آهن اهي آهن: ڪولابا ۾ "دي سالويشن آرمي ريڊ شيلڊ هاسٽل،" نوروجي فريدون جي روڊ تي هوٽل وولگا ٽو ميري ويدر روڊ تي ڪارلٽن هوٽل، ڪولابا ڪازوي وٽ مٿراداس اسٽيٽ بلڊنگ ۾ اپولو گيسٽ هائوس، اوليور روڊ تي بينٽلي هوٽل ۽ ان کان علاوه ٻيون آهن: هوٽل موتي انٽرنيشنل، سي شور هوٽل، انڊيا گيسٽ هائوس، ماريا لاج، YWCA... وغيره اهي سڀ ڪولابا ۾ آهن. فورٽ واري علائقي جو ڪجهہ سستيون هوٽلون هن ريت آهن: هوٽل لارينس، بينظير هوٽل، هوٽل ماناما، فرنانڊز گيسٽ هائوس، هوٽل سٽي پليس، YWCA وغيره.

پوني . 2510 ڪلو ميٽر

بمبئي کان پوني ايڏو پري ناهي. ريل رستي 180ڪلو ميٽر ٿئي ٿو نہ تہ باءِ روڊ 160ڪن ميل. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ بمبئي (ممبئي) مان مسافر ڪٿان ٿو نڪري. جيئن ڪراچيءَ کان حيدرآباد ڪو سهراب ڳوٺ يا نارٿ ناظم آباد مان نڪرندو تہ هن کي ماريپور يا ڪياماڙي واري کان حيدرآباد ويهارو کن ميل ويجهو پوندو. پوني لاءِ روزانو بہ ريل گاڏيون دکن ڪوئين ۽ دکن ايڪسپريس بمبئيءَ کان روانيون ٿين ٿيون.

مرهٽن جو وڏو ليڊر شيواجي پوني ۾ ننڍو تي وڏو ٿيو. پوني شهر 1599 ع ۾ هن جي ڏاڏي حوالي ٿيو هو جيڪو پوءِ برهمن پيشوا فئملي جي طاقت جو مرڪز رهيو تان جو 1817ع ۾ انگريزن هن شهر تي قبضو ڪيو. سمنڊ جي سطح کان ڪافي مٿي هجڻ ڪري پوني جي آبهوا بمبئي وانگر گهميل ۽ ٻوساٽيل ناهي. دورابجي سپر مارڪيٽ جي پر ۾ هڪ فاسٽ فوڊ ۾ بہ اسي سالن جون پارسي جاڙيون پيٽون آهستي آهستي برگر کي ننڍا ننڍا چڪ هڻي چٻاڙي رهيون هيون. سندن نالا جارو ۽ دينو سکيا هو. هو خوش هيون تہ هو انڊيا ۾ جايون ۽ پوني شهر ۾ وڏيون ٿيون. هنن کي دهليءَ جي سياستدانن تي سخت چڙ هئي تہ هو مختلف مذهبن ۽ زبان ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ نفرتون پيدا ٿا ڪن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پوني ۾ ڪيترائي تعليمي ادارا ۽ اسپتالون آهن. ڪجهه تہ حيدرآباد سنڌ کان انڊيا لڏي آيل ساڌو واسواڻي بہ ٺهرايا آهن پر انگريزن جي ڏينهن کان پونو تعليمي ڳالهين کان مشهور آهي. هتي جي يونيورسٽي انگلينڊ جي آڪسفورڊ جي اسٽائيل جي هجڻ ڪري ان کي Oxford of the East تا سڏين. (پوني جو ايگريڪلچر ڪاليج ۽ هاڻي يونيورسٽي تمام پراڻي آهي جتان منهنجي والد صاحب گل محمد شيخ 1942ع ۾ B.sc ڪئي.)

پوني ۾ا ينڌڙ ڪيترن مغربي سياحن جي دلچسپي ڀڳوان رجنيش جو آشرم آهي جيڪو Osho Commune International سڏجي ٿو. پوني شهر متا (Mutha) ۽ مولا (Mula) ندين جي ميلاپ وٽ آهي. اسان جهڙن ڏارين ماڻهن جي رهائش لاءِ گهٽ اگهہ وارين هوٽلون ۽ ريسٽورنٽون ريلوي اسٽيشن وٽ ئي آهن. ڪجهه هوٽلون نهرو اسٽيڊيم جي پرسان سوار گيٽ بس وٽ آهن.

پوني ۾ گانڌي نيشنل ميموريم ڏسڻ وٽان آهي. اهو 1892ع ۾ امام سلطان محمد شاهہ آغا خان ٽئين ٺهرايو هو ۽ 1956ع تائين آغاخان جو محل هو ان بعد ان کي اسڪول ٺاهيو ويو. 1969ع ۾ اها عمارت آغا خان چوٿين انڊيا جي حڪومت کي ڏئي ڇڏي.

1942ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جڏهن "انڊيا ڇڏيو" Quit India تحريڪ تي بمبئي ۾ تقرير ڪئي تہ انگريز سرڪار هن کي ۽ ٻين تحريڪ جي ليڊرن کي هن عمارت ۾ ٻن سالن لاءِ اندر رکيو. گانڌيءَ جي زال ڪمتوربا ۽ گانڌي جو پراڻو سيڪريٽري مهاديو ڀائي ڏيسائي هن قيد دوران گذاري ويا. هنن ٻنهي جي خاڪ (سمڌي) هن عمارت جي باغ ۾ ٺهيل مقبرن ۾ آهي. انگريزي فلم <Gandhi> ۾ بہ هيءَ عمارت ڏيکاريل آهي.

پوني جون ڪجهه سستيون پر بهتر هوٽلون هن ريت آهن: ولسن گارڊنيس ۾ هوٽل هوم لئنڊ، اتي ئي هوٽل النڪار ۽ ملن لاج ۽ اڳتي اسٽيشن جي سامهون ساسون روڊ تي دي نيشنل هوٽل، ڪناٽ روڊ جي پاسي هوٽل شاليمار، مهاتما گانڌي روڊ وٽ گرانڊ هوٽل ۽ هوٽل ساراس وغيره.

پناجي . گوا. 3010 ڪلوميٽر

هڪ اهڙو دؤر آيو جو يورپ جا ملڪ. خاص ڪري انگلينڊ، پورچوگال، اسپين، هالينڊ، فرانس وينڊي اٽلي ۽ جرمني ويا ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي قبضو ڪندا. ٽيڪنالاجي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ائڊمنسٽريشن، نيويگيشن جي علم، ڊسيپلين ۽ عقل کان ڪم وٺي هو مڪاني حڪومتن ۽ حاڪمن کي مطيع ڪندا ويا. اسان جي ننڍي کنڊ تي بہ فقط انگريزن جو قبضو نہ رهيو پر ڊچ، پورچو گالين ۽ فرينچن جو بہ رهيو. بلڪ پورچو گالي تہ سڀ کان پهرين هندستان، سريلنڪا توڙي ملايا پاسي پهتا ۽ پوءِ ڊچ (هالينڊ نيدر لئنڊز وارا). انگريز تہ بعد ۾ آيا پر اهي جتي بہ آيا ٿي ڄمي رهيا ٿي. هندستان تي، ملائيشيا ۽ سريلنڪا تي بہ آخر ۾ انگريزن حڪومت ڪئي ۽ گهڻو عرصو رهيا. اتي آيل ٻيا سڀ يورپي ڀڄي ويا ۽ سڄو ميدان انگريزن حوالي ڪري ڇڏيائون. البت ڪجهہ پاڪيٽ جيئن ننڍي کنڊ ۾ گوا ۽ ملايا ۾ ملاڪا جهڙا آخر تائين پورچو گالين حوالي رهيا جتي اڄ بہ مڪاني زبان سان گڏ پورچو گالي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ جتي پورچو گالي رهائش جو نمونو ڪلچر، کاڌا پيتا ۽ ويس وڳا عام هلن ٿا.

جن ڏينهن ۾ پورچو گالي يا انگريز ننڍي کنڊ ۾ آيا انهن ڏينهن ۾ جهڙو سکيو ستابو انگلينڊ يا پورچو گال هيو اهڙو ئي ننڍو کنڊ انڊيا هو. بلڪ ڏٺو وڃي تہ انڊيا کاڌي پيتي، موسم ۽ ڪلچر ۾ يورپ کان وڌيڪ سکيو ستابو هو جنهن جي مقابلي ۾ يورپ جا ماڻهو بک پٽي مئا جو نہ ايڏي پوک هئي نہ سٺي موسم. اليڪٽرڪسٽي ۽ مشينون نہ هجڻ ڪري سياري جي موسم ۾ تہ يورپ وارن جو ساهہ ٿي ويو. بهرحال ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي قبضو ڪرڻ بعد انگريزن تہ سياڻپ ڪئي ۽ مڪاني ماڻهن کي پري رکيائون پر پورچو گالين ۽ ڪيترن ملڪن (سري نام، ويسٽ انڊيز پاسي) ۾ ڊچن بہ مڪاني ماڻهن کي پنهنجي ملڪ جو ماڻهو Citizen تصور ڪيو ۽ قاعدا قانون بہ اهي لاڳو ڪيائون جيڪي سندن ملڪ ۾ هئا. اهوئي حال گوا جو هو. 1960ع تائين (جڏهن انڊيا مڪمل طور گوا کي انڊيا سان ملائي انڊيا جي ٻارهين رياست جو درجو ڏنو) گوا جي ماڻهن جي قوميت پورچو گالي هئي ۽ کين پورچو گال جو پاسپورٽ هو. ڪيترن کي اڄا تائين لسبن (پورچو گال) کان بہ پينشن اچي ٿي. گوا انڊيا جي رياست بنجڻ بعد اڄ بہ منجهس ڪيترا قاعدا قانون پهريان جا آهن جيڪي پورچو گال (يورپ) ۾ آهن. جهڙوڪ پورچو گال جي سامونڊي ڪنارن وانگر گوا جي سامونڊي ڪنارن تي بہ اگهاڙو ٿي هلڻ ۽ وهنجڻ جي اجازت آهي. شاديءَ بعد مڙس جي ملڪيت (گهر، دڪان، گاڏي وغيره) جو اڌ زال نالي ٿيو وڃي ان ڪري گوا جي ڇوڪرين کي Economicallyوڌيڪ حفاظت مليل آهي. هونءَ بہ انڊيا جون هندو ڇوڪريون

وڏيڪ تعليم يافتہ هجڻ ڪري اوسي پاسي جي ملڪن کان وڌيڪ Bold ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سمارٽ آهن پر گوا جون ڇوڪريون سڄي هندستان جي ڇوڪرين کان وڌيڪ تيز آهن جو هنن کي مڙسن جو بہ ڊپ ناهي. ٻي ڳالهہ تہ هو تعليم ۾ هندستان جي باقي رياستن کان بہ گهڻو اڳيان آهن. گوا ۾ تعليم 80سيڪڙو آهي جڏهن تہ اسان وٽ پاڪستان ۾ هاڻ وڃي مس مس 30 سيڪڙو کي پهتي آهي. سريلنڪا ۽ ملائيشيا ۾ نوي سيڪڙو آهي.

گوا مهاراشٽرا ۽ ڪرناٽڪا رياستن جي وچ ۾ عربي سمنڊ پاسي اٽڪل 3700 چورس ڪلوميٽر آهي. منجهس مراهٺي ۽ ڪوناڪي زبانن کان علاوه انگريزي ۽ پورچو گالي بہ ڳالهائي وڃي ٿي. منجهس مشهور ريلوي اسٽيشنون مارگائو ۽ ٻي واسڪو ڊي گاما آهي. گوا انڊيا جي سڀ کان ننڍي رياست آهي ۽ سندس گاديءَ جو هنڌ پاناجي (Panaji) شهر بہ ٻين گادي وارن شهرن: ڪلڪتي، بمبئي، امرتسر وغيره کان تمام ننڍو آهي. سڄي گوا جو ماحول باقي سڄي هندستان کان مختلف آهي. ويندي انڊيا جا ماڻهو گوا گهمڻ لاءِ اچن ٿا ۽ اڄ بہ ممبئي بعد ٻئي نمبر تي گهڻا سياح گوا اچن ٿا ۽ گوا جي ماڻهن جي وڏي ڪمائي ٽوئرزم مان آهي. يورپ ۽ آمريڪا جا ماڻهو هتي پراڻا ڪليسا گهر (Churches) ۽ ڪئٿيڊرل ڏسڻ اچن ٿا. هو خوبصورت سامونڊي ڪنارن (Beaches) ، سامونڊي ڪاڌن نچاچ گهرن ۽ آزاد ماحول جو مزو ماڻڻ چاهين ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هڪ گواني غريب توڙي امير جو گهر، اسٽائيل، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو طريقو ۽ Behaviour باقي انڊيا جي ماڻهن کان مختلف آهي. انڊين فلمن ۾ گوا ۽ اتي جي ماڻهن جي Life style جون جهلڪيون اڪثر نظر اچن ٿيون خاص ڪري راجڪپور جي بابي (Bobby) فلم جنهن ۾ پريم ناٿ ۽ ڊمپل ڪپاڊيا (راجيش کنا جي زال) گواني ٿيا آهن.

گوا جي تاريخ 300 سال قبل مسيح پراڻي آهي جڏهن گوا چندر گپت موريا جي حڪومت ۾ آيو ٿي. ان بعد مختلف هندو حاڪمن ۽ حڪومتن جي هٿ ۾ رهندي آخرڪار پهريون دفعو 1312ع ۾ مسلمانن جي هٿ ۾ آيو پر پوءِ 1370ع ۾ وڄي نگر سلطنت جي حاڪم هري هارا جي حوالي ٿي ويو. وڄي نگر جي حاڪمن جي هٿ ۾ گوا اٽڪل هڪ سؤ سال کن رهيو. هن حڪومت لاءِ عربستان کان ايندڙ گهوڙا گوا جي بندر گاهن ۾ اچي لهندا هئا. 1469ع ۾ گلبرگا جي باهماني سلطانن گوا کي فتح ڪيو. هن گهراڻي جي ٽٽڻ بعد هي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

علائقو (Goa) بجاپور جي عادل شاهين حوالي ٿيو. اڄ گوا جي گاديءَ واري شهر پاناجي ۾ جيڪا سيڪريٽريٽ بلڊنگ آهي اهو پندرهين صديءَ جي عادل شاهه جو ٺهرايل محل آهي. اهو محل پورچو گالين جي دؤر حڪومت ۾ هنن جي وائسرائن جو رهائشگاهه پڻ رهيو.

پورچو گالي الفنسو ڊي البقر ق جي اڳواڻيءَ ۾1512 ع ۾ گوا پهتا. هنن جو مقصد دنيا ۾ عيسائيت جي تبليغ ڪرڻ پڻ هئي. 1542ع ۾ هنن جو وڏو عالم ۽ بزرگ سينٽ فرانسز زئويئر گوا ۾ آيو هو. (بعد ۾ ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ به ويو هو جتي ان وقت جو عبادت گهر ۽ هن پادري جو وڏو Statue آهي.) سورهين ۽ سترهين صدي گوا جو سونهري دؤر هو جڏهن پورچو گالين جي اوسي پاسي جي سمورين حڪومتن جو مرڪز گوا هو جيڪو پورچو گال جي Viceregal Seat هئي. پورچو گالين جي انهن ڪالونين ۾ ڪجهه هي هيون: تمور، مڪائو موزمبق وغيره.

هندستان جي ورهاڱي بعد به گوا تي پورچو گالين جو ڪجهه سنئون سڌو ۽ ڪجهه Indirect راڄ قائم هو پر پوءِ 1961ع ۾ انڊيا پورچو گالين کي تيڙ ڀڄرائي گوا کي ٻين رياستن وانگر نئين رياست جو درجو ڏنو. گوا پهچڻ لاءِ ساموندي رستو بهترين رهيو آهي ۽ انڊو منڊو باءِ روڊ به هو پر پوءِ انڊيا جي مڪمل قبضي ۾ اچڻ بعد انڊيا حڪومت گوا کي ممبئي ۽ مئنگلور سان براڊ لائين ذريعي ملايو آهي جيڪو دنيا جي مشڪل رستن مان آهي. فقط گوا کان مئنگلور 760 ڪلوميٽر Konkanريلوي لائين 145پلين ۽ ڪيترن ئي ٽنلن مان لنگهي ٿي جنهن جي جملي ڊيگهه 75 ڪن ڪلوميٽر ٿئي ٿي.

گوا ٻن حصن (ضلعن) ۾ ورهايل چئي سگهجي ٿو: اتر گوا جنهن ۾ سڄي گوا جي گاديءَ جو هنڌ پاناجي آهي جنهن کي Panajimبه سڏين ۽ ٻيو ڏکڻ گوا. پاناجي شهر جي آدمشماري ڏيڍ لک مس ٿيندي ۽ ماندووي نديءَ جي ڏاکڻي ڪپر تي اڏيل آهي. هي شهر گوا جي سرڪاري طرح گاديءَ جو هنڌ 1843ع ۾ ٿيو. پورچو گالي زبان جا بورڊ اڄ به شهر ۾ نظر اچن ٿا. گوا ۾ سستي رهائش لاءِ کوڙ جايون نديءَ وٽ (بس ٽرمينل ۽ ٽوئرسٽ آفيس جي وچ ۾) پئٽو ٽورسٽ هوم ۾ ٽوهان کي ڊبل بيڊ جو ڪمرو چار سؤ رپيين ۾ ملي ويندو. ان کان علاوه ميرا مار واري علائقي ۾ يوٿ هاسٽل، اوئرم (Ourem)نديءَ وٽ اديپي بورڊنگ ائنڊ لاجنگ، هوٽل ايمبسي ۽ ان جي پرسان پئلس هوٽل، Jose Falcao روڊ تي ريپبليڪا هوٽل ۽ ان جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پرسان مانڊووي پرل گيسٽ هائوس، پارڪ لين لاج، افونسو گيسٽ هائوس.... وغيره وغيره. سڀ سستيون رهائشون آهن جن ۾ يورپي توڙي ايشيائي رهن ٿا. هر وقت مينهوڳي واري موسم هجڻ ڪري ايئرڪنڊيشنر جي به ضرورت ناهي. دهلي، احمد آباد ۽ بمبئي جي گهٽين جهڙو گوڙ شور به ناهي. هڪ ٻي سستي هوٽل Neptune نالي آهي جيڪا ماندووي ندي جي پرسان ملاڪا روڊ تي آهي. (هن روڊ جو نالو ملائيشيا جي شهر ملاڪا تان پيو آهي جتي جي نيول اڪيڊمي ۾ مون اٺ سال ڪن مڪاني آفيسرن کي مئرين اجنيئرنگ پڙهائي ۽ جهاز هلائڻ سيکاريو. گوا وانگر ملاڪا تي به پورچوگالين جو قبضو رهيو ۽ شهر جو هڪ حصو اڄ به پورچو گيز ڪوارٽر سڏجي ٿو ۽ اتي جا رهندڙ ملائيشين ملئي زبان سان گڏ پورچو گالي به ڳالهائين ٿا. هن شهر جو تفصيلي ذڪر ”مڪلي کان ملاڪا“ ڪتاب ۾ ڪري چڪو آهيان).

بئنگلور. 3530 ڪلو ميٽر

بئنگلور پهچي مون پنهنجي ڪار جي ميٽر ۾ ڏٺو. سرينگر ڪشمير کان وٺي ڪرناٽڪا صوبي جي گاديءَ واري هن شهر بئنگلور تائين پهچڻ ۾ ساڍا ٽي هزار ميل ٿي ويا هئا. گوا جي شهر پاناجي ۾ رات رهڻ بعد هيٺ ڏکڻ ۾ بئنگلور پهتس. هونءَ سامونڊي ڪنارو ڏيئي مئنگلور به وڃي سگهيس ٿي جيڪو پڻ هن صوبي ڪرناٽڪا جو شهر آهي ۽ ڪيترا يورپي مئنگلور ۽ بئنگلور ۾ پلجي پوندا آهن جو ٻئي اهم ۽ تاريخي شهر آهن. ٻئي گهمڻ وٽان آهن. هاڻ بمبئي ۽ ٻيا وڏا بندرگاهه ٿي پيا آهن نه ته ڪنهن زماني ۾. خاص ڪري حيدر علي جي بادشاهت ۾ مئنگلور مشغول بندرگاهه ۽ جهازن ٺهڻ جو مرڪز هو. ظاهر آهي انهن ڏينهن ۾ انجڻ بنا ڪاٺ جا جهاز ٺهيا ٿي جيڪي سڙهن تي هلندا هئا. بهرحال مئنگلور هاڻ سورت، پور بندر، ويروال جهڙو غير اونهو ۽ ننڍو بندر گاهه آهي جتان ننڍا جهاز ۽ ٻيڙا هندستان جي ڪافي ۽ ڪاڇا ڪٽي اوسي پاسي جي ويجهن بندرگاهن. خاص ڪري گلف جي بندرگاهن ڏي روانو ٿين ٿا. شهر جي آدمشماري ڇهه لک کن ٿيندي. رومن ڪنئٿولڪ عيسائي ڪافي رهن ٿا. منجهس ڪجهه مندر ۽ انگريزن جي زماني جا ناليرا اسڪول ۽ ڪاليج آهن. هتي جي يونيورسٽي پڻ پراڻي ۽ جڳ مشهور آهي. بهرحال تعليمي ادارن ۾ ته انڊيا جو مقابلو ڪيترا يورپي ملڪ به نٿا ڪري سگهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بئنگلور ۽ مئنگلور تقريبا هڪ ئي ويڪرائي ڦاڪ Latitude تي آهن. ڪرناٽڪا رياست جنهن ۾ هي ٻئي شهر آهن پهرين ميسور سڏبي هئي پر پوءِ انڊيا حڪومت صوبن جي نئين سنئين ونڊ ورڇ ڪري هن جو نالو ميسور بدران ڪرناٽڪا رکيو. هتي جي زبان ڪاناڊا آهي جيڪا اردو ۽ هنديءَ سان نه پر ڏکڻ هندستان جي ٻين زبانن تامل، تيلگو مليالم وغيره سان ملي ٿي.

بئنگلور اهو شهر آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي واڌپي جي وڏڻ ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويو آهي ۽ هن کي انڊيا جو Silicon valley سڏيو وڃي ٿو. بئنگلور ۾ نه فقط ڪمپيوٽر ۽ It جا تعليمي ادارا آهن پر ملڪي ۽ غيرملڪي ڪارخانا پڻ. دنيا جي مختلف ملڪن ۾. خاص ڪري آمريڪا جي ڪمپيوٽر ڪارخانن ۽ ادارن ۾ سڀ کان گهڻا بئنگلور جا Graduates ڪم ڪن ٿا. آمريڪا جي ڪيترن ڪارخانن ۽ فئڪٽرين جي مالڪن پنهنجي انڊسٽري آمريڪا بدران بئنگلور لڳائي آهي جو هن کي انڊيا ۾ گهٽ پئسن ۾ سامان ٺهيو ٿو ملي ۽ انڊين پڻ خوش آهن ته کين پگهار ته آمريڪا جي معيار جو ٿو ملي پر خرچ ۽ رهائش انڊيا ۾ هجڻ ڪري هنن جي بچت ئي بچت آهي. اهڙي طرح هتي جا ماڻهون ڏينهون ڏينهن خوشحال ٿيندا وڃن ۽ هو پنهنجو پاڻ کي ٻين انڊين برابر نه پر بمبئي ۽ مئن هٽن (نيويارڪ) جي رهندڙن جهڙو سمجهن ٿا ۽ هن شهر (بئنگلور) کي search of a Soul A City in به سمجهن ٿا. سماجي خيال کان بئنگلور هڪ تمام گهڻو ترقي پسند ۽ Liberalشهر آهي.

بئنگلور بابت جيڪي ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ طرفان بروشر ملن ٿا ان ۾ هن شهر کي ”گارڊن سٽي“ به سڏيو ويو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته شهر ۾ ڪي اهڙا باغ يا پارڪ نظر نه ٿا اچن سواءِ حيدر علي ۽ ٽيپو سلطان جي ڏينهن جي لال باغ جي جيڪو هاڻ Lal Bagh Botanical garden سڏجي ٿو. هي ميسور رياست وارو علائقو مختلف هندو راجائن واٽان ٿيندو 1346ع ۾ وڃي نگر سلطنت جي هٿ چڙهيو. وڃي نگر سلطنت جو راڄ 1336ع کان وچ ۽ ڏکڻ هندستان تي شروع ٿيو هو جن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ همپي (Hampi) شهر ۾ رکيو هو. ان کان پوءِ 1565ع ڌاري ميسور جا هندو وديار (Wodeyars) پاور ۾ آيا ۽ ڏکڻ هندستان جي وڏي حصي کي قبضي ۾ ڪري ورتائون. هنن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ سري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رنگا پٽنام ڪيو. هي بنا ڪنهن مقابلي جي مخالفت جي ٻه سؤ سال حڪومت ڪندا رهيا ۽ پوءِ 1761ع ۾ سندن ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي حڪومت جي هڪ مسلمان جنرل حيدر عليءَ حڪومت جي واڳ سنڀالي.

انهن ڏينهن ۾ هندستان تي انگريز ۽ فرينچ اک رکيو ويٺا هئا ته ڪيئن مڪاني حاڪمن کي ڪمزور ڪري انهن کان ملڪ هڪ طرف کسجي ۽ ٻئي طرف پنهنجي يورپي مخالف کي هيٺاهون ڪري ڪيڪ جو وڏو حصو پنهنجي حوالي ڪجي. ان راند ۾ فرينچن حيدر علي ۽ ٽيپو سلطان جي مدد ڪئي جيئن هو پنهنجي حڪومت کي سگهارو ڪري سگهن ۽ ان مدد جي بدلي ۾ هو فرينچن جي مخالفن انگريزن سان جنگ جاري رکن. 1799ع ۾ انگريزن ٽيپو سلطان کان جنگ جيتي ورتي ۽ هنن پنهنجن پالڪن ووديار وارن کي ميسور جي تخت تي ويهاريو.

ووديار وارا آزادي (1947ع) تائين ميسور تي حڪومت ڪندا رهيا. هو ترقي پسند حاڪم ثابت ٿيا. عوام ۾ هو ايڏو مشهور مڃيا ويا ٿي جو هندستان جي آزاديءَ کان اڳ تائين هن رياست جو گورنر مهاراجائي رهيو.

بئنگلور ۾ غريباٽي رهائش جون ڪجهه هوٽلون هن ريت آهن: بس ٽرمينل ايريا ۾ صوبيدار چاترام روڊ تي ڪيتريون ئي سستيون هوٽلون آهن: رايل لاج، هوٽل مهاوير، هوٽل ٽوئرسٽ، جنارڊن هوٽل، مهاتما گانڌي روڊ تي نيو سينٽرل لاج،امپيريل لاج، مدراس بئنڪ روڊ تي ايئر لائنز هوٽل، ايوينيو روڊ تي چندر وهار، سري نراسيمها راجا روڊ تي رينبو هوٽل، مشن روڊ تي عورتن لاءِ YWCA اهي سيئي ٽي يا چار سؤ رپيه مسواڙ واريون هوٽلون آهن.

ميسور. 3730 ڪلو ميٽر

هندستان جي آزاديءَ تائين ميسور شهر ميسور جي مهاراجن جي تخت جي جاءِ هئي. هيءَ نوابن جي رياست سڏي وئي ٿي.

ميسور اگربتين کان ٻه مشهور آهي. انڊيا ۾ سڀ کان گهڻا اگر بتين جا ڪارخانا ميسور ۾ آهن. ميسور ۾ ميسور پئلس، چڙيا گهر ۽ ريل ميوزيم ڏسڻ جهڙيون شيون آهن. گورنمينٽ هائوس جي اولهه ۾ ويلنگٽن لاج آهي جتي آرٿر ويلسلي (جيڪو بعد ۾ ڊيوڪ آف ويلنگٽن ٿيو) ٽيپو سلطان تي فتح حاصل ڪرڻ بعد هتي رهيو. ميسور پئلس جي اڳيان مهاراجا چمارا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيندر ووديار جو Statue آهي.

ڪوئمبتور (Coimbatore) 3930 ڪلوميٽر

ڪوئم بتور 15لکن کن آدمشماري وارو تامل نادر رياست جو هڪ وڏو شهر آهي جنهن کي سهڻو شهر تہ نٿو چئي سگهجي پر گهڻن ڪارخانن ڪري ڪجهہ گندو ئي لڳي ٿو. هي شهر ڪو اهڙو خاص تاريخي نہ پر Industrial شهر چئي سگهجي ٿو. تامل نادو هندستان جو بلڪل ڏاکڻو صوبو آهي جتي صحيح معنيٰ ۾ هندستان جا اصلوڪا رهاڪو دريوبڊئن نظر اچن ٿا، جتي گهڻو ڪري هر هڪ Vegetranian (ڀاڄيون کائڻ وارو) آهي ۽ گوشت کائيندڙ آرين جو نہ برابر اثر رهيو آهي. ويندي انگريز حڪومت جو بہ هنن ڏاکڻن علائقن تي گهٽ اثر رهيو جيتوڻيڪ هندستان تي قبضو ڪرڻ وقت انگريزن جو اوائلي قبضو مدراس (جيڪو شهر هاڻ چينائي سڏجي ٿو) تي رهيو.

سريلنڪا، ملائيشيا ۽ سنگاپور پاسي جيڪي انڊين آهن انهن ۾ نوي سيڪڙو انڊين هن صوبي تامل نادو جا آهن. هونءَ بہ سنگاپور سالن تائين مدراس پريزيڊنسي سان ائين ڳنڍيل هو جيئن سنڌ بمبئيءَ سان مدراس اڄ بہ انڊيا جو چوٿين نمبر تي وڏو شهر آهي.

ڪوئم بتور نويل نديءَ جي ڪناري تي آهي. سندس اصل تامل نالو ڪووائي (Kovai) آهي پر انگريزن پنهنجي سهوليت خاطر ڪوئم بتور رکيو. هي شهر ڪارخانن ڪان خاص ڪري ٽيڪسٽائيل ڪان مشهور آهي، شهر ۾ جتي ڪٿي ڪپڙي جا دڪان ۽ درزي نظر ايندا. هن شهر کي ڏکڻ هندستان جو مانچسٽر بہ سڏين ٿا. هي ڪو اهڙو شهر ناهي جنهن ۾ هلي ملي گهمڻ لاءِ اچجي. ان ڪان تہ اوسي پاسي وارا شهر مدراس، فرينچ ڪالوني پانڊيچيري يا ڏکڻ انڊيا جو پراڻي ڪان پراڻو شهر مدورائي ڏسجي جيڪو مندرن ڪان مشهور آهي جيتوڻيڪ بقول هڪ يورپي ٽوئرسٽ جي:

(Madurai is an animated city packed with pilgrims, beggers, business people, bullock carts and legions of underemployed rickshaw wallas.)

ٽيروِوانن ٿاپورم 4110 ڪلوميٽر

ڏکڻ هندستان جي آبهوا بنگلاديش، سريلنڪا ۽ ملائيشيا وانگر سڄو سال جهڙ ڦڙ ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مينهن مينهوڳي لڳو پيو آهي. انڊيا جون ٻه رياستون هندستان جي ڏاکڻي ڪنڊ ناهين ٿيون. هڪ تامل ناڊو جيڪا بلڪل هيٺ تري تائين هليو وڃي ٿي، جنهن کان پوءِ هندي وڏي سمنڊ جو ڪجهه حصو جيڪو Gulf of manar سڏجي ٿو ۽ پوءِ سريلنڪا ٻيٽ آهي. ڪن هنڌن تي تہ سمنڊ ايڏو تانگهو آهي جو جهاز بدران ننڍڙيون ٻيڙيون ئي هلي سگهن ٿيون. جن ذريعي ڏکڻ هندستان جا ماڻهو (خاص ڪري تامل ناڊو رياست جا) مشڪل وقت اچڻ تي يا روزگار جي ڳولا ۾ هيٺ سريلنڪا ويندا رهيا آهن جتان پوءِ وڏن ٻيڙن ۾ ملايا، انڊونيشيا، سنگاپور ۽ ٻين ديسن ڏي. تامل ناڊو جي کاٻي پاسي اولهہ ۾ ساموندي ڪناري ۽ ساڻس مليل سرسبز پٽي ڪيرالا Kerala رياست آهي جتي جي ماڻهن جا منهن مهانڊا ۽ جسامت پڻ تامل ڳالهائڻ واري رياست تامل ناڊو جي ماڻهن جهڙا آهن. سريلنڪا جهڙي آبهوا هجڻ ڪري هتي بہ انب، اناس، ڪاجا، ناريلن جا وڻ ۽ سارين جي پوک عام نظر اچي ٿي. سنڌ ۾ جيڪو سنڌڙي انب آيو آهي اهو پڻ اصل ۾ هتي جو آهي ۽ تامل ناڊو جي شهر مدراس جي نالي سان مدارس الفونسو سڏجي ٿو. سڄي ڪيرالا رياست ۾ مليالم زبان ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا ٻيو وارين رياستن جي زبانن تامل، ڪانڊا، تيلگو وغيره سان گهڻو ملي ٿي. ٿيرو وانن ٿاپورم هن رياست ڪيرالا جي گاديءَ جو شهر آهي. منهنجي خيال ۾ هن کان ڏکئي ۽ وڏي نالي واور ڪو شهر گهٽ ۾ گهٽ انڊيا ۾ نہ هوندو. جنهن ۾ الفابيٽ جا ارڙهن اکر (THIRUV ANANTHAPURAM) اچن ۽ جيڪو اسان انڊين پاڪستانين کان نٿو اچاريو ٿئي سو انگريزن لاءِ پڪ ڏکيو ثابت ٿيو هوندو. تڏهن تہ هنن هن شهر جو بہ ڪلڪتي، بنارس ۽ ٻڙودا وانگر پنهنجو نالو تري وندرم (Trivandrum) رکيو ۽ ٻيو نہ انگريزي لفظ ٽراءِ، وئن ۽ ڊرم ياد ڪري هن شهر جي اسپيلنگ لکي وٺندا هئا. بهرحال هن نانگ جهڙي ڊگهي مليالم ۽ تامل زبان جي لفظ جي معنيٰ "پاڪ نانگ جو شهر" آهي. (تنهن جي تہ معنيٰ تہ هي هڪ لفظ ناهي. پوءِ ان حساب سان تہ اسان جي سنڌ صوبي جا ڪيترا شهر ڌارين لاءِ اچارڻ ۾ ڏکيا ٿي سگهن ٿا جيئن چلگريون، ڊينگاٽو بوزدار، ٽنڊومستي خان، ڳوٺ بخشو لغاري وغيره.)

هندستان جا هي پاسا ڏسڻ لاءِ گهڻو ڪري ڏور اوڀر ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ رهندڙ انڊين ئي اچن ٿا جن جا هم زبان مائٽ آهن. هو ڏرمي تيرٿن لاءِ اچن ٿا. هو هتي جي ڪاڏن ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رسم و رواجن کان واقف آهن باقي يورپ، آمريڪا توڙي پاڪستان، ايران ۽ بنگلاديش جو ماڻهو هن پاسي ڪو ورلي ايندو. ڪو بنگالي يا ايراني ماڻهو هندي ۽ اردو تہ سمجهي ويندو پر ڏکڻ هندستان جون هي زبانون نہ سمجهي سگهندو نہ مرچ مسالن واريون داليون ۽ پاڄيون کائي سگهندو.

ڪنيا ڪماري 4200 ڪلوميٽر

هندستان ملڪ جو مٿيون اتر وارو حصو ويڪرو آهي بلڪ پاسي کان بنگلاديش، برما ۽ پاڪستان ايران ملي وڏيڪ ويڪرو ڪن ٿا. پر هيٺ ڏکڻ ۾ ساڙس ٻيا ملڪ تہ نٿا ملن بلڪ پاڻ بہ سنهو ٿيو وڃي ۽ چوڌاري سمنڊ گهيريو وڃيس. هندستان جي ان هيٺاهين چيڙي جو آخري وڏو شهر ڏنو وڃي تہ اهو تامل ناڊو رياست جو شهر ڪنيا ڪماري آهي. ڪو واندو آهي، انڊيا گهمڻ لاءِ ٻن ٽن مهينن لاءِ آيو آهي تہ هو منزلون جهاڳيندو يعني مختلف شهرن مان ٿيندو انڊيا جي هن پڇڙي واري شهر ڪنيا ڪماري ۾ ٻاءِ پاس يا ٻاءِ ٽرين هتان کان ويجهي شهر ٽريوندرم (ٿيرو ونن ٿاپورام) کان ٻن ڪلاڪن ۾ پهچي سگهي ٿو. جتان روزانو شام جو پنجين بجي ريل ڇٽي ٿي ۽ سيڪنڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ فقط ٽيهہ روپيا آهي. توهان کي ٻن ڪلاڪن لاءِ ڪهڙي ايئرڪنڊيشنڊ ڊبي جي ضرورت آهي جڏهن تہ هن پاسي موسم بہ جهڙالي آهي ۽ چوڌاري ڇهڇ ساوڪ آهي. ڪليل دريءَ مان نظارو ڪندا اچو. ڪنيا ڪماري شهر اچڻ تي نہ فقط سامهون سمنڊ آهي پر ساڄي ۽ کابي پڻ. هتي پهچي توهان Feeling مان لطف وٺي سگهو ٿا تہ هي نہ فقط انڊيا جو بلڪ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ هماليہ، جلبن، وچ ايشيا ۽ چين جو ڏاکڻو چيڙو آهي جتي توهان جي پٺ کان علاوه چوڌاري سمنڊ ئي سمنڊ آهي.

(ڪنيا ڪماري آدمشاري جي حساب سان راٽيپور يا گمبٽ کان بہ ننڍو شهر آهي. ساوڪ، وڻن، ٽڻن، چوڌاري سمنڊ ۽ ماڻهن جي سانتيڪي زندگي مان سريلنڪا يا ملائيشيا جو شهر لڳي ٿو). هن شهر کي مڪاني توڙي ڌاريان Land`s end of India بہ سڏين ٿا. جيئن آفريڪا کنڊ جي ڏاکڻي پوڇڙ Cape of Good Hope وٽ ائٽلانٽڪ ۽ هندي وڏو سمنڊ ملي ٿو تيئن هتي ڪنيا ڪماري شهر وٽ خليج بنگال ۽ عربي سمنڊ هندي وڏي سمنڊ سان ملن ٿا. چائترا پورنما (چوڏهين جي چنڊ واري ڏينهن جو تامل زبان ۾ نالو) جي

تهوار تي، جيڪو اپريل جي مهيني ۾ ٿئي ٿو هن شهر جي ساموندي ڪناري تي بيهي هڪ ئي وقت سمنڊ ۾ سج کي لهندي ۽ چنڊ کي سمنڊ مان ٻاهر نڪرندي (اڀرندي) جو لطف وٺي سگهجي ٿو. هن شهر ڪنيا ڪماريءَ ۾ هندو ڌرم جا ماڻهو تيرٿ لاءِ پڻ اچن ٿا جو هي شهر هندن جي ديوي ڪنيا (ڪنواري) جي نالي سان منسوب ٿيل آهي. ڪنيا ديوي شو ديوتا جي زال جي اوتار (Incarnation) آهي.

ڪنيا ڪماري ننڍڙو شهر آهي. منجهس رهائش جون جام جايون آهن ۽ سستيون پڻ جن کي ڳولڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. بهرحال اهي ڪجهه هن ريت آهن: گوپي نيواس لاج، هوٽل ساگر، TTDC يوٿ هاسٽل، ريلوي اسٽيشن تي ريلوي ريٽائرنگ رومس، ووڪاس ٽوئرسٽ هوٽل، مانيڪ خان ٽوئرسٽ هوم، ڪيرالا هائوس، هوٽل تامل ناڊو ۽ هوٽل سمودرا. گهڻو ڪري سڀني هوٽلن جي درين مان سمنڊ جو نظارو ٿي سگهي ٿو. چڪن ڪارنر جهڙيون ٻه ٽي ريسٽورنٽون آهن جتي چڪن ملي سگهي ٿو باقي ڏکڻ هندستان جي ٻين شهرن وانگر هتي به رڳو ڀاڄين ۽ دالين جون ريسٽورنٽون آهن. ڳائي يا ٻاڪري گوشت جو ته ڪو سوچي به نه.

هن شهر ڪنيا ڪماري ۾ پهچڻ لاءِ بمبئيءَ کان به روزانو ”ڪنيا ڪماري ايڪسپريس“ نالي ريل گاڏي نڪري ٿي جيڪا 48 ڪلاڪن بعد ڪنيا ڪماري پهچي ٿي. بمبئيءَ کان ڪنيا ڪماري ٽرين رستي سڌو مفاصلو 2200 ڪلوميٽر آهي ۽ سيڪنڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ چار سؤ روپيا کن آهي ۽ فرسٽ ڪلاس جي 1600 روپيا. ٽرين رستي ڊگهي سفر ڪرڻ جي شوقينن لاءِ همساگر ايڪسپريس ٽرين صحيح آهي. جيڪا اتر (جمون ڪشمير) جي شهر جمون تاوي مان هفتي ۾ هڪ نڪري ٿي، 75 ڪلاڪن (يعني ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين) جي لڳاتار هلڻ بعد چار هزار کن ڪلوميٽرن جو سفر پورو ڪري ڪنيا ڪماري پهچي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# Eat Here and Get Gas

دهليءَ ۾ دودي اوڏ سان گڏ هڪ ڏينهن انڊيا گيٽ وٽان آٽو رڪشا ۾ چڙهي، شاجهان روڊ وٺي صفدر جنگ جو مقبرو ڏسڻ پئي وياسين. تاج محل هوٽل واري چؤواٽي وٽ جتان پوءِ اڳتي پرٿوي راج روڊ شروع ٿئي ٿو ۽ ساڄي پاسي کان اورنگزيب روڊ به اچيو ان چؤواٽي سان ملي، اتي سگنل ڪري اسان جي رڪشا ترسي ته سامهون لڳل وڏي بورڊ ڏي اشارو ڪريمچيم "اهو اسان جي موت جي Call لاءِ اشتهار آهي."

دودو آهستي آهستي ڪري بورڊ تي انگريزيءَ ۾ لکيل اشتهار پڙهڻ لڳو: "دشمن کي تباهه ڪرڻ لاءِ اسان کي توهان جهڙن نوجوانن جي ضرورت آهي."

"چا مطلب؟" ايترو پڙهي دودي پڇيو.

"اڳتي پڙهه." مون چيومانس، "آرمي سليڪشن بورڊ طرفان آهي، يعني انڊيا جي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ هنن پنهنجي ملڪ جي نوجوانن کي انٽريو لاءِ گهرايو آهي."

"سو؟" دودي کي اڃا به ڳالهه سمجهه ۾ نه آهي.

"سو چا؟ منهنجو مطلب آهي ته اهي دشمن ٿياسين اسين پاڪستاني جن کي تباهه ڪرڻ لاءِ هي بندوبست ڪري رهيا آهن. انڊيا جو ٻيو ڪهڙو دشمن ٿيو ٻيا پاڙيسيري ملڪ بنگلاديش، سريلنڪا، مالديپ، نيپال، برما وغيره پنهنجي ساهه ۾ پيا پريشان ٿين، اتر واري پهلوان پاڙيسيري چين سان سياڻو انڊيا ڪڏهن به نه ڦتائيندو ۽ ڪڏهوڪو "هندي چين، ڀائي ڀائي" جو نعرو هڪ دفعو وري هن هڻڻ شروع ڪيو آهي ته جيئن سياڻي وقت اچڻ تي هو پاڪستان کي کلا نوڪي ته چين وچ ۾ نه اچي."

دودو منهنجي هن ڪجهه سچ ڪجهه چرچي تي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

ڪالهه شام جو دهليءَ جي ديش بندو ڪاليج جي پرواري سک فوٽو گرافر کان پنهنجا فوٽو ڪڍڻ ويس ته هو پنهنجي ڪنهن دوست سان ڳالهين ۾ مشغول هو. سندس دوست اڄڪلهه هتي انڊيا ۾ هلندڙ پاڪستان جي ڪرڪيٽ ميچ ڏسي ان وقت دهلي پهتو هو ۽

اسان واري سک فوٽو گرافر کي ڪرڪيٽ جو اکين ڏٺو احوال پئي ٻڌائين. مون سمجهيو ڪرڪيٽ ڏسڻ ۽ ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ جو Craze فقط اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ آهي پر اوترو ئي هتي انڊيا ۾ آهي. ٽي ويءَ تي جتي ڪٿي ڪرڪيٽ پئي هلي. ڪو ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. هر هڪ جون اکيون ٽي ويءَ ۾ کتل آهن.

آئون جيئن پنهنجن خيالن ۾ هن سک جي دڪان تي پهتس ته هو پنهنجن ڪرڪيٽ ٽيم جي رانديگرن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو. ”هي اسان جا ذليل رانديگر اسان کي ڪنهن جي اڳيان منهن ڪڍڻ نه ڏيندا.“ مون کي ان وقت اهو لڳو ئي ڪونه ته ڪو آئون انڊيا جي شهر دهليءَ ۾ آهيان. بلڪ مون کي لڳو ڄڻ آئون ڪراچيءَ ۾ هجان ۽ ”سردار جي“ جي رانديگرن بابت شڪايت ٻڌي منهنجي دل مان به هڪ واري يڪدم نڪتو ته ”اها ته ڳالهه آهي، اسان جا ڪرڪيٽ پليئر موچڙن جا لائق آهن...“ پر پوءِ يڪدم هوش ٺڪاڻي اچي ويا ته آئون ٻئي ملڪ ۾ آهيان ۽ ان ملڪ جو ڪو هن هلندڙ ڪرڪيٽ ميچ بابت ڏک ڪري رهيو آهي معنيٰ منهنجي لاءِ خوشيءَ جو مقام هجڻ کپي. ڇو جو هن جي هار معنيٰ منهنجي سوڀ. ۽ پوءِ ٿوري دير لاءِ مون ۾ اهو ٽانءُ اچي ويو جيڪو سرگس مهل گهوٽ جي پيءُ کي هوندو آهي. هونءَ جو مون کي فوٽو وٺڻ جي جلدي هئي، رڪشا جنهن مان لٿو هوس اها منهنجي منتظر هئي ۽ آئون هڪ منٽ لاءِ به ترسڻ لاءِ تيار نه هوس سو پاسيرو ٿي سڪون سان ويهي سردارجي ۽ سندس دوست جون ڳالهيون ائين ٻڌڻ لڳس جيئن ڪو پنهنجي تعريف پاڙي جي زال واتان ٻڌي جيڪا پنهنجي مڙس کي ذليل ڪرڻ لاءِ ان کي ٻڌائي رهي هجي. ۽ پوءِ جڏهن ڪجهه ”هئو مئو“ ٽريو ۽ ٻئي ڄڻا ٿڌا ٿيا ته آئون پاسي واري ريڪ ۾ فوٽو البم ڏسڻ ڇڏي سردارجي جي سامهون اچي بيٺس ۽ نئون ٿي سردارجي کان ڪرڪيٽ ميچ جو پڇڻ لڳس. هو هڪ دفعو وري پنهنجن رانديگرن کي گاريون ڏيڻ ۾ شروع ٿي ويو. مون به شايد اهوئي ٻڌڻ ٿي چاهيو. بعد ۾ هوٽل تي پهچي سوچيم ته اهو مون ڪيڏو وڏو گناهه جو ڪم ڪيو سردارجي شريف ماڻهو ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها ته منهنجي مڪاري ۽ لچائيءَ کي سمجهي چئي ڏئي ها ته ها ادا اسان جا ڪرڪيٽ ٽيم جا رانديگر واقعي ذليل آهن پر توهان جي پاڪستاني بي غيرت رانديگرن جو ته ڪو حد ۽ حساب ناهي. هو مڙيئي ڪالهه واري ون ڊي ميچ ڪنهن نموني سان کٽي ويا نه ته ڪين چند نوٽ ڏيکاري ڪا رنڊي

ڪنڌي سنڌن ڪمري تي پهچاءِ ته ميچ ته چا هڪ ڏينهن اڳ واري پريڪٽس جو به ڪارو منهن ڪريو ڇڏين.

انڊين فلمن يا ڊرامن ۾ به ڪڏهن ڪڏهن پاڪستان ڪي ياد ڪيو وڃي ٿو پوءِ ڪڏهن خراب Sense ۾ ته ڪڏهن نارمل خيال ڪان. جيئن شروع ۾ لکي آيو آهيان ته هڪ همراهه ڊيڳين جي ڪري هتي جي وڏن شهرن ۾ جيڪي ٽريفڪ جام جا مسئلا ٿين ٿا ان لاءِ ٻڌايو ته "اسان ڊيڳين کي نه کهي سگهون ٿا ۽ نه رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪين ڏنڊا هٽي سگهون ٿا پوءِ انهن پوڙهين ۽ غير ضروري ڊيڳين مان جان ڇڏائڻ لاءِ ۽ انهن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ انهن کي بارڊر جي ٻئي پار (يعني پاڪستان) ڪريو ڇڏيون جڏانهن جيڪو هڪ وار ويو آهي سو وري سلامت نه موٽيو آهي چاهي انسان هجي." هن جو اسان جي ملڪ ۾ هنگامن، گوڙ گهمسانن ۽ بم ڦاٽڻ ۽ Lawlessness ڏي اشارو هو.

هڪ انڊين فلم "مين هونا" ڏٺم ان ۾ هيرو پنهنجي محبوبه کي ڪٽي ماني کائڻ جي دعوت ٿو ڏئي، هن جي انڪار ڪرڻ تي هيرو چويس ٿو "نه اچ، تنهنجي نه اچڻ تي ڪهڙو پاڪستان هندستان تي حملو ڪندو."

انڊين هڪ فلم "آمدني اٺني خرچه روپيه" ۾ جاني ليور زال کي چوي ٿو ته ڳالهائين ائين ٿي جڻ پاڙيسري ملڪ ۾ بم ڦاٽي رهيا آهن.

انڊيا جي هڪ چينل تان (شايد Sony تان) ڪرائيم پيٽرول نالي هڪ ڏوهن جي سلسلي ۾ هفتيوار پروگرام ايندو آهي ته ڏوهن پنيان اصل ڳالهه ڇا آهي، ڇو ڪيا وڃن ٿا ۽ ڪيئن روڪي سگهجن. ان سلسلي ۾ هن هفتي ڏيکاريائون ته ٻه اسڪولي ٻار پنهنجي ئي ڪلاس ميٽ دوست کي پهرين جي ٺاهيل پروگرام موجب اغوا ڪري سندس امير پيءُ کان پئسا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پئسن ملڻ ۾ دير ٿيڻ ۽ جيئن هنن سوچيو هو ائين مطلب پورو نه ٿيندو ڏسي هو پريشان ٿيو ٿا وڃن ۽ پنهنجي ئي دوست کي هيڏانهن هوڏانهن لڪائڻ ۽ پوليس جي ڊپ کان سچي ڳالهه مٽائڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي اغوا ڪيل دوست کي ماريو ٿا رکن. ڇوڪرا جهلجيو ٿا پون، هنن کان جڏهن هن سڄي ڪتا جو سبب پڇيائون ته ٻنهي ساڳي ڳالهه ڪئي ته هنن ٿنهي دوستن پلان ٺاهي امير دوست جي پيءُ مان پئسا ٿي ڪڍيا جن جي هنن کي سخت ضرورت هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”توهان انهن پئسن جو ڇا ڪرڻ چاهيو.“ هنن کان پڇيو ويو.

”اسان پاڪستان وڃي پرويز مشرف کي مارڻ ٿا چاهيون جيڪو انڊيا دهشتگرد ٿو موڪلي.“

بهرحال هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿي وي وارن جو مقصد پاڪستان جي عوام يا حڪومت کي ذليل ڪرڻ نه هو جو پروگرام جي آخر ۾ هنن پنهنجي عوام کي اها اپيل ڪئي ته پنهنجن ٻارن اڳيان ڪنهن به ملڪ يا مذهب جي ماڻهن خلاف نه ڳالهايو جو هنن جي ڪچي ذهن ۾ ٻي لاءِ اجائي نفرت پيدا ٿئي ٿي ۽ هو پنهنجي ليول تي غلط قدم کڻيو ويهن ٿا. جيڪا ڳالهه مائٽن توڙي ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿي.

انڊيا جي هر شهر ۾ مرد پتلونون پائين ٿا ۽ جتي ڪٿي هر ڪو انگريزي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي انڊيا ۾ اسان کان وڌيڪ تعليم آهي. نه فقط اها عام آهي پر ان جو معيار به بلند آهي، ڪٿي ڪٿي مڙيئي ڪنهن دڪان، هوٽل يا رستي تي ڪو اهڙو ڪل جوڳو غلط انگريزيءَ وارو اشتهار نظر اچيو وڃي جيڪو ڌارين لاءِ دلچسپي جو باعث ثابت ٿئي ٿو.

دهليءَ جي ڪارول باغ واري علائقي ۾ چينا چوڪ وٽ هڪ حجام جي دڪان ٻاهران لکيل بورڊ:

We need your heads to run our business.

۽ هڪ ٻئي حجام جي دڪان ٻاهران لڳل نوٽيس:

Hair cut for RS.2.

Children for Rs.15

ٻڙودا ريلوي اسٽيشن تي بنا ٽڪيٽ سفر ڪندڙن جي چتاءَ لاءِ لڳل پوسٽر:

Aana free, jana free

Pakdhe gaye to khana free

(آنا فري، جانا فري، پڪڙي گئي تو کهانا فري).

انڊيا ۾ پڻ اسان جي ملڪ وانگر پيئڻ جو پاڻي جتي ڪٿي صحيح ناهي. ڌارين ملڪن کان ايندڙن کي ته خاص طرح خبردار ڪيو وڃي ٿو ته اهو پاڻي پيئو جنهن جي پڪ هجڻ ته

اهو صحيح آهي. دهليءَ کان هردوار ويندي رستي تي هڪ هوٽل تي چانهه پيتيسين جنهن جي مالڪ گراهڪن کي اهو ٻڌائڻ لاءِ ته هن جي هوٽل جو پاڻي خراب ناهي، هوٽل جي ٻاهران وڏن اکرن ۾ لکرائي ڇڏيو آهي:

All drinking water in this establishment has been personally passed by the manager.

انڊيا ۾ هر سال مختلف ملڪن جا لکين ٽوئرسٽ اچن ٿا ۽ روزانو هزارين ٽوئرسٽ بسين، ڪارين ۽ لگزري ڪوچن ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر سفر ڪندا رهن ٿا. رستي تي ننڍين ٽوڙي وڏن ڳوٺن جي بس اسٽاپن تي هوٽل وارن پنهنجي هوٽل ڏي ماڻهن کي ڇڪڻ لاءِ هوٽل سان گڏ سووينئر شاپ، Toilets ويندي ٽڪ پچڻ لاءِ ڪمرا ناهي ڇڏيا آهن جيئن ڪار هلائيندڙ ٽيهه چاليهه روپيا ڪن ڏيئي ڪلاڪ ٻن لاءِ ڪمري ۾ آرام ڪري پوءِ اڳتي جي سفر لاءِ روانا ٿين. ڪن هوٽلن ۾ پيٽرول پمپ (گيس اسٽيشن) وارن هڪ ٻئي جي فائدي لاءِ پيٽرول پمپ ۽ هوٽل گڏ گڏ کولي آهي جيئن بس ڊرائيور اتي ئي پيٽرول وجهرائي ۽ مسافرتيسين ماني کائي وٺن. هڪ اهڙي CNG گيس اسٽيشن پمپ جي ٻاهران لڳل وڏو بورڊ:

Eat here and get gas.

هاءِ وري ڪچرو نه اڇلڻ لاءِ تنبيهه ته ڪچرو نه اڇلايو نه ته ڏنڊو ڏيڻو پوندو.

Fine for Littering

پر ڪا Punctuation Mark نه ڏيڻ ڪري ان جو مطلب ته هي به ٿيو ته هي جاءِ ڪچري اڇلڻ لاءِ بهترين آهي.

ڪن هنڌن تي چاٽي واٽي مزاحيه بورڊ ۽ نوٽ لڳايا ويا آهن جيئن هڪ Appliance Shop (جنهن ۾ واشنگ مشينون وڪامي رهيون هيون) ۾ ٻاهر لکيل آهي:

Dont kill your Wife.

Let Our washing Machines do the dirty work.

پر پڪ هي به نوٽيس چاٽي واٽي مزاحيه Sense ڪيڻ لاءِ نه لکيا ويا آهن بلڪ دڪان جي مالڪ پنهنجي پر ۾ پنهنجي قابل انگريزيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. انهن مان هڪ دهلي

جي خان بازار ۾ ڏٺم جتي قميصن جي دڪان ٻاهران مالڪ سورهين ۽ سترهين نمبر جي ڪالر وارين قميصن جي گذريل هفتي Sale لڳائي هئي.

Wonderful Bargains for

Men with 16 and 17 necks.

۽ ٻيو هي اشتهار هڪ جنرل اسٽور جي ٻاهران دريءَ تي چنبڙيل هو:

Why go elso where to be cheated, When you can cones here.

هن جملي جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون: ”جڏهن توهان هتي اچي سگهو ٿا ته پوءِ ٻين هنڌان ڇو ٿا وڃي پاڻ ٺڳرايو.“

اسان سان گڏ سفر ڪندڙ هڪ اوڊ ڊاڪٽرياڻيءَ ٻڌايو ته ڪياماڙي جي هڪ اسپتال (جنهن ۾ هوءَ هائوس سرجن آهي) مئٽرنٽي وارڊ جي ٻاهران لکيل آهي: No Children Allowed ۽ سندن گائني پروفيسر جي آفيس جي ٻاهران (جنهن جو ڊور بيل گذريل ڇهن مهينن کان خراب ٿيل آهي) بيل جو بٽڻ دٻائي اندران سڏ جو انتظار ڪرڻ بدران در کي کولي اچڻ لاءِ در تي مارڪر سان لکيل آهي:

Push. Push. Push.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪامياب راستي

انڊيا هيڏو وڏو ملڪ آهي. آدمشماري ۾ به ته پڪيڙ ۾ به. ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه عيجب ڪيل تماشا ته ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن جون خبرون دنيا جو ڌيان ڇڪائين ٿيون. ڪنهن پنهنجوين مڇون ايڏيون وڏائي ڇڏيون جو انڊيا جو ورلڊ رڪارڊ قائم ٿي ويو. اهڙي طرح ڪنهن آڱرين جا ننهن وڏائي ڇڏيا. ڪو ساڍو جيئري قبر ۾ ٿي مهينا سمهي رهيو. انهن ڇريائين جي رڪارڊن کان علاوه Sensible رڪارڊ به جام آهن جن مان ڪيترا گنيز بڪ آف رڪارڊ ۾ ايندا رهن ٿا. الهه آباد ۾ گنگا ۽ جمنا نديءَ جي سنگم وٽ 2001ع ۾ جيڪو ڪمڀ جو ميلو لڳو ان ۾ هڪ ڪروڙ کان مٿي ماڻهو آيا هئا ۽ ايترن ئي ماڻهن 1969ع ۾ تامل ناڊو رياست جي چيف منسٽر جي دفن Funeral جي رسم ادا ڪئي هئي. انڊيا جو ريلوي کاتو دنيا جو وڏي ۾ وڏو کاتو آهي جنهن ۾ سورهن لکن کان وڌيڪ ماڻهو ڪم ڪن ٿا ۽ سرڪار کان پگهار وٺن ٿا. ڪلڪتي جي سائوٿ پوائنٽ هائوس اسڪول ۾ ٻارهن هزارن کان مٿي شاگرد پڙهن ٿا. انڊيا ۾ ٽي سؤ جي لڳ ڀڳ سياسي پارٽيون آهن جيڪي لوڪ سڀا (قومي اسيمبليءَ) جي ڇهه سؤ کن سيٽن لاءِ اليڪشن وڙهن ٿيون.

پنجاب جي شهر لڌيانا ۾ ٺهندڙ ”هيرو“ سائيڪلن جو ڪارخانون دنيا ۾ سڀ کان گهڻيون سائيڪليون ٺاهي ٿو. گذريل سال هن ۾ ٽيهه لکن کان مٿي ”هيرو“ سائيڪلون ٺهيون. ويسٽ بنگال جي ريلوي اسٽيشن کارگپور جو 833 ميٽر پليٽ فارم دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو پليٽ فارم آهي. انڊيا جي اسٽيٽ بئنڪ جون سڄي انڊيا ۾ 12243 برانچو آهن. دنيا ۾ سڀ کان گهڻو مينهن انڊيا جي شهر چيرا پنجيءَ ۾ پوي ٿو جيڪو شهر ميگهالايا رياست ۾ آهي. گذريل سال 24 ميٽرن کان مٿي پيو جڏهن ته سنڌ ۾ ڇوٽون ميٽر به مينهن نٿو وسي. لتا منگيشڪر هندستان جي ويهن زبانن ۾ ٽيهه هزار کان به وڌيڪ گانان رڪارڊ ڪيا آهن.

ڪلڪتي جي بوٽنيڪل گارڊن ۾ هڪ پپر جو وڻ آهي جنهن جو ڇٽ (Canopy) هڪ هيڪٽر کان به گهڻي پکيڙ ۾ آهي. دنيا جي سڀ کان مٿاهين پل ساموندي سطح کان 56000 ميٽر مٿي انڊيا ۾ آهي جيڪا منالي ۽ ليهه (Leh) جي رياستن کي ڳنڍي ٿي ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪلڪتي جي هائوڙا پل دنيا جي مشغول ترين پل آهي جنهن تان هر روز ستر هزار ڪان مٿي سوارين ۽ اڻ ڳڻت ماڻهو لنگهن ٿا ۽ 73 ميٽر اوچائي جو قطب مينار بنا سپورٽ جي بيٺل آهي.

انڊيا ۾ قدرتي ۽ انساني مصيبتن جو بہ ڪاٿو ناهي. ڀوپال جي ڪارخاني ۾ گيس ليڪ ٿيڻ تي ڇهہ هزار ماڻهو اُتي مري ويا هئا ۽ ٻہ لک کن زخمي ٿي پيا. 1888ع ۾ ڳڙن وسڻ ۾ 246 ماڻهو مري ويا، 1997ع ۾ ڊيم جي ٽٽڻ ڪري گجرات ۾ 500 ماڻهو ٻڏي ويا ۽ هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ گجرات ۾ آيل زلزلي ۽ هندستان جي ڪناري واري علائقن ۾ سونامي طوفان ڪري جيترا ماڻهو مري ويا يا دربدر ٿي ويا انهن جو ڪاٿو ئي ناهي.

ڪلڪتي جي اسڪول ۾ تہ فقط ٻارهن هزار شاگرد آهن پر ڪي جي مانٽيسوري ۾ تہ هونءَ بہ اسڪول ڪان گهٽا ٻار ٿين ٿا پر ڪيترا گهٽا هجن ڪپن؟ دنيا ۾ لکنؤ جي سٽي مانٽيسوري جهڙو ڪو اسڪول ناهي. جنهن ۾ هن وقت ستاويهہ هزار ٻار آهن، جن جي عمر ٻن ڪان پنج سال آهي. هي اسڪول 1959ع ۾ جگديش گانڌي نالي هڪ سوشل ورڪر ۽ سندس چائلڊ سئڪالاجسٽ زال مسز ڀارتيءَ کوليو هو ۽ ان جي شروعات فقط پنجن ٻارن سان ٿي هئي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ جيپور جي شاگردن جيڪا رنگولي ٺاهي ان جيڏي وڏي ڪڏهن بہ نہ ٺاهي وئي. رنگين پائوڊر، گلن ۽ پٿرن مان ٺهيل هي خوبصورت گلن ۽ جوميٽريڪل ڊزائين ٽي ڪلوميٽر پڪي رستي جي ٻنهي ڪنارن تائين پکڙيل هئي ۽ ڏهہ ٽن رنگين پائوڊر جا استعمال ٿيا.

مقابلي جي ڳالهہ ٿا ڪريو تہ انڊين فلم ايڪٽريس مالائيڪا شراوت سترهن چميون ڏيئي سمجهيو تہ ٻي ڪا بالي ووڊ جي ائڪٽريس سندس مقابلو نہ ڪري سگهندي پر هاڻي ”ڪامياب راستي“ فلم اچي رهي آهي جنهن جي پهرين دفعو فلمي دنيا ۾ اينڊڙ پونم درياناڻي هيروئن سڀ ڪان ڊگهي چمي ڏيئي مالائيڪا جا رڪارڊ پيجي ڇڏيا آهن ۽ اها Kiss حاصل ڪرڻ وارو ڪهڙو هيرو آهي؟ شعير الياسي.

هن فلم ۾ سين لاءِ ڇپيو وڃي ٿو تہ هڪ سؤ ڪان مٿي ڇوڪرين کي آزمايو ويو جنهن مان هڪ ڪلڪتي جايل بنگال ڇوڪري پونم ڪامياب وئي. پونم درياناڻي ڪلڪتي جي

ماڊل ۽ بنگالي ٽي وي جي ڊرامن ۾ اچي ٿي ۽ سندس عمر 23 سال آهي. فلمي دنيا جي ڏکي ۾ ڏکي ڇمي جين وائمن ۽ ريگس ٽومي جي وچ ۾ 1914ع جي انگريزي فلم You are in the Army way. ۾ آهي جيڪا ٽي منٽ ۽ پنج سيڪنڊ هلي ٿي. انڊيا جي سينسر بورڊ جيڪڏهن هيءَ ممبئيءَ جي اڪسا بيچ تي ورتل ڇميءَ جي سين پاس ڪئي ته هيءَ ڇمي دنيا جي فلمي دنيا جي پڪ ڏکي ۾ ڏکي ڇمي ثابت ٿيندي ۽ هن ڪامياب راستي جهڙي فلم کي ڪامياب بنائڻ جو اهوئي رستو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انڊيا بابت ڪتاب ۽ انڊيا جا رائيٽر

انگريزي دنيا جي زبان ناهي پر گذريل پن ڏهاڪن سالن ۾ انڊيا جا ليکڪ انگريزيءَ ۾ ناول لکڻ ڪري اهل زبان انگريزن کان به وڌيڪ مشهور ٿيا آهن ۽ اهڙن ليکڪن جو هر سال وڃي پيو تعداد وڌندو. سلمان رشدي به انهن مان هڪ آهي جنهن جي The Satanic Verses مواد ۾ Message جي خيال کان دنيا جي مسلمان کي سخت رنج پهچايو ايتري قدر جو ايران جي عالم ۽ بزرگ شخصيت آيت ا: خميني هن کي موت جي فتويٰ ڏني ۽ اهو ڪتاب پاڪستان، ملائيشيا، ايران ۽ ٻين مسلمان ملڪن وانگر انڊيا ۾ به بندش هيٺ آهي پر سندس تازي ڪتاب Midnight Children انعام ڪٽڻ کان علاوه بيحد گهڻو وڪرو ٿيو آهي. ان جي ئي پوبان سندس ٻيو ڪتاب Shame آهي ۽ هاڻي ٿيون جنهن جي ڪهاڻي بالي ناڪري جي Defamation ڪيس جي چوڌاري ڦري ٿي The Moor`s Last Sigh. آهي.

وڪرم سيٺ جو ڏڳهو تيرهن سؤ کن صفحن جو ناول يا ڪٽي چئجي Classic جنهن جو نالو A Suitable Boy آهي انڊيا جي ورهاڱي بعد پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ هڪ هندو ماءُ جي گرد گهمي ٿو جيڪا پنهنجي ڌيءَ لاءِ لائق مڙس جي ڳولا ۾ آهي. 1300 صفحن جي ڪتاب ۾ مصنف ڪيترين ئي ڳالهين کي ڇُهيو آهي، هندو مسلمان ڪلچر، ننڍي ڪنڊ جون رسمون رواج، زمينداري سسٽم جو خاتمو ذات نيات جا چڪر، جنرل اليڪشن وغيره وغيره ڪري ۽ ڪتاب جي ٿولهه ڪري هي ڪتاب هر هڪ جي نظرن جو مرڪز رهندو اچي. آئون اهي به سال سئيڊن ۽ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ هوس جتي هر هنڌ هن ناول جو راڳ مڪاني اخبارن ۾ هلي رهيو هو ۽ جيترو جلد وڪرم سيٺ مشهور ٿي ويو اوترو ٻيو ڪو شايد ئي ٿيو هجي. ليکڪ ڪري سندس ملڪ انڊيا جو به نالو ٿيو. وڪرم جي مادري زبان بنگالي آهي ۽ 1952ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڄائو. ڪلڪتي، دهلي، آڪسفورڊ، اسٽانفورڊ ۽ نانڪنگ مان تعليم ورتائين. اڄڪلهه هتي دهليءَ ۾ رهي ٿو يا برطانيه ۾. اڃا تائين غير شادي شده آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ ٻي نوجوان انڊين رائيٽر ڪمالا مارڪنڊايا آهي جنهن جو انگريزي ناول Nectar in a Sieve تمام مشهو آهي جيڪو هڪ ڳوٺاڻي عورت جي روزمره جي زندگيءَ جو احوال آهي. ڪمالا جا ناول پنجاهه واري ڏهاڪي کان ڇپجڻ شروع ٿيا هئا. پاڻ ميسور ۾ 1924ع ۾ جائي ۽ پوءِ 25 سالن جي ڄمار ۾ انگلينڊ ۾ وڃي رهي ۽ اتي ئي انڊيا بابت لکندي رهي. مٿيون سندس ڀهريون ناول هو ان بعد ٻيا به ڪيترائي لکيائين. گذريل سال پنهنجي لنڊن واري گهر ۾ وفات ڪيائين.

انگريزي ناولن کان خوشونت سنگهه به دنيا ۾ مشهور آهي سندس 1990 ع جو ناول ”دهلي“ تمام مشهور آهي. اهڙي طرح هندستان جي ورهاڱي تي لکيل ڪتاب ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب تمام گهڻو پڙهيا وڃن ٿا. سندس ڪيترائي مزاحيه، دلچسپ ۽ طنز سان ڀريل مضمون اسان جي سنڌي اخبارن ۾ به ڇپبا رهن ٿا.

انڊيا جو هڪ ٻيو پراڻو ۽ بيحد مشهور ليکڪ آر. ڪي ناراين آهي جنهن جي مادري زبان مدراسي آهي ۽ سن 1906ع ۾ مدارس ۾ ڄائو. پاڻ ميسور جي مهاراجا ڪاليج مان تعليم حاصل ڪيائين. سندس ڀهريون ناول 1935ع جو لکيل Swami& Friends آهي جيڪو هڪ انڊين خيالي ڳوٺ ”مال گودي“ جي پس منظر ۾ آهي. سندس ڪهاڻين تي ٺهيل هڪ هڪ قسط جا ڊراما ”مالگوديءَ ڪي دن“ جي نالي سان ايندا هئا. ملائيشيا پاسي گهڻا مدراسي ۽ ڏکڻ هندستان جا رهن ٿا جن جو آر. ڪي نارايڻ (سچو نالو رسي پورم ڪرشنا سوامي نارائن) دلپسند ليکڪ هو. مون به هن مصنف جا ڪتاب ملائيشيا ۾ ئي پڙهيا. سندس ٻيا به ٿي ڪتاب جن جي پڙهڻ لاءِ صلاح ڏيندس، هي آهن: The Financial Expert the Guide, waiting for the Mohatma ۽ سڀ ۾ بهترين Malgudi آهي. پاڻ 94 سالن جي ڄمار ۾ 2001ع ۾ گذاري ويو.

گهڻي وقت کان ۽ سڀ کان گهڻو مشهور ليکڪ وي. ايس نائيپال آهي جنهن کي نوبل پرائيز به ملي چڪي آهي. هن جو پڙڏاڏو انڊيا مان لڏي ٽرنيڊاد (ويسٽ انڊيز) وڃي رهيو. سندس ڀهريون ڪتاب the Mystic Masseur آهي جيڪو 1957ع ۾ ڇپيو جنهن جي پوءِ انگريزيءَ ۾ فلم به ٺهي جنهن جو ڊائريڪٽر اسماعيل مرچنٽ آهي ۽ آصف ماندوي، اوم پوري، عائشه ڌرڪار ۽ جيمس فاڪس ائڪٽنگ ڪئي آهي. مون سندس ڀهريون ڪتاب

1981ع ۾ Among the Believers An Islamic Journey پڙهيو هو جنهن ۾ هو اسلامي ملڪن ۾ اچي ٿو. پاڪستان جي شهر ڪراچي ۾ هو انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ اچي رهي ٿو جيڪا اڄڪلهه پرل ڪانٽيٽل سڏجي ٿي. هن ڪتاب ۾هن سکر ضلعي جي ڪنهن زميندار (وڏيري) بابت لکيو آهي جيڪو بقول ان وڏيري جي هر سال فصل لهڻ تي هفتو ڏيڍ هن هوٽل ۾ سئمنگ پول پاسي ڪلڻ وارين درين واري ڪمري ۾ اچي رهندو آهي ۽ هيٺ سئمنگ پول ۾ عورتن کي بڪنيز ۾ وهنجندو ڏسي ٺرندو آهي.

وي ايس نائيپال (سجو نالو وڏياڌر سورج پرساد نائيپال) جا ٻيا ڪجهه ڪتاب جيڪي سامونڊي ڏڳهن سفرن جا ڏينهن ڪٽڻ لاءِ مون پڙهيا ۽ پنهنجن پڙهندڙن کي Recommend ڪندس هن ريت آهن:

1. Miguel Street
2. A House for Mr.Biswas
3. an area of Darkness
4. India. A wounded Civilization
5. Bombay

وي ايس نائيپال ٽرنيڊاڊ ٻيٽ جي شهر پورٽ آف اسپين جي ڪاليج Queen,s Royal College مان تعليم ورتي ۽ 1950ع ۾ هن کي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جي اسڪالرشپ ملي وئي جتي هن جي ملاقات پئٽريشيا سان ٿي ۽ 1955ع ۾ شادي ڪيائون ڏهن سالن بعد (1966ع ۾) پئٽريشيا گذاري وئي. ان بعد هن پاڪستاني جرنلسٽ چوڪري نادرا علويءَ سان شادي ڪئي. نائيپال جي ڄم جو سال 1932ع آهي ۽ هن وقت 73 سالن جو آهي ۽ آمريڪا ۾ رهي ٿو.

هڪ ٻي انڊين ليکڪا جيڪا جوان آهي ۽ آمريڪا ۾ رهي ٿي جهمپا لاهيري آهي Jhumpa Lahiri جنهن کي سال 2000ع جو Pulitzer Prize بہ ملي چڪو آهي. 1967ع ۾ لنڊن ۾ ڄائي پر پلي نپني Rhode Island تي. اڄڪلهه هوءَ نيويارڪ ۾ رهي ٿي. پاڻ بوسٽن يونيورسٽيءَ مان ايم. اي ڪئي اٿس. پاڻ ڪيترا دفعا انڊيا جا چڪر هنيا اٿس ۽ سندس ناول ۽ ڪهاڻيون انڊيا بابت ئي آهن. سندس انعام يافتہ ڪتاب

(Interpreter of Molodies) آهي جيتوڻيڪ سندس پهريون انگريزي ناول (the Namesake) آهي.

اڄڪلهه جي مشهور ليکڪن ۽ ليکڪائن ۾ ڊئوڊ دويدار ۽ ارون ڌتي راءِ به آهن. ارون ڌتي جون لکڻيون ۽ هن جي زندگيءَ جو احوال سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ به ڇاپيو ايندو رهي ٿو. ڪيس God of Small things ڪتاب تي انعام به ملي چڪو آهي. ارون ڌتيءَ راءِ جا پيا ڪجهه مشهور ڪتاب هن ريت آهن:

1. the Cost of Living
2. power politics
3. Public Power in the Age of Empire.

ارون 1961ع ۾ ڪيرالا (ڏکڻ هندستان) ۾ جائي. سندس ماءُ ڪيرالا جي عيسائي هئي ۽ پيءُ بنگال جو هندو هو.شادي ناڪامياب ويئي ۽ ارون کي پنهنجي ماءُ سان رهڻو پيو. ارون پاڻ پڙهي آرڪيٽيڪٽ ٿي. پاڻ هتي دهليءَ ۾ رهي ٿي. جتان هي لکي رهيو آهيان.

ڊئوڊ ڊئويڊر جو انگريزي ناول The House of Blue Mangoes ڏکڻ هندستان جي پس منظر ۾ آهي ۽ تمام مشهور ٿيو آهي.

ڪيترن انگريزن به انڊيا جي پس منظر ۾ ناول، ڪتاب ۽ پنهنجون يادگيريون لکيون آهن، جن مان هڪ BBC جو پراڻو نمائندو مارڪ ٽلي به آهي. سڀ کان گهڻو مشهور رڊيارڊ ڪپلنگ آهي جنهن جي خاص ڪري ٻن ڪتابن: KIM ۽ Plain Tales From the Hill جو هر ڪو حوالو ڏئي ٿو. ننڍي هوندي EM Forester جو A Passage to India وڏي شوق سان پڙهيو هئوسين. اهڙي ئي هڪ انگريز جان ماسٽرس جو ڪتاب ڀاواني جنڪشن آهي جنهن جي فلم پڻ ٺهي. هي سڀ 1960ع کان 1962ع جي ڏينهن جون ڳالهيون آهن، جڏهن مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪاليج جا ڪتاب پڙهڻ کان وڌيڪ لئبرري جا ڪتاب پڙهڻ جو شوق هوندو هو.

انڊيا گهمڻ کان اڳ جيڪڏهن ڪو انڊيا بابت ڪتاب پڙهڻ چاهي ٿو ته انگريز ليکڪ John Keay جو Into India ڪتاب سٺو آهي جيتوڻيڪ هن اهو ٽيهه سال اڳ لکيو آهي. انڊيا بابت Lonely Planet وارن جا ڪجهه ڪتاب آهن خاص ڪري In

Rajasthan جيڪو روبينا گريوال لکيو آهي. راجستان جي رياست جو سفرنامو Robyn Davidson جو پنهنجي ڪتاب Desert Places ۾ لکيو آهي، جيڪو سمورو سفر مڪاني خانہ بدوش رابڙي سان اٺ تي ڪيو آهي. هڪ اڪيلي عورت جي حيثيت ۾ هن کي سفر دوران ڪهڙيون تڪليفون سامهون آيون، هن انهن جو پڻ احوال لکيو آهي. اهڙي طرح Eric Newby پنهنجي پيڙيءَ جي سفر جو احوال Slowly Down the Ganges ۾ لکيو آهي.

انهن سيني ۾ گهڻو Trevor Fishlock جو ڪتاب India File پڙهيو وڃي ٿو. هفتيوار Times رسالي جي خبر سان نمائندي جي حيثيت سان هن ڪتاب ۾ هن جا مضمون آهن جن ۾ Sex in India وارو مزاحيہ چئپٽر تمام گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو. William Dalrymple جي ڪتاب ”جنن جو شهر“ (City of Djinns) جو هڪ چئپٽر A Year in Delhi هن شهر دهليءَ بابت سٺي تاريخي معلومات ڏئي ٿو.

رونالڊ سهگل جيڪو سائوٿ آفريڪا ۾ رهندڙ انڊين آهي ان جو The Crisis of India پڻ پڙهڻ جوڳو ڪتاب آهي جيڪو هن ان Theme هيٺ لکيو آهي:

Spirituality is not always more important than a full stomach.

”ايم جي وساڻ جي“ جو انگريزي ڪتاب The Gunny sack انهيءَ ئي Theme تي آهي جنهن ۾ انڊيا جي گجراتي ڪٽنبن جي سوچ ويچار ڏنل آهي جن انگريز راڄ ۾ انڊيا مان ڏکڻ آفريڪا لڏ پلاڻ ضرور ڪئي پر دلي طرح پنهنجو ڳانڍاپو پنهنجي وطن جي شهرن : احمد آباد، بڙودا، مهيسانا، گوڏرا، ڊِسا، سورت، پالنپور وغيره سان رکيو. اهو ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي ۽ فقط گجرات رياست گهمڻ وارن کي، هن رياست گجرات جي ماڻهن ۽ انهن جي مسئلن، خواهشن، سوچن ويچارن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

انڊيا بابت ويد مهتا جا بہ ڪيترائي دلچسپ ڪتاب آهن جن مان سڀ کان گهڻو پڙهيو ويندڙ ڪتاب پينگئن پبلشرس ڪمپنيءَ جو Walking the Indian Streets آهي گهڻو عرصو ولايت ۾ رهڻ بعد پنهنجي بلڪ انڊيا موٽڻ تي جن ڳالهين تي هن کي حيرت لڳي تي ان ڪلچرل شاڪ جو احوال هن هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ويد مهتا جو هڪ ٻيو ڪتاب Protrait of India بہ ان عنوان تي آهي. هڪ ٻي انڊين ليکڪا گيتا مهتا جو ”ڪرما

ڪولا“ نالي انگريزي ڪتاب آهي جنهن جو هڪ چئپٽر ”دي مارڪيٽنگ آف مسٽڪ ايسٽ“ انڊيا ۽ مغرب جي هڪ ٻئي لاءِ اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. انڊيا ٽيڪنالاجي ۾ ماڊرن طريقن لاءِ مغرب ڏي ڏسي ٿو ۽ مغرب ڏاهپ ۽ دل جي سڪون جي ڳولا لاءِ انڊيا ڏي نهاري ٿو.

اليگزينڊر فراٽر جو انڊيا بابت هڪ خوبصورت سفرنامو Chasing the Monsoon آهي جنهن ۾ هن ڪيرالاجي شهر ۾ ڪووالام کان دنيا جي سڀ کان آلي شهر يعني ميگهالا رياست جي چيرا پونجي شهر تائين جو احوال لکيو آهي. ياد رهي ته دنيا ۾ سڀ کان گهڻو مينهن چيرا پونجيءَ ۾ پوي ٿو.

انڊيا جي عورتن جي هتي جي سوسائٽيءَ ۾ ڇا پوزيشن آهي ان جي بهترين عڪاسي ايلزبيٿ بوميلر پنهنجي ڪتاب < May you be the mother of one hun dred sons> ۾ ڪئي آهي. مصنفا هي ڪتاب لکڻ لاءِ انڊيا ۾ ساڍا ٽي سال ڪن اتي جي هر قسم جي عورت سان هن جي هر قسم جي مسئلي تي خيال اوريو ۽ انٽرويو ورتو. انهن مان ڪجهه عام مسئلا هي آهن: ڏيج گهٽ ملڻ ڪري ڪنوارين جو موت، مڙس جي مرڻ تي عورت جو پاڻ ساڙي ستي ٿيڻ، Arranged شاديون ۽ Female Infanticide يعني نياڻي ٻار ڄمڻ تي ان کي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏڻ.

انڊيا جي صوبي بهار ۽ اوڙيسا جي قبيلائي ڳوٺن جو احوال پڙهڻو هجي ته نارمن ليويس (Lewis) جو ڪتاب (Goddess in the Stones) پڙهجي. مٿي ٽرنيڊاڊ جي انڊين ليکڪ وي ايس نيئپال جي ڪتاب تي لکيو اٿم. ڪجهه دير اڳ پراڻي دهلي جي دريا آباد وارن اسٽالن تان هڪ ليکڪ جو هڪ ڪتاب A Million Mutinies Now مليو اٿم جيڪو نائيپال جو ويجهڙائيءَ ۾ لکيل ڪتاب لڳي ٿو ۽ اهو پڻ انڊيا بابت لڳي رهيو آهي. ان کان علاوه ڪجهه ٻيا ڪتاب پڻ ان مارڪيٽ مان اڌ قيمت تي ملي ويا اٿم، جيڪي پنهنجي ملڪ پهچي پڙهڻ چاهيان ٿو. اهي ڪتاب هن ريت آهن:

1. Death of Vishnu by Manil Suri
2. Clear Day Light by Anita Desai
3. Jasmine by Bharti Mukherjee

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

4. Untouchable by Mulk Raj Anand
5. the great Indian novel by Shashi tharoor
6. Deep river, by shusaky Endo
7. The long silence by shashi deshpande
8. A River of sutra by gita Mehta
9. The book of shadows by Namita Gokhale
10. The Solitude of surabhi by deepa Shah
11. Memories of rain by Sunetra Gupta
12. The Calcutta Chromosome by Amitav Ghosh
13. Beach boy by Ardashir Vakil
14. All for love by Ved Mehta
15. City of Joy by Dominique & lapirre

# انڊياءِ دهليءَ سان واسطو رکندڙ ڪجهه اهم سن

هندستان جي تاريخ سان واسطو رکندڙ ڪجهه اهم سن جيڪي هن سفرنامي ۾ ڏنل آهن. جاين ۽ ڳالهين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا.

| | |
|---|---|
| _محمود غزنيءَ جا انڊيا تي حملا | 100 |
| _سينا گهراڻي جي حڪومت جي شروعات | 1150 |
| _راجپوتن جي آخري بادشاهه پرٿوي راج جي وفات | 1192 |
| _ترڪيءَ جي فاتحن هٿان سينا گهراڻي جو خاتمو | 1202 |
| _اتر انڊيا ۾ مسلمانن جي حڪومت جي شروعات غلام گهراڻو | 1206_1290 |
| _قطب دين ايبڪ | 1206_1210 |
| _آرام شاهه | 1210_1211 |
| _التمش شمس الدين | 1211_1236 |
| _فيروز شاهه پهريون | 1236_1236 |
| _رضيه بيگم | 1236_1240 |
| _بهرام شاهه | 1240_1242 |
| _مسعود شاهه | 1242_1246 |
| _محمود شاهه پهريون | 1246_1266 |
| _بلبن | 1266_1287 |
| _ڪيڪباد | 1287_1290 |
| _ڪايو مارث | 1290_1290 |
| _چنگيز خان جي اڳواڻيءَ ۾ منگولن جو انڊيا تي پهريون حملو | 1221 |

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

_ڏکڻ هندستان ۾ وجي نگر سلطنت جي شروعات 1230

_خلجي گهراڻي جي انڊيا تي حڪومت 1290_1320

_جلال الدين خلجيءَ هن گهراڻي جي حڪومت قائم ڪئي 1290_1294

_علاؤ الدين خلجيءَ پنهنجي چاچي ۽ سهري جلال الدين کي قتل ڪري تخت تي ويٺو
1294_1316

_مارڪو پولو جو انڊيا اچڻ 1288

_علاؤالدين بعد خلجي گهراڻي جا ڪجهه حاڪم ٿيا جن ۾ قطب الدين مبارڪ شاهه ڪجهه وڏيڪ رهيو 1316_1320

_تغلق گهراڻي جي حڪومت 93 سال رهي

_غياث دين تغلق 1320_1413

_محمد بن تغلق 1325_1351

_(هن جي دؤر ۾ پليگ (وبا) شروع ٿي جنهن ۾
سندس اڌ فوج مري وئي. پليگ جو سال 1334

_فيروز تغلق 1351_1388

_فيروز تغلق سنڌ تي حملو ڪيو 1326

_آخري تغلق حاڪم محمود نصير دين 1294_1413

_هن جي ڏينهن ۾ تيمور انڊيا تي حملو ڪيو 1398

_دهليءَ تي سيد گهراڻي جي حڪومت 1414_1451

_لوڌي گهراڻي جي حڪومت 1451_1526

_بهاول خان لوڌي 1451_1489

_سڪندر لوڌي 1489_1517

_ ابراهيم لوڌي 1517_1526

_گرونانڪ جو جنم ۽ سک ڌرم جي شروعات (وفات 1545ع) 1469

_لوڌي گهراڻي جي حاڪم سڪندر لوڌيءَ آگري شهر جو بنياد رکيو 1494

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

| | |
|---|---|
| ـپورچو گال جو جهازي واسڪو ڊيگاما ڪيپ آف گڊ هوپ | |
| ـلتاڙي انڊيا جي ڪاليڪٽ بندرگاهه ۾ پهچي | 1498 |
| ـڪوچين ۾ پورچو گالي ڪالوني ٺاهين | 1502 |
| ـپورچو گالين جو حملو ۽ گواتي قبضو | 1510 |
| ـفرغانا شهر ۾ ظهير دين بابر جو جنم | 1483 |
| ـبابر ۽ ابراهيم لوڌيءَ جي پاڻيپت جي ميدان ۾ لڙائي | |
| ـبابر جي سوڀ ۽ مغل گهراڻي جي شروعات | 1526 |
| ـبابر جي حڪومت | 1526_1530 |
| ـهمايون جي حڪومت | 153_1540 |
| ـشير شاهه سوريءَ جي حڪومت | 1540_1555 |
| ـهمايون جو دهليءَ تي وري قبضو | 1555_1556 |
| ـاڪبر جي حڪومت | 1556_1605 |
| ـاڪبر پنهنجي حڪومت کي وڌائي ۽ سڌاري آڻي | 1556 |
| ـاڪبر جي راجپوتانا جي هندو شهزادي پدمني سان شادي | 1562 |
| ـرايل چارٽر ذريعي انڊيا ۾ ايسٽ انڊيا قائم ٿي | 1600 |
| ـاڪبر جي وفات | 1605 |
| ـجهانگير جي حڪومت | 1605_1627 |
| ـگجرات صوبي جي سورت شهر ۾ انگريزن جي پهرين | |
| ـفيڪٽريءَ جو قائم ٿيڻ | 1612 |
| ـشيوا جي جمڻ جو سال | 1627 |
| ـشاهجهان جي حڪومت | 1627_1658 |
| ـشاهجهان جي راڻي ممتاز محل جو ڊليوري دوران موت ۽ | |
| تاج محل جو ڪم شروع ڪرائڻ | 1631 |
| ـانگريزن کي بنگال ۾ واپار ڪرڻ جي اجازت جو فرمان ڏيڻ | 1644 |
| ـشاهجهان جي پٽ اورنگزيب جو پنهنجن پيءُ کي | |

| | |
|---|---|
| ماري چڏڻ ۽ پيءُ کي قيد ڪري پاڻ تخت تي ويهڻ | 1658 |
| ـ شاهجهان جي قيد ۾ وفات | 1666 |
| ـ سکن جي نائين گرو تيغ بهار جو اورنگزيب جي حڪم سان قتل | 1675 |
| ـ اورنگزيب جي وفات | 1707 |
| ـ اورنگزيب جو وڏو پٽ بهار شاهه پهريون | 1707_1712 |
| ـ جهاندار شاهه جي حڪومت | 1712_1713 |
| ـ فرخ سيار جي حڪمت | 1713_1719 |
| ـ محمد شاهه جي حڪومت | 1719_1948 |
| ـ محمد شاهه مغل شهنشاهه جي ڏينهن ۾ ايران جي نادر | |
| شاهه جو انڊيا تي حملو ۽ ڦر | 1739 |
| احمد شاه بهادر جي حڪومت | 1748_1754 |
| ـ صفدر جنگ جي وفات ۽ سندس مقبرو | 1753 |
| ـ عالمگير دوم جي حڪومت | 1754_1759 |
| ـ افغان حاڪم احمد شاهه ابداليءَ جو دهليءَ تي حملو | 1756 |
| ـ شهنشاهه شاهه عالم جي دهليءَ تي حڪومت | 1760_1806 |
| ـ اڪبر دوم | 1806_1837 |
| ـ آخري مغل شهنشاهه بهادر شاهه ظفر | 1837_1858 |
| حيدر علي/ٽيپو سلطان | 1761_1799 |
| ـ پلاسيءَ جي لڙائي جنهن ۾ انگريزن مغل فوجين کي شڪست ڏيئي بنگال تي قبضو ڪيو ۽ انڊيا تي برطانيه وارن جي حڪومت شروع ٿي | 1757 |
| ـ پاڻيپٽ جي ٽين لڙائي | 1761 |
| ـ بڪسار جي لڙائي | 1764 |
| ـ وارن هيسٽنگس برٽش انڊيا جو پهريون گورنر جنرل مقرر | 1772 |
| ـ انڊيا مان پهرين انگريز نيوز پيپر Hickey`s Calcutta | |

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| Gazatte in Indiaجو اجزاءُ | 1718 |
| ـميسور جي ٽين لڙائي | 1790 |
| ـرنجيت سنگهه جي پنجاب ۾ حڪومت | 1792_1839 |
| ـلارڊ بيينٽنڪ جو گورنر جنرل مقرر ٿيڻ | 1828_1835 |
| ـملڪ ۾ انگريزي ميڊيم ۾ تعليم جي شروعات | 1835 |
| ـملڪ ۾ انگريزي ميڊيم ۾ تعليم جي شروعات | |
| ـائنگلو افغان لڙائي | 1839_1842 |
| ـپوسٽ جي ٽڪليءَ جي شروعات | 1854 |
| ـايسٽ انڊيا واپاري ڪمپني خلاف هندستان سپاهين | |
| جي آزاديءَ لا جدوجهد/بلوو | 1958_1957 |
| انڊيا تي ايسٽ انڊيا ڪمپني بدران انگلينڊ جي تاج جي حڪومت جيڪا " | |
| برٽش راج" سڏجڻ لڳي. مغلن جي حڪومت جو خاتمو | 1958 |
| ـ رابند ناٿ ٽئگور جو جمڻ | 1861 |
| ـ بهادر شاهه ظفر جي وفات | 1862 |
| ـ موهنداس ڪرمچند گانڌيءَ جو جمڻ | 1869 |
| ـ بنگال جو خوفناڪ ڏڪار | 1874 |
| ـڪانگريس (جيڪا پوءِ انڊين نيشنل ڪانگريس سڏجڻ لڳي) | 1885 |
| ـ سڀاس چندرا بوس جو جنم | 1897 |
| بنگال جو ورهاڱو ڪري مشرقي ۽ مغربي بنگال ۽ آسام | |
| صوبا ٺاهيا ويا | 1905 |
| ـمسلم ليگ (آل انڊيا مسلم ليگ) جو ٺهڻ | 1906 |
| ـبنگال جو ٻيڪ ورهاڱو ڪري بهار ۽ اوڙيسا صوبا ٺاهيا | |
| ويا ۽ گاديءَ جو هنڌ ڪلڪتي کان دهلي ڪيو ويو | 1912 |
| ـرابندر ناٿ ٽئگور کي نوبل پرائز ملڻ | 1913 |

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ـمهاتما گانڌيءَ جو ڏکڻ آفريڪا کان انڊيا موٽڻ | 1914 |
| ـپهرين وڏي جنگ(W.W.I) شروعات | 1914 |
| ـجاليانوالا باغ ۾ انگريزن طرفان سکن جو قتل عام | 1918 |
| ـخلافت تحريڪ | 1920_1922 |
| ـڪانگريس طرفان سول نافرماني تحريڪ | 1930 |
| ـبرما کي انڊيا کان جدا ڪيو ويو | 1937 |
| ـٻي وڏي جنگ WW_11 شروعات | 1939 |
| ـانگريزن خلاف Quit India تحريڪ | 1942 |

دهلي ۽ آس پاس جا ارڙهين صديءَ جا شاعر

| | |
|---|---|
| بلهي شاهـ ـ پنجابي صوفي شاعر | 1680_1752 |
| شاه عبداللطيف ڀٽائي | 1689_1752 |
| ـمرزا محمد رفيع سعودا (اردو شاعريءَ کي وڏائي ادبي ڏنو ويو) | 1713_1780 |
| ـخواجہ مير درد ( دهليءَ جي شاعرن جي گڏجاڻيءَ ڪري مشاعري جو بنياد وڌو) | 1719_1785 |
| ـمحمد تقي مير (اڪبر آباد ۾ ڄائو ۽ لکنو ۾ وفات ڪيائين پر گھڻو وقت دهليءَ ۾ رهيو) | 1722_1810 |
| وارث شاهـ ـ پنجابي زبان جو شاعر | 1730_1790 |
| ـمحمد ابراهيم ذوق ـ دهليءَ جو مشهور شاعر | 1789_1854 |
| ـمرزا اسدالله خان غالب، آگري ۾ ڄائو ۽ دهليءَ ۾ وفات ڪيائين | 1797_1869 |
| ـمومن | 1800_1851 |
| سنڌ جي تاريخ تي هڪ نظر ـسومرا | 750_1350 |
| ـسما | 1351_1521 |
| ـارغون | 1521_1554 |

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ـترخان | 1555_1608 |
| ـمغل | 1608_1701 |
| ـڪلهوڙا | 1701_1783 |
| ـتالپر | 1783_1843 |
| ـانگريز | 1843_1947 |

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



الطاف شيخ
مئرين انجينئر
Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com